# عربي - سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2017ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (302)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس
ليکڪ: ڊاڪٽر الطاف جوکيو
ڇاپو: ڊسمبر، 2017ع
ڪمپوزنگ: محمد رمضان ترڪ
ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو
تعداد: 1000
قيمت: =/400 روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

**Catalogue Reference**
Jokhio Altaf .Dr
A Study of preferential forms of Arabic-Sindhi Orthography
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-148-4

A STUDY OF PREFERENTIAL FORMS OF ARABIC-SINDHI ORTHOGRAPHY

| | |
|---|---|
| By: | Dr.Altaf Jokhio |
| First edition: | December, 2017 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.400/- |
| Composing: | Muhammad Ramzan Turk |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakeeza Printers, Hyderabad. |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | | 5 |
| ٻه اکر | | 7 |
| مقدمو | | 9 |
| باب پهريون | صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم | 25 |
| باب ٻيون | 1853ع کان 2008ع تائين صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو جائزو ۽ ترجيحي صورتن مان اخذ ڪيل وضاحت طلب اصولي نڪتا | 48 |
| باب ٽيون | (صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن لاءِ لسانياتي اصطلاحن جو اپياس (اصطلاح/ مخفف، تنوين، ڊگهن سُرن تي اعرابن جو سرشتو، واؤ لِين/ 'ؤ' متحرڪ ۽ ساڪن، حرف علت، الف مقصوري، نون ساڪن (قريب مخرج ۽ جمع)، آخري ۽ ماقبل آخري سُر ۽ آخري ساڪن وينجن، گهٽو سُر، گهٽو وينجن، وسرڳ، وينجن ھ، مختفي ہ) | 89 |
| باب چوٿون | وياڪرڻي معاملن جو اپياس (فعل جون ماضي ۽ اسم مفعول صورتون: مرڪب لفظ ملائي يا الڳ لکڻ) | 227 |
| باب پنجون | ترجيحي صورتن لاءِ لهجاتي فرق جو اپياس (سُر ڪيرائڻ/ وڌائڻ/ مٽائڻ، بدل آوازن/ اکرن جو لهجاتي فرق، لهجاتي فرق سبب معنوي فرق) | 280 |
| باب ڇهون | عربي/ فارسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اصولي اپياس (عربي صَرف (وزن) جي سنڌي صورتخطيءَ سان ويجهڙائپ، سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي درست استعمال جو معاملو ، سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب عربي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو ، سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب فارسي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو ) | 294 |
| باب ستون | ديسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اپياس | 349 |
| باب اٺون | انگريزي لفظن جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ الٿو | 338 |
| • | لفظن جي ترجيحي صورت جي اصولن جو اختصار | 357 |
| • | سفارشون | 362 |
| • | ببليوگرافي | 363 |

## ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران فيصلو ڪيو ويو آهي تہ گھڻ ۾ گھڻ ڊاڪٽريٽ جا اهي ٿيسز جيڪي خالص سنڌي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا، انهن کي ڪتابي شڪل ڏئي ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي تہ جيئن محققن جي تحقيق عام ٿي سگهي ۽ انهن تي جيڪڏهن ڪو وڌيڪ تحقيق ڪرڻ چاهي تہ اِها بہ هن سان ممڪن ٿي سگهي.

ادارو هن سلسلي ۾ هڪ تحقيقي ڊائريڪٽري پڻ ڇپائڻ جو ارادو رکي ٿو، جنهن سان اها خبر پئجي سگهندي تہ دنيا جي ڪهڙين ڪهڙين يونيورسٽين ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڪهڙي ڪهڙي تحقيق ٿي چڪي آهي.

”عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس“ ڊاڪٽر الطاف جوکئي جو ڊاڪٽريٽ جي حوالي سان تحقيقي مقالو آهي، جيڪو هن صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ پيش ڪيو هو ۽ کيس ڊگري ملي. هي مقالو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي 2016ع ۾ ڇپرائڻ لاءِ پيش ڪيو ويو هو، جنهن لاءِ فيصلو ٿيو هو تہ پي. ايڇ. ڊي جي مقالن کي واپس محققن ڏانهن موڪليو وڃي تہ جيئن اهي محقق انهن مقالن کي ڪتابي شڪل ڏئي ڏين، هن فيصلي جي پوئواري ۾ هيءَ ٿيسز ڊاڪٽر الطاف جوکئي کي واپس موڪلي وئي هئي، جوکئي صاحب هن کي ڪتابي شڪل ڏني آهي.

اداريءَ طرفان هي ڪتاب ڇپرائڻ يقيناً هڪ سٺو سنوڻ آهي، هن موضوع تي اڳي بہ ڪافي بحث ٿيندا رهيا آهن. اسان کي اميد آهي تہ ڪي نوان محقق هن موضوع تي پنهنجو قلم کڻندا ۽ وڌيڪ تحقيق ڪندا ۽ گڏوگڏ هن موضوع تي لکندڙن لاءِ بہ هيءُ هڪ حوالاجاتي ڪتاب طور اهم ثابت ٿيندو.

20 سيپٽمبر، 2017
حيدرآباد، سنڌ

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ
چيئرمين

# ٻه اکر

مون کي ياد آهي ته منهنجو پرائمري استاد مريد حسن خاصخيلي ۽ منهنجو پيءُ محبوب علي جوکيو مون تي خاص طور گرامر/ وياڪرڻ، اکرن يا صورتخطيءَ ۽ خوشخطيءَ جي سلسلي ۾ ڪڙي نظر رکندا هيا. پيءُ جي وفات بعد، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جي نظرداريءَ ۾ 1986ع ۾ هاءِ اسڪول محراب پور ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر مقرر ڪيو ويم. ان کان اڳ 2 سال ايچ.ايم خواجه هاءِ اسڪول نوابشاه ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور به ڪم ڪيم. پڙهائڻ جي سلسلي ۾ گرامر ۽ خوشخطيءَ تي ڪافي توجه ڏيندو رهيم. ان حوالي سان گرامر يا اکرن ۽ صورتخطيءَ سان خاص دلچسپي رهي آهي.

هڪ وڏي عرصي بعد لسانيات جي حوالي سان هڪ مختصر مقالو لکي، ٽن ماهرن ڏانهن رهنمائيءَ لاءِ موڪليم. ٽن مان صرف هڪ شخص ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي پاران سٺي موٽ ملي ۽ همٿايو ويم؛ توڙي جو ان ۾ ڊاڪٽر ٻگهيي تي به تنقيد ٿيل هئي. مون کي ڊاڪٽر ٻگهيي گهرايو ۽ 2007ع ۾ شيخ اياز ڪانفرنس ۾ مقالي پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني. ان شخص جي همٿائڻ تي اندر ۾ اتساه وڌندو ويو ۽ ايم.فل سنڌيءَ ۾ داخلا وٺڻ کان اڳ ئي پنهنجي سِر ڪم ڪندو رهيم.

نيٺ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتم ۽ موضوع: 'عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس' هيٺ رجسٽريشن ٿي. ڪم اڳتي وڌيو ته طول ورتو جو اهو موضوع پي.ايچ.ڊي ۾ منتقل ٿيو. مون ڇاڇايل موضوع تائين رسڻ لاءِ، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪندي آواز، اکر، رسم الخط، آئيوپٽا ۽ صورتخطيءَ کي الڳ سيڪشنن ۾ ورهائي ڪم ڪيو. ڪم جي ضخامت ڪافي وڌي وئي، جنهن سبب پي.ايچ.ڊي جي ٻئين سيمينار ۾ وينل ماهرن جي اها راءِ بيٺي ته ڪم ڪافي وڌي ويو آهي، ان لاءِ ان موضوع کي صرف 'صورتخطيءَ' واري سيڪشن تائين رکيو وڃي؛ ان وچ ۾ معاون نگران ڊاڪٽر حافظ عبدالغني شيخ کي پڻ شامل ڪيو ويو. اهڙي صورت ۾ موضوع کي نئين سِري سان سوڙي سموهي 'عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس' ٻيهاريو ويو.

جيئن ته صورتخطيءَ تي ڪم ڪندي ٻوليءَ جا ڪافي معاملا سامهون آيا جن تي نئين سِري سان غور ڪرڻ جي گهرج هئي. اهڙو ڪم ڪندي ڪافي غير سنجيده روين سان به منهن ڏيڻو پيو، پر استاد ڪامل هيا جن جي نگرانيءَ ۾ پار پئجي ويم. ياد رهي ته هن کان اڳ ڪيل ڪم يا هي منهنجو ڪيل ڪم ڪو حرف آخر ڪونهي جو ان تي علمي تنقيد نٿي ٿي سگهي! ٻوليءَ جا سلسلا پيا هلندا آهن، ان سبب ٻوليءَ جي معاملن کي ڪنهن هڪ ڌارا ۾ ڦاسائي نه ٿو سگهجي.

جيئن ته سنڌي صورتخطيءَ وارو معاملو تمام اهم رهيو آهي ۽ تعليمي ميدان ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي، ان لاءِ علمي ۽ درسي ميدان سان لاڳاپيل دوستن اهڙي پيار پرئي پورهئي کي

منظر عام تي آڻڻ لاءِ زور پريو، جنهن سبب سنڌ يونيورسٽيءَ کان اهڙو اجازت نامو وٺي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇاپي هيٺ آڻڻ لاءِ ڏنم. اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪاميٽيءَ هيءَ تحقيق ترجيحي بنيادن تي منظور ڪئي، جنهن لاءِ خوشيءَ جو اظهار ڪجي ٿو. ان اميد سان هيءَ تحقيق پنهنجي قوم آڏو پيش ڪريان ٿو ته جيئن هن موضوع تي تنقيدي ۽ تحقيقي ڪم جو سلسلو اڳتي وڌي.

هي ڪتاب علم دوستن ۾ خاص ڪري درس و تدريس سان لاڳاپيل دوستن لاءِ انتهائي ڪارائتو سمجهان ٿو؛ ڇاڪاڻ ته هيءَ تحقيق ٻوليءَ جي پڙهائڻ واري سلسلي جو بنيادي موضوع آهي. ان لاءِ خاص طور تي پرائمري تعليم جي نظام کي بهتر هلائڻ لاءِ استاد طبقي لاءِ نهايت اهم سمجهڻ گهرجي.

هن بنيادي موضوع ذريعي ان ڳالهه جي به ضرورت محسوس ڪجي ٿي ته اسان جي علمي، ادبي ۽ درسي ادارن ۾ هڪ تعلق (Conectivty) جڙي سگهي ته جيئن سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ يا ٻيا ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ادارا ڪنهن اتفاقي معاملي کي عمل ۾ آڻي سگهن.

هن ڪتاب ۾ ڪم آندل صورتخطيءَ ۾ 'ھ' جي پنجن روپن جي استعمال تي ڌيان ڏنو ويو آهي خاص طور 'ھ' وينجن ۽ 'ه' وسرڳي. ان کان علاوه جتي لازمي ڄاتو ويو آهي اتي نون گهٽي لاءِ 'ڻ' اکر جو استعمال، راءِ جي صورت ۾ ، ڪيو ويو آهي.

آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي پوري عملي جو شڪرگذار آهيان، جن هن پيار پرئي پورهئي کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون.

جيجل جهولي ڏئي پئي لولي،
سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

ڊاڪٽر الطاف جوکيو
محراب پور، ضلع نوشهرو فيروز

# مقدمو

’عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس‘ 1853ع کان 2008ع تائين سرڪاري طور متعين ڪيل لفظن جي ترجيحي صورتن جي تنقيدي ۽ تحقيقي ڇنڊڇاڻ آهي؛ جيڪا 2015ع ۾ پي.ايڇ.ڊيءَ لاءِ لکيل ٿيسز جي صورت ۾ پيش ڪئي وئي هئي.

هن ڪتاب جي پيش ڪرڻ جو اهم مقصد علمي، ادبي ۽ درسي ادارن جو پاڻ ۾ تعلق جوڙڻ ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ صورتخطي سڌارڻ جون باضابطه ڪوششون ونڻ آهي. هن تحقيق ۾ 1853ع کان عربي- سنڌي رسم الخط/ آئيوِنا جي مقرريءَ بعد جيڪي ڪتاب جوڙيا ويا ۽ لفظن جون مختلف صورتون اچڻ جي حالت ۾ ترجيحي صورت مقرر ڪيون ويون هيون، تڏهن کان ان جو جزوي اڀياس ڪيو ويو آهي.

هي معاملو تڏهن سامهون آيو، جڏهن سن 1886ع ۾ سنڌ جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب، سنڌي درسي ڪتابن ۾ جڏهن ساڳيا لفظ جدا جدا هِجيئن/ صورتن ۾ لکيل ڏٺا. هن انهيءَ مسئلي تي ويچار ڪرڻ ۽ لفظن جي هِجي مقرر ڪرائڻ لاءِ عالمن جي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي. اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرائي سڀني اسڪولن ڏانهن موڪليا ويا ۽ ٻارن کي درست هجيئون پڙهائڻ لاءِ خاص هدايت ڏني وئي.

ان بعد معاملي کي سرڪاري طور منهن ڏيڻ لاءِ وقتاً فوقتاً ڪاميٽيون مقرر ٿينديون رهيون، جن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

1. تعليم کاتي پاران 1853ع کان 1915ع تائين جوڙيل ڪاميٽين جون مقرر صورتون
2. سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 1998 کان 2008ع تائين جوڙيل ڪاميٽين جون مقرر صورتون

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 2008 ۾ لفظن جي ترجيحي صورتن لاءِ جيڪا ڪوشش ورتي سا صرف ڪاغذن ۽ فوٽو سيشن تائين محدود رهجي وئي. اهڙي معاملي کي ڏسي ڪري هن تحقيق ۾ اهڙن لفظن جي صورتخطي مقرر ڪرڻ خاطر ڪي اصول متعين ڪرڻ لاءِ اڀياس ڪيو ويو آهي.

ٻوليءَ جا ٻه اهم پاسا ٿين ٿا؛ هڪ: ڳالهائجندڙ ٻولي، ٻيو: لکجندڙ ٻولي. ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جا ڪافي لهجا* (Dialects)، اُپلهجا (Accents) ۽ شخصي لهجا (Idiolects) ٿيندا آهن، جن کي هڪ حيثيت حاصل آهي ۽ اڀياس هيٺ آندا ويندا آهن. ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي لهجن، اُپلهجن يا شخصي

---

ڊائليڪٽ لاءِ لفظ ’لهجو‘ ڪم آندو ويو آهي ۽ ايڪسينٽ لاءِ ’اُپلهجو‘. جيئن ته عام طور ’محاورو‘ ورجيس جي مفهوم ۾ جملي جي جز طور ڪم آندو ويندو آهي، ان لاءِ ڊائليڪٽ يا ايڪسينٽ لاءِ لفظ ’محاوري‘ کان پاسو ڪيو ويو آهي. (راقم)

لهجن کي ڪنهن هڪ ڌارا تي نہ ٿو هلائي سگهجي؛ ليڪن ٻئي پاسي لکجندڙ ٻوليءَ کي هڪ ڌارا تي هلائڻ لاءِ، اتفاقي طور تي، ڪي ضابطہ مقرر ڪيا ويندا آهن. اهو طريقو دنيا جي مڙني ٻولين ۾ ان جي صورتخطين جو آهي.

ڳالهائجندڙ ٻوليءَ موجب، جملن جي بيهڪ ۾ هر لهجي جي ماڻهوءَ جو پنهنجو اسلوب ٿئي ٿو؛ جڏهن تہ اها صورت گهٽي قدر لکجندڙ جملن ۾ بہ رهي ٿي. ان حالت ۾، ٻوليءَ جي بنيادي اصولن سواءِ ڪا بہ روڪ ٽوڪ نہ ٿي ڪري سگهجي. جڏهن تہ مڙني لهجن جا ڳالهائيندڙ، لکجندڙ ٻوليءَ ۾ لفظن جي صورتخطيءَ تي باقاعده توجہ ڏيندا آهن.

ٻوليءَ جي لهجن پٽاندر، ڪنهن بہ لفظ جون لکت جي لحاظ کان چند صورتون ٿي سگهن ٿيون، جن کي غلط يا صحيح واري تُريءَ ۾ بہ توري نہ ٿو سگهجي. البتہ، مختلف ماڻهن جي لکيل مختلف صورتن ۾ مونجهارو اهو ٿئي ٿو تہ: مرڪزيت قائم نہ هجڻ سبب، نئين سکندڙ کي ڪهڙي صورت سيکارجي/ رٽرائجي؟ ان حالت ۾ مختلف صورتن مان ڪنهن هڪ صورت کي، متفقہ طور تي، ترجيح ڏني ويندي آهي؛ جنهن کي 'صورتخطي' ٿو چئجي. اتفاق جي بنياد تي ٿئي لسانيات موجب اهو معاملو صوتيات سان گڏوگڏ سماج ۽ ثقافت جي قدرن سان پڻ سلهاڙيل آهي؛ جنهن سبب صورتخطيءَ جي اپياس ۾ سماجي رواج کي پڻ اهميت ڏيڻي پوي ٿي.

هن موضوع جي دائري ۾ 1853ع کان 2008ع تائين، صورتخطيءَ جي لحاظ کان جن لفظن جي ترجيحي صورت متعيّن ڪئي وئي هئي/ آهي، تن جو ڀيٽ اصولي اپياس ڪيو ويو آهي. ان موضوع جي تعيّن جو خاص سبب اهو بہ آهي تہ ڪافي لفظ اهڙا بہ سامهون آيا آهن جن کي هر دؤر ۾ ترجيحي صورت خاطر، عالمن اڳيان رکيو ويو؛ جيئن: ڪٿرا/ ڪسر، قفل/ ڪرف/ ڪلف، استعيفا/ استعفا/ استعيفيٰ، اجا/ اجان، چاڪ/ چاق، دنبورو، طنبورو، درياءُ/ درياهہُ، ويراهڻ/ وراهڻ/ ورهائڻ وغيره.

هي معاملو تڏهن سامهون آيو جڏهن 4 نومبر 2008ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 'سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ۽ انهن جو حل' جي موضوع تي سنڌ جي استادن ۽ عالمن جو هڪ مذاڪرو ڪرايو، جنهن ۾ ڪافي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ عالمن/ اديبن/ استادن آڏو رکيا ويا؛ ان لسٽ ۾ اهي لفظ بہ شامل ڪيا ويا جيڪي 1913ع تي درست صورت ۾، مخزن 'اخبار تعليم' ۾ شايع ڪيا ويا هئا. ڪافي عالمن/ اديبن/ استادن کان 112 لفظن جون ترجيحي صورتون حاصل ڪيون ويون ۽ ان بابت ويچار ونڊڻ لاءِ مذاڪرو پڻ ڪرايو ويو. ان مذاڪري ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ حاصل ڪيل ڏيٽا جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ۽ ان جو مک اڳواڻ مقرر ڪري ترجيحي

صورتن جي هڪ لسٽ تيار ڪري مختلف ادارن ۽ صحافتي ادارن ۾ موڪليا ويندا. پر ٿيو خير، ان وقت جي انتظاميا ڪم ڪي اڳتي نہ ڪري سگهي ۽ اهم معاملو اتي ئي رڪجي ويو. اهوئي سبب آهي جو هيءُ تحقيق ان معاملي تي ڪرڻي پئي تہ جيئن علمي ميدان جا سلسلا اڳتي ٿين.

اها هڪ حقيقت آهي تہ وقت گذرڻ سان، ٻوليءَ جا ڪافي معاملا نوان موڙ وٺندا آهن، جنهن سبب انهن کي ڪنهن هڪ ڏارا ۾ قيد تہ نہ ٿو رکي سگهجي؛ ليڪن اهڙن مڙني معاملن جو بنيادي اصولن هيٺ اڀياس بيشڪ ضروري هوندو آهي. لفظن جي ترجيحي صورت واري معاملي هيٺ هڪ اهم سوال سامهون ضرور اچي ٿو تہ:

**? جنهن صورت ۾ هڪ دفعو ڪنهن لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪئي وڃي ٿي تہ پوءِ ان لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ جي ضرورت ڇو ٿي پيش اچي؟**

اهو هڪ اهم سوال آهي، جنهن هيٺ ڪافي سوال پيدا ٿين ٿا. لفظن کي ٻيهر ترجيحي صورت واري ميزان ۾ توررڻ جو اهم سبب اهو بہ سامهون آيو آهي تہ: ڪنهن لفظ جي، ٻوليءَ جي بنيادي اصولن هيٺ اڀياس کان سواءِ، شخصي راين جي بنياد تي، ترجيحي صورت متعيّن ٿئي ٿي ۽ ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ بہ ان کي ٻيهر شخصي نظرثانيءَ لاءِ آندو وڃي ٿو.

هي علمي معاملو آهي ان صورت ۾ راءِ اهائي جڙي ٿي تہ اهڙن لفظن جو اصولي اڀياس ڪيو وڃي ۽ اخذ ٿيندڙ نتيجي کي راءِ جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي.

هن موضوع ۾ اهڙن لفظن کي، لسانيات جي ڪنهن اصطلاح (Term) تحت، هڪ گروهہ ۾ رکي ان جو اصولي اڀياس ڪيو ويو آهي تہ جيئن ڪنهن لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ وقت ٻوليءَ جا ضروري بنيادي اصول سامهون رکيا وڃن، تہ جيئن هڪڙو طريقہ ڪار جڙي سگهي!

پوري اڀياس جي نتيجي ۾، اها راءِ جڙي ٿي تہ ڪنهن بہ لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ لاءِ هيٺين اصولن جو اطلاق لازمي آهي:

- لفظ جي اصليت، معنيٰ ۽ حيثيت جو اڀياس؛
- لفظن جي حيثيت معلوم ڪرڻ لاءِ متعلقہ لسانياتي اصطلاحن (Terms) جو اڀياس؛
- متعلقہ ٻوليءَ ۾ لفظ مان جڙيل ٻين لفظن جو ضروري اڀياس؛
- ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي استعمال سبب معنوي فرق جو اڀياس؛
- متعلقہ لفظن جي اڀياس بعد مروج صورتن جو اڀياس؛
- ڪن لفظن جي الٽي (Transliteration) دوران لاڳاپيل ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو اڀياس؛

- امڪاني مونجهارن جو اپياس.

هن تحقيق ۾ ڪل اٺ باب رکيا ويا آهن، شروعاتي ٻن بابن مان هڪ ۾ لفظ 'صورتخطيءَ' جي دائري جو تقابلي اپياس ڪيو ويو آهي ۽ ٻئين ۾ مختلف دؤرن ۾ متعيَّن ترجيحي صورتن جو اپياس پيش ڪندي ان مان ڪنهن لسانياتي اصطلاح/ نڪتي پٺاندر لفظن جا گروه جوڙيا ويا آهن؛ باقي ڇهن بابن ۾ بيهاريل نڪتن ڪي، لاڳاپيل لسانياتي اصطلاحن (Terms) هيٺ آٺي بابن جي صورت ۾ رکيو ويو آهي ۽ نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

1. باب پهريون صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم

هن باب ۾ لفظ صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم کي واضح ڪرڻ لاءِ مختلف عالمن جي راين کي سامهون رکي ان جي نعم البدل لفظن سان تقابل ڪري لغوي ۽ سماجياتي اپياس ڪيو ويو آهي؛ جنهن مان هيٺيون حاصل مطلب اخذ ٿيو:

- صورتخطي جي اصطلاح جي مراد لفظ جي مقرره معياري صورت آهي، جيڪا سماجي ۽ ثقافتي قدرن سان به وابسته آهي.
- صورتخطيءَ جي جزن ۾ لفظ/ جملي جي ترجيحي صورت، لفظن جي وچ ۾ وٿيءَ (Space) جو احتياط، لفظن کي ٽوڙڻ (word break) واري حالت، مختلف ٻولين جي لفظن جو هڪبئي ۾ ضمّ ٿيڻ واري حالت سبب بيهندڙ صورت، ڪنهن اصطلاح لاءِ تز لفظ جو تعيّن، لفظي ترڪيب، مخفّف، ضروري اعرابون ۽ ٻيهڪ جون نشانيون اچي وڃن ٿيون.
- Orthography، صورتخطي ۽ اِملا جي اصطلاحن ۾ ظاهري ڪوبه فرق ناهي، ليڪن اردو جا ماهر 'اِملا' جي مڪمل دائري ۾ واضح ناهن.
- صورتخطيءَ (Orthography)، 'تلفظ' (Pronunciation) ۽ 'هِجي ڪرڻ' (Spelling)، 'لکت/ لکاوٽ' (writing) ۾ اصولي فرق آهي؛ صورتخطيءَ جو لفظ جامع آهي.

2. باب ٻيون 1853ع کان 2008ع تائين صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو جائزو ۽ ترجيحي صورتن مان اخذ ڪيل وضاحت طلب اصولي نڪتا

هن باب ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي مختصر ابتدا ۽ ارتقا بيان ڪندي، 1853ع کان 2008ع تائين جوڙيل ڪاميٽين جي معرفت لفظن جي مقرر ڪيل صورتن يا بحث هيٺ آيل لفظن جي صورتن جو جائزو ورتو ويو آهي. هن دؤر کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ: تعليم کاتي پاران 1853ع کان 1915ع تائين جوڙيل ڪاميٽين جون مقرره صورتون ۽ ٻيو: سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ

پاران 1998ع کان 2008ع تائين جوڙيل ڪاميٽين جون مقرره صورتون. مقرره صورتن جي جائزي بعد هيٺيان نڪتا سامهون آيا:

- 1913ع کان وٺي 2008ع تائين چند ساڳيا لفظ ترجيحي صورت لاءِ پئي رکيا ويا؛
- چند لفظن جون صورتون اختياري قرار ڏنيون ويون؛
- ڪي صورتون حتمي رهيون؛
- ڪي صورتون اهڙيون رهيون جن لاءِ ڪي رايا نه جڙي سگهيا.

ترجيحي صورتن جي انهن معاملن کي ڏسي ڪري لسانيات جي اصطلاحن هيٺ لفظن جي گروه بندي ڪئي وئي ۽ اپياس خاطر مختلف بابن ۾ ورهايو ويو.

### 3. باب ٽيون صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن لاءِ لسانياتي اصطلاحن جو اپياس

هن باب ۾ مختلف لفظن جي ترجيحي صورت لاءِ لاڳاپيل لسانياتي اصطلاحن جو اپياس ڪيو ويو آهي. لسانياتي اصطلاحن کي هيٺين ترتيب سان رکيو ويو آهي:

#### 3.1 اصطلاح/ مخفف: 'الف- بي/ الف- ب' جي صورتخطي

هن معاملي ۾ 'الف- بي/ الف- ب' جي ترجيح واري معاملي کي جاچڻ لاءِ اصطلاح: 'الفابيٽ' ۽ 'مخفف' جي قسمن initialism يا alphabetism، Acronym يا Truncation جو تقابلي اپياس ڪيو ويو آهي. جاڳايل اصطلاح کي نظر ۾ رکندي مستعمل صورتخطيءَ جي جاچ ڪندي بيهڪ جي نشانين ۽ ڇٽپ ۾ ڪم ايندڙ ڍنگ جي اپياس بعد هيٺيون مختصر نتيجو اخذ ڪيو ويو:

- آئيوٽا جي اکرن جي ترتيب اچاري آوازن سان، 'الف، بي، ٻي، ڀي، تي. . .' ٿيندي آهي؛ ان صورت ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان الف- ب جي بجاءِ 'الف- بي' جي صورتخطي مناسب آهي.
- 'الف، ب . . .' جو ڇٽپ ۾ استعمال عام رهيو آهي. اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي ته: 'ڪتي ب 'ب' اچار (بي) سان لکيل نه مليو آهي، بلڪ اڪيلي 'ب' اکر جي صورت ۾ مليو آهي جڏهن ته 'الف' پوري اچار سان آيل آهي.

#### 3.2 سنڌي صورتخطيءَ ۾ تنوين: 'اً، اٍ، اٌ' جو ڪردار

هن لسانياتي اصطلاح هيٺ لفظ 'تقريباً / تقريبن' جو اپياس ڪيو ويو ۽ نتيجةً هيٺيون مختصر حاصل مطلب اخذ ٿيو:

- سنڌي صورتخطيءَ ۾، تنوين جي اصول موجب، صرف بن زبرن واري تنوين ڪم آندي ويجي ٿي، جيڪا ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اضافي 'الف' جي مٿان ڪم اچي ٿي؛ جيئن: اندازاً، تقريباً

وغيره. اهڙا لفظ جنهن جي آخر ۾ 'ت' يا 'مختفي ه' اچي ٿي ان صورت ۾ 'ة تانيث' مثال، تنوين جي صورت ۾، ٻه زبرون ڪم اچن ٿيون/ آڻڻ گهرجن؛ جيئن: اشارةً، نتيجةً وغيره.

### 3.3 ڏگهن ۽ ڌهرن سُرن تي اعراب جو معاملو

ڏگهن سُرن تي اعرابن جي سلسلي ۾ هڪ ڌر جو خيال آهي تہ اعراب عربي سرشتي موجب: ڏگهن سُرن ۾ ڪم ايندڙ 'و ۽ ي' بجاءِ وينجن تي ايندي؛ جيئن: اُو = مُوڙي، پُورو، چِتُون؛ اِي = ٻَڪري، ڏَڻي، ٻيهر؛ اَو = قَوم، پَو، سَو؛ اَي = بَيت، خَير وغيره. ٻي ڌر جو خيال آهي تہ اعراب ديوناگري سرشتي موجب: وينجن بعد ڏگهن سُرن لاءِ ڪم ايندڙ 'و ۽ ي' جي اڪرن تي ايندي،جيئن: چِتُون، ٻڪرِي وغيره. اهڙي معاملي جو اڀياس ڪندي هيٺيون نتيجو اخذ ٿيو آهي:

- ڏگهن سُرن ۾ ڪم ايندڙ اڪرن 'ا، و ۽ ي' مان الف تي اعراب نہ ڏٻي آهي، ائين ئي 'و ۽ ي' تي بہ ڪا اعراب نہ ايندي. اعراب جي گهرج وينجن کي هوندي آهي، حرف علت کي نہ! البتہ ڏگهن سُرن جي حالت ۾ 'و يا ي' تي جزم جو استعمال غير علمي آهي.
- جيئن تہ 'الف، واؤ ۽ يي' جو ڪردار ٻٽو آهي، ان حالت ۾ وينجن تي اعراب اچڻ گهرجي ۽ ڏگهن يا ڌهرن سُرن ۾ ڪم ايندڙ مذڪوره اڪرن تي اعراب ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سُرن جي حالت ۾ اعراب مونجهاري جو باعث بڻجندي.

### 3.4 واؤلين، 'ؤ' متحرڪ، 'ؤ' ساڪن ۽ همزي جي بدل 'ؤ' جو اڀياس

هن لسانياتي اصطلاح هيٺ لفظ: 'پئونر/ پؤنر/ پنئور' ترجيحي صورت لاءِ پيش ڪيو ويو. واؤ لين (ڌهرو سُر)، متحرڪ، ساڪن ۽ مضموم، همزي جي بدل طور سنڌي ٻوليءَ ۾ چئن حالتن ۾ ڪم اچي ٿو، ان معاملي جي اڀياس بعد اخذ ٿيل نتيجي آڌار هيٺين صورتن جي راءِ رکجي ٿي:

ڌهري سُر طور، جيئن: سؤ (سَو)؛
مضموم همزي طور، جيئن: گهاؤ، ڦهلاؤ؛
واؤ متحرڪ طور، جيئن: مؤنث، مؤلف؛
واؤ ساڪن طور، جيئن: مؤمن، مَؤلود.

### 3.5 سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف علت جو تصور

هن عنوان هيٺ 'ماروي/ مارئي، اونڌائي/ اونداهي، هوا/ هئا، چوي/ چئي' لفظن کي ترجيحي صورت لاءِ رکيو ويو آهي، جيڪو اصل ۾ حرف علت جو معاملو آهي، جنهن جو سڌو سنئون واسطو لهجاتي فرق سان آهي. هن عنوان ۾ 'حرف علت' جي معنيٰ ۽ مفهوم جي اصولي اڀياس بعد لفظن جي ترجيحي صورت متعين ڪئي وئي آهي: مارئي، اونداهي، هئا ۽ چئي.

## 3.6 سنڌي صورتخطيءَ ۾ الف مقصوره (ي) جو ڪردار

هن نڪتي هيٺ 'دعوىٰ/ دعوا' صورتون ترجيحي صورت لاءِ رکيو ويون آهن. جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ عربي صورتخطيءَ جو پڻ لحاظ رکيو ويندو آهي ۽ عام استعمال ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي، ان صورت ۾ سواءِ ڪنهن مونجهاري جي اهڙن لفظن جي صورتخطي قائم رکڻ ۾ ڪا قباحت ناهي. لفظن جي اصليت جي بنياد تي انگريزي صورتخطيءَ ۾ پڻ صورتون بحال رکيون وينديون آهن. ان صورت ۾ الف مقصوره جي قائدن جو اڀياس ڪندي ان جو استعمال بهتر سمجهيو ويو آهي.

## 3.7 نون وينجن ساڪن (قريب مخرج_ آوازن ۽ جمع جي گرداني صورت) جو معاملو

هن عنوان هيٺ 'نندَپڻ/ نَنڍَپڻ؛ آگَريُن، اڪرَن، ٻارَن' جي لفظن جي ترجيحي صورت ۽ صورتخطيءَ جو معاملو رهيو آهي. اڀياس ۾ ٻه معاملا سامهون آيا آهن: هڪ: قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' جو بيهڻ ۽ ٻيو: جمع جي گرداني صورت ۾ 'نون ساڪن' جو بيهڻ.

ٻن مختلف نوعيت جي لفظن ۾ نون جي صوتي حيثيت سمجهڻ ۽ ان جي صورتخطيءَ لاءِ ديوناگري صورتخطي ۽ اردو اِملا جو اڀياس ڪيو ويو آهي، جنهن مان هي نتيجو نڪتو:

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نون' ٽن حالتن ۾ ڪم آندو وڃي ٿو:
  - نون وينجن متحرڪ: نَڪ، نالو، نيڪال وغيره.
  - نون وينجن ساڪن: گهنٽي، ڏند، سنڌ، ڪننو وغيره.
  - نون گهُٽو: شينهن، ٻانهن، نانگ وغيره.
- ڏند وارن بندشي ڏوڪڻن: ت، ٿ، د، ڌ ۽ مهار وارن/ مورڌني بندشي ڏوڪڻن: ٽ، ڊ، ڍ کان اڳيان ايندڙ 'نون يا نون گهُٽو'، قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' ۾ مٽجي ٿو.
- سنڌي ٻولي/ صورتخطيءَ جي لفظن ۾ 'ٽ، ڏ، ن، نه، ڻ، ل، لھ، ر، رھ، ڙ، ڙھ' اهڙا آواز آهن جن کان اڳ نون ساڪن/ گهُٽو نه ٿو اچي.
- سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾، حرف جر ڳنڍڻ جي حالت ۾، 'نون' جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جيڪو 'نون ساڪن' بيهي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته ان جي جمع وارو سُر ماقبل آخر وينجن تي رهي ٿو.

### 3.8 آخري ۽ ماقبل آخري وينجن جي سُر جو معاملو ۽ آخري وينجن ساڪن جو تصور

سنڌي ٻوليءَ جي صرفي توڙي* نحوي بناوت ۾ لفظن جي آخري چوٽي سُر جي وڏي اهميت هوندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن موجب اها ڳالهه مسلّم آهي ته مؤنث- مذڪر (ڇوڪرِ- ڇوڪرُ)، واحد- جمع (اُٺُ- اُٺَ)، سڏ (ابراهيمَ) ۽ اسم جي فاعلي- مفعولي حالت (ساجنَ سڄاتو- ساجنُ سڄاتو) آخري چوٽي سُر تي منحصر هوندي آهي. هن عنوان ۾ لفظ جي آخري (ڇوٽن، ڊگهن توڙي ڌرن) ۽ ماقبل آخري سُرن جو مؤنث- مذڪر، واحد- جمع، سڏ ۽ اسم جي فاعلي- مفعولي حالت جي حوالي سان صوتياتي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. اڀياس جو هيٺيون نتيجو اخذ ٿيو آهي:

➢ جنهن لفظ جي ماقبل آخري سُر تي، مؤنث- مذڪر جي حوالي سان، احتياط کان ڪم ونجي ٿو ان جو آخري وينجن ساڪن رهي ٿو: جيئن: مؤنث: لڪنڊَم / لڪنڊَس، مذڪر: لڪنڊُم / لڪنڊُس. 'س' ۽ 'م' پڇاڙين کي لهجاتي فرق موجب بدل پڇاڙي ڄاتي ويندي آهي، پر ان سان معنوي فرق ظاهر ٿئي ٿو.

➢ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙن نڪتن تي باضابطہ ڪم نہ هجڻ جو سبب تاريخي، علمي ۽ ادبي اعتبار کان وچولي/ ساهتي لهجي ڏانهن بي توجهي آهي. هن حوالي سان حيدرآبادي عالمن جون خود ساختہ صورتخطيون سامهون آيون آهن.

### 3.9 'گهٽي وينجن سبب گهٽائپ' ۽ 'ڳاٽيتي ۾ گهٽائپ' جو معاملو

- **گهٽي وينجن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ:** اما/ امان، اڃا/ اڃان، وڃين/ وڃي، ماٺهو/ ماٺهون، پاڱو/ پاڱون، ننو/ ننون/ نوَ، چڙان/ چڙا.
- **ڳاٽيتي ۾ گهٽائپ / معنوي فرق پيدا ڪندڙ گهٽائپ:** ٻيون/ ٻيو.
- **لهجاتي فرق سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ:** آءُ / آئون، جڏه/ جڏهن، ڪه/ ڪنهن، جه/ جنهن.

هن عنوان ۾ گهٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ جو اڀياس ڪيو ويو آهي: اهم ڳالهه اها حاصل ٿي آهي تہ ٻوليءَ جي مزاج ۽ صورتخطيءَ جي اڀياس مطابق 'گهٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ کي ڪُلي طور تي رد نہ ٿو ڪري سگهجي'. ان مان اخذ ٿيندڙ نتيجو هن ريت آهي:

➢ 'گهٽي وينجن' جي گهٽائپ جو زور ڪنهن 'گهٽي وينجن' جي اڳيان ٿئي ٿو، جنهن ڪري پنهنجي اڳيان ٻيو 'نون' گهٽو برداشت نہ ٿو ڪري؛ ٻويان زور اڻ- لکو ٿئي ٿو، جنهن سبب ٻولي توڙي صورتخطيءَ ۾ ٻئي گهٽي نون جي گهرج پوي ٿي.

---

* لفظ 'توڙي/ توڻي' مان 'توڻي' کي ترجيح ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي؛ ڇاڪاڻ تہ لفظ 'جيستوڻيڪ' جو بنياد بہ 'توڻي' مان آهي. 'توڙي/ توڻي' ۾ لهجاتي فرق ايترو آهي، جيترو 'ماڙو/ ماڻهو' ۾ آهي. رواج موجب، پرنٽ ميڊيا ۾ بہ لفظ 'توڙي' جو استعمال نوٽ ڪيو ويو آهي. (راقم)

- جيڪڏهن ’گهٽن وينجنن‘ بعد گُهٽائپ وارو دائرو محدود ڪري ڇڏبو تہ پوءِ ٻي صورت ۾ لفظ ’امان > اما‘، لفظ ’مان (آءٌ/ منجهان) > ما‘ ۽ ’نديو جي نڊو‘، ’نانگ جي ناگ‘ ۽ ’نَنگ جي نَگ‘ واريون صورتون رائج ٿي وينديون. جيڪي مونجهارن جي بنياد تي نامناسب آهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي نحوي نزاڪت پٽاندر گهٽن وينجنن توڙي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڊگهن گُهٽن /آن/، /اِين/ ۽ /اُون/ واري گُهٽائپ ڪي ’ن‘ گُهٽي سان لکڻ بهتر آهي؛ جيئن: مان وڃان ٿو، اسين وڃُون ٿا، تون وڃين ٿو، توهان وڃو ٿا، هو وڃي ٿو، هوءَ وڃي ٿي، اهي وڃن ٿا.
- جنهن صورت ۾ قطاري عددن کي ’نون گهُٽي‘ سان لکيو ٿو وڃي، ان صورت ۾ لفظ ’ٻيو/ ٻيون‘ مان معنوي فرق جي بنياد تي ’ٻيون‘ جي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي.
- ٻوليءَ جي نسبت ڪنهن هڪ وضاحت جا پاڳا/ پٽيون ڏيکاريندا آهيون تہ ان صورت ۾ ’ن- گُهٽي‘ جو استعمال بلڪل ڇسو ۽ بيجا لڳندو آهي؛ جيئن: پهرئين سڄي جو: هڪ پاڱو، ٻيو پاڱو، ٽيو پاڱو، چوٿو پاڱو، پنجو پاڱو وغيره.

## 3.10. سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهُٽي وينجن ۽ نون گهُٽي سان وينجن جو معنوي فرق

1913، 1999، 2008ع تي ترجيحي صورتن لاءِ ’رنگ/ رڱ‘ جهڙا لفظ شامل ڪيا ويا. چند ٻولي ڳالهائيندڙن اهڙن لفظن جي فرق کي معنوي فرق ۾ آندو آهي. انهن موجب: رنگ جي مراد ۾ اهڙو رنگ جيڪو ڪچي صورت ۾ هجي يا هٽجي جڏهن تہ رڱ مان مراد اهڙو رنگ جيڪو ڪنهن شيءِ سان پيوست/ ضم ٿي وڃي؛ ساڳئي نموني ’سنگ‘ مان مراد دوستي آهي، جڏهن تہ ’سڱ‘ مان مراد اهڙي دوستي جيڪا وڌيڪ پيوست/ ضم ٿي وڃي. هي اسم، ’صفت جي درجن‘ جيان معنوي فرق رکن ٿا، ان صورت ۾ ڪوبہ هڪ رد ٿيڻ جوڳو ناهي. جيئن ’ن‘ جو آواز ’گ‘ ۾ ضم ٿي گهُٽو وينجن ’ڱ‘ ٿي ويو آهي، ائين ئي ’سنگ‘ ۽ ’سڱ‘ جا مفهوم بيهن ٿا، آوازن ۽ لفظن جو اهو سڄو سارو سفر سماجي ٻولي/ قدرن سان وابستہ آهي.

## 3.11. سنڌي صورتخطيءَ ۾ وسرڳ جو معاملو

ترجيحي صورتن لاءِ *’ويراهڻ/ وراهڻ/ ورهائڻ، نل/ نلهہ، ڇهبڪ/ چابڪ، ڇہ/ ڇهہ، گهڻ (مهنڻ)/ گهڻ (انداز)’* لفظ 1913ع کان 2008ع تائين هلندا آيا آهن، جن ۾ اصولي مسئلو ’وسرڳ‘ ۽ ’اوسرڳ‘ جو آهي. هن عنوان جي اڀياس جو هي نتيجو سامهون آيو آهي:

- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهہ وسرڳ (ڀ، ٿ، ٺ، جهہ، ڇ، ڌ، ڍ، ڦ، ک، گهہ) پٽيءَ ۾ پڙهايا ويندا آهن، پنجن (مهہ، نهہ، لهہ، ٹهہ، ڙهہ) جو تصور پرائيمر ذريعي ڏنو ويندو آهي. ڄاڻايل پندرهن وسرڳن کان علاوه

پنج وسرڳ 'ڏھ، ڇھ، رھ، وھ، ھھ' اپياس هيٺ اخذ ٿيا آهن، تن ۾ 'رھ' وسرڳ ان حوالي سان بہ اهم سمجهجي ٿو جو ان سان چند سنڌي لفظن (جهڙوڪ: گرهاڪ/ گراهڪ) جي صورتخطيءَ ۾ مونجهارا محسوس ڪيا ويا آهن. ان لاءِ آئيوٽا يا صورتخطيءَ ۾ پڙهائڻ انتهائي ضروري آهي.

- ➢ صورتخطيءَ ۾ 'ھ' وينجن ۽ 'ھ وسرڳيءَ' جي استعمال جو احتياط رکڻ گهرجي.
- ➢ 'ھ' اکر ۽ ان جي ٻين روپن (ھ، ه، ـه، ـ) ۾ محتاط رهڻ لاءِ سنڌي ڪمپوزنگ جي اصلاح ضروري آهي: ان سان غير سنڌي ماڻهن لاءِ سکيا جو عمل بهتر ٿيندو.

### 3.12 وسرڳ سان مشابهت رکندڙ اکرن ۾ وينجن 'ھ' جو معاملو

هن عنوان هيٺ 'سُمهٽي/ سومهٽي' مان سومهٽي لفظ کي ترجيح ڏني وئي. هن ترجيح سان معاملو اهو سامهون آيو آهي تہ مذڪوره لفظ ۾ 'مھ' (Digraph) وسرڳ آهي يا 'م ۽ ھ' جا الڳ وينجن بيهندا؟ هن اپياس تحت هيٺيون نتيجو اخذ ٿيو آهي:

متصل اکرن سان 'وسرڳي ھ' جي جوڙ سبب (ٺھ، نھ، لھ، مھ) اهو مونجهارو سامهون اچي ٿو، جهڙوڪ: پالٺهار/ پالٺھار، نهارڻ/ نھارڻ، لهٽو/ لھٽو، مهارت/ مھارت. ان صورت ۾ 'ھ وينجن' جو استعمال ٿي بهتر آهي، ٻي صورت ۾ اڳئين متصل اکر سبب 'وسرڳ' جاتو ويندو.

'ھ وينجن' جو منفصل اکرن (ر، ڙ، ڏ) سان اهڙو مونجهارو ڪونہ ٿو ٿئي.

### 3.13 مختفي هي (ه) جو ڪردار

هن عنوان ۾ 'درياھ/ درياءُ، نواب شاھ/ نوابشاھ، وابستہ/ وابستا، طئي/ طي، مڪہ/ مڪيہ' جا لفظ رکيا ويا. ان معاملي تحت سنڌي صورتخطيءَ موجب 'مختفي ه' جو اپياس ڪيو ويو، جنهن ۾ 'مختفي ه' جا ٽي انداز جاچيا ويا آهن:

'مختفي ه' جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ استعمال: درياه، شاه، پرواه، خوامخواه، موجوده، فهميده، مذڪوره، وغيره، باقاعده . . .

- 'مختفي ـه' جو استعمال: 'الله'، 'هميشه'، 'فاطمه' ۽ 'عليه السلام' . . .
- 'مختفي ـہ' جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ استعمال: مڪيہ، بہ، چُنُہ ، پلئہ، متفرقہ. . .

اپياس ڪندي 'درياه، نوابشاه، وابستہ، طئہ ۽ مڪيہ' صورتن جي راءِ رکي وئي آهي.

## 4. باب چوٿون وياڪرڻي معاملن جو اپياس (فعل جون ماضي ۽ اسم مفعول صورتون: مرڪب لفظ ملائي يا الڳ لکڻ)

هن باب ۾ بہ عنوان رکيا ويا آهن جيڪي سڌي يا اڻسڌي طرح سنڌي وياڪرڻ/ گرامر سان تعلق رکن ٿا:

### 5.2 سنڌي صورتخطيءَ ۾ بدل آوازن/ اکرن جو لهجاتي فرق

هن عنوان تحت 'توڻي/ توڙي' جي ترجيحي صورت لاءِ 'ڻ ۽ ڙ' جو لهجاتي اڀياس ڪيو ويو آهي ۽ وچولي/ ساهتي لهجي موجب 'توڻي' کي ترجيح ڏني وئي آهي. ياد رهي ته لفظ 'جيتوڻيڪ' جو بنياد به 'توڻي' مان ئي آهي.

### 5.3 لهجاتي فرق سبب پيدا ٿيندڙ معنوي فرق

هن عنوان تحت 'چوي/ چئي ۽ پوي/ پئي' جي ترجيحي صورتن لاءِ ٻوليءَ جي گردان موجب معنوي فرق جو اڀياس ڪيو ويو جنهن مان اها ڳالهه واضح ٿي بيٺي ته پَئي (پ، زبر سان) جو لفظ مصدر 'پَوَڻ' مان ورتل آهي، جڏهن ته 'پِئي' (پ، زير سان) جي صورت ڪنهن لڳاتار عمل جي حالت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو يا ڪم اَٽڻ گهرجي.

6. باب ڇهون عربي/ فارسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اصولي اڀياس (عربي لفظن جا وزن، عربي لفظن جي آوازن/ اکرن جو احتياط، عربي لفظن جي بدليل صورت، قريب مخرج ۾ تبديل)

هن باب ۾ عربي ۽ فارسي اصولن جي مختصر اڀياس بعد ڏارين لفظن جو مونجهارن جي بنياد تي اڀياس ڪيو ويو آهي. اهڙي اڀياس کي هيٺين ڇهن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي:

### 6.1 عربي صَرف (وزن) جي سنڌي صورتخطيءَ سان ويجهڙائپ

هن عنوان ۾ 'استعيفا/ استعفاء/ استعيفيٰ، نُبوت/ نَبوت، مُيَسره/ مَيسره، مطمئن/ مطمعن' لفظن جي ترجيحي صورت لاءِ لفظن جي حيثيت معلوم ڪرڻ لاءِ عربي جي وزنن جو اڀياس ڪيو ويو آهي، ان بعد اخذ ٿيندڙ نتيجي جي بنياد تي لفظن 'اِستِعفاء (مصدر) / اِستَعفيٰ (ماضي)، نُبُوَّت، مُيَسَّره، مطمئِن' جي ترجيحي صورت جي راءِ رکي وئي آهي.

### 6.2 سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي درست استعمال جو معاملو

هن عنوان هيٺ 'واضح/ واضع، ڪثر/ ڪسر، تهمل/ تحمل، بدماش/ بدمعاش' لفظ ترجيحي صورت لاءِ رکيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'آوازن جي ڏاريائپ' سبب عربي لفظن جي صورت جي ڦيري جا به انداز جاچيا ويا آهن، جيڪي مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا:

- اهڙا لفظ جن جي آوازن/ اکرن جي مٽجڻ/ مٽائڻ سبب معنوي فرق يا وياڪرڻي حيثيت بگڙجي وڃي ٿي؛ جيئن: واضع ۽ واضح، مهل ۽ محل، تهمل ۽ تحمل وغيره.
- اهڙا لفظ جن جي آوازن/ اکرن جي مٽجڻ/ مٽائڻ يا تقليب سبب لفظ جي معنوي فرق يا وياڪرڻي حيثيت کي ڪو ڇيهو ڪونه ٿو رسي؛ جيئن: بصل-بصر، فوم-ثوم، قفل-قلف/ ڪرف وغيره.

ڄاڻايل لفظن جي اصولي اڀياس بعد 'واضح = ظاهر، چٽو، واضع = ناهيندڙ، گهڙيندڙ، ڪٽر = گهٽائي، ڪسر = ٽٽل، پڳل، تحمُّل، بدمعاش' جي صورتن جي راءِ رکجي ٿي.

**6.3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب عربي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو**

هن عنوان ۾ هي لفظ رکيا ويا آهن: 'جثو/ جسو، سايو/ سعيو، ضعيفه/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر، بقل/ بکر، ڪلف/ ڪرف، صبحاڻي/ سياڻي'. هنن لفظن جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکڻ کان اڳ مونجهاري جي بنياد تي لفظن جي لغوي ۽ سماجياتي اڀياس ڪرڻ بعد راءِ رکي وئي آهي:

رواجي ٻوليءَ موجب هيٺين لفظن جون وضاحتون اخذ ٿيون آهن:

**ضعيفه** = ڪمزور عورت/ ڇوڪري/ مؤنث؛ **زائفان** = ڪابه صحتمند يا ڪمزور عورت

**سعيو** = [سعيٰ = هن ڪوشش ڪئي] ڪوشش، ارادو؛ **سايو** = ڇانو، ڇپر، آسرو، پرڇهلو

**محل** = جڳهه، عمارت، بادشاهي رهائش گاهه؛ **مهل** = وقت، سمو، گهڙي

**ٻُل** = هن لفظ جي بنيادي معنيٰ ته ساڳي 'ٻُر' واري آهي پر ميوو ۽ اجورو جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي؛ **ٻُر** = هن لفظ جي به بنيادي معنيٰ ساڳي آهي، ليڪن ميوي يا تخم جي معنيٰ ۾ عام طور ڪونه ورتو ويندو آهي، بلڪ انسان يا جانور جي اولاد واري معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي.

ان کان علاوه بگڙيل صورت: 'جسو، بصر، بکر، ڪرف، سياڻي' جي راءِ رکجي ٿي.

**6.4. سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب فارسي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو**

هن عنوان هيٺ: 'پليد/ پليت، دنبورو/ طنبورو، طبلو/ دٻلو، دوفان/ طوفان، جافران/ زعفران، توب/ توف' جا لفظ رکيا ويا آهن.

هن عنوان هيٺ ٻوليءَ جي مزاج مطابق قريب مخرج آوازن جي مٽجڻ ۽ انهن جي صورتخطيءَ جو اڀياس ڪيو ويو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق لفظن جي صورت لاءِ راءِ رکي وئي آهي: 'پليت، تنبورو، طوفان، زعفران ۽ توپ'.

**7. باب ستون ديسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اڀياس (اردو/ هندي لفظن جي بدليل صورت، ديسي ڳنڍيل آواز- پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ- جي اعراب)**

**7.1. 'ٻنايو/ ٻڻايو' لفظن جي ترجيحي صورت وارو معاملو**

هن عنوان ۾ ٻوليءَ جي بدلجندڙ صورت ۾ چوسٽن (ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ) ۽ گهُٽن (ڄ، ڻ ۽ ڱ) وينجنن جو اڀياس ڪيو ويو آهي ۽ مليل حاصل مطلب آڌار لفظ 'ٻڻايو' جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکي وئي آهي.

### 7.2 ديسي ڳڌيل آوازن (ڙ ۽ ڃ سان ڳڌيل اڳين آوازن) تي اعرابن جو مسئلو

سنڌي ٻولي توڙي هن خطي جي چند ٻولين، هندي/ سنسڪرت، پشتو يا بلتي وغيره ۾ ڪي لفظ اهڙا به ملن ٿا، جن جي ٻنهي آواز ۾ 'پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ' ۾ ساڪن آواز اڳئين بجاءِ ايندڙ آواز سان ملي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ر ۽ ي' اهڙا متحرڪ آواز آهن جيڪي اڳئين آواز کي ساڪن صورت ۾ پاڻ سان ملائن ٿا. هن عنوان ۾ جزم جي درست استعمال جو معاملو سامهون اچي ٿو، جنهن لاءِ نتيجةً هيٺين راءِ جڙي ٿي:

- جزم جي عام صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، اڳئين متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍجي؛ جيئن: عِلْم.
- جزم جي اوائلي صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، ايندڙ متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍجي؛ جيئن: سِٽْرَ (سطر)، پْيار.

## 8. باب اٺون انگريزي لفظن جي سنڌي صورتن جو اپياس

هن عنوان هيٺ انگريزي لفظن جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ الٿي جي معاملي جو اپياس ڪيو ويو آهي. انگريزيءَ جي الٿي دؤران ٻه هڪڙا اصول سامهون رکڻ ضروري سمجهيا ويا آهن:

➢ انگريزي لفظ جيڪي 'S' سان شروع ٿين، ان بعد جيڪڏهن سُر وارن اکرن مان: A، E، I، O، U ۽ Y، اڏ سُر وارن اکرن مان: H ۽ W يا پنڌن آواز وارن اکرن مان: L، M ۽ N اچي ته ان صورت ۾ 'S' جو اچار 'س' سان ڪيو؛ جيئن: سيٽ، سولر، سيمبل، شرٽ، سويٽ، سمارٽ وغيره؛ ٻي صورت ۾ 'اِس' (س اڳيان هلڪي سُ) جو اچار ڪيو؛ جيئن: اسڪيل، اسڪيچ، اسپرنگ، اسٽاف، اسٽور، اسٽار وغيره.

➢ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن چپوين آوازن: 'ب، ٻ، ڀ، پ ۽ م' کان اڳ ٻڌجندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز کي 'گهُٽو' سمجهي 'نون' اکر سان لکيو ويندو آهي، جيئن: قنبر، پنيور، عنبر وغيره. جڏهن ته انگريزي توڙي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙي 'ميم ساڪن' آواز جي حيثيت 'گهُٽي' واري ٿي آهي ۽ ان کي 'ميم' جي اکر سان لکيو ويندو آهي. ان صورت ۾ انگريزي يا هندي لفظن جو الٿو 'ميم' سان ٿي لکڻ گهرجي، جيئن: نمبر، سيمبل، بمبئي، امبر وغيره.

هن عنوان تحت هنن لفظن جي ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي: انسائيڪلوپيڊيا، انفرميشن، ايوارڊ، ايجوڪيشن، بيراج، بينڪ، پرنٽرُ/ پرنٽرَ/ پرنٽرن، چيئرمين، فنانس، ڪاليجُ/ ڪاليجَ/ ڪاليجن ، ڪمپيوٽر، ڪاميٽي، ڪوٽيشن/ ڪوٽيشنَ، لئنگويج ۽ نيشنل.

- **تحقيق جو انداز:** هر باب ۾ جن اهم نڪتن لاءِ ضروري سمجهيو ويو، ان کي مسئلو ڄاڻي چند سوالن جي روشنيءَ ۾، اصولي طور، واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ اخذ ٿيندڙ نتيجي کي 'حاصل مطلب' طور رکيو ويو آهي. گهڻي قدر هيٺيون طريقہءِڪار رکيو ويو آهي:
  - ڪنهن عنوان بابت، سوالن جي روشنيءَ ۾، عالمن جا رايا رکڻ
  - عالمن جي راين جو نچوڙ رکڻ
  - نچوڙ مان اهم اختلافي/ وضاحت طلب نڪتا ڪيڻ
  - اهم وضاحت طلب نڪتن تي ٻيهر ڪم ڪرڻ
  - آخر ۾ نتيجو يا حاصل مطلب ڏيڻ
- **موضوع ۾ نمبرنگ وارو طريقو:** پوري ڪيل ڪم کي موضوع جي بابن سان سلهاڙڻ خاطر، نمبرنگ وارو مستعمل طريقو رکيو ويو آهي؛ جنهن سان پڙهندڙ توڙي لکندڙ لاءِ آساني رهندي آهي. هن ۾ بابن کان نمبرنگ جي شروعات ڪئي وئي آهي، يعني ڪوبہ باب متعلقہ انگ سان شروع ٿئي ٿو ۽ ان سان لاڳاپيل نڪتو يا نڪتي جو جز ڏهائي سسٽم سان رکندو هلجي ٿو؛ جنهن ۾ ڪو نڪتو يا ان جي جز جو، باب سان تعلق معلوم ٿي سگهي ٿو.

**حوالي ڏيڻ جو طريقو:** مواد بابت اشاري ڏيڻ (Citation) ۽ ڪتاب بابت اشاري ڏيڻ (Reference) ۾ American Psychological Association (A.P.A) يا Harvard referencing system وارو طريقو ڪم آندو ويو آهي. موجوده حالتن ۾ سائنسي توڙي سماجي علمن ۾ هي طريقو وڏيڪ ڪم آندو وڃي ٿو. نموني طور، ڪنهن ڪتاب (Reference Book) مان حوالي ڏيڻ جا ٻہ جز ٿيندا آهن: هڪ: مواد ۾ حوالي جو اشارو ڏيڻ (Citation) جيئن: مقالي/ ڪم ۾ مواد کي شامل ڪرڻ بعد، حوالي جي نمبر بجاءِ ڏنگيءَ ۾ ليکڪ جو مختصر نالو، ڪتاب جو سال ۽ صفحو نمبر ڏنو ويندو آهي؛ جيئن: "--------------------- --" (ڀيرومل، 1956: 45). ٻيو: مقالي/ ڪم جي آخر ۾ ببليوگرافيءَ ۾ رواج موجب، پهرين ليکڪ جو نالو، نندي ڏنگيءَ ۾ ڪتاب جو سال، ڪتاب جو موضوع ۽ ڇپائيندڙ اداري جو تفصيل ڏنو ويندو آهي؛ جيئن: آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند (1956) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ڪراچي- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

الطاف جوکيو

# باب پهريون

## صورتخطيءَ (Orthography) جي معنيٰ ۽ مفهوم

### 1.1. مسئلي جو بيان

اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي تہ اسان جا عام پڙهندڙ صورتخطيءَ ۽ ان سان منسلڪ اصطلاحن (Terms) جهڙوڪ: رسم الخط ۽ آئيوپتا وغيره کان چڱيءَ طرح واقف نہ هوندا آهن، ان جي سببن ۾ گهڻ مطالعو ۽ اصطلاحن* (Terms) جي دائرن بابت مختلف عالمن جا مختلف ۽ منجهائيندڙ خيال ۽ رايا بہ هوندا آهن. اصطلاح: صورتخطيءَ تي ڪافي عالمن جا مختلف رايا ڏنل آهن، جنهن سبب نئون طالب علم مونجهاري جو شڪار رهي ٿو.

صورتخطيءَ مان عام مراد ڪنهن لفظ يا جملي جي ترجيحي صورت يا ڪنهن اصطلاح (Term) لاءِ تُز لفظ جو تعيّن هوندو آهي؛ اهو سڄو سلسلو اتفاق راءِ ۽ معياري لهجي تي ٻڌل هوندو آهي. ترجيحي صورت جي تعيّن ۾ بہ گهڻي قدر عالمَ پنهنجي لهجي جي نمائندگي ڪن ٿا؛ معياري/ وچولي لهجي بابت اتفاق راءِ ڪونهي، پوءِ ٿئي ائين ٿو تہ جنهن لهجي جا ماڻهو گهڻا ٿين ٿا، اتفاق راءِ انهن جي حق ۾ وڃي ٿي. ٻوليءَ تي مخصوص لهجي جي حاڪمي ۽ وچولي لهجي ڏانهن ٻي توَجهيءَ سبب اهڙن مونجهارن بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي راءِ هيئن ظاهر ڪري ٿو تہ: "جيتوڻيڪ سنڌ جي 'وچولي واري ٻوليءَ' کي معياري تسليم ڪري ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو، پر عملي طور گهڻي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفتر جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. صورتخطيءَ جي مسلسل سڌاري واڌاري ڏانهن گهڻ توجہ سببان ڪافي اوڻايون پيدا ٿيون." (بلوچ، 1992: 15)

انڻ- سڌيءَ طرح پيرومل آڏواڻي بہ حيدرآباد کي وچولي ۾ شامل نہ ٿو سمجهي، سندس لفظ آهن تہ: "... حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو، پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي؛

---

* مصدر 'اصطلاح' جو بنياد 'صلح' مان آهي، جنهن جي مراد آهي ڪنهن معنيٰ يا تشريح جي استعمال تي سماجي اتفاق هجڻ! سنڌي سماجي اتفاق پٽاندر پن معنائن ۾ ڪم اچي ٿو، هڪ: جملي جو اهڙو فعلي جز جيڪو رواج پٽاندر ٻي معنيٰ رکي، ٻيو: Term جي مفهوم ۾ مخصوص معنيٰ ۽ دائرو رکندڙ! هت Term جي مفهوم ۾ ڪم آندو ويو آهي.

تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي." (1956: 93- 94) پر ٻي جڳهه تي لکي ٿو تہ: "وچولي ۾ ساهتي پرڳڻو يعني نوشهرو فيروز ۽ ڪنڊيارو وغيره اچي وڃن ٿا." (1956: 94)

ڀيرومل آڏواڻيءَ جي لفظن: 'وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي' مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ حيدرآباد وچولو ناهي، پر جيئن تہ الڳ سان نالو رکيل ڪونهيس، ان لاءِ وچولي جي ليکي ۾ آڻجي ٿو. تاريخي، علمي توڙي* ادبي لحاظ کان ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ کي اهميت ڏني وئي هئي، پروفيسر علي نواز جتوئي، مسٽر کيمچند هيراڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر حامد علي خاناڻي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، محترم نصير اعجاز، مقصود گل وغيره پڻ ان خيال جي حق ۾ آهن. وچولي جو معاملو ڏسي ڪري صورتخطيءَ جي معنىٰ- مفهوم ۽ ان جي ترجيحي صورتن تائين باضابطہ اڀياس جي گهرج محسوس ڪئي وئي.

موجوده عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا تي لکندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڄاڻايو تہ: "موجوده سنڌي- عربي صورتخطيءَ جي ابتدا ۽ اوسر جي تاريخ، ابوالحسن جي دؤر کان نوَ سؤ ورهيہ اڳ ڏاري شروع ٿي، ڇاڪاڻ جو سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'عربي- سنڌي الف- بي'، عرب- اسلامي دؤر کان وٺي استعمال ٿي." (1999: 437) ليڪن باضابطہ طور تي سنڌي صورتخطي جي ترجيحي صورتن جا مرحلا 1853ع کان پوءِ شروع ڪيا ويا، ترجيحي صورتن لاءِ جزوي طور تي ڪي اصول سامهون ضرور رکيا ويا هوندا، ليڪن گهڻي قدر ذاتي راءِ شامل رهي. اها ڳالهہ ان بنياد تي ڪجي ٿي تہ 1915ع کان بعد ۾، سواءِ چند عالمن ۽ پڙهائيندڙ استادن جي، سڀني شاعرن ۽ اديبن کي شامل رکيو ويو، جيڪي ٻوليءَ جي بنيادي اصولن يا گرامر جي اصولن کان چڱيءَ طرح واقف نہ هئا/ آهن. ظاهر آهي تہ انهن جي ترجيحي صورتن ۾، ٻوليءَ جي اصولن بجاءِ، ذاتي راءِ استعمال ڪئي وئي هوندي. اصولي طور تي ترجيحي صورتن لاءِ، گهربل مسئلي بابت، ٻوليءَ جي علم صَرف جا ڪي بنيادي اصول اڀياس هيٺ آڻجن، بعد ۾ ڪي رايا سامهون رکجن. ان صورت ۾ هر نوعيت جو عالم، سامهون آيل ترجيحي صورتن کي، متعيّن ڪيل ميزان ۾ توري تکي، ڪا سٺي راءِ ڏئي سگهي ٿو. هن موضوع تي ڪم ذريعي، ٻوليءَ جي عالمن تي لازم ڪرڻ جي ڪوشش ورتي ٿي وڃي تہ ترجيحي صورتن مقرر ڪرڻ کان اڳ گهربل مسئلي لاءِ ڪي اصولَ متعيّن ڪرڻ لاءِ اڀياس ڪن،

---

* لفظ 'توڙي/ توڻي' مان 'توڻي' کي ترجيح ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي؛ ڇاڪاڻ تہ لفظ 'جيتوڻيڪ' جو بنياد بہ 'توڻي' مان آهي. 'توڙي/ توڻي' ۾ لهجاتي فرق ايترو آهي، جيترو 'ماڙو/ ماڻهو' ۾ آهي. رواج موجب، پرنٽ ميڊيا ۾ بہ لفظ 'توڻي' جو استعمال نوٽ ڪيو ويو آهي.

بعد ۾ ڪا راءِ سامهون آڻين ته جيئن هر نوعيت/ مضمون جو عالم انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ ترجيحي صورتن تي ڪنهن مذاڪري/ سيمينار جي صورت ۾ ڪا مناسب تنقيدي راءِ ڏئي سگهي. صورتخطيءَ جي شروعاتي اڀياس، مان اهو نڪتو به سامهون آيو آهي ته ان جي عمل ۾ سماج ۽ ثقافت جو به عمل دخل رهي ٿو.

هن موضوع جي اڀياس لاءِ هيٺيان تحقيقي سوال ۽ طريقهء ڪار جي رٿا ڪئي وئي آهي:

## 1.2. تحقيقي اڀياس جا سوال

- ؟ لفظ 'صورتخطي' جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي؟
- ؟ ڇا صورتخطيءَ جو تعلق لفظ ۽ جملي سان يڪسان طور آهي؟
- ؟ ڇا ڪنهن اصطلاح (Term) لاءِ تز لفظ جي تعيّن وارو معاملو صورتخطيءَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟
- ؟ ڇا لکت/ لکاوٽ/ تحرير، رسم الخط، املا، تلفظ ۽ صورتخطيءَ ۾ فرق آهي؟
- ؟ ڇا درست صورتخطيءَ جي ترجيحي صورت لاءِ ڪن اصولن جي ضرورت هوندي آهي؟
- ؟ ڇا 1853ع کان اڄ تائين مقرر ڪيل صورتخطين لاءِ ڪي اصول متعيّن ڪيا ويا؟
- ؟ ڇا ڌارين ٻولين مان ورتل لفظن جي صورتخطيءَ لاءِ اُن ٻي ٻوليءَ جي اصولن کي سامهون رکڻ لازمي هوندو آهي؟
- ؟ صورتخطيءَ جي اصولن متعيّن ڪرڻ وقت ڳالهايل ٻوليءَ جو ڪيترو عمل دخل آهي؟
- ؟ ڇا ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ لاءِ مروّج صورتن کي به ڪا اهميت هوندي آهي؟
- ؟ علم لسان موجب، صورتخطيءَ جو تعلق صوتيات سان آهي يا سماجي لسانيات سان؟
- ؟ ڇا ڳالهايل/ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي بابت اتفاق راءِ ٿي سگهيو آهي؟
- ؟ ڇا صورتخطيءَ جي صورتن مقرر ڪرڻ وارن عالمن جو ٻوليءَ جي بنيادي علم لسان/ گرامر کان واقف هجڻ ضروري آهي؟
- ؟ ڇا لئنگويج اٿارٽيءَ گهربل ترجيحي صورتن لاءِ عالمن کان ڪن اصولن تي ڪم ڪرايو آهي؟
- ؟ ڇا ترجيحي صورتون مقرر ڪندڙ عالم سنڌي ٻوليءَ يا صورتخطيءَ سان لاڳاپيل مختلف ٻولين ۽ انهن جي صورتخطين جو جزوي علم رکندڙ هوندا آهن؟

## 1.3. طريقهء ڪار

- مٿين سوالن جي روشنيءَ ۾ صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ عالمن جي راين کي سامهون رکي ڪردائرو رکيو ويندو؛
- عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي 1853ع کان باضابطه مقرر ڪيل ترجيحي صورتن جو اڀياس ڪيو ويندو؛

- ترجيحي صورتن مان اهم وضاحت طلب نڪتا اخذ ڪري انهن کي سنڌي ٻوليءَ ۽ متعلقہ ٻوليءَ جي اصولن موجب عالمن جي راين جي روشنيءَ ۾ جاچيو ويندو؛
- عنوان جي پوري اڀياس مان ترجيحي صورتن لاءِ ڪي اصول متعيّن ڪرڻ مقصود هوندو؛
- آخر ۾ هر هڪ نڪتي جي اڀياس جو اختصار ڏنو ويندو؛

### 1.3.1. عالمن جي روشنيءَ ۾ صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم جو اڀياس

'صورتخطيءَ' جو اصطلاح ٻن لفظن صورت + خط جو مرڪب آهي؛ بنيادي طور ٻن عربي لفظن جو جوڙ/ مرڪب آهي ۽ معنيٰ اٿس: ڪنهن لفظ يا جملي جي لکت ۾ ترجيحي صورت. هن لفظ جو اشتقاق هيٺينءَ ريت بيهاري سگهجي ٿو:

- ✓ صورتخطي: [ صورت (صار/ صُورَ/ صَوَّرَ = هن تصوير ڪئي) شڪل- تصوير- نوعيت- فارمولا + خطي (خَطَّ = هن ليڪ ڪئي، هن لکيو) لکت- لکيل] لکڻ جي نوعيت- اِملا- اکرن ذريعي لفظن ۽ لفظن ذريعي جملن جي لکيل درست صورت- لهجاتي فرق هجڻ سبب لفظن يا جملن کي مقرر شڪل ڏيڻ واري حالت- ڪنهن اصطلاح (term) لاءِ تز لفظ جو تعيّن. (فيروز اللغات عربي- اردو تان مدد ورتل)

انگريزيءَ ۾ Orthography ۽ اردوءَ ۾ ڪم ايندڙ عربي اصطلاح: 'اِملاء' جو مفهوم بہ 'صورتخطيءَ' سان سلهاڙيل آهي. دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ لهجن جي فرق سبب ساڳئي لفظ يا جملي جي ساڳي معنيٰ سان، آوازن جي بنياد تي، لکت ۾ فرق ٿي ويندو آهي؛ يا ڪن عالمن/ استادن جي لکيل ساڳين لفظن جي مختلف صورتن سبب، فرق ٿيندو آهي؛ يا ڪنهن اصطلاح (Term) لاءِ ٻوليءَ ۾ مختلف لفظن جو استعمال ڪيو ويندو آهي؛ ان اهڙي فرق کي معياري لهجي موجب ضابع ڪرڻ ۽ ڪنهن لفظ يا جملي کي متفقہ طور شڪل ڏيڻ کي صورتخطي چيو ويندو آهي. مثلاً: اترادي لهجي جي لاڙڪاڻوي اُپلهجي (Accent) موجب: 'شوڪرو'، لاڙي لهجي موجب 'چوڪرو' ۽ وچولي/ معياري لهجي موجب: 'ڇوڪرو' اچاريو ويندو آهي؛ اهڙي حالت ۾ اختياريءَ وارن تي لازم هوندو آهي تہ اهڙن لفظن جي هڪ معياري صورت مقرر ڪن! ياد رهي تہ ٻوليءَ جي نسبت، مذڪوره لفظن: 'شوڪرو'، 'چوڪرو' ۽ 'ڇوڪرو' مان ڪنهن بہ صورت کي غلط قرار نہ ٿو ڏئي سگهجي. ان کان علاوه ٻوليءَ جي ماهرن وٽ ڪنهن اصطلاح جي دائري لاءِ الڳ الڳ لفظن

جو استعمال بہ نوٽ ڪيو ويو آهي، جيئن: Dialect لاءِ ڪي ماهر ’محاورو‘ ڪم آڻين ٿا تہ ڪي وري ’لهجو‘ استعمال ڪن ٿا: ظاهر آهي تہ اهڙي مسئلي کي حل ڪرڻ يا ڪنهن تز لفظ جو تعين ڪرڻ/ ترجيحي صورت مقرر ڪرڻ واري معاملي کي صورتخطيءَ جي دائري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

صورتخطيءَ جا اهڙا مسئلا هر ٻوليءَ ۾ ٿيندا آهن: جيئن عربيءَ ۾ قرآن شريف پڙهڻ جون ست قرئتون ڄاڻايون ويون آهن، سي اصل ۾ عربي ٻوليءَ جي ستن لهجن (Dialects) جا فرق آهن: ليڪن هاشمي قبيلي جي ماڻهن جي ٻوليءَ جو لهجو معياري ڄاتو ويندو آهي، جيڪو قرآن پاڪ ۾ موجود آهي: ڇاڪاڻ تہ قرآن پاڪ، عربيءَ جي ان لهجي جي ڳالهائيندڙ نمايان هستيءَ ـ رسول ڪريم حضرت محمد مصطفیٰ صلي الله عليه وآلہٖ وسلم ـ تي نازل ٿيو.

عبدالهادي سرهيو ان خيال کي هيئن ظاهر ڪري ٿو تہ: ”ڪن عالمن وري ست قرئتن بجاءِ ست فصيح قبيلا مراد ورتي آهي. اهي فصيح زبان ست قبيلا هي هئا: قريش، بنو سعد، بنو تميم، بنو هذيل، بنو اسد، بنو ربيعہ ۽ بنو قضاعہ (بحوالا: الاتقان)، جيڪڏهن ست قرئتن بجاءِ ست فصيح قبيلا مراد ورتي ويندي، تڏهن بہ ڳالهہ وري ساڳي وڃي بيهندي: چو تہ ستن قبيلن جي زبان، يعني ساڳيون ست قرئتون مطلب ٿيندو. اهي ست هڪ ئي زبان جا فصيح قبيلا هئا، جيڪي هڪ ٻئي جا فصيح محاورا قرآن ڪريم ۾ بہ استعمال ٿيل آهن. قريشن انهن جي محاورن کي پسند ڪيو، پر طرز تحرير انهيءَ قبيلي جي وڌيڪ قابل قبول ليکجڻ ۾ آئي، جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڄاوا ۽ نپنا“ (1976: 28)

انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ لهجاتي ويڇن سبب آوازن جو فرق ٿيندو آهي، ان صورت ۾ لفظن جي مقرر صورت متعين ڪيل آهي. مثلاً: انگريزي ڳالهائيندڙن ۾ وسرڳائي* (Aspiration) جي عادت سبب /پ/، /ٽ/ يا /ڪ/ صوتين جي آواز بدران انهن جا بدل آواز (Allophones) [ڦ]، [ٺ] ۽ [ک] جا آواز اچاريندا آهن: جهڙوڪ: ڦُل (Pull)، ٺِل (Till) ۽ کِٽ (Kit)، پروفيسر علي نواز جتوئي ڄاڻائي ٿو تہ: ”اسان سنڌي، انهن لفظن جو غلط اچار ڪريون ٿا ۽ چئون ٿا ’پُل‘، ’ٽِل‘ ۽ ’ڪِٽ‘. انگريزي زبان جو صوتياتي سرشتو ائين آهي تہ جڏهن بہ [پ] (p)، [ٽ] (t)، ۽ [ڪ] (k) آوازن پنيان سُر ايندو آهي تڏهن اهي اچارڻ ۾ وسرڳ آواز ٿي پوندا.“ (1996: 68)

---

* لفظ ’وسرگ/ وسرڳ‘ جون ٻئي صورتون ڪم آنديون وينديون آهن، ليڪن ’وسرڳ‘ لفظ کي ترجيح ڏجي ٿي: ڇاڪاڻ تہ ٻوليءَ جي مزاج مطابق: راگ/ راڳ، گڻو/ ڳڻون، سرگ/ سرڳ وغيره مان ’ڳ‘ واري لفظ جو استعمال عام ڏٺو ويو آهي.

پروفيسر جتوئي جي ڄاڻائڻ موجب: انگريزي ٻوليءَ ۾ لهجاتي فرق سبب انگريزي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ Aspiration جو استعمال گهٽو آهي. جڏهن تہ ان جي هڪ- اڌ لهجي ۾ Aspiration جو استعمال ايڏو ڪونهي، ان سبب ڪري انگريزي ٻوليءَ جي لفظن جي صورتخطي پڻ متعيّن ٿيل آهي. انگريزيءَ ۾ Orthography بابت هيئن ڄاڻايل آهي:

Orthography is the branch of humanities, which is concerned with the study of writing system (Freeman D E and Freeman Y S, 2004). According to Sebba (1998) a writing system is generally used to signify the language and most of the languages have at least one, orthography. Nevertheless, some languages are written with more than one writing system forming several orthographies for people to communicate in these languages.

ڪنهن ٻوليءَ لاءِ مختلف صورتخطيون ڪم آڻڻ وارو ساڳيو مسئلو سنڌي ٻوليءَ سان پڻ آهي؛ هن وقت سنڌ ۾ عام طور عربي- سنڌي صورتخطي ڪم آندي وڃي ٿي، جڏهن تہ انڊيا جي ڪجهہ حصي (بمبئي واري علائقي) ڪان سواءِ عام طور ديوناگري صورتخطي ڪم آندي وڃي ٿي. صورتخطي (Orthography) جي جزن ۽ ان جي دائري بابت فروسٽ ۽ ڪيٽز ڄاڻائين ٿا تہ:

The term “Orthography” has come from Greek origin which means ‘correct writing’. Many people peculiarly distinguish orthography as the study of spelling. This is inaccurate perception. Spelling is only one area of orthography, whilst the field of orthography deals with the entire writing formation of language including capitalization, hyphenation, punctuation, emphasis and word breaks to mention but a few. (Frost R and Katz L, 1992)

وڪيپيڊيا تي صورتخطيءَ جو دائرو ۽ ان جا جزا هيٺين ريت ڄاڻايل آهن:

Orthography colloquially is often used synonymously with spelling, spelling is only part of orthography. Other elements of the field of orthography are hyphenation, capitalization, word breaks, emphasis and punctuation. Orthography describes or defines the set of symbols (graphemes and diacritics) used, and the ruled about how to write these symbols. *(From Wikipedia, the free encyclopedia)*

صورتخطيءَ جي جوڙجڪ وَاري دائري ۾ هِجي (Spelling) ان جو هڪ اهم حصو ليکيو وڃو آهي، جڏهن تہ ان جي جزن ۾ مختلف صورتخطين جي حوالي سان مختلف جزا ٿين ٿا، انگريزيءَ ۾ هيفن، ڪيپيٽلائيزيشن، ورڊ بريڪ، امفيزز/ هائيلائيٽ ۽ پنڪچيوئيشن نوٽ ڪئي وئي آهي؛ جڏهن تہ ان نسبت سنڌيءَ ۾ ’لفظن جي وچ ۾ وٿي‘، ’لفظي ترڪيب/ مرڪب لفظ کي ٽوڙڻ واري حالت‘، بيهڪ جون نشانيون وغيره تصور ڪري سگهجن ٿيون.

### صورتخطيءَ جي اڪيڊيمڪ اڀياس جي اهميت تي سيبا لکي ٿو تہ:

The academic study of the "Orthography" touches a number of different areas of the study of the languages. It can also be taken from a different perspective that it fits uneasily on the boundary between several fields of scholarship. Within the field of linguistics very few scholars for instance Albrow, Venezkey, Carney and Haas treated it as a subject in its own right, essentially focusing upon the relationship between sound, grammar and writing. Researchers in this tradition have therefore, discussed orthographic systems in relation to the phonology, morphology and a lexicon of a language. Elsewhere in linguistics, 'Orthography' has mainly been seen more concerned with the representation in the writing of the sounds of a spoken language and so related almost exclusively to phonology or 'phonemics' though with some attention to the morphological level *(Sebba M, 2007).*

### عام رواجي صورتخطيءَ کي غلط يا درست واري ميزان تي تورڻ بجاءِ اتفاق راءِ هجڻ تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي، ان بابت ڄاڻايل آهي تہ:

Most natural languages developed as oral languages, and writing systems have usually been crafted or adapted afterwards as representations of the spoken language. In an etic sense, the rules for writing systems are arbitrary, which is to say that any set of rules could be considered 'correct' if the users of the language mutually agreed to convene upon that set of rules as the standard way to represent the spoken language.

However, as standardization takes stronger hold, an emic epistemology of 'right and wrong' develops, in which compliance with, or violations of, the standards are viewed as right, or wrong, in a way analogous to moral right and wrong, and in which each word has a written identity that is no less standardized than its oral-aural identity, which is emically unitary. The term *orthography* is sometimes used in a linguistic sense to refer to any method of writing a language, without judgment as to right and wrong, with a scientific understanding that orthographic standardization exists on a spectrum of strength of convention. *(Dictionary.com Unabridged.)*

**صورتخطيءَ مان اهو نڪتو بہ نوٽ ڪيو ويو آهي تہ سماجي ٻوليءَ جيان صورتخطيءَ جو تعلق صوتيات جي علم کان سواءِ سماج ۽ ثقافت سان پڻ ٿئي ٿو: تڏهن تہ، ترجيحي بنياد تي رسم الخط (Script) جي چونڊ ۽ ان جي اکرن ۾ سڌارا واڌارا آندا ويندا آهن ۽ لفظن جي معياري صورت جو معاملو سامهون ايندو آهي- ٻي صورت ۾ ڳالهائجندڙ لفظن ۾ 'ترجيح' جو معاملو سامهون نہ ٿو اچي. صورتخطيءَ جو تعلق سماج ۽ ثقافت سان هجڻ واري ڳالهہ ڊاڪٽر سيبا، نتيجةً هن طرح واضح ڪئي آهي:**

> There is simply no linguistic reason why orthography should be standardized. According to this line of reasoning, the emphasis on standardization and prescription is a purely social and cultural phenomenon. However, there is at least an alternative possibility: historically, literacy (at least in the sense of 'ability to read and write') has become more pervasive, and the need for individuals to read and write has increased, at least in industrialized countries and contexts. (Sebba, 2009)

بهرحال، انگريزي اصطلاح *Orthography* مان اهم نڪتو اهو بہ ملي ٿو تہ 'صورتخطيءَ' مان مراد ڪنهن لفظ يا لکت/ تحرير جي اها معياري صورت آهي، جنهن تي ڪنهن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ گهڻي قدر متفق هجن؛ يعني صورتخطيءَ جو تعلق لفظ سان گڏوگڏ جملي جي بيهڪ سان پڻ آهي. علم لسان موجب اهو معاملو صوتيات سان گڏوگڏ سماج ۽ ثقافت جي قدرن سان پڻ سلهاڙيل آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاح 'صورتخطيءَ' جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا ڄاڻائي ٿو تہ: "ڪنهن بہ زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ٿيل صورتن (لکت وارن نشانن) کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جو اها لکت، سڄي ملڪ لاءِ هڪ جهڙي معياري ۽ درست هُجي، معياري ۽ هڪ جهڙي صورتخطيءَ جو مطلب هي آهي تہ لسانيات جي اصولن موجب ڌار ڌار خطن ۾ ڪن لفظن جي ڌار ڌار اچارڻ (pronunciation Variant) ڪري ان اچار موجب ان لفظ کي ڌار ڌار نموني لکڻ، يعني هڪ لفظ کي ڌار ڌار خطن ۾، اتي جي لهجي ۽ اچار موجب ڪتابن ۾ ڌار ڌار نمونن ۾ لکڻ، درست نہ آهي. مثال طور: لاڙڪاڻي جا ماڻهو 'مڇي' لفظ جو اچار ڪن 'مَڇِي'؛ هاڻ جيڪڏهن معياري لهجي وارا لکندا 'مڇي' ۽ لاڙڪاڻي وارا لکندا 'مَڇِي' تہ قصو ڪيئن نهندو؟ اهڙيءَ طرح لاڙي لهجي ۾ بہ انهيءَ قسم جو فرق نظر ايندو آهي. انهيءَ ڪري صورتخطي جو مقصد آهي ڪنهن بہ لفظ لاءِ هڪ صورت يا هڪ شڪل مقرر ڪرڻ. ان سبب جي ڪري ڪنهن بہ زبان جي صورتخطيءَ لاءِ لازمي آهي تہ لغات ۾ يا نصابي ڪتابن ۾، هر لفظ کي هڪ ئي مقرر صورت ۾ لکيو وڃي، يعني تہ ان لفظ لاءِ ڪا هڪ ئي صورت مقرر ڪئي وڃي. اهو اصول سڄي ملڪ يعني اُن زبان واري ايراضيءَ ۽ حدن ۾ رائج هوندو آهي." (2005: 203- 204)

ڊاڪٽر الانا، صورتخطيءَ جي دائري ۾ 'لفظ' ۽ 'جملي' جي درست صورت کي شامل ڪري ٿو؛ يعني صورتخطيءَ مان مراد ڪنهن ٻوليءَ جي لفظ (صرف) ۽ جملي (نحوَ) جي درست صورت آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اصطلاح 'صورتخطيءَ' جي دائري ۾ 'لفظ' ۽ 'جملن' جو احاطو ڪندي، ڄاڻائي ٿو تہ: "صورتخطي اها لکيت واري صورت آهي جنهن ۾ حرفَ هڪ ٻئي سان ملائجن

ٿا تہ لفظ نهن ۽ لفظ هڪ ٻئي سان لکيت ۾ ترتيب ڏجن تہ جيئن جملا بنجن. حرفن مان هرهڪ کي خاص نوع ۽ نزاڪت سان لکڻ ۽ انهن کي نهايت سهڻي سٺاء سان ملائي لفظ بنائڻ.“ (1992: 14)

*ڊاڪٽر الانا ۽ ڊاڪٽر بلوچ جو ’صورتخطيءَ وارو دائرو‘ مناسب آهي، ڇاڪاڻ تہ صورتخطيءَ جو لاڳاپو ’لفظ‘ جي درست صورت سان گڏوگڏ ’جملي/ جملن‘ جي درست صورت سان پڻ آهي. البتہ، ڊاڪٽر بلوچ وٽ لهجاتي فرق کي مٽائڻ لاءِ لفظن جي يا جملن جي معياري صورت مقرر ڪرڻ واري ڳالهہ ڪونہ ٿي ملي.*

عربي لفظن جي سنڌي صورتخطيءَ ۾ شامل ٿيڻ بابت محمد صديق ميمڻ لکي ٿو تہ: ”صورتخطي بہ اهڙي هئڻ گهرجي، جنهن جي وسيلي ٻوليءَ جا سڀ آواز جدا جدا نشانين سان معلوم ٿي سگهن ۽ ٻوليءَ جو هرهڪ لفظ لکيل صورت ۾ پنهنجي اصليت ڏيکاري سگهي ... عربن جي اچڻ ڪري عربي ٻوليءَ جا لفظ جي گهڻي انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي ويا، تن لفظن جي صحيح صورت ڏيکارڻ لاءِ ديوناگري، هندو- سنڌي صورتخطي بلڪل اڻپوري هئي، سو هن ڪري جو عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي آواز سنڌ جي قديم ٻوليءَ ۾ موجود ئي ڪين هئا، تنهنڪري اهڙن آوازن وارن لفظن جي صحيح صورت بہ سنسڪرت يا ديوناگري وغيره صورتخطيءَ ۾ قائم رهي نہ ٿي سگهي؛ مثلاً: حفاظت، حضرت، غريب، زيارت، فضيلت وغيره لفظ سنسڪرت، ديوناگري يا هندو- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٿين ٿا: هڦاجت، هجرت، گريب، جيارت، ڦجيلت وغيره.“
(صديق، 2007: 102- 111)

محمد صديق ميمڻ جي راءِ مان صورتخطيءَ جي اصطلاح بابت اها وضاحت ملي ٿي تہ ٻوليءَ جي اڪثر لفظن ۾ فرق جا بنياد ’معنوي فرق‘ هوندا آهن. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي مقرره رسم الخط ۾ لفظن جي الڳ الڳ صورت لکڻ مونجهارن جو سبب بڻجي سگهي ٿي. جيئن: ’حضرت‘ جو اچار ديوناگريءَ ۾ ’هجرت‘ ئي ٿيندو؛ ڇاڪاڻ تہ ’ز، ذ، ض يا ظ‘ جا آواز ديوناگريءَ جي بنيادي آئيوپٽا ۾ موروڳو آهن ئي ڪونہ! عربي- سنڌي رسم الخط ۾ اعرابن جو باقاعده رواج نہ هجڻ سبب ’حضرت‘ ۽ ’هجرت‘ جي صورتخطي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق پيدا ڪرڻ وارو خُلم ڪري سگهي ٿي. ان سببان ٻوليءَ ۾ صورتخطيءَ جي مقرري لازم آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ الڳ الڳ لهجن جي مٽ سٽ آوازن سان لکت بہ اڳتي هلي اهڙي بگڙي سگهي ٿي جو لفظن جي سڃاڻپ محال ٿي وڃي. ان سبب ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ پنهنجائپ جو روپ وٺندڙ لفظن جي بہ هڪ مقرر صورت قائم ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن ٻوليءَ ۾ ڪنهن لفظ جي سڃاڻپ يڪسان رهي.

رحيم بخش ميمڻ، تعليمي ماهر جي حيثيت ۾، پنهنجي ڪتاب ’تعليم مادري زبان‘ ۾ صورتخطيءَ بابت لکي ٿو ته: ”صورتخطيءَ بابت ماسترن ۾ عام گهڻي غلط فهمي پيدا ٿيل آهي. هو سمجهندا آهن ته صورتخطي لفظن جي هِجي سيکارڻ لاءِ هڪ استعمال آهي، مگر ائين نه آهي. صورتخطي لفظ جي معنيٰ آهي خط يا اکر جي صورت يا شڪل. ٻين لفظن ۾ چئجي ته لفظن جي صحيح صحيح صورت سيکارڻ جو استعمال.“ (1950: 119)

رحيم ميمڻ جي لفظ ’صورتخطيءَ‘ بابت وضاحت، ’سکيا جي عمل‘ تائين محدود آهي؛ ان سببان ان وضاحت کي ٻه غلط نه ٿو چئي سگهجي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صورتخطيءَ جي اصطلاح بابت هن ريت واضح ڪري ٿو ته: ”صورتخطي اها آهي، جنهن ۾ لفظن کي هڪ مقرر اِملا (Spelling) ۾ لکجي، جيئن: آءٌ / آئون، جڏهن/ جڏهين ۽ پنڌ/ پيڙ/ پيئڻ مان ڪا هڪ املا مستقل طور اختيار ڪجي. ان لاءِ انگريز سرڪار جي ابتدائي سالن ۾ درست ۽ مستقل نوعيت جي هڪ پٽي/ چارٽ جو اجراء ٿيو، پر اڃ تائين اهو مسئلو هلندو اچي.“ (2007: 39)

ڊاڪٽر جوڻيجي جي ڄاڻايل ’صورتخطيءَ بابت وضاحت: لفظن کي هڪ مقرر املا (Spelling) ۾ لکجي، جيئن: آءٌ / آئون، جڏهن/ جڏهين ۽ پنڌ/ پيڙ/ پيئڻ مان ڪا هڪ املا مستقل طور اختيار ڪجي‘ تائين ته ٺيڪ آهي ليڪن اڳتي ’ان لاءِ انگريز سرڪار جي ابتدائي سالن ۾ درست ۽ مستقل نوعيت جي هڪ پٽي/ چارٽ جو اجراء ٿيو، پر اڃ تائين اهو مسئلو هلندو اچي‘ ڪجهه موضوع کان هٽيل ڳالهه آهي. وضاحت جي ٻئي جوڙ ۾ اها ڳالهه واضح ڪانه ٿي ٿيي ته صاحب موصوف جا لفظ، ’پر اڃ تائين اهو مسئلو هلندو اچي‘ صورتخطيءَ سان لاڳو ٿيندا يا پٽيءَ/ آئيوڙنا سان؟

ڊاڪٽر فهميده حسين ٻه ڊاڪٽر جوڻيجي وانگر لفظ ’صورتخطيءَ‘ کي اردو اصطلاح ’املا‘ ۽ انگريزي اصطلاح ’Spelling‘ جو نعم البدل سمجهي ڄاڻايو آهي؛ هوءَ صاحبه لکي ٿي ته: ”...ان مرحلي کان پوءِ لفظ جوڙڻ لاءِ هڪ خاص ترتيب سان انهن اکرن کي رکيو ويندو آهي، جنهن کي ’صورتخطي‘ يا اردوءَ ۾ املا ۽ انگريزيءَ ۾ ’Spelling چوندا آهن ...“ (فهميده، 2011: 30- 47)

اردو ماهرن جي ڄاڻايل وصفن موجب، ’املا‘ ۽ ’Spelling‘ جا لفظ هڪٻئي جا نعم البدل ته چئي سگهجن ٿا؛ ليڪن مختصر اپياس بعد ’صورتخطيءَ‘ لاءِ لفظ ’Orthography‘ ئي بهتر ڄاتو ويو آهي. هِجي يا ’Spelling‘ صورتخطيءَ جو هڪ جزو چئي سگهجي ٿو.

## 1.3.2. صورتخطيءَ جو سماجياتي ڪردار

عالمن جي ڄاڻايل صورتخطيءَ جي دائري مان اهو نڪتو زوردار نموني نوٽ ڪيو ويو آهي تہ صورتخطيءَ جي تعيّن ۾ سماج جو وڏو ڪردار آهي. جهڙي نموني عوامي سطح تي سماجي لسانيات (Sociolinguistics) جو پنهنجو ڪارج آهي؛ ساڳيو ڪردار صورتخطيءَ جو جڙي ٿو. ٻوليءَ جي علم جو تعلق صوتيات سان ٿئي ٿو، جنهن جا هڪڙا مقرر اصول آهن جن جي دائري ۾ رهي ڪري ئي ڪا راءِ جوڙي سگهبي آهي؛ ليڪن صورتخطيءَ جو تعلق صوتيات کان علاوه سماج سان بہ رهي ٿو، جنهن بنياد تي ڪنهن لفظ جي صورت اتفاق راءِ سان بيهاري ويندي آهي. مثلاً:

- مشي۔ مڃي (صوتيات موجب: ش بدل آواز، ليڪن سماجي طور 'ڃ' ڪم آندو ويندو.)
- مٽي/ مٽري۔ مٽي (مٽي ۽ مٽريءَ ۾ معنوي فرق موجود آهي ليڪن سماجي طور ان جي صورتخطي صرف 'مٽي' سان ئي قبول ڪئي وئي آهي.)
- وڻنئڻ۔ ونئڻ (لهجاتي صوتيات موجب: 'وونئڻ' کي غلط نہ ٿو چئي سگهجي، ليڪن سماجي طور 'ونئڻ' کي ترجيحاً درست قرار ڏنو ويو آهي.)
- مصالحہ۔ مسالو (اصلاح جي معنىٰ ۾، درست لفظ 'مصالحہ' آهي، ليڪن سماجي طور تي 'مسالو' ئي ٺيڪ ڄاتو ويو آهي.)
- ننبر۔ نمبر (سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ب' کان اڳ ايندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز کي اصولاً 'نون گهٽي' سان لکيو ويندو آهي، ليڪن سماجي طور انگريزي لفظ: Number جي الٿي ڪيل 'نمبر' کي ٺيڪ ڄاتو ويندو آهي.)
- ڪٿر/ ڪسر (سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال سبب، ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي رد ڪري نہ ٿو سگهجي، جڏهن تہ صوتيات موجب 'ٿ' جو آواز سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ئي ڪونهي.)

مٿين مثالن مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ صورتخطيءَ جو تعلق Sociolinguistics وانگر صوتيات سان گڏوگڏ سماج ۽ ثقافت سان پڻ ٿئي ٿو؛ تڏهن تہ ترجيحي بنيادن تي رسم الخط ۽ لفظن جي صورت جو معاملو سامهون اچي ٿو. يعني صورتخطيءَ جي اڀياس ۾ علم لسانيات جي مڙني اصطلاحن کان علاوه سماجي رواج کي پڻ ساڳي اهميت ڏيڻي پوي ٿي؛ بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ صورتخطيءَ جي اڀياس ۾ سماجي رواج کي وڌيڪ اهميت ڏيڻي پوي ٿي.

## 1.3.3. صورتخطيءَ جي دائري مان اخذ ٿيندڙ معيار

لفظ 'صورتخطيءَ' بابت سنڌي ٻوليءَ جي مختلف عالمن جي ويچارن جي اڀياس بعد، نتيجةً صورتخطيءَ جي دائري ۾ هيٺيان اهم معيار ڄاڇيا ويا آهن، جن جي بنياد تي عالمن جي دائرن جو معيار ڄاچي سگهجي ٿو:

(الف) لفظن ۽ جملن جي ترجيحي صورت؛

(ب) صورتخطيءَ جو سماج ۽ ثقافت سان سلهاڙيل هجڻ سبب متفقہ راءِ جو هجڻ؛

(ج) رسم الخط سان سلهاڙيل هجڻ سبب لفظن جي وٿي، لفظي ترڪيب ۽ بيهڪ جون نشانيون وغيره شامل هجڻ؛

(د) اصطلاحن (Terms) جي دائري پٽاندر درست لفظن جو تعيّن.

- ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڇاڻايل دائرو نهايت تز ۽ مناسب آهي؛ البتہ ڊاڪٽر الانا رسم الخط سان سلهاڙيل هجڻ سبب ان جي جزن: لفظن جي وٿي يا بيهڪ جي نشانين وغيره جو ذڪر نہ ڪيو آهي، ان سبب سندس دائري ۾ ان معيار جي نہ هجڻ کي نوٽ ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر الانا انگريزي اصطلاح ڪم ڪونہ آندو آهي، ان سبب ان معيار کي ڪوٽ ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي. مجموعي طور تي اها راءِ جڙي ٿي تہ سندس ڇاڻايل دائرو مٿين ڇاڻايل معيارن مان هڪ معيار ۾ ڪٽل آهي، جنهن سبب سندس دائري کي ٽي حصا مناسب ۽ تز چئي سگهجي ٿو.
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڇاڻايل دائرو بہ بهتر آهي، البتہ متفقہ راءِ هجڻ واري معيار ۾ ڪٽل آهي. سندس وضاحت ۾ لفظن ۽ جملن جي درست صورت ۽ حرفن جو هڪبئي سان ملائڻ ۽ خاص نوع ۽ سهائينڊڙ سِناءَ سان لکڻ وارو معيار ڪنهن حد تي نيڪ آهي، جنهن کي لفظن جي وٿي يا بيهڪ جي نشانين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. انگريزي اصطلاح استعمال نہ ڪرڻ واري انداز کي نظرانداز ڪندي اها راءِ ڏئي سگهجي ٿي تہ سندس دائري جو معيار ٽي حصا نيڪ آهي، البتہ اتفاق راءِ وارو اهم معيار نہ هجڻ ۽ بيهڪ جي نشانين وغيره جو واضح نہ هجڻ سبب سندس دائري جو معيار ڊاڪٽر الانا جي ڇاڻايل دائري کان گهٽ آهي.
- محمد صديق ميمڻ جو ڇاڻايل دائرو بہ ڪنهن حد تي درست آهي، سندس وضاحت ۾ 'لفظن جي وچ ۾ مونجهارو پيدا ٿيڻ ۽ ان کي ضايع ڪرڻ واري ڳالهہ' اڏ حالت ۾ ترجيحي صورت واري معيار ۾ ڳڻي سگهبي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ جملن جو ذڪر ڪونهي؛ سندس وضاحت ۾ رسم الخط جي تعين سان سماجي طور تي لفظن ۾ اتفاق راءِ وارو اشارو بہ متفقہ راءِ واري معيار ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. سندس اصطلاح جي استعمال ۾ ڪو پولو ڪونهي جنهن موجب دائري جو معيار بہ حصا بيهي ٿو.
- رحيم بخش ميمڻ جو ڇاڻايل دائرو بہ رد ڪرڻ جوڳو ناهي؛ سندس دائري ۾ لفظن جي درست صورت واري ڳالهہ اڏ صورت ۾ موجود آهي، البتہ اصطلاح جي استعمال ۾ ڪو پولو ڪونهي جنهن موجب دائري جو معيار ٻن حصن کان گهٽ بيهي ٿو.

- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ڄاڻايل دائري ۾ لفظ جي درست صورت ۽ اتفاق راءِ جو اشارو ملي ٿو؛ البت، سندس وضاحت ۾ spelling جو استعمال تز ڪونهي، ان آهر سندس معيار به ٻن حصن کان گهٽ بيهي ٿو.
- ڊاڪٽر فهميده حسين جو دائرو به رد ٿيڻ جوڳو ناهي؛ ليڪن اخذ ڪيل معيارن موجب اهڙو وزن نہ ٿي رکي. لفظ کي درست صورت وارو اشارو تہ ٺيڪ آهي، باقي اصطلاح (Term) جو استعمال رد ٿيڻ جوڳو آهي. ان لحاظ کان سندس دائري جو معيار هڪ حصي کان بہ گهٽ بيهي ٿو.

مٿين ڪسوٽيءَ موجب ڊاڪٽر الانا ۽ ڊاڪٽر بلوچ جون ڄاڻايل وصفون وزنائتيون آهن؛ ليڪن ڊاڪٽر الانا جي راءِ وڌيڪ وزن رکي ٿي.

مٿئين اڀياس بعد صورتخطيءَ بابت جيڪي ضروري جزا (elements) سامهون آيا آهن، سي هن ريت بيهن ٿا:

### 1.3.4. صورتخطيءَ جا جزا

#### 1.3.4.1. لفظ/ جملي جي ترجيحي صورت

هي نڪتو عام آهي، جنهن ۾ اکر کان لفظ ۽ جملي جي اها صورت ڳڻي ويندي آهي، جيڪا اختلافي صورت کان سواءِ، متفقہ طور متعيّن ٿيل هجي. فرض ڪريو معياري صورتخطيءَ موجب 'مڇي' چئجي ۽ لکجي ٿو، جڏهن تہ اترادي لهجي جي هڪ اُپ- لهجي ۾ 'مشي' ۽ لاڙي لهجي موجب 'مڇي' اچارجي ٿو، ان صورت ۾ معياري يا وچولي موجب 'مڇي' ئي درست ڄاڻيو ويو آهي. ائين ئي معياري لهجي آڌار، جملي جي بيهڪ جون صورتون پڻ متعيّن ڪيون ويون/ ويندي‍ون آهن. پر جيئن تہ جملي جا اسلوب مختلف ٿين ٿا تن کي ڪنهن پڪڙ ۾ نہ ٿو آڻي سگهجي؛ البت، لفظن جي صورتخطيءَ جو احتياط زوردار نموني نوٽ ڪيو ويو آهي.

#### 1.3.4.2. لفظن جي وچ ۾ وٿيءَ (Space) جو احتياط

جملي ۾ لفظن جي وٿيءَ جو احتياط انتهائي لازمي هوندو آهي، اهڙي ڪوتاهي صورتخطيءَ ۾ مونجهارا پيدا ڪندي آهي. مختصر صرف لطيف سائينءَ جي هڪ بيت تي اڪتفا ڪجي ٿو:

جا هڻَ انـدر جيءَ، ساهـڙَ ڏني ساه ڪسي،
سا هڻَ چڙي نہ ساه جي، سا هڙَ ساهڙَ ريءَ،
ساهڙُ ميل سميعَ! تہ سا هڙَ چڙي ساه جي.

اهڙي بيت ۾ جيڪڏهن لفظ جي وٿيءَ جو احتياط نہ ڪيو ويندو تہ لفظ پنهنجي حيثيت وڃائي ويهندو، ان صورت ۾ نثر توڙي نظم ۾ لفظي وٿيءَ (Space) جي وڏي اهميت هوندي آهي. خط نستعليق جي نسبت، خط نسخ ۾ لفظي وٿيءَ جي واضح هجڻ کي گهڻو سراهيو ويو آهي.

### 1.3.4.3. لفظن کي ٽوڙڻ (word break) واري حالت

صورتخطيءَ ۾ لفظن جي ٽوڙڻ جا انگريزيءَ ۾ ڪي اصول آهن، جڏهن تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪي دائرا مقرر ٿيل ڪونهن؛ ان جي سببن ۾ 'ضرورت جو گهٽ هجڻ' بہ آهي. انگريزيءَ ۾ سٽر* (Line) جي پرجڻ جي صورت ۾ لفظ جو ڪجهہ حصو 'ڳنڍيندڙ ليڪ' ڏئي، ٻي سٽر (Line) ۾ لکيو/ ٽائيپ ڪيو ويندو آهي. ليڪن اڄ جي دؤر ۾ تہ 'مائيڪروسوفٽ ورڊ' تحت 'جسٽيفاءِ' ڪرڻ سان اها ضرورت بہ نہ ٿي رهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙي قسم جي ڳنڍيندڙ ليڪ 'پروَس اڳياڙيءَ' سان ئي لڳائي سگهجي ٿي؛ ٻي صورت ۾ ڪنهن لفظ جي صرفين کي ٽوڙي ٻن سٽرن ۾ نہ ٿو رکي سگهجي. هيٺين صورتن کي، گهرج آهر، ٽوڙي ٻن سٽرن ۾ لکي/ ٽائيپ ڪري سگهجي ٿو؛ جيئن:

*هڪ- اڌ، ، ٻہ- اکري، ٻہ- ادائي، يڪ- طرفي، يڪ- مشت، دو- چشمي، ورڻ- مالا، الف-*
*بي، شمسي- قمري، ڏندن- چپ گاڏئون، ٽيهہ- اکري، اُپ- ورڻ،*
*زيرون- زبرون، واؤ- ويچو وغيره.*

❖ نوٽ: سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ورڊ بريڪ' جي تصور نہ هجڻ جو سبب اهو بہ آهي تہ عربي رسم الخط جي 'خط نسخ' ۾، سٽر جي پورائي لاءِ، خاص طور اها بہ گنجائش هوندي آهي تہ لکڻ وقت ڪنهن اکر کي سوڙهو يا ويڪرو بہ ڪري سگهجي ٿو. اهڙي ويڪري ڪرڻ جي گنجائش ايمر. بي سنڌي جي فونٽن ۾ بہ آهي. سٽر جي پورائي لاءِ اکرن کي ويڪرو ڪرڻ جا بہ ڪي سُهائيندڙ هنڌ مخصوص آهن؛ جيئن، منفصِل اکرن جي اڳئين اکر کي طول گهٽ ڏنو ويندو آهي، آخري متصِل 'ي' جي اکر کي طول ڏئي سگهجي ٿو . . . وغيره. مختصر اکري طول جو مثال پيش ڪجي ٿو:

- ✓ عام تحرير: عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس
- ✓ اکري طول: عــربــي- ســـنڌي صــورتـخطـيءَ جي ترجـيحـي صـورتن جـــو اڀـــياس

### 1.3.4.4. مختلف ٻولين جي لفظن جو هڪبئي ۾ ضمّ ٿيڻ واري حالت

صورتخطيءَ جي خيال کان، عام طور تي ڏٺو ائين ويو آهي تہ ڪافي ٻوليون مختلف سببن ڪري هڪبئي کان لفظ ڳنهنديون آهن ۽ ان کي پنهنجائپ جو روپ ڏينديون آهن. انگريزي ٻوليءَ

---

* لفظ 'سٽر' بنيادي طور عربي لفظ 'سطر' جي سنڌي صورت آهي؛ موجوده حالتن ۾ 'سٽ' استعمال ڪيو ويندو آهي. وچولي لهجي موجب 'سٽر' کي ترجيح ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي.

۾ اها خاصيت ڪجهه سرس محسوس ڪئي وئي آهي؛ ڪافي لفظ ته عربي ٻوليءَ پڻ معرَّب جي روپ ۾ پنهنجا ڪيا آهن؛ سنڌي ٻوليءَ پڻ ڪافي عربي يا فارسي لفظ پنهنجي هنج ۾ پاليا آهن؛ اردو ٻوليءَ جو _ بنيادي ڍانچي ڪان سواءِ _ ته دارومدار ئي ڌاريائپ تي آهي وغيره.

مختلف ٻولين جي لفظن کي پنهنجائپ جي صورت ۾ اختيار ڪرڻ واري انداز جون ٻه حالتون سامهون اچن ٿيون:

1. ڌاري ٻوليءَ جا لفظ ساڳي صورتخطيءَ ۾ اختيار ڪرڻ
2. ڌاري ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي مزاج مطابق اختيار ڪرڻ

### 1.3.4.4.1 ڌاري ٻوليءَ جا لفظ ساڳي صورتخطيءَ ۾ اختيار ڪرڻ

ڪنهن ٻي ٻوليءَ جا لفظ ساڳي صورتخطيءَ ۾ اختيار ڪرڻ واري عادت انگريزي ٻوليءَ ۽ اردو ٻوليءَ جي صورتخطين ۾ وڌيڪ ڏٺي وئي آهي؛ جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾، مونجهاري جي بنياد تي، دائرا مقرر ڪيا ويا آهن- يعني، لفظ جي اصل صورتخطيءَ جو استعمال، ٻين صورتخطين جي ڀيٽ ۾ ڪي قدر گهٽ آهي. هيٺ انتهائي مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

انگريزي:

| انگريزي لفظ | اصل ٻولي | عام آواز/ اچار |
|---|---|---|
| Psychology | لاطيني | سائيڪالوجي |
| Schedule | لاطيني | شيڊيول/ اسڪيڊيول |
| Know | اولهه جرمني | نئو |
| Write | اولهه جرمني | رائيٽ |
| Rhythm | لاطيني | ردم |
| Chemistry | لاطيني | ڪيمسٽري |

اردو:

| اردو لفظ | اصل ٻولي | عام آواز/ اچار |
|---|---|---|
| صبح | عربي | سُبهه |
| خصائص | عربي | کسائِس |
| زباندانی | فارسي | ساڳيو |
| باليدگي | فارسي | ساڳيو |

سنڌي:

| عام آواز/ اچار | اصل ٻولي | سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| اَمَر بن آس | عربي | عمرو بن عاص |
| اَبْدُسَلام | عربي | عبد السُلام |
| کامکاھ | فارسي | خوامخواه |

### 1.3.4.4.2 ڌاري ٻوليءَ جا لفظ پنھنجي مزاج مطابق اختيار ڪرڻ

ڌاري ٻوليءَ جا لفظ پنھنجي ٻوليءَ جي مزاج مطابق پنھنجا بڻائڻ واري عادت، ڪنھن حد تي، مڙني ٻولين ۾ رهي ٿي، ليڪن سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي انداز جي سطح ٻين ٻولين کان ڪجھ وڌيڪ رهي آهي. چند ڌاري ٻوليءَ جا لفظ ڏجن ٿا، جيڪي سنڌي صورتخطيءَ موجب مثيل صورت ۾ ڪم اچن ٿا:

- سنڌي (مثيلِ صورت ـ معنيٰ ساڳي):

| اصل لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|
| قفل (عربي) | ڪرف/ ڪلف |
| خطوط (عربي) | خطَ (جمع جي صورت ۾) |
| صبح (عربي) | سياڻي |
| افراط و تفريط (عربي) | افراتفري |
| حذر (عربي) | هتر |
| مڪر (عربي) | مِڪر |
| قينچي (ترڪي) | ڪينچي |
| اسپغول (فارسي) | اسپنگر |
| گيس لائيٽ {Gas light} (انگريزي) | گاسليٽ |
| ڊِونڊل {Dwindle} (انگريزي) | ڊانوانڊول |

ڌاري ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جا لفظ پنھنجي مزاج مطابق اختيار ڪرڻ ۾ سنڌي سماجي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت اها بہ رهي آهي تہ اها اصل واري معنيٰ سان گڏوگڏ ان لفظ جي مثيل صورت جي ڪا نرالي معنيٰ يا مراد پڻ رکي ٿي، جيئن:

- سنڌي (مٽيل صورت ـ معنيٰ ۾ فرق):

| اصل لفظ | سنڌي لفظ |
| --- | --- |
| بحث- عربي (دليلن سان ڳالهائڻ) | بحث (ضد تي مبني بحث) |
| ضعيف- عربي (هيٺي عورت/ مؤنث) | زائفان (عورت) |
| پاور- انگريزي (سگهه، طاقت) | بانوَر (مَڱي، آڪڙ) |

1.3.4.5. **ڪنهن اصطلاح لاءِ تز لفظ جو تعيّن**

هي نڪتو اهڙو آهي جنهن ڪي صورتخطيءَ جي دائري ۾ شامل ڪرڻ بابت ڪا وضاحت ڪونہ ٿي ملي، ليڪن اصطلاح صورتخطيءَ ۾ ايتري گنجائش ضرور آهي جو چاٽايل نڪتي ڪي ان ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. فرض ڪريو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزي اصطلاحن: Dialect، Accent ۽ Idiolect لاءِ متفقہ طور تي ڪي 'ترجيحي لفظ' متعيّن ڪيل ڪونهن. هڪڙو عالمن جو گروه Dialect لاءِ 'محاورو' ۽ Accent لاءِ 'لهجو' تصور ڪيون وينو آهي، ٻيو عالمن جو ٽولو Dialect لاءِ 'لهجو' ۽ Accent لاءِ 'محاورو' متعيّن ڪيون وينو آهي. ان حالت ۾ 'ترجيحي لفظ' جي مقرره صورتخطيءَ جي ضرورت پوندي آهي. اهڙي مسئلي جي حل لاءِ 'ترجيحي لفظ' جي مقرريءَ کي صورتخطيءَ جي اصطلاح ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

1.3.4.6. **لفظي ترڪيب**

هن نڪتي جو احاطو بہ ڪشادو آهي، ليڪن مختصراً ٻن لفظن جي مرڪب صورتخطي ۽ مخفّف جي ترجيحي صورت کي شامل ڪري سگهجي ٿو. جيئن:

- ✓ **ڳنڍيندڙ ليڪ سان:** عربي- سنڌي، هند- آريائي، ايشيا- يورپ؛
- ✓ **الڳ لکڻ سان:** اتر واءُ، چوٽيءَ ڦل، راه خرچ، ڏندو ڏاڙي؛
- ✓ **ملائي لکڻ سان:** ٻيهري، اٺوند، ڪلمُک، ڪنمنڙو، اڳڪتي، چڱيلائي، مهمانوازي؛

1.3.4.7. **مخفّف**

ڪنهن صورتخطيءَ جي جزي ۾ مخفّف جو پڻ اهم ڪردار هوندو آهي، جنهن سان لفظ کي انتهائي مختصر روپ ۾ ڪم آڻي، پورو مفهوم ورتو/ چاٺايو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مخففات جي باضابطہ لغت تہ جڙيل ڪانهي، ليڪن ان جو استعمال عام آهي؛ راقم طرفان اهڙي استعمال جا 12 انداز نوٽ ڪيا ويا آهن:

- ✓ **اڳياڙي مخفّف:** جيئن: ق. م، جي. ايم. سيد، پ. ٿ. الف وغيره؛

- ✓ **ملفوظي مخفف:** صلعم، سگا، جسقم وغيره؛
- ✓ **محذوف مخفف:** ڪنير، لوهر، رول وغيره؛
- ✓ **لهجاتي مخفف:** رڌڻو، وڙيو، گولڻ وغيره؛
- ✓ **ادغامي مخفف:** ٻٽر، اتّحاد، اتّفاق وغيره؛
- ✓ **علامتي مخفف:** ؑ(عليه السّلام)، ع (عيسوي)، ه (هجري)، ء (ڏهائي)، ۽، ۾ وغيره؛
- ✓ **توصيفي/ تمجيدي مخفف:** باسمہ، رضہ، رح وغيره؛
- ✓ **متصّل مخفف:** الخ (الیٰ آخره)، نستعليق (نسخ و تعليق)، قتلام (قتل عام) وغيره؛
- ✓ **ترتيبي مخفف:** هُڪسَٽِپ (فعل جي ترتيب: هٽڻ، ڪرڻ، سهڻ، ٽيڻ، پوڻ جو مخفّف) وغيره؛
- ✓ **قاعدي وارو مخفف:** يرملون، يتسمنوا وغيره؛
- ✓ **ابجدي مخفف:** 786، 110 وغيره؛
- ✓ **لغاتي/ فرهنگي مخفف:** سن (سنسڪرت جو مخفّف)، هر (هندي ٻوليءَ جو مخفّف) وغيره؛

(جوکيو، 2010 الف: 76- 112)

### 1.3.4.8. ضروري اعرابون

عام طور تي عربي صورتخطيءَ مان ورتل صورتخطين ۾ اعراب جو استعمال نہ جي برابر ڪيو ويندو آهي. عربي صورتخطيءَ جي تقليد ۾ ڊگهن سُرن يا ڊُهرن سُرن ۾ تہ 'حرف علت' استعمال ڪيا وجن ٿا، ليڪن ڇوٽن سُرن ۾ 'زير، زبر ۽ پيش' جو استعمال جهڙوڪر نہ ٿو ڪيو وڃي. انگريزي يا ديوناگريءَ ۾ ڊگهن، دهرن توڙي ڇوٽن سُرن لاءِ اکر يا نشانيون باضابطہ طور تي ڪم آنديون وڃن ٿيون. عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ چند جڳهين تي مونجهارو رهي ٿو. خاص طور حرف علت جي استعمال سبب، ان صورت ۾ امڪاني مونجهاري کي ڏسي ڪري اهم جڳهين تي اعراب جو استعمال انتهائي ضروري آهي؛ جيئن: جيوَت/ جيوت، ڏوَڻُ/ ڏُوڻ، اَوَس/ اوس، هُوس/ هَوَس، حُور/ حَوَر، چو/ چوَ، تو/ تَوَ وغيره.

### 1.3.4.9. بيهڪ جون نشانيون

ڪنهن بہ صورتخطيءَ ۾ بيهڪ جي نشانين جي وڏي اهميت هوندي آهي، جيئن ڪنهن روڊ رستي تي هلڻ يا گاڏي هلائڻ جا آداب ٿيندا آهن؛ ٻي صورت ۾ هڪ جي ٻي تي ٽڪر ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ بيهڪ جون نشانيون صورتخطيءَ جو اهم حصو سمجهيون وڃن ٿيون؛ جيئن:

1) تون وڃين ٿو.
2) تون وڃين ٿو؟

3) تون وجين ٿو! (جتوئي، 1996: 80)

هنن نشانين ۾ ابتدائي ۽ ثانوي حيثيت رکندڙ نشانين کان علاوه نمايان ڪندڙ ليڪ (Highlight) ۽ ترڇي ليڪ (Oblique) وغيره شامل سمجهيون وينديون آهن.

### 1.3.5. صورتخطيءَ جو قريبي اصطلاحن سان تقابل

#### 1.3.5.1. صورتخطيءَ ۽ رسم الخط ۾ فرق

اردوءَ ۾ صورتخطيءَ لاءِ 'املا' جو لفظ ڪم آندو ويندو آهي، ان حوالي سان ڊاڪٽر ابُوسلمان شاهجهانپوري پنهنجي استاد ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي ڇاپايل 'اِملا' بابت دائري جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: ''املادراصل لفظوں میں صحیح صحیح حرفوں کے استعمال کا نام ہے اور جو طریقہ ان حرفوں کے لکھنے کے لیے اختیار کیا جاتا ہے، وہ رسم الخط کہلاتا ہے۔ تقریباً یہی مفہوم انشاللہ خان اور غالب کے یہاں پایا جاتا ہے۔ رشید حسن خان نے املااور رسم الخط کے دائرۂ بحث کے سلسلے میں تمام محققین کے افکار کا لبِ لباب پیش کردیا ہے اور، وہ لکھتے ہیں: "املادراصل لفظوں میں صحیح صحیح حرفوں کے سرتال کے استعمال کا نام ہے اور جو طریقہ ان حرفوں کے لکھنے کے لیے اختیار کیا جاتا ہے، وہ رسم الخط کہلاتا ہے۔" اس بات کو یوں بھی کہہ سکتے ہیں کہ 'کسی زبان کو لکھنے کی رائج معیاری صورت' کا نام رسم الخط ہے اور رسم خط کے مطابق صحت کے ساتھ لکھنے کا نام املا ہے۔ کسی لفظ کو کن حروف سے مرکب ہونا چاہئے، یالفظ میں ان کی ترتیب کیا ہونا چاہیے، یہ مسئلہ رسم خط کا نہیں۔ یا مثلاً یہ بات کہ کون سے حروف تہجی ختم کردیے جائیں یا کسی خاص آواز کے لیے کسی نئی آواز کے لیے کسی نئی علامت کا اضافہ کیا جائے۔'' ( 1986: 129- 130)

#### 1.3.5.2. صورتخطيءَ ۽ اِملا ۾ اصولي فرق جو اڀياس

ڊاڪٽر ابوسلمان صورتخطيءَ جي اصولن جِي اهميت تي زور ڏيندي وڌيڪ لکي ٿو ته: ''در حقیقت اس وقت مسئلہ ہمارے سامنے املا میں اصلاح اور ایسے قاعدوں کی تالیف کا ہے، جن کو سامنے رکھ کر ایک عام پڑھا لکھا شخص بھی اپنے املا کی غلطیوں پر متنبہ ہو کر، ان کی اصلاح کرلے اور آئندہ وہ زبان کے عام الفاظ کے املا کی غلطی میں مبتلا نہ ہو۔ البتہ اصلاح کے بعد ایک مسئلہ املا کے معیار کا آتا ہے۔ اس سلسلے میں رشید حسن خان لکھتے ہیں: بہت سے الفاظ ایسے ہیں جن کی ایک سے زیادہ صورتیں لغات میں ملتی ہیں اور یہ صراحت نہیں ملتی کہ ان میں سے اب مرجح صورت کون سی ہے۔ اس کی اصل وجہ یہ ہے کہ ایسے الفاظ کا اس لحاظ سے جائزہ نہیں لیا جاسکے گا۔ اسی ذیل میں دبستانی اختلاف بھی آتے ہیں، جیسے اہل دہلی 'مصالح' لکھا کرتے ہیں اور لکھنؤ کے لغت نگاروں نے اس لفظ کا املا 'مسالا' مانا ہے۔ ان سب صورتوں میں سے کسی صورت کو غلط تو کہا نہیں جا سکتا، یہ غلط اور صحیح املا کا نہیں، مگر دبستانی اختلاف (رہا) سے قطع نظر کرکے یہ فیصلہ کرنا ہی ہوگا کہ کسی لفظ کی دو یا دو سے زیادہ صورتوں میں سے اب کس صورت کو مرجح قرار دیا جائے۔ (یہ پھر کہہ دیا جائے کہ یہ مسئلہ غلطی اور صحت کا نہیں) ایسے الفاظ کے سلسلے میں ترجیح کا تعین

ضروری ہے، کیوں کہ اس ترجیح کے بغیر نصابی کتابوں میں املائی یک سانیت پیدا نہیں ہو سکتی۔ اس ترجیحی عمل کو بھی صحت املا کی ایک دوسری صورت قرار دیا جانا چاہیے۔" (1986: 131)

ڊاڪٽر ابوسلمان مطابق 'صورتخطيءَ' مان مراد ڪنهن لفظ کي درست حرفن سان لکڻ آهي؛ جڏهن ته 'رسم الخط' مان مراد ڪنهن لفظ کي لکڻ وارو طريقو آهي. عام طور تي اردو ماهرن وٽ 'صورتخطيءَ' لفظ جي نعم البدل 'اِملا' مان مراد ڪنهن لفظ (عربي هجي يا فارسي) کي سنڌس اصل حالت ۾ لکڻ آهي، ليڪن ڊاڪٽر ابوسلمان جي ڄاڻايل اصطلاحي دائري ۾ مثالن (مصالح يا مسالا مان ڪنهن کي به غلط چئي نه سگهبو، بلڪ ڪنهن هڪ کي مرجح قرار ڏجي) مان اهو واضح ٿيو ته لفظ 'املا' ۽ 'صورتخطيءَ' جو دائرو تقريباً ساڳيو آهي.

ڊاڪٽر ابوسلمان جي ان جملي: "ترجيحي عمل کي به املا جي صحت جي هڪ ٻي صورت قرار ڏيڻ گهرجي" مان مراد اها به آهي ته اردو ٻوليءَ ۾ 'ترجيحي صورت' وارو عمل باضابطه طور تي 'اِملا' جي دائري ۾ موجود نه رکيو ويو آهي. ان ڪان علاوه 'جملي' جي ترجيحي بيهڪ بابت به اردو عالمن جو ڪو خاص رايو سامهون نه ٿو اچي. ان خاطر لفظ 'املا' جو اڀياس لغتن مان جاچجي ٿو:

- ❖ فرہنگ آصفیہ: املا۔ع۔ لغوی معنے یاد سے کچھ لکھنا۔ اصطلاحی رسم الخط کے موافق صحت سے لکھنا یا بتائی ہوئی عبارت کو درست لکھنا۔(دہلوی،2002: 226)
- ❖ نور اللغات: املا۔ع۔ رسم الخط کے موافق لکھنا۔ وہ عبارت جو رسم الخط درست ہونے کے لیے مبتدی کو لکھاتے ہیں۔ (نور، 2006: 384)
- ❖ فیروز اللغات: املا(ع) رسم الخط کے موافق لکھنا۔ تحریر کرنا۔ بتائے ہوئے مضمون کو لکھنا۔ (فیروز،؟:125)
- ❖ لغات کشوری: املا۔ع۔ پُر کرنا۔ یاد پر کوئی چیز لکھنا۔ اور اصطلاح میں رسم الخط۔ (تصدق،1986: 42)
- ❖ املا: imla [inf. n. iv of ملأ, to fill] Filling up, completing, inditing, writing correctly: orthography, dictation. (Platts, 2003: 82)

مٿين معنائن ۾ 'ڄاڻايل عبارت کي درست لکڻ' يا 'ڊڪٽيشن' واري معنيٰ مان پتو پوي ٿو ته اردو ۾ 'املا' جو واسطو نه رڳو لفظ سان آهي پر جملي جي بيهڪ سان به آهي، جنهن ۾ ٻيا نڪتا به اچي ٿا وڃن. پنهنجي جڳهه تي اها به حقيقت آهي ته مٿيون ڄاڻايل معنائون سطحي آهن؛ ڇاڪاڻ ته، ڪنهن لفظ جي 'ترجيحي صورت جو هجڻ' پهريون شرط آهي، جيڪو اردو ماهرن وٽ غور هيٺ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن مان ڊاڪٽر جوٽيجي ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جي خيال ۾ 'املا ۽ صورتخطيءَ' مان مراد 'Spelling' آهي. اهڙو خيال تقابلي اڀياس بعد سطحي ٿي وڃي ٿو.

Orthography بابت سنڌي عالمن ۽ اردو عالمن جي ڏسيل دائرن جي اڀياس مان، هيٺيان اصولي فرق اخذ ٿين ٿا:

- سنڌي ٻوليءَ جي عالمن پاران اصطلاح 'صورتخطيءَ' بابت جيڪا گڏيل راءِ بيهي ٿي، سا هن ريت آهي:
  - مختلف تحريري صورتن مان لفظن ۽ جملن جي اتفاقي درست/ ترجيحي صورت هجڻ.
- اردو ٻوليءَ جي عالمن پاران اصطلاح 'اِملا' بابت راءِ ۾ التباس آهي، سو هن ريت آهي:
  - پهرين حالت: مختلف ٻولين مان ورتل لفظن جي، اعرابن سميت، اصل صورت هجڻ؛
  - ٻين حالت: مختلف تحريري صورتن مان لفظن جي اتفاقي ترجيحي/ مُرجح صورت هجڻ. (جنهن کي 'املا' جي دائري ۾ شامل ڪرڻ جي راءِ رکي وئي آهي)

جڙندڙ راءِ: مٿين ٻنهي اصطلاحن جي فرق ۾، سنڌي اصطلاح 'صورتخطيءَ' جي دائري ۾ لفظ سان گڏوگڏ جملي جو سٽاءُ به شامل ٿئي ٿو ۽ ڪنهن لفظ جي صورتن جا اصول پڻ متعين ٿيل آهن؛ جڏهن ته اردو اصطلاح 'اِملا' جي دائري ۾ لفظن جو سٽاءُ شامل ڪيو ويو آهي؛ مبادا، اردو عالمن جي خيال مطابق 'اِملا' مان مراد لفظن سان گڏ جملي جو سٽاءُ به هجي؛ پر في الحال ڪنهن به عالم جي اهڙي راءِ سامهون نه آئي آهي. اردوءَ جي حوالي سان، ڏاري ٻوليءَ جي ڪنهن لفظ جي صورت کي اصل حالت ۾ لکڻ ۽ ترجيحي صورت واري حالت رکڻ واري عمل کي گڏ ڪٽي هلڻ واري التباسي راءِ ۾ مونجهارا ٿين ٿا، ان حالت ۾ اردو جي ماهرن اڳيان لفظ جي سٽاءَ بابت ڪي مضبوط دائرا جوڙڻ جي راءِ رکجي ٿي.

### 1.3.5.3. صورتخطيءَ ۽ تلفظ ۾ فرق

مذڪوره لفظ پاڻ ۾ سلهاڙيل ضرور آهن، ليڪن انهن ۾ به ڪافي فرق آهي، ان حوالي سان ڊاڪٽر ابوسلمان شاهجهانپوري درست چاٿائي ٿو ته: ''انگریزی زبان میں املا کے لیے Orthography، تلفظ کے لیے Pronunciation اور ہجا کے لیے Spelling کے الفاظ استعمال ہوتے ہیں۔ مذکورۃ الصدر تعریفات اور ان کے متبادلات سے یہ بات خود بخود واضح ہو جاتی ہے کہ ان تینوں اصطلاحوں کے دائرے ایک دوسرے سے الگ الگ ہیں۔ جب ہم املا کا لفظ بولتے ہیں تو تلفظ اور ہجے اس کے دائرۂ بحث سے خارج ہو جاتے ہیں۔

ہو سکتا ہے ایک شخص املا غلط لکھتے ہوئے بھی تلفظ درست کرلے اور عین ممکن ہے کہ دوسرا شخص تلفظ درست نہ کر سکے، لیکن اس کا قلم اس کے صحیح املا سے آشنا ہو، لیکن اس کے باوجود کہ املا و تلفظ، دونوں لفظوں کی دنیائیں الگ الگ ہیں۔'' (1986: 134)

متئين حوالي مان معلوم ٿيو تہ صورتخطيءَ (Orthography) جو واسطو ڪنهن لفظ جي درست لکڻ سان آهي ۽ 'تلفظ' (Pronunciation) ڪنهن لفظ جي درست اچار ڪڍڻ جو نالو آهي؛ جڏهن تہ 'هِجي ڪرڻ' (Spelling) مان مراد ڪنهن لفظ کي درست لکڻ يا پڙهڻ لاءِ، ان جي آوازن کي، وينجنن توڙي سُرن سان، ذهن نشين ڪرڻ يا ڪرائڻ آهي. دراصل، صورتخطيءَ جو لفظ جامع آهي ۽ 'تلفظ' يا 'هِجي' ان جا حصا چئي سگهجن ٿا.

### 1.3.5.4. صورتخطيءَ ۽ لکت/ لکاوٽ/ تحرير ۾ فرق

'صورتخطي' جو لفظ عام طور تي لکڻ جي فن/ عبارت جي لکڻ سان ڄاتو ويندو آهي، ليڪن لکڻ/ لکاوٽ ۽ صورتخطيءَ ۾ ڪافي فرق آهي. صورتخطيءَ جو واسطو ڪنهن لفظ يا عبارت جي معياري صورت کي چيو ويندو آهي، جڏهن تہ لکت/ لکاوٽ، ڪنهن ڳالهہ/ خيال کي لکت ۾ منتقل ڪرڻ جي صورت جو نالو آهي؛ ضروري ناهي تہ ان جي عبارت معياري/ مقرره صورتخطيءَ موجب هجي! ائين ڪٿي چئجي تہ ٻوليءَ آڏار ڪابہ لکيل صورت جڏهن ڪچي يا پڪي صورت ۾ آهي تہ ان کي لکت چئبو؛ ليڪن جڏهن ان جي صرفي ۽ نحوي بناوت تي چند مستند عالمن جي درستگيءَ ۽ مقرريءَ بعد لفظ يا جملي جي جيڪا صورت بيهي، تنهن کي صورتخطي چئبو. صورتخطي، لکت يا تحرير جي ترقي يافتہ صورت جو نالو آهي.

جڏهن انگريزي يا سنڌي عالمن جي صورتخطيءَ جي معنيٰ ۽ مفهوم تي غور ڪجي ٿو تہ ان نسبت لکت/ لکاوٽ هڪ الڳ اصطلاح طور آڏو اچي ٿو.

جڏهن بہ صورتخطيءَ بابت بحث ٿيو آهي تہ لفظ يا عبارت جون بہ صورتون ڏيکاريل هونديون آهن، انهن مان جنهن لفظ يا عبارت کي معياري صورت ۾ قبول ڪيو ويندو آهي، ان معياري صورت لاءِ صورتخطيءَ جو لفظ/ اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي، تہ ان صورت ۾ رد ڪيل صورت لاءِ، لکت يا لکاوٽ جو لفظ/ اصطلاح ڪم آڻي سگهجي ٿو.

اسان جي عام درسي ڪتابن ۾ گهڻي قدر لفظن توڙي جملن جي صورت معياري پائي ويندي آهي؛ جنهن سبب، بنيادي اسڪولن ۾، ان جي ڪنهن ٽڪري کي لکڻ يا لکرائڻ لاءِ بہ لفظ 'صورتخطي' ڪم آندو ويندو آهي.

### 1.3.6. حاصل مطلب

- ✓ صورتخطي جو اصطلاح ٻن عربي لفظن 'صورت + خط' جو مرڪب آهي؛ جنهن جي مراد مقرر معياري صورت آهي.

- ✓ صورتخطيءَ جي اڀياس ۾ علم لسانيات جي مڙني اصطلاحن سان گڏوگڏ سماجي رواج کي پڻ اهميت ڏيڻي پوي ٿي.
- ✓ صورتخطيءَ جي جزن ۾ لفظ/ جملي جي ترجيحي صورت، لفظن جي وچ ۾ وٿيءَ (Space) جو احتياط، لفظن کي ٽوڙڻ (word break) واري حالت، مختلف ٻولين جي لفظن جو هڪٻئي ۾ ضمّ ٿيڻ واري حالت سبب بيهندڙ صورت، ڪنهن اصطلاح لاءِ تز لفظ جو تعيّن، لفظي ترڪيب، مخفّف، ضروري اعرابون ۽ بيهڪ جون نشانيون اچي وڃن ٿيون.
- ✓ جملي جو جيئن تہ مختلف لهجن سبب مختلف اسلوب رهي ٿو ان ڪري ٻوليءَ جي بنيادي اصولن سواءِ، ڪا بہ روڪ ٽوڪ نہ ٿي ڪري سگهجي ۽ نہ وري اهڙي معاملي تي ڪنهن ڪاميٽي جو قيام ٿيو آهي.
- ✓ Orthography، صورتخطي ۽ اِملا جي اصطلاحن ۾ ظاهري ڪوبہ فرق ناهي، ليڪن اردو جا ماهر 'اِملا' جي مڪمل دائري ۾ واضح ناهن.
- ✓ صورتخطيءَ (Orthography)، 'تلفظ' (Pronunciation) ۽ 'هِجي ڪرڻ' (Spelling) ۾ اصولي فرق آهي؛ صورتخطيءَ جو لفظ جامع آهي.
- ✓ صورتخطيءَ جو اطلاق 'معياري صورت' سان ٿئي ٿو جڏهن تہ غير معياري/ معياري صورت ٻنهي کي لکت/ تحرير چئي سگهجي ٿو.

❋❋❋❋❋❋❋❋❋❋❋❋❋

## باب ٻيون

## 1853ع کان 2008ع تائين صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو جائزو ۽ ترجيحي صورتن مان اخذ ڪيل وضاحت طلب اصولي نڪتا

### 2.1 عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا

موجوده عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ابتدا تي لکندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڄاڻايو ته: "موجوده سنڌي- عربي صورتخطيءَ جي ابتدا ۽ اوسر جي تاريخ، ابوالحسن جي دؤر کان نوَ سؤ ورهيه اڳ ڏاري شروع ٿي، ڄاڪاڻ جو سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'عربي- سنڌي الف- بي'، عرب- اسلامي دؤر کان ونئي استعمال ٿي." (1999: 437) ڊاڪٽر غلام علي الانا ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌي زبان لاءِ عربي- سنڌي صورتخطي (نسخ توڙي نستعليق رسم الخط ۾) مغل نوابن جي حڪومت جي زماني تائين، پنهنجي شڪل وٺي چڪي هئي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ان کي مخدوم ابوالحسن مقرر ۽ مڪمل صورت ۾ شڪل ڏني، ۽ پنهن جو پهريون درسي ڪتاب 'مقدمہ الصلوٰة' جي نالي سان انهيءَ صورتخطيءَ ۾ لکيائين، جيڪو سنڌ جي مدرسن ۾ نصاب طور منظور ٿيو، ۽ پوءِ اهو ڪتاب هر هنڌ پڑهائجڻ لڳو. هن کان اڳ، سنڌي زبان لاءِ نسخ، نستعليق ۽ ارڏناگري نمونن جا ڌار ڌار رسم الخط پئي ڪم آندا ويا. بيان العارفين، شاه لطف الله قادريءَ جو رسالو، سنڌي منظومہ توڙي اهڙا ٻيا ڪتاب عربي- سنڌيءَ واري رسم الخط ۾ لکيل هئا: پر 'مقدمہ الصلوٰة' ڪتاب ۾ ڪم آندل صورتخطيءَ گهڻائي مسئلا حل ڪري ڇڏيا. اڳتي هلي اڪثر عالمن، اها صورتخطي (ابوالحسن واري سنڌي) ئي اختيار ڪئي. هت اهو لکڻ ضروري آهي ته هن صورتخطيءَ جو باني، دراصل مخدوم ابوالحسن نہ هو، پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهو رسم الخط، مخدوم ابوالحسن کان ست سؤ سال اڳ، محقق البيرونيءَ (1017 _ 1031ع)، بلڪہ محقق البيرونيءَ کان بہ ڏيڍ سؤ سال اڳ عرب سياح جاحظ (864ع) لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن ئي موجوده رسم الخط کي اها شڪل ڏني هئي. البت مخدوم ابوالحسن ان ۾ معمولي تبديلي آڻي، ان کي پنهنجي ڪتاب 'مقدمہ الصلوٰة' ۾ ڪم آندو." (الانا، 2006: 231)

سنڌي ٻوليءَ ڪاڻ ڪنهن هڪ صورتخطيءَ جي مقرريءَ لاءِ ٻن انگريز عالمن جو دخل نمايان رهيو آهي، هڪ: ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ٻيو: رچرڊ فرانسز برٽن. عربي- سنڌي آئيوينا ۽

صورتخطيءَ جي مقرريءَ لاءِ رچرڊ برٽن جو زور ڪامياب رهيو. موجوده عربي- سنڌي آئيوپنا ۽ صورتخطيءَ جي مقرريءَ کي آفتاب ابڙي هڪ ٽوپيل صورتخطي ڪوٺيندي رچرڊ برٽن جي ڪيل سفارش کي سنڌي ٻوليءَ سان جٺ قرار ڏنو آهي، جنهن جا ڪي سبب بہ ڄاڻايا اٿس. انهن سببن ۾ صورتخطيءَ جي ڪمين ڪوتاهين جي نشاندهي بہ ڪئي آهي ۽ گڏوگڏ ڪوتاهين بابت رچرڊ برٽن جي اعتراف کي بہ سامهون آندو آهي تہ: "جيئن تعليم ترقي ڪندي ويندي، تيئن انهن کي سڌارڻ جا اپاءَ ورتا ويندا. هندستاني ماڻهن تازو نستعليق (اردو خط) خط لکڻ جي طريقي ۾ ڪيترين ڦيرين ڦارين ۽ سڌارا ڪيا آهن." (برٽن، 2010: 115) رچرڊ برٽن جي ان خيال تي آفتاب ابڙو لکي ٿو تہ: "برٽن جو اهو خيال هو تہ في الحال ٻوليءَ جي صورتخطيءَ واري اينگهائيندڙ مسئلي کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح منهن ڏجي اڳتي هلي مڪاني ماڻهو جڏهن ٻوليءَ بابت مختلف عملن ۾ پاڙيرا ٿيندا تہ يقيناً ان ۾ گهربل سڌارا آڻيندا، جيئن ان وقت اردو ٻوليءَ لاءِ اهو عمل شروع ٿي چڪو هو. افسوس جو اسان ان سلسلي ۾ هڪ وک بہ نہ چري سگهيا آهيون ۽ هڪڙي ماڻهوءَ جي تڙ تڪڙ واري فيصلي کي پوڄي رهيا آهيون. صورتخطيءَ ۾ جيڪي واضح ۽ کل جهڙيون نشانيون رکيون ويون آهن انهن کي آمنا صدقنا چئي پوڄي رهيا آهيون." (ابڙو، 2000: 85- 107)

موجوده عربي- سنڌي آئيوپنا جي مقرريءَ بعد صورتخطيءَ جي مونجهارن بابت ڊاڪٽر الانا ڄاڻائي ٿو تہ :"1849ع ۾ ايلس واري ڪميٽيءَ مخدوم ابوالحسن جي ناهيل صورتخطيءَ تي سوچ ويچار ڪري، ان تي نئين سر نظر وجهي، ان کي معياري صورتخطيءَ جي حيثيت ڏني. ڪجھ وقت کان پوءِ محسوس ڪيو ويو تہ مسٽر ايلس واريءَ ڪميٽيءَ کان بہ ڪي نقطا رهجي ويا هئا، جن تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ 1913ع ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ڪئي وئي. ان وقت جي تعليمي ماهرن، سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي، ۽ سوچ ويچار ڪري فيصلا ڪيا. اهي فيصلا اخبار تعليم ۾ شايع ڪرايائون، پر ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ، جدا جدا سوچن مطابق صورتخطيءَ ۾ نوان مسئلا نظر آيا. زنده ٻولين ۾ اهڙن مسئلن پيدا ٿيڻ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ انهن ٻولين جي ڏارا بيٺل ناهي يا سڪي ڪانہ وئي آهي؛ پر دائماً روان آهي ۽ جاري آهي، ۽ منجهس تحرڪ آهي. زنده ٻوليون، ٻين ٻولين کان اثر وٺنديون، انهن تي ڪجھ پنهن جا اثر ڇڏينديون، ترقي پذير هونديون آهن. انهن ۾ نون علمن جي لفظن جي ذخيري جو اضافو ٿيندو رهندو آهي، جنهن ڪري انهن نون لفظن جي لکت جا مسئلا هميشه ماهرن جو ڌيان ڇڪائيندا رهندا آهن." (2006: 206- 207)

### 2.1.1 1853 ع کان سنڌي صورتخطيءَ تي هڪ نظر

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي مسئلن بابت لکي ٿو تہ : "سن 1853ع ۾ انگريز سرڪار جي تعليم کاتي طرفان اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس جي صدارت هيٺ جيڪا عالمن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي، تنهن عربي- سنڌي الف- بي جي ٻاونجاه حرفن واري آئيوٽا کي مقرر روپ تہ ڏنو، پر انهيءَ ڪاميٽيءَ لفظن جي هجي يا املا لکڻ جا ڪي بہ اصول تيار نہ ڪيا. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو تعليم کاتي طرفان جيڪي سنڌي درسي ڪتاب تيار ڪري ڇپايا ويا، انهن ۾ ڪيترائي لفظ جدا جدا صورتن ۾ لکيا پئي ويا. ايتريقدر جو هڪ ئي لکندڙ جي ڪتاب ۾ هڪ لفظ جون جدا جدا هجيئون موجود هيون. مثال طور، ننديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ جيڪو 'باب نامو' (ٻاراڻو ڪتاب) لکيو، جنهن کي 1853ع ۾ تعليم کاتي ڇپائي پڌرو ڪيو هو؛ انهيءَ جي سن 1857ع واري لٿو ڇاپي جي پهرين صفحي تي آئيوٽا ڏنئي، پوءِ ٻاويهہ صفحن تائين وينجنن تي سُرن جون ماترائون (زير، زبر، پيش وغيره) لڳائي مثال ڏنا ويا آهن، ان کان پوءِ، 23 کان 32 صفحن تائين، ننڍا ننڍا جملا ڏنل آهن. انهن مان هجيئن جا ڪجهہ مثال هتي ڏجن ٿا:

| نندیرام جي باب نامي مان | هاڻوڪي هجي |
| --- | --- |
| ١- پَاڻَ سَان | پاڻ سان |
| ٢- ڪِجي/ ڪَجي | ڪَجي |
| ٣- لاءِ/ لائي | لاءِ |
| ٤- بہَ پهري/ بہِ پهري | ٻپهري |
| ٥- ڇِيُو/ ڇِئُو | ڇيهو/ ڇيئو |
| ٦- مَڪتب ۾/ مَڪتَبَ ۾ | مَڪتَبَ ۾ |
| ٧- پِيُ/ پِيءُ | پيءُ." |

ڊاڪٽر جيٽلي اڳتي صورتخطيءَ جي خيال کان لفظن کي گڏي لکڻ واري ڍنگ ۽ اعرابن تي تنقيدي نظر رکندي لکي ٿو تہ: "نندیرام ڪيترن هنڌن تي ٻن لفظن کي گڏي هڪ لفظ وانگر لکيو آهي، جن کي حقيقت ۾ جدا ڪري لکڻ کپي:

| | | | |
| --- | --- | --- | --- |
| نَڪَجي | (نہ ڪجي)؛ | هيڪجهڙي | (هڪ جهڙي)؛ |
| اُنَڪي | (اُنَ کي)؛ | اُنمان | (اُنَ مانِ)؛ |
| ڳچجيترن | (ڳچ جيترن). | | |

هن حالت ۾ عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخري وينجن ساڪن آهي تہ ڪن ٻين هنڌن تي ان هيٺان زير لکي آهي:

آگِرِيُنِ،         لُوڪَنِ،         اڪرَن،         ٻاَرَن.

ننديرام وينجنن تي سرن جون ماترائون لکڻ لاءِ عربي- فارسي ٻولين جو سرشتو اپنايو آهي، پر 'او' ۽ 'اُو' سرن جا اچار لکڻ ۾ هجي ۾ گهٽڻ لفظن ۾ ڪوبہ فرق نہ رکيو آهي، جيئن تہ:

اُو:   مُوڙي،         پُورو،         پَرُوُڙ

او:   گهٽو،         تُوڪي،         وَڌُو، ڏُوهُ

ان طرح تعليم کاتي جي ڇپايل سنڌي درسي ڪتابن ۾ هرهڪ لکندڙ عالم پنهنجي سمجهہ ۽ شخصي اچارن مطابق پئي لفظن جون هِجيئون لکيون.'' (1999: 177- 178)

## 2.1.2 1888ع کان سنڌي صورتخطيءَ تي هڪ نظر

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي لفظن جي هجيئن مقرر ڪرڻ بابت ڄاڻائي ٿو تہ: ''سن 1888ع ۾ سنڌ جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب، سنڌي درسي ڪتابن ۾ جڏهن ساڳيا لفظ جدا جدا هِجيئن ۾ لکيل ڏٺا، تڏهن هن انهيءَ مسئلي تي عالمن جي هڪ ميٽنگ ڪوٺائي، اهڙن لفظن جي هِجي مقرر ڪرائي. پوءِ اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرائي سيني اسڪولن ڏانهن موڪليا ويا ۽ پاڙهيندڙن کي هدايت ڏني وئي تہ ٻارن کي درست هِجيئون لکڻ سيکارن. اهڙن لفظن جا ڪجهہ مثال ڏسو:

| درست هِجي | ڌار ڌار صورتون |
|---|---|
| جَڏهن | جُڏه، جَڏه، جَڏهي، جڏِهين، جَڏين. |
| ڪَنهن | ڪه، ڪَه، ڪَنهين، ڪنهن، ڪَهي. |
| جَنهن | جِه، جَه، جنهين، جنهن ، جهي. |

انهيءَ حقيقت طرف سن 1879ع ۾ شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اڌارام ٿانورداس پڻ ڌيان ڇڪايو هو. هنن ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ کي آڌار بڻايو (جيڪا ديوناگري- سنڌي لپيءَ ۾ هئي ۽ بمبئي سرڪار 1855ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪئي هئي). انهيءَ کي سڌاري ۽ وڌائي هنن وڏي سنڌي- انگريزي ڊڪشنري تيار ڪئي. جيڪا سن 1879ع ۾ سرڪار، تعليم کاتي طرفان ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌري ڪئي. انهيءَ ۾ سرڪاري طور تسليم ٿيل ۽ نئين سر مقرر ڪيل عربي- سنڌي آئيوٽا ۾ سنڌي لفظن جون هجيئون لکيل آهن. ڊڪشنريءَ جا ايڊيٽر مهاڳ ۾ لکن ٿا تہ 'اسين معافي گهرون ٿا تہ هن ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن سنڌي لفظن جون جدا جدا هجيئون ڏنيون ويون آهن، پر هن وقت انهن کي ڊڪشنريءَ مان هٽائي ڇڏڻ ممڪن نہ ٿو لڳي... هن وقت اسين فقط انومان ڪري سگهون ٿا تہ جدا جدا هجيئن مان کهڙيون هجيئون وڃي

آخر ۾ قائم رهنديون! هيءَ هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن کي 'ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ' ۾ بحث جو موضوع بڻائڻ گهرجي، ان بعد لکندڙن کي فقط انهن هجيئن تائين پاڻ کي محدود ڪرڻ گهرجي، جيڪا انهيءَ ڪاميٽيءَ درست هجيئن طور تسليم ڪيون آهن.' " (1999: 179-180)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ان ڪتاب جي مختلف هجيئن بابت اڳتي لکي ٿو ته: "انهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ ڪنهن هڪ لفظ جي جدا جدا مروج اچارن ۽ انهيءَ موجب جدا جدا هجيئن جو هڪ مثال هن ريت آهي:

اِتون، اِتوُن، اِتَهن، اِتَهوُن، اِتهِين، اِتَئون، اِتَئوُن.

اِتان، اِتانئون، اِتانئوُن، اِتانئين، اِتون، اِتوُن، اِتهوُن، اِتهوُن، اِتئون، اِتئوُن.

(1999: 180)

## 2.1.3 1905ع کان سنڌي صورتخطيءَ تي هڪ نظر

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي ڄاڻائڻ موجب: "بمبئي پريزيڊنسيءَ جي تعليم کاتي مسٽر ڪاورنٽن جي زير صدارت، هن صديءَ (يعني 1900ع) جي پهرين ڏهاڪي ۾ 'ٽيڪسٽ بوڪ رويزن ڪاميٽي' برپا ڪئي، جنهن جو مقصد هو پرڳڻي جي ٻولي سيکارڻ لاءِ جيڪي درسي ڪتاب هلندڙ آهن، انهن تي نظرثاني ڪري، ضروري سڌاري واڌارا ڪيا وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن لاءِ سنڌ مان تعليم کاتي جو هڪ عالم ديوان پريمچند بمبئيءَ ويو. هن ٻين سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ تعليمدانن جهڙوڪ مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل کلناڻيءَ ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي مدد ۽ صلاح سان نوان سبق لکائي تيار ڪيا. انهيءَ ۾ هن لفظن جي هجيئن تي ٻه گهٽ ڏيان ڏنو ۽ زيرن زبرن ڏيڻ جو هڪ مقرر سرشتو عمل ۾ آندو. انهيءَ مطابق نوان سڌاريل سنڌي درسي ڪتاب سال 1905ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا ويا، جيڪي پنجٽيهه کن سال لڳاتار هلندا رهيا. لفظن جي هجيئن مقرر ڪرڻ جي لحاظ کان انهن ڪتابن ۾ ويجهن تي ڊگهن سُرن 'اِي' ۽ 'اوُ' جون ماترائون لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو طريقو اختيار ڪيو ويو. انهن ۾ زير 'ي' جي هيٺان ۽ پيش 'و' جي مٿان لکيو ويو، جيئن ته:

اِي: اِيسَ، عِيدَ، ٻَڪرِي، ڏِٽِي، ٻِلِي.

اوُ: اوُنڌو، سوُمَرُ، پوُنگَڙا، اَکيوُن، توُن.

ماترائن لکڻ جو اهوطريقو سن 1905ع کان اڳ پڻ واهپي ۾ هو، پر انهيءَ سان گڏوگڏ گهٽيئي عربي- فارسي جي عالم سنڌي ٻولي لکڻ لاءِ عربي- فارسي هجيئن وارو طريقو پڻ استعمال ڪندا هئا. ان موجب لفظ جي شروعات ۾ انهن سُرن لکڻ لاءِ الف جي هيٺان زير يا مٿان

پيش لکيو ويندو هو، ۽ لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ انهن سرن جي اڳيان ايندڙ وينجن جي هيٺان زير يا مٿان پيش جي ماترا لکبي هئي: جيئن:

اِي: اِيسَ، عِيدَ، بَڪري، ڏَٽي، بِلي،

اُو: اُونڌو، سُومَرُ، پُونڱِڙا، اَڪيُون، تُون.

سن 1905ع کان اڳ سنڌي درسي ڪتابن ۾ عربي، فارسي هجيئن وارو سرشتو وڌيڪ مروج هو؛ پر سن 1905ع ۾ جيڪي نوان سنڌي درسي ڪتاب سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا، انهن ۾ سنڌي ماترائن وارو سرشتو پسند ڪري انهيءَ کي عمل ۾ آندو ويو.

سن 1879ع ۾ شايع ڪيل شرٽ، اڌارام ٿانورداس ۽ مرزا صادق علي بيگ واري سنڌي- انگلش ڊڪشنريءَ ۾ 'اِي' ۽ 'اُو' سُر ۽ انهن جون ماترائون عربي- فارسي نموني موجب لکيل آهن. پر ان کان پوءِ سن 1910ع ۾ پرمانند ميوارام پنهنجي تيار ڪري ڇپايل سنڌي- انگلش ڊڪشنريءَ ۾ انهن سُرن ۽ ماترائن لاءِ سنڌي سرشتو عمل ۾ آندو آهي. ٻئي طرف ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جي رسالي جي مرتب ڪيل ٽن جلدن ۾ هِجيئن جو عربي- فارسي سرشتو ڪتب آندو آهي، سندس پهريون جلد 1923ع ۾ ڇپيو هو." (1999: 180- 182)

### 2.1.4 1913ع کان سنڌي صورتخطيءَ تي هڪ نظر

سن 1905ع ۾ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ رويزن ڪاميٽيءَ طرفان ڇپايل ڪتابن ۾ پڻ ڪيترن لفظن جي هِجيئن ۾ گهٽتايون نظر آيون. ڊاڪٽر غلام علي الانا ڄاڻائي ٿو ته: "1913ع ۾ سنڌ جي عالمن ضروري سمجهيو ته اهڙن مختلف لفظن جون صورتون مقرر ڪيون وڃن، ۽ ان وقت جي تعليمي ماهرن ۽ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، 13 فيبروري 1913ع ۾ ٺهراءُ پاس ڪري، 'اخبار تعليم' ۾ اهڙن مڙني لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون، ۽ انهن جون درست صورتون به ڏنيون. اخبار تعليم ۾ ڄاڻايل آهي ته:

جن سنڌي لفظن جي هِجي، انگريزي نالن ۽ لفظن جو سنڌيءَ ۾ تلفظ ڪم آڻڻ بنسبت مختلف رايا هئا، تن بابت سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن تاريخ 13 فيبروريءَ 1913ع تي پاڻ ۾ گڏ ٿي هيٺئينءَ ريت ٺهراءُ ڪيو آهي:

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| اونڌائي | اونداهي | سڄون | سڄيون |
| ڏهاٽي | ڏهاڙي | پروا | پرواهه |
| توٽي | توڙي | دريا | درياهه |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٽيو | ٽيون | ويهڻ | وهڻ |
| ننو/ننون | نَو | ويراهڻ | وراهڻ |
| ڪنئوار | ڪنئار | ڇِ | ڇَهَ |
| هُوا | هئا | ٿُل | ٿُلهه |
| جُيُون | جوُن | مُڪ | مڪيه |
| اجان | اجا | بجاج | بزاز |
| چٽان | چٽا | بدماش | بدمعاش |
| وجين | وجي | بصل/ بَسَرُ | بصر |
| ڪنيان | ڪنيا | بقل | بڪر |
| ڪٽين | ڪٽي | تادي | تعدي |
| ججهو | جهجهو | تهمل | تحمل |
| محل | مهل | پڙدو | پردو |
| سَهِي | صحيح | جافران | زعفران |
| چاڪ | چاق | ڇهبڪ | چابڪ |
| مطرڪو | مترڪو | حوال | احوال |
| ضعيف | زائفان | خومچو | خونچو |
| جٿو | جسو | ڏارچيني | دالچيني |
| ايضناً | ايضاً | طبلو | دبلو |
| بالڪل | بلڪل | دستارخوان | دسترخانو |
| بالفعل | بلفعل | دنبورو | طنبورو |
| استعيفا | استعفا | دوفان | طوفان |
| املتاس | املداس | سايو | سعيو |
| سرگشت | سرگس | نماز شام | نما شام |
| شگون | سڳڻ | هاون دستو/ حمام دستو | همام دستو |
| سَلهَ | سِلَ | شير پياز | سير پياز |
| يادگاري | يادگيري | فانوش | فانوس |

| | | | |
|---|---|---|---|
| رنگ | رڱ | ڪسر | ڪٿر |
| پاڱون | پاڱو | قينچي | ڪئنچي |
| رنج | رڃ | گازي/ گاجي | غازي |
| اسڪول | سڪول | ليمڪ | نمڪ |

ضمير حاضر واحد جي گردان ۾ وڃين لکڻ درست آهي. (ڪميٽي)." (1993: 133- 134)

"اخبار تعليم موجب، هيٺيان لفظ ٻنهي صورتن ۾ صحيح آهن:

| | |
|---|---|
| مهنو يا مهينو | وَئي يا ويئي |
| چوي يا چئي | پئي يا پيئي |
| پوي يا پئي | توب يا توف |
| قل يا قر | ڪلف يا ڪرف |
| پليد يا پليت | مسجد يا مسيت |

سنڌي صورتخطي بابت اخبار تعليم ۾ اڳتي ڄاڻايل آهي:

- نظر، پاڪي، مدعا، ناموس، ۽ ڦيرگهير، اهي لفظ جنس مونث ۾، ۽ نہ جنس مذڪر ۾، ڪم آڻڻ گهرجن.
- ڪاليج ۽ اسڪول جنس مذڪر ۾ ڪم آڻڻ گهرجن.
- ملائڪ، اسرار، اولياءُ، قلوب، تواريخ ۽ احوال، اهي لفظ جمع جي صورت آهن، پر اِهي سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندا آهن.
- انگريزي نالن جي هِجي سندن اچارڻ موجب هئڻ گهرجي.
- 'هہ' حرف جو اچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نہ. صفا اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً:

(مهٽڻ) گهڻ (انداز) گهڻ

(ناداني) جِهلَ (تلاش) جهل." (1993: 132- 135)

"انهيءَ ڪري سن 1913ع ۾ تعليمدانن ۽ سنڌي عالمن جي مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ اهڙن لفظن جي لسٽ تيار ڪئي، جيڪي جدا جدا نموني يا غلط هجيئن سان پئي لکيا ويا. انهن جي درست هجي مقرر ڪري، انهيءَ مطابق لفظن جي لکڻ لاءِ سفارش ڪئي وئي. اهڙيون فهرستون 'اخبار تعليم' جي اپريل 1913ع واري پرچي ۾ شايع ڪيون ويون." (جيٽلي، 1999: 182)

### 2.1.5 1915ع کان سنڌي صورتخطيءَ تي هڪ نظر

ڊاڪٽر غلام علي الانا ڄاڻائي ٿو تہ: ”انهيءَ هوندي بہ ڪي صورتون رهجي ويئيون. 1915ع ۾ ان وقت جي ايجوڪيشن انسپيڪٽر، ديوان جڳننات، انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. مرزا قليچ بيگ ان ڪميٽيءَ جي سرگرم ميمبرن مان هڪ هو. ان ڪميٽيءَ ڌار ڌار صورتن ۾ لکيل ڪيترن ئي لفظن جون صورتون مقرر ڪيون، جن مان ڪي هي آهن:

| مقرر صورت | ڌار ڌار صورتون |
|---|---|
| آءٌ | آءٌ ۽ آئون |
| ڪيائُون | ڪياءٌ ۽ ڪيائُون |
| چاق | چاڪ ۽ چاق (چڱو ڀلو) |
| ڪُلف | ڪرف، ڪُلُف ۽ قُفِل |
| ڪَئنچي | قَئِنچي، ڪَئنچي |
| صبحاڻي | صبحاڻي، سياڻي.“ |

(135 :1993)

ڊاڪٽر الانا اڳتي ڄاڻائي ٿو تہ: ”لفظن جي صورتن جي چارٽ ڇپڻ تيڻ جو چڱو اثر ٿيو، ۽ گهڻن ئي لفظن جون يڪسان صورتون رائج ٿي ويون، پر ڪي لفظ اڃا تائين ڌار ڌار نمونن ۾ پيا لکجن، ايتريقدر جو 1962ع ۾ ڇپايل سنڌي باراڻي ۽ درسي ڪتابن ۾ بہ اهڙيون ڦريل صورتون نظر ٿيون اچن، جي يا تہ ايڊيٽرن جي پنهنجن مختلف اچارن سبب آهن، يا اڳوڻين مقرر صورتن کي بيخبريءَ سبب نظرانداز ڪرڻ جي ڪري آهن. انهن مان ڪي هي آهن:

| مقرر صورت | درسي ڪتابن ۾ ڦريل گهريل صورتون |
|---|---|
| جَڏهن | جَڏهين، جَڏِهن، جَڏُهن |
| ڪَڏهن | ڪَڏُهن، ڪَڏهن. |
| ڪَهڙو | ڪَهُڙو، ڪَهڙو. |
| آءٌ | آئُون، آءٌ، آءٌن |
| ڪَپڙا | ڪَپڙآ، ڪَپَڙا.“ |

(136 :1993)

ڊاڪٽر الانا درسي ڪتابن ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي ڦريل گهريل صورتن بابت هيٺين لفظن جي درست صورت جي سفارش لاءِ راءِ ڏئي ٿو:

| ڪتابي صورت | درست صورت لاءِ سفارش |
|---|---|
| بَابَا | بابا |
| گهَاٽو | گهاٽو |
| سهٽا، سُهّٽا | سهٽا |
| پرِيمُ | پِريمُ |
| پيارُ | پِيارُ |
| گِيتُ | گيتُ |
| آه، آهيَ | آهي |
| قَوَمَ | قومَ |
| ڏاڙُهُونُ | ڏاڙهُون |
| بيئِي | بِئي وغيره. |

(1993: 137، 138، 139، 140)

ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل لفظن ۾ اڪثريت ’ديسي گڏيل آوازن‘ ۽ ’نون گُهٽي‘ جي مونجهاري بابت آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر صاحب الڳ سان پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صورتخطيءَ‘ ۾ جزم جي درست استعمال تي وچين توڙي اڳين گڏيل آوازن جي درست صورتخطيءَ تي مناسب رايا ڏنا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ’منڍ وارن گڏيل آوازن‘ ۽ ان جي درست صورتخطيءَ بابت سفارش ڪندي ڄاڻائي ٿو ته: ”لفظن جي وچ وارن گڏيل آوازن کان سواءِ ڪن لفظن جي منڍ ۾ به گڏيل آواز، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن. هيلتائين سنڌي ڪتابن ۾ منڍ وارن گڏيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي برابر خبر نه پوندي، جڏهن لکيل صورت کي نظرانداز ڪري، اچاريل آوازن کي غور سان ٻڌبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۾ ڪي هيٺيان گڏيل آواز لفظن جي منڍ ۾ ڪم اچن ٿا:

| منڍ ۾ گڏيل آواز | لفظ جو اچار |
|---|---|
| /پَر/ | پَريمُ |
| /بَر/ | بَرَهَمَڻُ |
| /ڏِي/ | ڏِياري |
| /ڏِّي/ | ڏِّيانُ |
| /پِي/ | پِيارُ |
| /گِي/ | گِيانُ |
| /ڪِي/ | ڪِياڙي.“ |

(1993: 143-144)

ڊاڪٽر الانا سنڌي ڪتابن ۾ غلطين جي ورجاءَ بابت اشارا ڏيندي، اڳتي لڇمڻ کوبچنداڻيءَ جي حوالي سان ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌي ڪتابن ۾ 'ڏيان'، 'پيار' ۽ 'ڪياڙي' لفظن ۾ [ڏ]، [پ] ۽ [ڪ] کي ساڪن نه سمجهي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ هيٺ [اِ] سُر ڏنو ويو آهي، حالانڪ [ڏِيَ]، [پِيَ] ۽ [ڪِيَ] وغيره اڏارن ورتل لفظن جو حصو آهن، پر ديسي صوتياتي نظام موجب گڏيل آواز آهن، جي سنڌي صوتياتي خصوصيتن جا حامل آهن. انهن گڏيل آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهڻي ضرورت آهي. /پِريم/ ۽ /ڏِيان/ وغيره لفظن ۾ پهريان ساڪن آواز ٻئي جوڙ سان گڏ، گڏيل آواز کان پوءِ ڪم ايندڙ سُر سان متحرڪ ٿين ٿا." (1993: 144-145)

شيخ محمد فاضل به ان قسم جي گڏيل آوازن جي صورتخطيءَ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته: "محترم لڇمڻ داس مولچند جي پيش ڪيل لفظن مان هڪ لفظ 'پيار' تي بحث ڪجي ٿو:

| ٻي صورت | پهرين صورت |
|---|---|
| پِيارُ | پِيَارُ |

*پهرين صورت ۾، 'پِيَارُ' لفظ ۾ 'پِ' جدا آواز ۽ 'يَا' جدا آواز آهي، يعني 'پِ + يَا + رُ' آهي.
*ٻي صورت ۾، 'پِ' آواز سان 'يَا' آواز اهڙيءَ طرح ملائي اچارڻو آهي، جو ٻنهي آوازن کي هر حالت ۾ هڪ آواز بنائڻو آهي، يعني 'پ' جي زير جو اثر 'ي' تائين به پهچي ٿو ۽ ان کان پوءِ 'آ' جو آواز ساڻس ڳنڍجي وڃي ٿو." (1992: 47)

شيخ فاضل ٻئي صورتون ڏسڻ بعد نتيجتاً ڄاڻائي ٿو ته: "هينئر سوال ٿو پيدا ٿئي ته لکڻ وقت اعرابن جي ڪهڙي صورت قائم ڪجي، جيئن 'پيار' لفظ جي پهرين ۽ ٻي صورت ۾ پڙهندڙ تميز ڪري سگهي. منهنجي راءِ آهي ته 'پيار' جي ٻي صورت کي هن طرح لکجي: 'پِيارُ' يعني 'پ' کي زير ڏجي ۽ 'ي' کي 'پ' سان ملائڻ لاءِ مٿس جزم ڏجي. ان کان پوءِ 'ي' جي پنهنجي اعراب 'زبر' + الف (حرف علت) ملائجي." (1992: 47)

عربي- سنڌي آئيوئا ۾ اهڙي کوٽ، ۽ بي توجهيءَ سبب ديوان لوڪناٿ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي دليلن ۾ پنهنجي تنقيد ۾ هن نقطي تي خاص طور زور ڏيندي لکيو هو ته:

1. "عربي- سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اچارن سان ڪوبه تعلق نه آهي؛ اچار هڪڙو ته لکڻ جو طريقو ٻيو.
2. عربي- سنڌي بنهه غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي به سپاويڪ اچار ڪري ٿي، عربي لپي انهن اچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي.

3. هن (عربي- سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي. نہ فقط ايترو، ليڪن غير وگيانڪ لپيءَ جي سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پئي آهي، جنهن ڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اچار اهڙا ڪندا آهن ڄڻ تہ عربي ويٺا پڙهن." (الانا، 1993: 13- 14)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ديوان لوڪناڻ جي موٽ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "جن جن اعتراضن جي بنا تي ديوان لوڪناڻ عربي- سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون دراصل عربي- سنڌي رسم الخط ۾ نہ آهن، پر لکندڙن جي اڻڄاڻائيءَ جو نتيجو آهن." (1993: 15)

گڏيل آوازن بابت ڊاڪٽر الانا پنهنجي تصنيف 'سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس' ۾ پڻ ساڳئي مونجهاري تي لکي ٿو تہ: "هيستائين سنڌ جي ماهرن سنڌي زبان جي نصابي ڪتابن، وياڪرڻن توڙي سنڌي لغات ۾ هن موضوع طرف ڪوبہ توجہ نہ ڏنو آهي: مثال طور:

ڏيان، ٻيائي، پيار، ڏياري، ڏيائي، ٽياپو، ٽياءُ، گيان،
ٺياڻ، ڪياڙي، ڄياپو، پَريم، ڪَرود، گراهڪ ۽ بَرهمڻ." (2005: 213)

## 2.2 ترجيحي صورتن تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪرايل ڪم

### 2.2.1 1998ع کان ترجيحي صورتن جو جائزو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون.

**سنڌي ٻاراڻو ڪتاب (گروپ پهريون)**

- سنڌي ٻاراڻو ڪتاب جيئن تہ 1975ع جو تيار ڪيل آهي، ان ڪري ان کي نئين سر نظرثاني ڪرائي، موجوده دؤر جي تقاضائن ۽ ٻارن جي مزاج وٽان مرتب ڪيو وڃي.
- لفظن تي نہ رڳو اعرابون (زير، زبر، پيش) ڏنا وڃن، پر اعرابن جي پٽي پڻ ڪتاب ۾ شامل ڪئي وڃي.

**سنڌي پهريون ڪتاب (گروپ ٻيون)**

- ڪتاب ۾ شامل سمورن سبقن جي مواد تي اعرابون، سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، مزاج ۽ استعمال کي آڏو رکي ڏنيون وڃن. ڪتاب ۾ اعرابن تي ڪنهن حد تائين عمل ٿيل بہ

آهي، پر مڪمل طرح عمل ٿيل نہ آهي. ساڳئي ڪتاب ۾ هڪڙن سبقن ۾ ساڳين لفظن تي اعرابون ڏنل آهن تہ ٻين سبقن ۾ اعرابون ڏنل نہ آهن، ان ڪري سڄي ڪتاب ۾ اعرابن جو هڪجهڙو استعمال قائم رکيو وڃي.

ڪتاب ۾ ڪيترن لفظن تي اعرابن جو غلط استعمال ٿيل آهي، اهي اعرابون درست نموني ڏنيون وڃن؛ جهڙوڪ:

ننڍَپُڻُ = ننَڍَپڻُ (صحيح) (سفارش ڪيل ۾ پروف جي غلطي)
مَتَّنِ = مَتّنِ (صحيح)
صَفَنِ = صِفَنِ (صحيح)
دَرُيُون = دَرِيون (صحيح)
صُبُحُ جو = صُبُحَ جو (صحيح)
اُيَرَڻُ = اُيِرَڻُ (صحيح)
ڪَڏُهن = ڪَڏّهن (صحيح)
چُست = چُستُ (صحيح)
چِلِرُ = چِلرُ (صحيح)
ڪُڪُڙيون = ڪُڪِڙيون (صحيح) وغيره.

- ڪجهہ لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجهہ لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن، انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

اما = امان (صحيح)
هڪ ٻئي = هڪٻئي (صحيح)
پيسن = پئسن (صحيح)
درياءُ = درياهُ (صحيح)

- ٻين ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج، سڀاءَ ۽ اچارن موجب ڪم آندا وڃن، جهڙوڪ:

نَمازَ = نِمازَ (صحيح)
صَفَنِ = صِفَنِ (صحيح)
نَمازي = نِمازي (صحيح)
زَباني = زِباني (صحيح)

- مذڪر ۽ مؤنث لفظن ۾ اعرابن جو صحيح استعمال ڪيو وڃي، جهڙوڪ:

ڪيرُ (مذڪر)

ڪيرَ (مؤنث)

- سبق چوٿين ۾ ڏنل هيٺيان اختياري جملا:

1. سدائين سَچُ ڳالهائڻ گهرجي

2. ڪُوڙُ ڪڏهن بہ نہ ڳالهائڻ گهرجي.

بدلائي، لازمي يا امري نوعيت جا جملا شامل ڪيا وڃن؛ مثلاً:

1. سدائين سچ ڳالهائجي.

2. ڪوڙُ ڪڏهن نہ ڳالهائجي.

**سنڌي ٻيون ڪتاب (گروپ ٽيون):**

- مختلف سبقن ۾ املا جون درستيون ڪيون وڃن؛ جهڙوڪ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| پيسا | = | پئسا | (صحيح) |
| سُمهڻي | = | سومهڻي | (صحيح) |
| پنهنجي رانديڪن | = | پنهن جن رانديڪن | (صحيح) |
| چِڳل | = | چنل | (صحيح) |

**سنڌي ٽيون ڪتاب (گروپ چوٿون):**

- سنڌي ٽئين ڪتاب ۾ اعرابون، جتي ضروري آهن، ڏنيون وڃن.
- ڪتاب ۾ جتي بہ حرف جملو ڪم آندل آهي، ان جي پٺيان اڌ دم (ڪاما) ڏنل آهي، جيڪو استعمال غلط آهي. آئيندي ڇپائيءَ وقت ان جو خيال رکيو وڃي.

**سنڌي چوٿون ڪتاب (گروپ پنجون):**

- سبق ۾ اِملا ۽ اعرابون درست ڪيون وڃن، جهڙوڪ:

| | | | |
|---|---|---|---|
| نُبوت | = | نَبوت | (صحيح) |
| مَيَسره | = | مَيسره | (صحيح) |
| ونئڻن | = | وونئڻ | (صحيح) |
| پُڻ | = | پڻ | (صحيح) |
| ٽيليهون | = | ٽيلهيون | (صحيح) |
| موئن جو دڙو | = | موهن جو دڙو | (صحيح) |

(جويو- ايڊيٽر، 1999 الف: 71- 73)

## 2.2.2 1999ع کان ترجيحي صورتن تي هڪ نظر

1999ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر غلام علي الانا جي زير نگراني ڪي سلسلا شروع ڪيا ويا؛ انهن ۾ صورتخطيءَ جا مسئلا بہ شامل هيا. اهڙو بيان 'سنڌي ٻولي' ڇماهي تحقيقي جرنل ۾ هن ريت ڏنل آهي:

"سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو موضوع جيترو وسيع آهي، اوترو تڪراري بہ آهي. جس هجي سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن ماهرن ڪي، جن انگريزن جي دؤر کان وٺي مختلف وقتن تي گهڻي ڀاڱي سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن جي ڌار ڌار صورتن ۾ لکڻ واري مسئلي کي وڏي حد تائين حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پوءِ بہ ڪيترا ئي اهڙا لفظ آهن، جيڪي مختلف لکندڙ اڃا بہ ڌار ڌار صورتن ۾ لکن ٿا، تنهن ڪري اهي لفظ تڪراري سمجهيا وڃن ٿا. انهن مان ڪجھ اهڙا آهن، جيڪي ڪافي وقت کان استعمال ٿيندا اچن، ۽ ڪن جي سنڌي لغت جي خزاني ۾ نئين داخلا ٿي آهي. هونئن لکڻ جي لحاظ کان گهڻي ڀاڱي ڪو مسئلو ڪونہ ٿو ٿئي، هر سنڌي پڙهيل لکيل ان مان مستفيض ٿئي ٿو ۽ انهن لفظن جو مطلب ماڻي ٿو."

وڌيڪ ڄاڻايل آهي تہ: "اڳ ۾ لفظن جي صورتخطيءَ ۾ هڪجهڙائي قائم رکڻ وارن مسئلن کي سنڌ جي تعليم کاتي پاران حل ڪيو ويندو هو، ۽ تڪراري لفظن جي مقرر صورت قائم ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون جوڙيون وينديون هيون، جيڪي لفظن کي آخري شڪل ڏينديون هيون. ان بعد اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرائي، تعليم کاتي پاران سنڌ جي سمورن ٽريننگ اسڪولن ۽ عام اسڪولن ۾ ورهايا ويندا هئا تہ جيئن استاد توڙي شاگرد انهن لفظن جي درست صورت کان مانوس ٿي سگهن ۽ لکڻ وقت لفظن جون غلط صورتون نہ لکن."

"اهڙي هڪ ڪاميٽي 1913ع ۾ ويٺي هئي، جنهن ۾ مختلف تعليمي ماهر شامل هئا، جن جي ترتيب ڏنل لفظن جي فهرست، فيبروري 1913ع جي 'اخبار تعليم' ۾ شايع ڪرائي وئي هئي. پيهر 1915ع ۾ ماهرن جي هڪ ڪاميٽي ويٺي، جنهن جي ميمبرن ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ودوان ۽ ڄاڻو اديب پڻ شامل هو. هن ڪاميٽيءَ پڻ ڪافي لفظن جون آخري صورتون مقرر ڪيون هيون، جن تي عمل ٿيندو رهيو. ان کان پوءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ پڻ اهڙي ڪوشش ڪئي هئي. اڄڪلهہ جي استادن توڙي شاگردن کي انهن اڳاٽن فيصلن جي ڪابہ خبر نہ آهي، ان ڪري اهي لفظن جون درست ۽ مقرر صورتون نہ ٿا لکن، جنهن ڪري مونجهارو ٿئي ٿو، مثال طور هيٺيان لفظ ڏسو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| اجا | اجان | دنبورو | تنبورو |
| چٽا | چٽان | رنگ | رڱ |
| جهجهو | جڄهو | اسڪول | سڪول |
| سڃيون | سڃون | نمڪ | ليمڪ |
| پردو | پڙدو | مطمئن | مطمعن |

اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي لفظ آهن، جن جي هڪ صورتخطي طئي ڪري، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، اخبارن ۽ اسڪولن وغيره ڪي جاري ڪرڻ گهرجي.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ، ان ڏس ۾ سيمينارن ۽ ادبي ڪلاسن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي، جنهن سلسلي جو پهريون تربيتي ڪلاس 2 آڪٽوبر 1999ع تي امداد حسينيءَ حيدرآباد ۾ ورتو، ۽ هڪ سيمينار 27 نومبر 1999ع تي شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٿيڻو هو، پر اهو سنڌ جي برک دانشور، عالم ۽ شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي اوچتيءَ دڪدائڪ وفات سبب ملتوي ڪرڻو پيو. هن سلسلي جا ڪجھ سيمينار ۽ ورڪشاپ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪرايا ويندا ۽ آخر ۾ حيدرآباد ۾ هڪ ڪل سنڌ سيمينار ڪوٺائي، تڪراري لفظن جي هڪ مقرر صورت قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو، جنهن لاءِ عالمن، اديبن ۽ استادن ڪي دعوت ڏني ويندي. هن سلسلي ۾ سنڌ جي پنجاه ڪن استادن، اديبن ۽ عالمن ڪي تڪراري لفظن جي هڪ فهرست موڪلي وئي آهي ۽ ڪين گذارش ڪئي وئي آهي تہ اهي پنهنجا رايا موڪلين تہ جيئن سيمينار دوران حتمي راءِ قائم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي." (جويو- ايڊيٽر، 1999- ب: 79- 81)

### 2.2.3 2008ع کان ترجيحي صورتن تي هڪ نظر

4 نومبر 2008ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 'سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ۽ انهن جو حل' جي موضوع تي سنڌ جي استادن ۽ عالمن جو هڪ مذاڪرو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ڪافي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ عالمن آڏو رکيا ويا؛ ان لسٽ ۾ اهي لفظ بہ شامل ڪيا ويا جيڪي 1913ع تي درست صورت ۾، مخزن 'اخبار تعليم' ۾ شايع ڪيا ويا هئا. هت انگريزيءَ کان سواءِ، صرف اهي لفظ ۽ عالمن جون ترجيحي صورتون رکجن ٿيون جن لاءِ ڪي اصول گهربل آهن:

- پيش ڪيل لفظ: اڄڪلھ/ اڄ ڪلھ/ اڄ ڪالھ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| اڄڪلھ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانديو. |

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو: شايد اترادي 'اوٺوڻ' آهي

*هن ۾ ايڪويهه / ايڪيهه جا لفظ به اچي وڃن ٿا.

- پيش ڪيل لفظ: آٺون/ آٺ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| آٺ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| آٺون | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو. |

- پيش ڪيل لفظ: بدماش/ بدمعاش

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| بدماش | ڪوبہ نہ |
| بدمعاش | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

* آفتاب ابڙي لفظ جو اشتقاق ڪندي ڄاڻايو تہ: بدماش: (بد = خراب + معاش = ڏنڌو)

- پيش ڪيل لفظ: بنايو/ بڻايو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت بابت راءِ رکندڙ |
|---|---|
| بنايو | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر قادري، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاه، شفيع محمد چانڊيو. |
| بڻايو | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالغفور، آفتاب ابڙو، |
| بنايو- بڻايو (بئي) | ڊاڪٽر سحر امداد. |

* آفتاب ابڙي راءِ رکي تہ: 'اسان اردوائيز ڪري 'بنايو' چئون ٿا.

- پيش ڪيل لفظ: پيون/ پيو/ پئو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| پيون | ڊاڪٽر الانا، عبدالغفار صديقي، قلندر شاه، شفيع چانڊيو. |
| پيو/ پئو | ابراهيم جويو، ڊاڪٽر قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاه، شفيع چانڊيو، |
| پيون/ پيو | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو |

❊ آفتاب ابڙي راءِ رکي ته: صفت شماريءَ ۾ ٻيون، عام حالتن ۾ ٻيو

○ پيش ڪيل لفظ: ٻاڱون/ ٻاڱو

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاھ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. | ٻاڱو |
| ڪوبہ نہ | ٻاڱون |

○ پيش ڪيل لفظ: پئونر/ پؤنر/ پنئور

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڪوبہ نہ | پئونر |
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو ۽ شفيع محمد چانڊيو | پؤنر |
| ڪوبہ نہ | پنئور |
| ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ۽ پروفيسر قلندر شاھ لڪياري | پونر |

❊هن ۾ ڏئونرو/ ڏؤنرو/ ڏنؤرو- ڏئونرا/ ڏؤنرا/ ڏنئورا- زنؤر/ زئونر/ زنئور جا لفظ بہ اچي ٿا وڃن.

پيش ڪيل لفظ: تقريباً/ تقريبن

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاھ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. | تقريباً |
| ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. | تقريبن |

هن لفظ بابت آفتاب ابڙي جي راءِ ملي نہ سگهي آهي.

پيش ڪيل لفظ: توٽي/ توڙي

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاھ لڪياري | توٽي |
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، ، شفيع محمد چانڊيو. | توڙي |
| محمد ابراهيم جويو | توٽي/ توڙي |

*پروفيسر قلندر شاه ڄاڻايو ته: 'جيتوڻيڪ' به 'توڻي' مان ورتل آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: ٿانءُ/ ٿانو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ٿانءَ | ڪوبہ نہ. |
| ٿانءُ | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، ،. |
| ٿانء | ڊاڪٽر مدد علي قادري، |
| ٿانو | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو |
| ٿانءُ جمع ٿانوَ | ولي رام ولڀ، پروفيسر قلندر شاه لڪياري |

*ولي رام ولڀ ۽ پروفيسر قلندر شاه واضح ڪيو ته: ٿانءُ جو جمع ٿانوَ آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: ٺل/ ٺُلهہ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ٺُل | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| ٺُلهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، |
| ٺلهہ/ ٺل | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد. |

○ پيش ڪيل لفظ: پروا/ پرواهہ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| پروا | ڪوبہ نہ |
| پرواهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

*ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي ته: 'پرواهہ' فارسي لفظ 'پروا' جي سنڌي صورت آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: پليد/ پليت

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| پليد | ڪوبہ نہ |
| پليت | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري. |
| پليت/ پليد | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ. |

* ولي رام ولڀ راءِ رکي ٿو: لفظ 'پليٽ' سنڌي آهي، جڏهن تہ 'پليد' اردو آهي.
* ڊاڪٽر مدد علي قادري واضح ڪيو تہ: پليٽ سنڌي صورت آهي، فارسي لفظ 'پليد' جي.

○ پيش ڪيل لفظ: پوي/ پئي

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، پروفيسر قلندر شاه لڪياري. | پوي |
| عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو. | پئي |
| ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. | پوي/ پئي |

* ولي رام ولڀ واضح ڪيو تہ: پوي (مينهن پوي پيو)، اسلم ڪم ڪيو پئي.
* ڊاڪٽر سحر امداد جو خيال آهي تہ: پوي/ پئي/ پيئي — 'پئي کٽي پساهہ'.(اندازو آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جي راءِ آهي تہ ٽئي لفظ ساڳي مفهوم ۾ ڪم آڻي سگهجن ٿا.)

○ پيش ڪيل لفظ: جثو/ جسو

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري. | جثو |
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، شفيع محمد چانڊيو. | جسو |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ جو خيال آهي: 'جثو' عربي لفظ 'جسئة' مان ورتل آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: ڇهبڪ/ چابڪ

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. | ڇهبڪ |
| ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. | چابڪ |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي تہ: 'ڇهبڪ' فارسي لفظ 'چابڪ' مان ورتل آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: درياهہ/ درياءُ

| ترجيحي صورت جا صاحب | ترجيحي صورت |
|---|---|
| آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري. | درياهہ |
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو. | درياءُ |
| محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد. | درياهہ/ درياءُ (ٻئي) |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي ته: دريا ۽ درياه، فارسي لفظ 'دريا' جون صورتون آهن.

○ پيش ڪيل لفظ: دعويٰ/ دعوا

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| دعويٰ | عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| دعوا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي ته: سنڌيءَ ۾ 'دعوا' لکڻ گهرجي. اصل لفظ 'دعويٰ' عربيءَ جو آهي.

* هن سلسلي ۾ فتويٰ/ فتوا پڻ اچي وڃن ٿا.

○ پيش ڪيل لفظ: دنبورو/ طنبورا

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| دنبورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پروفيسر قلندر شاهه. |
| طنبورو | آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| دنبورو/ طنبورو | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد. |
| تنبورو | ولي رام ولڀ. |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ ڄاڻايو ته: 'دنبورو' ٺيڪ آهي، عربي لفظ 'طنبوره' آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: رنگ/ رنڱ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| رنگ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| رنڱ | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| رنگ/ رنڱ (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو. |

* ولي رام ولڀ جو خيال آهي ته: 'رنگ' سنڌي ۽ 'رڱ' اردو- هندي آهي.

* پروفيسر قلندر شاهه لڪياريءَ جو خيال آهي ته: اصل رڱ آهي، هاڻي متروڪ ٿي ويو آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: سايو/ سعيو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| سايو | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. |
| سعيو | ڊاڪٽر الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو. |
| سايو/ سعيو (معنوي فرق) | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري. |

* ڊاڪٽر سحر امداد سنڌي لغات موجب راءِ رکي ٿو: 'ڪٿر' (ڪٿرون) گهٽائي، جهجهائي؛ جڏهن ته ڪسر (ڪسرون) = لاپ، واڌي، اپت، اپراسو.

* پروفيسر قلندر شاهه راءِ رکي ٿو: ٻئي الڳ ۽ ابتڙ لفظ آهن. ڪسر = گهٽ؛ جڏهن ته ڪٿر = وڌ.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪٿين / ڪٿي

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ڪٿين | ڪوبه نه |
| ڪٿي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪٿين / ڪٿي (الڳ استعمال) | محمد ابراهيم جويو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، |

* پروفيسر قلندر شاهه لفظن جون نحوي صورتون ڄاڻايون ٿو: ٿون ڪٿين– ڪٿي آڃ– هو ڪٿي

○ پيش ڪيل لفظ: ماروي / مارئي

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ماروي | ڪوبه نه |
| مارئي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ماروي / مارئي | محمد ابراهيم جويو، |

○ پيش ڪيل لفظ: ماڻهو / ماڻهون

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ماڻهو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ماڻهون | ڪوبه نه |

○ پيش ڪيل لفظ: محل / مهل

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| محل | ڊاڪٽر سحر امداد |
| مهل | ڊاڪٽر قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو. |
| محل / مهل (معنوي فرق) | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، |

* ڊاڪٽر غلام علي الانا راءِ رکي ٿو: ٻنهي جو مطلب ڌار ڌار آهي.
* ولي رام ولڀ راءِ رکي ٿو: محل = Place ۽ مهل = وقت، ٽائيم
* عبدالغفار صديقيءَ راءِ رکي ٿو: محل = بادشاهاڻي جاءِ؛ جڏهن ته مهل = وقت.
* آفتاب ابڙي راءِ رکي ٿو: ٻنهي جي معنيٰ ۾ فرق آهي. محل = عمارت.

○ پيش ڪيل لفظ: مڪ/ مڪيه

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| مڪ | ڪوبه نه |
| مڪيه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانديو |
| مڪ/ مڪيه | محمد ابراهيم جويو |
| مڪ/ مڪيه (معنوي فرق) | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو |

* ولي رام ولڀ راءِ رکي ٿو: مکه (مُنهن) ۽ مکيه (خاص).
* آفتاب ابڙي راءِ رکي ٿو: ٻنهي جي استعمال ۾ ٿورو فرق آهي. مکه = ماڻهو؛ مکيه = شيون

○ پيش ڪيل لفظ: نواب شاهه/ نوابشاهه

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| نواب شاهه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |
| نوابشاهه | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانديو. |

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو: شهر جي صورت ۾ نوابشاه (گڏيل)؛ جڏهن ته ماڻهوءَ جي صورت ۾ نواب شاهه.

○ پيش ڪيل لفظ: وابستا/ وابسته

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| وابستا | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، |
| وابسته | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانديو. |
| وابستا/ وابسته | محمد ابراهيم جويو، |

○ پيش ڪيل لفظ: واضع/ واضح

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| واضع | ڪوبه نه |

○ پيش ڪيل لفظ: ويھڻ/ وھڻ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
| --- | --- |
| ويھڻ | ڊاڪٽر الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه، شفيع محمد چانڊيو. |
| وھڻ | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. |
| ويھڻ/ وھڻ | محمد ابراھيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد |

## لسانيات جي ماهرن پاران ترجيحي صورت لاءِ انگريزي لفظن جون سنڌي صورتون:

○ پيش ڪيل لفظ: انسائيڪلوپيڊيا/ اينسائيڪلوپيڊيا

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
| --- | --- |
| انسائيڪلوپيڊيا | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| اينسائيڪلوپيڊيا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، |
| انسائي ڪلوپيڊيا | محمد ابراھيم جويو، |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي تہ انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر ڏي رجوع ڪجي.

○ پيش ڪيل لفظ: انفارميشن/ انفرميشن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
| --- | --- |
| انفارميشن | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، شفيع محمد چانڊيو. |
| انفرميشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراھيم جويو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي تہ انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر ڏي رجوع ڪجي.
* ڊاڪٽر سحر امداد راءِ رکي تہ: اِن فرميشن (شاهاڻي: 425)
* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي تہ: 'انفرميشن'، پر سنڌيءَ ۾ انفارميشن مروج آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: اوارڊ/ ايوارڊ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
| --- | --- |
| اوارڊ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراھيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |
| ايوارڊ | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ايوارڊ/ اوارڊ | ولي رام ولڀ، |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي ته: سچي عمر 'اوارڊ' پڙهيو آهي.
* ولي رام ولڀ راءِ رکي ته: ٻئي درست آهن.

○ پيش ڪيل لفظ: ايڊيوڪيشن / ايجوڪيشن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ايڊيوڪيشن | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |
| ايجوڪيشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ايوارڊ/ اوارڊ | ولي رام ولڀ، |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي ته: انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر کي رجوع ڪجي.
* ولي رام ولڀ راءِ رکي ته: ٻئي درست آهن.

○ پيش ڪيل لفظ: ٻئراج/ ٻيريج/ براج

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ٻئراج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، سحر امداد حسيني، شفيع محمد چانڊيو. |
| ٻيريج | ڪوبہ نہ. |
| براج | ڊاڪٽر مدد قادري. |
| ٻيراج | پروفيسر قلندر شاه لڪياري. |

○ پيش ڪيل لفظ: ٻئنڪ/ ٻينڪ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ٻئنڪ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، سحر امداد حسيني، |
| ٻينڪ | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

○ پيش ڪيل لفظ: پرنٽرس/ پرنٽرز/ پرنٽرن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| پرنٽرس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو. |
| پرنٽرز | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| پرنٽرن | محمد ابراهيم جويو. |

※ ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر کي رجوع ڪجي.

※ پروفيسر قلندر لکياريءَ راءِ رکي تہ 'حالتن پٽاندر' استعمال ڪرڻ گهرجي.

○ پيش ڪيل لفظ: چيئرمن/ چيئرمئن/ چيئرمين

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| چيئرمن | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| چيئرمئن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ. |
| چيئرمين | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه، شفيع محمد چانڊيو. |

※ آفتاب ابڙي راءِ رکي تہ: عام ڪتابن مطابق 'چيئرمين' آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: فنانس/ فائننس

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| فنانس | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| فائننس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، شفيع محمد چانڊيو. |
| فائنانس | آفتاب ابڙو. |
| فائنينس | پروفيسر قلندر شاه. |

※ ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزيءَ جي ماهر سان رجوع ڪريو.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪاليج/ ڪاليجز/ ڪاليجن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ڪاليجَ | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪاليجز | ڊاڪٽر غلام علي الانا.. |
| ڪاليجن | |
| ڪاليج/ ڪاليجن | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو. |

※ ولي رام ولڀ راءِ رکي تہ: 'ڪاليجُ' وڃان ٿو، 'ڪاليجَ' بند آهن. ڪاليجن ۾ پڙهائي بهتر آهي.

※ ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزيءَ جي ماهر سان رجوع ڪريو.

※ عبدالغفار صديقيءَ راءِ رکي تہ: ڪاليج ـ ڪاليجن (جملي جي بيهڪ تي) هجڻ گهرجي.

※ پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي تہ: مختلف حالتن تحت، سنڌي اصولن مطابق لفظ جي صورت هجڻ گهرجي.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪامپيوٽر، ڪمپيوٽر

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ڪامپيوٽر | ڪوبہ نہ |
| ڪمپيوٽر | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

○ پيش ڪيل لفظ: ڪميٽي / ڪاميٽي

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ڪميٽي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، |
| ڪاميٽي | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪميٽي/ ڪاميٽي (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو، قلندر لڪياري، |

* پروفيسر قلندر شاهه راءِ رکي ٿو: ’ڪاميٽي‘، انگريزي آوازن موجب: ڪميٽي

○ پيش ڪيل لفظ: ڪوٽيشن / ڪوٽيشنز

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| ڪوٽيشنَ | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاهه، شفيع محمد چانڊيو |
| ڪوٽيشنز | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، |
| ڪوٽيشنس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، آفتاب ابڙو، قلندر لڪياري، |

○ پيش ڪيل لفظ: لئنگوئيج/ لئنگويج/ لينگئيج

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| لئنگوئيج | ڪوبہ نہ |
| لئنگئيج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد قادري، |
| لينگوِج | پروفيسر قلندر لڪياري، |
| لئنگويج | عبدالغفار صديقي،ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، |
| لينگئيج | ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو. |
| لئنگوئيج/ لئنگئيج (ٻئي) | ولي رام ولڀ. |

○ پيش ڪيل لفظ: نئشنل/ نيشنل

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت جا صاحب |
|---|---|
| نئشنل | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو. |
| نيشنل | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر لڪياري. |

2008ع ۾ اٿارٽيءَ پاران، دؤر حاضر جي گهرجن نسبت، مٿين انگريزي لفظن جي ترجيحي صورتن جو معاملو اڳتي آندو ويو؛ انگريزي لفظن جي ترجيحي صورتن لاءِ هن ڪان اڳ ڪي خاص لفظ شامل ڪونه رهيا.*

## 2.3 1853ع کان 2008ع تائين ترجيحي صورتن ۽ ڇاڻايل اصولن جو نچوڙ

- **ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ڇاڻائي ٿو ته:**

○ سن 1853ع ۾ سرڪاري ڪاميٽيءَ جيڪا 52 اکري آئيويٽا کي مقرر روپ ڏنو ان لفظن جي هِجي يا اِملا لکڻ جا ڪي اصول تيار نہ ڪيا:

- نِنديرام وينجنن تي سُرن جون ماترائون عربي- فارسي موجب ڏنيون، ليڪن ان ۾ بہ يڪسانيت نہ هئي، جيئن:

اوُ: مُوڙي، پوُرو، پَروُڙ

او: گهڻو، توُڪي، وَڏو، ڏوهہ

ان طرح تعليم کاتي جي ڇپايل درسي ڪتابن ۾ هرهڪ لکندڙ عالم پنهنجي سمجهہ ۽ شخصي اچارن مطابق مختلف هجيئون لکيون.

- 1888ع ۾ سنڌ جي ايجيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب، هڪ ميٽنگ ڪوٺائي اهڙن لفظن جي هِجي مقرر ڪرائي.
- 1905ع ۾ ديوان پريمچند ٻين ماهرن جي مدد سان درسي ڪتابن ۾ وينجن تي ڊگهن سُرن 'اِي' ۽ 'اوُ' جون ماترائون لکڻ لاءِ سنڌي طريقو ڪرايو. انهن ۾ زير 'ي' جي هيٺان ۽ پيش 'و' جي مٿان لکيو ويو.
- ان بعد ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاهہ جي رسالي جي ٽن جلدن ۾ هجيئن جو عربي- فارسي سرشتو ڪتب آندو آهي.

---

* مذڪوره ترجيحي صورتن جو تفصيل سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کان، فائيل جي صورت ۾، حاصل ٿيل آهي.

- ڊاڪٽر غلام عليءَ الانا ڄاڻائي ٿو ته:

  - 13 فيبروري 1913ع ۾ سنڌ جي عالمن ۽ سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن نهراءُ پاس ڪري 'اخبار تعليم' ۾ ضروري لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون:

ڄاڻايل صحيح صورتون: توڙي، نَوَ، ڪنڌار، اجا، وڃي، ڪٽي، جهجهو، مهل، چاق، جسو، بلفعل، استعفا، پرواهه، درياهه، وهڻ، وراهڻ، ڇهه، پردو، چابڪ، دالچيني، دبلو، سير پياز، ڪٽر، سِلَ، سڪول.

✓ ضمير حاضر واحد جي گردان ۾ وڃين لکڻ درست آهي. (ڪميٽي)

✓ اخبار تعليم موجب، هيٺيان لفظ ٻنهي صورتن ۾ صحيح آهن: مهنو يا مهينو، چوي يا چئي، پوي يا پئي، ڦل يا ڦر، پليد يا پليت، وَئي يا ويئي، پئي يا پيئي، توب يا توف، ڪلف يا ڪرف، مسجد يا مسيت.

✓ 'هه' حرف جو اچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نه. صفا اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً: (مهٽڻ) گهڻ؛ (اندازُ) گهڻ، (ناداني) ڄهلَ، (تلاش) ڄهل.

  - ڪن رهيل صورتن لاءِ 1915ع ۾ ديوان ڄڳننات، مرزا قليچ بيگ جي مدد سان هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. ان ڪميٽيءَ ڌار ڌار صورتن ۾ لکيل ڪيترن ئي لفظن جون صورتون مقرر ڪيون: آءٌ، ڪيائُون، چاق، ڪُلف، ڪَئنچي، صبحاڻي.

  - لفظن جي يڪسان صورتن رائج ٿيڻ باوجود ڪي لفظ اڃا تائين ڌار ڌار نمونن ۾ پيا لکجن، ايتريقدر جو 1962ع ۾ ڇپايل سنڌي ٻاراڻي ۽ درسي ڪتابن ۾ به اهڙيون ڦريل صورتون نظر ٿيون اچن، جيئن: ڄَڏِهين، ڄَڏِهن، ڄَڏهِن؛ ڪَڏهِنَ، ڪَڏهِن: ڪَهُڙو، ڪَهِڙو؛ آئُون، آءٌ، آنءُ.

ڊاڪٽر الانا درسي ڪتابن ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي ڦريل گهريل صورتن بابت هيٺين لفظن جي درست صورت جي سفارش لاءِ راءِ ڏني ٿو: بابا، گهاٽو، سهٽا، ڏِيانُ، پَريمُ، پَيارُ، گيانُ، ٿيانُ، ڏُياري، گيتُ، آهي، ٻِين، قوَمَ، ڏاڙهوُن، ٻَئي وغيره.

  - لفظن جي وچ وارن گڏيل آوازن ڪان سواءِ ڪن لفظن جي منڍ ۾ به گڏيل آواز، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن. سنڌي ڪتابن ۾ 'ڏيان'، 'پيار' ۽ 'ڪياڙي' لفظن ۾ [ڏ]، [پ] ۽ [ڪ] کي ساڪن نه سمجهي، انهن کي متحرڪ بنائڻ لاءِ هيٺ [اِ] سُر ڏنو ويو آهي، حالانڪ [ڏيَ]، [پيَ] ۽ [ڪيَ] وغيره اڏارن ورتل لفظن جو حصو آهن، پر ديسي

صوتياتي نظام موجب ڳنڍيل آواز آهن، جي سنڌي صوتياتي خصوصيتن جا حامل آهن. انهن ڳنڍيل آوازن ۾ پهريان 'جوڙ' ساڪن آهن، انهيءَ ڪري سنڌي ڪتابن ۾ درستيون آڻڻ جي گهڻي ضرورت آهي. /پُريم/ ۽ /ڏيان/ وغيره لفظن ۾ پهريان ساڪن آواز، ٻئي جوڙ سان گڏ، ڳنڍيل آواز ڪان پوءِ ڪم ايندڙ سُر سان متحرڪ ٿين ٿا.

- **شيخ محمد فاضل** به ان قسم جي ڳنڍيل آوازن جي صورتخطيءَ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته: "محترم لڇمڻ داس مولچند جي پيش ڪيل لفظن مان هڪ لفظ 'پيار' تي بحث ڪجي ٿو:

| ٻي صورت | پهرين صورت |
| --- | --- |
| پيارُ | پِيَارُ |

* پهرين صورت ۾، 'پِيَارُ' لفظ ۾ 'پِ' جدا آواز ۽ 'يَا' جدا آواز آهي، يعني 'پِ + يَا + رُ' آهي.
* ٻي صورت ۾، 'پِ' آواز سان 'يَا' آواز اهڙيءَ طرح ملائي اچارڻو آهي، جو ٻنهي آوازن کي هر حالت ۾ هڪ آواز بنائڻو آهي، يعني 'پِ' جي زير جو اثر 'ي' تائين به پهچي ٿو ۽ ان کان پوءِ 'آ' جو آواز ساڻس ڳنڍجي وڃي ٿو." "منهنجي راءِ آهي ته 'پيار' جي ٻي صورت کي هن طرح لکجي: 'پِيارُ' يعني 'پِ' کي زير ڏجي ۽ 'ي' کي 'پِ' سان ملائڻ لاءِ مٿس جزم ڏجي. ان کان پوءِ 'ي' جي پنهنجي اعراب 'زبر' + الف (حرف علت) ملائجي."

- **لوڪناٿ لکي ٿو:** هن (عربي- سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي. نه فقط ايترو، ليڪن غير وگيانڪ لپيءَ جي سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پئي آهي، جنهن ڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت، شلوڪن جا اچار اهڙا ڪندا آهن جڻ ته عربي وينا پڙهن.
    - ڊاڪٽر غلام علي الانا ديوان لوڪناٿ جي موت ۾ ڄاڻائي ٿو ته: "جن جن اعتراضن جي بنا تي ديوان لوڪناٿ عربي- سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون دراصل عربي- سنڌي رسم الخط ۾ نه آهن، پر لکندڙن جي اڻڄاڻائيءَ جو نتيجو آهن." *هيءُ لفظ ٻن ٻڌن وارو آهي، [پَيَ] ڳنڍيل آواز آهي، ان ۾ پهريون جز /پ/ ساڪن (vowel less) آهي.*
    - هيستائين سنڌ جي ماهرن سنڌي زبان جي نصابي ڪتابن، وياڪرڻن توڙي سنڌي لغات ۾ هن موضوع طرف ڪوبه توجه نه ڏنو آهي؛ مثال طور:

ڏيان، ٻيائي، پيار، ڏياري، ڏياڻي، ٽياپو، ٽياءُ، گيان،
ٽياڻ، ڪياڙي، ڄياپو، پُريم، ڪُروڌ، گراهڪ ۽ برهمڻ

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، 19 ڊسمبر 1998ع تي پاران درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون:
  - سنڌي پهريون ڪتاب (گروپ ٻيون)

ڪتاب ۾ شامل سمورن سبقن جي مواد تي اعرابون، سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، مزاج ۽ استعمال کي آڏو رکي ڏنيون وڃن. ڪتاب ۾ ڪيترن لفظن تي اعرابن جو غلط استعمال ٿيل آهي، اهي اعرابون يڪسان درست نموني ڏنيون وڃن؛ جهڙوڪ:

درست ڪيل: نَنَڍِڙُ، مَٽِن، صِفَن، دَريون، صُبُحَ جو، اُپِرَڻُ، ڪَڏهن، چُستُ، چِلُ، ڪُڪڙيون وغيره.

ڪجهه لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجهه لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن، انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

درست ڪيل: امان، هڪبئي، پئسن، درياهُ.

  - سنڌي ٻيون ڪتاب (گروپ ٽيون):

مختلف سبقن ۾ املا جون درستيون ڪيون وڃن؛ جهڙوڪ:

درست ڪيل: پئسا، سومهڻي، پنهن جن رانديڪن، چِنل.

  - سنڌي چوٿون ڪتاب (گروپ پنجون):

سبق ۾ اِملا ۽ اعرابون درست ڪيون وڃن، جهڙوڪ:

درست ڪيل: نَبوت، مَيسره، وونئڻ، پڻ، ٿيلهيون، موهن جو دڙو

- 1999ع تي اٿارٽيءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر غلام علي الانا جي زير نگراني ڪي سلسلا شروع ڪيا ويا جن ۾ صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو سلسلو پڻ جاري رکيو ويو. جنهن ۾ گهڻي قدر ساڳيا لفظ آڏو آندا ويا جيڪي 1913ع ۾ تصحيح ڪيا ويا هئا؛ سواءِ هڪ لفظ 'مطمئن' يا 'مطمعن' جي صورت جي! انهن لفظن جي صورتن جي فهرست پنجاه کن استادن، اديبن ۽ عالمن کي ترجيحي صورتن لاءِ موڪلي وئي تہ جيئن ڪنهن سيمينار دوران حتمي راءِ قائم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي.

ان کان علاوه صورتخطيءَ جي حوالي سان تربيتي ڪلاسن جو سلسلو بہ شروع ڪيو ويو جنهن جو پهريون تربيتي ڪلاس 2 آڪٽوبر 1999ع تي محترم امداد حسيني حيدرآباد ۾ ورتو.

## 2.3.2 2008ع ۾ انگريزي لفظن جي الٽو ترجيحي صورت لاءِ لفظ

1913ع ۽ 1999ع ۾ هڪ انگريزي لفظ 'اسڪول/ سڪول' جون صورتون صورتخطيءَ جي مرحلي مان گذريون، ليڪن 2008ع ۾ وقت جي گهرجن آهر، انگريزي لفظن جي الٽو سنڌي ترجيحي صورت لاءِ هينيان لفظ آندا ويا:

| 2008ع تي پهريون دفعو رکيل انگريزي لفظن جون صورتون | | |
|---|---|---|
| انسائيڪلوپيڊيا | اينسائيڪلوپيڊيا | ... |
| انفارميشن | انفرميشن | ... |
| اوارڊ | ايوارڊ | ... |
| ايڊيوڪيشن | ايجوڪيشن | ... |
| بئنڪ | بينڪ | ... |
| پرنٽرس | پرنٽرز | پرنٽرن |
| چيئرمن | چيئرمئن | چيئرمين |
| فنانس | فائننس | ... |
| ڪاليج | ڪاليجز | ڪاليجن |
| ڪامپيوٽر | ڪمپيوٽر | ... |
| ڪميٽي | ڪاميٽي | ... |
| ڪوٽيشن | ڪوٽيشنز | ... |
| لئنگوئيج | لئنگويج | لينگئيج |
| نئشنل | نيشنل | ... |

## 2.3.3 2008ع تي اڳ اختياري قرار ڏنل صورتن جي ٻيهر شموليت

هيٺيون ٻئي صورتون 1913ع ۾ اختياري ڄاڻايون ويون هيون؛ 2008ع ۾ ساڳيون صورتون اختياريءَ بجاءِ ترجيحي صورتن لاءِ رکيون ويون.

| 1913 | 1915 | 1998 | 1999 | 2008 |
|---|---|---|---|---|
| چوي/ چئي | ------ | ------ | ------ | چوي/ چئي |
| پوي/ پئي | ------ | ------ | ------ | پوي/ پئي |
| وئي/ ويئي | ------ | ------ | ------ | وئي/ ويئي |
| پئي/ پيئي | ------ | ------ | ------ | پئي/ پيئي |
| توب/ توف | ------ | ------ | ------ | توب/ توف/ توپ |
| ڪلف/ ڪرف | | ------ | ------ | ڪلف/ ڪرف |
| مسجد/ مسيت | ------ | ------ | ------ | مسجد/ مسيت |

### 2.3.4 مختلف دؤرن ۾ حتمي قرار ڏنل صورتون

هيٺ مختلف صورتخطين مان انهن لفظن جي لسٽ ڏجي ٿي، جيڪي حتمي صورت جو روپ وٺي چڪا ۽ پيهر اعتراضن جي وَر ڪونہ چڙهيا:

| | |
|---|---|
| 1888ع جون حتمي صورتون | جڏهن، ڪنهن، جنهن. |
| 1905ع جون حتمي صورتون | ڊگهن سُرن جي آخري اکر 'ي ۽ و' تي اعراب کي ترجيح ڏني وئي. |
| 1913ع جون حتمي صورتون | ڏهاڙي، ٽيون، نَوَ، جُون، ڪنيا، ايضاً، بلفعل، املداس، سرگس، سڳڻ، تعدي، زعفران، خونچو، دسترخانو، همام دستو، سير پياز، فانوس. |
| 1915ع جون حتمي صورتون | ڪياٿون، صبحاڻي. |
| 1998ع جون حتمي صورتون | هن واري، اعرابن ۾ لفظن جي جوڙ ۾ نحوي بناوت وغيره تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو، ان کان سواءِ هي لفظ: *ٽنيپڻ، امان، پئسن، سومهڻي، ٽيلهيون، موهن جو دڙو، هڪبئي*. |
| 1999ع جون حتمي صورتون | هن واري، صرف صورتن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. |
| 2008ع جون حتمي صورتون | هن واري، نئين سِري سان، صورتن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون، ليڪن اڃان تائين باضابطہ طور تي ڪي حتمي صورتون متعيّن ڪونہ ڪيون ويون آهن. |

### 2.3.5 اهي لفظ جن لاءِ رايا گڏ نہ ٿي سگهيا

هيٺ مختلف صورتخطين مان انهن لفظن جي لسٽ ڏجي ٿي، جيڪي صرف هڪ دفعو ترجيحي صورت هيٺ رهيا، ليڪن ان جي ترجيحي صورت لاءِ ڪي رايا گڏ ٿي ڪونہ سگهيا:

| | |
|---|---|
| 1888ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |
| 1905ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |
| 1913ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |
| 1915ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |
| 1998ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |
| 1999ع جون حتمي صورتون | مطمئن/ مطمعن |
| 2008ع جون حتمي صورتون | ڪوبہ لفظ نہ ملي سگهيو آهي. |

### 2.3.6 اصولي اڀياس خاطر چونڊ لفظ

مختصر اڀياس مان اها ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ صورتخطيءَ جو تعلق سماجي ٻوليءَ جيان سماج جي رواج سان آهي، تڏهن تہ اتفاق راءِ جي گهرج پيش اچي ٿي. ان حوالي سان چند لفظ اهڙا

آهن جيڪي صرف ۽ صرف اتفاق راءِ جي ٽُريءَ ۾ تورڻ جوڳا آهن: جيئن: بجاج/ بزاز، نمڪ/ ليمڪ، ونئڻ/ وونئڻ، ڏارچيني/ دالچيني وغيره.

مٿيـن لفظن مان هيٺ صرف چونڊ اهي لفظ آڏو آڻجن ٿا جن لاءِ سماجي رواجن سان گڏوگڏ ڪي اصول پڻ گهربل آهن:

اجا/ اجان، استعيفا/ استعفاء/ استعيفيٰ، الف- بي/ الف- ب، اوٺيهہ/ اوٺويهہ/ اُٺويهہ، آءٌ/ آئون، بنايو/ ٻڌايو، پيون/ پيو/ پئو، ڀاڳو/ ڀاڳون، پئونر/ پؤنر/ پنئور، تقريباً تقريبن، توٽي/ توڙي، ٿانءُ، ٿانو، ٺل/ ٺلهہ، پروا/ پرواهہ، پليد/ پليت، پوي/ پئي، جٿو/ جٿو/ جسو، چهبڪ/ چابڪ، درياهہ/ درياءُ، دعوىٰ/ دعوا، دنبورو/ طنبورو، رنگ/ رنڱ، سايو/ سعيو، ضعيف/ زائفان، طئي/ طي، ڪسر/ ڪثر، ڪٽين/ ڪٽي، ماروي/ مارئي، ماٺهو/ ماٺهون، محل/ مهل، مڪہ/ مڪيہ، نواب شاهہ/ نوابشاهہ، وابستہ/ وابستا، واضع/ واضح، وجين/ وجي، وئونڻ/ وؤنڻ/ وؤڻ، ويراهڻ/ وراهڻ/ ورهائڻ، ويهڻ/ وهڻ، مطمئن/ مطمعن وغيره.

جيڪا لسٽ آڏو آندي وئي تن ۾ لفظن جي گروهه بندي ڪيل ڪانہ هئي، مثلاً: پئونر/ پؤنر/ پنئور ۽ ڏئونرو/ ڏؤنرو/ ڏنؤرو، ڏئونرا/ ڏؤنرا/ ڏنئورا، زنؤر/ زئونر/ زنئور جا لفظ ساڳي نوعيت جا لفظ هئا، ليڪن انهن جون جڳهيون مختلف هيون. حالانڪ ٿيڻ ائين کپندو هيو تہ لفظن جي گروهہ بندي ڪري ساڳي لڙهيءَ ۾ رکيا وڃن ها تہ عالم توڙي ماهر انهن لاءِ هڪ اصول قائم ڪرڻ لاءِ ضرور سوچين ها. ان خيال کان 1853ع کان 2008ع تائين صورتخطين ۽ ڄاڻايل اصولن جي نچوڙ مان ڪي خاص وضاحت طلب نڪتا هيٺ رکجن ٿا:

### 2.3.7 اخذ ڪيل وضاحت طلب نڪتا

- اصطلاح/ مخفف: (الف- بي/ الف- ب) جي صورتخطي
- ڊگهن سُرن تي اعرابن جو سرشتو: (مُوڙي/ موُڙي، پُورو/ پوُرو وغيره)
- واؤلين/ ۇ متحرڪ ۽ ساڪن جو ڪردار: (پئونر/ پؤنر/ پنئور وغيره)
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف علت جو تصور: (ماروي، مارئي، اُونڌائي/ اونداهي، هوا/ هئا، چوي/ چئي وغيره)
- الف مقصوري جو ڪردار: (دعوىٰ/ دعوا وغيره)
- سُر ڪيرائڻ/ وڌائڻ/ مٽائڻ جو معاملو: (سچون/ سچيون، مهنو/ مهينو وغيره)
- تنوين 'اً، اٍ، اٌ' جو ڪردار: (تقريباً/ تقريبن وغيره)
- نون ساڪن (قريب مخرج سبب ۽ جمع جي صورت ۾): (ننڍَپڻ/ ننڍَپڻُ؛ آگرِيُن، اَڪرَن، ٻارَن وغيره)

- آخري ۽ ماقبل آخري (Second last) وينجن جي سُر جو معاملو ۽ آخري وينجن ساڪن جو تصور: (آڱرين، اکرن، ٻارن وغيره)
- نون گهٽي (سُر) جو معاملو: (آءٌ / آئون، ٿانءُ/ ٿانو، اما/ امان، اجا/ اجان، وجين/ وجي وغيره)
- گهٽي وينجن جو ڪردار: (رنگ/ رڱ)
- وسرڳ جو معاملو: (ويراهڻ/ وراهڻ/ ورهائڻ، نل/ نلهه وغيره)
- وينجن هه جو معاملو: (سُمهٽي/ سومهٽي)
- مختفي هي (ہ) جو ڪردار: (درياهه/ درياءُ، نواب شاهه/ نوابشاهه، وابستہ/ وابستا وغيره)
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ لهجاتي فرق: (توٽي/ توڙي، اوٽيهہ/ اوٽويهہ/ اُٽويهہ وغيره)
- لهجاتي فرق سبب پيدا ٿيندڙ معنوي فرق: (پوي/ پئي وغيره)
- مصدرن/ فعل جون ماضي ۽ اسم مفعول صورتون: (ڇڳل/ ڇنل وغيره)
- عربي صَرف (وزن) جي سنڌي ٻوليءَ سان ويجهڙائپ: (استعيفا/ استعفاء/ استعيفيٰ، نُبوت/ نَبوت، مَيَسره/ مَيسره، مطمئن/ مطمعن وغيره)
- عربي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ آوازن اکرن جو احتياط: (واضع/ واضح، ڪثر/ ڪسر، تهمل/ تحمل، بدماش/ بدمعاش)
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب عربي لفظن جي بدليل صورت: (جثو/ جسو، ضعيفہ/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر، بقل/ بصر، قّل/ قّر، ڪلف/ ڪرف وغيره)
- قريب مخرج ۾ تبديل: (پليد/ پليت، دنبورو/ طنبورو، طبلو/ دبلو، دوفان/ طوفان، جافران/ زعفران، توب/ توف وغيره)
- ٻنايو/ ٻڌايو لفظن جي ترجيحي صورت وارو معاملو: (ٻنايو/ ٻڌايو)
- مُرڪب/ جهڙ لفظ ملائي، الڳ يا اڳي ـ پوءِ لکڻ وارو معاملو: (اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ، پنهنجو/ پنهن جو، جنهنڪري/ جنهن ڪري، ڪان سواءِ/ ڪانسواءِ، نواب شاه/ نوابشاه، ڄامشورو/ ڄام شورو، سٺو سنئون/ سنئون سٺو، الف-ب/ الف-بي وغيره)
- ديسي ڱڌيل آواز (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ) جي اعراب: (پِيارُ/ پُيارُ وغيره)
- انگريزي لفظن جي سنڌي صورت وارو معاملو: سڪول/ اسڪول، انسائيڪلوپيڊيا/ اينسائيڪلوپيڊيا، انفارميشن/ انفرميشن، اوارڊ/ ايوارڊ، ايڊيوڪيشن/ ايجوڪيشن، ٻئراج/

بيريج/ براج، بئنڪ/ بينڪ، پرنٽرس/ پرنٽرز/ پرنٽرن، چيئرمن/ چيئرمئن/ چيئرمين، فنانس/ فائننس، ڪاليج/ ڪاليجز/ ڪاليجن، ڪامپيوٽر، ڪمپيوٽر، ڪميٽي/ ڪاميٽي، ڪوٽيشن/ ڪوٽيشنز، لئنگوئيج/ لئنگويج/ لينگئيج، نئشنل/ نيشنل.

2.3.8. **حاصل مطلب** (راءِ جي صورت ۾)

صورتخطيءَ مان مراد صرف لکت يا لکاوٽ ناهي، بلڪ متفقہ عالمن جي راءِ موجب: سرڪاري يا غير سرڪاري طور تي مقرر ڪيل ڪنهن لفظ جي مقرره صورت جو نالو آهي.

1853ع کان وٺي هيل تائين، صورتخطيءَ جي صورتن جي حوالي سان نتون لفظن کان علاوه، ڪافي لفظن جون صورتون ساڳيون پئي ڦريون گهريون آهن، ليڪن اڄ تائين انهن لاءِ ڪو اصولي لائحہ عمل تيار تي نہ سگهيو آهي. ان جا امڪاني سبب هيٺيان ٿي سگهن ٿا:

- هر اديب/ عالم/ استاد پنهنجي ذاتي راءِ جي بنياد تي ترجيحي صورتون متعيّن ڪيون آهن؛ جنهن لاءِ انهن وٽ ڪنهن اداري پاران جاٿايل ڪي بنيادي اصول آڏو ڪونہ رهيا؛
- ترجيحي صورتن لاءِ تربيتي ڪلاسن لاءِ جن ماڻهن کان ڪم ورتو ويو، تن مان سواءِ چند عالمن/ استادن جي، باقي لسانيات جي بنيادي اصولن کان واقف ڪونہ هيا؛
- ٻوليءَ جا جيڪي ماهر هيا سي بہ گهٽي قدر پنهنجي لهجي جي نمائندگي ڪندڙ هيا؛
- ادارن پاران، گهربل لفظن جي نوعيت جي اصولن يا قاعدن تي ڪم ڪرائڻ بجاءِ، عالمن جي ذاتي راين تي اڪتفا ڪيو ويو آهي.
- نومبر 2008ع ۾ صورتخطيءَ لاءِ ڪرايل مذاڪري ۾ بہ ترجيحي صورتن لاءِ رايا تہ ورتا ويا، ليڪن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ انهن صورتن مان ڪهڙي صورت ڪي درست ڄاڻيو ويندو ۽ ڪهڙي اصول تحت حاصل صورت سمجهي ويندي؟

پوري اڀياس ۾ وقت بوقت صورتخطين جي مقرريءَ ۾ وري نئين سئين ترجيحي صورت جي ضرورت محسوس ڪرڻ بعد نتيجةً اها راءِ جڙي ٿي تہ:

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي موجوده حالتن آڌار گهرجي تہ گهربل لفظن جي نوعيت جي لفظن جا گروه جوڙي. انهن تي اصول جوڙڻ لاءِ مختلف ٻوليءَ جي ماهرن ۽ اديبن کان، باضابطہ اڀياس ڪرايو وڃي ۽ سيمينار ڪرايا وڃن؛ ان ڪيل ڪم / سيمينار ۾ آيل سفارشن جي معيار جاچڻ لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ ڪاميٽي جوڙي، ڪا حتمي راءِ جوڙي وڃي. ممڪن هجي تہ حتمي راين تي مذاڪرو ڪرايو وڃي.

## باب ٽيون

# صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن لاءِ لسانياتي اصطلاحن جو اڀياس (اصطلاح/ مخفف، تنوين، ڊگهن سُرن تي اعرابن جو سرشتو، واؤ لين/ 'وَ' متحرڪ ۽ ساڪن، حرف علت، الف مقصوري، نون ساڪن {قريب مخرج ۽ جمع} ، آخري ۽ ماقبل آخري سُر ۽ آخري ساڪن وينجن، گهٽو سُر، گهٽو وينجن، وسرڳ، وينجن ھ، مختفي ہ)

## 3.1 اصطلاح/ مخفف: 'الف_ بي/ الف_ ب' جي صورتخطي

4 نومبر 2008ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 'سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ۽ انهن جو حل' جي موضوع تي سنڌ جي استادن ۽ عالمن جو هڪ مذاڪرو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ڪافي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ عالمن آڏو رکيا ويا؛ ان لسٽ ۾ اهي **لفظ** به شامل ڪيا ويا جيڪي 1913ع تي درست صورت ۾، مخزن 'اخبار تعليم' ۾ شايع ڪيا ويا هئا. (جيٽلي، 1999: 182) هت صرف الف- ب/ الف- بي لفظن بابت عالمن جون ترجيحي صورتون اڀياس خاطر رکجن ٿيون:

### 3.1.1 اٿارٽيءَ ۾ عالمن پاران پيش ڪيل صورتون

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| الف- ب | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو. |
| الف- بي | ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع چانڊيو. |
| الف- بي/ ا-ب | ولي رام ولڀ. |
| الف- بي/ الف- ب | پروفيسر قلندر شاهه. |

* پروفيسر قلندر شاهه لڪياريءَ راءِ رکي ته ٻئي صحيح آهن. جيئن: ABC/ Alphabet*

الف- بي يا الف- ب جي درست صورتخطيءَ لاءِ اختياريءَ وارن ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪو هڪ اصطلاح جي صورت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو. هي لفظ اصطلاح کان علاوه هڪ مخفّف جي صورت پڻ آهي. هي اصطلاح 52 اکري ترتيب لاءِ ڪم آندو ويندو آهي ۽ پٽي، آئيوٽا، الفباء، ورڻ- مالا يا حروف تهجي جي نالن سان پڻ پڪاريو ويندو آهي.

---

(سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران اهڙو تفصيل، مذاڪري جي موقعي تي ڏنو ويو هو.)

### 3.1.2. عالمن پاران ڪم آندل صورتن جو جائزو

عالمن هن جهڙن/ مرڪب لفظ جي صورتخطيءَ ۾ فرق رکيو آهي: الف- بي/ الف- ب/ ا- ب ٽنهي صورتن ۾ ڪم آندو ويجي ٿو. جن عالمن مذڪوره صورتون ڪم آنديون آهن، تن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

- **الف- ب واري صورتخطي ڪم آڻيندڙ عالم/ استاد:** پيرومل آڏواڻي (1985: 15)، رحيم بخش ميمڻ (1950: 26، 27) پروفيسر علي نواز جتوئي (1996: 192)، ڊاڪٽر غلام علي الانا (2005: 209-211)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (2007: 39)، ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ (2004: 45- 61)، ڊاڪٽر انيس فاطمه سومرو (2006: 353)؛ ان ڪان علاوه 2008ع واري مذاڪري ۾ راءِ رکندڙ محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي ۽ آفتاب ابڙو شامل آهن.
- **'الف- بي' واري صورتخطي ڪم آڻيندڙ عالم/ استاد:** ڊاڪٽر دائود پوٽو (1997: 62)، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (1992: 12، 13، 14، 15)، محمد صديق ميمڻ (2007: 102- 111)، پروفيسر عبدالڪريم لغاري (1976: 1، 4، 5، 10)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (1986: 298)، ان ڪان سواءِ مذاڪري ۾ ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد ۽ شفيع چانڊيو راءِ رکندڙن ۾ شامل آهن.
- **'ا- ب' جي صورت ڪم آڻيندڙ:** پروفيسر لغاريءَ پنهنجي ڪتاب جي عنوان 'سنڌي ا- ب جي ارتقا' ۾ ڪم آندو؛ مذاڪري موجب: ولي رام ولڀ.
- **الف- بي/ الف- ب واريون ٻئي صورتون ڪم آڻيندڙ:** مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ۾ پڻ ساڳئي صفحي تي ٻئي صورتون ڪم آندل آهن: الف- ب ۽ الف- بي (2006: 165)، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' ۾ پڻ ٻئي صورتخطيون ڪم آنديون آهن: الف- بي (1999: 54)، الف- ب (1999: 161، 165، 164، 166)؛ مذاڪري موجب: پروفيسر قلندر شاه لڪياري.

ٽنهي رخن مان جيڪي خيال اڀرن ٿا تہ:

1. جڏهن 'الف' جو اچاريل پد پورو لکجي ٿو تہ پوءِ 'بي' جو پورو پد ڇونہ لکجي؟
2. جڏهن 'ا' جو ڇڙو اکر لکجي ٿو تہ پوءِ 'ب' جو اکر بہ ڇڙو ئي لکڻ گهرجي!
3. پروفيسر قلندر شاه جيڪا 'الف- بي/ الف- ب' بابت راءِ رکي ۽ ABC/ Alphabet جو مثال ڏنو سو اڻ- نهڪندڙ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ABC صرف اکر آهن، اکرن جو اچار ڪونهن، جنهنڪري ان کي الفابيٽ- ازم (alphabetism) يا انيشل- ازم (initialism) چئي سگهجي ٿو؛ جڏهن تہ Alphabet ۾ ٻنهي اکرن جي اچاريل پدن 'الفا ۽ بيٽا' جو پورو ڳنڍ آهي.

### 3.1.3 الف_ بي جو مخفف طور جائزو

پروفيسر قلندر شاه لڪياري جيڪا 'الف- بي/ الف- ب' بابت راءِ رکي ۽ ساڳئي وقت ' /ABC Alphabet' جو پڻ اشارو ڪيو، سي حقيقت ۾ الڳ الڳ نوعيت جون صورتخطيون آهن. ' /ABC Alphabet' انگريزيءَ ۾ بيشڪ مستعمل آهن، پر ٻنهي جي نوعيت الڳ الڳ آهي. هڪ جي سڃاڻ 'مخفف' سان ٿئي ٿي ته ٻئي کي 'اصطلاح' (Term) طور ڄاتو ٿو وڃي. لفظ اصطلاح (Term) جو دائرو وسيع آهي، ان حوالي سان 'مخفف' خود اصطلاح ۾ ڳڻيو ويندو آهي، پر انهن لفظن جو جيڪو پاسو هت مقصود آهي، تنهن جي نوعيت مڙ آهي. هيٺ مختصر تقابلي اڀياس پيش ڪجي ٿو:

انگريزيءَ ۾ 'ABC' اکرن جي مختصر روپ واري صورتخطيءَ کي مخفف (Abbreviation) ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ مختصر روپ لاءِ ساڳي نوعيت جا اصطلاح contraction ۽ elision ؛ acronym ۽ initialism يا alphabetism؛ truncation، clipping، blends ۽ short form جا لفظ بہ ٿوري گهٽي فرق سان انگريزي صورتخطيءَ ۾ مستعمل آهن. اهي اَنئي لفظ Abbreviation جي دائري ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. جڏهن تہ خود Abbreviation کي Term ۾ شامل ڪيو ويندو آهي.

'ABC' جو امڪاني واسطو initialism يا alphabetism سان آهي، ڪيمبرج انسائيڪلوپيڊيا آف لئنگويج ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

- Acronyms: words formed from the initial letters of the words that make up a name, e.g. *NATO, UNESCO, radar* (= radio detection and ranging); a sub_ type is an alphabetism, in which the different letters are pronounced, e.g. VIP, DJ. (David, 1996: 90)

Acronym جي وضاحت ۾ **Alphabetism** جو اصطلاح بہ ڪم آندو ويو آهي ۽ ان جي مثالن ۾ VIP جو مثال پڻ ڏنو ويو آهي؛ حقيقت ۾ ان قسم جي مخفف کي ساڳي نوعيت جي ٻئي مخفف Initialism طور سڃاتو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪن لفظن جا صرف اڳيان اکر رکيا ويندا آهن ۽ ان جو اچار لفظ جي صورت ۾ نہ هوندو آهي. ان لاءِ اڀياس ڪيل هيٺيون مختلف وصفون ڏجن ٿيون:

انگريزيءَ ۾ ڪنهن اسم خاص جي پهرين اکرن وٺڻ واري ٽيڪنڪ لاءِ لفظ Acronym ۽ Initialism جو استعمال ٿيندو آهي. *آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرز ڊڪشنريءَ* ۾ ان جي وضاحت هن ريت ڪيل آهي:

> Acronym: a word formed from the first letters of a group of words, e.g. *UNESCO* i.e. *United Nations Educational, Scientific and Cultural Organization*. (Oxford advanced learners Dictionary_ 1998)

وڪيپيڊيا انسائڪلوپيڊيا ۾ acronym ۽ initialism جي تقابلي پيٽ هيٺين ريت ڏنل آهي:

- **Acronyms** are often referred to with only the first letter of the abbreviation capitalized. For instance, the North Atlantic Treaty Organization can be abbreviated as *'Nato'* or *'NATO'*, and Severe Acute Respiratory Syndrome as *'Sars'* or *'SARS'* (compare with *'laser'* which has made the full transition to an English word and is rarely capitalized at all).
- **Initialism** are always written in capitals; for example the *'British Broadcasting Corporation'* is abbreviated to *'BBC'*, never *'Bbc'*. **An initialism is similar to acronym but is not pronounced as a word.** (wikipedia encyclopedia)

- **Acronym** _ (a type of abbreviation)
  A word formed from the initial parts (letters OR syllables OR arbitrary parts) of a name.
  Examples: NATO (North Atlantic Treaty Organization)

- **Initialism** _ (a type of abbreviation)
  A group of initial letters used as an abbreviation for a name or expression, each letter being pronounced separately.
  For example, 'BBC' (British Broadcasting Corporation), or 'PBS' (Public Broadcasting System).

- **Truncation** _ (a type of abbreviation)
  An abbreviation of a word consisting only of the first part of the word.
  Most often used in a context (such as for mail) where certain words must be written (and read) repetitively.
  Examples: Tues. = Tuesday; Dec. - December; Minn. - Minnesota; Eur = Europe, European (wikipedia encyclopedia)

- CLASS: abbreviation
  SUB_CLASSES:

_ abbr.acronym {speak : normal;} (...*say it as a word..*)

_ abbr.initialism {speak : spell_out;} (...*say each letter seperately...*)

_ abbr.truncation {speak : spenall_out;} (...*say each letter seperately..*

(wikipedia encyclopedia internet)

Acronym جي مختلف وضاحتن ۾ مثالن مان هڪ خاص ڳالهه اها اڀري آئي ته اهڙو abbreviation جيڪو ڪن لفظن جي پهرين اکرن کي بغير ڪنهن ٽٻڪي يا پوري دم ڏيڻ جي، ائين بيهاري، جو اهو اڳين اکرن جو مجموعو هڪ لفظ جي صورت اختيار ڪري! يعني ان abbreviation ۾ consonants سان گڏ vowels به اچي وڃن، جنهن سان ان لفظ کي سُرن جي مدد سان اچاري سگهجي! جيئن: WAPDA يا wapda، ڇاڪاڻ ته ان لفظ ۾ consonants سان گڏ vowels به موجود آهن.

Initialism جو اصطلاح به Acronym سان هوبهو مشابهت رکي ٿو. فرق صرف اهو آهي ته Initialism ۾ vowels جو هجڻ ضروري ناهي- جن جي مدد سان جڙيل لفظ اچاري سگهجي؛ البته Capital Letters جو هجڻ ضروري آهي؛ مثال طور: *British Broadcasting Corporation* جو Initialism ٿيندو:*BBC* وڏن اکرن سان ٿيندو، وڏ- ننڍائيءَ موجب:*Bbc* نه ٿيندو!

Acronym ۽ Initialism ۾ واضح فرق هيٺئين مخفّف مان به آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو: مثلاً: National Database Registration Authority جو Acronym آهي 'NADRA' يا 'Nadra' جڏهن ته ان جو Initialism ٿيندو 'NDRA'. فرق اهو واضح ٿيو ته پهرين مخفّف ۾ لفظ جي صورت آهي، جنهن ۾ هڪ لفظ National مان به اکر 'NA' ورتا ويا، صرف ان لاءِ ته ان جي ملائڻ سان ڪو لفظ اچاري سگهجي؛ يعني ان اچاري صورت کي لفظي صورت وارو چئي سگهجي ٿو. جڏهن ته ٻئي مخفّف ۾ صرف هڪ هڪ اکر ڪري اچاربو، جنهن کي لفظ جي صورت ۾ اچاري نه سگهبو.

آئيوتا لاءِ ڪم ايندڙ ABC اصطلاح/ مخفّف جون خاصيتون مخفّف جي قسم Truncation سان به مطابقت رکن ٿيون؛ Truncation جي وضاحت آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرز ڊڪشنريءَ ۾ فعلي صورت ۾ هيٺين ريت ڪيل آهي:

- **Truncate:** (esp. passive) to make something shorter by cutting off the top or end.

ويبسٽرس ڊڪشنريءَ ۾ ان جي معنيٰ هن ريت آهي:

- **Truncate:** to shorten by cutting abruptly; to cut short.

لفظ Truncation بابت اهو واضح ٿيو ته ڪنهن به شيءِ جو آڳو يا پيڇو ڪٽڻ واري حالت کي Truncation چئجي ٿو. مذڪوره اصطلاح لاءِ اهو نڪتو اخذ ٿيو ته ڪنهن لفظ جي آڳي ڪٽڻ سان به

لفظ جو مخفف ڪري سگهجي ٿو: اهڙا مثال انگريزيءَ ۾ گهڻا آهن تڏهن بہ پنهنجي جڳهہ تہ هڪ اصطلاح جو جهڙوڪر دائرو مقرر ڪيو ويو آهي. مثال: '*University*' جا مخففات '*Unive*' ۽ '*versity*' الڳ الڳ ڪم آندا ويندا آهن، جنهن ڪي اسان وضاحتن آڌار truncation جو نالو ڏئي سگهون ٿا.

### 3.1.3.1. مخفف/ اصطلاح جي نقطہ نظر سان ABC جون خاصيتون

مٿيان انگريزي مخفف جا نمونا، ABC جي هيٺين خاصيتن سان مطابقت رکن ٿا:

1. ABC جو اصطلاح ڪنهن سلسليوار اکرن جي آڳي تي مبني آهي: جنهن بنياد تي مخفف جي گروه ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن سلسليوار اکرن جي آڳي ڪي پوري ترتيب لاءِ ڪم آڻڻ سبب Truncation سان مطابقت رکي ٿو.
2. ABC اصطلاح جا اکر الڳ الڳ پدن سان اچاريا ويندا آهن ۽ اڪثر وڏن اکرن (Capital letters) ۾ لکيا ويندا آهن، جنهن صورت ۾ هي مخفف Initialism ۾ پڻ شامل ٿيڻ جي سگهہ رکي ٿو.
3. ڏٺو وڃي تہ ABC ۽ Alphabet اصطلاحي طور تي ساڳئي مفهوم سان سلهاڙيل ضرور آهن، ليڪن ABC، Alphabet جو Initialism ناهي، بلڪہ ٻوليءَ جي مزاج مطابق اچاري پدن موجب 'اي، بي، سي، ڊي، اي، ايف، جي. . .' جو Short form آهي. جڏهن تہ الفابيٽ يوناني 'الفابيٽا' جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جو بنياد پڻ آرامي اکرن جي اچار 'الف، بيت' مان آهي.
4. ABC جي مخفف ڪي alphabetism ۾ بہ چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اکرن جي ترتيب آهي.
5. 'الفابيٽ' جو بنياد 'الف- بيت' مان آهي، جنهن جو انگريزي لفظن يا اکري اچارن (syllable) سان ڪوبہ واسطو ڪونهي: جنهن سبب ان کي اصطلاح (Term) ۾ نئي ڳڻي سگهبو.

اصولي طور تي ABC جو شمار نہ تہ Acronym ۾ ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ وري Initialism ۾ ٿي سگهندو، البتہ ان کي alphabetism چئي سگهجي ٿو: پر جيئن تہ alphabetism جو شمار ڪنهن مخفف ۾ تہ ڪونہ ٿو ٿئي بلڪ ان جو تصور 'ABC جي ترتيب' مان ئي ورتل آهي، ان صورت ۾ لفظ الفابيٽ- ازخود لفظ ABC جو محتاج آهي.

ABC کي وڌيڪ ويجهڙائپ جي بنياد تي Truncation ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. بهرحال حاصل مقصد تہ ABC جي مراد بيشڪ 'ترتيب' واري آهي، ليڪن ان جو شمار 'مخفف' ۾ ٿئي ٿو. جڏهن تہ Alphabet کي 'مخفف' ۾ نہ پر 'اصطلاح' (Term) ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

لفظ الفابيٽ (Alphabet) مخفف ڪان هٽي ڪري هڪ لفظ/ اصطلاح (Term) جي صورت ۾ ڪم آندو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ آئيوٽا، الف- بي، پٽي، الفباء، ورڻ- مالا، حروف تهجي وغيره جا لفظ 'اکرن جي ترتيب' لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ 'آئيوٽا'، يوناني

(Greek) ٻوليءَ جي 'الفا- بيٽا' ۽ انگريزي Alphabet جي سنڌي صورت آهي؛ خود انگريزي لفظ/ اصطلاح 'Alphabet' پڻ يوناني اکرن جي اچار alpha ۽ beta جي جوڙ مان نهيو آهي؛ جنهن جو بنياد پڻ عبراني اکرن جي اچار 'الف' (ڍڳي جو سڱ) ۽ 'بيت' (گهر) مان آهي. (سليم،1981: 11)

پروفيسر عبدالڪريم لغاري، ان حوالي سان لکي ٿو ته: "الف ۽ بي اصل سامي ٻوليءَ جا لفظ آهن. 'الف' جي معنيٰ آهي 'ڍڳو' ۽ 'ب' معنيٰ 'گهر' آهي ... يوناني ٻوليءَ ۾ ان کي الفا بيٽا جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو، جنهن مان انگريزي الفابيٽ نڪتل آهي." (1976: 4)

الفابيٽ (Alphabet) لفظ مان اهو ئي واضح ٿئي ٿو ته مذڪوره لفظ ۾ پورن آوازن (وينجن ۽ سرن) جو استعمال ڪيل آهي، جيئن Acronym ۾ ڪم آندو ويجي ٿو؛ ليڪن جيئن ته هي لفظ انگريزي مخفّف ۾ شامل نه ٿو ٿئي، ان صورت ۾ Acronym نه ٿو چئي سگهجي. هن لفظ/ اصطلاح جي صورت ۾ 'الف- بيت' جي صورت مڪمل ملي ٿي، ان صورت ۾ اڳياڙين وٺڻ جو عمل نه ٿيو آهي ۽ نه وري ڪري سگهجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ الف- بي/ الف- ب/ ا- ب جي صورتن لاءِ جيڪي رايا سامهون آيا آهن، تن جي خاصيتن کي هيٺين ريت رکجي ٿو:

- الف- بي جي صورتخطيءَ ۾ ٻنهي اکرن جا اچاري آواز شامل آهن؛
- الف- ب جي صورتخطيءَ ۾ هڪ حصي جا اچاري آواز شامل آهن، جڏهن ته ٻئي حصي ۾ اچاري آواز شامل نه بلڪ اکر جي صورت رکي وئي آهي؛
- ا- ب جي صورتخطيءَ ۾ ٻئي جوڙ اکري آهن؛

انگريزيءَ ۾ 'الفابيٽ' ۽ سنڌيءَ ۾ ڪم ايندڙ 'آئيوِيٽا' يوناني 'الفا- بيٽا' مان ورتل آهي. ان صورت ۾ لفظ: الفابيٽ/ آئيويٽا/ الفابيٽا جو صورتخطيءَ جي لحاظ کان الف- بي يا ABC سان ڪو لاڳاپو جوڙي نه ٿو سگهجي. جڏهن ته اصطلاحي طور اهي مڙئي لفظ/ اصطلاح پاڻ ۾، ساڳئي مفهوم سان، سلهاڙيل آهن.

سنڌي صورت ۾ لفظ 'آئيويٽا'، سنڌي ٻوليءَ جي چند برک عالمن ڪم آندو آهي جن ۾ ڪاڪي ڀيرومل (1956: 42، 258، 263، 264، 265، 267، 268، 269، 294) ۽ (1985: 5، 15)، مرزا قليچ بيگ (2006: 163)، ڊاڪٽر دائود پوٽي (1997: 62)، محمد صديق ميمڻ (2007: 102- 111)، پوپٽي هيراننداڻي (جتوئي، 1996: 191)، ڪيمچند هيراڻي (2007: 146- 151)، ڏيارام وسڻ مل مير چنداڻي (2007: 152- 155)، پهلاجراءِ ليلارام واسواڻي (2007: 156- 173)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي (1980: 15، 237)، غلام محمد گرامي (2009: 22- 75)، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي (1999: 54)، پروفيسر عبدالڪريم لغاري (1976: 94)، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي (2007: 10- 31) وغيره جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا.

### 3.1.3.2. آوازجي بنياد تي آئيوينا جا اکر پڙهائڻ جو رواج

سنڌيءَ ۾: 'الف، بي، ڀي، ٻي، تي، ٿي...'، عربيءَ ۾: 'الف، با، تا، ثا، حا، خا...'، اردوءَ ۾: 'الف، بي، پي، تي، ٹي، ثي...'، ديوناگريءَ ۾: 'ڪَ، کَ، گَ، گهَ، ڱ...' انگريزيءَ ۾: 'اِي، بِي، سِي، ڊِي، اِي...'، وارين آئيوينائن ۾ سنڌن بولين جي مزاج آهر وينجن آواز، 'سُرن' سان پڙهايا ويندا آهن؛ ان صورت ۾ مذڪوره آئيوينائن مان سواءِ ديوناگريءَ جي باقي آئيوينائن جا اڳيان اکري اچار سنڌن آئيوينا طور سڃاتا ويندا آهن: جيئن: سنڌيءَ ۾: الف- بي/ آئيوينا، عربيءَ ۾: الفباء/ ابجد، اردوءَ ۾: الف- بي/ حروف تهجي (اکر جي اچاري هجي آهر)، انگريزيءَ ۾: اي، بِي، سِي (ABC) الفابيٽ طور سڃاتا ويندا آهن.

مٿئين مختصر اڀياس جي آڌار تي ان چونڊ ۾ ڪا بہ هبڪ نہ ٿي ٿئي تہ مٿي ڄاڻايل صورتن مان 'الف- بي' جي صورت ئي مناسب آهي.

اڄڪلهہ NCHD يا ڪنهن بہ NGO طرفان، پرڏيهي مليل ڏوڪڙن جي ٽيٽي ڪپائڻ لاءِ، مختلف تربيتي ڪورسن ذريعي، سنڌيءَ ۾ آئيوينا جا اکر ديوناگريءَ جيان پڙهائڻ تي زور ڏنو پيو وڃي؛ جيئن:

اَ، بَ، ٻَ، ڀَ، تَ، ٿَ، ٽَ، ٺَ، ثَ، پَ، جَ، ڄَ، جهَ...

ديوناگري آئيوينا ۾ زبر واري آواز سان اکر جي سڃاڻ ڏيڻ جو تعلق سنڌن صورتخطيءَ سان تمام ويجهو آهي، ان لحاظ کان عربي- سنڌي آئيوينا جي صورتخطيءَ جو مزاج پنهنجو آهي، جنهن ۾ هر اکر جو آواز زبر سان نہ ڄاتو ويندو آهي.

NCHD طرفان هِجي جو طريقو:

- ڪِيرُ (ڪَ- يَ زير ڪِي، رَ پيش رُ = ڪِيرُ)
- مالوند (مَ- اَ ما، لَ زبر لَ، وَ- نَ وَن، دَ پيش دُ = مالوَندُ)

(هن طريقي کي آوازي طريقو ڪوٺيو ٿو وڃي، هن ۾ ڪهڙيون خاميون ۽ خوبيون آهن، ان تي الڳ سان اڀياس جي ضرورت آهي. آواز سان پڙهائڻ ۾ پد (Syllable) کي ٽوڙڻ (Segmenting) ۽ ملائڻ (Blending) جو هڪ ڍنگ ٿئي ٿو؛ جيستائين ان کي لسانيات جي اصولن موجب نہ ٿو سمجهيو وڃي، تيستائين اهو ڍنگ بيڪار رهي ٿو.)

### 3.1.4. الف- بي ۾ بيهڪ جي نشانيءَ جو اڀياس

مذڪوره لفظ جي ترجيحي صورت لاءِ ان ۾ ڪم آندل بيهڪ جي نشاني: 'ڳنڍيندڙ ليڪ' جو اڀياس بہ ڪي نتيجا ڏئي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ اڪثر ٻه- اکرا لفظ لکڻ وقت يا تہ گڏي لکندا آهيون، يا وري انهن جي وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال ڪندا آهيون: هيٺ ڳنڍيندڙ ليڪ سان، مختلف رخن سان اڀياس ۾ آندل مرڪّب/ مرتّب لفظ ڏجن ٿا:

- **مرڪّب ٻولين ۽ علائقا:** عربي- سنڌي، سنسڪرت- سنڌي، عربي- فارسي، سامي- سبائي، هندو- سنڌي، انگريزي- اردو، هند- آريائي، ايشيا- يورپ، پاڪ- هند، اتر- سنڌ، وغيره
- **انگ اکر ۽ اصطلاح وارا مرڪّب/ مرتّب لفظ:** هڪ- ٻہ، هڪ- اڌ ، ٻہ- اکري، ٻہ- اڌائي، ٻہ- ٽي، ٻہ- هڪڙا، يڪ- طرفي، يڪ- مشت، دو- چشمي، سہ- حرفي، رديف- وار، ٽڪن- وار، اکر- وار، ورڻ- مالا، الف- بي، شمسي- قمري، ٽيهہ- اکري، اُپ- ورڻ، واؤ- ويڄو وغيره.

(ٻي صورت ۾: يڪطرفي، يڪمشت، يڪدم، يڪسان، يڪتارو، اڀيٽ، اپمان، سوڳوار وغيره عام صورتخطيءَ موجب آهي.)

- **اڻ (غير، کان سواءِ) سان مرتّب لفظ :** اڻ- ڏٺو، اڻ- مڃندڙ، اڻ- ڳنڍيندڙ، اڻ- ڇهيل، اڻ- وڻندڙ، اڻ- واقف، اڻ- پيتل، اڻ- ميو، اڻ- سهو، اڻ- ڏڌل، اڻ- ڳڻيو وغيره.

(ٻي صورت ۾: اڻڄاڻائي، اڻلکو، اڻلڀ، اڻڄاتل، اڻهوند، اڻٻڌت پڻ عام صورتخطي آهي.)

- **هم (ساڳيو) سان مرتّب لفظ:** هم- شڪل ، هم- معنيٰ، هم- زلف، وغيره.

(ٻي صورت ۾: همدم، همغم، همدرد، همسفر، هممعصر، همسر وغيره پڻ عام صورتخطي آهي.)

- **بي (سواءِ):** بي- تڪو، بي- زيبو، بي- واجبي، بي- نفس وغيره.

(ٻي صورت ۾: بيوس، بيحد، بيشڪ، بيڪار، بيوقوف وغيره پڻ عام صورتخطي آهي.)

- **قبل- مسيح** (ٻي صورت ۾ قبل مسيح)
- **متضاد لفظن جو جوڙ:** وڏ- ننڍائي، ننڍ- وڏائي.

**نوٽ:** هڪ اکري اڳياڙيءَ يا پڇاڙيءَ لاءِ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪٿي بہ ڳنڍيندڙ ليڪ ڪم نہ آئي آهي، جيئن:

➤ **هڪ اکري اڳياڙي**

- اَ + وير = اوير، — اَ + روٽ = اروٽ؛
- سَ + وير = سَوير، — سَ + ڀاڳ = سڀاڳ،
- سُ + پت = سُپت، — سُ + ڪار = سُڪار،
- ڪُ + پت = ڪپت، — ڪُ + ڏاتورو = ڪُڏاتورو وغيره.

➤ **هڪ اکري پڇاڙي**

- ---- تِ + ڪڻ = ڪٽت،          ---- تِ + لک = لکت،
- ---- ش + آزماءِ = آزمائش،          ---- ش + بخش = بخشش،
- ---- ڪُ + ليک = ليکڪ، ---- ڪُ + گهات = گهاتڪ وغيره.

مٿئين مختصر اڀياس مان اهو ثي معلوم ٿيو ته مرڪّب لفظن ۾ گهڻ ۾ گهڻ به اکرا لفظ هڪ صورت ۾ گڏي لکيا ٿا وڃن، ٻي صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليک جو استعمال بهتر ڄاتو ويو آهي. ان کان علاوه ٻن ٻولين، ٻولين جي گروهن، علائقن، انگَ، اصطلاحن ۽ چند فارسي ترٽي سنڌي اڳياڙين جي مرڪّب صورت لاءِ ڳنڍيندڙ ليک ڪم آندي ويندي آهي.

الف- بي جو شمار هڪ اصطلاح طور به ٿئي ٿو، ان صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليک جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. مذڪوره مرڪّب صورت جي صورتخطيءَ جو مرڪز بيهڪ جي نشانيءَ (ڳنڍيندڙ ليک) تي رهيو.

ياد رهي ته 'الف- بي' جي وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليک تي ڪي به اعتراض ڪونهن، ترجيحي صورت لاءِ اعتراض صرف 'الف- ب' يا 'الف- بي' تي رهيو آهي. هت وضاحت اها ڪندي هلجي ته: مرڪب صورت جي حوالي سان 'ڳنڍيندڙ ليک' جو استعمال گهڻ ۾ گهڻ ٻن اکري لفظن تي رهي ٿو. مرڪّب صورتن جي اڀياس ۾ ڪو به اهڙو جوڙ ڪونهي، جيڪو هڪ اکر تي مبني هجي. جڏهن ته 'الف- ب' ۾ ٻيو جوڙ هڪ اکرو آهي، ان صورت ۾ اکر جي پوري اچار ڪي لکڻ بهتر سمجهيو ٿو وڃي.

### 3.1.5 الف، ب جو ڳڻپ ۾ استعمال:

سنڌي صورتخطيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڳڻپ جا ٽي طريقا نوٽ ڪيا ويا آهن:

1. الف، ب، ت، ث، ج . . .          (عربي ترتيب: ابتث)
2. الف، ب، ج، د، ه، و . . .          (عربي ترتيب: ابجد)*
3. الف، ب، ٻ، ڀ، ت، ٿ . . .          (موجوده سنڌي ترتيب)

'الف، ب . . .' جو ڳڻپ ۾ استعمال عام رهيو آهي. اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي ته: 'ڪٿي به 'ب'، اچار (بي) سان لکيل نه مليو آهي، بلڪ اڪيلي 'ب' اکر جي صورت ۾ مليو آهي جڏهن ته 'الف' پوري اچار سان آيل آهي.' 'الف' جي پوري اچار جي استعمال واري سبب ۾ '1' انگ سان مشابهت

* شمار ۾ گهڻي قدر عربي ترتيب 'ابجد' جو استعمال ڪيو ويندو آهي؛ انلاءِ گهرج آهي ڳڻپ ۾ 'ابتث' بجاءِ 'ابجد' واري ترتيب استعمال ڪرڻ گهرجي.

ٻه آهي. اهو ئي سبب آهي جو، 'الف' جي اچار (Logogram) کان سواءِ باقي اڪيلا اکر استعمال ڪيا ويندا آهن. هي انداز صرف ڳڻپ ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي، ان بنياد تي اصطلاح: 'الف- بي' ۽ 'بي' جي اچار (Syllabogram) جي راءِ رکجي ٿي.

3.1.6. حاصل مطلب

مڙني راين ۽ خيالن ۽ اصولن کي ڏسندي، 'الف- بي/ الف- ب/ ا- ب' هيٺين وضاحتن ۽ صورتخطين جي راءِ رکجي ٿي:

- الف- بي، آئيوٽا، الفباء، حروف تهجي يا ورڻ- مالا ڪنهن ٻٽيءَ جي 'اکرن جي ترتيب' جو نالو آهي؛ جنهن صورت ۾ ان لفظ کي اصطلاح (Term) ۾ شامل ڪبو آهي.
- آئيوٽا جي اکرن جي ترتيب اچاري آوازن سان، 'الف، بي، ٻي، پي، تي...' ٿيندي آهي؛ جنهن حالت ۾ انگريزي اکريءَ '...A B C D E' مان ABC ورتل آهي، نه اچاري آوازن سان! ان صورت ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان الف- ب جي بجاءِ 'الف- بي' جي صورتخطي مناسب آهي.
- 'الف- بي' جي صورتخطيءَ کان علاوه ABC وانگر 'ا- ب' ٻه پنهنجي جڳهه تي ٺيڪ آهي؛ پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ- اکري لفظ جي مرڪّب صورت ڪونه ٿي ملي، ان صورت ۾ اهڙي صورتخطيءَ کي ٻه مناسب نه ٿو چئي سگهجي.
- 'ا. ب' کي ڳنڍيندڙ ليڪ بجاءِ، 'ٽپڪي/ پوري دم' سان، مخفّف جي صورت ۾، لکڻ روا آهي.
- 'الف- بي' جي اصطلاح لاءِ 'آئيوٽا'، 'الفباء'، 'حروف تهجي' ۽ 'ورڻ- مالا' جا لفظ عام طور تي ڪم آڻي سگهجن ٿا.
- جُهڙ لفظن کي ڳنڍي لکڻ لاءِ مرڪّب صورتن جي وچ ۾ 'ڳنڍيندڙ ليڪ' واري ٻيهڪ جي نشاني ڪم آڻڻ گهرجي.
- ڳڻپ واري حالت ۾ سواءِ 'الف' جي، باقي اکري صورت (ب، ج، د وغيره) استعمال ڪرڻ گهرجي.

*****************

## 3.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ تنوين ( ٍٍ ً ٌ )جو ڪردار

### 3.2.1. لفظ جي لغوي اڪيڙ

'تنوين' عربي ٻوليءَ جي 'تَفعِيل' وزن تي مصدر آهي، بنياد 'نون' اٿس. جنهن جي معنيٰ 'نون جو آواز ڏاهڻ' آهي. مذڪوره اصطلاح ٽن صورتن: ڪنهن اکر تي ٻه زبرون، ٻه زيرون ۽ ٻه پيش طور سجاتو ويندو آهي؛ جيئن:

اً [اَنْ]، اٍ [اِنْ] ۽ اٌ [اُنْ]

#### 3.2.1.1. تنوين ۾ گڏيل آواز جو تصور

تنوين جي نشاني اصل ۾ ٻن گڏيل آوازن جي صورت ۾ ڪم آندي ويندي آهي. عربي ٻوليءَ موجب ڪنهن لفظ جي آخر ۾ 'نون ساڪن' جو اڳئين آواز سان گڏيل هجڻ سبب تنوين ڪم ايندي آهي. جنهن صورت ۾ 'نون ساڪن' جو آواز ٻيهي ٿو ان صورت ۾ 'نون' جو اکر استعمال ٿيڻ ڪپي؛ پر جيئن تہ عربي ٻوليءَ نسبت اهڙي 'نون' ڪي، ادغام سبب، بدلائڻ جو امڪان رهندو آهي، جيئن: 'نون گهٽو'، 'ل'، 'ر'، 'م' 'و'، 'ي'، ان حالت ۾ 'نون اکر' بجاءِ 'تنوين' جي نشاني ڪم آندي ويندي آهي. هيٺ تنوين جي گڏيل آواز جو ڇيد ڏجي ٿو:

| لفظ | آواز | گڏيل آواز جو ڇيد |
|---|---|---|
| اتفاقاً | اتفاقَنْ | قَ + نْ = قَنْ |

ڄاڻايل ڇيد بلڪل سادو آهي، جنهن ۾ 'جزم' جو هٽرادو استعمال ڪيو ويو آهي جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ 'جزم' جو تعلق اڳئين آواز سان ٿيندو آهي. اهڙو انداز عربيءَ جي مڙني گڏيل آوازن ۾ ٿئي ٿو.

### 3.2.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ تنوين جو استعمال

سنڌي صورتخطيءَ ۾ صرف ٻن زبرن واري تنوين ڪم آندي ويندي آهي، جڏهن تہ باقي ٻگهي گهٽي سُر طور ڪم آنديون وينديون آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ زبرن واري تنوين جو استعمال گهٽي قدر اضافي 'الف' مٿان ٿيندو آهي، ٻي صورت ۾ ڪنهن لفظ جي آخري 'مختفي ه' سببان 'ۃ تانيث' تي ڏني ويندي آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي تنوين جي حوالي سان لکي ٿو تہ: "تنوين ڪي سندس بنيادي عربي صورتخطيءَ ۾ ئي لکجي، يعني مثلاً ڪي لام پويان الف وڌائي، مٿس ٻه زبرون ڏئي ڇڏجن ۽

پڙهڻ مهل نون ساڪن جو اچار ڪيجي. مثل يا اهڙن ٻين تنويني لفظن کي پڇاڙيءَ ۾ صفا نون لکڻ- هن طرح 'مِثلن'- صفا غلط آهي." (1983: 78)

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان هن اصطلاح کي صرف ٻن زبرن واري علامت ڪوئيندي ڄاڻائي ٿو ته: "تنوين ٻن زبرن واري نشان (ً) کي چئبو آهي، جيڪو ڪن ظرفن ۾ پڇاڙڪي 'الف' مٿان ڏنو ويندو آهي: مثلاً: تقريباً، فوراً، حقيقتاً." (1993: 115)

در اصل سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان تنوين جي اصول موجب ڊاڪٽر الانا وارو خيال درست آهي ته اسان وٽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ صرف ٻن زبرن سان ڪم آندي ويندي آهي، باقي ٻن زيرن يا ٻن پيشن واري تنوين، 'تنوين' جي اصول موجب، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم نه ٿي اچي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻه زيرون ۽ ٻه پيش واقعي 'گهٽي سُر' جي صورت ۾ ڪم اچن ٿا، پر اسين ان کي ٻه تنوين جو نالو ڏيندا آهيون.

### 3.2.3 گهڻائپ ۾ تنوين جو استعمال

حقيقت ۾ 'تنوين' کان گهڻائپ جو ڪم وٺڻ وارو تصور عربيءَ ۾ ٻه آهي: اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي اڳين عالمن ٻن زيرن ۽ ٻن پيشن کي گهڻائپ لاءِ تجويز ڪيو: نه رڳو ايترو پر ٻن زيرن جي ٿوري صورت مٽائي، ٻن اڀين زيرن ۾ تبديل ڪري، گهڻائپ لاءِ ڪم آندو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ ۾ تنوين جي نشانين لاءِ انگريزن جي دور کان اڳ واري استعمال بابت هيئن ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي 'تنوين' واري اصول ذريعي 'ن' گهٽي وارا 'اين'، 'اِين' ۽ 'اُون' اچار نروار ڪيا ويا:

- وچٿرو اچار 'اين': ۽، ۾.
- زير وارو اچار 'اِين': ڪِ (ڪيئن)، سِ (سين)، ڪياءِ (ڪيائين).
- پيش وارا اچار: آءُ، ڏناءُ، چياءُ.
- لفظن جي آخر ۾ 'هـ' ۽ 'ءُ' کان پوءِ 'ن' واري گُهٽي اچار کي 'م' جي آواز ذريعي نروار ڪيو ويو، جيئن:

| | |
|---|---|
| جڏهم = جڏهن. | ماڳهم = ماڳهين. |
| ڪڏهم = ڪڏهن. | سائينم = سائين." (1999: 443) |

ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ ۾ وزن ڪونهي ته 'سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي تنوين واري اصول ذريعي 'ن' گُهٽي وارا اچار نروار ڪيا ويا'. ڊاڪٽر بلوچ کي اصولي طور تي اهو واضح ڪرڻ گهربو هو ته

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ عربي تنوين وارو اصول ڪم نہ ٿو آندو وڃي بلڪ ٻن زيرن ۽ ٻن پيشن واري تنوين 'نون گُھڻي' جي صورت ۾ ڏگھن گُھڻن سرن جي صورت ۾ ڪم اچي ٿي.

ڊاڪٽر بلوچ جي حوالي مان البت اها ڄاڻ ملي ٿي تہ اڳين سنڌي عالمن/ ڪاتبن 'نون گُھڻي' جو ڪم 'تنوين' ۽ 'ميم' ٻنهي کان ورتو: 'ڏگھن گُھڻن سُرن' وارو ڪم 'تنوين' يا ڪنهن حد تي 'ميم' کان بہ ورتو ۽ ڇوٽي گُھڻي سُر کي بہ واضح ڪرڻ لاءِ ڪٿي ڪٿي 'ميم' کان ڪم ورتو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پاران ڄاڻايل اوائلي سنڌي عالمن جون نشانيون اڄ بہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان استعمال ۾ ضرور اچن ٿيون، جن کي نہ تہ ختم ڪري ٿو سگھجي، نہ وري انهن کان سواءِ سَرِي سگھجي ٿو . اڳئين وقت جي بزرگن جيڪي نشانيون عربي ٻوليءَ مان اخذ ڪيون هيون، اڄ بہ انهن نشانين / اعرابن جي اهميت آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ علم لسان جي حوالي سان انهن جو اڀياس محدود ڪيو ويو آهي: يا عام پڙهندڙن يا پڙهائيندڙن تائين درسي ڪتابن ذريعي رسي نہ سگھيون آهن.

عربي ٻوليءَ جي اعرابن واري اصول موجب، علم لسان پٽاندر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'تنوين' بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا جو خيال وزنائتو آهي تہ: "تنوين ٻن زبرن واري نشان (ً) کي چئبو آهي، جيڪو ڪن ظرفن ۾ پڇاڙڪي 'الف' مٿان ڏنو ويندو آهي: مثلاً: تقريباً، فوراً، حقيقتاً." جو تہ تنوين جي اصول موجب آخري گھربل اکر جي آواز سان 'ن' جي آواز جو اضافو ڪرڻو هوندو آهي: ليڪن سنڌي ٻوليءَ ۾ سواءِ ٻن زبرن (ً) جي ڪابہ تنوين جي زمري ۾ نہ ٿي اچي. باقي سنڌي ٻوليءَ ۾ جتي ٻن زيرن (ٍ) يا ٻن پيشن (ٌ) جو استعمال ڪيو ويو آهي، سو سراسر ڏگھن گُھڻن سرن جي صورت ۾ ٿيو آهي. ان کي علم لسان موجب تنوين چئي نہ ٿو سگھجي. البتہ ائين چئي سگھجي ٿو تہ سواءِ ٻن زبرن جي 'تنوين' جون نشانيون سنڌي ٻوليءَ لاءِ گھڻن ڏگھن سرن لاءِ ڪم آنديون ويون: سو بہ گھرجن آهر ڪي قدر اُن جي صورتن کي بہ ڦيرايو ويو: جيئن: 'ۼ' ، '۾'.

لفظ 'ۼ' ۽ '۾' ۾ بہ زيرون بہ استعمال ٿيل ڪونهن بلڪ بہ اڀيون زيريون ڪم آندل آهن، جن جو عربيءَ ۾ بہ ڪو خاص تصور ڪونهي. انلاءِ ائين چئي سگھبو تہ سنڌ جي عالمن اهي اڀيون زيرون 'تنوين' لاءِ نہ پر گھڻي آواز لاءِ مقرر ڪيون هونديون. پوءِ جيڪڏهن ان کي نالو تنوين ڏنن تہ لازمي ناهي تہ اسين ان کي عربي واري تنوين جي ڪسوٽيءَ ۾ پرکيون! البت اها راءِ ڏئي سگھبي تہ سنڌ جي ڪاتبن ٻن زيرن وارو اهڙو تصور عربيءَ جي تنوين کان حاصل ڪيو.

### 3.2.4 عربي صورتخطيءَ ۾ گهٽائپ لاءِ تنوين جي استعمال جو تصور

’تنوين‘ کي گهٽي ۾ تبديل ڪرڻ واري عادت عربي ٻوليءَ جي مزاج ۾ پڻ آهي ۽ ان جي صورتخطيءَ جا دائرا پڻ متعين ٿيل آهن. عربي صورتخطيءَ ۾ ’تنوين‘ کي نون گُهٽي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ نندڙو ’م‘ آيل هوندو آهي، خاص ڪري تڏهن، جڏهن ان ’تنوين‘ بعد ’ب‘ جو اکر/ آواز ايندو آهي؛ جيئن:

- نون گُهٽي وارو آواز: ’لَنَسۡفَعًا بِالنَّاصِيَةِ‘ (سورة العلق: 15)

مٿئين اشاري مان واضح ٿئي ٿو ته ’تنوين‘ مان گهٽائپ جي آواز وٺڻ جو تصور عربيءَ ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي. امڪان آهي ته سنڌ جي اڳوڻن عالمن، ساڳيو تصور رکندي، سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهٽائپ جو ڪم، تنوين جي صورت ۾ تبديلي آڻي، ورتو.

### 3.2.5 سنڌي ٻوليءَ جي جمع صورتن جي عربي ’تنوين‘ سان مشابهت

سنڌي ٻوليءَ جي اسمن جي جمع صورتن ۾، حرف جر/ ظرف جي لاڳاپي سان، آخر ۾ ’ن ساڪن‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ هن صورت ۾ ’ماقبل آخر وينجن‘ جي اعراب جو احتياط ڪيو ويندو آهي. هن ’گڏيل آواز‘ جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو ته لفظ جو آخر ’نون ساڪن‘ ۽ ماقبل آخر متحرڪ جي صورت هوبهو عربي تنوين سان ملي ٿي؛ ليڪن ان تي ’تنوين‘ جو استعمال نه ڪيو وڃي ٿو ۽ نه وري ڪري سگهجي ٿو. صرف ’زبرن واري تنوين‘ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال جو هڪ سبب، ’گڏيل آواز‘ واري ساڳيائپ به آهي، جنهن سبب هن ’گڏيل آواز‘ ۾ پنهنجائپ محسوس ڪئي وئي آهي.

هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت چند ننڍڙا جملا خيال خاطر ڏجن ٿا، جن ۾ آخر ’نون ساڪن‘ ۽ ماقبل آخر وينجن تي اعراب جو احتياط ڪيو ويندو آهي:

- ڪَبٽَن ۾ رکيل آهي.
- ميزُن تي پيل آسي..
- ڪتو، ٻلين مٿان ٽپي ٿو.
- دڪانَن تان ورتل آهن.
- وڏَن جو ادب ۽ ننڍَن سان پيار ڪرڻ گهرجي!

#### 3.2.5.1 تنوين ۽ جمع صورت واري مشابهت جو چيد

اسمن جي جمع صورت ۾ لڳندڙ ’نون ساڪن‘ ۽ عربي تنوين جو زير، زبر ۽ پيش وارو آوازي چيد خيال خاطر رکجي ٿو:

| عربي لفظن ۾ 'تنوين' | ڳڌيل آواز جو ڇيد | جمع صورت ۾ 'نون ساڪن' | ڳڌيل آواز جو ڇيد |
|---|---|---|---|
| اتفاقاً | 'ق' دو زبر 'قَنْ' | وَڌْنْ | ڌ + نَ زبر 'ڌَنْ' |
| ضُرٌّ | ضُرَ + ر دو پيش 'رُنْ' | ميزُن | ز + نَ پيش 'زُنْ' |
| نُورٍ | ر دو زير 'رِنْ' | پِتِنْ | ت + نَ زير 'تِن' |

**نوٽ:** هي ڇيد صرف 'ڳڌيل آواز' واري مشابهت نوٽ ڪرڻ خاطر رکيو ويو: ٻوليءَ ۾ هجڻ يا رکڻ واري راءِ نہ ٿي رکي سگهجي. ذاتي خيال موجب، سنڌ جي اوائلي عالمن پاران تنوين جي ٽنهي قسمن مان صرف 'ٻن زبرن واري تنوين' جو استعمال ڪرڻ جو سبب، ٻوليءَ ۾ جمع صورت ۾ 'آخري نون ساڪن' جو هجڻ بہ آهي. ٻي صورت ۾ صورتخطيءَ جا مونجهارا بيشڪ رهن ها!

### 3.2.6 تنوين جي اپياس آڌار لفظن جون ترجيحي صورتون

مثالن آڌار مٿئين بحث ۾ عالمن جي چنڊ ڇاڻ بعد هيٺين صورتن لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | | ترجيحي صورت |
|---|---|---|
| تقريباً | تقريبن | تقريباً |
| اتفاقاً | اتفاقن | اتفاقاً |
| مثلاً | مثلن | مثلاً |
| لازماً | لازمن | لازماً |
| قطعاً | قطعن | قطعاً |
| ايضاً | ------ | ايضاً |
| غالباً | غالبن | غالباً |
| اندازاً | اندازن | اندازاً |
| حقيقتاً | حقيقةً/ حقيقتً | حقيقةً/ حقيقتاً |
| بصيرتاً | بصيرةً / بصيرتً | بصيرةً / بصيرتاً |
| نتيجاً | نتيجةً/ نتيجهً | نتيجةً |
| اراداً | ارادةً/ ارادهً | ارادةً |
| اشاراً | اشارةً/ اشارهً | اشارةً |
| محاوراً | محاورةً/ محاورهً | محاورةً |

### 3.2.7 تنوين جي صورت ۾ الف بدران 'ة تانيث' جو استعمال

جاڻايل آخري چئن لفظن جي صورتن ۾ 'ۃ تانيث' ڪم آندي ويندي آهي، جيڪا 'ہ مختفي' سان مٿبي آهي؛ جيئن: اشارة/ اشاره، اضافة/ اضافه، احاطة/ احاطه، مفاعلة/ مفاعله، مطالعة/ مطالعه، مظاهرة/ مظاهره، مناظرة/ مناظره وغيره. ان بنياد تي جنهن لفظ جي آخر ۾ 'ت' يا 'مختفي ه' اچي، اُن صورت ۾ 'ۃ تانيث' سان مٿي، تنوين استعمال ڪرڻ گهرجي.

مولانا محمد حسين آزاد تنوين جي صورتخطيءَ لاءِ لکي ٿو تہ: "اگر آخر میں 'ہ' ہو، تو الف نہ لکھینگے۔ مثلاً تذکرۃً دفعۃً۔ جہاں 'ۃ' نہ ہو، وہاں فتح تنوینی میں الف بڑھا دیتے ہیں۔" (آزاد، 1957: 9)

انٽر نيٽ وڪيپيڊيا ۾ پڻ اهو ئي ڄاڻايل آهي تہ عام طور ڪنهن لفظ جي آخر ۾ الف تي ئي تنوين ڪم آندي ويندي آهي؛ ليڪن جنهن صورت ۾ ڪنهن لفظ جو خاتمو 'همزي' ۽ 'ۃ' تانيث سان ٿئي، ان صورت ۾ 'همزي' ۽ 'ۃ' تانيث تي ئي تنوين جي نشاني ڪم آڻي پوندي. اهڙي وضاحت هن ريت ڏنل آهي:

Technically, سٌ should be written as ساً or سًا. And بٌ should be written as باً OR بًا. This is due to stopping (waqf) pronounciation, and spelling rules. Any letter except for ء (hamza) and ة (taa marbooTah), always ends in an alif when it ends in fatHataan ("fatHataan" means "two fatHas").

(http://en.wikibooks.org/wiki/Wikibooks:Welcome)

سنڌي صورتخطيءَ جو درد رکندڙ چند عالم ان راءِ جا بہ آهن تہ 'ۃ' تانيث جي صورت ۾ تنوين ڪم آڻڻ، سنڌي صورتخطيءَ جي مزاج مطابق ناهي. اهڙي راءِ رکندڙن جي لڏي ۾ چند عالمن سواءِ پرنٽ ميڊيا جا ڪمپوزر، پروف ريڊر ۽ ايڊيٽر بہ اچي وڃن ٿا. اهڙو هڪ مثال، پروفيسر تاج جوئي جي ايڊيٽنگ جو خيال خاطر ڏجي ٿو:

"آخري سُر جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جي شمارياتي تحقيق اهميت جوڳي آهي، جنهن ۾ موصوف آخري سُر جي ڪِرڻ ۽ هُجڻ جي حوالي سان نتيجاً ڄاڻايا آهن تہ: 'ٻيو لسانياتي ڦرڻو، جيڪو رڪارڊ ڪيل گفتگوءَ جو تجزيو ڪرڻ وقت ثابت ٿيو، . . ." (جوکيو، 2011 الف: 42- 95)

مٿيون جملو درحقيقت راقم طرفان هن طرح لکيل هو: 'موصوف آخري سُر جي ڪِرڻ ۽ هُجڻ جي حوالي سان نتيجةً ڄاڻائي ٿو تہ:' (راقم طرفان اي- ميل ڪيل)

ڄاڻايل ايڊيٽنگ بعد سنڌي صورتخطيءَ پٽاندڙ تنوين بابت سوال اهي ٿا پيدا ٿين تہ:

**? تنوين سان: 'نتيجاً ڄاڻايا آهن' ٿيڻ کپي يا 'نتيجاً ڄاڻايو آهي'؟**

**? ٻنهي صورتن ۾ ڪنهن هڪ صورت کي درست ڇٺي سگهجي ٿو يا ٻئي غلط؟**

'نتيجاً ڄاڻايا آهن' واري صورت ۾، ممڪن آهي تہ ايڊيٽر جمع جي صورت ۾ (نتيجن) سمجهندو هجي، جنهن سبب فعل بہ جمع صورت ۾ ايڊٽ ڪيو اٿس؛ جيڪڏهن ڪو تنوين کان واقف نہ هوندو تہ 'نتيجا ڄاڻايا آهن' پڙهي وٺندو، جيڪا ڳالهہ ڪنهن حد تي ٺيڪ بہ آهي. ايڊيٽر جي امڪاني خيال مطابق، جيڪڏهن 'نتيجاً' لفظ ٿيڻ گهرجي تہ ان صورت ۾ 'ڄاڻايو آهي' جو فعل ڳنڍڻ کپندو هيس. بهرحال ٻنهي صورتن کي ٻُنڌي ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي. اهڙي چال کي پروف ريڊنگ جي غلطيءَ ۾ شمار نہ ٿو ڪري سگهجي.

'نتيجةً' جهڙي لفظ جي ايڊيٽنگ سان جملي ۾ اهڙي قسم جي چال علمي حلقي ۾ قبول ٿيڻ جوڳي ناهي؛ ڇاڪاڻ تہ اهڙي چال سان سنڌي ٻوليءَ ۾ جمع صورت ۾ ڪم ايندڙ 'ڳڏيل آواز' ۽ 'تنوين جي ڳڏيل آواز' ۾ مونجهارو ٿيندو.

### 3.2.7.1 سنڌي صورتخطيءَ ۾ ماقبل آخر اعراب جو احتياط

- احمد ڪافي تقريبُن ۾ حصو ورتو آهي.
- ڪڏيل نتيجَن موجب حل ڳولهڻ گهرجي.

ڄاڻايل ٻن جملن ۾ جمع جي حالت ۾ 'ماقبل آخر وينجن' جي سُر ۾ تبديلي ايندي آهي. ياد رهي تہ ان صورت ۾ 'آخري وينجن ساڪن' رهندو. سنڌي عالمن پاران سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ماقبل آخر وينجن' واري اعراب جي احتياط ۽ آخري وينجن ساڪن هجڻ واري تصور تي ويچار نہ ٿي سگهيو آهي؛ جنهن سبب ان سان لاڳاپيل ٻين عنوانن تي بہ درست ڪم ٿي نہ سگهيو آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ صرف 'زبرن واري تنوين' جي اها بہ هڪ خاصيت آهي تہ اها 'ڳڏيل آواز' جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ جمع صورت ۾ 'نون ساڪن ۽ ماقبل آخر متحرڪ وينجن' سان مشابهت رکي ٿي. آوازن ۽ اعرابن جي درستگيءَ سبب 'زبرن واري عربي تنوين' سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪو مونجهارو نہ ٿي رکي.

#### 3.2.7.1.1 نتيجاً ۽ نتيجن ۾ مسئلي جي سطح

مسئلي جي سطح معلوم ڪرڻ لاءِ ڄاڻايل جملن ۾ جمع صورت وارن لفظن تي تنوين ڪم آڻي، هيٺيون صورتون تقابلي ٻيهارجن ٿيون:

| سنڌي ۾ تنوين جي آوازن جو فرق | ڪم آندل جعلي (Self made) 'تنوين' | 'تقريبَ' جي جمع صورت |
|---|---|---|
| تقريبُن (جمع صورت پٽاندر آواز) تقريبَن (تنوين پٽاندر آواز) | احمد ڪافي تقريباً ۾ حصو ورتو آهي. | احمد ڪافي تقريبُن ۾ حصو ورتو آهي. |
| نتيجَن (جمع صورت پٽاندر آواز) نتيجَن (تنوين پٽاندر آواز) | ڪڏهن نتيجاً موجب حل ڳولهڻ گهرجي. | ڪڏهن نتيجَن موجب حل ڳولهڻ گهرجي. |

مٿين جملن جي تقابل مان اهو محسوس ٿيو تہ آوازن جي بنيادن تي 'تقريبُن' ۽ 'تقريباً' ۾ فرق آهي، جنهن بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ اوائلي سنڌي عالمن 'زبرن واري تنوين' کي استعمال ڪندي، ٻوليءَ توڙي صورتخطيءَ جي مونجهارن تي گهڻيل نظر رکي هوندي. ليڪن جڏهن 'نتيجَن' ۽ 'نتيجاً' وارن لفظن ۾ آوازن جي چٽي ساڳيائپ ڏسجي ٿي تہ يقيناً ان صورت ۾ مونجهارو منهُن ڪڏي ٿو. منهنجي مختصر مطالعي ۾ ڪوبہ سنڌي عالم اهڙو ڪونہ گذريو آهي، جيڪو 'نتيجاً' واري صورتخطيءَ ۾ 'الف سان تنوين' ڪم آڻڻ جي، لکت ۾ راءِ رکندو هجي.

اصل ۾، ڏٺو اهو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي جديد ماهرن ان بابت ڪو اپياس ڪونہ ڪيو آهي، پوءِ جن عالمن ان بابت راءِ رکي آهي، ان کي حرف آخر سمجهي مڙني ٻوليءَ جي ماڻهن اکين تي رکيو آهي. ان اهڙي حالت بعد مٿيان مونجهارا سامهون اچن ٿا. جاٺايل ايڊيٽنگ تي اصولي طور ڪافي ڪجهہ چئي/ لکي سگهجي ٿو، ليڪن مختصراً اهڙي قسم جي مشق هيٺين سببن آهر رد ٿي وڃي ٿي:

**3.2.7.1.2 'ت'، 'ة' يا 'ه' سان ختم ٿيندڙ لفظن ۾ تنوين ۽ ان جا سبب**

- جنهن صورت ۾ لفظ 'مثل، انداز، اصطلاح، اتفاق، فور، مختصر وغيره' آهن، ان صورت ۾ 'الف سان تنوين' لڳندي، جيئن: مثلاً، اندازاً، اصطلاحاً، اتفاقاً، فوراً، مختصراً وغيره.
- جنهن صورت ۾ لفظ 'حقيقت، بصيرت، ڪرامت، سيرت' وغيره آهن، ان صورت ۾ 'الف سان تنوين' نہ لڳندي، بلڪہ 'ت' يا 'ة' تي تنوين ايندي، جيئن: حقيقتً/ حقيقةً، بصيرتً/ بصيرةً، ڪرامتً/ ڪرامةً، سيرتً/ سيرةً وغيره.
- گنجائش آهر لفظن: حقيقت، بصيرت، ڪرامت وغيره ۾ 'الف سان تنوين' ڪم آڻڻ سان ڪو مونجهارو سامهون نہ ٿو اچي؛ ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد صورت ۾ ڪم ايندڙ لفظ: 'حقيقتَ' زبر سان ڪم آندو ويندو آهي ۽ اثر وننددڙ جمع حالت ۾ 'حقيقتُن' ماقبل آخر وينجن تي پيش اچي ٿو؛ ان سببان تنويني لفظ: 'حقيقتاً' 'زبر سان' اچڻ سبب مونجهارو نہ ٿو رکي.
- جنهن صورت ۾ لفظ 'اشاره/ اشارو، اضافه/ اضافو، احاطه، احاطو، مطالعه/ مطالعو، مظاهره/ مظاهرو، مناظره/ مناظرو' وغيره آهن، ان صورت ۾ مذڪوره لفظن جي آخري حرف 'مختفي ه' کي 'ة تانيث' ۾ تبديل ڪري ان مٿان تنوين جو اضافو ڪبو، جيئن: اشارةً، اضافةً، مطالعةً وغيره.

- جيڪڏهن لفظ 'اشاره/ اشارة/ اشارو تي موجوده عالمن موجب تنوين ڪم آڻبي تہ ان جون جعلي (هٿرادو) صورتون بيهنديون: 'اشارهاً/ اشارتاً/ اشارواً' جيڪي ڪنهن بہ حوالي سان درست ناهن.

**وضاحت:** سنڌي صورتخطيءَ آهر، اها نتيجةً راءِ ان اصول مان تي بيهي، تہ گهربل لفظ 'مثل' ۾ اضافي 'الف سان تنوين' تي ڪم آڻجي، جنهن ۾ الف جو ڪو خاص ڪردار ڪونهي. ائين ئي آخري 'مختفي ه'، 'ة تانيث' يا 'ت' سبب ان مٿان 'تنوين' جو اضافو ڪيو، جيئن: حقيقةً ، نتيجةً يا اشارةً. ڪن عالمن جو خيال آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نتيجةً' بدران 'نتيجاً' جي صورتخطي درست آهي.

سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان 'نتيجاً' جي صورتخطي ان بنياد تي رد ٿيڻ جوڳي آهي جو، اصل لفظ- 'نتيجہ/ نتيجة' آهي، جنهن جون 'مختفي ه' جي مَٽ سان، سنڌي صورتون: 'نتيجو/ نتيجا/ نتيجي/ نتيجن' بيهنديون آهن؛ ياد رهي تہ 'مختفي ه' جو بدل سنڌيءَ ۾ حرف علت سان ئي ٿيندو آهي. ان صورت ۾ 'تنوين' اصل صورتخطيءَ تي ئي ڏئي سگهجي ٿي. ٻيو سبب اهو بہ آهي تہ اصل لفظ 'نتيج، اشار، احاط، مُناظر، ' ڪونهي، جنهن ۾ 'مثل، تقريب، غالب، خصوص' جيان 'الف سان تنوين' ڪم آڻجي!

### 3.2.8 حاصل مطلب

- سنڌي صورتخطيءَ ۾، تنوين جي اصول موجب، صرف ٻن زبرن واري تنوين ڪم آندي وڃي ٿي، جيڪا ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اضافي 'الف' جي مٿان ڪم اچي ٿي، جنهن ۾ آواز جي بنياد تي الف جو ڪو خاص ڪردار ڪونهي؛ ان کان علاوه اهڙا لفظ جنهن جي آخر ۾ 'ت' يا 'مختفي ه' اچي ٿي ان صورت ۾ 'ة تانيث' مٿان، تنوين جي صورت ۾، ٻہ زبرون ڪم اچڻ ٿيون/ آڻڻ گهرجن.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن زيرن يا ٻن پيشن واري تنوين ڪم ڪونہ ٿي اچي، بلڪ سنڌ جي ڪاتبن/ عالمن ان جي ٿوري شڪل ڦيرائي ٻن اپين زيرن ۾ تبديل ڪري وچٿري ڊگهي گهڻي سُر لاءِ ڪم آندي، جيئن: ۾، ۽ ٻن پيشن کان پڻ ڊگهي گهڻي سُر جو ڪم ورتو. تنوين کان گهڻائپ جو ڪم وٺڻ وارو تصور، ڪنهن حد تي، عربي صورتخطيءَ ۾ پڻ موجود آهي.
- عربي ٻوليءَ ۾ 'م' کان پڻ گهڻائپ جو ڪم ورتو ويندو آهي، ساڳي ڪار سنڌ جي ڪاتبن/ عالمن پڻ ڪئي، جيئن 'سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار' واري سٽ ۾ 'سائينم' لفظ جي گهڻائپ کي واضح رکڻ لاءِ 'م' جو استعمال ڪيو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي عالمن/ ڪاتبن گهڻائپ جي معاملي کي ڄاتو هيو ۽ صورتخطيءَ ۾ ان کي واضح ڪرڻ جون بہ ڪوششون ورتيون. اڄ جو پڙهندڙ پيل وچان 'سائينم' ۾ ڪم آندل 'م' کي ضميري پڇاڙي تصور ڪري ٿو، جڏهن تہ مذڪوره لفظ وارو 'م' گهڻائپ جي نمائندگي ڪندڙ آهي.

****************

ورهاڱي ڪان اڳ مذڪوره مونجهاري تي ڪافي بحث رهيو، ليڪن ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم، يڪ- طرفو فيصلو ڪندي، صورتخطيءَ جي ڪافي مونجهارن کي اڪيلي سر عربي طرز موجب سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنس جي حيثيت ۾ ان ڪيل حل کي عمل ۾ آندو جيڪو اڄ سوڌو مستعمل آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر الانا (سندن چوڻ موجب) ان مونجهاري کي ديوناگري صورتخطيءَ جي بنياد تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ورتي آهي.

پروفيسر پوچراج ناگراڻيءَ اعرابن جي مذڪوره مسئلي پٺاندر ان وقت جي سنڌ سرڪار ۽ ڪاڪي پيرومل تي چوه چنڊبندي لکيو ته: ”سندس (پيرومل) پٽري واري لالڪار ڪان پوءِ سنڌي ساهت سڀا جي ڪانفرنس ٿي هئي، جتي پر سُڌ ڪوي (ڪشنچند) بيوس پنهنجي صدارتي تقرير ۾ پروفيسر پيرومل ۽ ان سان هم خيال يارن جي حجتن جو جواب ڏنو هو. ان بعد سنڌ سرڪار هڪڙو نهراءُ پاس ڪيو هو ته بنهين طرفن جي عيوضين کي وهاري مت پيد وارين ڳالهين جو نبيرو ڪرائبو. جيسين ديوان نهچلداس وزيراڻي وزير هو تيسين اهي ڳالهيون هيون. جڏهن هو صاحب وزارت مان نڪتو تڏهن آنربل پير الاهي بخش ۽ ان جي ساٿين خبر ناهي ته اسان جي طرف جا ڪهڙا عيوضي گهرايا جو فيصلو ڪيائون ته ڊاڪٽر دائود پوٽي جو عمل ۾ آندل سرشتو برابر آهي. هن طرح سرڪار پنهنجي انجام شڪني ڪئي.“ (ناگراڻي، 2007: 184- 186)

اصل ۾ بنهي ڌرين جي ڪيل ڪم جي چند ڇاڻ ڪئي بغير اهو مسئلو اڄ سوڌو تنگيل آهي. حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کي هڪ ڌر ساهرن ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ٻي ڌر وري پيڪن پاس پئي ڏڪيو آهي: مذڪوره مونجهارو ان حساب سان به اڻ- ڇهيل ڇڏبو جو ان تي ڪو باضابطه اڀياس ٿي نه سگهيو آهي.

هتي اهو واضح ڪندو هلجي ته ’ا، و ۽ ي‘ جا اکر، وينجن توڻي سُرن لاءِ ڪم اچڻ سبب ڪافي مونجهارا پيدا ٿين ٿا: هڪ ته بنيادي طور تي انهن اکرن جي استعمال جا ڪي دائرا متعين ڪيل ڪونهن، ٻيو ته ڊگهن سُرن توڻي ڌُهرن سُرن جي اعرابن سبب پيدا ٿيندڙ امڪاني مونجهارن جو اڀياس به ڪونه ڪيو ويو آهي. ڊگهن يا ڌهرن سُرن تي اعراب بابت ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر الانا جن جيڪا ديوناگريءَ مطابق لکڻ جي راءِ رکي آهي: تَنهن بابت اهو به خيال/ سوال ٿئي ٿو ته واقعاً ديوناگريءَ ۾ ڊگهن سُرن جي اعراب اکر جي آخر ۾ ڏني ويندي آهي يا هنن صاحبن بغير ڪنهن جاچ جي راءِ رکي آهي؟ ان کان علاوه اهو به سوال اڀري ٿو ته ڊاڪٽر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر الانا واري عربي- سنڌي صورتخطيءَ موجب ڊگهن يا ڌهرن سُرن ۾ اعراب واري راءِ سان ڪو ٻيو مونجهارو ته ڪونه ٿو ٿئي؟

هن مونجهاري جي حل تائين رسڻ خاطر هيٺين سوالن جي روشنيءَ ۾ اڀياس ڪجي ٿو:

### 3.3.2 تحقيقي اڀياس جا سوال

- ؟ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڊگهن/ ڌرن سُرن لاءِ ڪهڙن اکرن کان مدد ورتي ويندي آهي؟
- ؟ سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف، واؤ ۽ يي' جون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟
- ؟ ڊگهن/ ڌرن سُرن جي نمائندگي ڪندڙ اکرن تي اعراب، سُرن کي ڪيتري قدر واضح ڪن ٿا؟
- ؟ ڇا ڊگهن سُرن ۾ حرف علت تي اعراب ڪم آڻڻ سان، وينجن ٿيڻ وارو امڪان رد ٿي سگهي ٿو؟
- ؟ وينجن ۽ سُر ۾ فرق رکڻ لاءِ همزو، 'الف' جي ڪيتري قدر مدد ڪري ٿو؟
- ؟ ڊگهن سُرن لاءِ ڪهڙن اکرن جي استعمال ۾ وڏيڪ مونجهارا سامهون اچن ٿا؟
- ؟ ڪنهن لفظ جي اڳيان، وچوواڙي يا پڇاڙيءَ ۾ مذڪوره اکرن جو ڪردار وينجن وارو ٿئي ٿو يا سُر وارو؟
- ؟ ڊگهن/ ڌرن سرن لاءِ اعراب ڪهڙن اصولن تحت پد جي ڪهڙي حصي تي ڏيڻ گهرجي؟

### 3.3.3 طريقءِ ڪار

مٿين سوالن جي روشنيءَ ۾ هن مونجهاري جي حل لاءِ هيٺيون طريقو اختيار ڪجي ٿو:

- سڀ کان پهريائين، عالمن جي راين مان ڊگهن/ ڌرن سُرن ۾ ڪم ايندڙ 'واؤ ۽ يي' سان اعرابن سبب پيدا ٿيندڙ مونجهارا جاچيا ويندا؛
- مونجهارن جي بنياد تي، ڊگهن سرن ۾ ڪم ايندڙ 'الف، واؤ ۽ يي' جو الڳ الڳ گهڻ پاسائون اڀياس ڪيو ويندو ۽ نچوڙ ڪڍيو ويندو؛
- نچوڙ جي ڇنڊڇاڻ مان اخذ ڪيل نتيجي/ حاصل مطلب آڌار حل پيش ڪيو ويندو؛
- آخر ۾ پوري اڀياس جو اختصار رکيو ويندو.

#### 3.3.3.1 ڊگهن سُرن ۾ اڳيئين اکر يا پوئين اکر تي اعراب بابت چند عالمن جا رايا

اهڙي قسم جي مونجهارن ڏانهن سنڌ جي پراڻن عالمن اشارا ڪيا هئا ۽ بحث ڇيڙيا هئا جيڪي ورهاڱي بعد سرد خاني جي ور چڙهي ويا؛ جن کي وري ڀيهر ڊاڪٽر جيٺلي ۽ ڊاڪٽر الانا جيئرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن اصولي طور تي ڪم ڪرڻ بجاءِ ان مسئلي تي مذڪوره عالمن جا ذاتي رايا شامل آهن. موجوده حالتن ۾ ان مسئلي تي اصولي ڪم ڪرڻ بجاءِ الڳ الڳ رايا رکندڙ صرف پنهنجا رخ پاسيرا ڪيون وينا آهن.

موجوده صورت ۾ ڏِگهن سُرن تي اعرابن واري تصحيح جو ڪم، خاص ڪري ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ڪيو؛ ان لاءِ ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو ڄاڻائي ٿو تہ: ”1939ع وارو زمانو هجي ۽ مرحوم دائود پوٽي، سنڌ جي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي عهدي جي چارج سنڀالي ورتي هئي ... ڊاڪٽر دائود پوٽي درس وتدريس ۾ ڪتب ايندڙ ڪتابن جو جائزو ورتو. هن اهو فيصلو ڪيو تہ پرائمري جي ٻارائي ڪلاس کان وٺي انين ڪلاس تائين انهن ڪتابن جي صحت ۽ افاديت کي بحال ڪيو وڃي، جنهن لاءِ ڪميشن جي مشوري ڏيڻ، ناهڻ ۽ انهن جي حوالي ڪم ڪرڻ جهڙي رسمي ڪاروائين پٺيان وقت وڃائڻ بدران، هن 'اخلاص جي پتلي' انسان اهو سڄو ڀاري ڪم پنهنجي ذمي کڻي ڪيو جنهن جو واقعي هو هر لحاظ کان اهل هو. جيڪي هن ڦيرڦاريون ڪيون انهن ۾ مکيہ ٻہ ڳالهيون هيون، هڪڙي هيءَ تہ 1905ع کان اڳ ۾، سنڌ ۾ تعليمي ميدان لاءِ تجويز ڪيل ڪتابن ۾ عربي ڍنگ تي، سنڌي لفظن جون اعراب (زير، زبر، پيش، جزم، ۽ تشديد) ڏنيون وينديون هيون انهن کي بحال ڪيائين. ان جو ڪارڻ اهو ڄاڻايائين تہ ان سال يعني 1905ع ۾ مسٽر ڪاورٽن جي زير صدارت جيڪا ٽيڪسٽ بوڪ رويزن ڪميٽي ويٺي هئي، ان اعراب واري مسئلي سان غفلت واري روش اختيار ڪئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ ان کان پوءِ ويندي سندس ايامڪاريءَ تائين ڇپيل سنڌي درسي ڪتابن ۾ هڪ جهڙائي ۽ نظم رهيو هو. اعراب نہ هئڻ سبب لفظن جون هجيئون غلط طرح پڙهيون ٿي ويئون. ڊاڪٽر صاحب انهن جون درستيون ڪري ڇڏيون. ان سلسلي ۾ هن جو چوڻ هو تہ لفظ 'ٻڪري' جي آخري متحرڪ اکر 'ر' هيٺان زير اچڻ گهرجي ۽ نہ 'ي' هيٺان جيئن غلطيءَ وچان اڳين ڪتابن ۾ اچي ويو هو: يعني لفظ 'ٻڪري' جي صورت 'ٻڪرِي' هئڻ گهرجي، ساڳي طرح لفظ 'ڇتون' ۾ اکر 'ت' مٿان پيش اچڻ گهرجي ۽ نہ 'و' مٿان جيئن ان وقت پڙهايو ٿي ويو: يعني سڌاريل نمونو 'ڇتُون' هو ۽ غلط 'ڇتوُن'.“ (1988: 513-514)

ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيندڙ مشهور ماهوار رسالي 'سنڌو' ۾ ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي هڪ مقالي 'نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابن' ۾ ڄاڻايو آهي تہ: ”١٩٤٠ع ۾ پروفيسر جيٺمل هڪ ميٽنگ مسٽر منوهر داس ڪوڙيمل جي بنگلي ۾ ڪوٺائي جنهن ۾ ظاهر ڪيائين تہ 'ڊاڪٽر دائود پوٽہ درسي ڪتابن ۾ ڪي ڦيرڦار گهيريون ڪيون آهن ۽ اعرابون ڏيڻ جو نمونو بہ ڦيرايو اٿس.' اعرابن جي بنسبت مکيہ ڳالهہ هيءَ هئي تہ 'اِي' ۽ 'اُو' جا اچار سنڌيءَ ۾ ڪئن ظاهر ڪجن؟ مثلاً 'ٻڪري' لفظ ۾ عام طرح 'ي' جي هيٺان زير ( ِ ) ڏيندا آهن ۽ 'ڇَتون' لفظ ۾ 'و' جي مٿان پيش ( ُ ) ڏيندا آهن. پروفيسر جيٺمل چيو تہ ڊاڪٽر دائود پوٽو چوي ٿو تہ 'ٻڪري' لفظ ۾ 'ي' جي بدران 'ر' جي هيٺان ( ِ )

ڏيڻ گهرجي ۽ 'چتون' لفظ ۾ 'و' بدران 'ت' جي مٿان پيش (ُ) ڏيڻ گهرجي، پر سندس اهو نمونو غلط آهي جو اسان کي بند ڪرائڻ گهرجي." (پيرومل، 2007 الف: 43- 64)

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به پنهنجي تصنيف 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي اعرابن تي ڏنل راءِ ۽ ڪيل عمل بابت لکي ٿو ته: "ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي لفظن جي هجيئُن ۾ جيڪا ڦير ڦار ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عبارت کي جنهن طرح عربي- فارسي رنگ ڏيڻ شروع ڪيو، ان جي ڇيتمل پرسرام ۽ سندس ڪن ساٿين سخت مخالفت ڪئي. ... ان طرح دائود پوٽي سنڌي درسي ڪتابن ۾ عربي- فارسي سرشتي موجب لفظن جي هجيئُن لکڻ تي زور ڏنو. ان کان سواءِ جزم، تشديد وغيره جو به استعمال هجيئن ۾ شروع ڪيائين. انهن کي هن هجيئن ۾ 'ضروري سُڌارا' ڪري سڏيو." (1999: 184- 185)

ڊاڪٽر جيٽلي اڳتي لکي ٿو ته: "سال 1940- 1941ع ۾ سنڌي ساهت سڀا طرفان ڇيتمل پرسرام سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ هجيئن جي سوال تي ست کن ڇڙنپڙيون ڇپائي ظاهر ڪيون. انهيءَ مسئلي تي بحث 1947ع تائين هلندو رهيو. 1947ع ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ته سنڌي- هندو تعليمدان ۽ اديب سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ لڏي آيا. ان طرح ازخود اهو بحث اڌ ۾ ئي ختم ٿي ويو." (1999: 185)

مٿين پروفيسر ڇيتمل جي راءِ تي تنقيدي راءِ رکندي پيرومل لکي ٿو ته: "اسڪولن جي شاگردن کي به سڌ آهي ته جيڪي به حرف علت (سر) آهن تن سيني کي پنهنجو پنهنجو اچار آهي، ۽ حرف صحيح (وينجن) گونگا اکر آهن، يعني پاڻمرادو اچار ڏيئي نه ٿا سگهن، تنهنڪري رڳو انهن کي اعراب ڏبي، يا انهن سان ڪو حرف علت گڏبو. 'چتون' لفظ ۾ 'و' حرف علت آهي، تنهنڪري انهيءَ تي پيش (ُ) ڏيڻ سراسر غلط آهي؛ اڳيئي پنهنجو اچار اٿس ته پوءِ اعراب وري ڇاجي ڏبي؟" (پيرومل، 2007 الف: 43- 64)

ساڳئي مقالي ۾ پيرومل آڏواڻي ڄاڻائي ٿو ته: "ڪابه ٻولي حرف علت يا اعرابن کان سواءِ هلي ڪين سگهندي. عربيءَ ۾ 'ا، و ۽ ي' انهن ٽن اکرن کي پنهنجا پنهنجا اچار به آهن، تنهنڪري عام طرح اهي حرف علت سڏجن ٿا، پر ڪيترن حالتن ۾ اهي ساڳيا حرف صحيح ٿي به ڪم اچن ٿا: ... *'ا، و ۽ ي' جڏهن ڪنهن لفظ جي وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن حرف علت آهن، پر جيڪڏهن وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ڪم آيل 'و' يا 'ي' جي مٿان يا هيٺان ڪابه اعراب ڏبي، ته اهو به ڦري حرف صحيح ٿي پوندو.* اها آهي سڃاڻڻ جي وات." (پيرومل، 2007 الف: 43- 64)

پيرومل آڏواڻي مثالن سان وضاحت ڪندي ڄاڻائي ٿو ته: ”اُٺ، ٻُٽُ يا ڪُڏُ ۾ ٻين اهڙن لفظن ۾ هرهڪ اکر جي مٿان پيش (ـُ) ڏجي ٿو، 'اُ' جو اچار پيدا ٿئي ٿو. 'اُٺُ' لفظ جي هِجي ڪبي ته چئبو ته 'الف' پيش 'اُ'، 'ٺ' پيش 'ٺُ' = 'اُٺُ'. ساڳيءَ ريت 'و' جي مٿان پيش ڏبو ته اچار ٿيندس 'وُ'.

'چتون' لفظ ۾ 'و' حرف علت آهي، تنهنڪري انهيءَ تي اعراب ڏيڻ ڪانهي، پر جيڪڏهن اعراب ڏبي، ته پوءِ حرف صحيح ٿي پوندو، ۽ اچار ٿيندس 'وُ'، جنهنڪري سڄي لفظ جو اچار ٿيندو 'چَت وُن'!! منهنجي نالي 'پيرومل' ۾ به جيڪڏهن 'و' جي مٿان پيش (ُ) ڏبو ته رڳو 'اُ' جو ننڍڙو اچار پيدا ٿيندو، پر ڊگهو 'اُو' جو اچار هرگز پيدا نه ٿيندو، تنهنڪري ائين لکڻ ئي غلط آهي.“ (پيرومل، 2007 الف: 43- 64)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، آنجهاني پيرومل آڏواڻيءَ جي راين تي تنقيدي نظر رکندي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ته: ”ڪاڪي صاحب جو اهو قاعدو ننڍين اعرابن سان بلاشڪ لاڳو آهي، پر جتي ٻٽيون اعرابون ٿيون اچن، يعني ٻن اکرن کي هڪڙي ڊگهي اعراب ڏيڻي آهي، (اوُ، ايِ) اتي اها اعراب نه فقط هڪڙي يا ٻئي اکر سان ٿي لڳي، پر ٻنهي سان ٿي لڳي، جنهنڪري ٻنهي جي مِلڪ آهي: آخر به حرف صحيح، حرف علت ۽ اعراب، ٽنهي مان آواز ته گڏي هڪڙوئي ٿو نڪري، ته پوءِ ڪيئن چئبو ته اها اعراب فقط هڪ اکر جي آهي، جيئن ڪاڪو چوي ٿو؟ ... هن خسيس پر پيچدار مسئلي تي جيڪڏهن حقي واجبي فتوىٰ ڏجي ته جيڪر 'ٻڪري' واري 'ر' ۽ 'ي' جي وچ ۾ هڪ خال ڇڏي ان ۾ زير ٽنبي ڇڏجي: ۽ 'چتون' واري 'ت' 'و' ۽ 'ن' مٿان هڪ ڏنگي ليڪ ڏيئي ان تي پيش ڏيئي ڇڏجي. پر مان قبول ٿو ڪريان ته اهو فيصلو لکڻ ۽ ڇاپي ۾ ڪارگر نه ٿيندو ۽ ڇڱو ئي بد زيبو لڳندو. تنهنڪري هڪ عملي طريقو مونکي سُجهي ٿو جو سڪي سگهجي ٿو، ٻاراڻي درجي واري ماستر صاحب ڪان، جو ٻارن کي هجيئون سيکاريندو آهي. ماستر صاحب چوي ٿو ته ٻارو، 'ٻڪري' هِجي لکو: 'ٻ' 'زبر' ٻه (ٻار لکن ٿا)، ڪ- زير- ري (لکيائون). پر ڪيئن لکيائون؟ جيئن ماستر صاحب چيو ته سياويڪ طرح سان: 'ر' — 'ي' — زير — ري، يعني زير پڇاڙيءَ ۾ 'ي' جي هيٺان لکايائين، جا ٻارن 'رِي' ڪري لکي. ڪهڙو چريو ماستر هوندو جو زير پڪاريندو 'ي' هيٺان ۽ اميد رکندو ته ٻار ٻاڻمرادو 'ي' بدران 'ر' هيٺان ڏيئي ڇڏيندو؟ يا ڪهڙو چريو ٻار هوندو جو ٻڌندو هڪڙي هجي ۽ لکندو ٻي؟“ (ملڪاڻي، 2007: 202، 207)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي اڳتي 'اُو' واري ڊگهي سر بابت لکي ٿو ته: ”(هِجي واري طريقي موجب) ساڳيءَ طرح سان 'چتون' جي هِجي لکائيندي ماستر صاحب چوندو: 'ت' 'و' 'ن' 'پيش' 'تونُ'، ۽ ٻار سياويڪ پيش 'نُ' مٿان، يعني پڇاڙيءَ واري اکر مٿان ڏيندو: ته 'ن' لکي، پوءِ

اکر ۾ اکر پنتي موٽي، پيش وچي 'ت' مٿان نکاءُ کندو! منهنجي خيال ۾ 'چتون' وارو پيش نکو 'ت' تي ايندو نکو 'و' تي، پر ماڳهين پڇاڙيءَ واري اکر 'ن' تي ايندو، جيئن ان جي هِجي سيکاري وڃي ٿي.“ (ملڪاڻي، 2007: 202، 207)

ڪشنچند بيوس پنهنجي هڪ تقرير ۾ ڄاڻايو آهي ته: ”مسٽر مولچند منگهومل واسواڻي سنڌي اسڪولن جو سپروائيزر اعرابن جي درستيءَ جي وڪالت هن طرح ڪري ٿو: 'ڪرُمي' لفظ ۾ زير ڪي 'ي' جي بدران 'م' جي هيٺان ڏيڻ گهرجي، ڇو ته ڪنهن به لفظ يا پد جو پهريون اکر ضرور متحرڪ ٿيندو. 'مي' هڪ پد آهي، تنهنڪري زير 'م' جي هيٺان ايندي ۽ نه 'ي' جي.“ (بيوس، 2007: 211- 234)

پروفيسر ناگراڻي اعرابن جي مذڪوره مسئلي پٺاندر ان وقت جي سنڌ سرڪار ۽ ڪاڪي ڀيرومل تي ڇوه ڇنڊبيندي لکيو ته: ”سندس (ڀيرومل) پٽري واري للڪار ڪان پوءِ سنڌي ساهت سڀا جي ڪانفرنس ٿي هئي، جتي پر سُڌ ڪوي (ڪشنچند) بيوس پنهنجي صدارتي تقرير ۾ پروفيسر ڀيرومل ۽ ان سان هم خيال يارن جي حجتن جو جواب ڏنو هو. ان بعد سنڌ سرڪار هڪڙو ٺهراءُ پاس ڪيو هو ته ٻنهين طرفن جي عيوضين کي وهاري مت ڀيد وارين ڳالهين جو نبيرو ڪرائبو. جيسين ديوان نهچلداس وزيراڻي وزير هو تيسين اهي ڳالهيون هيون. جڏهن هو صاحب وزارت مان نڪتو تڏهن آنربل پير الاهي بخش ۽ ان جي سائين خبر ناهي ته اسان جي طرف جا ڪهڙا عيوضي گهرايا جو فيصلو ڪيائون ته ڊاڪٽر دائود پوٽي جو عمل ۾ آندل سرشتو برابر آهي. هن طرح سرڪار پنهنجي انجام شڪني ڪئي.“ (ناگراڻي، 2007: 184- 186)

ورهاڱي کان اڳ ڊگهن سرن 'اُو' ۽ 'اِي' جو بحث نمايان رهيو آهي. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ايلس واري صورتخطيءَ جي اعرابن کي مٿائي نوان درسي ڪتاب ڇاپيا ويا؛ جيڪي تقريباً 35 سال روان رهيا، ان جي اعرابن جو انداز 'اُو' لاءِ 'اوُ' ۽ 'اِي' لاءِ 'ايِ' يعني آخري اکر مٿان اعراب ڏنل هئي؛ ان طريقي کي علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي مرحوم رد ڪري عربيءَ جي اصولن تي پهرين اکر مٿان اعراب ڏيڻ جي رواج پوڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. ان وقت ٻوليءَ جي ماهرن ۾ هڪ قسم جو ڇڙٻول پئجي ويو. خاص ڪري هندو- سنڌي ماهرن اعتراض ورتا، ان ماحول ۾ آنجهاني ڀيرومل آڏواڻي واحد مضبوط ماڻهو هو جنهن ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جي تائيد ڪئي، ان مونجهاري ۽ مسئلي تي علمي انداز سان شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار 'سنڌو' رسالي ۾ تنقيدي مقالا ۽ مضمون لکيا، جن جو مختصر تت مٿي ڄاڻايو ويو آهي.

عصر حاضر جو سنڌي لسانيات جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ هندو- سنڌي عالمن جي طرز تي ڊگهن سُرن تي اعرابن ڏيڻ جي حق ۾ آهي، يعني: 'اوُ' ۽ 'اِي'. 'سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس' ۾ پاڻ ڄاڻائي ٿو ته: "عام طور [اِي] سرَ جي لکيل صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ 'الف' حرف جي پويان 'ي' حرف ڏيئي، پوءِ 'الف' هيٺ 'زير' ڏني ويندي آهي......سرن جي لکت جي سلسلي ۾ مسئلو هي آهي ته مثال طور 'ايمان' لفظ ۾ 'زير' 'الف' هيٺ ڏجي يا 'ي' جي هيٺان. ساڳيءَ طرح 'تيلي' لفظ ۾ 'زير' 'ت' هيٺ ڏجي يا 'ي' هيٺ؟ اهڙيءَ طرح 'اوچو' لفظ ۾ 'پيش' 'و' مٿان ڏجي يا 'الف' جي مٿان؟"

ڊاڪٽر الانا پنهنجي راءِ ڏيندي اڳتي لکي ٿو ته: "منهنجي راءِ موجب 'ايمان' ۽ 'تيلي' وغيره لفظن ۾ 'زير' 'ي' هيٺ ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سرُ [اِي] آهي، ۽ هجي ۾ 'زير' 'ي' هيٺ ڄاڻائبي آهي ۽ ڇئبو آهي:

- اِيمان = الف، ي، زير = اِي (پر 'الف'، 'زير' = اِ نه ٿو چئجي)
- تيِلي = تي، ي، زير = تيِ + (پر 'تي'، 'زير'، 'ي' = تِي ڪونه چئبو)؛ لام، ي، زير = لِي (لام، زير، ي = لِي ڪونه چئبو)"

ڊاڪٽر الانا 'اُو' سر جي درست صورتخطيءَ لاءِ اڳتي ڄاڻائي ٿو ته: "ساڳيءَ طرح 'اوُ' جي حالت ۾ پيش 'و' حرف مٿان ڏيڻ گهرجي، ڇو ته 'توري' يا 'موري' وغيره لفظن جي هجي ڪرڻ مهل چئون ٿا:

- توُري > تي، واؤ پيش = توُ (پر 'تي'، پيش 'و' = تُو، ڪونه چوندا آهيون)
- موُري > 'ميم'، 'و'، پيش = موُ (پر 'ميم'، 'پيش'، 'واؤ' = مُو، ڪونه چئبو آهي)"

(الانا، 2005: 219- 220)

ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل اصول موجب جيڪڏهن لفظ 'چتون' جي آخري پد تي پيش ڏبو ته اهو سندس ڏسيل طريقي موجب 'واؤ' بجاءِ 'ن' تي ايندو. اهڙي مونجهاري کي خود ڊاڪٽر الانا محسوس ڪندي، پروفيسر ملڪاڻيءَ جي راءِ کي امڪاني طور سمجهندي احتياطاً ڄاڻايو آهي ته: "هن ڏِس ۾ گهٽن سرن جي بيان وقت پروفيسر ملڪاڻي به صاف نظر نه ٿو اچي. هو لکي ٿو ته پيش، 'ن' مٿان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته 'چَتوُن' لفظ جي هِجي ڪرڻ مهل ٻار چوندا: 'چي زبر چَ، تي واؤ نون پيش تون'، انهيءَ ڪري 'نون' کان پوءِ 'پيش' چوڻ سان، 'پيش' 'نون' مٿان ڏيڻ کپي. دراصل 'چتون' ۽ اهڙن ٻين لفظن ۾ 'ن' صورت، گهٽي وينجن طور ڪم آندل نه آهي، پر اهڙن لفظن ۾ 'ن'، صرف گهٽي سُر جي نشانيءَ طور ڪم آندل آهي." (الانا، 1993: 146- 147)

جڏهن سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نون گهڻي' جو معاملو طئہ ٿيل ٿي ڪونهي، ان صورت ۾ اهڙيون تاويلون بيڪار آهن. پروفيسر ملڪاڻيءَ جي راءِ، ظاهر آهي تہ هِجي واري ڏسيل هڪ اصول جي پوئواريءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

مٿيان حوالا آڏو رکڻ بعد جيڪا اهم ڳالهہ سامهون اچي ٿي سا آهي 'اُو'، 'اِي' سُرن جي اعرابن جي! جنهن مونجهاري تي ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ پيرومل آڏواڻي وارن مدلل بحث ڪيا آهن؛ ڊاڪٽر گربخشاڻي (شاهہ جو رسالو، 1996) بہ پنهنجي ڪيل ڪم ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي سان سهمت ٿيندي اعرابن وارو طريقو عربي- فارسي رکيو آهي.

حقيقت ۾ 'اُو' ۽ 'اِي' سان گڏوگڏ دهرا سُرَ 'اَو' ۽ 'اَي' بہ صورتخطيءَ جي خيال کان ساڳئي جوڙ جو مسئلو آهي؛ اصل ڳالهہ وري بہ اها ئي آهي تہ 'ا، و ۽ ي' جا اکر وينجن توڻي سُرَ ٻنهي جي نمائندگي ڪن ٿا، 'الف' جو نعم البدل 'ءَ' آهي جنهن سبب الف جو معاملو سِڌو سنئون صاف آهي، البتہ 'و ۽ ي' جي استعمال ۾ التباس/ مونجهارا سامهون اچن ٿا؛ جن تي وقت سر سنڌي ٻوليءَ جي عالمن پنهنجا رايا رکيا آهن، پر ان جو باقاعده اپياس نہ ٿي سگهيو آهي.

### 3.3.3.1.1 ڪڍيل نچوڙ جي چنڊ ڇاڻ

مختصر حوالن جي ڪڍيل نچوڙ مان بہ ڌريون آڏو اچن ٿيون جن جا ڏگهن سُرن بابت متضاد رايا آهن؛ هر خيال عالمن جي راين ۾ بہ اختلاف آهي، هيٺ انهن جو تفصيل سامهون رکجي ٿو:

| | اِي، اُو مان 'الف تي اعراب' ڏيڻ جي حق ۾ | | اِي، اُو مان 'ي ۽ و تي اعراب' ڏيڻ جي حق ۾ |
|---|---|---|---|
| 1 | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 1 | پروفيسر چيتنمل پرسرام |
| 2 | علامہ آءِ. آءِ قاضي | 2 | پروفيسر پوڄراج ناگراڻي |
| 3 | پيرومل مهرچند آڏواڻي | 3 | پروفيسر منگهارام ملڪاڻي |
| 4 | ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي | 4 | ڪشنچند بيوس |
| 5 | مولچند منگهومل واسواڻي | 5 | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي |
| 6 | ڊاڪٽر عزيز ٻگهيو | 6 | ڊاڪٽر غلام علي الانا |

مٿئين نچوڙ مان ڪل ٽن راين واري هِجي ۽ صورتخطي امڪاني طور ڏجي ٿي:

| نمبر | لفظ | هِجي | صورتخطي |
|---|---|---|---|
| 1 | ٻڪري | ٻ زبر ٻَ، ڪ زير ڪِ، ر ي زير رِي (ر تي زير) | ٻَڪِري |
| | چٽون | چ زبر چَ، ٽ- و- ن پيش ٽُون (ٽ تي پيش) | چَٽُون |
| | | | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 2 | ٻڪري | ٻ زبر ٻَ، ڪ زير ڪِ، ر ي زير رِي (ي تي زير) | ٻڪرِي |
| | چتون | چ زبر چَ، ت- و- ن پيش تُون (واؤ تي پيش) | چتُون |
| | | | |
| 3 | ٻڪري | ٻ زبر ٻَ، ڪ زير ڪِ، ر ي زير رِي (ي تي زير) | ٻڪرِي |
| | چتون | چ زبر چَ، ت- و- ن پيش تونُ (نون تي پيش) | چتونُ |

- پهرين راءِ رکندڙن ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي اهم آهن.
- ٻين راءِ رکندڙن ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا اهم آهن.
- ٽين راءِ رکندڙن ۾ پروفيسر منگھارام ملڪاڻي ئي شمار ڪري سگھجي ٿو.

○ **پهرين راءِ تي هڪ نظر:** ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڪاڪو ڀيرومل ۽ ان جا هم خيال ان سوچ جا آهن ته: لفظ 'ٻڪرِيءَ' جي پد 'رِي' ۾ 'ر' تي زير هجڻ گھرجي: سوال اهو ٿو اڀري ته جيڪڏهن 'ر' تي زير ڏيڻ ڪپي ته پوءِ 'ي' تي ڪهڙي اعراب هجڻ ڪپي؟ اهو ان لاءِ ٿو سوچجي جو 'ي' جو ڪو دائرو مقرر ڪونهي جنهن سببان وينجن توڙي سُر بڻهي لاءِ ٿو ڪم اچي!
عربي صورتخطيءَ جا ڄاڻو اهڙي قسم جي 'ي' لاءِ 'جزم' جو تعيّن ڪندا آهن: جنهن لاءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي به اهڙي راءِ رکي هوندي: جنهن جو اندازو ان وقت جي ڪتابن مان ڪري سگھجي ٿو. هن وقت به عربيءَ جا ڄاڻو ان خيال تي ٻيٺل آهن ته ڊگھي سُر واري 'ي' تي 'جزم' جو استعمال ٿيندو. ڊاڪٽر الانا علمي طور تي جزم جي لسانياتي اکيڙ ڪري اهو واضح ڪيو آهي ته اهڙو استعمال ڊگھي سر لاءِ ڪم آيل ڪنهن به اکر تي ڪونه ايندو: ڇاڪاڻ ته جزم جو ڪم صرف ڪنهن وينجن آواز کي ساڪن ڪرڻ آهي، سُر ۾ تبديل ڪرڻ ناهي! ان حساب سان ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ان جي هم خيال عالمن جو 'جزم' وارو رايو رد ٿيڻ جوڳو آهي.

○ **ٻين راءِ تي ويچار:** ڊاڪٽر جيٽلي، ڊاڪٽر الانا ۽ ان جا هم خيال ان سوچ جا آهن ته لفظ 'ٻڪرِيءَ' جي هِجي موجب ان جي پد 'رِي' ۾ 'ي' تي زير هجڻ گھرجي: هتي به- ٽي سوال اڀرن ٿا:
هڪ ته: جيڪڏهن زير 'ي' تي اچي، ته پوءِ 'ر' تي ڪهڙي اعراب هجڻ ڪپي جنهن سان پتو پوي ته اهو اکر اڳئين سان مليل آهي يا ايندڙ سان ملندو؟
ٻيو ته: جيڪڏهن ڪا اعراب نه ڏبي ته ڇا عام پڙهندڙ ان لاءِ جزم جو تصور نه ڪندو؟
ٽيو ته: 'ي' کي زير ڏيڻ سان ان مان وينجن واري امڪان کي رد ڪري سگھجي ٿو؟

چوڻو تہ: جيڪڏھن ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل هِجي واري اصول کي اپنائجي تہ پوءِ 'چتونءَ' وارو پيش، نہ 'ت' تي، نہ تہ 'واؤ' تي بلڪ وجي 'نون' تي بيهڻ سان ڪنھن مونجهاري جو امڪان نہ رهندو؟ چاڪاڻ تہ نون گهٽي جو اسان وٽ ڪو دائرو جڙيل ڪونهي!
مذڪوره چئن سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ ڪوبہ علمي ماڻهو ڪنھن چاڙوءَ کي مطمئن نہ ٿو ڪري سگهي؛ جنھن بنياد تي ٻين راءِ رکندڙ عالمن جو جواز بي تڪو ۽ غير علمي آهي.

- ٽين راءِ تي ويچار: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ان سوچ جو آهي تہ 'هِجي جي بنياد تي 'چتونءَ' جي آخري اکر 'نون' تي پيش ايندو؛ هن قسم جي مثال ڏيڻ ۾ ٻين راءِ رکندڙ عالمن ڪجهہ احتياط ڪان ڪم وٺندي 'نون گُهٽي' جا مثال نہ رکيا آهن/ شمار نہ ڪيو آهي، البتہ ڊاڪٽر الانا اهڙي ڪار کي رد ڪيو آهي ليڪن اصولي راءِ جو ٻيهر ساڳيو آهي. ان صورت ۾ ٻين ۽ ٽين راءِ رکندڙ عالمن جي راءِ ساڳي رهي ٿي.

وضاحت: عام طور تي مونجهاري جي سطح معلوم ڪرڻ جو بهتر ۽ مضبوط معيار ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق جاچڻ آهي. ان ڪان علاوه صورتخطيءَ جي امڪاني صورتن جو اڀياس پڻ لفظ جي آوازي صورتن لاءِ اهم ڄاتو ويو آهي.
پهرين راءِ ۾ صرف 'جزم' هڪ مونجهارو آهي، جيڪا علمي لحاظ ڪان نامناسب آهي. جڏهن تہ ٻين راءِ ۾ چاڻايل عالمن جي ڏسيل هِجي واري اصول موجب صورتخطيءَ جي صورت ئي ڦري ٿي وڃي؛ تن ۾ ٻہ ٻہ رايا تہ آهن، ليڪن اصول ساڳيو آهي.
ٻيو لفظ 'پوَ' پڻ سنڌي ٻوليءَ جي واحد جمع واري ميزان ۾ مونجهاري جا امڪان رکي ٿو. 'واؤ' تي زبر سان لفظ جي حيثيت جمع واري ٿي وڃي ٿي، جنھن بنياد تي ٻين راءِ رکندڙ عالمن جي راءِ ۾ مونجهارو سامهون اچي ٿو. ان صورت ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڪاڪي ڀيرومل وارو يعني عربي ڍنگ وارو اعرابن جو طريقہ ڪار، ٻين ۽ ٽين راءِ رکندڙ عالمن جي ڀيٽ ۾، موزون ۽ ڀيرائتو ٻيهي ٿو؛ ليڪن ان ۾ 'جزم' وارو استعمال غير علمي هو، جنھن کي موجوده پرنٽ ميڊيا ۾ رد ڪيو ويو آهي.

### 3.3.3.2. الف/ همزي، واؤ ۽ يي جو انتهائي مختصر اڀياس

#### 3.3.3.2.1. سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الف ۽ همزي' جون خاصيتون:

سنڌي آئيوٽا جي ٻنهي ڇيڙن ڪان هي اکر، الڳ الڳ پڙهايا ويندا آهن؛ جن جون هيٺيون صورتون ڪم آنديون وينديون آهن:

- الف جون چار اکري صورتون:

| سالم | شروعاتي | وچين | آخري |
|---|---|---|---|
| ا | ڪونهي | ڪونهي | ـا |

خطاطيءَ جي اصول پٽاندر، الف جون اکري صورتون ڪل ٻه: سالم ۽ آخري ٿين ٿيون، جڏهن ته الف جي شروعاتي توڙي وچين صورت ڪونه ٿي ٿئي.

- همزي جون چار اکري صورتون:

| سالم | شروعاتي | وچين | آخري |
|---|---|---|---|
| ء | ئـ | ـئـ | ڪونهي |

خطاطيءَ جي اصول پٽاندر، همزي جون ٽي صورتون ٿين ٿيون، جڏهن ته آخري صورت ڪونه ٿيندي آهي.

**الف ۽ همزي جي صورتن جو تقابل:**

- الف جون صرف ٻه صورتون 'سالم ۽ آخري' ڪم آنديون ويندون آهن، شروعاتي ۽ وچولي صورت آهي ئي ڪونه؛ جڏهن ته همزي جون ٽي صورتون ڪم آنديون وينديون آهن، هن جي 'آخري صورت' آهي ئي ڪونه!
- الف ۽ همزو هڪٻئي جا پَن پريندڙ آهن؛ جتي الف جي صورت ممڪن ناهي اتي همزي (ء) کان ڪم ورتو ويندو آهي. ان مان اهو ئي خيال جڙي ٿو ته الف ۽ همزو ساڳئي نوعيت جا اسم آهن جن جا اکر/ روپ الڳ الڳ آهن.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ پڻ، ٿورڙي فرق سان، عربيءَ جيان متحرڪ الف لاءِ همزو (لفظ جي وچ ۽ آخر ۾) ۽ ڏگهي سر لاءِ الف ڪم آندو ويندو آهي؛
- سنڌي ۽ عربي صورتخطيءَ ۾ ٿورڙو فرق اهو آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾، لفظ جي منڍ واري متحرڪ همزي جي جڳهه تي الف ڪم آندو ويندو آهي.

مٿيون الف جون صورتون رکڻ سان اها ڳالهه واضح ٿي ته الف جون صرف ٻه صورتون 'سالم ۽ آخري' ممڪن ٿي سگهن ٿيون؛ ٻيون 'ٻه صورتون' عربي توڙي عربيءَ مان جڙيل ڪنهن به صورتخطيءَ ۾ ڪونهن.

ڪافي عالمن الف جي صورتن ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪئي آهي، خاص طور مرزا قليچ بيگ (2006: 163)، محمد ابراهيم جوئي (Munshi, 2007:9)، ڊاڪٽر غلام علي الانا (1993: 106)، واحد بخش شيخ

(1986: 9) جا نالا سامهون اچن ٿا: البت، ابراهيم جوئي همزي جون ٽي صورتون درست ڄاڻايون آهن. ان جو سبب اهو آهي ته ڪنهن اکر جي صورتن جا ڪي دائرا واضح ڪيل ڪونهن! هيٺ الف جي صورتن مان اخذ ٿيندڙ نڪتا ڏجن ٿا:

- **شروعاتي صورت مان مراد ڪنهن لفظ ۾ متصل اکرن سان ڳنڍيل جوڙ جو منڍ.**
- **آخري صورت مان مراد ڪنهن لفظ ۾ متصل اکرن سان ڳنڍيل جوڙ جي پڇاڙي**

**'الف يا همزي' جو وينجن طور ڪارج جي جاچ:**

سنڌي صورتخطيءَ ۾ وينجن طور الف ۽ همزي جي بدل جو اڀياس ڪنهن لفظ جي اڳيان، وچوواڙي (شروعاتي ٽوٽي وچولي صورت سان) ۽ آخري حالتن ۾ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

- پهرين حالت (اڳ) ۾ متحرڪ همزي لاءِ الف جي شڪل ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: اَڪ، اَنب، اِندلٺ، اَڪبر، اَخبار وغيره.
- ٻين حالت (وچوواڙي) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: مائٽ، سائيڪل، سوئر، ٻئٽ، مَٿڙُ، جيئڻ، مُئل وغيره.
- ٽين حالت (آخري) ۾ متحرڪ همزي جي ئي شڪل ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: سُوءَ، هوءَ، اڇلاءِ، گوءِ، ماءُ، پيءُ، ڍءُ، ڪاءُ وغيره.

***نوٽ: عربي صورتخطيءَ جي اثر ڪان، سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظ: 'قرآن' ۾ وچوواڙي 'الف' نوٽ ڪيو ويو آهي، جيڪو متحرڪ صورت ۾، سنڌي صورتخطيءَ جي لفظن ۾ ڪونه ٿو ملي. اهڙي قسم جي لفظ جي امڪاني سنڌي صورتخطي 'قرئان' بيهندي، جيڪا مستعمل ناهي.***

### 3.3.3.2.2 'و' ۽ 'ي' جي مونجهاري جي ڳنڍيل سطح

ٻن اکرن 'الف ۽ همزي' جي هجڻ سبب سر ٽوٽي وينجن جي حوالي سان ڪڏهن به ڪنهن مونجهاري منهن نه ڪڍيو آهي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ انهن جو الڳ الڳ دائرو ۽ ڪارج طئه ٿيل آهي. البت 'و ۽ ي' جو مونجهارو اڄ سوڌو برقرار رهندو پيو اچي: مثلاً: لفظ 'مَيو' ۽ 'ميوو' ۾ ان ڳالهه جي ڪابه سهجارپ ڪانه ٿي رهي ته 'مَيو' ۾ 'ي' يا 'و' وينجن آهن يا سُر! يا 'ميوو' ۾ 'ي' وينجن يا سُر! يا ڪهڙو 'و' وينجن ۽ ڪهڙو سُرُ!

'و' يا 'ي' سُر طور به ٽن قسمن لاءِ ڪم اچن ٿا:

1. 'واؤ مجهول' وچٿري سُر لاءِ (جيئن: ڇوڪرو)
2. 'واؤ معروف' ڊگهي سُر لاءِ (جيئن: لُومڙ)
3. 'واؤ لين' دهري سُر لاءِ (جيئن: ٻَو/ ڀؤ)

ساڳئي نموني سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ي' سُر طور ٽن قسمن سان ڪم اچي ٿو:

4. 'ي مجهول' وچٿري سُر لاءِ (جيئن: ڪيسُ)
5. 'ي معروف' ڊگهي سُر لاءِ (جيئن: ٻڪرِي)
6. 'ي لِين' دهري سُر لاءِ (جيئن: مَي/ مَئي)

اهو ئي سبب آهي جو عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ اعرابن جي عام استعمال نہ هجڻ سبب لفظ 'ميو' جي هِجي يا اچارن ۾ هيٺين غلطين جو انديشو ممڪن آهي:

- ميو = ( م + ي - مِي، و + زبر - وَ = مِيوَ)
- ميو = ( م + زبر - مَ ، ي + زبر - يَ ، و + زبر - وَ = مَيَوَ )
- ميو = ( م + يّ زبر - مَيّ ، و + زبر - وَ = مَيّوَ )
- ميو = ( م + ي زير - مِي ، و + زبر - وَ = مِيوَ)
- ميو = ( م + ي زبر - مَي ، وْ = مَيوْ )
- ميو = ( م + زبر - مَ ، ي + و پيش - يُو = مَيُو )
- ميو = ( م + پيش - مُ ، ي + و- يُو = مُيُو) وغيره.

اهي تہ ٿيا بنا اعرابن جي ڪنهن لفظ جا مونجهارا، پر جيڪڏهن ساڳئي لفظ کي اعرابن سان سينگارجي تہ پوءِ هيٺين غلط اچارن/ هِجي جا امڪان بہ رد ڪري نہ ٿا سگهجن:

- مَيوْ (ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ پيرومل جي ڏسيل اعرابن موجب)
  - م، ي زبر مَي+ و ساڪن وْ = مَيوْ
  - م زبر/ زير مَ/ مِ + يَ- و ساڪن يوْ = مَيَوْ/ مَيِوْ
  - م زبر مَ + ي- و يو = مَيو (درست پڙهڻي)
- مَيو ('يو' پد تي ڊاڪٽر جيٺلي يا ڊاڪٽر الانا موجب اعرابن جي ڪا راءِ سامهون نہ ٿي اچي، جنهن سان 'ي' جي وينجن يا سُر جي سهجارپ ٿئي!)
- ميوو (هن لفظ سان تہ حالت اها آهي جو هن تي زير، زبر يا پيش واري ڪا بہ ڪٽاند نہ ٿي ڪري سگهجي؛ حالت اها آهي تہ جزم جو استعمال نامناسب آهي ۽ اِپي زير (ٖ) توڙي اپي پيش (ٗ) جو رواج نئين نسل لاءِ نپ نؤن آهي.)

اهڙا مونجهارا خود عربي ۾ بہ محسوس ڪيا ويا آهن: مثلاً: بَيَعَت، جيئن تہ عربيءَ ۾ جزم جو ڪم ساڪن بہ آهي تہ حرف علت تي بہ ڪم آندي ويندي آهي، ان سببان اعرابن هوندي بہ مذڪوره لفظ جا هيٺيان آواز ممڪن آهن:

○ جزم ساڪن حرف لاءِ: بَيۡعَت = (بَ + يۡ = بَيۡ ، عَ + تۡ = عَتۡ)

○ جزم حرف علت لاءِ: بَيۡعَت = (بَ + يۡ = بَي ، عَ + تۡ = عَتۡ)

اهو ساڳيو مونجهارو اردو جي برک عالم ڊاڪٽر سهيل بخاريءَ اردو صورتخطيءَ ۾ پڻ محسوس ڪندي ڄاڻائي ٿو ته: ''۔۔۔۔۔اصلاحات کے باوجود اردو میں اس لپی سے ابھی پورے سُر (اصوات علت) ادا نہیں ہو پاتے نہ پوری انفی آوازیں ہی صحت کے ساتھ قلم بند ہو پاتی ہیں۔ واوری کبھی سُروں (اصوات علت) اور کبھی اَسُروں (اصوات صحیح) کے لیے استعمال ہوتے ہیں۔ اس سے تلفظ میں ہر وقت گڑبڑ کا امکان رہتا ہے اور پھر ان کا فالتو استعمال بھی بہت ہوتا ہے جب یہ دم سادھے پڑے رہتے ہیں اور مطلق چوں نہیں کرتے چنانچہ 'پیار' اور 'جواری' وغیرہ الفاظ میں ان کی ساخت قابل رحم ہوتی ہے۔'' (سہیل، ۱۹۹۱: ۱۰۴۔۱۰۵)

2000ع ۾، ڊاڪٽر جيٺلي جي عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ تصنيف ڪيل ڪتاب: 'سنڌي ڏوني وگيان' (سنڌي صوتيات) ۾ لفظ 'ڏوني' ۾ وينجن يا سُر جي لحاظ کان، 'وَ' مونجهاري جو سبب رهيو آهي؛ ڪافي ماڻهن کان ان جا غلط اچار ٻُڌا ويا آهن. حقيقت ۾ مذڪوره لفظ جي پهرئين پد ۾ 'ڏو' ۾ ديسي آوازن مطابق 'پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ' آهي- يعني 'وَ' زبر سان متحرڪ آهي.

### 3.3.3.2.2.1. سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'واوَ' يي' جو لسانياتي ڪردار

سنڌي صورتخطيءَ جي جڙاوت جو بنياد عربي صورتخطيءَ مان آهي، ان ۾ منڍ کان وٺي مذڪوره اکرن کان وينجن توڙي سُر جو ڪم ورتو ويو، جنهن سببان سنڌي، اردو توڙي عربي رسم الخط مان جڙيل ٻين صورتخطين ۾ به اڄ سوڌو مونجهارا محسوس ڪيا پيا وڃن. عجمي ماڻهن لاءِ اعرابن واري عربي صورتخطيءَ ۾ ڊگهي سُر لاءِ 'واوَ' تي جزم جو استعمال ٿيل هوندو آهي، ڊاڪٽر غلام علي الانا (1993) 'جزم' جي اهڙي استعمال تي عالماڻو بحث ڪيو آهي، جنهن موجب عجمين لاءِ عربيءَ ۾ 'واوَ' تي جزم جو استعمال نامناسب آهي. اردو وارن ڪنهن حد تي 'ي مجهول' (ے) ۽ 'ي معروف' (ی) جا دائرا ته مقرر ڪيا، ليڪن ساڳي 'ي' وچ ۾ اچڻ سبب وائڙي ٿي وڃي ٿي (يعني وچ ۾ ٽبڪا به ڏيئا پون ٿا ۽ مجهول توڙي معروف لاءِ ساڳي صورت ڪم آندي وڃي ٿي). اردو صورتخطيءَ ۾ ان مسئلي پٽاندر 'ي' جون به شڪليون ڪم آنديون وڃن ٿيون، ته پوءِ ساڳئي مسئلي جيان 'واوَ' جون به شڪليون ڪڏهان آٿن! 'واوَ' مجهول يا معروف جو مونجهارو انهن وٽ به وائڙو لڳو پيو آهي. مونجهارن جي اهڙي اڀياس بعد، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'واوَ' جا دائرا جاچڻ لاءِ ان جو اڀياس لازمي آهي.

**سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'واؤ' جون خاصيتون**

(ا) 'واؤ' وينجن توڙي سُر جي حوالي سان هڪ اکر ئي ڪم آندو ويندو آهي؛

- واؤ وينجن طور: سوَڙ، نوڙت؛
- واؤ سُر طور: سُور، سوڪ وغيره.

(ب) 'واؤ' سُر ۾ ٽن حالتن سان ڪم آندو وڃي ٿو: 1. معروف، 2. مجهول 3. لِين

- واؤ معروف: پُوست، پُوڪ؛
- واؤ مجهول: چوڪرو، ميوو؛
- واؤ لِين: دؤر، ڪؤنر وغيره.

(ج) 'ؤ' متحرڪ يا ساڪن جا چار انداز جاچيا ويا آهن:

- ڌهري سُر طور، جيئن: سَو، سؤ؛
- مضموم (پيش ڏنل) همزي طور، جيئن: گهاؤ، ڦهلاؤ؛
- واؤ متحرڪ طور، جيئن: مؤنث، مؤلف؛
- واؤ ساڪن طور، جيئن: مؤمن، مَؤلود.

(د) 'واؤ' جون چار صورتون: 1. سالم 'و'، 2. شروعاتي (ڪونهي)، 3. وچولي (ڪونهي)، 4. آخري 'ـو':

- **سالم صورت**(و): وار، وهيو، ميوو، وهه واه، ويران؛
- **شروعاتي صورت**: شروعاتي صورت ڪونہ ٿيندي آهي؛
- **وچولي صورت**: وچين صورت بہ ڪونہ ٿيندي آهي؛
- **آخري صورت** (ـو): ميو، جيوَت، جهوڪ، جهولي وغيره.

**سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ي' جون خاصيتون:**

(الف) 'ي' وينجن توڙي سُر جي حوالي سان هڪ اکر ئي پڙهايو ويندو آهي؛

(ب) 'ي' جو اکر سُر طور ٽن حالتن سان ڪم آندو وڃي ٿو: 1. معروف، 2. مجهول 3. لِين

(ج) هر اکر جيان 'ي' جون بہ چار صورتون آهن: 1. 'ي' سالم 2. 'يـ' شروعاتي 3. 'ـيـ' وچين 4. 'ـي' آخري؛ جيئن:

- سالم صورت (ي): سنڌي، هادي، حاوي، ماڙي، ساري، واري؛
- شروعاتي صورت (يـ): يار، رياڪار، ويڪر، دينار، ڪاريھر؛
- وچولي صورت (ـيـ): يقين، تليھر، هيڪر، هينئر، مَيو، ميوو؛
- آخري صورت (ـي): آهي، صورتخطي، شروعاتي، وچولي وغيره.

- 'ي' جي سالم صورت (ي) ۽ آخري صورت (ـي) کان سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ڊگهي سُر' جو ئي ڪم ورتو ويو آهي؛ ڄاڻايل صورتن کان ڪڏهن به 'وينجن' جو ڪم نه ورتو ويو آهي؛
- 'ي' جي شروعاتي صورت (يـ) کي وينجن توڻي ڊگهي سُر طور ڪم آندو ويندو آهي؛
- وچين صورت (ـيـ) کان وينجن توڻي ڊگهي سُر جو ڪم ورتو ويندو آهي؛

**نوٽ:** 'ي' جون ٻه صورتون (سالم ۽ آخري) ڊگهي سُر جو ڪم ڏين ٿيون، جنهن سبب ڪنهن حد تي مونجهارن کي جنم ڪونه ٿيون ڏين؛ ليڪن مٿي ڄاڻايل 'ي' جون ٻيون ٻه صورتون (شروعاتي ۽ وچولي) وينجن توڻي ڊگهي سُر جو ڪم ڏين ٿيون؛ جنهن سبب مونجهاري جو باعث بڻجن ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ 'ي' جون ٽن حالتن: اڳيان، وچوواڙي ۽ آخري وارين مان هيٺيان نڪتا اخذ ٿين ٿا:

1. اڳيان واري حالت ۾ 'ي' جو استعمال وينجن طور ايندو آهي ۽ آخري حالت ۾ ڊگهي سُر طور ڪم آندو ويو آهي، جيئن: يقين- ٻڪري؛
2. جڏهن ته وچوواڙي حالت ۾ وينجن توڻي سُر لاءِ ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: دين، ڏيَڻ؛
3. البته، ڪنهن لفظ جي اڳيان، وچ ۾ يا آخر ۾ ڊگهي سُر/ گهٽي سُر جي حالت ۾ ڪم ايندڙ 'الف واؤ يا يي' سان 'ي' جو اکر وينجن ئي بيهندو آهي، جيئن:

اڳيان ترتيبوار 'الف، واؤ ۽ يي' سان: يار، يوسف، (لفظ ڪونه ٿو ملي) وغيره؛

وچ ۾ ترتيبوار 'الف، واؤ ۽ يي' سان: خيال، هيوم، (لفظ ڪونه ٿو ملي) وغيره.

آخر ۾، ترتيبوار 'الف، واؤ ۽ يي' سان: رايا، اڳيانءُ، لکيو، روَيي وغيره.

بهرحال، وچوواڙي 'ي' (شروعاتي توڻي وچولي صورت) ۾ مونجهارا آهن.

**نوٽ:** 'ي' آخري حالت ۾ وينجن طور به ڪم آيو آهي، ليڪن سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان جي صورت (ـيه) 'مختفي ه' سان ڪٿي ويندي آهي؛ جنهن سبب مونجهاري جو امڪان نه ٿو رهي.

### 3.3.3.2.3 گڏيل حالت جو نچوڙ

صورتخطيءَ جي لحاظ کان ڪن لفظن ۾ ڪي ٻه ٻه يا ٽئي حرف علت گڏ اچي سگهن ٿا، ان حوالي سان چئن حرف علت جي گڏ اچڻ واري امڪان کي به رد ڪري نه ٿو سگهجي، جيئن: ڪانياواڙ، جاچٽو اهو آهي ته مذڪوره ٽئي حرف علت گڏ اچڻ سبب ڪهڙي حرف علت ۾ ڏگهي سُر جي سگهه وڌيڪ رهي ٿي. مٿين لفظن کي سامهون رکڻ سان جيڪو حاصل مطلب اخذ ٿيو، سو هن ريت آهي:

- **الف جي حالت:**
  - ڪنهن لفظ جي اڳيان، ٻنهي حرف علتن جي گڏ اچڻ، مد جي صورت ۾ يا اڪيلي صورت ۾ 'الف' متحرڪ وينجن طور ئي ڪم اچي ٿو، جيئن: اوير، آواز، اجايو وغيره.
  - ڪنهن لفظ جي وچ ۾ يا آخر ۾، ٻنهي يا ڪن به ٻن حرف علتن جي گڏ اچڻ، تو ٽي 'الف' جي اڪيلي صورت ۾، ڏگهي سُر جي حالت اختيار ڪري ٿو، جيئن: سياويڪ، وياڪرڻ، نهايت، شيوا وغيره.
  - 'الف' وچ يا آخر ۾ پاڻ کان اڳ آيل وينجن کان سواءِ، حرف علت (واؤ يا يي) کي به وينجن جي صورت ۾ قبول ڪري ٿو، جيئن: ديوان، پوئواري، وياڪرڻ، ٿويا وغيره؛

- **واؤ جي حالت:**
  - ڪنهن لفظ جي منڍ ۾، ٻنهي توڙي ڪن به ٻن حرف علتن جي گڏ اچڻ واري حالت، توڙي اڪيلي حالت ۾ جتي 'واؤ' اچي ٿو، اتي متحرڪ وينجن طور ئي ڪم آيو آهي، جيئن: وياڪرڻ، وائڙو، ووٺ، ويجهو، ويهه وغيره.
  - ڪنهن لفظ جي وچ يا آخر ۾، ٻنهي توڙي ڪن به ٻن حرف علتن جي گڏ اچڻ توڙي اڪيلي حالت ۾ هجڻ سان هيٺيان نڪتا اخذ ٿين ٿا:

1. جيڪڏهن 'واؤ' کان اڳ يا پوءِ 'الف' اچي ٿو، ان صورت ۾ 'واؤ' وينجن ئي بيهي ٿو، جيئن: سياويڪ، تاويل، حاوي، ياور- ديوان، روايت، پوئواري وغيره؛
2. بغير 'الف' جي مداخلت جي، ٻن 'واؤن' جي صورت ۾ پهريون 'واؤ' وينجن واري صورت ۾ رهي ٿو، جيئن: ميوو، ڏندوون، چيروون وغيره؛ پر جيڪڏهن، الف جي مداخلت رهندي ان صورت ۾، پهريون 'واؤ' سُر جي صورت اختيار ڪندو، جيئن: وچوواڙي وغيره؛
3. جيڪڏهن ڪنهن لفظ ۾ 'واؤ' کان پوءِ 'الف' يا ٻيو 'واؤ' نه ٿو اچي (جيئن: ايوان/ ميوو)، ان حالت ۾ 'واؤ' کان اڳ 'ي' هجڻ جي صورت ۾، 'واؤ' سُر جي صورت اختيار ڪري ٿو، جيئن: أيوب، آيون، اجايو وغيره؛

4. بغير ڪنهن 'الف' يا ٻئي 'واؤ' جي مداخلت جي (جيئن: ٽويا/ ٽويو)، جيڪڏهن 'واؤ' کان پوءِ 'يي' اچي ٿي، ان حالت ۾ 'واؤ' جي صورت وينجن واري ٿي وڃي ٿي، جيئن: اوين، آئيوينا، تجوين، نحوي وغيره؛

- آخري صورت ۾ 'واؤ' گهٽي قدر سُر جي حيثيت ۾ اچي ٿو، جيئن: لکيو، هو، ٽوهيو، سگهبو، مطالبو، جوڳو، منهنجو، دوکو، کوٽو، اڻ- لکو، انگوچو، ڇٽيهه لکٽو وغيره؛ پر ان جي اڳيان هوندڙ گهٽي سُر سان 'الف' [آنْ] جي حالت ۾ اهو واؤ وينجن ٿي وڃي ٿو، جيئن: ڪانْو، ٽانْو، چانْوَ. ان کان علاوه صاف سُر [آ] سان، جمع صورت ۾ پڻ وينجن طور ڪم اچي ٿو جيئن: گهاؤ- گهاوَ، پاؤ- پاوَ، پلؤ- پلوَ وغيره.

- وچ واري اڪيلي صورت ۾ مونجهارا آڏو اچن ٿا، جيئن: هُوس/ هَوَس، حُور/ حَوَر، چو/ چِوَ، تو/ تَوَ وغيره. (هن صورت ۾ اعراب جو استعمال انتهائي ضروري آهي)

- **يي جي حالت:**

- 'ي' جو حرف ڪنهن لفظ جي منڍ ۾، تنهي توڙي ڪن ٻه ٻن حرف علتن جي گڏ اچڻ توڙي اڪيلي حالت ۾ هجڻ سبب وينجن ٿي بيهي ٿو، جيئن: ياور، يار، ياترا، يوسف، يَحيٰ وغيره؛

- ڪنهن لفظ جي وچ يا آخر ۾، تنهي توڙي ڪن ٻه ٻن حرف علتن جي گڏ اچڻ توڙي اڪيلي حالت ۾ هجڻ سان هيٺيان نڪتا اخذ ٿين ٿا:

1. جيڪڏهن 'ي' حرف جي اڳيان ۽ پويان/ اڳيان يا پويان ڊگهي سُر جي شڪل ۾ 'الف' ۽ 'و'/ 'الف' يا 'و' اچي ٿو، ان صورت ۾ 'ي' جو حرف وينجن جي صورت ۾ رهي ٿو جيئن: رايا، مايا، ورهايا، سجايا، ٽِوايو- آيل، وياڪرڻ، ٽويا، اياز، ڪانياواڙ، ميو، ڏکيو وغيره؛
2. ڪنهن لفظ جي وچ ۾، تنهي گڏيل حرف علتن جي حالت ۾، 'ي' جو حرف 'واؤ' کان اڳ ڊگهي سُر جي حالت ۾ رهي ٿو، جيئن: دِيوان، ميوارام، فرقيوار وغيره؛
3. جيڪڏهن اڪيلي 'ي' جي اڳيان الف وينجن جي صورت ۾ اچي ٿو، ان حالت ۾ 'ي' جي صورت ڊگهي سُر واري رهي ٿي، جيئن: ايڪو، ايثار، ايوان وغيره؛
4. ٻن 'يي' جي صورت ۾ پهرين 'ي' وينجن طور اچي ٿي، جيئن: جويي، جوڪيي وغيره؛
5. آخر ۾ 'ي' جي صورت هر حالت ۾ ڊگهي سُر لاءِ ئي ڪم آندي ويندي آهي، جيئن: آهي، پلي، ٻڪِري، چوڪِري، سنائي، چڱائي وغيره؛

6. ڪن حالتن ۾ عربي لفظن سبب وينجن طور ڪم اچي ٿو، جيئن: سيّد وغيره؛ (ان صورت ۾ اعراب جو استعمال انتهائي ضروري آهي)

7. ٻي صورت ۾، مذڪوره حرف عام طور ڊگهي سُر لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو، جيئن:پيرو، سيرو، تڪيرو، وسيلو وغيره.

### 3.3.3.3 اپياسي نتيجو

سڄي ساري چنڊ ڇاڻ مان اها راءِ بيٺي ته 'اِي'، 'اُو'، 'اَي'، 'اَو' وارن ڊگهن/ ڌهرن سُرن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي نزاڪت ڪي ڏسندي، اعراب اڳئين اکر تي ڏيڻ وڌيڪ مناسب ۽ ٺهڪندڙ آهي؛ البته، 'و ۽ ي' تي ڊگهن سرن جي صورت ۾ 'جزم' جي اعراب ڪم آڻڻ هڪ ته غير علمي آهي ٻيو ته ان جي ضرورت به ڪانهي!

ڊگهن سُرن کان سواءِ، 'و' يا 'ي' جي اکرن تي، وينجن واري حالت ۾، ڪنهن اعراب جي ضرورت ان صورت ۾ محسوس ٿئي ٿي جتي 'و' يا 'ي' جو اکر ڪنهن لفظ ۾ وچوواڙي ڪم اچي ٿو؛ جڏهن ته اهي اکر ڪنهن لفظ جي منڍ يا پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچڻ جي صورت ۾ ڪنهن حد تي مونجهاري جو امڪان گهٽ نٿا رکن، سواءِ چند لفظن جي، تنهن ۾ به گُهٽي جي صورتخطيءَ جو مسئلو آهي، جيئن: نو - وسونوَ- ڪانوَ وغيره. ٻوليءَ ۾ مذڪوره اکرن جي وينجن توڙي سُر طور ڪم اچڻ واري انداز جو اپياس ڪندي ان جا متي دائرا متعيّن ڪيا ويا آهن؛ جيڪي وري دهرائجن ٿا:

- ڪنهن لفظ جي اڳيان ايندڙ 'واؤ' يقيناً وينجن جي صورت ۾ اچي ٿو ۽ آخري حالت ۾ 'واؤ' گهٽي قدر ڊگهي سر لاءِ ڪم آيو آهي؛ جڏهن ته وچوواڙي 'و' (سالم توڙي آخري صورت) جي استعمال ۾ مونجهارا آهن.
- ڪنهن لفظ ۾ تنهي حرفن 'الف، واؤ ۽ يي' جي گڏيل صورت ۾ به ڪو خاص مونجهارو ڪونه ٿو رهي.
- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ 'ي' جون ٽن حالتن: اڳيان، وچوواڙي ۽ آخري وارين ۾، اڳيان واري حالت ۾ 'ي' جو استعمال وينجن طور ايندو آهي ۽ آخري حالت ۾ ڊگهي سُر طور ڪم آندو ويندو آهي؛ جڏهن ته وچوواڙي حالت ۾ وينجن توڙي سُر لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. ان حالت ۾ وچوواڙي 'ي' (شروعاتي توڙي وچولي صورت) ۾ مونجهارا آهن.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ جڏهن 'ي' يا 'و' اکر ڪنهن لفظ ۾ اڳيان يا پويان مونجهاري جو سبب نه ٿو بڻجي ته ڊاڪٽر جيٽلي، ڊاڪٽر الانا ۽ ان جي هم خيال ماڻهن جو 'ڏنل مثالن آڌار' بحث ئي بيڪار آهي.

جڏهن ڊگهي سُر ۾ ڪم ايندڙ الف تي ڪابه اعراب نه ٿي ڏني وڃي ته ان صورت ۾ 'ي' ۽ 'و' تي زير يا زبر ڏيڻ مونجهاري جي امڪانن کي وڌائي ٿو. جڏهن 'و' يا 'ي' کي وينجن طور به ڪم آڻجي ٿو، ته ڇا سُر جي صورت ۾ به ڪا اعراب ڏئي سگهجي ٿي؟

بلڪل غلط عمل ٿي پوندو، مثال طور: 'پوَڻ' ۾ 'و' وينجن جي ڊِڪ به ڏئي ٿو ته ڍُهري سُر جي به! ان حالت ۾ 'سُر' کي واضح ڪرڻ لاءِ 'واؤ' تي اعراب ڏيڻ مونجهاري جي امڪانن کي وڌائيندو.

3.3.3.4 اختصار

1. ڊگهن سُرن تي اعرابن جي سلسلي ۾ به ڌريون آڏو اچن ٿيون، هڪ ڌر ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽو ۽ ڪاڪو پيرومل وغيره اچي وڃن ٿا، جن جو خيال آهي ته اعراب عربي سرشتي موجب: ڊگهن سُرن ۾ ڪم ايندڙ 'و ۽ ي' بجاءِ وينجن تي ايندي؛ ٻي ڌر ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جا نالا اهم آهن، جن جو خيال آهي ته اعراب ديوناگري سرشتي موجب: وينجن بعد ڊگهن سُرن لاءِ ڪم ايندڙ 'و ۽ ي' جي اکرن تي ايندي.
2. منهنجي ذاتي خيال ۾ ته ديوناگريءَ ۾ ڪنهن حرف علت تي اعراب هجڻ يا ڏيڻ وارو خيال به غير علمي آهي. ديوناگريءَ جي اعرابن جو پير ۽ عربي صورتخطيءَ جي اعرابن جو انداز بلڪل نرالو آهي. ديوناگريءَ ۾ حرف علت ۽ اعرابن جو الڳ الڳ تصور ڪونهي، ان ۾ اعراب جو هڪڙو ئي انداز آهي. جنهن سبب اهڙو تصور ڪونه ڪيڻ ۽ ان تي بحث ڪرڻ ئي بيڪار آهي. ديوناگريءَ ۾ مڙئي اعرابون ڪنهن اکر کان بعد ڏنيون ويندڻيون آهن ليڪن، زير واري اعراب پوءِ به ڪنهن اکر کان اڳ ڏني ويندي آهي، ان ليکي تحت عربي صورتخطيءَ ۽ ديوناگري صورتخطيءَ جي ڀيٽ ڪري اعرابن جي راءِ ڏيڻ ڪلي طور تي غير علمي آهي.
3. ڊاڪٽر دائود پوٽي واري ڌر اهوئي دليل رکيو آهي ته ڊگهن/ ڍهرن سُرن ۾ ڪم ايندڙ 'ي' ۽ 'و' کان اڳئين اکر تي جيڪڏهن اعراب نه ٿي ڏجي ته اهو اکر غير متحرڪ ٿي ٿو وڃي؛ ان صورت ۾ 'ي' ۽ 'و' جي اڳئين اکر تي اعراب ڏيڻ گهرجي.

4. ٻي ڌر جي عالمن هِجي جو دليل پڻ رکيو آهي تہ جڏهن ڪو لفظ هِجي ڪبو آهي تہ سُر ۾ ڪم ايندڙ 'و ۽ ي' ڪان پوءِ اعراب جو اعلان ڪبو آهي؛ مثلاً: ب- زبر بَ، ڪ زير ڪِ، ر + ي زير رِي چئبو آهي، نڪي ر- زير- ي = رِي.
5. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن ان اصول تي هلبو تہ پوءِ چٽون وارو پيش 'ن' تي ايندو؟ جيڪڏهن 'ن' تي پيش آيو تہ ان لفظ جا عجيب و غريب امڪاني اچار جڙي سگهن ٿا، ان بنياد تي اهو اصول رد ٿيڻ جوڳو آهي. جنهن صورت ۾ صورتخطيءَ جي خيال ڪان 'نون گهڻي' جو مسئلو حل ٿي نہ سگهيو آهي، انِ صورت ۾ 'نون گهڻي' لاءِ الڳ دليل رکڻ وارو بحث بہ بيڪار آهي.
6. اعراب واري مسئلي تي، سنڌي سرشتي يا عربي- فارسي سرشتي ڪي مذڪوره اصولن موجب توري نہ ٿو سگهجي، بلڪہ عربي ۽ ديوناگري صورتخطيءَ جي مزاج ڪي توري سگهبو. هتي ٻوليءَ جي مزاج جي ڳالهہ نہ بلڪہ صورتخطيءَ جي مزاج جو عمل دخل آهي.
7. ڊگهن سُرن ۾ ڪم ايندڙ اکرن 'ا، و ۽ ي' مان الف تي اعراب ڪڏهن بہ نہ آئي آهي، تيئن 'و ۽ ي' تي بہ ڪا اعراب ڪانہ ايندي. اعراب جي گهرج وينجن ڪي هوندي آهي، حرف علت ڪي نہ! البتہ ڊگهن سُرن جي حالت ۾ 'و يا ي' تي جزم جو استعمال غير علمي آهي.
8. جيئن تہ 'الف، واؤ ۽ يي' جو ڪردار ٻٽو آهي، ان حالت ۾ وينجن تي اعراب اچڻ گهرجي ۽ ڊگهن يا ڌُهرن سُرڻ ۾ ڪم ايندڙ مذڪوره اکرن تي اعراب ڏيڻ ڪان پرهيز ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سُرن جي حالت ۾ اعراب مونجهاري جو باعث بڻجندي.
9. ان صورت ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڀيرومل واري راءِ (سواءِ جزم جي) مناسب ۽ وزنائتي آهي.

مٿين خيالن جي بنياد تي اعرابن جو سلسلو هيٺين ريت بيهڻ گهرجي:

- اُو = مُوڙي، پُورو، پَرُوڙ، چِٽُون؛
- اِي = عِيدَ، ٻَڪرِي، ڏَٽِي، ٻِلِي، ٻِيهر؛
- اَو = قَوم، فَوج، پَو، سَو؛
- اَي = بَيت، خَير وغيره.

******************

### 3.4 واؤ لين، 'ؤ' متحرڪ، 'ؤ' ساڪن ۽ همزي جي بدل 'ؤ' جو اِيپاس

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'همزي سان واؤ' چئن حالتن ۾ ڪم آيو آهي، هڪ: ڌهري سُر/ واؤ لِين ۾ جيئن: سؤ؛ ٻيو: پيش واري همزي جي بدل ۾ جيئن: ڦهلاؤ؛ ٽيو: واؤ متحرڪ ۾ جيئن: مُؤَنَّث ۽ چوٿو: واؤ ساڪن ۾ جيئن: مُؤْمن.

عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻه حالتون وڌيڪ ڪم آنديون وڃن ٿيون، هڪ: سؤ ، پؤنر، ڪؤنر، چؤگرد ؛ ٻي: ڦهلاؤ، اٽڪاؤ وغيره.

ٻيون ٻه حالتون: 'مُؤَنَّث' ۽ 'مُؤْمن' عربي صورتخطيءَ جي نسبت آهن، جنهن جو استعمال عربيءَ جي ڄاڻو استادن وٽ ٿئي ٿو ۽ اهي ئي عربيءَ جي وزنن آهر اهڙي صورتخطيءَ جي تاڪيد ڪن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾، مٿي ڄاڻايل چئن حالتن مان پهرين حالت جي لفظن جو تعداد، ڪو گهڻو ڪونهي. عربي صورتخطيءَ ۾ هن قسم جي ڌهري سُر (اَو) ۾ ڪم ايندڙ 'واؤ' لاءِ 'واؤ لِين' جو اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. عبدالهادي سرهيو قرئت جي 'صفت لِين' بابت ڄاڻائي ٿو ته: "جن حرفن ۾ اها صفت هوندي آهي، انهن کي 'حرف لِين' چئبو آهي. 'لِين' معنيٰ نرم ڪري پڙهڻ. حرف لين ٻه آهن: واؤ ساڪن ۽ ي ساڪن. نوٽ ڪندا ته انهن 'حروف علت' جي ماقبل کي مخالف حرڪت يعني زبر هوندي ته پوءِ نرم ڪري پڙهبو؛ مثلاً: طَور، والصَّيف، خوْف." (1976: 30)

سرهئي صاحب جو ڄاڻايل دائرو عربيءَ جي نسبت سان آهي، ان جي مثالن مان صورتخطيءَ جي حوالي سان اها ڄاڻ ملي ٿي ته 'واؤ لِين' جي صورت ۾ زبر يا ٻي صورت ۾ همزي جو استعمال ٻه ٿئي ٿو، جڏهن ته 'ي لِين' ۾ همزي جي استعمال کان سواءِ، صرف زبر جو استعمال ٿيندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ توڙي صورتخطيءَ ۾ هن قسم جي ڊگهن سُرن کي علمي لحاظ کان ڊاڪٽر الانا توڙي ٻين عالمن 'ڌهرو سُر' ڪوٺيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي لفظن جو استعمال پورو سارو آهي؛ جيئن: سَو/ سئو/ سؤ. مذڪوره حالت ۾ مقرره صورتخطيءَ جي ضرورت پوندي آهي؛ ان حالت ۾ هڪ ڳالهه اهم هوندي آهي ته ڪنهن ٻه صورت کي غلط نه ٿو چئي سگهجي. ذاتي اِيپاس موجب ٻوليءَ جي عالمن پاران سَو/ سئو/ سؤ مان لفظ 'سؤ' کي معياري ڄاتو ويو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ان حوالي سان لکي ٿو ته: "ڪيترن ئي سنڌي لفظن ۾ هڪ ئي پد وارا (يڪپدا) 'ڌهرا سُر' (diphthongs) جهڙوڪ: 'ايَ' ۽ 'اوَ' جي بدران 'ي' ۽ 'ؤ' ٻه لکيا ويندا آهن. مثال طور:

| | | | |
|---|---|---|---|
| مَوج | مؤج | ----- | مؤج |
| پَونڪ | پؤنڪ | ----- | پؤنڪ |
| چَونڪ | چؤنڪ | چوڪ | چؤنڪ |
| ڏَونس | ڏؤنس | ڏئونس | ڏؤنس |
| چَونرو | چؤنرو | چئونرو | چؤنرو |
| ٿَونر | ٿؤنر | ٿئونر | ٿؤنر |
| پئونر | پؤنر | پنئور | پؤنر |
| ڏئونرو | ڏؤنرو | ڏنؤرو | ڏؤنرو |
| ڏئونرا | ڏؤنرا | ڏنئورا | ڏؤنرا |
| زئونر | زنؤر | زنئور | زؤنر |
| ڳَونر | ڳؤنر | ڳئونر | ڳؤنر |
| ڪَونرو | ڪؤنرو | ڪئونرو | ڪؤنرو |

**اضافي راءِ:** مٿئين ڍنگ موجب: 'ٿئون' لفظ کي 'ٿؤن' لکڻ جي راءِ رکجي ٿي.

### 3.4.2 آخري پيش واري همزي جي بدل جو جائزو

سنڌي صورتخطيءَ ۾ هن قسم جي لفظن ۾ آخري همزو، پيش جي حالت ۾، 'ؤ' سان به لکيو ويندو آهي. جهڙوڪ: وسيع ڦهلاؤ (اجواڻي: 2007: 95)، واؤ، اڪلاؤ وغيره.

عام طور سنڌي ٻوليءَ جي صَرف موجب، ڪن لفظن جي آخري 'پيش' کي جمع جي صورت ۾ 'زبر' ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، جيئن اُٺُ - اُٺَ؛ پر ڪي لفظ 'آخري همزي' وارا اهڙا به آهن جن ۾ آخري سُر جي مٽجڻ سان گڏوگڏ همزي جو آواز 'واؤ' ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، جيئن: ڪانءُ — ڪانوَ. يعني، سنڌي لفظن جي واحد صورت ۾ 'همزي' جو آواز جڙي ٿو ۽ جمع جي صورت ۾ 'و' متحرڪ جو آواز جڙي ٿو. اکرن (الف، واؤ ۽ يي) جي اهڙي مٽجڻ واري حالت سبب مذڪوره اکرن لاءِ 'حرف علت' جو اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. ياد رهي ته حرف علت جو تصور عربي صورتخطيءَ مان آيل آهي، جنهن جي بنيادي لفظن ۾ مذڪوره اکر هڪٻئي ۾ تبديل ٿيندا آهن. سنڌي ٻوليءَ/ صورتخطيءَ ۾ به اهڙن لفظن جو تعداد ملي ٿو، جن ۾ جمع- واحد جي حالت هيٺ، اکرن/ آوازن جو مٽجڻ ٿئي ٿو، جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| گھاءُ | گھاوَ |
| پاءُ | پاوَ |
| ڊپاءُ | ڊپاوَ |
| ڪانءُ | ڪانوَ |
| ڏانءُ | ڏانوَ |
| ٿانءُ | ٿانوَ |
| وھانءُ | وھانوَ |

ائين بہ ناھي تہ ساڳئي گھاڙيٽي واري لفظ جو، ساڳي حالت ۾ جمع ٿئي ٿو. چند رشتن وارا لفظ نوٽ ڪري سگھجن ٿا، جيئن:

| | |
|---|---|
| ماءُ | مائِرون/ مائُون |
| ياءُ | يائرُ |

مٿي ڄاڻايل لفظن جي صورتخطيءَ ۾ يڪسانيت رکڻ لاءِ ھينئين راءِ رکجي ٿي:

| عام صورتخطي (واحد) | تجويز ڪيل (واحد) | عام صورتخطي (جمع) |
|---|---|---|
| گھاءُ | گھاؤ | گھاوَ |
| ٿَئُ | ٿؤ | ٿوَ |
| پاءُ | پاؤ | پاوَ |
| ڊپاءُ | ڊپاؤ | ڊپاوَ |
| ڪانءُ | ڪانؤ | ڪانوَ |
| ڏانءُ | ڏانؤ | ڏانوَ |
| ٿانءُ | ٿانؤ | ٿانوَ |
| وھانءُ | وھانؤ | وھانوَ |

تجويز ڪيل صورتخطي جو انداز پرنٽ ميڊيا ۾ بہ آيل آھي، جيئن: ڪانؤ ڏانؤ (اجواڻي، 2007: 181، 281)

**تبصرو:** جيئن تہ آخري ھمزي سان واؤ ۾ پيش (متحرڪ) جو تصور موجود ھوندو آھي، ان صورت ۾ ان کي اعراب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪونہ ٿي پئي، جڏھن تہ خالي واؤ کي متحرڪ ڄاڻائڻ لاءِ اعراب جي ضرورت بيشڪ پوي ٿي. اھڙو صورتخطيءَ جو انداز بہ ڪنھن حد تي پرنٽ ميڊيا تي اچي چڪو آھي.

### 3.4.3 ؤ' متحرڪ جي صورت جو جائزو

مُونَث/ مُؤَنَّث (اسم مفعول، بروزن: مُفَعَّل)، مُوثر/ مُؤَثِر (اسم فاعل، بروزن: مُفَعِّل)، مُوَرَخ/ مُؤَرِخ (اسم فاعل، بروزن: مُفَعِّل) مُولِف/ مُؤَلِف (اسم فاعل، بروزن: مُفَعِّل) وغيره.

عام طور تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'مونث' لفظ مختلف اعرابن/ آوازن سان پڪاريو يا لکيو ويندو آهي، جڏهن تہ مذڪوره قسم جا عربي لفظ مختلف وزنن سان فاعل مفعول ٺٽبا آهن. لفظ 'مونث' ۾ ڪم آندل 'و' متحرڪ آهي، جنهن صورت ۾ سنڌ جي پراڻن عالمن يا ڪاتبن اهڙن لفظن ۾ همزي وارو واؤ (ؤ) ڪم آندو ۽ ڪي آٿين پيا. ان صورت ۾ هيٺين صورتن جي راءِ رکجي ٿي:

| ترجيحي صورت | مختلف صورتون | |
|---|---|---|
| مُؤَنَث | مؤَنث | مونث |
| مُؤَرِخ | مؤَرخ | مورخ |
| مؤَثِر | مؤَثر | موثر |
| مؤَلِف | مؤَلف | مولف |
| مُؤَذِن | مؤذن | موذن |

نوٽ: سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان عربي لفظن تي 'شد' جي استعمال ۾ نرميءَ کي قبول ڪيو ويو آهي. ياد رهي تہ: ڏارين ٻولين جي لفظن جي صورتخطيءَ جو ممڪن حد تائين احتياط ڪرڻ ۾ انگريزي صورتخطي پڻ محتاط رهندي آهي.

### 3.4.4 ؤ' ساڪن جي حالت جو جائزو

مَوْلُود/ مَؤْلُود (اسم مفعول، بروزن: مَفْعُول)، مُوْمِن/ مُؤْمِن (اسم فاعل، بروزن: مُفْعِل) وغيره.

**لفظ مَولُود/ مَؤْلُود جو ڇيد:**

| تہ-حرفي | مصدر | اسم مفعول | مَـ | فْـ | عُـ | ـو | ـل | مَفْعُول |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ولد | تَوَلّد | مَفْعُول | مَـ | أ > وَ | لُ | ـو | ـد | مَولُود/ مؤلود |

ياد رهي تہ عربي صورتخطيءَ ۾ 'ا، و، ي' حرف علت ان نسبت سڏبا آهن جو بنيادي لفظن ۾ هڪبئي سان پيا بدلبا آهن؛ لفظ 'مومن' جو وڌيڪ ڇيد خيال خاطر هيٺين ريت بيهارجي ٿو:

بنياد: 'امن'، بروزن 'فعل'؛ مصدر: 'اِيمان'، بروزن 'اِفْعال'؛ اسم فاعل: 'مُوْمِن'/ مُؤْمِن، بروزن 'مُفْعِل'؛ اسم مفعول: بروزن 'مُفْعَل' مستعمل ناهي.

لفظ مُوَمن/ مُؤمن جو چيد:

| ٽـ حرفي | مصدر | اسم فاعل | مُـ | فْـ | عِـ | ـل | مُفْعِل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| امن | اِيمان | مُفعِل | مُـ | أ > وَ | ـمِـ | ـن | مُوْمِن/ مؤمن |

لفظ 'مومن' ۾ 'و' جو ڪردار سُر وارو ناهي بلڪ ساڪن حالت ۾ وينجن آهي؛ لفظ جي اچار جي نوعيت موجب سنڌ جي عالمن ان قسم جي 'واؤ' تي همزو ڪم آندو ته جيئن ان جو وينجن آواز ڪڍي سگهجي؛ ٻي صورت ۾ عربي صورتخطيءَ جي اها خامي آهي جو جزم واري 'واؤ' کي ٻن صورتن: ڊگهي سُر ۽ ساڪن وينجن طور ڪم آڻيندا آهن، جنهن سبب ڊگهن سُرن ۾ 'جزم' جو استعمال رد ٿيڻ جوڳو آهي.

مٿي لفظ 'مومن' جي ڪيل چيد مان اها به مراد آهي ته 'ا، و ۽ ي' عربي اصولن موجب پيا ڦرندا رهندا آهن، جنهن سبب مذڪوره اکر حرف علت سڏبا آهن. ياد رهي ته سُر يا وينجن ۽ حرف علت يا حرف صحيح الڳ الڳ دائرا رکندڙ اصطلاح آهن؛ جنهن سبب انهن ٻنهي کي ساڳي تُرِيءَ ۾ توري نه ٿو سگهجي.

'ؤ' ساڪن جا سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان چند لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

مُؤَزُون، مَؤلُود، مَؤجُود (شيوڪاڻي- مترجم، 2007: 215) مُؤَنِس، مُؤرِث، مُؤجِد وغيره.

**نوٽ:** مٿي ذڪر ڪيل اکر 'ؤ'، جيڪو سنڌي صورتخطيءَ ۾ چئن صورتن: واؤ لِين، مضموم همزي جي بدل، متحرڪ ۽ ساڪن طور استعمال ۾ آيو آهي، سو عربي توڙي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪنهن لفظ جي اڳيان ڪنهن به صورت ۾ ڪم نه آيو آهي.

### 3.4.5 حاصل مطلب

- واؤ لين/ ؤ متحرڪ/ ؤ ساڪن ۽ مضموم همزي جي بدل طور سنڌي ٻوليءَ ۾ چئن حالتن ۾ ڪم اچي ٿو:
  - دهري سُر طور، جيئن: سَو، سؤ؛
  - مضموم همزي طور، جيئن: گهاؤ، ڦهلاؤ؛
  - واؤ متحرڪ طور، جيئن: مؤنث، مؤلف؛
  - واؤ ساڪن طور، جيئن: مؤمن، مَؤلود.

******************

## 3.5. سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف علت جو تصور

هينئين لفظن جي مقرر صورت جو مسئلو اڳ بہ اٿيو هو ۽ ويجهر ۾ پڻ اٿارتيءَ ڪرايل مذاڪري ۾ عالمن آڏو رکيو، مثلاً: ماروي/ مارئي، اونڌائي/ اونڌاهي، هوا/ هئا، چوي/ چئي.

### 3.5.1. حرف علت ۽ سُر بابت عالمن جا ويچار

اصل ۾ اهو مسئلو اصولي طور تي لهجي آهر آوزن جي بنياد تي، سُرن ۽ صورتخطيءَ جي لحاظ کان حرف علت جو آهي. اصطلاح سُر جو استعمال ڳالهايل ٻوليءَ جي چند چاڻ وقت ڪم آندو ويجي ٿو جڏهن تہ صورتخطيءَ جي احاطي ۾ حرف علت جو اصطلاح ڪم آندو ويجي ٿو. اصطلاح 'حرف علت' اسان جي ڪن جديد لسانيات جي عالمن بيڪار سمجهي رد ڪري ڇڏيو آهي. جن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نالو ڳڻي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر الانا ان بابت تنقيدي نظر رکندي لکي ٿو تہ: "سنڌي صوتيات جو جائزو وٺندي Consonant کي حرف صحيح جي بدران 'وينجن' ۽ Vowel کي حرف علت جي بدران 'سر' سڏيو ويو آهي. اهي ڏنل نالا تشريحي لسانيات جي وصفن موجب درست آهن. سنڌي ٻوليءَ جا 'سر'، جن کي سنڌ جي بزرگ تعليمي ماهرن 'حروف علت' سڏيو آهي، انهن جي باري ۾ جدا جدا ماهرن جدا جدا وصفون بيان ڪيون آهن، ۽ نتيجا ڪڍيا آهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو: 'اسان جي هاڻوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ 'حروف صحيح' سان ٺهيل هئا، يعني منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مورڳو نہ هئا.' ڊاڪٽر صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو تہ: 'عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪّبات هئا.' ڊاڪٽر صاحب جي هن پوئين راءِ مان واضح ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ سرن کان سواءِ ٺهندا هئا، يعني وينجن پاڻ ۾ ملي لفظ يا پد ٺاهيندا هئا. سُر کي ڪاڪو ڀيرومل بہ حرف علت ٿو سڏي ... هن سلسلي ۾ شيخ واحد بخش صاحب لکي ٿو: 'علت' معنیٰ آهي بيماري، ڇاڪاڻ تہ 'واي' بيمار ماڻهوءَ جي صدا آهي، تنهنڪري انهن ٽن حرفن و، ا ۽ ي کي علت جا حرف سڏجي ٿو. 'اهي وصفون هن علمي ۽ سائنسي دؤر ۾ قبول ڪرڻ جهڙيون نہ آهن ... وات واري ڪوپي مان لنگهڻ وقت ان (هوا) کي ڪٿي بہ نہ ڪا رڪاوٽ ٿيندي آهي، ۽ نہ وري مخرج وٽ ڪنهن گهٽ يا سوڙهہ ڪري، ڪو گهڪو ٿئي. جنهن آواز جي اچارڻ ۾ اهي سڀ خصوصيتون موجود هجن، تنهن کي سُر (Vowel) چئبو آهي." (2005: 216-218)

ڊاڪٽر بلوچ ۽ پروفيسر پيرومل تي ڪيل تنقيد ان حوالي سان بہ سطحي آهي جو هنن بزرگن سنڌي صورتخطيءَ تي نظر ڪئي آهي، جنهن ۾ حرفن جي ئي تور ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙو تصور 'حرف علت' جي اصطلاح مان پڻ ملي ٿو: جڏهن تہ هنن بزرگن واري بيان کي ڊاڪٽر الانا آواز جي بنياد تي توريو آهي.

ڊاڪٽر الانا جي يڪ- طرفي تنقيد ۽ عام اپياس مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ حرف علت جو اصطلاح رد ٿيڻ جوڳو ناهي، بلڪ ان کي سمجهي ان جا دائرا متعيّن ڪرڻ جي ضرورت آهي. سُر ۽ حرف علت الڳ بيشڪ آهن، ليڪن هڪٻئي سان سلهاڙيل ضرور آهن.

ترجيحي صورتن تي ويچار ونڊڻ کان اڳ حرف علت جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي. ڄاڻايل اصطلاحن کي اسان جي عالمن باريڪ بينيءَ سان کوتہ ڏٺو آهي: هيٺ انهن لفظن تي مختصر ويچار رکجن ٿا:

### 3.5.2 وينجن ۽ سُر بابت اصولي ويچار

هي لفظ/ اصطلاح پنهنجي نوعيت مان ئي پڌائن ٿا تہ هنن جو تعلق آواز ۽ آواز وارن عضون سان آهي. ان صورت ۾ مذڪوره لفظ استعمال ڪرڻ يا ان جي راءِ رکڻ ڪنهن بہ حوالي سان رد ٿيڻ جوڳي ناهي. ان لحاظ کان ڊاڪٽر غلام علي الانا جو چوَڻ نهايت مناسب آهي.

### 3.5.3 حرف صحيح ۽ علت بابت اصولي ويچار

مذڪوره لفظن جي نوعيت ئي پڌائي ٿي تہ هنن لفظن جو واسطو، صورتخطيءَ جي حوالي سان، اکرن/ حرفن سان آهي. ان صورت ۾ جن عالمن بہ مذڪوره لفظ ڪم آندا آهن انهن کي بہ غلط نہ چئي سگهبو، ڇاڪاڻ تہ انهن جي نظر صورتخطيءَ تي رهي/ رهي ٿي. هي لفظ جيئن تہ بنيادي طور تي عربيءَ جا آهن تنهنڪري ان جي معنىٰ مفهوم ۽ حيثيت عربي ٻوليءَ جي لحاظ کان مناسب آهي: سنڌي ٻوليءَ ۾ عربيءَ کان منتقل ٿيا آهن.

مٿين لفظن/ اصطلاحن جي مختصر وضاحت بعد ان چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي تہ ٻنهي قسم جي لفظن واري استعمال ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي، البت انهن جي نوعيت جاچڻ بعد تز استعمال ڪرڻ جو خيال رکڻ ضروري آهي.

### 3.5.4 سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف علت جو تصور

سنڌي ٻوليءَ ۾ آوازن/ اکرن جي مَنجهڻ جو پاسو ڪجهہ مختلف آهي، مثال طور: 'منهنجو، منهنجي، منهنجا، منهنجن' جهڙن لفظن ۾ آخري اکر اهڙا آهن جيڪي جملي جي نوعيت پٽاندر مَنجن ٿا جڏهن تہ بنيادي اکرن/ آوازن ۾ ردوبدل نہ ٿي ٿئي، اهڙا مثال خيال خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

| 'ه' سان | 'و' سان | 'ي' سان | 'الف' سان | 'ن' سان |
|---|---|---|---|---|
| ----- | گھوڙو | گھوڙي | گھوڙا | گھوڙن |
| ------ | تنهنجو | تنهنجي | تنهنجا | تنهنجن |
| ------- | اهڙو | اهڙي | اهڙا | اهڙن |
| اداره | ادارو | اداري | ادارا | ادارن |
| فيصله | فيصلو | فيصلي | فيصلا | فيصلن |
| مدرسه | مدرسو | مدرسي | مدرسا | مدرسن |
| مسئله | مسئلو | مسئلي | مسئلا | مسئلن |

مٿيان مثال اهو ٻڌائين ٿا ته سنڌيءَ ۾ سنڌي لفظن کان علاوه، عربي توڙي فارسي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج يا جملي جي نوعيت پٽاندر مذڪوره **اکرن** ۾ تبديل ٿين ٿا. ان خيال کان جيئن ته اهي اکر هڪٻئي ۾ مٽجي سگهجن ٿا، جن جو تعلق سُرن سان پڻ آهي، اهوئي سبب آهي جو انهن کي حرف علت سڏيو ويو آهي يا سڏي سگهجي ٿو: جڏهن ته حرف صحيح اهي سڏبا آهن جيڪي پنهنجي صورت/ حيثيت نه مٽائن. البته، جڏهن آوازن جي نسبت انهن جي تور تي ڪجي ته پوءِ لفظ 'حرف' سان ڪم آندل اصطلاح ڪم آڻڻ مناسب ناهي.

مٿئين اصول موجب جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي حرف علت جو اڀياس ڪجي ٿو ته مٿين مثالن مان اهڙا پنج اکر سامهون اچن ٿا جيڪي پنهنجون صورتون مٽائن ٿا:

'ا، و، ي، ه ۽ ن'

مذڪوره پنجن حرفن مان چار ته سڌا سنوان اهڙا آهن جيڪي 'سُرن' جي صورتخطيءَ ۾ پڻ ڪم آندا ويندا آهن، البته 'نون' جي اکر ۾ اها لچڪ آهي جو ان کي گهڻو ٻڻائي 'سُر' طور پڻ ڪم آندو ويندو آهي. ديوناگري آئيوڻا جي ماترائن/ سُرن ۾ 'ه' ۽ 'نون گهڻو' پڻ لازمي طور پڙهايو ويندو آهي، سنڌي ٻوليءَ سان ڪنهن حد تي تعلق هجڻ نسبت، انهن تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان کان علاوه 'نون گهڻو' پڻ ڪمزور حيثيت ۾ نوٽ ڪري سگهجي ٿو، مثلاً:

| نحوي صورت | نون گهڻي جي حيثيت |
|---|---|
| تون وڃين ٿو. | 'نون گهڻي' پنهنجي حيثيت برقرار رکي. |
| هو وڃي ٿو. | 'نون گهڻو' پنهنجي حيثيت برقرار رکي نه سگهيو. |

بهرحال اهي تہ هيون اصولي ڳالهيون جن تي ويچار وندي سگهجن پيا، ليڪن اها حقيقت آهي تہ بيا اکر (ه، نون گهڻو، نون) ڇڏي ڪري بہ 'الف، واؤ ۽ يي' حرف علت ۾ ئي ڳڻي سگهجن ٿا، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾، سُر توڙي وينجن بنهي ۾ استعمال ٿيڻ سبب لچڪ آهي.

### 3.5.5 حرف علت جي نسبت لفظن جون ترجيحي صورتون

فارسي، سنڌي يا اردو ۾ 'مختفي ه' جو اهو ئي ڪردار رهيو آهي، جيڪو سُر جو آهي؛ ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ درياه/ درياء جي صورتخطيءَ جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. ويجهر ۾ پڻ ان لفظ جي ترجيحي صورت ڪي عالمن آڏو رکيو ويو. حرف علت جي لحاظ کان اهو فرق اصل ۾ لهجن جو فرق پڻ آهي. جنهن صورت ۾ ماروي/ مارئي، اونڌائي/ اونداهي، هوا/ هئا، چوي/ چئي جا لفظ سامهون اچن ٿا، ان صورت ۾ غلط تہ ڪنهن بہ لفظ کي چئي نہ سگهبو، ليڪن هڪ صورتخطي مقرر ڪرڻ لازمي هوندو آهي. هيٺ مذڪوره لفظن جي عام صورتن کي ڏسي ڪري مقرره صورتخطيءَ لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | | | ترجيحي صورت |
|---|---|---|---|
| ماروي | مارئي | ماروئي | مارئي |
| اونڌائي | اونڌائي | اونداهي | اونداهي |
| هوا | هئا | ---- | هئا |
| چوي | چئي | چَي | چئي |

**********************

## 3.6. سنڌي صورتخطيءَ ۾ الف مقصوره (ي) جو ڪردار

ڄاڻايل ترجيحي صورتن لاءِ سفارشن ۾ ’الف مقصوره‘ وارو معامرو به پنهنجي جڳهه تي اهم آهي، جنهن لاءِ به اهو جواز ڄاڻايو ٿو وڃي ته ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ۾ ان جي سهوليت ڪانهي يا ڏکيائيءَ جو سبب بڻجي ٿو! اهڙي قسم جي ڳالهه درست صورتخطيءَ ۾ رنڊڪ آهي، ان سان رهندو لفظن جي صورت ئي بگڙجي سگهي ٿي ۽ لفظ جو اصل نسل ئي ميسارجي ويندو. انگريزيءَ ۾ به ڪافي اهڙا لفظ آهن جن جي صورتن ۾ صرف ان لاءِ ڦيرو ڪونه ڪيو ويندو آهي ته جيئن لفظ جو اصل ميسارجي نه وڃي! اسان جي ٻوليءَ تي به ڪافي ٻولين جو اثر آهي، پر عربي ٻوليءَ جو خاص اثر رهيو آهي؛ اسين اڄ تائين انهن جي اصولن کي ڪنهن حد تي قائم ڪيون پيا اچون. ’واؤ- ويڇي‘ جي اعراب جو ئي مثال وٺو ته ’عمرو بن عاص‘ نالي ۾ اهڙي قسم جي اعراب جو استعمال باقاعده ڪيون پيا اچون، توڻي جو ان جو درست اچار اڄ جو استاد، اڻڄاڻائيءَ سبب، ڪڏهن ئي نه ٿو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته عام استادن کي اهڙن اصولن جي ڄاڻ رسائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن

### 3.6.1. الف مقصوره جي لغوي اکيڙ ۽ اهميت

هيءَ (ى) علامت ’الف مقصوره‘جي نالي سان سڏبي آهي، لفظ مقصوره، اسم مفعول جي صورت ۾ ’قصر‘ مان ورتل آهي معنیٰ اٽس گهٽايل، يعني ننڍڙو الف! عربيءَ ۾ هجڻ سبب سنڌيءَ ڏانهن منتقل ٿيو آهي، ۽ اڪثر عربي لفظن توڻي نالن سبب ڪم اچي ٿو، جهڙوڪ: مصطفیٰ، مرتضیٰ، اعلیٰ وغيره. ڏٺو ويو آهي ته دنيا جي مختلف ٻولين جي صورتخطيءَ جو اهو اصول رهيو آهي ته ٻاهران (ڌارين ٻولين مان) آيل لفظن جي شڪل ڪوشش ڪري ساڳي رکي وڃي. انگريزي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙا ڪافي مثال ملن ٿا، جيڪي گهڻي قدر ٻاهران آيل لفظن جي صورتخطيءَ کي ساڳي صورت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جن کي اسين اڻ- ڄاڻائيءَ ۾ انگريزيءَ جون بي قاعدگيون سڏيندا آهيون. اسانجي عربي- سنڌي آئيوينٽا ۾ عربي آوازن جا اکر هوبهو رکڻ جو خاص مقصد به اهو هو ته جيئن اسلامي طرز وارن نالن کي سندن مخصوص شڪلين ۽ آوازن (توڻي جو ڪڏهن به نه ٿا سگهون، پر پوءِ به انهن) پٽاندر لکي سگهون، ته جيئن ڪنهن غلطيءَ جو امڪان نه رهي. عربي ٻوليءَ وارا ته ’ي‘ مٿان ننڍڙي الف جي علامت به ڪونه ڏيندا آهن؛ ان ڪري عجمين جي سهوليت خاطر ’ى‘ يعني الف مقصوره جي علامت قائم ڪئي وئي آهي.

### 3.6.2 الف مقصوره جي استعمال جا اصول

ڪتاب 'قواعد الاملاء' واري آخري صفحن ۾ الف مقصوره جي حالتن بابت ڄاڻايو آهي ته،

- ٽن اکرن کان وڌيڪ جڙيل اهڙو عربي نالو، جنهن جي آخري اکر کان اڳ (second last) 'ي' نه هجي، ته ان جي آخر ۾ ڏگهي سُر لاءِ 'ي' جي صورت لکبي ، ليڪن پڙهبو الف مقصوره جي حالت ۾ ; جيئن: الفَتي، الهدَي; صُغرَي، ڪبرَي، مرتضي، مصطفي.
- پر جيڪڏهن ان جي آخري آواز کان اڳ 'ي' آهي ته ان کي رڳو 'الف' ئي لکبو ۽ پڙهبو: جيئن: دنيا، ريا، محيا، ثريا.

  عجمي نالا به ان طرز تي ڄاڻايل آهن، جيڪي ان قانون تحت لکجن ۽ پڙهجن ٿا:
- پنج عجمي نالا جيڪي لکيا 'ي' سان، پڙهبا الف جي ڏگهي سر سان; جيئن: موسي، عيسي، متّي، ڪسري، بخاري.
- پنج ٻيا عجمي نالا جن ۾ الف جو اکر لکبو به، ۽ پڙهبو به: جيئن: دارا، زَليخا، يافا، بنها، شبرا. (سلام، 1986: 19، 20، 21)

اهي قانون اسان کي به عربي صورتخطيءَ کان ورثي ۾ مليا آهن، ان صورت ۾ ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا قباحت ڪانهي ۽ نه وري ڪا ڏکيائي پيش اچي ٿي; ان اصول تحت هيٺين صورتخطين جي راءِ رکجي ٿي:

### 3.6.3 الف مقصوره جي استعمال سان ترجيحي صورتون

| مختلف صورتون | | | ترجيحي صورت |
|---|---|---|---|
| دعوا | دعوىٰ | -------- | دعوىٰ |
| معنا | معنىٰ | ----- | معنىٰ |
| مصطفٰ | مصطفىٰ | مصطفا | مصطفىٰ |
| عيسا | عيسىٰ | عيسو | عيسىٰ |
| مولا | مولىٰ | ------ | مولىٰ |
| حُسنا | حسنىٰ | حسنٰ | حسنىٰ |
| عُظما | عظمىٰ | عظمٰ | عظمىٰ |
| صُغرا | صغرىٰ | صغره | صغرىٰ |
| فتوا | فتوىٰ | ------ | فتوىٰ |

❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊

## 3.7 نون وينجن ساڪن (قريب مخرج ـ آوازن ۽ جمع جي گرداني صورت سبب) جو معاملو

### 3.7.1 مسئلي جو بيان

19 ڊسمبر 1998ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 'درسي ڪتابن جي ٻوليءَ بابت' ڪرايل ورڪشاپ ۾ ٺهيل گروپ، (جنهن ۾ سيد شير شاهه، صدف شاد، غلام رسول چنو، ماهه طلعت عباسي، تاج جويو شامل هئا) پاران 'نندَيُڻُ' لفظ جي اعرابن کي سڌاري، حتمي طور تي، 'نَنَڍِڻُ' (تاج، 1999 الف: 71- 73) بيهاريو ويو (مبادا، ترجيحي صورت ۾ پروف جي غلطي هجي، يا گروپ جي مهرباني هجي) جيڪو پوءِ بحث هيٺ ڪونه رهيو: هن ڪان اڳ 1853ع تي نونديرام جي لکيل باب نامي جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جمع لفظن جي آخري 'ن' جي اعرابن بابت ڄاڻائي ٿو: "عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخري وينجن ساڪن آهي ته ڪن ٻين هنڌن تي ان هيٺان زير لکي آهي: آڱرِيُن، لُوڪَنِ، اُڪرَن، ٻارَن." (1999: 178)

ڊاڪٽر جيٽلي 'ن' تي مختلف اعرابن جو اشارو ته ڪيو ليڪن ان بابت ڪا واضح تصحيح ڪونه ڄاڻائي، ته اعرابن جي معاملي ۾ ڇا ٿيڻ گهرجي؟

مسئلي جي بيان ۾ ٻه الڳ نوعيت جا 'نون ساڪن' جا معاملا سامهون آيا آهن:

- قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' جو بيهڻ
- جمع جي گرداني صورت ۾ 'نون ساڪن' جو بيهڻ

### 3.7.2 اپياسي سوال

مٿين ٻن ڏؤرن جي الڳ نوعيت وارن لفظن ۾ ڪم آندل 'نون ساڪن' سبب هيٺيان ٻه اهم سوال جنم وٺن ٿا:

? 'نندِيڻ' لفظ ۾ ٻئي 'نون' کي ڇا سمجهجي، ساڪن، متحرڪ يا گهٽو؟
? 'آڱرين، لوڪن، اکرن، ٻارن' لفظن ۾ آخري نون ساڪن ٿيندو يا متحرڪ؟

### 3.7.3 طريقهء ڪار

مذڪوره لفظن جي روشنيءَ ۾، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نون' اکر جي ڪارج معلوم ڪرڻ لاءِ عالمن جي راين مان هيٺيان نڪتا معلوم ڪيا ويندا:

**نون متحرڪ، ساڪن ۽ گهڻي جي حيثيت ۽ ان جي صورتخطي**

**جمع صورت ۾ نون جي حيثيت**

### 3.7.3 سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ن' جو ڪارج

عام طور تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ نون جي اکر ڪان ٽي ڪم (نون وينجن، نون ساڪن ۽ نون گهڻي وارا) ورتا ويندا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي صوتيات جي حوالي سان چاڻائي ٿو ته: "سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۾ جيئن گهڻا وينجن ٿيندا آهن، تيئن گُهڻا سرَ به ٿيندا آهن. گهڻن سرَن کي تحريري صورت ڏيڻ لاءِ، سرَ جي پويان 'ن' اکر لکيو ويندو آهي، جيڪو ان سرَ جي گُهڻي هئڻ جو اهڃاڻ ڏيندو آهي. هت هي نڪتو به قابل توجه آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ گُهڻي وينجن [ن] ۽ 'گُهڻي سر' کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ اکر 'ن' جي لکت ۾ ڪوبه فرق ڏيکاريل نه آهي. اردوءَ ۾ اهڙو فرق بلڪل ظاهر آهي. انهيءَ ڪري ئي سنڌي صورتخطيءَ ۾ مونجهارو ٿئي ٿو، ۽ صورتخطيءَ ۾ گُهڻي سُرَ واري 'ن' مٿان جزم ڏيندا آهن، جنهن جو استعمال بلڪل غلط آهي." (2009: 112)

ڊاڪٽر الانا جي حوالي توڙي هن جي ڪم ۾ صوتياتي نظام موجب ٽنهي قسمن جي نون (وينجن، ساڪن ۽ گهڻي) بابت ذڪر آيل آهي، البته گهڻي سُر جي نون مٿان جزم کي رد ڪري ٿو جيڪو علمي اصولن موجب بلڪل درست آهي. صاحب موصوف نون وينجن ۽ نون گهڻي جي صورتخطيءَ ۾ فرق نه هجڻ جي شڪايت رکي ٿو: سندس راءِ موجب اردو صورتخطيءَ ۾ اهڙي فرق کي واضح ڪيو ويندو آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن ڪارجن لاءِ ڪم ايندڙ 'نون' جي مونجهاري جو احوال ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هيئن ڄاڻايو آهي ته: "عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ سرَ جي گُهڻي اچار ۽ انوناسڪ (نڪائين) وينجن /ن/ جي وچ ۾ لکت ۾ ڪوبه فرق نه ٿو رکيو وڃي، جيئن ته:

तूं تون (نون گُهڻي سُر 'اُوُنْ' لاءِ)،

सन्त سَنت (نون وينجن)،

सनत سَنَتَ (لهڻو)،

हंस هَنس (نون وينجن)،

हंसी هنسي (کِلَ، مسڪراهٽ 'نون گُهڻي' سر جي اچار لاءِ)" (1999: 189- 190)

(ڊاڪٽر جيٽلي، مثال ۾: हंस هَنس (نون وينجن) ڄاڻايو آهي، ڄاڻايل لفظ ديوناگري صورتخطيءَ موجب 'نون گهڻي' جو مثال آهي: اتي اهو مونجهارو ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر جيٽلي جي لفظ 'هنس' ڄاڻائڻ مان مراد، الائجي 'نون' ساڪن هئي يا نون وينجن؟)

اسانجي بدقسمتي آهي جو اسان عربي- سنڌي آئيوِيتا يا صورتخطيءَ ۾ ان مونجهاري جي حل لاءِ ڪونہ سوچيو آهي؛ ۽ نہ وري ايلس واري ڪميٽيءَ جي مخصوص ميمبرن يا بعد جي ماهرن ان مسئلي جي حل ڪي آڏو رکيو؛ هينئر تہ موجوده آئيوِيتا ڪي صحيفي جو درجو مليل آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قير ڦار جو امڪان رد ڪيو وڃي ٿو، ۽ مونجهارا ؟ مونجهارا ئي رهن ٿا.

ڊاڪٽر جيٽلي مثالن ۾ جيڪي لفظ ڪم آندا آهن تن ڪي ڊاڪٽر الانا ڪم آڻيندي 'ساڪن وينجن' ۾ شامل ڪيو آهي. ڊاڪٽر الانا نون گهٽي تي جزم جي استعمال ڪي رد ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ: "پراڻن ڪتابن ۾ گهٽي سُر واري 'ن' مٿان بہ جزم ڏني وئي آهي، مثلاً: آهينْ، اسينْ. 'آهينْ' ۾ 'ن' مٿان جزم جو استعمال ڏيکاري ٿو تہ 'ن' ساڪن آهي، نہ ڪہ نون غنو، حالانڪ ساڪن وينجن [ن] ۽ گهٽي سُر واري 'ن' ۾ وڏو فرق آهي، مثال طور:

| ساڪن وينجن [ن] | گهٽي سر (حرف علت) وارو 'ن' |
|---|---|
| سَنْتُ | آهِين |
| هنْس | تنهن |
| گهنْٽي | تڏهن. |

(1993: 148- 149)

### 3.7.3.1.1 ٻن عالمن (جيٽلي ۽ الانا) جي گڏيل راين ۾ 'ن' جو ڪارج

ٻنهي عالمن جي حوالن مان جيڪي مشترڪ ڳالهيون سامهون اچن ٿيون سي هن ريت آهن:

1. سنڌي صورتخطيءَ ۾ گُهٽي وينجن [ن] ۽ 'گُهٽي سر' ڪي لکت ۾ نمايان ڪندڙ اکر 'ن' جي لکت ۾ ڪوبہ فرق ڏيکاريل نہ آهي.
2. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جيڪي مثال ڏنا آهن تن ۾ ٽن قسمن جا نون آڏو اچن ٿا، جن ۾ ساڪن نون جي ڪابہ وضاحت ڏنل ناهي؛ حقيقت ۾ 'نون ساڪن' جي حيثيت اڻ- ڄاتل آهي، جنهن تي جزم جو ئي استعمال ٿيندو.
3. ڊاڪٽر الانا 'نون گُهٽي' تي جزم جي استعمال ڪي بلڪل رد ڪري ٿو؛ البتہ ڊاڪٽر الانا، ڊاڪٽر جيٽلي جي ڏنل مثالن (سنْت ۽ هنْس) ڪي نون ساڪن ۾ شمار ڪري ٿو.
4. ٻنهي عالمن جي حوالن مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ نون وينجن توڙي سُر جو فرق اردو ۽ ديوناگريءَ ۾ بلڪل واضح آهي.

### 3.7.3.1.1.1 اردو صورتخطيءِ ۾ نون وينجن ۽ گهٽي جا دائرا:

بنهي عالمن جي گڏيل راءِ بعد ڏنو وڃي ته اردو وارا خود 'نون وينجن' ۽ 'نون گهٽي' جي عام صورتخطيءَ مان مطمئن ناهن، ان حوالي سان پروفيسر سيد محمد سليم ڄاڻائي ٿو ته: ''اردو املا کی اصلاح کے سلسلے میں نون خفی کا مسئلہ بھی قابل غور ہے نون خفی جب لفظ کے آخر میں آتا ہے تو غیر منقوطہ لکھا جاتا ہے۔ اس کو لوگ سہولت سے پڑھ لیتے ہیں جیسے مہماں، یہاں وغیرہ۔ لیکن جب یہ لفظ کے درمیان میں آتا ہے تو نون ظاہر میں اور نون خفی مین تمیز کرنے کی کوئی علامت نہیں ہوتی۔ نون ظاہر ہی لکھا جاتا ہے اور بعض نون ظاہر ہی پڑھتے ہیں حالانکہ در حقیقت وہ نون خفی ہوتا ہے۔ میں نے بعض لوگوں کو نون ظاہر پڑھتے سُنا ہے۔ بعض کتابوں میں دیکھا ہے کہ نون خفی پر چھوٹا سا نون یا ہلال بنا دیتے ہیں۔ یہ بہت اچھی تجویز ہے۔ اس پر عمل ہونا چاہیے جیسے ہنگامہ، گنگا۔'' (سلیم،۱۹۸۱: ۸۹- ۹۰)

نون گهٽي جي صورتخطيءَ جي حوالي سان اردو ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر ابوسلمان شاهجهانپوريءَ ڄاڻايو آهي ته ''نون غنہ اگر لفظ کے آخر میں ہو تو اس پر نقطہ نہیں لگاتے، یہی اس کی پہچان ہوتی ہے، جیسے: ماں، کہاں، کہوں وغیرہ۔ اگر لفظ کے درمیان میں ہو تو اس پر الٹے جزم کی علامت (ں) بنا دیتے ہیں، جیسے:

مانٛد، چانٛد، رانٛڈ وغیرہ۔'' (ابوسلمان،1986: 150)

مقصد ته اردو وارا به اهڙي راءِ رکن ٿا ته لفظ جي آخر ۾ ايندڙ 'نون گهٽو' ته نقطي کان سواءِ لکجي ٿو ليڪن 'جنگ' جهڙن لفظن ۾ وچ ۾ ايندڙ 'نون گهٽي' مٿان ننڍڙي چنډ يا ابتي جزم جي نشاني لڳائڻ گهرجي، جيڪا عام صورتخطيءَ ۾ ڪم نه ٿي آندي وڃي.

### 3.7.3.1.1.2 ديوناگري صورتخطيءِ ۾ نون وينجن ۽ گُهٽي جا دائرا

هندي ٻولين لاءِ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ 'نون گُهٽي' جو معاملو بلڪل حل ڪيل آهي؛ جيئن: انگ = अंग ، سانگُ = सांग وغيره؛ يعني 'نون گُهٽي' لاءِ گهربل آواز بعد، مٿان ٽٻڪي جو نشان آندو ويندو آهي، جيڪو هندي ٻولين لاءِ ديوناگري صورتخطيءَ ۾ سُر طور ڄاتو وڃي ٿو ۽ پڙهايو وڃي ٿو؛ ٻي صورت ۾ 'نون وينجن/ اظهاريءَ' لاءِ 'न' جو اکر لکندا آهن. جڏهن ته نون ساڪن واري آواز لاءِ اڌ نون جي نشاني ڪم آندي ويندي آهي، جيئن 'सन्त سَنت' جي وچ ۾ لکيل آهي جنهن کي ڊاڪٽر جيٽلي وينجن جي مثالن ۾ ڄاڻائي چڪو آهي.

عربي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ نون وينجن توڙي گهٽي جا دائرا مقرر آهن، سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙي قسم جي حل لاءِ اپياس ڪري سگهجي ٿو، ليڪن هتي صرف 'نون ساڪن' ئي مقصود آهي.

### 3.7.3.1.2 اخذ ڪيل نون ساڪن وارو مونجهارو

ڊاڪٽر الانا ۽ ڊاڪٽر جيٽلي جي حوالن مان جيڪا اهم وضاحت طلب ڳالهه سامهون اچي ٿي سا آهي نون ساڪن جي! جنهن لاءِ ڊاڪٽر جيٽلي مثالن آڌار ڪا به وضاحت نه ڏني آهي. حالانڪ، ديوناگريءَ ۾ نون وينجن جي لکڻ جا ٻه نمونا (نون متحرڪ ۽ ساڪن) آهن.

نون ساڪن جي حوالي سان 'سِنڌ' يا 'نَنڍو' ۾ عام جو خيال هوندو آهي ته انهن لفظن ۾ ڪم آيل نون گُهٽو آهي؛ جڏهن ته مذڪوره لفظن ۾ ڪم آيل نون ساڪن بيهندو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي به، ديوناگري صورتخطيءَ آڌار، 'نون' جا جيڪي اشارا ڏنا آهن، تن ۾ ٽن قسمن جا نون (نون گُهٽو، نون وينجن ساڪن، نون وينجن متحرڪ) ڄاڻايل آهن، 'तूं - تون' ۾ 'اُون' گُهٽو سر ڪم آيل آهي، جنهن لاءِ ديوناگري لکاوٽ ۾ نون گُهٽي لاءِ الڳ سان اکر مٿان ٽِبڪي جي نشاني ڪم آڻبي آهي؛ 'सन्त — سَنت' لفظ ۾ نون وينجن 'ساڪن' صورت ۾ آهي، جنهن کي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ 'اڌ اکر' ڪري لکيو ويندو آهي؛ جڏهن ته لفظ 'सनत - سَنَتَ' ۾ نون وينجن متحرڪ ڄاڻايل آهي، جنهن سبب ديوناگريءَ ۾ پورو نون اکر لکيو ويندو آهي؛ ياد رهي ته ديوناگري آئيويڻا جو هر اکر 'زبر' سان متحرڪ سمجهيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي جي مثالن ۾ ٽي 'نون' جي لکاوٽ جا ٽي نمونا آهن، جن تي ڊاڪٽر جيٽلي الانئجي چو غور ئي نه ڪيو! نتيجةً، آوازن جي بنياد تي، ٿلهي ليکي اهو چئي سگهجي ٿو ته نون وينجن جا ٻه قسم آهن هڪ متحرڪ ٻيو ساڪن؛ جنهن مسئلي لاءِ اسان جي عالمن ڪي دائرا مقرر ڪون ڪيا آهن.

### 3.7.3.1.2.1 نون ساڪن جي حقيقت

پرائمري استادن جي تربيتي ادارن جي لاپرواهيءَ ۽ لاعلمي سبب اسانجي پڙهائيندڙ استاد ڪي 'نون گُهٽي (سں)'، 'نون ساڪن (وينجن)' ۽ 'نون متحرڪ (وينجن)' پڙهائڻ يا سمجهائڻ جو ڍنگ ڪونهي ۽ نه وري صورتخطيءَ ۾ مذڪوره آوازن لاءِ اسان جي عالمن جو ڪو سَنڌو/ فرق متعيّن ٿيل آهي، جنهن سبب پڙهندڙ ٻار به مونجهاري جو شڪار رهي ٿو. اڪثر استاد نون گُهٽي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ 'جزم' جو استعمال ڪندا آهن، سو ڊاڪٽر الانا جي راءِ موجب، ڪنهن حوالي سان به درست ناهي؛ پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته:

**؟ ڇا اسان آوازن جي بنياد تي اهو ڄاتو آهي ته ڪنهن لفظ ۾ ڪم آيل 'ن' جي اکر جي حيثيت ڪهڙي آهي؟**

سنڌي صورتخطيءَ ۾ جزم جو ڪم صرف آواز کي ساڪن ڪرڻ هوندو آهي؛ اهڙو 'ن' وينجن ساڪن آوازن جي مثالن جو اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو:

نُون بعد اهڙن آوازن جي نه اچڻ جا اصول عربي ٻوليءَ ۾ به متعيَن ڪيل آهن، جنهن لاءِ پروفيسر واءِ. ايس طاهر علي چانڊيو چاڻائي ٿو ته: "نون ساڪن جي پٺيان يڪدم 'ر' ڪانه ايندي آهي." (طاهر، 1965: 284- 296) *سنڌي ٻوليءَ موجب وري 'ڙ' کان اڳيان نون ساڪن ڪونه ايندو آهي.*

مٿيان نون ساڪن جي اهڙن مثالن تي اسان جي عالمن غور نه ڪيو آهي، نه وري ڊاڪٽر جيٽلي ان جا مثال ڏيندي ئي غور ڪيو! ڊاڪٽر جيٽلي چڱيان چاڻي ٿو ته هندي ٻولين لاءِ رچيل ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙن لفظن ۾ نون گُهڻو نه پر ساڪن ڪري چاڻايو ويندو آهي، ۽ ساڪن اکر کي ڪنهن اکر جي اڌ شڪل سان ظاهر ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

नन्ढो (نَنڍو)، खन्डो (کَنڊو)، पन्थ (پَنٿ) وغيره.

ان سڄي بحث جو نچوڙ اهو آهي ته مٿي چاڻايل آوازن کان اڳ نون گُهڻو بيهندو ئي ڪونه، بلڪ ان جي قريب مخرج سبب نون ساڪن جو آواز ٺهندو، جنهن سبب نون جي اهڙن آوازن مٿان ساڪن جي ئي نشاني لڳائڻ کپي؛ ٻي صورت ۾ گُهڻي تي ساڪن جي نشاني ڪانه لڳندي.

### 3.7.3.1.2.1.2 ڊاڪٽر الانا وٽ قريب مخرج سبب نون ساڪن جو تصور موجود آهي

ڊاڪٽر الانا وٽ نون ساڪن جو تصور سندس جڳ مشهور ڪتاب 'سنڌي صوتيات' جي باب ڏهين ۾ 'چونَن گُهڻَن سرن (اَن، اِن ۽ اُن) جو گُهڻَن ڌماڪيدار وينجنن سان گڏيل اچار کان پوءِ وينجنن جي صورت ۾ بدلجڻ' جي عنوان سان موجود آهي. صاحب موصوف چاڻائي ٿو ته: "ڪنهن به لفظ يا جملي جي ڳالهائڻ دوران جڏهن ان لفظ جي وچ ۾ آيل چونَن گُهڻَن سرن [اَن، اِن ۽ اُن] کان فوراً پوءِ آيل، ڌماڪيدار وينجن <u>[ب، ڀ، ج، جه، د، ڌ، ڊ، ڍ، گ ۽ گه]</u> جڏهن سرن سان گڏ اچاريا ويندا آهن، يعني چونَن گُهڻَن سرن ۽ ڌماڪيدار وينجنن جي گڏيل اچار جي صورت ۾، چونَن گُهڻَن سرن جي فوراً پويان ايندڙ ڌماڪيدار وينجنن جي اثر کان، اهي چونَا گُهڻا سُر (انوناسڪ) پنهنجي گُهڻائڻ واري خصوصيت مٽائي/ بدلجي، ڌماڪيدار وينجنن جي مخرجن وارا گُهڻا وينجن ٿي ويندا آهن."
(2009: 117)

صاحب موصوف اڳتي لکي ٿو ته: "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا، البت سنڌي صورتخطيءَ (لکيل صورتن) ۾، انهن انوسوار جي اهڙيءَ حالت کي نمايان نه ڪيو ويندو آهي؛ مثال طور:

(الف) چونَي گُهڻي سر [اَن] جو ٻن چپن وارن ڌماڪيدار وينجنن [ب يا ڀ] جي گڏيل اچار کان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| اَنبُ | اَمبُ |
| اَنبار | اَمبار |
| چَنبو | چَمبو |
| لَنبو | لَمبو |
| چَنبڙ | چَمبڙ |
| قَنبر | قَمبر |

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| پَنيور | پَميور |
| ٽَنبُ | ٽَمبُ |

(ب) ڇوٽي گهُٽي سر [اَن] جو ڏنداون ڳرن ڏوڪٽن وينجنن جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| سَندو | سَنندو |

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| سَنڌو | سَننڌو |
| سَنڌ | سَننڌ |
| سَنڌي | سَننڌي |
| سِنڌ | سِننڌ |

(ٿ) ڇوٽي گهُٽي سر [اَن] جو سخت تارونءَ وارن ڏماڪيدار وينجنن [ج، جھ، چ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| مَنجو | مَججو |
| گَنجو | گَججو |

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| سَنجها | سَججها |
| وَنجهه | وَججهُ |
| پَنچات | پَچچات |

(ث) ڇوٽي گهُٽي سر [اَن] جو نرم تارونءَ واري ڏماڪيدار وينجن [گ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| اَنگ | اَگگ |
| رَنگ | رَگگ |
| ڊَنگ | ڊَگگ |

| لکيل صورت | اچاريل صورت |
| --- | --- |
| سَنگ | سَگگ |
| سَنگت | سَگگت |
| مَنگتو | مَگگتو |

(ج) چوٿي گھُٽي سر [اَن] جو مورڌني ڌماڪيدار ڳرن وينجنن [ڊ، ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| چَنڊ | چَننڊ | مَنڊو | مَننڊو |
| ننڍو | ننڍو | سَنڍ | سَننڍ |

(ھ) چوٿي گھُٽي سر [اِن] جو مورڌني ڌماڪيدار ڳرن وينجنن [ڊ، ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| نِنڊ | نِننڊ | گھِنڊ | گھِننڊ |

(خ) چوٿي گھُٽي سر [اِن] جو ڏندائين ڌوڪٽي ڳري وينجن [ڌ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|
| سِنڌ | سننڌ |

(د) چوٿي گھُٽي سر [اِن] جو نرم تارونءَ واري ڌماڪيدار وينجنن [گ ۽ گھ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| لِنگ | لِڱگ | سِنگھ | سِڱگھ |

(ر) چوٿي گھُٽي سر [اُن] جو، ٻن چپن واري ڳري ڌماڪيدار وينجن [ب] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| لُنب | لُمب | سُنب | سُمب |

(س) چوٿي گھُٽي سر [اُن] جو ڳرن سخت تارونءَ وارن وينجنن [ج ۽ جھ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| گُنج | گُڃج | مُنجھ | مُڃجھ |

(ش) چوٿي گھُٽي سر [اُن] جو ڳرن مورڌني وينجنن [ڊ ۽ ڍ] جي گڏيل اچار ڪان پوءِ اچار:

| لکيل صورت | اڇاريل صورت | لکيل صورت | اڇاريل صورت |
|---|---|---|---|
| سُنڊ | سُننڊ | مُنڍ | مُننڍ |

(120 -118 :2009)

### 3.7.3.1.2.1.2.1. ڊاڪٽر الانا جي ڏنل مثالن جي ڇنڊ ڇاڻ

- (الف) ۽ (ر) جي مثالن ۾ ٻن ڇپوين آوازن سبب پيدا ٿيندڙ [م] جو آواز ساڪن بيهي ٿو، جنهن سبب 'نون گهٽو' لکيو ويندو آهي. حقيقت ۾ ظاهر ٿيندڙ اچاريل صورت ۾ [م] ساڪن جو آواز گهٽو آهي، جنهن سبب سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربيءَ جي اثر کان 'نون گهٽو' ڪم آندو ويندو آهي. ديوناگريءَ يا انگريزيءَ ۾ ساڳيو آواز 'ميم' (म/ M) سان لکيو ويندو آهي. اهڙي 'ميم' ساڪن جي آواز جي صورتخطيءَ تي نئين سِري سان تقابلي ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي، جنهن کي 'گهٽي' ۾ ئي شامل ڪري سگهبو!
- (ت)، (ث)، (د) ۽ (س) جي مثالن ۾ سخت تارونءَ ۽ نرم تارونءَ وارن ڏماڪيدار وينجنن کان اڳ هوندڙ گهٽائپ 'گهٽن وينجنن' جو احساس ڏياري ٿي، جيڪا عربي- سنڌي صورتخطي ۽ ديوناگريءَ توڙي انگريزي صورتخطيءَ ۾ پڻ صرف 'نون گهٽي' ۾ ڳڻي ويندي آهي.
- (ب)، (ج)، (هه)، (خ) ۽ (ش) جي مثالن ۾ پيدا ٿيندڙ گهٽائپ 'نون ساڪن' جا مثال آهن، جنهن بابت، صورتخطيءَ جي حوالي سان، ڊاڪٽر الانا ڪا اصولي راءِ نہ ڏني آهي.
- مٿيان مڙئي ۹ مثال ڊاڪٽر الانا صرف خيال خاطر ڏنا آهن، جنهن لاءِ ڄاڻايو اٿائين تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهڙا بيشمار مثال ملن ٿا، البت سنڌي صورتخطيءَ (لکيل صورتن) ۾ ، انهن انوسوار جي اهڙيءَ حالت کي نمايان نہ ڪيو ويندو آهي." يعني 'نون ساڪن' کي پيدا ٿيندڙ گهٽائپ ۾ شامل ڪري ٿو.

*(آگاهي رهي تہ 'ميم ساڪن' گهٽي سُر ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو ۽ 'نون ساڪن' کي وينجن ۾ ئي شمار ڪبو!)*

ڪتاب 'سنڌي صوتيات' جي ڏهين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت کي علمي طور تي واضح ڪيو اٿائين، ليڪن نتيجةً صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪا راءِ نہ ڏني اٿائين تہ 'ن' جي اهڙي قسم جي آوازن کي ڪهڙي دڳ لائڻو آهي! ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙي نون ساڪن کي اڌ صورت ۾ لکي 'نون وينجن' ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. {ڏسو ڊاڪٽر جيٽلي جو ڏنل مثال: सन्त سَنت (نون وينجن)}

ڊاڪٽر الانا جي ڏنل 'اچاريل صورت' ۾ هڪ 'نون' جي جڳهہ تي 'ٻہ نون' ڏنل آهن، ڪٿي تہ وري 'ٽي نون' بہ اچي ٿا وڃن، جنهن مان مراد اها آهي تہ آواز جي بنياد تي هڪ تہ ٿيو 'گهُٽائپ وارو' تہ ظاهر آهي تہ ٻيو 'گهُٽائپ وارو' نہ ٿيندو، بلڪ 'نون وينجن' ئي ٿيڻ کپي؛ ٽن واري ۾ وچيون گهُٽي وينجن جي 'گهُٽائپ' جو اثر آهي. بهرحال 'نون' اکرن جي جوڙي ۾ آخري 'نون' جي

حالت غير متحرڪ واري بيهي ٿي، اهوئي نون وينجن ساڪن سڏي سگهجي ٿو ۽ ان تي 'جزم' جو استعمال ٿي سگهندو آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 1939ع تي، ڊاڪٽر دائود پوٽي عربي صورتخطيءَ جي طرز تي اعرابن متائڻ جو ڪم ڪيو. حقيقت ۾ عربي صورتخطيءَ ۾ جزم جي استعمال هوندي به 'نون گهٽي' جا دائرا متعيّن ٿيل آهن. عربي ٻوليءَ ۾ گهُٽي آوازن لاءِ عبدالهادي سُرهيو ڄاڻائي ٿو ته: "'ينمو' وارن حرفن وقت نون کي غنو ڪري پڙهبو. ان کي 'ادغام مع الغنه' چئبو آهي؛ مثلاً:

'مِنۡ يَّومٍ'، 'مِنۡ نُّورٍ'، 'مِنۡ مَّلَڪٍ'، 'مِنۡ وَّالٍ' (1976: 31)

ظاهر آهي ته عربي صورتخطيءَ جو مزاج به الڳ آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪيپ وارن عالمن 'نون گهُٽي' تي جزم جو استعمال ڪيو، جنهن تي درست اعتراض ٿيا؛ ليڪن اهڙي معاملي جا ڪي دائرا متعيّن ٿي نه سگهيا!

مٿئين اصولي بحث بعد لفظ 'ننڍپڻ' جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ننڍَپُڻُ = نَنَڍَپڻُ | نَنۡڍَپڻُ |

### 3.7.3.2 سنڌي لفظن جي جمع صورت ۾ نون ساڪن جو استعمال

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾، حرف جر ڳنڍڻ جي حالت ۾ 'نون' جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

1. کٽن تي رلهيون وڇايل آهن.
2. ڪافي اسڪولن ۾ لائبريرين جي حالت خستہ آهي.
3. ڪوئن جي ٻرن وٽ ڪٿا مار دوا هارڻ گهرجي.
4. احمد ڪافي تقريبن ۾ حصو ورتو آهي.
5. ڪمري جي ڪُنڊن مان گرامر جو ڪتاب ڳولهي* اچ!
6. شاه لطيف جي ميلي تي رعايتي ڪتابن جو اسٽال لڳايو ويو آهي.

نشاني ڪيل مختلف اسمن ۾، حرف جر سبب، جمع بيهارڻ لاءِ 'ن' جو اضافو ڪيو ويندو آهي، سو دراصل ساڪن ٿي رهندو. جمع صورت ۾ 'ن' ساڪن بيهڻ جو سبب، ماقبل آخري وينجن

* عام طور 'ڳولڻ' لفظ جي صورتخطي مستعمل آهي، ليڪن وچولي لهجي موجب 'ڳولهڻ' لفظ: 'له' وسرڳ سان ڪم آندو ويندو آهي. اڳوڻن ڪتابن ۾ به اهڙي صورتخطي ملي ٿي؛ انلاءِ وچولي جي نسبت 'ڳولهڻ' لفظ کي ترجيح ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي.

(Second last consonnat) جي اعراب جو تبدّل آهي؛ ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي واحد- جمع يا مذڪر- مؤنث جو گهڻو انحصار 'آخري وينجن جي اعراب جو تبدّل' آهي. ٻي صورت ۾ آخري 'م، س ۽ ن' ساڪن رهندا آهن ۽ ان کان اڳ واري وينجن جي اعراب تي تبدّل واقع ٿيندو آهي؛ اهڙو تفصيلي ڪم راقم جي هڪ پيپر ۾ ڪيل آهي. (جوکيو، 2011 الف: 42- 95) 'ڪٽَ' مان 'ڪٽُن' (اَ > اُ) ۽ 'ڪتابُ' مان 'ڪتابَن' (اُ > اَ) ۾ ماقبل آخر جي اعراب مٽجڻ جو سبب جمع صورت آهي؛ ان صورت ۾ آخري 'نون' ساڪن ئي رهندو.

### 3.7.3.2.1 لفظن جي ترجيحي صورت

هيٺيان لفظ باضابطہ ڪنهن مذاڪري يا سيمينار ۾ بحث ڪوند رهيا، تن ڪي صرف ڊاڪٽر جيٽلي نمايان ڪيو؛ نون ساڪن جي نسبت، تن لاءِ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| اَگِرِيُنِ | اَگِرِيُنَ ('رِيُ' گڏيل ديسي آواز) |
| لُوڪَنِ | لوڪنَ |
| اَڪرَن | اڪرنَ |
| ٻارَن | ٻارنَ |

**نوٽ:** عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾ اعراب/ علامت جو استعمال گهٽ ڪيو ويندو آهي، ان صورت ۾ آخري نون تي جيڪڏهن جزم نہ ڏبي تہ خير آهي، البتہ زير جو استعمال اصولي طور تي نہ ٿو ڪري سگهجي. زير جو امڪاني ذڪر ان لاءِ ٿو ڪجي تہ آواز جي بنياد تي زير، ساڪن جي ويجهو ڄاتي ويندي آهي.

### 3.7.4 حاصل مطلب

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نون' ٽن حالتن ۾ ڪم آندو وڃي ٿو:
  - نون وينجن متحرڪ: نَڪ، نالو، نيڪال وغيره.
  - نون وينجن ساڪن: گهنٽي، ڏند، سنڌ، ڪننو وغيره.
  - نون گهڻو: شينهن، ٻانهن، نانگ وغيره.
- ڏند وارن بندشي ڌوڪڻن: ت، ٿ، د، ڌ ۽ مهار وارن/ مورڌني بندشي ڌوڪڻن: ٽ، ڊ، ڍ کان اڳيان ايندڙ 'نون يا نون گهڻو'، قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' ۾ تبديل ٿئي ٿو. ڊاڪٽر الانا اهڙي گهٽاءُ کي 'نون وينجن' ۾ تبديل ٿيڻ ڄاڻايو آهي، جنهن ۾

موصوف ’ڊ، ڌ، ڍ ۽ ڏ‘ جا آواز ڄاڻايا آهن، جنهن لاءِ سندس راءِ آهي تہ صورتخطيءَ ۾ استعمال نہ ٿو ڪيو وڃي.

- سنڌي ٻولي/ صورتخطيءَ جي لفظن ۾ ’ٽ، ڌ، ن، نھ، ڻ، ل، لھ، ر، رھ، ڙ، ڙھ‘ اهڙا آواز آهن جن کان اڳ نون ساڪن/ گهڻو نہ ٿو اچي.
- سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت موجب ڪنهن اسم جي جمع صورت ۾، حرف جر ڳنڍڻ جي، حالت ۾، ’نون‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جنهن کي ’نون ساڪن‘ سمجهڻ گهرجي.
- لفظ ’اَگِرِيُن‘ ۾ ’رِيُ‘ گڏيل آواز (پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ) رهندو، جنهن تي راقم پاران تفصيلي بحث ’جزم جي درست استعمال‘ ۾ ڪيل آهي. (جوکيو، 2010 ب: 68-90)

*********************

## 3.8 سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ ماقبل آخري (second last) وينجن جي سُر جي اهميت ۽ آخري وينجن جي ساڪن (vowel less) هجڻ جو تصور

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ننديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ جي لکيل 'باب نامي' (ٻاراڻو ڪتاب) جي 1857ع واري لٿو ڇاپي جي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مختلف اعرابن تي تنقيدي نظر رکندي، خاص طور آخري وينجن ساڪن بابت لکي ٿو ته: "هن حالت ۾ عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخري وينجن ساڪن آهي ته ڪن ٻين هنڌن تي ان هيٺان زير لکي آهي: آگَرِيُنِ، لُوڪَنِ، اَڪرَن، ٻارَن." (177 :1999)

ڊاڪٽر جيٽلي جي نظر چڙهيل جمع صورت وارن تشڪيلي لفظن جي 'آخري وينجن ساڪن ۽ متحرڪ' واري اختلاف تي ڪنهن به ٻوليءَ جي عالم غور ڪونه ڪيو؛ جنهن سبب اهڙي قسم جا معاملا اڻ- ڇهيل رهيا آهن. اهڙي قسم جي معاملي کي صاف ڪرڻ ۽ مسئلي جي سطح معلوم ڪرڻ لاءِ سنڌي لفظن جي آخري سُر ۽ ماقبل آخري وينجن(Second Last Consonant) جي ڇوٽي سُر جو ڀيرائتو اڀياس لازمي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي صرفي توڙي نحوي بناوت ۾ لفظن جي آخري سُر جي وڏي اهميت هوندي آهي. آخري سُرن ۾ به، ٽن قسم جي سُرن (ڊگهن، ڌرن ۽ ڇوٽن) مان ڇوٽي سُر جي نفاست ۽ نزاڪت کي نوٽ ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته، ڊگهن سُرن تي صرفي يا نحوي بناوت جو مدار، اردو يا هندستاني ٻولين ۾ به آهي؛ ليڪن ڇوٽن سُرن تي صرفي ۽ نحوي بناوت جو مدار، سنڌي ٻوليءَ جي خاص مزاج ۾ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن موجب اها ڳالهه مسلَّم آهي ته مؤنث- مذڪر، واحد- جمع، سڏ (حرف ندا) ۽ اسم جي فاعلي- مفعولي حالت ڇوٽي سُر تي منحصر هوندي آهي.

جديد تحقيق موجب اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته 'حيدرآباد' ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ٻوليءَ ۾ آخري ڇوٽن سُرن جو حذف ٿيڻ يا انهن ڏانهن بي- حسي عام آهي؛ ان صورت ۾ ڪنهن لفظ جي آخري وينجن جي ساڪن هجڻ ۽ ماقبل آخر وينجن جي سُر جي اهميت بابت ڳالهه مڃائڻ انتهائي ڏکي آهي. آخري ڇوٽي سُر جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جي شمارياتي تحقيق اهم آهي، جنهن ۾ هو آخري سُر جي ڪِرڻ ۽ هُجڻ جي حوالي سان نتيجةً ڄاڻائي ٿو ته: "ٻيو لسانياتي ڦرڦو جيڪو رڪارڊ ڪيل گفتگوءَ جو تجزيو ڪرڻ وقت ثابت ٿيو اهو هو لفظ جي آخر ۾ ايندڙ ننڍو سر، خاص طرح اسمن: سِرَ، مَڪِ، مَسُ، نَڪُ ۽ واتُ وغيره ۾. هيءُ ڦرڦو ٻن ڦيرن جي صورت ۾ سامهون آيو هڪ لفظ جي آخر ۾ ننڍي سُر جي موجودگي ٻيو غير موجودگي." (79 :1998)

ڊاڪٽر ٻگهيي واري تحقيق 'ٻوليءَ ۾ ڦير گهير/ تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ' ان حوالي سان قابل ذڪر آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته "سرَ ڪيرائڻ يا نه اچارڻ واري عادت لاسيءَ ۾ ايتري عام نه آهي جيتري ڪڇي يا لاڙيءَ ۾، جن ۾ آخري يا لفظ جي پڇاڙيءَ واري سر کي ڪيرائڻ جي مضبوط روايت/ رسم (Trend) آهي." (1998: 81)

ڊاڪٽر ٻگهيي پنهنجي تحقيق لاءِ جيڪا ايريا متعيّن ڪئي، سا هاڻ پراڻا کان حيدرآباد آهي. اسمن جي آخر ۾ چوڻن سُرن جي ڪيرائڻ ۽ نه ڪيرائڻ واري نتيجي مان اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته ڊاڪٽر ٻُگهيو اڻ- سڌيءَ طرح اها ڳالهه تسليم ٿو ڪري ته: 'حيدرآبادي لهجي ۾ آخري سُر واري بي- حسي نوٽ ڪئي وئي آهي.'

عام طور اهو تصور ڪيو ويندو آهي ته: 'سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لفظن جو آخري وينجن متحرڪ ٿيندو آهي'؛ جنهن سبب 'ماقبل آخر وينجن' جي چوٿين سُر جي اهميت تي ڪم ٿي ڪونه سگهيو آهي. آگاهي رهي ته ماقبل آخر وينجن تي اعراب جي احتياط سبب، آخري وينجن ساڪن ٿي رهندو آهي. اهڙي اڀياس لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم جي 'واحد- جمع'، 'مذڪر- مؤنث'، فاعلي ۽ مفعولي حالت ۽ سڏ (حرف ندا) جو صوتياتي اڀياس لازمي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڪنهن وينجن جي آخري چوٿين يا ڊگهي سُر ۽ ماقبل آخر سُر جي اهميت کي هيٺين اهم عنوانن ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي:

- ✡ مؤنث_ مذڪر
- ✡ واحد_ جمع
- ✡ اسم جي فاعلي مفعولي حالت

### 3.8.1 سنڌي ٻوليءَ ۾ آخري سُرجي نسبت مؤنث ۽ مذڪرجي صوتياتي فرق جو اڀياس

چند ٻولين ۾ مذڪر- مؤنث جي استعمال ۾ فرق ڄاڃيو ويو آهي ۽ ان جي صوتياتي اڀياس آهر، عالمن پاران ڪي دائرا يا اصول پڻ متعيّن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪم ڪافي عالمن ڪيو آهي، ليڪن گهڻي قدر هڪڙئي تي پاڙيو ويو آهي. هن ڏِس ۾ ڊولامل ٻولچند جو شروعاتي ڪم انتهائي ساراهڻ جوڳو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان پيرومل آڏواڻي مذڪر- مؤنث لاءِ لکي ٿو ته: "وياڪرڻ ۾ جنهن کي 'جنس' چئجي ٿو سا نر ۽ ماديءَ جو تفاوت ڏيکاري ٿي. جيڪي لفظ نر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا سي مذڪر (نر) آهن ۽ جيڪي ماديءَ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا سي مؤنث (مادي) سڏجن ٿا. مثلاً: گهوٽ- ڪنئار، مڙس- جوءِ، گهوڙو- گهوڙي، دلو- دلي ۽ ڪات- ڪاتي." (1985: 27)

مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ ۾ مؤنث جي حوالي سان لکي ٿو ته: ”زالَ، نٿَ ۽ ڪَٽَ لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’اَ‘ جو اچار آهي. ’اَ‘ پڇاڙيءَ وارا سڀ اسم سدائين مؤنث آهن.“ (2006: 14)

مذڪر حوالي سان مرزا قليچ ڄاڻائي ٿو ته: ”ياءُ، اٺُ، نڪُ ۽ ڇپُ لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ’اُ‘ جو اچار آهي. ’اُ‘ پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري مذڪر آهن، ڇاڪاڻ ته انهيءَ پڇاڙيءَ وارا ٿورا اسم مؤنث به آهن، مثلاً: ماءُ، ڪنڌُ ۽ وڄُ.“ (2006: 14)

مرزا قليچ مذڪر- مؤنث جي اصولن بابت حاصل مطلب ۾ ڄاڻائي ٿو ته: ”اسمن جي پڇاڙين مان جنس جي پروڙ پوي ٿي، اهي پڇاڙيون جملي ست آهن، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. ’اَ، آ، اِ ۽ اِي‘ (مؤنث)، ’اُ، اُو ۽ او‘ (مذڪر) انهن مان ’اَ‘ پڇاڙيءَ وارا سڀ اسم سدائين مذڪر آهن. باقي ’آ، اِي ۽ اِ‘ پڇاڙين وارا گهڻو ڪري مؤنث ۽ ’اُ ۽ اُو‘ پڇاڙين وارا گهڻو ڪري مذڪر آهن.“ (2006: 14- 15)

مختلف عالمن جي اڀياس مان عام طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر- مؤنث جا ٻه پاسا (زاويه) سامهون اچن ٿا:

- ☐ جنسي (animate): جيئن: مردُ- مائي، ماءُ- پيءُ، هرڻُ- هرڻي، ڏوٻي- ڏوٻڻ/ ڏوٻياڻي، ڏکڻ- ڏکياڻي، ڇوڪرو- ڇوڪري، گڏهُ- گڏهِ، ڪتو- ڪتِي وغيره.
- ☐ غير جنسي/ صرفي (inanimate): ڪتابُ (سنو ڪتاب)، سليٽَ (منهنجي/ تنهنجي سليٽ)، ڪوڏِر (مُڏِي ڪوڏر)، پيٽِي (سٺي پيٽِي)، ڏنڊو (ٿلهو ڏنڊو)، آنا (تازا آنا)، ٻٽُون (هي منهنجو/ تنهنجو ٻٽُون آهي)، ڪٽون (هي منهنجون/ تنهنجون ڪٽُون آهن)، ماٺُهو (هي منهنجو/ تنهنجو ماٺُهو آهي)، اردُو (منهنجي اردو سٺي/ پختي آهي)، رَئو (هي منهنجو/ تنهنجو رئو آهي)، وغيره.

### 3.8.1.1. جنسي (animate) مذڪر_ مؤنث جي اصولن جو اڀياس

سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر- مؤنث جا انداز ڪجهه هن طرح ٿين ٿا، جيئن: مردُ- مائي، ماءُ- پيءُ، هرڻُ- هرڻي، ڏوٻي- ڏوٻڻ/ ڏوٻياڻي، ڏکڻ- ڏکياڻي، ڇوڪرو- ڇوڪري، گڏهُ- گڏهِ، ڪتو- ڪتِي وغيره.

انگريزيءَ ۾ مذڪر- مؤنث جا چند فرق وضع ٿيل آهن، پوءِ ڪٿي پڇاڙي (ess ---) لڳائڻ سان، ڪٿي he- she لڳائڻ سان، ته ڪٿي الڳ لفظن جو استعمال؛ جيئن: Prince- Princess، He goat- She goat، Horse- Mare.

عربيءَ ۾ پڻ مذڪر- مؤنث لاءِ سَنڌا رکيل آهن، عام طور تي ’ـة/ ة/ ه‘ تانيث لڳائڻ سان مذڪر مان مؤنث ٺاهيو ويندو آهي؛ جيئن: والد- والدة/ والده.

اها ڳالهه به ذهن ۾ هجڻ گهرجي ته اوائلي عربي ٻوليءَ ۾ 'ـة/ ة/ ه' تانيث، مؤنث کان علاوه مذڪر ۾ پڻ ڪم آئي آهي؛ جيئن: همزة/ همزه، معاوية/ معاويه يا طلحة/ طلحه وغيره. ان کان علاوه واحد- جمع ۾ پڻ ڪن صورتن ۾ 'ـة/ ة/ ه' تانيث ڪم آندي ويندي آهي؛ جيئن: اساتذة/ اساتذه وغيره.

فارسيءَ ۾ جنسي مذڪر- مؤنث لاءِ ڪي اصول ڪونهن، جيڪڏهن ڪم آندا ويندا آهن سي اڪثر عربي اصولن تي مبني هوندا آهن، جيئن: جدّ- جدي، عمّ- عمّه وغيره؛ عام طور فارسيءَ ۾ مختلف لفظن کان اهڙو ڪم ورتو ويندو آهي، جيئن: پدر- مادر، برادر- خواهر، پسر- دختر، آغا- خانم وغيره.

اردوءَ تي عربي، فارسي ۽ هندي جا مڙئي اصول لاڳو ٿيندا آهن؛ ڇاڪاڻ ته اردو ٻوليءَ جو بنيادي ڍانچو هندي ٻوليءَ وارو آهي، صرف ان کي عربي ۽ فارسيءَ جي لفظن جا زيور پاتل آهن، جنهن سبب اردو ڪونجي ٿي.

سنڌيءَ ۾ جنسي مذڪر- مؤنث، چند اصولن سان گڏوگڏ، مختلف لفظ پڻ ڪم آندا ويندا آهن، جيئن: اٺ- ڏاچي، مرد- مائي، مِرون/ سوئر- ڀوندڻ وغيره.

البت، سنڌي ٻوليءَ ۾، مؤنث ٺاهڻ لاءِ عربيءَ جي اثر کان 'ه/ ـه يا ة/ ـة' جي بدل [آن] کان ڪم ورتو ويندو آهي؛ جيئن: خديجة/ خديجه — ڪتيجان، آمنہ/ آمنه — ايمڻان، ضعيفہ- زائفان وغيره.

### 3.8.1.1.1 آخري سُر نسبت، جنسي مذڪر- مؤنث جو هڪبئي مان جڙڻ جو اڀياس

سنڌي ٻوليءَ ۾ جنسي مذڪر- مؤنث جا ٻه ڍنگ ٿين ٿا، هڪُ: اهي جيڪي هڪبئي ۾، آوازن جي بنياد تي، تبديل نه ٿا ڪري سگهجن، جيئن: ڏاند- ڳئون، ٻيو: اهي جيڪي آخري آوازن جي تبديل سان ڪم آندا وڃن ٿا،جيئن: ٻڪرُ- ٻڪري؛ هت ٻيو ڍنگ مقصود آهي:

[اَ] جي تبديل: مٿئين جنسي اڀياس مان اهو واضح ٿيو ته ڪنهن اسم جي آخري زبر سان لفظ هميشه مؤنث رهي ٿو؛ ڪوبہ لفظ مذڪر جي صورت ۾ ڪونہ ٿو ملي، جيئن: زالَ، رڌَ وغيره.

[اِ] جي تبديل: مختصر جنسي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن اسم جي آخري زير سان لفظ اڪثر مؤنث ٿين ٿا، جيئن: جوءِ، ڳانءِ، مينهن؛ البت هڪ- اڌ لفظ مذڪر جي صورت ۾ ملي ٿو، جيئن: سيٺِ.

ان کان علاوه مؤنث ٺاهڻ لاءِ [اُ] جي تبديل سان هيٺيون خاصيتون نوٽ ڪيون ويون آهن:

1. 'ڪُڪُڙُ' لفظ جو مؤنث ٺاهڻ لاءِ آخري ٻنهي آوازن [ڪ] ۽ [ڙ] جي پيشن کي مٽائي زيرون ڪم آنديون وڃن ٿيون؛ جڏهن ته 'گڏُهُ' ۾ صرف آخري پيش کي زير سان مٽايو وڃي ٿو؛
2. 'جهِرڪُ' جو مؤنث ٺاهڻ لاءِ آخري پيش مٽائي، [اِي] جو اضافو ڪيو وڃي ٿو؛

3. 'شينهن' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ [هَن] آواز کي زير ۾ مٽائي، [اِڻ] جو اضافو ڪيو ويجي ٿو. جڏهن تہ [هَن] جي گهٽائپ [ڻ] ۾ سمائجي وڃي ٿي. ياد رهي تہ گهٽي وينجن ۾ گهٽائپ جو گهٽو زور اڳيان هوندو آهي.

4. 'فقيرُ' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ آخري پيش کي زير ۾ مٽائي، [ياڻي] جو اضافو ڪيو ويجي ٿو.

5. ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل لفظن ۾ گدڙُ- گداڙيءَ وارا لفظ [اُ] > [اِي] واري گروهہ ۾ ئي آڻي سگهجن ٿا، صرف ان جي ماقبل آخري (Second last) سُر 'اَ' کي 'آ' سان مٽائبو آهي.

6. ڊاڪٽر الانا جا ڏسيل لفظ ڪانُ- ڪانوڻِلِي بہ [اُ] > [اِي] واري گروهہ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا، ليڪن ان جي وچ ۾ 'وِلِي' (اُ > و + اِلِي) جي اچار جو اضافو ٿئي ٿو. 'اُ/ ءُ' جو 'وَ' 'متحرڪ وينجن' ۾ تبديل ٿيڻ واري خاصيت بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ نوٽ ڪئي آهي؛ جيئن: ڪانءُ- ڪانوَ.

**نوٽ:** سنڌي ٻوليءَ جي نسبت اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ هڪ لفظ ساڳئي وقت ٻن اصولن يعني آخري آوازن [اُ يا او] وارن اصولن ۾ سمائجن ٿا؛ جيئن: ڇوڪرُ- ڇوڪرِ ۽ ڇوڪرو- ڇوڪرِي.

- [آ] جي تبديل: غير جنسي اپڀياس مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ ڪنهن اسم جي آخري [آ] آواز سان لفظ اڪثر مؤنث ٿين ٿا؛ البتہ چند لفظ مذڪر جي صورت ۾ بہ ڪم اچن ٿا، جيئن: خدا، راجا، ديوتا وغيره. ان صورت ۾ اهڙا لفظ ڪونہ ٿا ملن جن جا جنسي مذڪر ۽ مؤنث هڪجهڙي جي آخري آواز تبديل ڪرڻ سان جڙندا هجن؛ جيئن: 'ٻلا' جو مذڪر 'نانگ' الڳ لفظ جي صورت ۾ ڪم اچي ٿو.
- [اي] جي تبديل: هن آواز سان ڪي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن، البتہ جملي جي جوڙجڪ ۾ اهڙو آواز ڪم اچي ٿو، جيئن: ڇوڪري (مذڪر) راند ڪٿي.
- [اِي] جي تبديل: ڪورِي- ڪورياڻِي، درزِي- درزياڻِي/ درزڻ وغيره ان جا مثال آهن.
- [اَي] جي تبديل: هن آوازَ جي خاتمي سان جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن.
- [او] جي تبديل: ڇوڪرو> ڇوڪرِي، گهوڙو> گهوڙِي، راڻو> راڻِي، مُلو> مُلياڻي وغيره ان جا مثال آهن.
- [اُو] جي تبديل: هندُو > هندواڻي/ هندياڻِي.
- [اَو] جي تبديل: هن آواز جي خاتمي سان جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن.

✓ **جنسي مذڪر مان مؤنث بڻائڻ لاءِ جيڪي آواز سامهون آيا آهن سي هن ريت رکجن ٿا:**

| آواز | مؤنث |
|---|---|
| اِ | ڪڪڙ، گڏهہ وغيره |
| اِي | جهرڪِي، هرڻِي، ٻڪري، ڪتِي، راڻِي وغيره. |

[اِي] آخري سُر(مذڪر/ مؤنث):

- ڏوبِي، منهنجا ڪپڙا تہ جلد ڌوئي ڏي! (مذڪر)
- راڻِي، تو سان ڪهڙا ليکا! (مؤنث)
- سائِين، توهان سان ڪچهري ڪرڻي آهي!

[اِ] آخري سُر (ضميري پڇاڙيءَ جي صورت ۾):

- ماڻهَسِ، منهنجو رومال ڪونہ ٿو ملي!
- پٽهَسِ، گهر ۾ ڪابہ ڀاڄي ڪانهي!

(نوٽ: سڏ جي صورت ۾ 'ماڻهسِ!' ۽ 'پٽهسِ!' وارا لفظ عام طور ساهتي پرڳڻي جي گهرن ۾ ڪُنيَت طور ڪم آندا ويندا آهن.)

مٿيان 'سڏ' ۾ ڪم ايندڙ آخري سُر جي حوالي سان چند مختصر جملا پيش ڪيا ويا آهن، جن مان هيٺيون خاصيتون نوٽ ڪرڻ جوڳيون آهن:

- سڏ جي صورت ۾، عام طور تي ڪنهن لفظ جي آخري پيش کي زبر ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: 'مهراڻُ'- 'مهراڻَ!'، 'ماستر'- 'ماسترَ!' وغيره.
- 'زير' عام طور مؤنث ۾ ڪم آندي ويندي آهي، ان صورت ۾ مؤنث جي سڏ لاءِ ساڳيو لفظ ڪم آندو ويندو آهي؛ 'ماساتِ'- 'ماساتِ!'، 'ڇوڪرِ'- 'ڇوڪرِ!' وغيره.
- 'سڏ' لاءِ گهڻي قدر آخري 'پيش' ڪم ڪونہ آندو ويندو آهي، ليڪن تمام گهٽ 'پيڻُ' لفظ ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي.
- 'سڏ' لاءِ عام طور آخري [او] جي آواز کي [آ] ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: 'ڇوڪرو'- 'ڇوڪرا!'، 'راڻو'- 'راڻا!' وغيره.
- سڏ لاءِ [اُ] کي [اُو] ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، ٻي صورت ۾ عام طور [اُو] ساڳي حالت ۾ ڪم آندو ويندو آهي؛ جيئن: 'ڀاءُ'- 'ڀائُو'، 'ماڻُهو'- 'ماڻُهو'، 'هندُو'- 'هندُو' وغيره.
- سڏ لاءِ [اِي] يا [اِين] ساڳي حالت ۾ ڪم آندو ويندو آهي.
- ضميري پڇاڙين جي صورت ۾، سڏ لاءِ، مؤنث توڙي مذڪر ۾ زير ئي ڪم آندي ويندي آهي؛ آڳاهي هجي تہ ضميري پڇاڙين جي صورت ۾ آخري 'س' يا 'م' ساڪن رهندو آهي، ان حالت ۾، ماقبل آخري اعراب جو احتياط ڪيو ويندو آهي. عام طور ساڪن آواز جي ٻي صورت 'زير' ئي سمجهي ويندي آهي، ان سبب مذڪر توڙي مؤنث لفظن ۾ سڏ لاءِ 'زير' ڪم آندي ويندي آهي؛ جيئن: ماڻهسِ، پٽهسِ.

### 3.8.1.1.3 جنسي مذڪر_ مؤنث ۾ ماقبل آخري وينجن تي سُر جي اهميت

اڪثر ٻولين ۾ ماقبل آخري (Second last) اکر جي سُر آواز کي وياڪرڻ ۾ اهميت ڏني ويندي آهي؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ماقبل آخري (Second last) سُر آواز کي ڪنهن حد تي اهميت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو ان حوالي سان ڪو خاطر خواہ ڪم سامهون نہ ٿو اچي، ان جي سببن ۾ وچولي لهجي کي نظر انداز ڪرڻ ۽ لاڙي لهجي جي اثر هيٺ هوندڙ حيدرآبادي لهجي کي ٻوليءَ جو معياري لهجي جو شرف حاصل هجڻ آهي.

هيٺ مختصر ٻن جملن جي ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

- مان خط لکندُس/ مان پڙهي سگهندُس. (مذڪر صورت ۾)
- مان خط لکندَس/ مان پڙهي سگهندَس. (مؤنث صورت ۾)

حيدرآباد جي ڪافي مذڪر ماڻهن واتان مؤنث صورت ۾ ماقبل آخري (Second last) سُرُ ’زبر‘ سان ٻُڌو ويو آهي، جن جو حيدرآباد جي اصلي رهاڪن ڪان اچ سوڌو سڌري نہ سگهيو آهي. ڪافي اسٽيج تي يا سنڌي ٽي. وي چينلن تي، مذڪر صورت ۾، اهو انداز ٻڌو ويو آهي تہ: ”هاڻي آءٌ --------- کي، پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏيندَس!“ يا ”آئُون قوم کي عرض ڪندَس تہ هو هن ڏهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائڻ لاءِ يڪجا ٿين!“ وغيره.

ماقبل آخريءَ (Second last) جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: ”مون کي پنجاهہ کن سالن جي عمر جا اهڙا سنڌي مرد نظر آيا آهن، جيڪي عام ميڙن ۾ تقرير ڪندي، پنهنجي جنس مؤنث جي فعلن جو استعمال پيا ڪندا آهن؛ جيئن: تہ: مان ويندَس (مان ويندُس)، مان ڪندَسِ (مان ڪندُس)، انبُ کاڌَم (انب کاڌِم)، پاڻي پيتَم (پاڻي پيتُم).“ (2009: 23- 32)

ڊاڪٽر جيٽلي ساڳئي مسئلي لاءِ لکيو آهي: ”اسمن، فعلن ۽ حرف جر سان ضميري پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت آهي. انهن جو واهپو هاڻي ڀارت جي سنڌي ٻوليءَ مان گهٽبو گهٽبو ٿي ويو آهي. ڪن حالتن ۾ تہ اِن جو غلط استعمال پڻ ڪيو پيو وڃي. خاص طور ’سندو‘ سان ضميري پڇاڙيءَ جو غلط استعمال مون کي وڏن وڏن ليکڪن جي رچنائن ۾ بہ نظر آيو آهي. ان جي پوري ڄاڻ اڄ ڪالهہ سنڌي پاڙهيندڙ ماسترن کي بہ نہ رهي آهي. ڪجهہ مثال ڏسو:

سندَس پٽُ آيو آهي. (درست آهي- سندُس پٽُ آيو آهي).

سندس کي (هُن کي)، سندس جو (هُن جو)، سندسِ وٽ (هُن وٽ) جهڙا غلط پريوگ ڳالهائڻ ۾ توڙي لکڻ ۾ گهڻي قدر واهپي ۾ اچي ويا آهن.“ (2009: 23- 32)

سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن کي سامهون رکي جيڪڏهن ماقبل آخري (Second last) سُرَن جو اڀياس ڪجي تہ يقيناً مڙني ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ توڙي ماهر ان ڳالهہ سان اتفاق ڪندا تہ اهڙي قسم جي سُرن واري لچڪ ٻوليءَ جي مزاج ۽ نفاست لاءِ هاڃيڪار آهي. ان صورت ۾ حيدرآبادي ٻوليءَ کي معياري لهجي ۾ شمار ڪرڻ هڪ- هٺي آهي.

مذڪر- مؤنث جي حوالي سان ڊاڪٽر الانا [اُ] > [اِڻ] واري تبديل ۾ 'اُٺُ- اُٺِڻ' وارو لفظ ڏنو آهي (2010: 37)؛ ليڪن ساڳئي وقت ص: 36 تي 'اُٺُ- اُٺِ' پڻ رکيو آهي، جيڪو 'اُٺِ' جي صورت ۾ خود ساختہ لفظ آهي. ساڳئي صفحي تي 'ڪُڪُڙِ' ۾ ماقبل آخريءَ (Second last) تي 'پيش' جي اعراب ڪم آندي آهي، حالانڪ ان اصول ۾ پهرين ماقبل آخري اکر تي 'زير' ڪم آڻي پوءِ مؤنث واري 'زير'، يعني ٻنهي اکرن تي زير، ڪم آندي ويندي آهي، جيئن سندن ڏسيل 'اُٺُ- اُٺِڻ' ۾ ڪم آندل اعرابون آهن.

ستر واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان تان 'آيئے سندھی سیکھیں' جو پروگرام هلايو ويو، تازو ان کي ڊاڪٽر فهميده حسين ڪتابي صورت ۾ آندو آهي؛ جنهن ۾ مذڪر- مؤنث جي حوالي سان 'آخري' يا 'ماقبل آخري سُر' جي صورتخطي حيدرآبادي/ لاڙي اثر سبب ٻوليءَ جي مزاج مطابق ناهي.

ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙيءَ وارو 'س' ساڪن رهندو آهي، ان ڪان اڳ وارو وينجن آواز مذڪر- مؤنث مطابق هوندو آهي. هيٺ 'ماقبل آخر' ۽ 'آخري سُر' ڏانهن ٻي حسي جا مثال پيش ڪجن ٿا:

" پچھلے سبق میں ہم نے آپ کو زمانہ مستقبل میں کچھ الفاظ بنانا سکھائے تھے جو کہ مکمل جملے کی صورت رکھتے ہیں، اور ان میں ضمیری نشانیوں کا استعمال ہوتا ہے۔ ان میں سے چند الفاظ میں دہراتی ہوں:

چوندُس۔ میں کہونگا۔" (فہمیدہ، 2011: 188)

اها ڳالهہ مُسلَّم آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ هر لفظ جو آخري سُر متحرڪ ٿيندو آهي، ليڪن ضميري پڇاڙين جي صورت ۾، آخري وينجن جي ساڪن هجڻ واري امڪان کي بہ رد نہ ٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جي صورت ۾ 'ماقبل آخر' سُر تي ئي مذڪر- مؤنث جو دارومدار هوندو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿيل آهي.

ڇاڪاڻ جملي جي صورت ۾ هيئن ئي درست ٿيندو:

✓ چوَندُس (مذڪر صورت ۾، ماقبل آخر تي پيش)

☑ چوَندَس (مؤنث صورت ۾، ماقبل آخر تي زبر)

ٻئي هنڌ ڄاڻايل آهي:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| --- | --- | --- | --- |
| آئِسَ | میں آیا | آئِسَ | میں آئی |

(فہمیدہ، 2011: 176)

مذڪوره لفظ 'آيسُ' ۽ 'آيسَ' مبادا پروف جي غلطي هجي، پر جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جي عالمن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي ته 'سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو آخري وينجن متحرڪ ٿيندو آهي' اُن سبب حيدرآبادي عالمن وٽ 'ماقبل آخر' (Second last) جي سُر تي دارومدار هجڻ جو تصور ئي ڪونهي. هيٺ اهڙا 'آیئے سندھی سیکھیں' مان چند مثال خيال خاطر آڏو رکجن ٿا:

| اردو | سنڌي | خط نسخ ۾ الٿو |
| --- | --- | --- |
| میں آیا۔ | ماں آئِسُ۔ | مان آيُسُ. |
| میں گیا۔ | ماں وئِسُ۔ | مان ويُسُ. |
| میں دوڑا۔ | ماں ڈوڑئِسُ۔ | مان ڊوڙيُسُ. |

(فہمیدہ، 2011: 128)

ڄاڻايل سنڌي فعلن ۾، مذڪر صورت سان، آخري ۽ ماقبل آخري (Second last) وينجن 'پيش' سان متحرڪ ڏيکاريا ويا آهن، ان حالت ۾ سوال اهو ٿو اڀري ته:

**? ڇا مؤنث صورت ۾ ٻوليءَ جي مزاج مطابق آخري سُر ڪي زير ۾ تبديل ڪيو ويندو؟**

ان حالت ۾ ڄاڻايل لفظ جي مؤنث صورت 'مان ويُسَ' بيهندي! جيڪا ٻوليءَ جي اصول (آخري وينجن متحرڪ) سان به نهڪي ٿي ۽ راقم پاران جعلي (Self made) به آهي. يعني اهڙي صورت کي ڪو به ٻولي ڳالهائيندڙ درست ڪونه چوندو!

مسٽر ڊولامل ٻولچند جي ڪتاب 'A manual of Sindhi' ۾ ماقبل وينجن تي اعراب جو احتياط ڪيو ويو آهي، جنهن کي محمد ابراهيم جوئي سڌاريو سنواريو هو: مثلاً:

| مذڪر | مؤنث |
| --- | --- |
| ماريو وِيُس. | ماري وِيَس. |

(Bulchand, 2003: 129)

اصل ۾، مذڪوره آخري وينجن ساڪن ٿيندو، البته ماقبل آخر وينجن جو سُر مؤنث- مذڪر سبب تبديل ٿيندو، جيئن:

✓ مان آيُس (مذڪر صورت ۾ 'ي' تي پيش)

☑ مان آيَس (مؤنث صورت ۾ 'ي' تي زبر)

ضميري پڇاڙين ۽ فعلي ڇيد جي حوالي سان محبت ٻرڙي جو ڪيل ڪم، ڪنهن حد تي، ساراهڻ جوڳو آهي؛ سنڌس ڪم ۾ مذڪر- مؤنث سبب 'ماقبل آخر' وينجن تي اعراب جو ڪيل احتياط هن ريت آهي:

- ضميري پڇاڙي 'س' جو استعمال: "ضمير متڪلم هيڪل، نر توڙي نار سان ضميري پڇاڙي '--- اُس' ۽ '--- اَس' (اِيَس) ڳنڍيل آهي، جن بابت سمجهيو ۽ ٻڌايو ٿو وڃي تہ ضمير متڪلم هيڪل جي بدران، نر جي حالت ۾ '--- اُس' ۽ نار جي حالت '--- اَس' (اِيَس) ڪم اينديون آهن. . ." (ٻرڙو، 2000: 77)
- ضميري پڇاڙي 'م' جو استعمال: "ضميري پڇاڙي متڪلم هيڪل نر يا نار، فاعل 'مون' جي بدران ضميري پڇاڙي '--- اُم' ۽ '--- اَم' ڪم اچي ٿي . . ." (ٻرڙو، 2000: 67)

ان کان علاوه سنڌس ڪتاب ۾ ڄاڻايل ضميري پڇاڙين وارا چند لفظ پيش ڪجن ٿا، جن ۾ ماقبل آخر وينجن جي اعراب ۽ آخر ساڪن وينجن جو احتياط ڪيو ويو آهي: هوندُس- هوندَس/ هونديَس (ص: 77)، لڪندُم- لڪندَم (ص: 79)، لڪيُس- لڪيَس (ص: 137)، لڪيُم- لڪيَم (ص: 137)، ڇاڇهَس- ڇاڇهِس (ٻرڙو، 2000: 93) وغيره.

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڄاڻايل مثالن مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ 'آخري وينجن متحرڪ' رکڻ جي چڪر ۾ چونڊ سُرن جي اعراب جون صورتون جعلي (Self made) ڏنيون ويون آهن. اصل ۾ اهو مسئلو حيدرآبادي لهجي جو آهي، جنهن ۾ آخري يا ماقبل آخري سُر ڏانهن ٻي حسي آهي؛ پوءِ ڪڏهن زبر جي بدران پيش، تہ ڪڏهن پيش بدران زبر جو استعمال گهڻو محسوس ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي واحد- جمع صورتن ۾ بہ ماقبل آخر سُر جي اهميت نوٽ ڪئي وئي آهي، واحد جي حالت ۾ ماقبل آخر جي سُر [اَ] کي [آ] ۾ تبديل ڪري بعد ۾ جمع جي پڇاڙي لڳائي ويندي آهي؛ جيئن: اوندَهہ- اونداهيُون.

ساڳئي نموني، مذڪر مان مؤنث ٺاهڻ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ماقبل آخريءَ جو 'اَ' سُر 'آ' ۾ مٽائي، پوءِ مؤنث واري 'اِي' پڇاڙي ڳنڍبي آهي، جيڪا صورت ڊاڪٽر الانا پڻ درست ڄاڻائي آهي؛ جيئن: گدَڙُ- گداڙِي، بگهَڙُ- بگهاڙِي.

### 3.8.1.2 غيرجنسي/ صرفي (inanimate) مذڪر_ مؤنث

سنڌي ٻوليءَ ۾ غير جنسي مذڪر- مؤنث جا چند مثال: ڪتابُ (سنو ڪتاب)، سليٽَ (منهنجي/ تنهنجي سليٽ)، ڪوڏِرِ (مُڏي ڪوڏر)، پيٽِي (سني پيٽِي)، ڏنڊُو (ٿلهو ڏنڊو)، آنا (تازا آنا)، ٻُٺون (هي منهنجو/ تنهنجو ٻُٺون آهي)، ڪنُون (هي منهنجون/ تنهنجون ڪنُون آهن)، ماٿُهو (هي منهنجو/ تنهنجو ماٿُهو آهي)، اردُو (منهنجي اردو سٺي/ پختي آهي)، رَئُو (هي منهنجو/ تنهنجو رئو آهي)، وغيره.

سنڌيءَ ۾ صرفي/ غير جنسي مذڪر- مؤنث لاءِ ڊولامل ٻولچند لکي ٿو تہ:

"All names of inanimate things are either masculine or feminine according to the vowel-sound which they end in." (Bulchand, 2003: 7)

جنسي مذڪر- مؤنث جا نمونا تہ دنيا جي مڙني ٻولين ۾ آهن ۽ ڪي فرق بہ ضرور رکيل آهن؛ ليڪن صرفي نمونو، جنهن ۾ صفت يا حالت اضافت (Possessive Mood) واري خاصيت جي شمار سان مذڪر- مؤنث جي صورت جڙي ٿي، سو برصغير جي ٻولين ۾ باقاعده جاچيو ويو آهي. ان کان علاوه عربي ۾ بہ جنسي مذڪر- مؤنث کان علاوه صرفي/ غير جنسي نمونا آهن. جنهن سبب عربيءَ ۾ مذڪر- مؤنث کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

1. قياسي، جنهن ۾ قاعدن جي جڙڻ جو تصور ملي ٿو، جنهن ۾ جنسي مذڪر- مؤنث جو شمار ڪيو ويندو آهي.

2. سماعي، جنهن ۾ ڳالهايل ٻوليءَ کي اهميت ڏني ويندي آهي، يعني ان جو ڪو قاعدو نہ آهي، جنهن سبب ان کي 'شاذ' ڪوٺيو ٿو وڃي. هن ۾ صرفي/ غير جنسي مذڪر- مؤنث شمار ڪيا ويندا آهن.

عبدالهادي سرهيو عربيءَ جي مذڪر- مؤنث بابت لکي ٿو تہ: "عربيءَ ۾ مذڪر واحد لفظ جي پنيان 'ة' ڳنڍڻ سان لفظ مؤنث ٿي ٿو؛ مثلاً: 1. عابد مان عابدة، شاڪر مان شاڪره، صابر مان صابره، ساجد مان ساجده، ساحر مان ساحره وغيره.

2. الف مقصوره وارا لفظ جهڙوڪ: حُسنىٰ، بُشرىٰ، عُقبىٰ مؤنث آهن.

3. هينيان لفظ مؤنث سماعي(بُدَل) آهن، مثلاً: شمسٌ = سج، نارٌ = باھ، ارضٌ = زمين، جحيمٌ = دوزخ وغيره." (1976: 48)

محترم سرهئي عربي مؤنث لاءِ لفظ جي آخر ۾ 'ة' تانيث جي استعمال سان گڏ 'الف مقصوره' جو بہ اشارو ڪيو آهي؛ ان مان هرگز اها مراد نہ ورتي وڃي تہ ڪنهن لفظ جي آخر ۾ 'الف

مقصوره' مؤنث بڻائڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. اصل ۾ صاحب موصوف 'اسم تفضيل' جي صَرف موجب واحد مؤنث جي صيغي 'فُعلىٰ' جي وزن جا لفظ ڏنا آهن، جن ۾ هي پڻ شامل آهن: قُربىٰ، صغرىٰ، ڪبرىٰ وغيره.

عربيءَ ۾ غير جنسي لفظن جي مذڪر- مؤنث هجڻ واري خاصيت ۽ سنڌي توڙي هندي/ اردو ۾ غير جنسي لفظن جي مذڪر- مؤنث وارن تصورن کي نوٽ ڪيو ويو آهي.

### 3.8.1.2.1 سنڌي ٻوليءَ جي غير جنسي (inanimate) مذڪر- مؤنث جي اصولن جو اڀياس

فارسي يا بلوچيءَ ۾ غير جنسي/ صرفي مذڪر- مؤنث جو ڪو تصور ئي ڪونهي، ان ڪارڻ ان جي جملي مان ئي اندازو ڪيو ويندو آهي؛ ان سبب بلوچي يا فارسي ڳالهائيندڙ سنڌي ڳالهائڻ ۾ مذڪر- مؤنث جو خيال نہ رکي سگهندا آهن.

غير جنسي/ بيجان شين جي مذڪر- مؤنث بابت ڊاڪٽر فهميده حسين ڄاڻائي ٿي تہ: ”قلم، کاغذ، باغ، فرش، خط، جہاز وغیرہ۔ یہ تمام الفاظ چیزوں کے نام ہیں، یعنی ان کو قواعد کے حساب سے کہیں گے کہ یہ اسم ہیں۔ انگریزی، بلوچی، پشتو وغیرہ میں بے جان چیزوں کی کوئی جنس نہیں ہوتی، مگر اردو اور سندھی میں یہ مذکر یا مؤنث کرکے بولے جاتے ہیں۔“ (فهميده، 2011: 13)

برصغير جي ٻولين ۾ جڏهن سنڌي ۽ اردو/ هندي ٻولين جي ڀيٽ ڪندا آهيون تہ ان ۾ ڪافي فرق نظر ايندو آهي، جيئن سنڌيءَ ۾ ڪتابُ- مذڪر ۽ اردوءَ ۾ ڪتابؔ- مؤنث ڄاتو ويندو آهي، ان صورت ۾ سنڌي ماڻهو اردو ڳالهائڻ ۾ يا اردو ماڻهو سنڌي ڳالهائڻ ۾ اهڙيون غلطيون ڪري وجهندا آهن يا پنهنجي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڏاريو استعمال ڪري وجهندا آهن.

سنڌي ۽ اردو ٻولين جي نسبت غير جنسي/ صرفي استعمال جي فرق جو سبب 'آخري سُر جي حذف ٿيڻ' جو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جي پڇاڙي متحرڪ ٿئي ٿي، جڏهن تہ اردو ٻوليءَ ۾ چند لفظن جي پڇاڙيءَ وارن ڊگهن سُرن ۽ دهرن سُرن سواءِ، ڇوٽا سُر حذف ڪيا ويندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي آخري سُر تي مبني غير جنسي مذڪر- مؤنث جي اصولن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

ڪنهن اسم جي آخري صاف ڇوٽي سُر [اَ] ۽ گهٽي ڇوٽي سُر [اَن] جي پڇاڙيءَ سبب هيٺيان لفظ اڪثر مؤنث ڄاتا ويندا آهن: سليٽَ، اخبارَ، زبانَ، ڪٽڪَ، ٻانهن، سونهن وغيره

متئين آخري آواز [اَ] يا [اَن] سان ڪي بہ اهڙا لفظ نہ تا اچن جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر طور ڪم ايندا هجن.

* كنهن اسم جي آخري صاف ڇوٽي سُر [اِ] ۽ گهٽي ڇوٽي سُر [اِن] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مؤنث ڄاتا ويندا آهن: اڪِ، پٽِ، ذاتِ، مينهن وغيره.
* كنهن اسم جي آخري صاف ڇوٽي سُر [اُ] ۽ گهٽي ڇوٽي سُر [اُن] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مذڪر ڄاتا ويندا آهن: ڪتابُ، ڪيرُ، ڏڪڙُ، حڪمُ، مُنهن، ڏينهن وغيره.
* كنهن اسم جي آخري صاف ڊگهي سُر [آ] ۽ گهٽي ڊگهي سُر [آن] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مؤنث ڄاتا ويندا آهن: هوا، دنيا، خطا، دوا، ٻچان وغيره.

مٿئين اصول ۾ ڪي لفظ اهڙا به اچن ٿا جيڪي ان اصول ۾ نه ٿا سمائجن، بلڪ آخري سُر 'آ' هوندي به مذڪر طور استعمال ٿين ٿا: مثلاً: خدا، راجا، ديوتا وغيره. (Bulchand, 2003: 9)

* كنهن اسم جي آخري صاف وچٿري سُر [اِي] ۽ گهٽي وچٿري سُر [اِين] پڇاڙيءَ سان غير جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونه ٿا ملن.
* كنهن اسم جي آخري سُر [اِي] ۽ [اِين] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مؤنث ڄاتا ويندا آهن: مڇِي، ٻيڙِي، بيمارِي، ذرتِي، حاضرِي، چاهِين، سائِين وغيره.

مٿئين اصول ۾ ڪي لفظ اهڙا به اچن ٿا جيڪي ان اصول ۾ نه ٿا سمائجن، بلڪ آخري سُر 'اِي' هوندي به مذڪر طور استعمال ٿين ٿا: مثلاً: پاڻِي، موتِي، پڪِي، آدمِي؛ منشِي، پادرِي، سنگتِي، درزِي، ڪنِي، موچِي، بهشتِي، سپاهِي، ڪڙمِي، شيدِي، ڌوبِي، جوڳِي، هاٿِي، ڏٽِي وغيره. (Bulchand, 2003: 9)

اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي ته [اِي] آواز جي پڇاڙيءَ وارا لفظ گهٽي قدر جنسي ٿين ٿا. چند لفظ سامهون آيا آهن، جيڪي [اِي] آواز جي پڇاڙيءَ سان غير جنسي لفظ بيهن ٿا، جيئن: پاڻِي، موتِي وغيره.

* كنهن اسم جي آخري صاف سُر [اَي] ۽ گهٽي سُر [اَين] پڇاڙيءَ سان غير جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونه ٿا ملن.
* كنهن اسم جي آخري صاف وچٿري سُر [اَو] ۽ گهٽي وچٿري سُر [اَون] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مذڪر ڄاتا ويندا آهن: فائدو، ڪپڙو، سوجهرو، سيارو، دونهون، سُونهون وغيره. آخري آواز [اَو] يا [اَون] سان ڪي به اهڙا لفظ نه ٿا اچن جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ مؤنث طور ڪم ايندا هجن.
* كنهن اسم جي آخري صاف ڊگهي سُر [اُو] ۽ گهٽي ڊگهي سُر [اُون] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مذڪر ڄاتا ويندا آهن: منُو، ناچُو، تنبُو، وڇُون، ڇٽُون، دارُون وغيره.

متئين اصول ۾ ڪي لفظ اهڙا به اچن ٿا جيڪي ان اصول ۾ نه ٿا سمائجن، بلڪه آخري سُر 'اُو/ اُون' هوندي به مؤنث طور استعمال ٿين ٿا: مثلاً: آبرُو، جُون وغيره. (Bulchand, 2003: 9)

عام طور تي لفظ 'اردُو' به مؤنث طور ڪم آندو ويندو آهي: جيئن: منهنجي اردُو پختي ناهي.

مسٽر ڏولامل بولچند مذڪر جي گروه ۾ لفظ رهاڪُو ۽ واڻهڙُو به آندا آهن. (Bulchand, 2003: 15) حقيقت ۾ اهي ٻئي لفظ مؤنث توڙي مذڪر ٻنهي لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. ان سبب غير جنسي مذڪر- مؤنث وارن لفظن کي وچٿرا (neuter) چئي سگهجي ٿو.

* ڪنهن اسم جي آخري صاف ڌهري سُر [اَو] ۽ گهٽي ڌهري سُر [اَون] جي پڇاڙيءَ سبب هينيان لفظ اڪثر مذڪر ڄاتا ويندا آهن: ڏَو، پَو، سَو وغيره.

هن آخري آواز سان ملندڙ آواز وارا لفظ جهڙوڪ: رئو، دئو وغيره پڻ مذڪر ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. دراصل لفظ 'رئو' يا 'دئو' جو آخري آواز 'اَو' آهي ۽ همزي سبب مذڪوره ڌهري آواز [اَو] ۾ به شامل ڪري سگهجي ٿو.

### 3.8.1.2.1.1 غير جنسي مذڪر- مؤنث ۾ ماقبل آخري وينجن تي سُر

جنسي مذڪر- مؤنث ۾ ماقبل آخري وينجن تي ايندڙ سُر مان اهو معلوم ٿيو ته 'پيش' مذڪر لاءِ ۽ 'زير' مؤنث لاءِ ڪم آندي ويجي ٿي. ليڪن غير جنسي مذڪر- مؤنث ۾ به ساڳيو انداز برقرار رهي ٿو، چند مثال خيال خاطر رکجن ٿا:

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| انبُ ڪاڏُم. (پيش سان) | انبڙِي ڪاڏَم. (زبر سان) |
| خطُ لکيُم. (پيش سان) | پرچِي لکيَم. (زبر سان) |
| ڪتابُ پڙهيُم. (پيش سان) | ڪتابڙِي پڙهيَم. (زبر سان) |
| گهرُ ڏٺُم. (پيش سان) | گهٽِي ڏٺَم. (زبر سان) |

ڄاڻايل جملن ۾ ڪم آندل لفظ غير جنسي مذڪر (انبُ، خطُ، ڪتابُ، گهرُ) ۽ مؤنث (مانِي، پرچِي، ڪتابڙِي، گهٽِي) آهن: ڄاڻايل فعلي صورتون: 'ڪاڏُم/ ڪاڏَم' ٻنهي ضميري صورتن (جنسي مذڪر- مؤنث) سان ٿيندو، صرف غير جنسي لفظ جي صورت ۾ ماقبل آخري وينجن تي اعراب تبديل ٿيندي.

### 3.8.1.3 حاصل مطلب

- غير جنسي لفظن ۾ [اَ]، [اَن]، [اِ]، [اِن]، [آ]، [اِي]، [اِين] پڇاڙڪن سُرن وارا لفظ اڪثر مؤنث ۾ ڄاتا ويندا آهن.
- غير جنسي لفظن ۾ [اُ]، [اُن]، [او]، [اون]، [اُو]، [اَو] پڇاڙڪن سُرن وارا لفظ اڪثر مذڪر سمجهيا ويندا آهن.
- غير جنسي/ صرفي مؤنث يا مذڪر کي ٻي جنس ۾ تبديل ڪري نہ ٿو سگهجي.
- جنسي مذڪر کي (اِي، اِڻ، ياڻِي/ اِياڻِي/ آڻِي/ واڻِي جي پڇاڙڪن آوازن سان) مؤنث ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.
- جنسي مؤنث کي (اُ، او، اُو پڇاڙڪن سُرن سان) مذڪر ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.
- آخري سُر 'حرف ندا' (سڏ) جي صورت ۾ پڙ ڪم آندو ويندو آهي. عام طور 'مذڪر' وارو 'پيش'، 'زبر' ۾ تبديل ڪيو ويندو-آهي، جيئن: ماسترُ- ماسترَ!؛ مؤنث صورت واري زير، ساڳي حالت ۾ رهندي آهي، جيئن: ماساتِ!؛ [او] کي [آ] ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ [اُ] کي [اُو] يا [اُو] کي ساڳي صورت ۾ رکيو ويندو آهي؛ [اِي] يا [اِين] کي ساڳي حالت ۾ رکيو ويندو آهي؛
- سڏ جي حالت ۾، ضميري پڇاڙي 'س' کي مذڪر توڙي مؤنث جي صورت ۾ 'زير' ڏني ويندي آهي؛ جيئن: ماڻهسِ، پڙهسِ.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ماقبل آخري (Second last) سُر بہ اهميت جو حامل آهي، 'پيش' جي صورت ۾ مذڪر ۽ زبر جي صورت ۾ مؤنث طور استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن: جنسي مذڪر- مؤنث موجب: سنڌُس- سنڌَس، لڪنڌُس- لڪنڌَس؛ غير جنسي مذڪر- مؤنث موجب: انبُ ڪاڏُم، مانِي ڪاڏَم. هنن صورتن ۾ آخري وينجن ساڪن رهندو آهي.
- عام طور 'س' ۽ 'م' پڇاڙين کي لهجاتي فرق موجب بدل پڇاڙي ڄاتي ويندي آهي، جڏهن تہ فعل جي 'هئڻ ۽ ٿيڻ' وارن جزن کان سواءِ، 'ڪرڻ، سهڻ، پوڻ' وارن جزن ۾ 'س' ۽ 'م' ضميري پڇاڙين سان معنوي فرق ظاهر ٿئي ٿو. ان صورت ۾ ضمير متڪلم لاءِ 'م' ۽ ضمير غائب لاءِ 'س' جو استعمال، معياري لهجي لاءِ بهتر ڄاتو وڃي.
- مؤنث جي صورت ۾ ماقبل آخري (Second last) تي زير ڏئي، بعد ۾ مؤنث واري زير ڪم آندي ويندي آهي؛ جيئن: ڪُڪُڙُ- ڪُڪِڙِ.

- مؤنث جي صورت ۾ ماقبل آخري (Second last) سُر 'اَ' کي 'آ' سان مٽائي بعد ۾ مؤنث واري 'اِي' ملائڻي پوي ٿي؛ جيئن: گدَڙُ- گداڙِي، بگهَڙ- بگهاڙِي ('اَ' > 'آ'). واحد- جمع ۾ به ساڳيو اصول لاڳو ڪيو ويندو آهي، جيئن: اوندَهِ- اونداهِيون.

### 3.8.2. سنڌي ٻوليءَ ۾ آخري سُر جي نسبت واحد – جمع جي صوتياتي فرق جو اڀياس

دنيا جي مڙني ٻولين ۾ واحد- جمع جو تصور آهي ۽ ٻولين جي نسبت ان جا ڪي دائرا پڻ متعيّن آهن. ٻولين ۾ اهڙن دائرن يا اصولن جو تعداد ڪافي ٿي وڃي ٿو؛ ظاهر آهي ته متعيّن دائرن جو بنياد روزمره واري ٻولي ئي هوندي آهي.

جيڪڏهن انگريزي ٻوليءَ جي واحد- جمع جي اصولن کي ڳڻينداسين ته ان جو به تعداد تقريباً 10 ٿي ويندو. ٻئي پاسي عربيءَ ۾ مستعمَل واحد- جمع جي اصولن/ وزنن کي ڏسنداسين ته ان جو تعداد تقريباً 20 وڃي بيهي ٿو. عربيءَ ۾ ته صرفي لحاظ کان واحد- جمع کان علاوه 'تثنيو' پڻ آهي، جيڪو دنيا جي ورلي ڪنهن ٻوليءَ ۾ هوندو. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڄاڻائڻ موجب سنسڪرت ۾ تثنئي جو تصور موجود آهي. (2004: 233)

سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد- جمع لاءِ مسٽر ڊولامل ٻولچند 7 اصول ڏسيا آهن (Bulchand, 2003: 22- 24) ؛ ڊاڪٽر غلام علي الانا لفظن جي مذڪر- مؤنث حالت جي صورت ۾ جمع- واحد جا الڳ الڳ اصول رکيا آهن، جيڪي 7 مؤنث اسمن مان جمع ٺاهڻ جا اصول ڏسيا آهن ۽ 8 مذڪر اسمن مان جمع ٺاهڻ جا اصول ڏسيا آهن. (الانا، 2010: 43- 51)

واحد- جمع جي حاصل مطلب ۾ مرزا قليچ بيگ ڄاڻائي ٿو ته: "سنڌيءَ ۾ جمع واريون پڇاڙيون جملي ٽي آهن:

1. 'اُون' پڇاڙي: ڪٺ- ڪٺُون، بلا- بلائون ۽ ڪنڌ- ڪنڌون. اهڙيءَ طرح مؤنث اسمن جو جمع عام طرح 'اُون' پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو. راجا- راجائون ۽ سيٺِ- سيٺِيون. اهڙيءَ طرح انهن پڇاڙين وارن ٿورن مذڪر اسمن جو جمع به 'اُون' پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو.
2. مذڪر پڇاڙي 'اَ' جنهن جو گهڻيل اچار 'آ' مثلاً: ڇوڪرو، جمع ڇوڪرا يا ڇوڪرَ، گڏهُ جمع گڏهَ.
3. 'او' پڇاڙيءَ جا مذڪر توڙي مؤنث اسمن جي پٺيان گڏبي ته اهي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا، مثلاً: ڀينرو!، يائرو! دوستو ۽ ٻيا." (2006: 17)

ان کان هِتي ڪري آخري سُرن جي بنياد تي هيٺ واحد مان جمع جي جڙڻ جو اڀياس پيش ڪجي ٿو:

- آخري سُر [اَ]/ [اَن] جي تبديل: عام طور ڪنهن واحد جي آخري آواز [اَ]/ [اَن] ڪي جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: ڪٺَ > ڪٺُون، زالَ > زالُون، موڪلَ > موڪلُون، ٻانهن > ٻانهون وغيره.

مٿئين اصول کان هٽي ڪري [اَ] آواز سان ختم ٿيندڙ ڪي لفظ اهڙا به سامهون اچن ٿا، جيڪي واحد توڙي جمع ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا ويندا آهن؛ جيئن: مددَ > مددَ، اُسَ > اُسَ، ڪٽڪَ > ڪٽڪَ وغيره.

نوٽ: ٻوليءَ جي نسبت 'ڪٽڪ' اهڙو لفظ به آهي جيڪو ٻنهي صورتن ۾ ڪم اچي ٿو.

- آخري سُر [اِ]/ [اِن] جي تبديل: عام طور ڪنهن واحد جي آخري آواز [اِ]/ [اِن] ڪي جمع جي صورت ۾ [يُون/ اُون] جي اچار سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: اَکِ > اکيُون، دلِ > دليُون، راتِ > راتيُون، اوندهِ > اونداهيُون وغيره.

- آخري سُر [اُ]/ [اُن] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُ]، جمع جي صورت ۾ [اَ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: پُٽُ > پُٽَ، اُٺُ > اُٺَ، ڏينهن > ڏينهن وغيره.

مٿين مثالن کان علاوه رشتن تي مبني، [اُ]/ [اُن] آواز سان ختم ٿيندڙ اسمن جو جمع مٿئين اصول کان هٽي ڪري ٿئي ٿو؛ جيئن: پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻُ، ڌيءُ، نُنهن.

مسٽر ڊولامل ٻولچند اهڙن اسمن جا جمع ڄاڻايا آهن: پيءُ > پيئَرَ، ڀاءُ > ڀائُرَ، ماءُ > مائُون/ مائُرُ/ مائُرُون، ڀيڻُ > ڀيڻُون/ ڀينرُ/ ڀينرُون، نُنهن > نُنهون/ نُهرُ. (Bulchand, 2003: 23- 24)

- جمع جي صورت ۾ [ءُ] > [وَ] ۾ تبديل: آخري [اُ] سُر جا [اَ] ۾ تبديل ٿيڻ وارا مثال مٿي اچي چڪا آهن؛ ساڳئي اصول تحت سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد-جمع جي حالت ۾ [ءُ] > [وَ] ۾ تبديل ٿيڻ وارا مثال به ملن ٿا، جيڪي آخري سُر 'ءُ' کان اڳ گهٽائپ ۽ چند بغير گهٽائپ سبب 'واؤ' متحرڪ سان جڙن ٿا؛ جيئن: ڪانءُ/ ڪانؤ > ڪانوَ، ڏانءُ/ ڏانؤ > ڏانوَ، ٿانءُ/ ٿانؤ > ٿانوَ، گهاءُ > گهاوَ، پاءُ > پاوَ، دٻاءُ > دٻاوَ وغيره.

- آخري سُر [آ]/ [آن] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [آ]، جمع جي صورت ۾ [ئُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: دوا > دوائُون، هوا > هوائُون، دعا > دعائُون، بلا > بلائُون وغيره.

ڪي آواز اڻ مَتجندڙ رهن ٿا، جيئن: پوڄا > پوڄا، ٻُڄان > ٻڄان وغيره.

آخري سُر [آ] جو آواز 'سڏ' جي حالت ۾ واحد لاءِ پڻ ڪم ايندو آهي، جنهن جو جمع [اَو] پڇاڙيءَ سان ٿئي ٿو؛ جيئن:

واحد صورت ۾: 'اي ڇوڪرا!'

جمع صورت ۾: 'اي ڇوڪرؤ/ ڇوڪرَو!'

- آخري سُر [اي] جي تبديل: هن آواز سان ڪي واحد- جمع لفظ ڪونہ ٿا ملن، البتہ جملي جي جوڙجڪ ۾ اهڙو آواز ڪم اچي ٿو، جيئن: ڇوڪري (مذڪر) ڪتاب پڙهيو.
- آخري سُر [اِي]/ [اِين] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اِي]، جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: ٻلي > ٻليُون، ٽاري > ٽاريُون، ڳوٿري > ڳوٿريُون، مڇي > مڇيُون، ٻانهين (ڪٽ جي/ زيور) > ٻانهيُون وغيره.

ڪي آواز اڻ مَتجندڙ رهن ٿا، جيئن: ڪڙمي > ڪڙمي، ڏوٻي > ڏوٻي، جوڳي > جوڳي، موچي > موچي، سپاهي > سپاهي، پکي > پکي، موتي > موتي وغيره.

مٿيان اڻ- متجندڙ آوازن وارا چند مثال اهڙا آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد- جمع توڙي مذڪر- مؤنث وارن اصولن جي ابتڙ استعمال ٿيندا آهن: مثال طور:

- ٽوڪري، جمع ٽوڪريُون؛ ٽوپي، جمع ٽوپيُون؛ تہ ساڳئي اصول موجب موتي جمع موتيُون ٿيڻ گهرجي، ليڪن ٻوليءَ جي لحاظ کان موتيءَ جو جمع موتي ئي ٿيندو.
- ٽوڪري، ٽوپي غير جنسي مؤنث ڄاتا ويندا آهن، جيئن: پراڻي ٽوڪري، پِلي ٽوپي؛ ساڳئي اصول موجب پلي ڏوٻي نہ ٿو ٻيهي بلڪ پلو ڏوٻي، سياڻو جوڳي وغيره.

- آخري سُر [اَي] جي تبديل: سنڌي ٻوليءَ ۾ [اَي] جي خاتمي سان ڪي واحد- جمع لفظ ڪونہ ٿا ملن.
- آخري سُر [او]/ [اون] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [او]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: گهوڙو > گهوڙا، ڪپڙو > ڪپڙا، آڪيرو > آڪيرا، عضوو > عضوا، فائدو > فائدا، ڪينئون > ڪينئان وغيره.

ڪي آواز اڻ مَتجندڙ رهن ٿا، جيئن: ٽامون > ٽامون وغيره.

- آخري سُر [اُو]/ [اُون] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُو/ اُون]، جمع جي صورت ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي، بلڪ ساڳي صورت ۾ رهي ٿو؛ جيئن: ماٺُھو > ماٺُھو، رهاڪُو > رهاڪُو، واتهڙُو > واتهڙُو، ڏاٽُو > ڏاٽُو، ڏاڙهُون > ڏاڙهُون، دارُون > دارُون وغيره.
- آخري سُر [اَو] جي تبديل: عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اَو]، جمع جي صورت ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي، تنهن هوندي بہ ڪي لفظ ملن ٿا جيڪي جمع جي صورت ۾ ڪم اچن ٿا؛ جيئن: پؤ (ڊِپ) > پوَ، تؤ (تڪُ) > توَ وغيره.

3.8.2.1. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ عربي- فارسي جي اصولن تي مبني واحد- جمع

ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي توڙي فارسي جمع- واحد لفظن جي استعمال بابت راءِ رکندي لکي ٿو تہ: عربي ۽ فارسي ٻولين جا ڪيترائي اسم جمع، سنڌي ٻوليءَ ۾

عدد واحد طور استعمال ٿيندا آهن: مثال طور: ارواح، اوليا، احوال، عجائب (عربي- جمع)، ارواحُ > ارواحَ، اولياءُ > اولياءَ، احوالُ > احوالَ عجائبُ > عجائبَ.
عربي جمع لفظ: ارباب، ارڪان، اسباب، اشراف، افواه، املاڪ، اولاد وغيره سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي ٿو. (50 :2010)

ڊاڪٽر الانا جن عربي 'اَفعال/ اَفعِلاء/ فَعائِل' ۽ 'جمع الجمع' جي وزنن وارن مثالن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، سي چند لفظن کان علاوه سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشڪ واحد جي صورت ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن.

### 3.8.2.2 واحد- جمع حالت ۾ ماقبل آخري سُر آواز جو اڀياس

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾، ماقبل آخري (Second last) سُر جي اهميت مذڪر- مؤنث کان علاوه واحد- جمع ۾ به نوٽ ڪئي وئي آهي. عام طور اهو ئي تصور ڪيو ويندو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو هر لفظ جو خاتمو متحرڪ وينجن سان ٿيندو آهي. ان رٽيل تصور سبب حيدرآبادي/ لاڙي عالم اڪثر مغالطي ۾ رهندي، آخري ساڪن آوازن کي به متحرڪ ٻڌائيندي مختلف صورتخطيون پيش ڪندا آهن.

جيئن مذڪر- مؤنث ۾ ڪم آندل ضميري پڇاڙيون (م ۽ س) ساڪن رهنديون آهن، تيئن حالت جريءَ واري صورت ۾ جمع ۾ ڪم ايندڙ 'نون' ساڪن رهندو آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، نِنديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ جي 'باب نامي' جي صورتخطيءَ تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: "هن حالت ۾ عام عدد جمع جي صورتن ۾، ڪن هنڌن تي آخري وينجن ساڪن آهي ته ڪن ٻين هنڌن تي ان هيٺان زير لکي آهي:

آڱرِيُنِ، لُوڪنِ، اڪرَنِ، ٻارَنِ." (1999: 177- 178)

ڊاڪٽر جيٽلي جي حوالي ڏيڻ مان مراد اها آهي ته صاحب موصوف هن مسئلي کي ڄاتو ضرور آهي يا نِنديرام جي صورتخطيءَ ۾ آخري نون جي ساڪن جو استعمال ضرور توجه طلب آهي. هت سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته:

### ؟ جمع جي صورت ۾ آخري نون ساڪن رهندو يا متحرڪ؟

هي مسئلو ڇوڻن سُرن جي حوالي سان، آخري وينجن جي متحرڪ يا ساڪن جو آهي، جنهن ڏانهن حيدرآبادي/ لاڙي لهجي جي ٻي- حسي نوٽ ڪئي وئي آهي. ڊولامل ٻولچند 'سنڌي ٻوليءَ جي آخري وينجن متحرڪ' جي نسبت اسم جي حالتن آهر جمع صورت ۾ 'نون متحرڪ' ڪم آندو آهي، جنهن جا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| جمع | واحد |
|---|---|
| Nominative: زالُون<br>Inflected: زالُنِ | Nominative: زالَ<br>Inflected: زالَ |
| Nominative: دوائُون<br>Inflected: دوائُنِ | Nominative: دوا<br>Inflected: دوا |
| Nominative: اکيُون<br>Inflected: اکيُنِ | Nominative: اکِ<br>Inflected: اکِ |
| Nominative: ڪرسيُون<br>Inflected: ڪرسيُنِ | Nominative: ڪرسي<br>Inflected: ڪرسيءَ |
| Nominative: گهوڙا<br>Inflected: گهوڙَن | Nominative: گهوڙو<br>Inflected: گهوڙي |
| Nominative: پيڻُ<br>Inflected: پيڻُن | Nominative: پيڻُ<br>Inflected: پيڻُ |
| Nominative: ڳئُون<br>Inflected: ڳئُنِ | Nominative: ڳئُون<br>Inflected: ڳئُونءَ |

(Bulchand, 2003: 27)

ڊولامل بولچند اسم جي حالتن آهر جمع صورت ۾ آخري نون متحرڪ بيهاريو آهي، جيڪو ٻوليءَ جي نسبت ساڪن ٿي بيهڻ گهرجي. هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت چند ننڍڙا جملا خيال خاطر ڏجن ٿا:

- ڪتابَن ۾ لکيل آهي.
- ڪبٽَن ۾ رکيل آهي.
- ميزُن تي پيل آهي.
- ڪتو، ٻليُن مٿان ٽپي ٿو.
- دريُن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.
- هي رستو محلَن ڏانهن وڃي ٿو.
- هي شيون دڪانَن تان ورتل آهن.
- هاري ٻنيُن ڏانهن وڃن ٿا.

- بدنيت ماڻهن کي ڪهڙي پارت!
- وڏن جو ادب ۽ ننڍن سان پيار ڪرڻ گهرجي!

3.8.2.2.1. نون ساڪن ۽ ماقبل آخر وينجن جي سُرجي چنڊ چاڻ

مٿين جملن ۾ ڪم آندل لفظن جون واحد- جمع صورتون رکي چنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

| واحد | جمع | حالتن موجب جمع |
|---|---|---|
| ڪتابُ | ڪتابَ | ڪتابَ + نَ |
| محلُ | محلَ | محلَ + نَ |
| ماڻهو | ماڻهون/ ماڻهو | ماڻهہ (اُون > اَ)/ (اَو > اَ) + نَ |
| ميزَ | ميزُون | ميزُ (اُون > اَ) + نَ |
| دِري | دريُون | دريُ (اُون > اَ) + نَ |
| پٽ | پٽيُون | پٽيُ (اُون > اَ) + نَ |
| وڏو | وڏا | وڏ (آ > اَ) + نَ |
| ننڍو | ننڍا | ننڍَ (آ > اَ) + نَ |

مٿين لفظن جي ماقبل جي تبديل مان يقيني طور تي واضح ٿئي ٿو تہ مختلف حالتن آهر جمع صورت ۾ ايندڙ آخري 'نون' ساڪن ئي بيهندو: ٻي صورت ۾ ٻہ ننڍڙا سوال ضرور اڀرن ٿا:

؟ جيڪڏهن آخري 'نون' کي متحرڪ رکيو ويندو هجي، تہ پوءِ ماقبل آخر وينجن جي سُرن تبديل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت؟

؟ جيڪڏهن آخري 'نون' کي متحرڪ ڪجي تہ جمع جي صورت ۾ 'زبر' ڪم آڻجي يا 'زير'؟

پهرئين سوال جو جواب تہ مٿين چنڊڇاڻ مان ئي واضح ملي ٿو: باقي ٻئي سوال جو جواب هيٺين جملن مان واضح ملي سگهي ٿو:

| زبر سان 'نون'، جمع جي صورت ۾ | زير سان 'نون'، جمع جي صورت ۾ |
|---|---|
| ڪٻٽَنَ ۾ ڪتابَ موجود آهن. | ڪٻٽَنِ ۾ ڪتابَ موجود آهن. |
| ڪتابَنَ مان ئي املهہ ماڻڪ حاصل ٿيندا آهن. | ڪتابَنِ مان ئي املهہ ماڻڪ حاصل ٿيندا آهن. |

ٻوليءَ جا ماهر توڙي ڳالهائيندڙ ڄاڻايل جملن ۾ ٻنهي قسمن جي متحرڪ 'نون' مان ڪنهن ٻہ هڪ قسم کي تسليم ڪونہ ڪندا ۽ نہ وري ڪن ٿا!

واضح رهي تہ جمع جي صورت ۾ ايندڙ آخري وينجن 'نون' ساڪن رهندو آهي، هن حالت ۾ جمع جو انحصار، ماقبل آخر جي سُر تي ئي رهندو.

### 3.8.2.3 نچوڙ

- ڪنهن واحد جي آخري آواز [اَ/ اَن] کي جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: ڪٽَ- ڪٽُون، دانهن- دانهون؛
ان ڪان علاوه ساڳئي اصول کان هٽي ڪري ڪي لفظ اهڙا به هوندا آهن، جيڪي واحد توڙي جمع جي حالت ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا ويندا آهن، جيئن: مدَدَ، اُس وغيره.
- ڪنهن واحد جي آخري آواز [اِ/ اِن] کي جمع جي صورت ۾ [يُون/ اُون] جي اچار سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: اڪِ- اڪيون، مينهن- مينهون.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُ/ اُن]، جمع جي صورت ۾ [اَ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: پٽُ- پٽَ، ڏينهن- ڏينهن؛
متئين ساڳئي اصول کان ٻاهر رشتن وارا لفظ نرالي نموني جمع ٿيندا آهن: جيئن: ماءُ- مائرون وغيره
- ساڳئي اصول موجب ڪي لفظ اهڙا آهن جيڪي آخري [ءُ] کان اڳ گهٽي قدر گهٽائپ سبب ۽ ڪي بغير گهٽائپ هوندي به [وَ] وينجن متحرڪ ۾ تبديل ٿئي ٿو؛ جيئن: ڪانءُ/ ڪانوُ- ڪانوَ، گهاءُ- گهاوَ.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [آ]، جمع جي صورت ۾ [ئُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: دوا- دوائون؛
متئين اصول موجب چند لفظ اهڙا به آهن جيڪي ساڳي صورت ۾ رهن ٿا، جيئن: پوڇا.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اِي/ اِين]، جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: ٻلِي- ٻليُون، ٻانهين- ٻانهيُون؛
متئين اصول موجب ڪي لفظ اهڙا آهن، جيڪي واحد توڙي جمع ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا وڃن ٿا، جيئن: سپاهِي، سنگتِي، ڌوٻي وغيره.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [او/ اون]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: گهوڙو- گهوڙا، ڪيئون- ڪيئان.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُو/ اُون]، جمع جي صورت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي، بلڪ ساڳي صورت ۾ رهي ٿو؛ جيئن: ماٺُهو- ماٺُهو، ڏاڙهُون- ڏاڙهُون.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اَو]، جمع جي صورت ۾ [وَ] 'واؤ' متحرڪ سان تبديل ٿئي ٿو، جيئن: پؤ- پوَ.

- ڪي لفظ مختلف آخري آوازن سان واحد توڻي جمع جي صورت ۾ ساڳي حالت ۾ رهن ٿا؛ جيئن: مدَدَ- مدَدَ، اُسَ- اُس، ڪٽڪَ- ڪٽڪَ؛ پوڇا- پوڇا؛ ڪڙمِي- ڪڙمِي، ڏوہِي- ڏوہِي، جوڳِي- جوڳِي؛ ٿامون- ٿامون؛ ماٺُهو- ماٺُهو، رهاڪُو- رهاڪُو، دارُون- دارُون، ڳَٺُون- ڳَٺُون؛ سَو وغيره.
- عربي جمع وزنن وارا چند لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻي قدر واحد جي صورت ۾ ڪم آندا ويندا آهن؛ جيئن: ارواحُ- ارواحَ وغيره.
- حالت جري يا اضافت جي حالت ۾ جمع جي آخر ۾ ايندڙ 'نون' ساڪن بيهندو آهي، جمع جي صورت ۾ ماقبل آخر سُر ۾ تبديلي واقع ٿئي ٿي، جيئن: ميزَ- ميزُن.

### 3.8.2.4 حاصل مطلب

سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ ٿلهي ليکي چار اصول سامهون اچن ٿا:

1. ڪنهن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [اَ]، [اِ]، [آ]، [اِي]، جمع جي صورت ۾ اڪثر [اُون]، [يُون]، [ئُون] سان مٽجي ٿو؛
   البت [اِي] سُر وارن لفظن جو ڪجهه حصو جمع جي حالت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي؛
2. ڪنهن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [اُ]، جمع جي صورت ۾ [اَ] سان مٽجي ٿو؛
3. ڪنهن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [او]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان مٽجي ٿو؛
4. ڪنهن واحد لفظ جو آخري سُر [اُو/ اُون] جمع جي صورت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي؛ بلڪ ساڳيو ئي رهي.
5. اسم جي حالتن آهر جمع جي صورت ۾ آخري نون (جيئن: ڪتابن) ساڪن بيهي ٿو.

### 3.8.3 آخري سُر نسبت اسم جي فاعل- مفعول جي بدلجڻ جو اڀياس

حيدرآبادي/ لاڙي لهجي ۾، چوڻ سُرن جي لحاظ کان، اهم هنڌن تي پيش کي زبر ۾ تبديل ڪرڻ واري عادت به نوٽ ڪئي وئي آهي، جن جي نحوي بناوت ۾ ڪافي اهميت آهي.

- آخري پيش واري سُر کي 'زبر' ۾ تبديل ڪرڻ جي عادت:

"مَنڊَّ پيئَندي مُون، ساجنَ سهي سُڃاتو."

ڄاڻايل لطيف سرڪار جي وائيءَ جي هڪ سٽ آهي، جيڪا 'ساجنَ' (نون تي زبر سان) هڪ محفل ۾ شفيع فقير کي ڳائيندي ٻُڌو ويو آهي. آخري سُر جي نسبت، 'ساجنَ سهي سڃاتو' ۽ 'ساجنُ سهي سڃاتو' ۾ ساڳيو لفظ فاعل يا مفعول ۾ بدلجي ٿو، جنهن سبب آخري سُر ڏانهن ٻي- حسيءَ سان

'هڪ جي ٻي' ٿي وڃي ٿي. آگاهي رهي تہ اهڙي قسم جا تخفيفي جملا ڳالهائڻ کان وڌيڪ شاعريءَ ۾ ڪم آندا ويندا آهن: سنڌي ٻوليءَ پٽاندر اهڙا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| تخفيفي جملو | پورو جملو | فاعل | مفعول |
|---|---|---|---|
| ٻڪرُ ڪاڙو/ ڪاڙُم. | مون ٻڪرُ ڪاڙو. | ... | ٻڪرُ |
| ٻڪرَ ڪاڙو/ ڪاڙُم. | ٻڪرَ (ڳاه) ڪاڙو/ مون کي چڪ پاتو. | ٻڪرُ | ... |
| چوڪرُ لکيو/ لکيم. | مون (لفظ) چوڪرُ لکيو. | ... | چوڪرُ |
| چوڪرَ لکيو. | چوڪرَ (خط) لکيو. | چوڪرُ | ... |
| ڊاڪٽرُ ڏنو. | مون ڊاڪٽرُ ڏنو. | | ڊاڪٽرُ |
| ڊاڪٽرَ ڏنو. | ڊاڪٽر مون کي ڏنو. | ڊاڪٽرُ | |

مٿين جملن ۾ 'پيش' ۽ 'زبر' جي فرق سان فاعل ۽ مفعول جو فرق جاچيو ويو، جيڪو زمان ماضي مطلق جي جملن ۾ ئي نوٽ ڪيو ويو آهي.

مٿي آخري سُرن جو صوتياتي اڀياس پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ آخري ڇوٽن سُرن جي ڄاڻائڻ ۾ حيدرآبادي ماهرن ڪي خود ساختہ صورتخطيون ڏنيون آهن: جنهن جو اهم سبب آخري ڇوٽن سُرن ڏانهن سندن بي- حسي آهي.

### 3.8.4 نتيجو

مٿي آخري ۽ ماقبل آخري سُرن (ڇوٽن، ڊگهن توڙي دهرن) جو صوتياتي اڀياس پيش ڪيو ويو: اڀياس موجب اها ڳالهہ بہ سامهون آئي تہ جنهن لفظ جي ماقبل آخري سُر تي احتياط کان ڪم ورتجي ٿو، ان جو آخري وينجن ساڪن رهي ٿو.

ٻوليءَ جي نسبت، آخري يا ماقبل آخري ڇوٽن سُرن پٽاندر، حيدرآبادي عالمن جون خود ساختہ صورتخطيون سامهون آيون آهن. ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي جي تحقيق موجب حيدرآباد جي آسپاس جي ٻوليءَ ۾ آخري ڇوٽن سُرن جو ڪيرائڻ نوٽ ڪيو ويو آهي

جنهن صورت ۾ آخري ڇوٽن سُرن جي بي- حسي نوٽ ڪئي وئي آهي، ان صورت ۾ حيدرآبادي ٻوليءَ ۾ ماقبل آخري سُرن جي ڪابہ اهميت نہ ٿي رهي. جڏهن ماقبل آخري سُرن جو احتياط محسوس نہ ٿو ڪيو وڃي، اُن حالت ۾ آخري وينجن ساڪن جو تصور، 'ڳڌ کي سڱ هجڻ' وارو ٿي وڃي ٿو.

عام طور 'س' ۽ 'م' پڇاڙين کي لهجاتي فرق موجب بدل پڇاڙي جاتي ويندي آهي، جڏهن ته فعل جي 'هئڻ ۽ ٿيڻ' وارن جزن کان سواءِ، 'ڪرڻ، سهڻ، پوَڻ' وارن جزن ۾ 'س' ۽ 'م' ضميري پڇاڙين سان معنوي فرق ظاهر ٿئي ٿو. اهڙو تصور پڻ اڄ سوڌو ڪنهن عالم بيان نه ڪيو آهي، ان جو سبب به حيدرآبادي عالمن جي هٺن ۾ ٻوليءَ جي واڳ هجڻ آهي: جن ويجهو اهڙا تصور ڪابه معنيٰ نه ٿا رکن.

سنڌي ٻوليءَ جي اهڙي نفاست ۽ نزاڪت سبب حيدرآبادي ٻوليءَ کي وچولو تسليم ڪرڻ ته نهيو، معياري لهجي جو هجڻ به مشڪوڪ ٿي وڃي ٿو.

اصل حقيقت اها آهي ته سنڌ تي ڌارين ٻولين جي حڪومتن بعد جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت آئي ته انهن سنڌ جي مختلف نظامن جي سڌاري لاءِ ڪي قدر ويچاريو: پنهنجا حڪومتي مرڪز سنڌ جي وچولي ۾ قائم ڪيائون، جنهن ۾ ساهتي ۽ درياه جي ٻئي پر، سيوهڻ تائين، جا علائقا آيا ٿي. ڪلهوڙا حڪمرانن سنڌي ٻوليءَ جي ترويج ۽ ترقيءَ لاءِ ڪو مناسب قدم ته ڪونه کنيو، ليڪن ان دؤر جي سنڌي عالمن/ شاعرن ٻوليءَ تي تمام گهڻو توجه ڏنو: اهوئي سبب آهي جو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ جي علم و ادب جو دائرو وسيع ٿيو. ساهتيءَ جي علمي، ادبي توڙي خوشحاليءَ واري حيثيت، اڳ جيان، هن دؤر ۾ به ۾ نمايان رهي. ميرن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪا سرڪاري پنيرائي ڪانه رهي: گهڻي اهميت فارسي ٻوليءَ کي ملي. ان کان علاوه مير حاڪمن جي مادري ٻولي سرائيڪي هئي، جنهن ۾ وينجن جي آخري سُر جي حذف ٿيڻ جي عادت عام آهي. اڄ سوڌو موجوده سنڌ جي احاطي ۾ رهندڙ سرائيڪي ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ اها عادت نوٽ ڪئي وئي آهي. ايتري قدر، جو سنڌي علم و ادب جي 'قليچ ثاني' ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مادري ٻولي، سرائيڪي هجڻ سبب، سندس ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ آخري سُر جي حذف ٿيڻ کي نوٽ ڪيو ويو آهي.

چند عالمن جو خيال آهي ته انگريزن سنڌ جي واڳن سنڀالڻ سان مٿين ڳالهين کي ضرور نظر مان ڪڍيو هوندو، جنهن بعد سنڌ جي ساهتي پرڳڻي کي ئي وچولي ۽ معياري لهجي جو درجو ڏنو!
عالمن جي اڪثريتي راءِ، خاص ڪري اڳين جي، اها رهي آهي ته ساهتي پرڳڻو وچولي جي ٻوليءَ جو اهم مرڪز آهي. ان سببان ان جي ٻوليءَ کي ئي ڪتابي يا مواصلاتي دنيا ۾ آڻڻ گهرجي. حقيقت به اها آهي ته ڪتابي ٻوليءَ ۾ چند ڪمين سواءِ عام طور ساهتيءَ جي ٻولي ئي ڪم آندي ويندي آهي.

*******************************

## 3.9. گهٽي وينجن سبب گهٽائپ ۽ ٻاٽيتي ۾ گهٽائپ جو معاملو

### ترجيحي صورتن لاءِ عالمن آڏو آيل لفظ

هيٺيان لفظ 'گهٽائپ لکڻ يا نہ لکڻ' سبب هڪ گروهہ ۾ رکيا ويا آهن. 'گهٽي سُر' ۽ 'گهٽي وينجن سبب گهٽائپ' جي معاملي هيٺ جيڪي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ، مختلف دؤرن ۾، عالمن اڳيان رهيا، تن جي هيٺين ريت گروهہ بندي ڪري سگهجي ٿي:

**3.9.1. گهٽي وينجن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ:** اما/ امان، اجا/ اجان، وجين/ وجي، ماٺهو/ ماٺهون، پاڳو/ پاڳون، ننو/ ننون/ نوَ، جٽان/ جٽا.

**3.9.2. ٻاٽيتي ۾ گهٽائپ / معنوي فرق پيدا ڪندڙ گهٽائپ:** ٻيون/ ٻيو.

**3.9.3. لهجاتي فرق سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ:** آءٌ / آئون، جڏهہ/ جڏهن، ڪهہ/ ڪنهن، جهہ/ جنهن.

### 'گهٽي وينجن سبب گهٽائپ' ۽ 'ٻاٽيتي ۾ گهٽائپ' جا معاملا

مذڪوره عنوان تحت ٽن قسمن جا معاملا سامهون اچن ٿا:

- ؟ گهٽي سُر کي لکڻ (صورتخطي) ۾ ڪيئن ظاهر ڪجي؟
- ؟ گهٽي وينجن بعد نون گهٽي سُر جي علامت (نون) لکجي يا نہ؟
- ؟ عام لفظن ۾ معنوي/ لهجاتي فرق پيدا ڪندڙ گهٽائپ لکجي يا نہ؟
- ؟ ٻاٽيتي ۾ گهٽائپ جو عمل دخل ڪيترو آهي؟

☜ **وضاحت:** *نون گهٽي سُر کي لکڻ ۾ ڪيئن ظاهر ڪجي؟ ان عنوان تي الڳ سان اڀياس ڪرڻ جي گهرج آهي.*

### 3.9.1. گهٽي وينجن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ جي سطح

'گهٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ گهٽائپ جي سطح معلوم ڪرڻ' وارو معاملو انتهائي پيچيده معاملو آهي. هن معاملي بابت علمي طور تي ٻن عالمن: ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو ڪم سامهون اچي ٿو. اصل ۾ نون وينجن متحرڪ ۽ ساڪن ۽ نون گهٽي سُر تي علمي طور تي ڪم ٿي نہ سگهيو آهي؛ جيڪڏهن ٿيو آهي تہ ان تي علمي نموني تنقيدي ڪم ٿي ڪونہ سگهيو آهي، ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ان خيال جو آهي تہ گهٽن وينجنن بعد پيدا ٿيندڙ گهٽائپ، صاف سرَ جو گهٽائپ ۾ تبديل ٿيڻ آهي، جنهن کي صورتخطيءَ ۾ ظاهر نہ ڪجي. ڊاڪٽر الانا اهڙن Nasalized vowels بابت ڄاڻائي ٿو تہ: "Nasal vowels کان سواءِ، سنڌي صوتيات ۾ ڪي

صاف سَر، جڏهن ڪن گُهڻن وينجنن جي اثر کان متاثر ٿي، اچار ۾ گُهڻا سَر ٿي ويندا آهن، تڏهن اهڙن گهڻن سَرن کي، انوسوار يعني گُهڻائڻ وارا سر (Nasalized vowels) چئبو آهي. مثال طور 'اجا'، 'اما' ۽ 'ماڻهو' وغيره لفظن جي آخر ۾ آيل سُر [آ ۽ اوُ] جيڪي اصل ۾ صاف سرَ هئا، پر گُهڻن وينجنن [ج، م ۽ ڻها] جي اثر ڪري [آ ۽ اوُ] بدلجي 'گُهڻا سرَ' [آن ۽ اوُن] اچاربا آهن. اهوئي سبب آهي جو اهڙن ڪيترن ئي لفظن جي صورتخطين ۾، گهڻائڻ کان متاثر ٿيل سرَ جي پويان 'ن' حرف لکيو ويندو آهي اهڙن لفظن جون جدا جدا صورتون ڏيئي، انهن جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي: اجا، اما، آنو، پانهو . . . " (224 :2005)

گهڻن وينجن سبب پيدا ٿيندڙ گهڻائپ جو جيڪڏهن پورو ڳلو گهٽيو ويندو ته پوءِ لفظ 'امان > اما' ۽ لفظ 'مان (آءٌ/ منجهان) > ما' لکڻو پوندو ۽ ان جي صورتخطي هيٺين ريت بيهندي:

- ما اسڪول ويا ٿو.
- هو ڪپٽ ما ڪتاب ڪڍو.

ساڳئي نموني ڪافي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ گهڻن وينجنن بعد ايندڙ گهڻائپ کي رد ڪرڻو پوندو: جيئن: نَنگ، نانگ، ننهن، وڻندو، منڊ، مانهن جي دال، منگل، مينهن، مونجهه وغيره. اهڙي عمل بعد لفظن ۾ معنوي فرق جا امڪان به رد ڪري نه ٿا سگهجن:

| لفظ | معنوي فرق |
|---|---|
| مان (آءٌ) | ما (سواءِ) |
| ننگ (اوگهڙ، عزت) | نَگ (منڊيءَ جي ٽڪ) |

ڊاڪٽر الانا جي پوري پورهئي ۾ ڪٿي به ڪو سنڌو ڄاڻايل ڪونهي ته ڪهڙن اصولن هيٺ گهڻن وينجنن بعد گهڻائپ ڄاڻائبي ۽ گهڻائپ کي گهٽبو!

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ان مسئلي جي چند ڇاڻ ڪندي ڄاڻائي ٿو ته: " 'اجا' لفظ ۾ آخر ۾ 'ن' لکڻ جي ضرورت ناهي. اچارن جي عادت موجب 'ج' جي اڳيان ۽ پنيان ايندڙ سرُ 'اَ ۽ آ' بيئي پاڻمرادو گُهڻي اچار وارا ٿي ويندا آهن. پر 'وڃان' ۽ 'مڃان' ۾ آخر ۾ /ن/ لکڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهو زمان مضارع، متڪلم، عدد واحد جي پڇاڙيءَ جو حصو آهي. ساڳيءَ طرح 'هو وڻي ٿو'، هتي 'وڻي' جي آخر ۾ /ن/ نه لکبو، پر 'تون وڻين ٿو' جملي ۾ 'وڻين' فعل ۾ /ن/ لکڻ لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو 'اين' پڇاڙي (Suffix) جو حصو آهي (وڻ + اين = وڻين). انهن مثالن مان ظاهر آهي ته اسان کي لفظن جي صورتخطي يا املا جا قاعدا ناهڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ جو به گهڻو خيال رکڻ گهرجي." (195 :1999)

ڊاڪٽر جيٽلي جي راءِ ۾ لچڪ آهي ۽ ساڳئي وقت اهو به اصول ڄاڻايو اٿائين ته اهڙن معاملن کي جاچڻ لاءِ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي گردانن جو ئي سهارو وٺڻ گھرجي!

ڊاڪٽر جيٽلي جي ڏسيل ڏس موجب، 'وڃين' يا 'وڃي' جي صورتن مان ڪا هڪ صورت مقرر ڪرڻ به پنهنجي جڳهه تي مونجهارو پيدا ڪري سگهي ٿي؛ مثلاً: زمان حال مطلق جي گردان ۾ ضمير واحد غائب جي جملي موجب لکبو/ چئبو ته 'هو وڃي ٿو' پر جيڪڏهن ساڳئي فعل ۽ زمان سان ضمير واحد حاضر جو جملو لکبو/ چئبو: 'تون وڃين ٿو'. فعل جي اهڙي گردان ۾ جتي 'وڃي' سان 'نون ڱُهڻو' نه لڳندو، ته اتي ٻئي هنڌ 'وڃين' ۾ لازماً نون ڱُهڻو ڪم آڻڻو پوندو.

<u>ڊاڪٽر الانا جي مقرر ڪيل دائري ۾ گنجائش ڪانهي، جڏهن ته ڊاڪٽر جيٽلي جي دائري ۾ گنجائش سان گڏوگڏ وزن پڻ آهي.</u> مثالن آڌار ان ڳالهه کان ڪو به لسانيات جو عالم انڪار نه ٿو ڪري سگهي ته 'ڱُهڻي وينجن' سبب گهٽائپ نه ٿي جڙي؛ ليڪن ايترو ضرور آهي ته ان جون به ڪي صورتون هجڻ گهرجن.

راقم جي سوچ مطابق 'ڱُهڻن وينجنن' واري ڱُهٽائپ جو گهڻو زور اڳيان هوندو آهي، پويان واري ڱُهٽائپ اڻ لَکي ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو موجوده سنڌي صورتخطيءَ موجب ڪنهن به 'ڱُهڻي وينجن' جي اڳيان 'نون ڱُهڻو' ڪونه آيو آهي؛ جڏهن ته ڪن لفظن جي پويان، ڪن سببن آهر، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ڱُهٽائپ' وارو 'نون' لکڻ انتهائي ضروري ڄاتو ويو آهي. جنهن جا مثال مٿي اچي چڪا آهن.

عام طور تي لفظ 'ننڍو' ۾ ٻيو نون، 'ڱُهڻو' ڄاتو ويندو آهي، جڏهن ته اهو 'نون ساڪن' آهي؛ يا ٻئي لفظ 'نانگ/ نَنگ' ۾ آواز توڙي سنڌي صورتخطيءَ مطابق 'ڱُهڻي وينجن' بعد 'ڱُهٽائپ جو تصور آهي. هنن لفظن مان اهو واضح طور تي معلوم ٿئي ٿو ته 'ڱُهڻي وينجن' بعد ڱُهٽائپ يا ٻئي ڱُهڻي وينجن جو اچڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ممڪن آهي.

<u>جيڪڏهن 'ڱُهڻن وينجنن' بعد ڱُهٽائپ وارو دائرو محدود ڪري ڇڏبو ته پوءِ ٻي صورت ۾ 'ننڍو جي نڍو'، 'نانگ جي ناگ' ۽ 'نَنگ جي نَگ' واريون صورتون رائج ٿي وينديون.</u>

ڊاڪٽر جيٽلي جي ڄاڻايل مثالن مان به اهو خيال اخذ ٿئي ٿو ته 'ڱُهڻي وينجن' جي ڱُهٽائپ جو زور ڪنهن 'ڱُهڻي وينجن' جي اڳيان ٿئي ٿو جنهن ڪري پنهنجي اڳيان ٻيو 'نون' ڱُهڻو برداشت نه ٿو ڪري؛ پويان اڻ- لَکو ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جيڪي آئيويٽائون ترتيب ڏنيون تنهن ۾ 'ڱُهڻن وينجنن' لاءِ هڪ اصول رکي ڪري، ڪنهن قريب آوازي اکر اڳيان 'ن' جو اضافو ڪيو؛ جيئن:

- مخدوم ابوالحسن موجب: نج، نگ، ---
- ڊاڪٽر ٽرمپ موجب: نج، نگَ، ڻ (ٻہ اپا ٽپڪا)

مذڪوره حوالن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ گُهٽن وينجنن بعد گهٽن سُرن جي گُهٽائپ جو ماڳهين گلو گهٽڻ ڪا عقلمندي ڪانهي. البتہ ضرورت آهر اهڙي گهٽائپ ڪي صورتخطيءَ مان ختم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، بلڪ ضروري آهي- سو بہ ان صورت ۾ جڏهن اصولي طور تي معنوي فرق يا مونجهارو ظاهر ٿئي، جيئن ڊاڪٽر مرليڌر جي ڄاڻايل ٻن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو: 'هو وٺي ٿو' ۽ 'تون وٺين ٿو'. جيڪڏهن ڊاڪٽر الانا جي ڏس مطابق عمل ڪبو تہ پوءِ يقيناً مونجهارا پيدا ٿيندا. ان ڏِس ۾ ٻوليءَ جي گردان تي غور ڪري ڪي اصول جاچي سگهجن ٿا.

### 3.9.1.1 گُهٽي وينجن سبب ظاهر ٿيندڙ گُهٽائپ ڪي لکڻ يا نہ لکڻ جو جائزو

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهٽن وينجنن سبب ٻن قسمن جي گهٽائپ اچي ٿي:

هڪ: اها جيڪا گهٽن وينجنن سبب ظاهر ٿئي ٿي؛

ٻي: اها جيڪا جملي جي نحوي بناوت سبب بعد ۾ لازمي ڏيکارڻي پوي ٿي.

ٻوليءَ جي گردان پٽاندر، جن فعلن ۾ گُهٽي وينجن سبب 'نون گُهٽي' جو جنسي اضافو ڪيو وڃي ٿو يا خارج ڪرڻو پوي ٿو، تن جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**مثال: مان مڃان ٿو.**

| ضميري گردان موجب | فعل جي نوعيت |
|---|---|
| مان مڃان ٿو. | فعل متعدي مجهول |
| اسين مڃُون/ مڃئُون ٿا. | فعل متعدي مجهول |
| تون مڃِين ٿو. | فعل متعدي مجهول |
| توهان مڃو ٿا. | فعل متعدي مجهول |
| هو مڃي ٿو. | فعل متعدي مجهول |
| هوءَ مڃي ٿي. | فعل متعدي مجهول |
| اهي مڃن ٿا. | فعل متعدي مجهول |

مٿئين گردان مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ 'مڃڻ' فعل ۾ گُهٽي وينجن سبب 'آن'، 'اُون' ۽ 'اِين' ڊگهن گُهٽن سرن ۾ صاف سُرن جو امڪان نہ ٿو رهي.

وضاحت: لفظ 'مچون يا مچئون' ٻوليءَ جي لهجاتي فرق سبب استعمال ٿيندو آهي.

مثال: مان وڃان ٿو.

| فعل جي نوعيت | ضميري گردان موجب |
|---|---|
| فعل لازمي | مان وڃان ٿو. |
| فعل لازمي | اسين وڃُون/ وڃئون ٿا. |
| فعل لازمي | تون وڃين ٿو. |
| فعل لازمي | توهان وڃو ٿا. |
| فعل لازمي | هو وڃي ٿو. |
| فعل لازمي | هوءَ وڃي ٿي. |
| فعل لازمي | اهي وڃن ٿا |

مٿئين گردان مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ 'وڃڻ' فعل ۾ گهٽي وينجن سبب 'آن'، 'اُون' ۽ 'اِين' ڊگهن گُهٽن سرن ۾ صاف سُرن جو امڪان نہ ٿو رهي.

وضاحت: لفظ 'وڃون يا وڃئون' ٻوليءَ جي لهجاتي فرق سبب استعمال ٿيندو آهي.

اهڙي انداز سان هيٺين گهٽن وينجنن جي مثالن کي جملن جي نزاڪت موجب جاچي سگهجي ٿو.

1. گهٽي وينجن 'ڱ' جو مثال: مان رڱان/ رڱيان ٿو.
2. گهٽي وينجن 'ڻ' جو مثال: مان ڪٽان ٿو/ مان وڻان ٿو.
3. گهٽي وينجن 'م' جو مثال: مان گهمان ٿو.
4. گهٽي وينجن 'ن' جو مثال: مان چنان ٿو.

### 3.9.1.2 ٻوليءَ جي نحوي نزاڪت موجب صاف وينجن سان عام مثال

مثال: مان لکان ٿو:

| فعل جي نوعيت | ضميري گردان موجب |
|---|---|
| فعل متعدي مجهول | مان لکان ٿو. |
| فعل متعدي مجهول | اسين لکون ٿا. |
| فعل متعدي مجهول | تون لکين ٿو. |
| فعل متعدي مجهول | توهان لکو ٿا. |

| | |
|---|---|
| فعل متعدي مجهول | هو لکي ٿو. |
| فعل متعدي مجهول | هوءَ لکي ٿي. |
| فعل متعدي مجهول | اهي لکن ٿا. |

لکجندڙ/ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ مطابق جيڪي گردان رکيا ويا تن جي چند چاڻ مان جيڪا اهم ڳالهه سامهون آئي آهي، سا آهي 'گُهٽن وينجن توڙي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن گُهٽن /آن/، /اِين/ ۽ /اُون/ واري گُهٽائپ، جيڪا 'ن' گُهٽي سان لکت ۾ آڻڻ لازمي ٿي پوي ٿي'. مٿئين گردان جي بنياد تي گُهٽن وينجنن سبب پيدا ٿيندڙ گُهٽائپ کي صورتخطيءَ ۾ لکڻ يا خارج ڪرڻ وارا هيٺيان اصول سامهون رکجن ٿا:

- **سنڌي ٻوليءَ جي نحوي نزاڪت پٽاندر گُهٽن وينجنن توڙي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن گُهٽن /آن/، /اِين/ ۽ /اُون/ واري گُهٽائپ کي 'ن' گُهٽي سان لکڻ لازمي آهي.**
- **گُهٽن وينجنن توڙي صاف وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ /اَن/، /اِن/، /اُن/، /اين/، /اَين/، /اون/، /اَون/ واري گُهٽائپ کي خارج ڪرڻ روا آهي.**

### 3.9.1.3. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ (نون ساڪن جي صورت ۾) اضافي گهٽائپ

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ 'زمان مستقبل' ۽ 'اسم حاليه' جي نحوي بناوت سبب (نون ساڪن جي صورت ۾) اضافي گهٽائپ اچي ٿي، جتي 'گُهٽن وينجنن سبب گُهٽائپ وارو اصول' ڏٺي منجهي بيهي ٿو. هيءَ اضافي گُهٽائپ گهٽي قدر 'ڏندوين آوازن' سبب نه رڳو ظاهر ٿئي ٿي، ليڪن صورتخطيءَ ۾ باقاعده ڄاڻائڻي پوي ٿي؛ هيٺ اهڙا مثال جائزي طور پيش ڪجن ٿا:

#### 3.9.1.3.1. زمان مستقبل ۽ اسم حاليه جي مثالن ۾ (نون ساڪن جي صورت ۾) اضافي گُهٽائپ

- گهٽي وينجن [ڄ] سبب (نون ساڪن جي صورت ۾) گهٽائپ :

| فعلي مصدر | زمان مستقبل | اسم حاليه |
|---|---|---|
| ڀڄڻ | مان لٽ ڀڄندس. | مان لٽ ڀڄندو، ٻنيءَ تي ويس. |
| | اسان لٽ ڀڄنداسين. | اسان لٽ ڀڄندا ٻنيءَ تي وياسين. |
| | تون لٽ ڀڄندين. | تون لٽ ڀڄندي، ٻنيءَ تي وئين. |
| | توهان لٽ ڀڄندؤ. | توهان لٽ ڀڄندي، ٻنيءَ تي ويئو. |
| | هو لٽ ڀڄندو. | هو لٽ ڀڄندو، ٻنيءَ تي ويو. |
| | هوءَ لٽ ڀڄندي. | هوءَ لٽ ڀڄندي، ٻنيءَ تي وئي. |
| | اهي لٽ ڀڄندا. | اهي لٽ ڀڄندي، ٻنيءَ تي ويا. |

• گهٽي وينجن [ڻ] سبب (نون ساڪن جي صورت ۾) گهٽائپ :

| فعلي مصدر | زمان مستقبل | اسم حاليه |
|---|---|---|
| ڪٽڻ | مان ڪتاب ڪٽندس. | مان ڪتاب ڪٽندو، اسڪول ويس. |
| | اسان ڪتاب ڪٽنداسين. | اسان ڪتابَ ڪٽندا، اسڪول وياسين. |
| | تون ڪتاب ڪٽندين. | تون ڪتاب ڪٽندو، اسڪول وئين. |
| | توهان ڪتاب ڪٽندؤ. | توهان ڪتاب ڪٽندي، اسڪول وئو. |
| | هو ڪتاب ڪٽندو. | هو ڪتاب ڪٽندي، اسڪول ويو. |
| | هوءَ ڪتاب ڪٽندي. | هوءَ ڪتاب ڪٽندي، اسڪول وئي. |
| | اهي ڪتاب ڪٽندا. | اهي ڪتاب ڪٽندي، اسڪول ويا. |

• گهٽي وينجن [گ] سبب گهٽائپ :

| فعلي مصدر | زمان مستقبل | اسم حاليه |
|---|---|---|
| رڱڻ | مان ڪپڙا رڱيندس. | مان ڪپڙا رڱيندو، بازار ويس. |
| | اسان ڪپڙا رڱينداسين. | اسان ڪپڙا رڱيندا، بازار وياسين. |
| | تون ڪپڙا رڱيندين. | تون ڪپڙا رڱيندو، بازار وئين. |
| | توهان ڪپڙا رڱيندؤ. | توهان ڪپڙا رڱيندي، بازار وئو. |
| | هو ڪپڙا رڱيندو. | هو ڪپڙا رڱيندو، بازار ويو. |
| | هوءَ ڪپڙا رڱيندي. | هوءَ ڪپڙا رڱيندي، بازار وئي. |
| | اهي ڪپڙا رڱيندا. | اهي ڪپڙا رڱيندي، بازار ويا. |

• گهٽي وينجن [م] سبب (نون ساڪن جي صورت ۾) گهٽائپ :

| فعلي مصدر | زمان مستقبل | اسم حاليه |
|---|---|---|
| گهمڻ | مان گهمندس. | مان گهمندو، گهر ويس. |
| | اسان گهمنداسين. | اسان گهمندا، گهر وياسين. |
| | تون گهمندين. | تون گهمندو، گهر وئين. |
| | توهان گهمندؤ. | توهان گهمندا، گهر وئو. |
| | هو گهمندو. | هو گهمندو، گهر ويو. |

| | | |
|---|---|---|
| | هوءَ گھمندي. | هوءَ گھمندي، گھر وئي. |
| | اهي گھمندا. | اهي گھمندا، گھر ويا. |

- گھٽي وينجن [ن] سبب (نون ساڪن جي صورت ۾) گھٽائپ :

| فعلي مصدر | زمان مستقبل | اسم حاليہ |
|---|---|---|
| پنڻ | مان دعائون پنندس. | مان دعائون پنندو، گھر ويس. |
| | اسان دعائون پنداسين. | اسان دعائون پنندا، گھر وياسين. |
| | تون دعائون پنندين. | تون دعائون پنندو، گھر وئين. |
| | توهان دعائون پنندؤ. | توهان دعائون پنندا، گھر وئو. |
| | هو دعائون پنندو. | هو دعائون پنندو، گھر ويو. |
| | هوءَ دعائون پنندي. | هوءَ دعائون پنندي، گھر وئي. |
| | اهي دعائون پنندا. | اهي دعائون پنندا، گھر ويا. |

**جڙندڙ راءِ:** واضح رهي تہ ڏندوين آوازن جي اڳيان ايندڙ 'نون گھٽو' قريب مخرج سبب 'نون ساڪن' جي صورت ۾ بدلجي ويندو آهي. 'پچندس' ۾ 'ج' گھٽي وينجن تي چوٿن سُرن سبب ايندڙ گھٽائپ 'نون ساڪن' ۾ تبديل ٿئي ٿي جڏهن تہ ڊگھن سُرن سان اها گھٽائپ يا ساڪن صورت ڪونہ ٿي بيهي؛ جيئن: 'پچائيندس'، جنهن سبب ڏندوين آواز 'د' کان اڳ ايندڙ گھٽائپ (نون ساڪن جي صورت ۾) ڪي اضافي گھٽائپ ڪونجي ٿو، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ شامل آهي.

### 3.9.1.3.2 ضمير واحد غائب جي جملن ۾ صاف وينجنن سان گھٽائپ

| فعلي مصدر | وياڪرڻي اصطلاح | جملو |
|---|---|---|
| پڙهڻ | زمان مستقبل | هو ڪتاب پڙهندو. |
| | اسم حاليہ | هو ڪتاب پڙهندو، گھر آيو. |
| مارڻ | زمان مستقبل | هو نانگ ماريندو. |
| | اسم حاليہ | هو نانگ ماريندو، ٻنيءَ تي ويو. |
| لکڻ | زمان مستقبل | هو سبق لکندو. |
| | اسم حاليہ | هو سبق لکندو، راند تي ويو. |
| کيڏڻ | زمان مستقبل | هو راند کيڏندو. |

| | | |
|---|---|---|
| | اسم حاليہ | هو راند کيڏندو، گهر ويو. |
| كائڻ | زمان مستقبل | هو ماني کائيندو. |
| | اسم حاليہ | هو ماني کائيندو، گهر تي ويو. |

مٿين گهٽن وينجنن ۽ صاف وينجنن سان ڏنل جملن ۾ اهم ڳالهہ اها نظر آئي تہ صاف وينجن توڙي گهٽي وينجن جي هوندي، زمان مستقبل توڙي اسم حاليہ ۾ فعلي صورت واري بيهڪ لفظ ۾ 'نون گُهٽي' جو اضافو ڪرڻو ٿو پوي، جيڪو [اَندو] يا [اِيندو] آواز جي پڇاڙي ڳنڍڻ سان بيهي ٿو.

ان صورت ۾ اها ڳالهہ تہ طئہ ٿي چڪي تہ لازمي ناهي تہ هر جڳهہ تي 'گُهٽي وينجن' سبب اُن جي گهٽاءُ ختم ڪئي وڃي!

ٻي ڳالهہ اها واضح ٿي بيٺي تہ اهڙن فعلي گردانن ۾ جتي [دو] يا [دا] جي پڇاڙي اچي ٿي، تہ ڏندوين آواز [د] سبب ان کان اڳ 'نون گهُٽي' - جيڪو قريب آواز سبب 'نون ساڪن' ۾ بدلجي وڃي ٿو- جو اچڻ يا لکڻ لازمي ٿي پوي ٿو؛ توڙي جو ان کان اڳ گُهٽو وينجن هجي يا صاف وينجن!

ان بحث جو نچوڙ اهو نڪتو تہ فعلي گردان موجب [د] آواز جي اثر ڪري نون گُهٽي يا نون ساڪن جو اضافو ڪرڻو ٿو پوي.

ڪافي اهڙا لفظ آهن جن کي هڪ محدود اصول ۾ ڦاسائي انهن جي گهٽاءُ کي صورتخطيءَ مان خارج ڪيو ويو آهي، جن جي وچولي لهجي موجب گُهٽاءُ يقيني ظاهر ٿئي ٿي. فرض ڪريو تہ 'ماٺهون' ۽ 'ڏاڙهون' ۾ آخري ڊگهو گُهٽو سُرُ ساڳيو آهي، ليڪن لکڻ ۾ صورت ساڳي نہ ٿي رکي وڃي. پراڻن ڪتابن ۾ 'ماٺهونءَ' لفظ جي آخر ۾ 'نون گُهٽي' جو اضافو ڪيو ويندو هو، جيڪو آوازن جي بنيادن تي درست هيو. ان جو اهم سبب، جيڪو مٿي اصولي طور تي اخذ ٿيو سو اهو آهي تہ گُهٽن وينجنن جو آخري ڊگهو سرُ [اُو] آواز، گُهٽو ٿي سگهي ٿو. لفظ 'ماٺهو' (م + آ، ٺهہ + اُو) جي درست آواز لاءِ آخري صاف ڊگهي سر لاءِ ڇپن کي گول ڪرڻو ٿو پوي، جيڪو صاف سُر سان ڏکيو ٿو رهي، ڇوتہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندڙ آسانيءَ سان ڳالهائڻ چاهيندو آهي. ڊاڪٽر الانا لفظ 'ماڙهو' کي ذهن ۾ رکي 'ماٺهو' جي صورت کي درست ڀانئي ٿو. هڪ راءِ مطابق ٻوليءَ جي درست آوازن جي بنياد تي اهڙن گُهٽن وينجنن سبب گُهٽن ڊگهن سرن ۾ نون لکڻ کپي.

درست گُهٽي ڊگهي سر نہ ڪڍڻ سان وات جي ڪوپي ۽ ڇپن جي ڊول جي حالت ڏکيائي پيدا ڪندي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ لکڻ جي سهوليت خاطر اهڙي سفارش سولائي ڏانهن سنو عمل هجي. ڇو تہ لفظ 'ڏاڙهونءَ' ۾ تہ آخري ڊگهي گُهٽي سر جو اضافو ڪيون وينا آهيون، باقي 'ماٺهونءَ' ۾

رکو 'ڻ' جي گهٽائپ ڪري آخري ڏگهي گهٽي سر کي رد ڪيون، اها ڪا علمي راءِ ڪانهي، بلڪ سهل پسندي آهي.

ٻوليءَ جي گهرجن سبب اهڙن لفظن مان گهٽائپ خارج ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، فرض ڪريو ته ڪو عالم اها راءِ ڏئي ته انگريزيءَ وانگر واحد لاءِ 'ماٺهو' ڪم آڻجي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ جمع واري پڇاڙي (Suffix) 'اُون' ڳنڍڻ سان 'ماٺهون' ڪم آڻجي! ته پنهنجي جڳهه تي اهڙي گهرج کي مدِ نظر رکي اهڙي گهٽائپ خارج ڪرڻ روا آهي.

مٿي ٻوليءَ جي نزاڪت ۽ ضميري گردان موجب گهٽن وينجنن سبب ظاهر ٿيندڙ ڏگهن گهٽن سرن سان 'نُون' جو اضافو ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اصول ٻوليءَ جي نحوي بناوت سان ٻه سلهاڙيل آهي. ان موجب لفظ 'ماٺهُون' ۾ 'ٺهه' گهٽي وسرڳي وينجن سبب پيدا ٿيندڙ ڏگهي گهٽي سر واري گهٽائپ صورتخطيءَ ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي.

جيڪڏهن ٻوليءَ جي گهرج آهر واحد جمع واري فرق رکڻ لاءِ 'ماٺهون' مان 'ن گهٽو' خارج ڪجي ته وڌيڪ بهتر!

### 3.9.2 ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ترجيحي صورتن تي ٻيهر نظر

سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهٽن وينجنن سبب ٽن قسمن جي گهٽائپ اچي ٿي:

هڪ: اها جيڪا گهٽن وينجنن سبب ظاهر ٿئي ٿي؛

ٻي: اها جيڪا هم جنس لفظن ۾ صورتخطي/ معنوي فرق جو مونجهارو رکي ٿي؛ جيئن: امان (ماءُ) ۽ مان (آءٌ/ منجهان)

ٽي: اها جيڪا جملي جي نحوي بناوت سبب لازمي ڏيکارڻي پوي ٿي.

ڊاڪٽر الانا جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ واري سفارش جا لفظ ٻيهر جاچجن ٿا: 'اڃا، اما، آنو، ٻانهو، ڀاڳو، ٽاٽو، چڳو، راڻو، مامو.'

| ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل | ڏگهو گهٽو سُر | ترجيحي صورت |
| --- | --- | --- |
| اما، اڃا | آنْ | امان، اڃان |
| آنو، ٻانهو، ڀاڳو، ٽاٽو، چڳو، راڻو مامو | اونْ | آنو، ٻانهو، ڀاڳو، ٽاٽو، چڳو، راڻو مامو |

ڊاڪٽر الانا جي سفارش ڪيل لفظن ۾ ٻه لفظ 'اڃا ۽ اما' گهٽائپ جي اخذ ڪيل اصول موجب اڻ- ٺهڪندڙ آهن؛ ڇاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ لفظ 'مانْ' (آئون) جي صورت تي ٻه ٻيهر نظر ڌرڻي

پوَندي. مذڪوره لفظ ڊگهن گُهٽن سرن واري اصول [آنَ، اُونْ ۽ اِينْ] سان اچن ٿا، جنهن ڪري ان ۾ ٿورو احتياط ڪرڻو پوي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ 'درست ٻوليءَ جي استعمال' بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. ان ۾ گروپ ٻئين جي عالمن جي راءِ مطابق 'امان' جي صورتخطي متعيّن ڪئي وئي هئي:

"ڪجهه لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجهه لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن، انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

اما = امان (صحيح)" (جويو، 1999 الف: 71- 73)

بهرحال، 'اجا ۽ اما' جي درست صورتخطيءَ لاءِ 'اجان ۽ امان' جي سفارش ڪجي ٿي. هي صورت ۾ [اُونْ ۽ اِينْ] وارن ڊگهن گُهٽن سرن واري گُهٽائپ جي صورتخطيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ زوردار سفارش ڪجي ٿي. هيٺ اهڙا لفظ ڏجن ٿا:

اخذ ٿيل اصول موجب هيٺ اهڙن لفظن جي درست صورتخطيءَ لاءِ سفارش ڪجي ٿي:

'آنْ' ڊگهي سُر سبب:

| موجوده صورتخطي | ڪم آندل ڊگهو گهٽو سُر | سفارش ڪيل |
|---|---|---|
| اما | آنْ ڊگهو سر | امانْ |
| اجا | آنْ ڊگهو سر | اجانْ |
| لڳا | آنْ ڊگهو سر | لڳانْ |
| چٽا | آنْ ڊگهو سر | چٽانْ |

'اُون' ڊگهي سُر سبب:

| موجوده صورتخطي | ڪم آندل ڊگهو گهٽو سُر | سفارش ڪيل |
|---|---|---|
| ماٺُهو | اُونْ ڊگهو سر | ماٺُهونْ |
| مجُو | اُونْ ڊگهو سر | مجُونْ |
| ڌنُو | اُونْ ڊگهو سر | ڌنُونْ |
| رمُو | اُونْ ڊگهو سر | رمُونْ |
| رنُو/ رنُون | اُون ڊگهو سر | رنُون |

اهڙن باريڪ مونجهارن ۽ گهرجن کي حل ڪرڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ لاءِ، بجاءِ ڪنهن بند ڪمري ۾ چند عالمن کي مدعو ڪرڻ جي، هر لهجي جي ماهرن ۽ پڙهائيندڙ ماهر استادن کي شامل ڪرڻ گهرجي.

### 3.9.3.1 نونِ گهٽي جو قطاري عددن ۾ شمار

ان کان علاوه اها ڳالهه به عام ڏٺي وئي آهي ته قطاري عددن ۾ صرف لفظ 'ٻيو'، 'نون گهٽي' کان سواءِ لکجي پيو، ۽ جهڙوڪر آواز ۾ به عام تي وڃو آهي؛ جڏهن ته ٻين قطاري عددن جي پڇاڙيءَ ۾ 'نون گهٽي' جي علامت لڳائي ويندي آهي. ان کان علاوه، معنوي فرق جي بنياد تي، اها ڳالهه سيڪو ٻوليءَ جو ماهر سمجهي ٿو ته اسان وٽ ڌارئي يا another لاءِ به 'ٻيو' لفظ ڪم آندو ويندو آهي، ۽ ساڳيو لفظ قطاري عدد لاءِ به استعمال ٿئي ٿو. ذاتي راءِ مطابق لفظ 'ٻيو' ۽ 'ٻيون' کي الڳ خيال کان ڪم آندو وڃي، جيئن:

| | |
|---|---|
| ٻيو | هي لفظ ڪنهن ٻئي جٽي، يا ٻي ڪنهن شيءِ لاءِ مروَج آهي. |
| ٻيون | هي لفظ قطاري عدد آهي، جيئن: پهريون، ٻيون، ٽيون، چوٿون، پنجون . . . |

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ به پنهنجي هڪ مضمون 'سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ' ۾ اهڙي راءِ ڏيندي لکي ٿو: "عددن ۾ چئون پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون وغيره؛ ڪي 'ٻيو' بدران 'ٻيون' به چون. رواج موجب ٻئي صحيح آهن، پر لفظ کي هڪڙي ٻيهڪ ڏيارڻ لاءِ مان جيڪر چوان ته درسي ڪتابن ۾، توڙي بورڊ جي ڊڪشنريءَ ۾ 'ٻيون' لکجي. پهريون، ٽيون، چوٿون وغيره جي پڇاڙيءَ ۾ 'ن' آهن، ته هن حالت ۾ به 'ن' وجهجي، ته سڀني عددن جي پڇاڙيءَ وارو اچار هڪ ساريڪو ٿئي؛ ائين ڪبو ته ٻنهي لفظن جي معنيٰ کي به پوري ٻيهڪ ملندي، يعني ٻيو معنيٰ ساڳيو نه، علحدو، نرالو (Other, another)، ۽ ٻيون معنيٰ پهريون نه، Second، انهيءَ سبب هن حالت ۾ 'ٻيو' بدران 'ٻيون' چوڻ ۽ لکڻ چڱو ٿيندو." (پيرومل، 2007 ب: 82- 101)

ان کان علاوه ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي (1999) پڻ پنهنجي ڪتاب 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ' جي ص: 175 تي ديوناگري لپيءَ ۾ ٻئين ڪتاب جو عڪس ڏنو آهي، تنهن جي هيٺان عربي- سنڌي رسم الخط ۾ 'درسي ٻيون ڪتاب' جي لفظن سان اشارو ڏنو آهي؛ جڏهن ته ديوناگري ڪتاب جي عڪس تي 'ٻيو ڪتاب- سنڌي' (बियो किताबु सिंधी) لکيل آهي. يعني ڊاڪٽر جيٽلي قطاري عددن ۾ ٻين لفظن جيان، لفظ 'ٻيو' ۾ 'نون گهٽي' جي اضافي کي ترجيح ڏئي ٿو.

### 3.9.3.2. نون گُهٽي جو حصن/ پتين ۾ شمار وارو معاملو

هتي هيءَ بہ ڳالھ غور طلب آهي تہ جڏهن اسين ڪنهن هڪ وضاحت جا پاڱا/ پتيون ڏيکاريندا آهيون تہ ان صورت ۾ 'ن- گُهٽي' جو استعمال بلڪل چسو ۽ بيجا لڳندو آهي؛ مثلاً:

1. هڪ: هي شماري عدد ڪنهن بہ ڳالھ جو پهريون حصو ڏيکاريندو آهي؛
2. ٻيو: هي شماري عدد ٻيو حصو ڏيکاريندو آهي؛
3. ٽيو: هي شماري عدد ٽيون حصو ڏيکاريندو آهي؛
4. چوٿو: هي شماري عدد چوٿون حصو ڏيکاريندو آهي؛ وغيره.

وڌيڪ وضاحت لاءِ پاڱيوار شماري عدد جو هيٺين ريت استعمال نوٽ ڪيو ويو آهي:

- پهرئين سٽ جو هڪ پاڱو، ٻيو پاڱو، ٽيو پاڱو، چوٿو پاڱو، پنجو پاڱو...
- ٻئين سٽ جو هڪ حصو، ٻيو حصو، ٽيو حصو، چوٿو حصو، پنجو حصو...
- ٽئين سٽ جي هڪ پتي، ٻي پتي، ٽين پتي، چوٿي پتي، پنجي پتي...

عام طرح، ڪنهن مڪمل شيءِ جي هڪ پاڱي، ٻئي پاڱي، ٽئين پاڱي ۽ چوٿي پاڱي ڪي شماري عدد جو پاڱو تصور ڪيو ويندو آهي.

پتين/ حصن ۾ ڪم ايندڙ شماري عددن جو اندازو هيٺئين فقري مان ڪري سگهجي ٿو:

'اسان جي تعليم جي بگڙجڻ جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا جن جي اسبابن ۾ هيٺيان ڪردار اهم آهن: هڪ: استاد، ٻيو: شاگرد، ٽيو: والدين، چوٿو: معاشرو، پنجو: رياست.'

پروفيسر علي نواز جتوئي لفظ 'پنجو' ڪم آڻيندي تقليب موجب لکي ٿو تہ: "جيءَ جي غلطيءَ سببان ڪي آواز پاڻ ۾ جڳهہ مٽيندا آهن، ان کي 'تقليب' (Metathesis) سڏبو آهي؛ جيئن: 'همراھ' مان 'هرماھ'، 'پنجو' (پنج آڱرين وارو) مان 'چنبو'، ... وغيره." (1996: 151)

پروفيسر جتوئي جي حوالي ڏيڻ مان مراد اها آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن اسم جي پتين/ حصن تي مشتمل شماري عددن ۾ 'ن گُهٽو' ڪم نہ آندو ويندو آهي؛ جيئن پنجن آڱرين/ حصن تي مشتمل هٿ لاءِ 'پنجو' ڪم اچي ٿو. اهڙي نموني پراڻي وقت ۾ جنس جي ماپي لاءِ مقرر ڪيل ايڪي پاٽيءَ جي چوٿين حصي کي 'چوٿو/ چوٿڙو' چيو ويندو هو/ آهي؛ اڄڪلھ بہ مانيءَ جي چوٿين حصي لاءِ 'چوٿو' لفظ مستعمل آهي.

جامع سنڌي لغات موجب: "چوٿو ج چوٿا: چوٿون حصو (ڪنهن بہ شيءِ جو). چوٿين پتي (مانيءَ جي)." (بلوچ، 1981: 1023)

’نئين جامع سنڌي لغات‘ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪم آندل صورتخطي ڪجهہ نرالي آهي، جتي ’ر‘ جي لاڙ وارا لفظ ڪم اچن ٿا تن کي ’ر‘ جي اضافي سان ڄاڻايو اٿس؛ ان کان علاوه شماري پاڳن ۾ ’جلد پهريون‘، ’جلد ٻيو‘ ۽ ’جلد ٽيو‘ ڪم آندو اٿس. جيڪو ڪنهن حد تي ٺيڪ پيو لڳي. هن ۾ هڪ شماري عدد (پهريون، ٻيو ۽ ٽيو) جا پاڳا واضح ٿين ٿا. (بلوچ، 2004- 2007)

ٿيڻ ائين کپندو هو تہ هڪ اسم جي پاڳن جو شمار : ’هڪ، ٻيو ۽ ٽيو‘ ڄاڻائجي ها.

ان کان علاوه ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي هن حوالي مان پڻ اهڙي عدد جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ نظرانداز اُٿ وسرڳن ۾ ’رهہ‘ جو وسرڳ مثالن سان هيئن ڏنو آهي:

’ر‘ جو وسرڳ ’رهہ‘ مثال: ٻارهو، يارهون، ٻارهون، تيرهون. (ميمڻ، 1993: 37)

ڊاڪٽر ميمڻ جي حوالي ۾ ساڳيو لفظ هڪ گهٽائپ ۽ ٻيو بغير گهٽائپ جي ڄاڻايل آهي، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ بغير گهٽائپ سان لفظ جو سماجي ڪارج واضح ٿئي ٿو. يعني حصن ۾ ٻارهن حصن تي مشتمل لفظ ٻوليءَ ۾ بغير گهٽائپ جي ڪم اچن ٿا؛ جيئن ٻارهن معينن تي مشتمل حصن جي مجموعي يا ان مجموعي جي ٻارهين حصي واري معيني ۾ ملهائجندڙ ڏهاڙي کي ٻوليءَ ۾ ’ٻارهو‘ ٺو ڪوٺيو وڃي.

هيٺئين شعر ۾ بہ ٻوليءَ ۾ مستعمل اهڙن لفظن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو:

شعر: ’هڪ تہ سمجهيو نہ مون، ٻيو ٻڌايو نہ تو،
دل پڪي وئين ڪري، دير سان پيو پتو.‘

### 3.9.4 لهجاتي فرق سبب ظاهر ٿيندڙ گهٽائپ

وچولي لهجي سواءِ اترادي توڙي لاڙي لهجن جي ڪن اپ- لهجن موجب گهٽائپ جو استعمال تمام گهڻ ڪيو ويندو آهي. ان صورت ۾ وچولي لهجي کي ٿي اهميت ڏيڻ گهرجي؛ ليڪن افسوس جو سنڌي ٻوليءَ جي عالمن وٽ ’وچولي لهجي‘ جي حد بنديءَ بابت اختلاف آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ يا شاهدين مان اهوئي معلوم ٿئي ٿو تہ ’ساهتي پرڳڻو‘ سنڌي ٻوليءَ جو وچولو لهجو آهي. ان صورت ۾ اهڙن لفظن جي صورتخطيءَ ’ساهتي پرڳڻي‘ جي ٻوليءَ کي ٿي اهميت ڏيڻي پوندي؛ جيئن: جڏه جي بدران جڏهن، ڪه جي بدران ڪنهن وغيره. هن قسم جي لفظن جو معاملو پراڻي وقت کان ٿي طئہ ٿيل آهي، جن لاءِ ڪو مونجهارو سامهون ڪونہ آيو آهي.

### 3.9.5 اڀياس آهر ترجيحي صورتون

متئين ’نون‘ جي گهٽائپ ۽ گهٽن وينجنن بابت مختصر اڀياس بعد عالمن اڳيان آيل هيٺين لفظن جون ترجيحي صورتون پيش ڪجن ٿيون:

| مختلف صورتون | گهٽو سُر | ترجيحي صورت |
|---|---|---|
| آءِ / آئون | ءُ/ اُون | آءِ |
| جڏه/ جڏهن، ڪه/ ڪنهن، جه/ جنهن | اِن | جڏهن، ڪنهن، جنهن، |
| اما/ امان | آن | امان |
| اجا/ اجان | آن | اجان |
| چٽان/ چٽا | آن | چٽان |
| وچين/ وچي | اِين/ اِي | وچين/ وچي (نحوي فرق) |
| ماڻهو/ ماڻهون | اُو/ اُون | ماڻهو (واحد)/ ماڻهُون (جمع) |
| ٻيون/ ٻيو | اُون/ او | ٻيون (عدد قطاري)<br>ٻيو (ڏاريو: حصي/ پتيءَ ۾) |
| پاڳو/ پاڳون | او | پاڳو |
| نئو/ نئون/ نوَ | اَن | نوَن |

واضح رهي تہ [آن، اُون، اِين] واري آخري گهٽائپ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق ظاهر ٿئي ٿي، جنهن ڪي رد نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان کي اهميت پڻ ڏني ويندي آهي، جيئن: خديجہ > کتيجان وغيره.

❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁❁

| معني ۽ مراد | لفظ | اکر |
|---|---|---|
| متاڇري ستھ تائين هجڻ، الڳ صورت ۾ هجڻ، ڪچي صورت ۾ هجڻ. | رنگ | نگ |
| ضم ٿي وڃڻ واري حالت ۾ هجڻ (ڪنهن رنگ ۾ رڱجي وڃڻ). | رڱ | ڱ |
| سطحي ڳانڍاپو، دلي رشتو. | سنگ | نگ |
| هڪ ٿي وڃڻ واري حالت ۾ هجڻ، دلي توڙي جسماني رشتو هجڻ. | سڱ | ڱ |
| گهرڻ، گهُر ڪرڻ. | منگڻ | نگ |
| رشتن جي ويجهڙائپ لاءِ گهرڻ؛ وڌيڪ ويجهي ٿيڻ لاءِ گهُرڻ. | مڱڻ | ڱ |
| ٽنگ جي لنگائي/ لنگائپ | لنگائي | نگ |
| پوري جسم جي لڱائي/ هيڻائي/ ناچاڪي (لڱائي، ضد: چڱائي) | لڱائي | ڱ |
| ڪوئلو (ڪارا جهڙا انگر) | انگر | نگ |
| پرندڙ ڪوئلا (تپ ۾ انگ، اڱر جيان پيو ٽو پري) | اڱر | ڱ |

موجوده وقت ۾ ترجيحي صورت لاءِ لفظ ان خيال کان بہ رکيا ويا آهن تہ ظاهري پنهي لفظن ۾ ڪو ويڇو ڪونهي. جڏهن تہ ٻوليءَ جي ماهرن اهڙي ويڇي کي معنوي فرق/ ويڇي ۾ ڇاڻايو آهي.

### 3.10.2. ترجيحي صورت لاءِ عالمن جا رايا

1913ع ۾ 'رنگ/ رڱ' ٻنهي صورتن مان 'رڱ' کي ترجيح ڏني وئي هئي، 1999ع ۾ عالمن کان صورتون گهرائڻ جو ڪم رنڊجي ويو، 2008ع ۾ پڻ ترجيحي صورت لاءِ مذاڪرو ڪرئايو ويو جنهن بابت حتمي راءِ محفوظ ڪئي وئي آهي، چند عالمن جيڪا صورت متعين ڪرڻ جي راءِ رکي، تن جو تفصيل خيال خاطر هيٺ ڏجي ٿو:

- پيش ڪيل لفظ: رنگ/ رڱ

| ترجيحي صورت متعين ڪندڙ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. | رنگ |
| ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. | رڱ |
| محمد ابراهيم جويو. | رنگ/ رڱ (ٻئي) |

*ولي رام ولڀ جو خيال آهي تہ: 'رنگ' سنڌي ۽ 'رڱ' اردو۔ هندي آهي.

* راقم تي پڻ ترجيحي صورت ڇاڻائڻ واري مهرباني ٿيل هئي، جنهن ۾ 'معنوي فرق' واري راءِ رکي وئي هئي.

3.10.3. 2008ع ۾ لفظن جي صورتخطيءَ جو فرق

1913ع ۾ هن لفظ جون صورتون 'رنگ ۽ رڱ' ڄاڻايل آهن، 1999ع ۾ اهي ئي صورتون ڄاڻايل آهن. جڏهن ته 2008ع ۾ 'رنگ ۽ رنگ' (گ اڳيان نون جو اضافو) ڄاڻايون ويون.

3.10.3.1. 2008ع ۾ صورتخطيءَ جي فرق بابت وضاحت

گهٽي وينجن واري گهٽاڻپ سبب پوئتي ذڪر اچي چڪو آهي ته ڪوبه گهٽو وينجن پنهنجي پويان/ اينڊڙ 'نون گهٽي' کي برداشت ڪري ٿو ليڪن اڳئين 'نون گهٽي' کي برداشت نه ٿو ڪري. ان حالت ۾ 'گهٽي وينجن' اڳيان 'نون گهٽي' جي لکت بيسود آهي، ڇاڪاڻ ته ان 'نون' جي گهٽاڻپ لاڳاپيل گهٽي وينجن ۾ ضم ٿيل آهي ۽ صورتخطيءَ ۾ پڻ اهڙو عمل عام آهي.

مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جيڪي آئيوينٽائون/ رسم الخط جوڙيا انهن ۾ گهٽن وينجنن لاءِ اڳيان جنسي 'ن' جو اضافو ڪيو:

| ڊاڪٽر ٽرمپ جي صورت | ابوالحسن جي صورت | موجوده گهٽو وينجن |
|---|---|---|
| نج | نج | ڃ |
| نگ | نگ | ڱ |

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر ٽرمپ جي گُهٽن آوازن ۾ جنسي 'ن' جي اضافي بابت تنقيدي طور لکي ٿو ته: "ٽرمپ جو 'سخت تارونءَ واري گُهٽي وينجن' [ڃ] ۽ 'نرم تارونءَ واري گُهٽي وينجن' [ڱ] جي صورت لاءِ ورتل اعتراض به ڪمزور آهي. ٽرمپ جو رايو آهي ته سخت تارونءَ واري گُهٽي وينجن لاءِ 'ڃ' جي بدران 'نج' ۽ نرم تارونءَ واري گُهٽي وينجن لاءِ 'ڱ' جي بدران 'نگ' هئڻ گهرجن. هن جو خيال آهي ته گُهٽا آواز هميشه 'ن' حرف سان لکڻ گهرجن." (1993: 124)

ڊاڪٽر غلام علي الانا 'ن' سان گُهٽن اکرن لکڻ مان مونجهاري پيدا ٿيڻ واري امڪان لاءِ لکي ٿو ته: " اگر 'ڃ' ۽ 'ڱ' کي 'نج' ۽ 'نگ' جي صورتن ۾ لکيو وڃي ها ته جيڪر ڪيترين ئي لفظن جي فرق ۽ سڃاڻپ ۾ دقت پيدا ٿئي مثال طور:

| ٽرمپ واري صورتخطيءَ ۾ | ايلس واري صورتخطيءَ ۾ |
|---|---|
| سَنج | سَنج |
| سَنج | سَڃ |
| پَنج | پَنجَ |
| پَنج | پَڃَ |

ساڳيءَ طرح 'ڱ'، 'نگ' کان زياده آسان ۽ موزون آهي، مثلاً:

| ٽرمپ واري صورتخطيءَ ۾ | ايلس واري صورتخطيءَ ۾ |
|---|---|
| سنگُ | سنگُ |
| سنگُ | سڱُ |
| انگُ | انگُ |
| انگُ.³ | اڱ |

(الانا، 1993: 124- 125)

اهوئي سبب آهي جو ٽرمپ واري اها راءِ ٻوليءَ جي وسعت جي لحاظ کان غير موزون ليکي وئي؛ ۽ ان وقت جي ڪمشنر بارٽل فريئر، ايلس واري پٽيءَ ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ سفارش اجائي ڄاتي.

مٿين ڊاڪٽر ٽرمپ واري پٽي/ آئيوٽا ۾ گھٽڻ وينجنن جي ڄاڻايل صورتن ۽ ڊاڪٽر الانا جي ٽرمپ واري 'هڪ اصول' متعيّن ڪرڻ تي ڪيل تنقيد ۾ ٻه نظر چُڪون سامهون اچن ٿيون، جيڪي تحقيق وارن لاءِ مونجهاري جو باعث بڻجن ٿيون:

- هڪ: ڊاڪٽر ٽرمپ واري شاهه جي رسالي ۾ اداري 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' (1985) ۽ 'ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ' (2008) پاران ڄاڻايل تقابلي اکرن ۾ 'ڱ' لاءِ 'نگ' صورت ڏنل آهي، جڏهن ته رسالي جي مطالعي مان پتو پوي ٿو ته ان ۾ [ڱ] آواز لاءِ 'نگ' ئي ڄاڻايل آهي، جيئن ڊاڪٽر الانا ڄاڻايو آهي. انلاءِ اداري 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' ۽ 'ثقافت ۽ سياحت کاتي' جي معتبر ماڻهن جِي ئي لا پرواهي چئبي، جنهن لاءِ آئيندي واري ڇاپي ۾ تصحيح ٿيڻ گهرجي!
- ٻي: ٽرمپ واري رسالي ۾ [ڃ] آواز لاءِ 'نج' اکر اداري 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز' جي ڄاڻايل پٽيءَ توڙي رسالي جي بيتن ۾ ڄاڻايل آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر الانا کان ٿيل نظر چڪ سبب 'نج' ڄاڻائجي ويو آهي. (ڏسو: 'سنڌي صورتخطي' اڳوڻا توڙي موجوده 1993 ڇاپو) جنهن بنياد تي مٿي ڄاڻايل سندس 'ڃ' ۽ 'نج' ۾ فرق واري تنقيد ڪي ڪيس آئنده وارن ڇاپن مان رد ڪرڻو پوندو، ٻي صورت ۾ ٻوليءَ جي ڪتابن/ مقالن ۾ حوالي طور پيش هلندي.

ڊاڪٽر الانا جي حوالي ڏيڻ مان مراد اها ئي آهي ته 'نگ' ۽ 'ڱ' سنڌي صورتخطيءَ ۾ الڳ الڳ حيثيت رکن ٿا، جن سببان ٻوليءَ ۾ مونجهارن جو امڪان رهي ٿو؛ ان صورت ۾ مونجهاري جي امڪان کي ڏسندي 'رنگ ۽ رڱ' يا اهڙن ٻين لفظن 'سنگ ۽ سڱ' وغيره کي معنوي فرق سببان الڳ سمجهڻ جي راءِ ڏجي ٿي.

### 3.10.4 حاصل مطلب

- ڊاڪٽر جيٽلي مطابق سنڌي ٻوليءَ جي گهٽڻ وينجنن کي ٻن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙا: زوردار گهٽا وينجن ’ڄ، ڳ ۽ ڻ‘، ٻيا: نرم گهٽا وينجن ’م ۽ ن‘.
- زوردار گهٽڻ وينجنن ’ڄ، ڳ ۽ ڻ‘ ۾ به زوردار گهٽا وينجن ’ڃ ۽ ڱ‘ اهڙا آهن جن سان قريب گهٽائپ سان آواز ’نج ۽ نگ‘ جا لفظ ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا: ليڪن انهن ٻن گهٽڻ وينجنن مان، هڪ وينجن ’ڱ‘ وينجن اهڙو آهي، جنهن جو قريب آواز ’نگ‘ سان لفظن ۾ معنوي فرق رهي ٿو.
- جيئن نگ ۾ ’ن جي گهٽائپ‘، وينجن ’گ‘ ۾ ضم ٿي ’ڱ‘ وينجن جي صورت ورتي آهي، تيئن ان جا لفظ به ضم ٿيڻ جي مراد سان معنوي فرق رکن ٿا: جيئن: سنگ/ سڱ، رنگ/ رڱ، منگڻ/ مڱڻ.

مٿئين مختصر ابياس جي بنياد تي اها راءِ رکجي ٿي ته مٿي ڄاڻايل گهٽڻ وينجنن وارا لفظ ۽ گهٽڻ سان وينجنن وارا لفظ معنوي فرق سبب الڳ لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجن: جيئن:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| رنگ | مٿاچري سطح تائين هجڻ، يا الڳ ڪنهن صورت ۾ هجڻ، ڪچي صورت ۾ هجڻ. | رڱ | ضم ٿي وڃڻ واري حالت ۾ هجڻ (ڪنهن رنگ ۾ رڱجي وڃڻ) |
| سنگ | دوستي، سطحي ڳانڍاپو، رواجي لاڳاپو. | سڱ | ضم ٿي وڃڻ وارو ڳانڍاپو، روحاني توڙي جسماني لاڳاپو. |

********************

تہ: ”مخلوط آواز (وسرڳ) انهن کان سواءِ ٻيا بہ آهن: ’رهہ‘، ’لهہ‘، ’مهہ‘، ’نهہ‘ جيئن: گيارھواں، چولھا، تمھارا، ننھا. پر جيئن تہ انهن جو استعمال قليل آهي، ان لاءِ ان کي نظرانداز ڪيو ويجي ٿو.“ (سليم، 1981: 43)

پروفيسر سيد سليم جي حوالي مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ اردو ٻوليءَ ۾ ’رهہ‘ وسرڳ سان ڪو مونجهارو سامهون نہ ٿو اچي!

عام طور اڪثريتي راءِ موجب پنج وسرڳن: ’ڙهہ، لهہ، مهہ، نهہ ۽ ڻهہ‘ جي شمار بابت وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ ٽي وسرڳ ’ڏهہ، رهہ ۽ وهہ‘ بہ سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي جا ڄاڻايا آهن. حقيقت ۾ اهي آواز وچولي لهجي (ساهتي) جي ٻوليءَ ۾ بہ وسرڳ طور ڪم آندا ويندا آهن. ان ڪان علاوه صوتيات جا ماهر ڄاڻن ٿا تہ ’ڇهہ‘، قطاري انگ/ لفظ سان گڏوگڏ هڪ وسرڳ پڻ آهي ۽ لفظ ’ههڙو‘ ۾ پڻ خود ’هہ‘ جي مخرج سان ڦڦڙن جي ڌوڪ شامل رهي ٿي، جنهن سبب ان چوڻ ۾ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ’ههہ‘ پڻ وسرڳ آهي. وسرڳ ’ههہ‘ جو اندازو لفظ ’ههڙو‘ جي درست هِجي مان پوندو: ممڪن آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت سان اهڙا ٻيا لفظ بہ نڪري اچن جن ۾ اجا بہ ڪن وسرڳن جو وجود ظاهر ٿئي!

ذاتي راءِ مطابق ’ڏهہ، وهہ، ڇهہ ۽ ههہ‘ ڪٿي نظر انداز ڪري بہ سگهجن ٿا، ليڪن ’رهہ‘ وارو وسرڳ ان حوالي سان بہ اهم آهي جو ڪافي عالم ان جي درست صورتخطيءَ ۾ مُنڌل رهيا آهن.

### 3.11.3. صورتخطيءَ جي مونجهاري بابت

عام طور وسرڳن جي صورتخطيءَ ۾ بہ اڃان سوڌو ڪو مضبوط طريقہ ڪار جڙي نہ سگهيو آهي. ’هہ‘ ملفوظي ۽ ’ھ‘ وسرڳي جي ويڇي بجاءِ زيرن زبرن تي زور ڏيڻ واري تاڪيد 1913ع واري ڪاميٽيءَ طرفان هينئين انداز ۾ ٿيل هئي:

”’هہ‘ حرف جو اچار ڪن لفظن ۾ صفا ظاهر آهي، ڪن ۾ نہ. صفا اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ اعرابون ڪم آڻجن، مثلاً:

| | |
|---|---|
| (مهنڻ) گهَڻ | (انداز) گهڻ |
| (ناداني) جِهلَ | (تلاش) جهل.“ (الانا، 1993: 135) |

اهڙي مسئلي تي 1913ع واي ڪاميٽيءَ جو بہ ڌيان ضرور هيو: پر جيئن تہ اڄڪلهہ اعرابن جو رواج جهڙوڪر رهيو ناهي، ان صورت ۾ مذڪوره راءِ کي ڪمزور سمجهجي ٿو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي وسرڳ جي صورتخطيءَ جي حوالي سان زيرن زبرن جي عدم استعمال جي شڪايت ڪندي لکي ٿو تہ: ”جيئن تہ ’گهر‘ لفظ ۾ جيستائين زيرون- زبرون استعمال

نہ ڪبيون تيستائين معلوم نہ ٿيندو تہ ان جو ڪهڙو مطلب آهي"؛ پر ساڳئي وقت 'ھ' ملفوظي ۽ 'ھ' وسرڳي لاءِ الڳ استعمال جي راءِ پڻ رکي ٿو ۽ موجوده عالمن ان کي چڱيان تسليم پڻ ڪيو آهي؛ سندس راءِ آهي تہ: جهارِ= (پکين جو وڳر) ۽ جھارَ= (ملاقات) ۾ 'ھ' اکر جو ويڇو رکڻ گھرجي.

ان کان علاوه منفصل اکرن (رھ، ڙھ وغيره) سان 'وسرڳي ھ' جو ڳنڍ ڪيئن هئڻ گهرجي، ان بابت ڊاڪٽر جيٽلي بہ خاموش آهي، شايد هن بزرگ جي نظر ۾ اهي وسرڳ ئي ناهن. سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ 'رھ' وسرڳ سان ڪافي مونجهارا سامهون آيا آهن، جن تي اصولي طور تي اڀياس جي ضرورت آهي، ان بعد ئي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ روا آهي.

وسرڳ جي آواز تي ٽيڪنيڪي انداز ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪيل ڪم ڪارائتو آهي، جيڪو پهرئين باب ۾ تفصيلي بيان ڪيو ويو آهي؛ ليڪن اها پنهنجي جڳهہ تي هڪ حقيقت آهي تہ ڊاڪٽر الانا بنيادي طور تي لاڙي لهجي جو ماڻهو آهي ۽ موجوده حالتن ۾ حيدرآبادي اپلهجي جو آهي ان صورت ۾، ٻوليءَ جي لحاظ کان، ان جي راءِ ۾ ڪي قدر لاڙي گاڏئين حيدرآبادي اپلهجي جا اثر آهن.

ديسي گڏيل آوازن بابت ڊاڪٽر الانا پنهنجي تصنيف 'سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس' ۾ ٻنّن آوازن (پهريون ساڪن، ٻيو متحرڪ) واري مونجهاري تي لکي ٿو تہ:

> "هيستائين سنڌ جي ماهرن سنڌي زبان جي نصابي ڪتابن، وياڪرڻن توڙي سنڌي لغات ۾ هن موضوع طرف ڪوبہ توجہ نہ ڏنو آهي؛ مثال طور:
> ڏيان، ٻيائي، ٻيار، ڏياري، ڏياٽي، ٽياپو، ٽياءُ، گيان، ٽياڻ، ڪياڙي، ڄياپو، ٻريم، ڪَروڌ، گراهڪ ۽ ٻرهمڻ." (2005: 213)

اڀياس ۾ آندل ڊاڪٽر الانا جي لفظ 'گراهڪ' جي صورتخطيءَ ۽ لفظ 'ٻَرهمڻ' جي اچار کي درست سمجهڻ تي اعتراض ڪري سگهجي ٿو. حقيقت ۾ ان جي صورتخطي 'گرهاڪ' هئڻ گهرجي؛ ڇو تہ مذڪوره لفظ ۾ اڳيون جوڙ (پهريون ساڪن ۽ ٻيو متحرڪ)، جا ٻجا گڏيل آواز آهي، ليڪن ان اڳئين جوڙ ۾ ٻيو آواز 'رھ' متحرڪ وسرڳ آهي. ساڳي ويڌن لفظ 'ٻَرهمڻ' سان آهي، جنهن ۾ پڻ [رھ] وسرڳ آهي. جيڪو لاڙي/ حيدرآبادي لهجي ۾ نہ هئڻ سبب ڪنهن بہ ماڻ ۾ نہ ٿو توريو وڃي. ڊاڪٽر الانا جو ڄاڻايل لفظ 'گراهڪ' اردو/ هندي جي لفظ 'گاهڪ' جي صورتخطيءَ جو نقل آهي.

لفظ: گرهاڪ جي ساڳي صورتخطي 'گراهڪ' سنسڪرت/ هنديءَ جي اثر سبب مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پڻ ڄاڻائي آهي، جيڪا هندي ٻولين جي وسيع اڀياس جو اثر ظاهر ڪري ٿي. (1980: 223)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ ان لفظ جي صورتخطي، ٻوليءَ جي نسبت، حيدرآبادي اپلهجي موجب هيٺين ريت ڏني آهي:

> گراڪُ ج گَراڪَ: (سن. گاهڪ > گره = گراهڪ = خريدار) خريدار- گراهڪ- ٻُڪي- آسامي- ٽيتي- آهتي- سودو وٺندڙ . . . (2304 :1988)

لفظ جو بنياد 'گره' مان ڏسيو ويو آهي ۽ لفظ جي شروعاتي صورتخطي 'گراڪ' ڏني وئي آهي، جيڪا ٻوليءَ جي نسبت، حيدرآبادي اپلهجي موجب بلڪل مناسب آهي؛ ليڪن معنيٰ ۾ 'گراهڪ' هندي/ اردو جي تقليد آهي، ڇاڪاڻ تي 'گراهڪ' جو لفظ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لهجي ۾ نه ٿو اچاريو وڃي. ان حالت ۾ اها راءِ جڙي ٿي ته: لفظ 'گر هاڪ' ۾ [رھ] وسرڳ آهي، اوسرڳ سان ساڳي لفظ جي صورتخطي 'گراڪ' ٿيندي، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڄاڻائي آهي.

### 3.11.3.1 'رھ' وسرڳ جي حيثيت ۽ صورتخطيءَ بابت

سنڌي ٻوليءَ جي وچولي لهجي ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ 'ساهتي لهجي ۾ آوازن جي بنياد تي لفظ 'گُرهاڪ' ئي اچارجي ٿو. ان لفظ جو باقاعده مشاهدو ڪيو ويو آهي. اهڙن لفظن جي درست صورتخطيءَ تي اعتراضن جو سبب وسرڳ جو گهٽ استعمال آهي، ۽ اسان جي عربي-سنڌي آئيوڻا ۾ ان مونجهاري ڏانهن بي توجهي آهي. البته ڊاڪٽر الانا لفظ 'بَرهمڻ' ۾ جيڪو گڏيل آواز جي صورتخطيءَ وارن مونجهاري ڏانهن اشارو ڪيو آهي سو جا بجا درست آهي ۽ ٻوليءَ جا مڃئي ڄاڻو، ڊاڪٽر الانا سان سؤ في صد سهمت آهن/ رهندا، ليڪن مذڪوره لفظن ۾ جنهن رخ ڏانهن توجه ڏيارجي ٿو سو آهي 'رھ' وسرڳ جو!

بَرهمڻ ۾ 'رھ' وسرڳ آهي، جنهن سبب 'ھ' کي [ر] کان الڳ ڪري نه سگهبو، ساڳيءَ طرح 'گُرهاڪ' ۾ پڻ ساڳئي وسرڳ جو وجود آهي. انهن جو اچار هيٺئن هئڻ گهرجي:

- بَرهَمَڻُ = [بَرھ + اَ، م +اَ، ڻ + اُ]

[(ب + - ) بَ + (رھ + اَ) = بَرھ + (م + اَ) مَ + (ڻ + اُ) ڻُ = مَڻُ ] بَرهمَڻُ.

- گُرهاڪُ = [گُرھ + آ، ڪ + اُ]

[(گ + - ) گُ + (رھ + آ) = گُرها + (ڪ +اُ) ڪُ = گُرهاڪُ.

اهڙن لفظن ۾ مونجهاري جو وڏو سبب وري به منفصل اکرن سان وسرڳي 'ھ' جي صورتخطيءَ جو آهي، جنهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ڌيان ئي نه ڏنو آهي، مثلاً: وڙهڻ، ڪڙهڻ، ورهائڻ، برهمڻ وغيره.

| | | |
|---|---|---|
| وَرِھيُ | ور ھيہ | وَ + رِھ + يُ |
| وِرھاڱو | ور ھاڱو | وُ + رھا + ڱو |
| پورھِيو | پورھيو | پو + رِھ + يو |
| گَرَھَڻ | گرھڻ | گَ + رَھ + ڻ |
| گَرھوڙ | گرھوڙ | گَ + رھو + ڙ |

### 3.11.5 عام وسرڳ جي صورتخطيءَ بابت

عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي درسي توڙي عام ڪتابن يا لکتن ۾ 'وينجن ھ' جي بدران 'وسرڳي ھہ' جو اسْتعِمال ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ صورتخطيءَ جي گھرجن آهر غلط آهي، جيئن:

| عام صورت | صورتخطيءَ واري ترجيحي صورت |
|---|---|
| جھڙو (وانگيان، وانگر) | جھڙو |
| جھڙوڪ (جيئن تہ) | جھڙوڪ |
| مجھول (اڻ- ڄاتل) | مجھول |
| گھرو (اونھو) | گھرو |
| گھَڻ (مھنڙ) | گھڻ |

ان کان علاوه ڀين اکرن سان پڻ 'وينجن ھ' جي بدران 'وسرڳي ھہ' جو استعمال ڪيو ٿو وڃي؛ جيڪو عمل، غير سنڌي ماڻھن جي سکيا لاءِ مونجھارا پيدا ڪندڙ آهي، جيئن:

| عام صورت | صورتخطيءَ واري ترجيحي صورت |
|---|---|
| بھرحال | بھرحال |
| بھتر | بھتر |
| مشابھت | مشابھت |
| ھوبھو | ھوبھو |
| ڀھڪڻ | ڀھڪڻ |
| حروف تھجي | حروف تھجي |
| اشتھار | اشتھار |
| ستھہ | ستھ |

| انتها | انتها |
| --- | --- |
| پهريون | پهريون |
| پهاڪو | پهاڪو |
| پهلو | پهلو |
| پهچڻ | پهچڻ |
| کهڙو | کهڙو |
| نهڪر | نهڪر |
| جنهن | جنهن |
| ڪنهن | ڪنهن |
| تنهنڪري | تنهنڪري |
| منهنجو | منهنجو |
| ڏانهن | ڏانهن |
| پنهور | پنهور |
| چانهہ | چانهہ |
| مِينهن/ مِينهن | مِينهن/ مِينهن |
| نهايت | نهايت |
| ويهہَ | ويهہ... وغيره |

**3.11.6 'ايم. بي سنڌي' سوفٽ ويئر ۾ 'وسرگي ھہ' ۽ 'وينجني ھہ' جي حد بندي**

سنڌي ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ۾ ڪافي وقت کان هڪ گهرج آهر خال محسوس ڪيو ويو، ان وچ ۾ هڪ جهڳاڙي سوفٽ ويئر: ان- پيج مان ڪم پئي ڪڍيو ويو. جنهن بعد ماجد ڀرڳڙي پنهنجي ماهراڻ صلاحيتن سان 'ايم. بي سنڌي' جي نالي سان هڪ سوفٽ ويئر تي ڪم ڪيو جيڪو Microsoft Office Word ۾ ڪم ڪرڻ لڳو- يعني جيڪي سهولتون Microsoft Office Word ۾ هيون، سي مڙئي هن سوفٽ ويئر ذريعي حاصل ٿي سگهيون. ان ڪم سان هڪ وڏو خال ڀرجي ويو ۽ ڪافي ماڻهو ان مان استفادو حاصل ڪرڻ لڳا.

سنڌي ڪمپوزنگ جي حوالي سان جڏهن صورتخطيءَ تي علمي ڪم ٿيڻ لڳو ته ڪي ڪميون ڪوتاهيون سامهون آيون- خاص طور تي اکرن جي صورتن ۾ روپن جون!

مغالطو ٿيو. 'ھ' ۽ 'ھ' اکرن جو اھڙو ويچو مون خود پنھنجي پرائمري استاد مريد حسن خاصخيلي مرحوم کان حاصل ڪيو ھو. ڊاڪٽر جيٽلي (1999) جي بہ 'ھ' وينجن ۽ 'ھ' وسرڳيءَ بابت وضاحت تز ۽ وقتائتي آھي، ليڪن ان ۾ بہ منفصل اکرن سان 'وسرڳي ھ' جي ڪھڙي صورت ھجڻ کپي؟ جيئن: 'گرھاڪ' (جنھن مان خبر تہ پوي تہ اتي 'رھ' وسرڳ آھي) تنھن بابت خاموشي آھي؛ ان کان سواءِ 'مختفي ہ' جي ڪنھن بہ روپن ڏانھن سندس ڌيان ئي نہ ويو آھي، جيڪي ڪنھن لفظ جي آخر ۾ متّصِل ۽ منفصل صورتن ۾ ڌار ڌار حالتن پٽاندر استعمال ٿيندا آھن: جيئن:

'ہ' مختفي (آخري متّصِل اکرن سان): الله، هميشه، فاطمه وغيره.

'ہ' مختفي (آخري منفصل اکرن سان): موجوده، ماه، فهميده وغيره.

'ـہ' مختفي (آخري متّصِل اکرن سان): بہ، تہ، مکيہ، آسيہ، آمنہ وغيره.

مٿي ٽنھي عالمن جي ڏسيل صورتن مان منفصل صورتن تي خيال اھو ٿو ٿئي تہ عالمن جو ڌيان لفظن جي شروع، وچ يا آخر جي استعمال تي رھيو آھي؛ جڏھن تہ ھن جو تعلق خطاطيءَ موجب ڪنھن اکر جي مختلف صورتن سان آھي؛ جيڪي ٻئي اکر سان ڳنڍجڻ واري حالت ۾ صورت مٽائن ٿا.

- 'وسرڳي ھ' جون صرف بہ صورتون (وچين ۽ آخري) ٿين ٿيون.

{سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان ھن اکر جي منڍائتي صورت ھجڻ کپندي ھئي، جيڪا پڻ منفصل اکرن سان لکڻ ۾ مونجھاري جو باعث بڻجي ٿي، جھڙوڪ: پڙھڻ، پورھيو وغيره. ھن اکر جي سالم صورت سنڌي صورتخطيءَ ۾ نہ تہ ڪم اچي ٿي ۽ نہ وري ڪا گھرج آھي.}

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ مختفي 'ہ' جون ٽي صورتون ڪم آيون آھن، جيڪي سڀ ڪنھن لفظ جي آخر ۾ ڪم آنديون وينديون آھن، ليڪن ھنن اکرن جا باضابطہ طور تي ڪي دائرا مقرر نہ ڪيا ويا آھن. راقم پاران ھڪ مقالي 'سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن جي حقيقت' (جوکيو، 2008: 72- 92) ۾ مختصر دائرن متعين ڪرڻ جي ڪوشش ورتل آھي، بھرحال اکرن جي صورتن جي حوالي سان مختصر تفصيل ھيٺ ڏجي ٿو:

1. 'مختفي ہ' جي صرف ھڪ صورت (سالم) ٿئي ٿي.

{ھن اکر جي صورت صرف منفصِل اکرن سان آخر ۾ ڪم ايندي آھي، ان صورت ۾ ان جي شڪل سالم ئي بيھندي آھي، جيئن: درياه، شاه، خانقاه، ساه، باه، گاه، ڳاه، لاه، ماه، پرواه، خوامخواه، وھ واه، ونواه، ... موجوده، باقاعده، فھميده، ميسره، وغيره.}

2. 'مختفي ـہ' جي صرف هڪ صورت (آخري) ٺئي ٿي.
{هن اکر جي صورت وري ڪنهن لفظ جي آخري متّصِل اکرن سان آخر ۾ ڪم ايندي آهي. عام طور تي سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'الله، هميشه يا فاطمه' جهڙن مانائتن يا دائمي حيثيت رکندڙ لفظن ۾ ڪم ايندي آهي.}

3. 'مختفي ـہ' جي صرف هڪ صورت (آخري) ٺئي ٿي.
{هن اکر جي صورت بہ ڪنهن لفظ ۾ متّصِل اکرن سان آخر ۾ ڪم ايندي آهي، خاص طور تي ڪنهن لفظ جي آخري آواز کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ، ڪنهن ٻئي جوڙ ملائڻ لاءِ يا ڪٽڻ لاءِ، جيئن: بہ، تہ، ڀہ، مڪيہ، پلئہ، مڪيہ، ورهيہ، سورهيہ، بلڪہ، متفرقہ، وابستہ، محترمہ، آهستہ، وجہ، مروجہ، خدا نخواستہ، دانستہ وغيره. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق صورتخطيءَ ۾ ٻئي جوڙ ملائڻ وارا مثال جهڙوڪر ڪونهن، جيئن: ملڪہ، ترنم وغيره.}

مختصر اپياس بعد اهو ٿي چئي سگهبو تہ خود 'ھ' اکر جون چار صورتون جڙي سگهن ٿيون، ان صورت ۾ 'وسرڳي ھ' کي وچ ۾ نہ آڻجي. صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'وسرڳي ھ' جو الڳ ڪارج هجڻ گهرجي. اهڙو مختصر اپياس ايم. بي سنڌيءَ جي فونٽن جو پيش ڪجي ٿو، ان اميد سان تہ سنڌي سوفٽ ويئر تي ڪم ڪندڙ مٿئين ڏسيل راه موجب 'ايم. بي سنڌيءَ' جي فونٽن تي ٻيهر نظر ثاني ڪري اهڙين ننڍڙين ڪوتاهين کي هٽائيندا.

- **ايم. بي لطيفي:** 'ايم.بي سنڌي' سوفٽ ويئر ۾ اهم فونٽ ايم.بي لطيفي ڄاتو ويندو آهي، ڪافي ماڻهو هن فونٽ کي استعمال ڪندي ڏٺا ويا آهن: سونهن سوڀيا ۽ چٽائيءَ آهر، مان (راقم) پڻ هي فونٽ استعمال ڪندو آهيان. هن ۾ 'ھ' اکر جي وچين ۽ آخري صورت (ـهـ ۽ ـه) ڪانهي، جنهن سبب 'Normal Key' توڙي 'Shift + Key' سان 'جهاز' لفظ جي صورتخطي 'جهاز' وڃي بيهي ٿي. ٻي صورت ۾ ٻنهي اکرن جو تصور موجود ضرور آهي، ليڪن عالمن ياران مذڪوره اکرن جي صورتن جي درست تعيّن نہ هجڻ سبب، پرنٽ ميڊيا ۾ لاپرواهيءَ جو مظاهرو ٿي ٿو وڃي.
- **لطيفي:** هي فونٽ عام ڪونهي، هن فونٽ ۾ اها گنجائش آهي تہ 'ج' ۽ 'ھ' اکر جي الڳ الڳ 'Normal Keys' سان ملفوظي 'ھ' جي صورت بيهي ٿي، جيئن: 'جهاز' جڏهن تہ 'Shift + Key' سان 'جھ' جو اکر بيهي ٿو، جيئن: 'جھڪ' 'جُھار- جهار، گھر- گهر'. البتہ ان ۾ ڪي ڪميون ڪوتاهيون بہ آهن، مثلا: لفظ 'سنهو' ۾ وسرڳي 'ھ' ڪم آڻڻ لاءِ گنجائش ڪانهي.

مذڪوره فونٽ ۾ هن ريت ٽائيپ ڪري سگهجي ٿو: 'سنهو'. ان حساب سان هن فونٽ تي بہ نظر ثانيءَ جي ضرورت آهي؛ تہ جيئن سنڌي صورتخطيءَ جا عام مونجهارا هٽائي سگهجن.

- ايم. بي ڀٽائي ستار: هن فونٽ ۾ ٻنهي (وينجن 'هہ' ۽ وسرڳي 'ھ') اکرن جي گنجائش آهي، ليڪن ان جي بنيادي جوڙجڪ ۾ ابتو عمل ٿيل آهي. 'جهار' ٽائيپ ڪرڻ لاءِ 'ج + هہ' جي الڳ ڪِي (چاٻي) ڪم آڻڻي پوي ٿي ۽ 'جُهار' لاءِ 'شفٽ + ج' جي هڪ ئي وقت چاٻي ڪم آڻڻي پوي ٿي. جڏهن تہ ٿيڻ ائين کپي تہ 'جهہ' اکر جي ٽائيپ لاءِ 'شفٽ + ج' هڪ ئي وقت چاٻيءَ جو استعمال ڪجي، ۽ 'جهہ' جا اکرَ 'ج' ۽ 'هہ' جي الڳ الڳ چاٻي هڻڻ سان ٽائيپ ٿين! سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي شايع ٿيندڙ 'سنڌي ٻولي- تحقيقي جرنل' ۾ گهڻي ڀاڱي مذڪوره فونٽ ڪم آندو ويندو آهي، اختياريءَ وارن ان ننڍڙي مونجهاري تي ڪو توجہ ئي ڪونہ ڏنو آهي- ساڳيا لاٿون، ساڳيا چُکهہ!
- ايم. بي سنڌي ويب: هي فونٽ بہ اهم آهي، گهڻي ڀاڱي 'Microsoft Office Power Point' ۾ ڪم آندو ويندو آهي. هن فونٽ سان بہ ساڳي ويڌن آهي، جيڪا ايم. بي لطيفي سان آهي.

### 3.11.6.1. ايم. بي سنڌيءَ ڀٽاندر اهم چئن فونٽن جو جائزو

| ڪي بورڊ جو استعمال | ايم. بي لطيفي | لطيفي | ايم. بي ڀٽائي ستار | ايم. بي ء نڌي ويب |
|---|---|---|---|---|
| 'جهار' لاءِ شفٽ ۽ 'ج' جون گڏيل ڪيز استعمال ڪرڻ سان | جهار | جهار | جهار | جهار |
| 'جُهار' ۽ 'جڳهہ' لفظن لاءِ 'ج' ۽ 'هہ' ٻنهي جي الڳ استعمال ڪرڻ سان | جُهار/ جڳهہ | جُهار / جڳهہ | جُهار/ جڳهہ | جهار/ جڳهہ |
| 'سنهو'، 'ماٺهو' وغيره لاءِ 'ن' ۽ 'هہ' جي استعمال ڪرڻ سان | سنهو/ ماٺهو | سنهو / ماٺهو | سنهو/ ماٺهو | سنهو / ماٺهو |
| 'گرهاڪ' ۽ 'پڙهڻ' ۾ الڳ ڪيز استعمال ڪرڻ سان | گرهاڪ/ پڙهڻ | گرهاڪ/ پڙهڻ | گرهاڪ/ پڙهڻ | گرهاڪ / پڙهڻ |

مٿئين مختصر جائزي ڀٽاندر هيٺيان نڪتا سامهون اچن ٿا:

- ايم. بي لطيفي: هن فونٽ ۾ 'هہ' وينجن جي 'وچين' ۽ 'آخري' صورت نہ ٿي بيهي.
- لطيفي: هن ۾ 'ج' ۽ 'گ' کان سواءِ وچ ۾ وسرڳي 'ھ' جي صورت نہ ٿي بيهي.

- ايم. بي ٻنائي ستار: هن ۾ 'جهه' ۽ 'ج' + 'ه' جون صورتون بيشڪ آهن ليڪن ڪِي- بورڊ ۾ ابتيون رکيل آهن، جنهن سبب پرنٽ ميڊيا جا ماڻهو ان چال کان واقف ٿي نه سگهيا آهن.
- ايم. بي سنڌي ويب: هن فونٽ سان ساڳي ايم. بي لطيفيءَ واري ڪار آهي.
- منفصل اکرن جي حالت: 'گرهاڪ، برهمڻ، پڙهڻ، سيوهڻ' لفظن ۾ 'ره، ڙه ۽ وهه' جا اکر وسرڳ آهن، ليڪن ڪنهن به فونٽ ۾ اهڙي اکر بيهارڻ جي سهوليت ڪانهي.

بهرحال سنڌي سوفٽ ويئر جي فونٽن جي تمام وسيع دنيا آهي؛ جنهن تي، طول سبب، تفصيلي ڪم نه ٿو ڪري سگهجي. هت صرف مسئلي کي معلوم ڪرڻ لاءِ چند اهم فونٽ آڏو آندا ويا ته جيئن سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان هڪ ننڍڙي مسئلي جي اکيڙ ڪري سگهجي.

مسئلي جو بيان

ٻوليءَ جي ماهرن اکرن جون جيڪي صورتون ڏنيون آهن، سي گهڻي ڀاڱي گمراه ڪندڙ آهن. اکرن جون ڪل چار صورتون (سالم، شروعاتي، وچين، پڇاڙڪي) ٿينديون آهن، ڪهڙن اکرن جون مڙئي صورتون ٿينديون؟ ڪهڙن اکرن جون مڙئي صورتون ڪونه ٿينديون؟ عالمن ته 'الف' جون به چارئي صورتون ڄاڻايون آهن، ڪن وري هڪ اصول کي سامهون رکندي به ٽي صورتون ڏنيون آهن، جڏهن ته 'الف' جون صرف به صورتون (سالم ۽ پڇاڙڪي) ممڪن آهن. اهڙي قسم جا دائرا جوڙي پوءِ اکرن جون صورتون ڏيبيون آهن، اهو ڪجهه فن خطاطيءَ ۽ رسم الخط جي اصطلاح کي سمجهڻ بغير، ممڪن ڪونهي.

مٿين صورتن مان اهو اندازو ٿئي ٿو ته 'ه' اکر جي صورتن ۾ عالمن بغير ڪنهن ويچار جي 'ه' وينجن 'ھ' وسرڳي جون صورتون ملائي رکيون آهن؛ جيئن ته 'ھ' وسرڳيءَ جون صورتون صرف به (وچين ۽ آخري) ٿين ٿيون باقي 'ه' وينجن جو چارئي صورتون ٿينديون آهن؛ 'مختفي ه' جا روپ وري الڳ معاملو آهي. اڳيان استاد ان قسم جي ريچي کي نمايان ڪندا هئا ۽ درسي ڪتابن ۾ به اهڙي صورتخطي ڪم آندل هوندي هئي.

اڳيان استاد اکرن جا اهڙا ويڇا ڪتابن ذريعي ئي سمجهائيندا هيا؛ اهڙي سنڌي صورتخطي 'سنڌي پهريون ڪتاب 1956ع ۽ 1970ع' ۾ جاچي سگهجي ٿي، هرهڪ مان هڪ هڪ صفحي مان چند صورتخطيون ڏجن ٿيون:

سنڌي پهريون ڪتاب:

- وسرڳي 'ھ' جو استعمال: گهوڙا، وڄهندس.
- وچولي صورت ۾ 'ه' وينجن جو استعمال: پنهنجي، مُنهن، سهٽو، سهٽا، ڇهبڪ.
- مختفي 'ہ' جو استعمال: لاهِ، ڳاهُ، واهُ. (1956: 69)

سنڌي پهريون ڪتاب:

- وسرڳ جو استعمال: سانجهي، لنگهي، منجهي.
- وچولي صورت ۾ 'ھ' وينجن جو استعمال: ڪھڙي، وانھڙو. (1970: 5)

**مسئلي بابت چند سوال:**

? ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ بقا خاطر اکرن ۾ اڙجڻ جي ضرورت ڪھڙي آهي؟
? ڇا اسان جي عام پڙهندڙ ڪنهن مونجهاري ۾ ڪو غوطو کاڌو آهي؟
? ڇا عالمن پاران ڏنل صورتخطين ۾ اهڙو مونجهارو آڏو آيو آهي؟
? ڇا سنڌي سوفٽ ويئر ۾ فونٽن جي موجود مونجهارن کي ٽيڪنيشنس جي ليکي ۾ آٿبو؟
? ڇا ان ننڍڙي ۽ عام مسئلي کي مسئلو سمجهڻ ۽ ان کي حل ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جو اختياري ادارو ۽ درسي ڪتابن جي شايع ڪندڙ اداري جي ڪا خواهش (Will) نظر اچي ٿي؟
? ڇا درسي ادارن ۾ اکرن جي اهڙي ويڇي جو احتياط ڪيو ويندو آهي؟

هن معاملي تي تفصيلي ڪم ڪرڻ جي بيشڪ گهرج آهي، ليڪن هت اها ڳالھ بار بار ڪرڻي ٿي پوي ته انتهائي اختصار کان ڪم ورتو ويندو.

اپياس مان اهو واضح ٿيو آهي ته پراڻي سنڌي صورتخطيءَ کان وٺي هاڻوڪي صورتخطيءَ تائين 'ھ' اکر جا پنج (5) روپ ڪم آندا ويا آهن، جن جي تز استعمال جا ڪارج اڄ سوڌو ڪنهن عالم بيان نه ڪيا آهن. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي به 'ھ' جا نمونا ٻن ڪارجن لاءِ ڪم آڻڻ جي درست راءِ ڏني آهي، تنهن جو به اطلاق درسي توڻي عام ڪتابن ۾ ٿي نه سگهيو آهي؛ تنهن ڪان سواءِ 'وسرڳي ھ' کي منفصل اکرن (رھ) سان لکڻ يا نه لکڻ به هڪ اڻ- ڇھيل مسئلو رهيو آهي، جنهن سبب هِجي جا ڪافي مونجهارا آڏو آيا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي به ان مسئلي بابت واضح ڪونهي ۽ نه وري ڪنهن مونجهارا محسوس ڪيا آهن.

ڪي عالم ان خيال جا به آهن ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ وسرڳ جي لکڻ لاءِ اردو يا انگريزي وغيره جيان هڪ اصول رکڻ گهرجي، جنهن سان اکرن جو ٻُوجھ گهٽجي ويندو- اهو وري هڪ الڳ بحث آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتياتي مونجهارن جو ذڪر ڪندي وسرڳن جي لکاوٽ بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: "وسرڳي وينجنن 'گھ' ۽ 'جھ' ۾ ايندڙ 'ھ' ۽ وينجن 'ھ' جي اچار ۾ لکڻ جي حوالي سان ڪوبه فرق نه رکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري گهڻو ڪري ڪيترن لفظن جي درست

هِجي، صورتخطيءَ ۾، معلوم نہ ٿي ٿئي. جيئن تہ 'گهر' لفظ ۾ جيستائين زيرون- زبرون استعمال نہ ڪبيون تيستائين معلوم نہ ٿيندو تہ ان جو ڪهڙو مطلب آهي:

گهرُ= (مڪان، جڳهہ)

گهَرَ= (گهرو، اونهو)

گِهَرُ= (وڏيون جليبيون، مٺائيءَ جو قسم)

ساڳيءَ طرح:

جهارِ= (پکين جو وڳر)

جُهارَ= (ملاقات).

وسرگي وينجنن 'گهہ'، 'جهہ' ۽ 'هہ' جي وچ ۾ لکت ۾ فرق ڏيکارڻ جو هڪ آسان طريقو اهو آهي تہ وسرگي اچار جي حالت ۾ هميشه دو- چشمي 'ھ' کي 'گ' ۽ 'ج' سان جوڙي استعمال ڪجي (گھ، جھ) ۽ بين هنڌ، جتي 'هہ' وينجن جو اچار اچي، اتي دو- چشمي 'ھ' کي ڪڏهن بہ ڪتب نہ آڻجي." (1999: 190)

اهو ساڳيو تڪرو 'ٽماهي مهراڻ' ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ڪمپوزر ۽ پروف ريڊر توڙي ايڊيٽر 'ه ۽ ھ' اکرن سان جيڪا ويڌن ڪئي، سا ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي. (نفيس- ايڊيٽر، 1999: 89- 127)

ساڳي حالت سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي ڪتابن توڙي جرنلز جي آهي، جنهن ۾ اڄ سوڌو 'هہ' جي اکري روپن جو احتياط نہ ڪري سگهيا آهن ۽ نہ وري ڪا اهڙي خواهش (Will) نظر ٿي اچي؛ ظاهر آهي تہ درسي ڪتابن جو بہ حشر ساڳيو آهي. اهي شڪايت پريا ساڳيا لفظ جيئن جو تيئن تازو 'سنڌي ٻولي' جرنل (جون- 2012ع) ۾ ڇپيا، ليڪن اداري جي ڪارندن پاران حالت ساڳي رهي؛ جو اهم جڳهين تي بہ ڌيان ڌري نہ سگهيا.

عام طور اهو ئي تصور ڪيو ويندو آهي تہ سنڌي پڙهندڙ لاءِ اڄ تائين ڪو مونجهارو محسوس ئي ڪونہ ڪيو ويو آهي، ان صورت ۾ اهڙي خفي جي ڪهڙي ضرورت؟ اڄڪلهہ جديد دؤر آهي، ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪجي، اهڙن ننڍڙن مسئلن ۾ عام کي نہ ڦاسائجي تہ بهتر!

جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي ڳالهہ ٿي ڪئي وڃي تہ يقيناً اها سنڌي ماڻهن يا سنڌي سماج کان ٻاهر جي ڳالهہ هوندي. جڏهن اردو ٻوليءَ وارن کي سنڌي سيکارڻ يا پڙهائڻ جو معاملو ايندو، تہ انهن جي صورتخطيءَ ۾ بہ 'هہ' اکر جا ڪي سنڌا متعيّن ٿيل آهن؛ تہ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اردو ڳالهائيندڙن کي سنڌي صورتخطي ڪيئن پڙهائجي؟ ڇا اهي 'هہ' اکر جي اهڙي ڇڙواڳيءَ سبب مونجهارو محسوس نہ ڪندا؟

اها سڀ لاپرواهي يا ڪوتاهي عالمن جي ليکي ۾ ئي آئي سگهجي ٿي، جن اهڙن اکرن جي درست صورتن ۽ روپن تي درست رخ ۾ ڪم نہ ڪيو آهي؛ ظاهر آهي ٽيڪنيشنس تہ عالمن جي جوڙيل صورتن تي ئي عمل ڪندو. جڏهن عالمن جي جوڙيل صورتن ۾ چڪون آهن تہ سوفٽ ويئر ۽ فونٽن تي ڪم ڪندڙ ٽيڪنيشنس ۾ ساڳيون غلطيون بيشڪ سامهون اينديون.

ان کان علاوه لفظ 'گرهاڪ' جي صورتخطيءَ جو اهم مونجهارو سامهون آيو آهي جنهن ۾ 'رھ' وسرڳ آهي. جنهن ۾ منفصِل صورت سان لکجندڙ وسرڳ جي معاملي تي ڪم نہ ٿيڻ سبب غلط صورتخطي سامهون آئي آهي. (ڏسو: ڊاڪٽر الانا جي 'گراهڪ' واري صورتخطي، 2005: 213) لفظ 'گرهاڪ' جي ساڳي صورتخطي 'گراهڪ' سنسڪرت/ هنديءَ جي اثر سبب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي مرحوم پڻ ڇاٽائي آهي، جيڪا هندي ٻولين جي اپياس جو اثر ظاهر ڪري ٿي. (1980: 223) ان کان علاوه ساڳئي مسئلي هيٺ 'وراهڻ/ ورهائڻ' يا 'سيهوڻ/ سيوهڻ' وغيره جون صورتخطيون بہ سامهون آيون آهن.

منفصِل اکرن (ر، ڙ ۽ و) سان وسرڳ جي صورتخطيءَ جو هي مسئلو اهڙيون صورتخطيون ڏسي اهم سمجهڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ تہ ان سان پڙهندڙ ٻار ۽ غير تربيت يافتہ استادن لاءِ هِجي جو مسئلو بہ بيشڪ ٿيندو هوندو؛ جيئن: 'برهمڻ' جي هِجي ۾ ڪا ڳالهہ طئہ ئي ڪانہ ٿي سگهي آهي تہ 'ر' ۽ 'ھ' الڳ الڳ هِجي ڪبا يا 'رھ' هڪ وسرڳ طور هِجي ڪبو؟

مٿئين مسئلي هيٺ ضروري ٿي پيو آهي تہ اهڙن وسرڳن ۾ منفصِل اکرن سان 'وسرڳي ھ' جي شروعاتي صورت ڪم آندي وڃي، جنهن سان اهو واضح ٿي بيهندو تہ متعلقہ لفظ ۾ 'ھ' اکر جي صورت 'وينجن' واري نہ پر 'وسرڳي' آهي.

مٿين صورتن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ 'ھ' اکر جي صورتن ۾ عالمن بغير ڪنهن ويچار جي 'ھ' وينجن ۽ 'ھ' وسرڳي جون صورتون ملائي رکيون آهن؛ جيئن تہ 'ھ' وسرڳيءَ جون صورتون صرف بہ (وچين ۽ آخري) ٿين ٿيون باقي 'ھ' وينجن جو چارئي صورتون ٿينديون آهن. اڳيان استاد ان قسم جي ويڇي کي نمايان ڪندا هئا ۽ درسي ڪتابن ۾ بہ اهڙي صورتخطي ڪم آندل هوندي هئي.

مٿئين مختصر اپياس مان واضح ٿئي ٿو تہ اهي ننڍڙا مسئلا ڪي گجها ڪونهن، جن تي ڪو نئين سِري سان اپياس ڪيو وڃي. ڪافي عالمن جزوي طور تي انهن معاملن تي ويچار ونديا آهن، جنهن سان ڪي بہ اختلاف سامهون نہ ٿا اچن. ان صورت ۾ سوال ٿا اڀرن تہ پوءِ اسان جا علمي ادارا: 'سنڌي لئنگويج اٿارٽي'، 'سنڌي ادبي بورڊ' ۽ 'سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ' جا صاحب اختيار

### 3.11.8. حاصل مطلب ۽ ترجيحي صورتون

- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهہ وسرڳ (ڀ، ٿ، ٽ، جهہ، ڇ، ڌ، ڍ، ڦ، ک، گهہ) پنيءَ ۾ پڙهايا ويندا آهن، پنجن (مهہ، نهہ، لهہ، ڻهہ، ڙهہ) جو تصور پرائيمر ذريعي ڏنو ويندو آهي.
- ڄاڻايل پندرهن وسرڳن کان علاوه پنج وسرڳ 'ڏهہ، ڇهہ، رهہ، وهہ، ههہ' اڀياس هيٺ رهيا، تن ۾ 'رهہ' وسرڳ ان حوالي سان به اهم سمجهجي ٿو جو ان سان چند سنڌي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ مونجهارا محسوس ڪيا ويا آهن. ان لاءِ آئيوينا يا صورتخطيءَ ۾ پڙهائڻ انتهائي ضروري آهي.
- صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'هہ' وينجن ۽ 'ھ وسرڳيءَ' جي استعمال جو احتياط رکڻ گهرجي.
- 'هہ' اکر ۽ ان جي ٻين روپن(ھ، ہ، ـہ، ـ) ۾ محتاط رهڻ لاءِ سنڌي ڪمپوزنگ جي اصلاح ضروري آهي.
- ان اهڙي اصلاح سان غير سنڌي ماڻهن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي مونجهارن کي به گهٽائي سگهجي ٿو.

مٿئين مختصر اڀياس بعد ترجيحي صورتن لاءِ اخذ ٿيل لفظن بابت راءِ رکجي ٿي:

| ڪم ايندڙ مختلف صورتخطي | ترجيحي صورت (۽ اشارو) |
|---|---|
| ويراهڻ/ وراهڻ/ ورهائڻ | ورهائڻ (ھ وسرڳي) |
| نل / نلهہ | نلهہ (ھ وسرڳي) |
| ڇهبڪ/ ڇابڪ | ڇهبڪ (هہ وينجن) |
| ڇہ/ ڇهہ | ڇهہ (پنو وسرڳ) |
| *گهڻ (مهڻ) ۽ گهڻ (انداز)* | گهڻ (مهڻ) ۽ گهڻ (انداز) {معنوي فرق} |

********************

### 3.12. وسرڳ سان مشابهت رکندڙ اکرن ۾ وينجن 'هہ' جو معاملو

#### 3.12.1. اٺارنهيءَ پاران متعيّن ترجيحي صورت جو اڀياس

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون؛ جنهن ۾ ترجيحي صورت لاءِ سُمهڻي/ سومهڻي جو لفظ بہ عالمن آڏو رکيل هيو، جنهن جي هيٺين صورت متعيّن ڪئي وئي:

سُمهڻي = سومهڻي (صحيح) (جويو، 1999 الف: 71- 73)

مذڪوره لفظ جي متعيّن ڪيل ترجيحي صورت مان اندازو ٿئي ٿو تہ متعلقہ عالمن جي نظر سُمهڻي/ سومهڻي لفظن مان 'سُ ۽ سو' تي مرڪوز رهي. ان حوالي سان اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ اهو معاملو سنڌي ٻوليءَ جي لهجاتي فرق جو آهي، بيشڪ ان صورت ۾ لفظن جون اهڙيون صورتون، ترجيحي صورت لاءِ، ٻوليءَ جي عالمن اڳيان رکيون وينديون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ پنج وسرڳ: مهہ، نهہ، لهہ، ڻهہ، ڙهہ پرائيمر ذريعي پڙهايا ويندا آهن ۽ 'هہ' اکر الڳ سان آئيوڻا ۾ پڙهايو ويندو آهي. مذڪوره لفظن ۾ سوال اهو ٿو اڀري تہ لفظ 'سُمهڻي يا سومهڻي' ۾ 'هہ' جو ڪردار ڪهڙو آهي؟

- ؟ ڇا مذڪوره لفظ ۾ 'هہ' جو ڪردار وينجن وارو آهي؟
- ؟ ڇا مذڪوره لفظ جي صورتخطي توڙي هِجي وسرڳ 'مهہ' سان ٿيندي؟

اهو مسئلو ڪٿي ڪيترو بہ ننڍو هجي، ليڪن علمي طور تي اڳتي هلي ڪنهن نہ ڪنهن جڳهہ تي ڪَرُ ضرور ڪڍندو!

اهو اهڙو مسئلو لهجاتي فرق کان هٽي ڪري هڪ اصولي مسئلو آهي، جنهن تي ٻوليءَ جي ماهرن کي غور ڪرڻ گهرجي. ان اهڙي مسئلي تي اصولي طور ڪم ٿيڻ بعد ٻوليءَ جي لهجي ۾ تورڻ روا آهي تہ مذڪوره لفظ ۾ 'سُ' هجي يا 'سو'!

مذڪوره لفظن جي صورتخطيءَ ۾ مونجهاري جو سبب 'هہ' وينجن ۽ 'هہ' وسرڳيءَ جي درست استعمال بابت اختياريءَ وارا (ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ) سنجيده ناهن. جڏهن اسان جا درسي ڪتاب ئي سنوارجي نہ سگهيا آهن تہ پوءِ آئيندي مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري معرفت سفارش ڪيل لفظ 'سومهڻيءَ' جي صورتخطيءَ تي ٿي نظر ڌرجي، جنهن جي اچارن جي حقيقت سمجهڻ بنا درست صورتخطيءَ جي سفارش بيڪار آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مڙني ماهرن ٻوليءَ جي بنسبت اهو تہ تسليم ڪري ورتو تہ آئيوڻا ۾ ڄاڻايل ڌهن وسرڳن ڪان سواءِ 'ٺهہ، نهہ، لهہ، مهہ، ڙهہ' بہ وسرڳ آهن، جن جو استعمال 'سنڌي پرائيمر' ۾ پڻ ڪيل آهي. ظاهري طور لفظ 'سومهڻيءَ' ۾ عالمن جي خيال موجب [مهہ] جو آواز وسرڳ جي صورت هوندو، ليڪن آوازن جي بنيادن تي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ لفظ 'سومهڻي' ۾ 'م' الڳ ۽ 'هہ' الڳ آواز آهن، وسرڳ نہ آهي؛ البتہ 'هہ' جو 'م' سان جزم ذريعي ملڻ سبب اهو مونجهارو پيدا ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو. مذڪوره لفظ جي صورتخطي 'سومَهڻي' (هہ تي جزم) ٿي ٿيندي.

### 3.12.2. اوسرڳ اکرن سان 'وسرڳي هہ' ۽ 'وينجن هہ' جو تقابل

هيٺ اهڙن لفظن جي درست صورتخطيءَ جي راءِ رکجي ٿي، جيڪي پرائيمر ذريعي پڙهائجندڙ وسرڳن 'ٺهہ، نهہ، لهہ، مهہ، ڙهہ' ۽ ڪن لفظن ۾ ڪم ايندڙ 'رهہ' سبب مونجهاري جو امڪان رکن ٿا:

- 'ڻ' سان 'هہ' وينجن جو استعمال:

| عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
|---|---|
| پالڻهار | پالڻهار |
| خلقڻهار | خلقڻهار |
| سرجڻهار | سرجڻهار |

- 'ن' سان 'هہ' وينجن جو استعمال:

| عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
|---|---|
| نهارڻ | نهارڻ |
| جنهر | جَنهر (پراڻو) |
| نهڪر | نَهڪر وغيره. |

نون اظهاريءَ بعد ڇيڇن تي ڳڻڻ جيترا لفظ هوندا جن بعد 'هہ' وينجن جو استعمال ٿئي ٿو، ٻي صورت ۾ 'نهہ' وسرڳ جو استعمال عام آهي. اکرن جي اهڙي صورت جو اندازو لفظ جي اُچار مان ڪري سگهجي ٿو.

• 'نون گهٽي' سان 'ھ' وينجن جو استعمال:

| عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
| --- | --- |
| سونهن | سونھن |
| ڏانهن | ڏانھن |
| چنهنب | چنھنب |
| ٻانهن | ٻانھن |
| پنهنجو | پنھنجو |
| منهن | منھن |
| جنهن | جنھن |
| ڪنهن | ڪنھن وغيره. |

عام طور تي سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ اهو نڪتو واضح ٿي بيٺو آهي ته 'نون گهُٽي' بعد وسرڳي 'ھ' جو استعمال نہ ٿو اچي؛ ان صورت ۾، سنڌي صورتخطيءَ ۾، نون گهُٽي بعد 'ھ' وينجن جو اکر لکڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ 'نھ' جو وسرڳ وينجن چاٽڻ وارو امڪان پيدا ٿي سگهي ٿو.

• 'ل' سان 'ھ' وينجن جو استعمال:

| عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
| --- | --- |
| لهڻ | لھڻ |
| لهجو | لھجو |
| لهر | لَھر |
| لهٽو | لھٽو |
| لهڪارجڻ | لھڪارجڻ وغيره. |

مٿين حالتن ۾ 'ل' سان گڏ 'ھ' وينجن جو استعمال ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ 'لھ' وسرڳ جي صورت وٺي بيهندو.

• 'م' سان 'ھ' وينجن جو استعمال:

| عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
| --- | --- |
| سومهٽي | سومھٽي |
| مهل | مھل |

| | |
|---|---|
| مهرباني | مھرباني |
| مهراڻ | مھراڻ |
| مهاڳ | مھاڳ وغيره. |

مٿين حالتن ۾ 'م' سان گڏ 'ھ' وينجن ڪم آڻڻ گھرجي، ٻي صورت ۾ اچارڻ مهل 'مھ' وسرڳ پانيو ويندو.

- 'ر' سان 'ھ' وينجن جو استعمال: 'ر' سان 'ھ' وينجن اچڻ ۾ غلطيءَ جو امڪان ڪونهي.
- 'ڙ' سان 'ھ' وينجن جو استعمال: 'ڙ' سان 'ھ' وينجن اچڻ ۾ غلطيءَ جو امڪان ڪونهي.

عربي- سنڌي آئيوڊيٽا ۾ اکرن جي صورت ۾ 'ٻيڪن' ۽ 'وسرڳي ھ' جو گڏيل استعمال ان لحاظ کان به مناسب آهي، جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ به آهن جن ۾ وسرڳ سان گڏ وينجن ھ جو به استعمال ٿئي ٿو، جڏهن 'وينجن ھ' ۽ 'وسرڳي ھ' جي استعمال ۾ محتاط ٿي ڪونه سگهيا آهيون ته پوءِ ٻنهي 'ھ' کي ڪيئن سنڀالجي ها! بهرحال هيٺ اهڙا لفظ رکجن ٿا جيڪي 'ھ وينجن' سان لکڻ گهرجن:

### 3.12.3 وسرڳن سان 'ھ' وينجن جو استعمال

| وسرڳ | عام صورت | اچار سبب، ترجيحي صورت |
|---|---|---|
| ٽ | ٽهر ڪرڻ | ٽھَر ڪرڻ |
| ٿ | ٿهڻ، ٿهڪڻ | ٿھڻُ، ٿھڪڻ. |
| ڇ | ڇهڻ | ڇُھڻُ. |
| ڦ | ڦهڪائڻ | ڦھڪائڻ |
| ک | کِهہ، کَهرو | کھ ، کَھرو. |

ياد رهي ته 'ڇهہ' خود وسرڳ آواز آهي.

### 3.12.4 حاصل مطلب

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ھ' جا ٻه روپ (وينجن ھ ۽ وسرڳي ھ) عام استعمال ڪيا ويندا آهن؛ ليڪن درسي ڪتابن ۾ ويڇي نه رکڻ سبب، ڪنهن حد تي مونجهارا محسوس ڪيا ويا آهن.
- ڪنهن لفظ جي وچ ۾ 'وسرڳي ھ' اچڻ سبب اهو مونجهارو ٿئي ٿو ته پڙهڻ/ هِجي ۾، ان اکر جي حيثيت اڪيلي وينجن واري آهي يا ٻئي لاڳاپي رکندڙ اکر (Digraph) سان ملي وسرڳ جي صورت ۾ آهي، جيئن: سومهٽي/ سومھٽي

- متّصل اکرن سانِ ’وسرڳي ﮨ‘ جي جوڙ سبب (ٺھ، نھ، لھ، مھ) اهو مونجهارو سامهون اچي ٿو، جهڙوڪ: پالٺهار/ پالٺھار، نهارڻ/ نھارڻ، لهٽو/ لھٽو، مهارت/ مھارت. ان صورت ۾ ’ھ وينجن‘ جو استعمال ٺي بهتر آهي، ٻي صورت ۾ اڳئين متصّل اکر سبب ’وسرڳ‘ ڄاتو ويندو.
- ’ھ وينجن‘ جو منفصل اکرن (ر، ڙ، ڏ) سان اهڙو مونجهارو ڪونہ ٿو ٿئي.
- وسرڳ آوازن سان ’وينجن ھ‘ جي استعمال ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي، جيئن: ٿھر ڪرڻ، نھڻ، ڇھڻ، ڦھڪائڻ، ڪھرو وغيره.

❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊❊

جنهن جي معنيٰ آهي، 'لڪل يا ڳجهو هي جو آواز'. سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ هن جي ڪردار سبب، ڪيس 'نيم سُر' جي گروه ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

### 3.1.3 مُختفي هـ' جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ استعمال

هي حرف سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ 'الله'، 'هميشه'، 'فاطمه' ۽ 'عليه السلام' جهڙن عظمت ڀَرين لفظن ۾ ڪم ايندو آهي، ۽ وينجن توڙي سرَ جي آميزشي آواز لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جنهن ڪي نيم سرَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. هي اڪر پڻ ڪنهن لفظ جي آخر ۾، پر متصّل صورت ۾ ڪم ايندو آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ هن جي مناسب استعمال نہ ڪرڻ سان لفظ بي- زيبو محسوس ڪيو ويندو آهي، مثلاً: هميشہ، هميشھ، هميشـھ، هميشہ، هميش ہ، هميشه جي صورتن ۾ منهنجي ذاتي خيال ۾ ان لفظ جي مختلف صورتن مان سڀ ان راءِ تي بيهندا تہ 'هميشه' جي صورت ئي مناسب آهي؛ ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ مروّج پڻ ٿي چڪي آهي.

### 3.1.4 مُختفي ـہ' جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ استعمال

هن 'مختفي هي' (ـہ) جي حرف ڪان مختلف اعرابن جو ڪم بہ ورتو ويندو آهي، اڪثر زبر طور متحرڪ بڻائڻ لاءِ يا ٻيو سر ڳنڍڻ لاءِ ڪم آڻجي ٿو؛ جيئن: نہ، تہ، وجہ؛ ملڪہ ترنم. هي اڪر پڻ متصّل صورت ۾ ڪنهن لفظ جي آخر ۾ ڪم آندو ويو آهي.

- زبرسان: ٻہَ، تہَ، نہَ، ڇهہَ، سورهيہَ، ورهيہَ، مڪيہَ.
- زيرسان: ٻہِ.
- پيش سان: مَٺہُ، ڪَٺہُ، ڇَٺہُ، ، پلئہ، مڪيہُ، سورهيہُ، ورهيہُ . . .
- زيراضافت/ وچٿري ڊگهي سُرطور: بلڪہ، طئہ، قئہ . . .
- ڊگهي سُر طور: متفرقہ، وابستہ، محترمہ، آهستہ، وجہ، خدا نخواستہ . . .

### 3.1.5 ترجيحي صورتون

مٿئين مختصر اڀياس بعد هيٺين لفظن جي ترجيحي صورتن لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| لفظ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| درياھ/ درياهُ | درياه |
| نواب شاھ/ نوابشاھ، | نوابشاه |
| وابستہ/ وابستا | وابستہ |
| طئي/ طي | طئہ |
| مڪہ/ مڪيہ | مڪيہ |

**************

# باب چوٿون

## وياڪرڻي معاملن جو اڀياس

(فعل جون ماضي ۽ اسم مفعول صورتون: مرڪب لفظ ملائي يا الڳ لکڻ)

### 4.1. مصدرن/ فعل جون ماضي ۽ اسم مفعول صورتون

#### 4.1.1. مسئلي جي نوعيت

سنڌي ٻوليءَ ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪافي ڳالهيون اڄا سوڌو مونجهاري ۾ ورتل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. 'سنڌي ٻئين ڪتاب' لاءِ 'گروپ ٽئين' ۾ جيڪي لفظن جون درست سفارشون ڏنل هيون، تن ۾ هت صرف هيٺ ڏنل هڪ لفظ يعني فعل جي ڪردنت (اسم مفعول) تي ٻيهر نظر رکي چند ڇاڻ ڪجي ٿي:

"سنڌي ٻيون ڪتاب (گروپ ٽيون): چِڱل = چِنل (صحيح)" (تاج، 1999 الف: 71- 73)

اهڙي قسم جا ننڍڙا مسئلا بہ بين الاقوامي تحقيق جي اصولن موجب ٿيڻ کپن! اصل مسئلو پڙهڻ پڙهائڻ وارن جو آهي، جنهن ۾ شاگرد ۽ استاد اچي وڃن ٿا. ان حوالي سان ڪم ٿئي ڪونہ ٿو، آخرڪار مخصوص ماڻهن جي راءِ ڪي پوري ٻوليءَ تي مڙهيو ويندو آهي.

ڇاڻايل سفارش ۾ شايد 'ڇڄڻ/ چنڻ' فعل مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'ڇِڱل' ۽ 'چِنَل' لفظن مان 'چِنَل' لفظ ڪي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي؛ ترجيح ڪهڙن اصولن يا بنيادن تي رکي وئي يا اهڙي ترجيح ۾ ذاتي راءِ ڪي بہ اهميت آهي يا نہ! ان جو ڪوبہ تفصيل ڇاڻايل ڪونهي.

فعل ۽ ان جي ماضي مطلق جي ڦيري ۾ آوازن جي مٽاسٽا واري معاملي تي ڊاڪٽر فهميده حسين هڪ مضمون لکيو ۽ ان ۾ مذڪوره فعل پڻ ڪم آندو هو، جيڪو هن ريت آهي:

"ڇڄڻ مان چنو". (فهميده، 2009: 19- 30)

ان دعوت فڪر بعد راقم هڪ مضمون لکيو هو، جيڪو سنڌي ٻولي جرنل ڊسمبر 2009ع ۾ ڇپيو. ان مضمون جي فوٽ نوٽ ۾ هن لفظ بابت ڊاڪٽر فهميده حسين باريڪ بينيءَ سان پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿي تہ: "جيتوڻيڪ 'ڇِڱل' ۽ 'چِنل' لفظ ساڳي معنيٰ ۾ مروج آهن پر انهن ۾ ٿورڙو معنوي فرق پڻ ڪيو ويندو آهي. 'ڇڄڻ' ۽ 'چنڻ' بہ ڌار مصدر آهن. هڪڙي مان لازمي تہ ٻئي مان متعدي فعل نهندا آهن. ڇِڄڻ مان 'ڇِڄ' ۽ چنڻ مان 'چِن' فعلي امر نهندا. 'ڇِڄڻ' مصدر مان 'ڇِڱل'

ازخود ڇڇي ويل واري معنىٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ 'ڇنل' (ڪنهن طرفان ڇڪي) 'ڇنڻ' جي مفهوم وارو ڪردنت آهي." (جوکيو، 2009: 35- 49)

مٿئين قسم جي مسئلي جي اهميت کي محسوس ڪندي ڊاڪٽر فهميده حسين چاٺائي ٿي تہ: "اسان وٽ مختلف فعلن جا ڪردنت (participle) ناھڻ مھل محض رٽي يا يادگيريءَ تي ڀاڙيو وڃي ٿو: ڪي اصول طئي ڪري لساني يا صوتي (phonetic) سبب چاٺائي لفظن جي جوڙجڪ نٿي سمجهائي وڃي." (فهميده، 2009: 19- 30)

ڪا متعيّن جوڙجڪ نہ هجڻ واري ڳالھ گريئرسن هن ريت ڪئي آهي تہ: "هرڪنهن ديسي آريائي ٻوليءَ ۾ ٻي قاعدي اسم مفعولن جو ڪجھ تعداد هوندو آهي پر سنڌيءَ ۾ مشرق طرف جي ٻين ٻولين کان اهو تعداد وڌيڪ آهي." (گريئرسن، 2000ع: 117)

گريئرسن سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪافي لفظ 'امر' جي صورت ۾ فعل جي عنوان سان ۽ ان جون 'ماضي مطلق' واريون صورتون اسم مفعول جي عنوان سان ڊاڪٽر ٽرومپ جي آڌار تي ڏنيون آهن، جيڪي انگريزيءَ جي Irregular verbs وانگر آهن، ليڪن انهن جو تعداد ڪوڙ ساٺرو ٿي وڃي ٿو.

گريئرسن لکي ٿو تہ جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ 'ڻ' هجي، انهن جو اسم مفعول ناھڻ مھل اھا 'ڻ' ڪڍي ڇڏبي آهي ۽ 'او' ملائبو آهي يا 'يو'؛ مثال طور:

سُڻ- سئو، هَڻ- هنيو، ڪَڻُ- ڪنيو، وِڪڻ- وڪيو

پر جن ڌاتن جي پڇاڙيءَ ۾ حرف علت هجي تہ انهن ۾ 'تو' ملائبو آهي: جيئن:

پي- پيتو، لاء- لاتو، پُوء- پُوتو

جن ڌاتن جي آخر ۾ 'چ' ۽ 'پ' هجن تہ آخري حرف ڪيرائي، ان ۾ 'تو' ملائيندا آهن:

پَرچ- پرتو، رَچ- رتو، ڪُپ- ڪُتو، ڪَپ- ڪَتو. (فهميده، 2009: 19- 30)

ڊاڪٽر فهميده حسين ان مسئلي جي ماهيت تي لکي ٿي تہ : "هاڻي جيڪڏهن اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ سمجهاڻيون ڪونہ هونديون تہ مادري توڙي غير مادري ٻوليءَ طور سنڌيءَ جي سکيا ۾ ايتري ڪاميابي ڪانہ ملندي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي گرامر جي ڪتابن ۾ اهڙي ڪا ڳالھ ڪانهي ۽ ٻار منجهي ٿا پون.

مثلاً: ٻُجهڻ مان ٻُڳو، ٻُجهڻ مان ٻُڳو، تہ وري پِجهڻ مان پِنو، يا ڪَجهڻ مان ڪنيو ۽ ساڳي طرح ڇِجهڻ مان ڇِنو، نيئڻ مان نيئو، تہ پوءِ پيئڻ مان پيتو ۽ وري ڏيڻ مان ڏنو، ڇو؟

پَچڻ مان پڪو، نچڻ مان نچيو، رچڻ مان رتو، تہ وري اچڻ مان آيو، آخر سيئي مختلف چو؟ ڍاپڻ مان ڍائو يا ڍاپيو نهن تہ ڌائڻ مان ڌاتو چو ٿو نهي؟ " (فهميده، 2009: 19- 30)

### 4.1.2. فعل ۽ انهن جون ڦرندڙ گهرندڙ ماضي مطلق ۽ اسم مفعول صورتون

هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'فعل' انهن جون 'ماضي مطلق' ۽ 'اسم مفعول' واريون ڦرندڙ گهرندڙ صورتون ورهائي سامهون رکجن ٿيون تہ جيئن ان صوتياتي ڦيري واري مسئلي تي ڪي اصول ڳاهڻ ۾ لسانيات جي ماهرن کي آساني ٿئي:

1. 'ڳ' آواز ۾ تبديلي:

- پڄُ- پڄڻ- پڳو- پڳل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پڄُ | پڄَڻ | پڳو | پڳَلُ | پنلُ |
| پَڄُ | پَڄَڻ | پَڳو | پَڳَلُ | پَنلُ ؟ |
| پُڄُ | پُڄَڻ | پُڳو | پُڳل | پُنل |
| ڊِڄُ | ڊڄَڻ | ڊِڳو | ڊِڳل | (ڊِنو) ڊِنل |
| ٻُڄُ | ٻُڄَڻ | ٻُڳو | ٻُڳل | (ٻُنو) ٻُنل |
| سُڄُ | سُڄَڻ | سُڳو | سُڳل | سڄيل |
| ڇڄُ | ڇڄَڻ | ڇڳو | ڇڳل | ڇڄيل |

❖ ماضي مطلق ۽ اسم مفعول جي صورت ۾ [ڄ] > [ڳ] آواز ۾ مٽجي ٿو.

ڊاڪٽر فهميده حسين جو رايو آهي تہ " 'ڊِڄڻ' مصدر مان عام طور ماضي مطلق 'ڊِنو' ٿهندو. ساڳئي اصول موجب: 'ڊِنل' " (جوکيو، 2009: 35- 49)

<u>*ساڳيو لفظ 'ڳ' آواز ۾ تبديليءَ سان گڏوگڏ، هيٺ 'ن' آواز ۾ تبديليءَ واري گروهہ ۾ پڻ ڄاڻايل آهي، ترجيحي صورت لاءِ گهڻي استعمالي گروهہ ۽ وچولي جي ٻوليءَ جي راءِ کي ترجيح ڏئي سگهجي ٿي.*</u>

نوٽ: ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا فعل بہ اچن ٿا جيڪي پنهنجي صورت نہ ٿا مٽائين؛ جيئن:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪَڄُ | ڪَڄڻ | ڪڄيو | ڪڄيل | ڪنيَل |

مذڪوره مثال 'ڇڄڻ' ۽ 'ڇنڻ' جيان فرق رکي ٿو؛ ڪٽڻ مان مراد 'هٿ سان ڪٽڻ'، جڏهن تہ 'ڪڄڻ' مان مراد 'ٻئي جي هٿاران ڪڄڻ' آهي. فرق صرف ايترو آهي تہ 'ڇڄڻ' پنهنجي ماضي مطلق واري

عام طور تي 'چِنڻ' مصدر مان 'چِڳل' لفظ اسم مفعول طور ورتو ويندو آهي، ليڪن ڊاڪٽر فهميده حسين جي راءِ مطابق 'چِنڻ' مصدر مان 'چِنل' ۽ 'چِجڻ' مصدر مان 'چِڳل' ڪم آڻڻ گهرجي؛ سندس راءِ بيشڪ وزنائتي آهي.

فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽي بالواسطه:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| چِناءِ/ چِنراءِ | چِنائڻ/ چِنرائڻ | چِنايو/ چِنرايو | چِنايل/ چِنرايل | |

○ 'ڳ' جو آواز پنهنجي صورت نه ٿو مٽائي، مثلاً:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| لَڳ | لڳڻ | لڳو | لڳل | ـ |

فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽي بالواسطه:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| لڳاءِ/ لَڳراءِ | لڳائڻ/ لَڳرائڻ | لڳايو/ لڳرايو | لڳايل/ لڳرا يل | |

## 2. 'ن' آواز ۾ تبديلي:

○ 'ڄ' جو آواز ٻي صورت ۾ 'ن' ۾ به مٽجي ٿو:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پِڄُ | پِڄڻ | پِنو | پِنل | پِڳل |
| ڏِڄُ | ڏِڄڻ | ڏِنو | ڏِنل | ڏِڳل |
| پُڄُ | پُڄڻ | پُنو | پُنل | پُڳل |

ڊاڪٽر فهميده حسين جي راءِ آهي ته 'ڏِڄڻ' مان 'ڏِنل' واري صورت ئي اسم مفعول ٿيندي.

فعلي صورت بالواسطه/ ٻنو بالواسطه:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پِڄاءِ/ پِڄراءِ | پِڄائڻ/ پِڄرائڻ | پِڄايو/ پِڄرايو | پِڄايل/ پِڄرايل | |
| ڏيڄاءِ/ ڏيڄارِ | ڏيڄائڻ/ ڏيڄارڻ | ڏيڄايو/ ڏيڄاريو | ڏيڄايل/ ڏيڄاريل | |
| پُڄاءِ/ پُڄراءِ | پُڄائڻ/ پُڄرائڻ | پُڄايو/ پُڄرايو | پُڄايل/ پُڄرايل | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سهاءِ | سهائڻ | سهايو | سهايل | |
| گهراءِ | گهرائڻ | گهرايو | گهرايل | |
| ويهارِ | ويهارڻ | ويهاريو | ويهاريل | |
| ٻيهارِ | ٻيهارڻ | ٻيهاريو | ٻيهاريل | |

○ وَسُ- وسڻ- وٺو- وُٺل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَسُ | وَسڻ | وُٺو | وُٺل | وَسيلُ |
| رُسُ | رُسَڻ | رُٺو | رُٺلُ | (رُسيو) رُسيل |
| ڏِسُ | ڏسڻ | ڏٺو | ڏٺل | ڏسي ويل |

متين ڄاڻايل مصدر ۾ ’س‘ جو آواز > ’ٺ‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَساءِ/ وسراءِ | وَسائڻ/ وسرائڻ | وسايو/ وسرايو | وسايل/ وسرايل | |
| رُساءِ، رُسائڻ، رُسايو، رسايل. (مستعمل ناهي) | | | | |
| ڏيکارِ | ڏيکارڻ | ڏيکاريو | ڏيکاريل | |

4. ’ي‘ وينجن ۾ تبديلي:

○ وَڄ- وڃڻ- ويو- ويل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وَڃُ | وڃڻ | ويو | وِيلُ | وڃيل |
| اَچُ | اچڻ | آيو | آيلُ | اچي ويل |
| هُجُ | هجڻ | هيو | هُيَل/ هئل | هوندل |

متين ڄاڻايل مصدر ۾ ’ڃ‘، ’چ‘ ۽ ’ج‘ جا آواز > ’ي‘ وينجن ۾ تبديل ٿين ٿا.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وِڄاءِ | وِڄائڻ | وڄايو | وڄايل | ... |
| آڻ | آڻڻُ | آندو | آندل | آڻيل |
| ... | ... | ... | ... | ... |

مٿيون فعلي بالواسطي صورتون ڏولامل ٻولچند ڄاڻايون آهن. (Bulchand, 2003: 132, 134)

- ○ ڪَر- ڪرڻ- ڪيو- ڪيل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪَر/ ڪرِيو | ڪرڻ | ڪَيو | ڪيل | ... |

'ر' جو آواز > 'ي' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪراءِ | ڪرائڻ | ڪرايو | ڪرايل | |

پِئُ- پوڻ- پيو- پيل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| چِئُ | چوَڻ | چَيو | چيَل | |
| پِئُ | پوَڻ | پَيو | پيَل | پئجي ويل |

'ء' جو آواز > 'و' يا 'ي' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| چوِراءِ | چوِرائڻ | چوِرايو | چوِرايل | |
| پوِراءِ/ پَواءِ | پوِرائڻ/ پَوائڻ | پوِرايو/ پَوائِيو | پوِرايل/ پَوايل | (هي مثال ٻوليءَ ۾ گهڻو مروّج ڪونهي.) |

- ○ 'ٻ، ر، ڙ، س، ڳ، ل' جي صورت ۾ 'ي' جو اضافو ڪيو وڃي ٿو:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڏَٻ | ڏَٻڻ | ڏٻيو | ڏٻيل | ؟ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| نِسرُ | نسرڻ | نسريو | نسريل | نسري ويل |
| سَنجرُ | سَنجرڻ | سَنجريو | سنجريل | سنجرجي ويل |
| پُورِ | پورڻ | پوريو | پوريل | ؟ |
| چوڙِ | چوڙڻ | چوڙيو | چوڙيل | چُڙيل |
| کَسِ | کَسڻ | کَسيو | کسيل | ... |
| کُسُ/ کُسجُ | کُسڻ | کسيو | کُسيل | کُٺل/ کسجيل ؟ |
| تَڳُ | تڳڻ | تڳيو | تڳيل | ؟ |
| اَلُ | الڻ | اليو | اليل | ؟ |

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| دٻاءِ/ دٻراءِ | دٻائڻ/ دٻرائڻ | دٻايو/ دٻرايو | دٻايل/ دٻرايل | |
| نسراءِ | نسرائڻ | نسرايو | نسرايل | |
| سنجراءِ | سنجرائڻ | سنجرايو | سنجرايل | |
| پوراءِ | پورائڻ | پورايو | پورايل | |
| چوڙاءِ | چوڙائڻ | چوڙايو | چوڙايل | |
| کُسراءِ | کسرائڻ | کسرايو | کسرايل | |
| تڳراءِ | تڳرائڻ | تڳرايو | تڳرايل | |
| الراءِ، اَلرائڻ (مستعمل ناهي) | | | | |

آخري وينجن آواز 'ر' 'ءِ' 'ڙ' سبب ٻڻي بالواسطہ فعلي صورت ڪونہ ٿي ٿئي.

## 5. 'ڏ' آواز ۾ تبديلي:

- وِجهُ- وجهڻ- وِڌو- وڌل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وِجهُ | وِجهڻ | وِڌو | وِڌل | وجهيل |
| رِيجهُ | ريجهڻ | ريڌو | ريڌل | ريجهل |
| مُنجهُ | مُنجهڻ | مُنڌو | مُنڌَل | منجهيل |
| ٻَجهہ | ٻَجهڻ | ٻڌو | ٻَڌل | ٻجهيل |

مٿين ڇاڻايل مصدر ۾ 'جھ' جو آواز > 'ڏ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻڌو بالواسطہ:

| اسم مفعول/ ٻي صورت | اسم مفعول/ عام صورت | ماضي مطلق | فعلي مصدر | فعلي امر |
|---|---|---|---|---|
| | وجھرايل | وجھرايو | وجھرائڻ | وجھراءِ |
| | ريجھايل | ريجھايو | ريجھائڻ | ريجھاءِ |
| | منجھايل | منجھايو | منجھائڻ | منجھاءِ |
| | ٻجھايل | ٻجھايو | ٻَجھائڻ | ٻَجھاءِ |

○ ڏُھ- ڏُھڻ- ڏڌو- ڏڌل.

| اسم مفعول/ ٻي صورت | اسم مفعول/ عام صورت | ماضي مطلق | فعلي مصدر | فعلي امر |
|---|---|---|---|---|
| ڏھيل | ڏڌل | ڏڌو | ڏُھڻ | ڏُھُ |
| . . . | ڀَڌل/ جڌل | ڀڌو / جڌو | ڀَھڻ/ جھڻ | ڀھُ/ جَھ |
| ڳنھيل | ڳڌل | ڳڌو | ڳنھڻ | ڳنھ |
| لھيل | لڌل | لڌو | لَھڻ | لَھ |

'ھ' جو آواز > 'ڌ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻڌو بالواسطہ:

| اسم مفعول/ ٻي صورت | اسم مفعول/ عام صورت | ماضي مطلق | فعلي مصدر | فعلي امر |
|---|---|---|---|---|
| | ڏھرايل | ڏھرايو | ڏھرائڻ | ڏھراءِ |
| | ڀھرايل | ڀھرايو | ڀھرائڻ | ڀھراءِ |
| | ڳنھايل | ڳنھايو | ڳنھائڻ | ڳنھاءِ |
| (ھي لفظ ٻہ مفھوم رکي ٿو) | لھرايل | لھرايو | لھرائڻ | لھراءِ |

○ ڪاءُ- ڪائڻ- ڪاڌو- ڪاڌل.

| اسم مفعول/ ٻي صورت | اسم مفعول/ عام صورت | ماضي مطلق | فعلي مصدر | فعلي امر |
|---|---|---|---|---|
| ڪاچيل | ڪاڌل | ڪاڌو | ڪائڻ | ڪاءُ |

'ء' جو آواز > 'ڌ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

نوٽ: حيدرآبادي لھجي موجب 'ڪائڻ' مصدر مان زمان حال جو صيغو 'ڪان ٿو/ ٿي' (فہميدہ، 2011: 68) ڪم آندو ويندو آھي، جيڪو وچولي لھجي موجب نامباسب آھي؛ مذڪوره مصدر جو ھمزو، واؤ ۾

تبديل ٿئي ٿو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق آهي، جيئن: ڪانؤ- ڪانوَ! وچولي/ معياري لهجي موجب: 'ڪانوان ٿو/ ٿي' ڪم آندو ويندو آهي. هن ۾ همزو، واؤ جي اچار واري صورت وٺندو! سنڌي ٻوليءَ ۾ هي معاملو حرف علت جو آهي.

**فعلي صورت بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪاراءِ | ڪارائڻ | ڪارايو | ڪارايل | |

- رُنبُ- رُنبڻ- رُڏو- رُڏل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| رُنبُ | رُنبڻ | رُڏو | رُڏل | رنبيل |
| لَبُ | لَبڻ | لڏو | لڏل | لبيل |

'ب' جو آواز > 'ڏ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻنو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| رُنباءِ | رنبائڻ | رنبايو | رنبايل | |
| لبراءِ | لبرائڻ | لبرايو | لبرايل | |

6. **'ت' آواز ۾ تبديلي:**

- مَڇُ- مَڇڻ- مَتو- مَتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مَڇُ | مَڇَڻ | متو | متل | مڇيل |
| پَهچُ | پهچڻ | پهتو | پهتل | پهچيل/ پُنل |
| پِچُ | پِچڻ | پِتو | پِتل | پِچيَل |
| پَرچُ | پرچڻ | پرتو | پرتل | پرچيل |
| رَچُ | رَچڻ | رَتو | رتل | رچيل |

'چ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻٽو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مَچراءِ/ مَڇراءِ | مچرائڻ/ مڇرائڻ | مچرايو/ مڇرايو | مچرايل/ مڇرايل | |
| پرچاءِ | پرچائڻ | پرچايو | پرچايل | |
| پهچاءِ/ پهچراءِ | پهچائڻ/ پهچرائڻ | پهچايو/ پهچرايو | پهچايل/ پهچرايل | |
| پِچراءِ | پچرائڻ | پچرايو | پچرايل | |
| رَچاءِ/ رَچراءِ | رچائڻ/ رچرائڻ | رچايو/ رچرايو | رچايل/ رچرايل | |

○ وِهنج- وهنجڻ- وهنتو- وهنتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وِهنجُ | وهنجڻ | وهنتو | وهنتل | وهنجيل |

'ج' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻٽو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| وهنجاءِ/ هنجراءِ | وهنجائڻ/ وهنجرائڻ | وهنجايو/ وهنجرايو | وهنجايل/ وهنجرايل | --- |

○ ڪاپُ- ڪاپڻ- ڪاتو- ڪاتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪاپُ | ڪاپڻ | ڪاتو | ڪاتل | ڪاپيل |
| ڪُپُ | ڪُپڻ | ڪُتو | ڪُتل | ڪپيل |
| ڪَپُ | ڪَپڻ | ڪَتو | ڪَتل | ڪَپيل |

'پ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻٽو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪاپاءِ/ ڪاپراءِ | ڪاپائڻ/ ڪاپرائڻ | ڪاپايو/ ڪاپرايو | ڪاپايل/ ڪاپرايل | |
| ڪُپاءِ/ ڪُپراءِ | ڪُپائڻ/ ڪُپرائڻ | ڪُپايو/ ڪُپرايو | ڪُپايل/ ڪُپرايل | |
| ڪَپاءِ/ ڪَپراءِ | ڪَپائڻ/ ڪَپرائڻ | ڪَپايو/ ڪَپرايو | ڪَپايل/ ڪَپرايل | |

○ نِڪرُ- نڪرڻ- نڪتو- نڪتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| نِڪرُ | نِڪرڻ | نڪتو | نڪتل | --- |

'ر' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| نيڪارِ | نيڪارڻ | نيڪاريو | نيڪاريل (مستعمل ناهي) | |

○ گهُس- گهُسڻ- گُتو- گُتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| گهُسُ | گهسڻ | گُتو | گُتل | گهسِيل |

'س' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| گهُسراءِ، گهسرائڻ، گهسرايو، گهسرايل. (مستعمَل ناهي.) | | | | |

○ سُڃاڻ- سڃاڻڻ- سڃاتو- سُڃاتل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| سُڃاڻ | سڃاڻڻ | سڃاتو | سُڃاتل | ... |

'ڻ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مستعمَل ناهي. | | | | |

○ سُمُهہ- سمهڻ- ستو- ستل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| سُمُهہ | سُمهڻ | ستو | ستل | سمهيل |

'هہ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

## 9. 'ء' آواز ۾ تبديلي:

- مرُ- مرڻ- مئو- مئل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| سُڻ | سڻڻ | سئو | سئل | ... |
| مَرُ | مرڻ | مئو | مئُل | ... |
| جَمُ/ ڄاپُ | ڄمڻ/ ڄاپڻ | ڄائو/ ڄاپيو | ڄاوَل | ڄائل/ ڄاپيل |
| ڏاءُ/ ڏاپُ | ڏائڻ/ ڏاپڻ | ڏائو | ڏاوَل | ڏائل |

'ڻ'، 'ر'، 'م'، جو آواز > 'ء' ۾ تبديل ٿئي ٿو؛ ۽ 'ء' مصدر جي صورت ۾ 'پ' ۾ مٽجي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻنو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| مارِ/ ماراءِ | مارڻ/ مارائڻ | ماريو/ مارايو | ماريل/ مارايل | ... |
| چَڙ/ چڙاءِ | چَڙڻ/ چڙائڻ | چڙيو/ چڙايو | چڙيل/ چڙايل | ... |

## 10. 'ٺ' آواز ۾ تبديلي:

- اڏام - اڏامڻ- اڏاٺو- اڏاٺل.

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| اُڏامُ | اڏامڻ | اڏاٺو | اڏاٺل | اڏاميل |
| اُجهامُ | اجهامڻ | اجهاٺو | اجهاٺل | اجهاميل |
| وِڪامُ | وڪامڻ/ وڪامجڻ | وڪاٺو | وڪاٺل | وڪاميل |
| وسامُ | وسامڻ/ وسامجڻ | وساٺو | وساٺل | وساميل |

'م' جو آواز > 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻنو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| اڏارِ | اُڏارڻ | اڏاريو | اڏاريل | ... |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| أُجھاءِ | أُجھائڻ | اُجھايو | اُجھايل | ... |
| وڪڻُ/ وڪڻاءِ | وڪڻڻ/ وڪڻائڻ | وڪيو/ وڪڻايو | وڪيل/ وڪڻايل | ... |
| وِساءِ/ وِسراءِ | وِسائڻ/ وِسرائڻ | وِسايو/ وِسرايو | وسايل/ وسرايل | ... |

○ ڪوماءِ- ڪومائڻ- ڪوماڻو- ڪوماڻل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪوماءِ | ڪومائڻ/ ڪومائجڻ | ڪوماڻو | ڪوماڻل | ڪومايل |
| ساماءِ | سامائڻ/ سامائجڻ | ساماڻو | ساماڻل | سامائيَل |
| سماءِ | سمائڻ/ سمائجڻ | سماڻو | سماڻل | سمائيَل |
| ھپاءِ | ھپائجڻ/ ھپائڻ | ھپاڻو | ھپاڻل | ھپائيل |

'ءِ' سر جو آواز > 'ڻ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڄاڻايل مصدرن جون بالواسطه صورتون مستعمل ناهن. | | | | |

## 11. 'ڪ' آواز ۾ تبديلي:

○ پَچُ- پچڻ- پڪو- پڪل/ پچيل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پَچُ | پَچڻ | پڪو | پڪلُ | پَچيل |

'چ' جو آواز 'ڪ' ۾ بہ تبديل ٿئي ٿو.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| پچاءِ/ پچراءِ | پچائڻ/ پچرائڻ | پچايو/ پچرايو | پچايل/ پچرايل | ... |

○ موڪل- موڪلڻ- مڪو/ مڪل

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| موڪِل | موڪلڻ | مُڪو/ موڪليو | مُڪل | موڪليل |

اڳيان سُر گهٽائي ل کي جهڙوڪر 'ڪ' ۾ ضم ڪيو وڃي ٿو.

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻٽو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| متيون لفظ خود بالواسطہ آهي، ان صورت ۾ هن جو بالواسطہ ڪم نہ ٿو آندو وڃي. | | | | |

ان ڪان علاوه ڪي مصدرون اهڙيون آهن جن ڪي ماضي مطلق ۽ اسم مفعول ۾ آڻڻ لاءِ 'او' ۽ 'ل' پڇاڙي لڳائي ويندي آهي؛ جيئن:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ٻُڌُ | ٻُڌڻ | ٻُڌو | ٻُڌل | ... |
| لِڪُ | لِڪڻُ | لِڪو | لڪل | ... |
| سُڪ | سُڪڻ | سُڪو | سڪل | ... |
| سِڪُ | سِڪڻ | سِڪو | سِڪل | ... |
| ٿَڪجُ | ٿڪجڻ | ٿڪو | ٿڪل | ... |
| ڦاٽُ | ڦاٽڻ | ڦاٽو | ڦاٽل | ... |
| ٽُٽُ | ٽُٽڻ | ٽُٽو | ٽُٽل | ... |
| ڇُٽُ | ڇُٽڻ | ڇُٽو | ڇُٽل | ... |

فعلي صورت بالواسطہ/ ٻٽو بالواسطہ:

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ٻوڙِ | ٻوڙڻ | ٻوڙيو | ٻوڙيل | ... |
| لِڪاءِ | لِڪائڻ | لڪايو | لڪايل/ لڪائل | ... |
| سُڪاءِ | سُڪائڻ | سُڪايو | سُڪايل | ... |
| سِڪاءِ | سِڪائڻ | سِڪايو | سِڪايل | ... |
| ٿڪاءِ | ٿڪائڻ | ٿڪايو | ٿڪايل | ... |
| ڦاٽراءِ | ڦاٽرائڻ | ڦاٽرايو | ڦاٽرايل | |
| ٽوڙِ/ ٽوڙاءِ | ٽوڙڻ/ ٽوڙائڻ | ٽوڙيو/ ٽوڙايو | ٽوڙيل/ ٽوڙايل | |
| ڇٽاءِ | ڇٽائڻ | ڇٽايو | ڇٽايل | |

| فعلي امر | سعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| گڏِ/ گڏاءِ | گڏڻ/ گڏائڻ | گڏيو/ گڏايو | گڏيَل/ گڏايَل | ... |
| گڏُرُ | گڏرَڻ | گڏارِيو | گڏاريَل | ... |
| گھُرُ | گھُرڻ | گھُريو | گھُريل | ... |
| گھِرُ | گھِرڻ | گھِريو | گھِريل | ... |
| لِڪُ | لِڪڻ | لِڪيو | لِڪيَل | |
| مُڙُ/ موڙِ | مُڙڻ/ موڙڻ | مُڙيو/ موڙيو | مُڙيل/ موڙيل | ... |

اهڙا 'امر' جن جي آخر ۾ 'ر' يا 'ڙ' جو آواز اچي ٿو تن ڪي ماضي مطلق ۽ اسم مفعول ۾ بدلائڻ لاءِ آخر ۾ 'يو' ۽ 'يَل' پڇاڙي لڳائي ويندي آهي.

**فعلي صورت بالواسطه/ ٻٽو بالواسطه:**

| فعلي امر | فعلي مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول/ عام صورت | اسم مفعول/ ٻي صورت |
|---|---|---|---|---|
| ٻٽاءِ | ٻٽائڻ | ٻٽايو | ٻٽايل | ... |
| ٻاراءِ | ٻارائڻ | ٻارايو | ٻارايل | ... |
| پَرٽاءِ | پرٽائڻ | پَرٽايو | پرٽايَل | |
| پوراءِ | پورائڻ | پورايو | پورايل | ... |
| پناءِ | پنائڻ | پنايو | پنايل | ... |
| تَراءِ | تَرائڻ | تَرايو | تَرايل | ... |
| تَيراءِ | تيرائڻ | تيرايو | تيرايل | ... |
| ٽار | ٽارڻ | ٽاريو | ٽاريل | ... |
| ٽوڙاءِ | ٽوڙائڻ | ٽوڙايو | ٽوڙايل | ... |
| جوڙِ | جوڙڻ | جوڙيو | جوڙيل | ... |
| ڇيڙاءِ | ڇيڙائڻ | ڇيڙايو | ڇيڙايل | ... |
| ڇوراءِ | ڇورائڻ | ڇورايو | ڇورايل | ... |
| ڇوڙاءِ | ڇوڙائڻ | ڇوڙايو | ڇوڙايل | ... |
| ڏِڪراءِ | ڏِڪرائڻ | ڏِڪرايو | ڏِڪرايل | ... |
| سُڌار | سُڌارڻ | سُڌاريو | سُڌاريل | ... |

- مصدر جي صورت ۾ [اُ] > [اَ] ۾ مٽجي، پوءِ [ڻُ] آواز جو اضافو ٿئي ٿو، يعني ماقبل آخر 'زبر' ۾ رهي ٿو، جيئن: لکُ- لکَڻُ؛
  - امر بالواسطہ/ ٻنو بالواسطہ جي پڇاڙي [اِ] يعني زير سان رهي ٿي، جيئن: پڄاءِ يا پڄراءِ؛
  - امر بالواسطہ جو ماقبل آخر آواز [آ] رهي ٿو، لِکاءِ/ لکراءِ؛
- امر بالواسطہ توڙي ٻئي بالواسطہ جي پڇاڙي صورت [ءِ] يا [رِ] آواز سان بيهي ٿي، جيئن: لکاءِ، لکراءِ، ڊيڄارِ؛
- امر ٻئي بالواسطہ ۾ ماقبل آخر آواز [آ] جي اڳيان [ر] جو اضافو ڪيو ويندو آهي، جيئن: 'وَڄاءِ' مان 'وڄراءِ'؛

**ٿوري يا گهڻي مقدار ۾ مختلف آوازن جي بدل مان هيٺيان نڪتا حاصل ٿيا آهن:**

**[ٻ] جو مٽجڻ:**

- فعلي امر ۾ 'ٻ' جو آواز > 'ڌ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: رُنبُ- رُنبڻ- رُڌو- رڌَل؛

**[ٿ] جو مٽجڻ:**

- فعلي امر ۾ 'ٿ' جو آواز > 'رت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: وٿُ- وٿڻ- ورتو- ورتل؛

**[پ] جو مٽجڻ:**

- فعلي امر ۾ 'پ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڪَپُ- ڪپڻ- ڪتو- ڪتل؛

**[ج] جو مٽجڻ:**

- فعلي امر ۾ 'ج' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: وهنج- وهنجڻ- وهنتو- وهنتل؛
- فعلي مصدر ۾ 'ج' جا آواز > 'ي' وينجن ۾ تبديل ٿين ٿا، جيئن: هجُ- هجڻُ- هيو- هيل/ هوندل؛

**[ڄ] جو مٽجڻ:**

- [ڄ] آواز واري مصدري صورت اڪثر ماضي مطلق ۽ اسم مفعول جي حالت ۾ [گ] آواز ۾ مٽجي ٿي، جيئن: ڀڄڻ مان ڀڳو، ڀڳلُ؛
- [ڄ] آواز واري مصدري صورت اڪثر [گ] آواز ۾ مٽجي ٿي، ٻي حالت ۾ [ن] ۾ به مٽجي ٿي، جيئن: ڊڄڻ- ڊنو- ڊنل، ليڪن ان جا مثال ڇيڇن تي ڳڻڻ جيترا آهن؛
  - [ڄ] آواز ۾ ساڳي صورت ۾ هجڻ جو امڪان به رهي ٿو، جيئن: ڪَڄَڻ- ڪڄيو- ڪڄيَل؛
- بالواسطہ صورتن ۾ [ڄ] آواز جي مٽجڻ جو امڪان نه ٿو رهي، جيئن: پُڄاءِ- پُڄايو- پُڄايَل، پُڄراءِ- پُڄرايو- پُڄرايل؛

[جهه] جو مٽجڻ:

- فعلي امر ۾ 'جهه' جو آواز > 'ڏ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: وجهڻُ- وجهڻُ- وڌو- وڌلُ؛

[ڃ] جو مٽجڻ:

- [ڃ] آواز تمام گهٽ [ڳ] آواز ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڀڃڻُ- ڀڳو- ڀڳلُ؛
- فعلي مصدر ۾ 'ڃ' جو آواز > 'ي' وينجن ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: وڃُ- وڃڻُ- ويو- ويل.

[ڇ] جو مٽجڻ:

- فعلي امر ۾ 'ڇ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: مڇُ- مَڇڻُ- متو- متلُ؛
- 'ڇ' جو آواز > 'ڪ' ۾ تبَديل ٿئي ٿو؛ جيئن: پڇُ- پڇڻ- پڪو- پڪل؛
- فعلي مصدر ۾ 'ڇ' جو آواز > 'ي' وينجن ۾ تبديل ٿين ٿا، جيئن: اڇُ- اڇڻُ- آيو- آيل.

[ر] جو مٽجڻ:

- فعلي امر جي هڪ مثال ۾ 'ر' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو جيئن: نڪرُ- نڪرڻ- نڪتو- نڪتل؛
- فعلي امر ۾ 'ر' جو آواز 'ي' ۾ تبديل ٿيڻ نوٽ ڪيو ويو آهي، جيئن: ڪرِ- ڪرڻ- ڪيو- ڪيل؛
- 'ر' جو آواز > 'ء' ۾ تبديل ٿئي ٿو جيئن: ، مُرُ- مرڻ- مئو- مئل.

[س] جو مٽجڻ:

- فعلي امر ۾ 'س' جو آواز > 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڦاسُ- ڦاسڻ- ڦاٿو- ڦاٿل؛
- فعلي امر جي هڪ مثال ۾ 'س' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: گهسُ- گهسڻ- گُتو- گُتل؛
- [س] آواز > 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو،جيئن: رُس- رُسڻ- رُٺو- رٺل؛

[ل] جو مٽجڻ:

- 'ل' جو آواز > 'ڪ' ۾ تبديل ۽ ضم ٿئي ٿو؛ جيئن: موڪلِ- موڪلڻ- مُڪو- مڪل.

[م] جو مٽجڻ:

- 'م'، جو آواز > 'ء' / 'و' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڄَم- ڄمڻ- ڄائو- ڄاوَل؛ ۽ 'ء' مصدر جي صورت ۾ 'پ' ۾ مٽجي ٿو، جيئن: ڏاءُ- ڏائڻ/ ڏاپڻ- ڏائو/ ڏاپيو/ ڏاول/ ڏاپيل.

[ڻ] جو مٽجڻ:

- فعلي امر جي هڪ مثال ۾ 'ڻ' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: سڃاڻِ- سڃاڻڻ- سڃاتو- سڃاتل؛
- هڪ مثال جي فعلي امر ۾ 'ڻ' جو آواز > 'د' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: آڻِ- آڻڻ- آندو- آندل/ آڻيل؛
- 'ڻ' جو آواز > 'ء' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: سڻ- سڻڻ- سُئو- سُئل.

[ه] جو مٽجڻ:

- فعلي امر جي هڪ مثال ۾ 'ه' جو آواز > 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: سمهه- سمهڻ- سُتو- سُتل؛
- [ه] آواز واري مصدري صورت اڪثر 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿي، جيئن: ڪهڻ- ڪٺو- ڪٺل؛
- هڪ مثال ۾ [ه] آواز [س] جي صورت ۾ به اچي ٿو، جيئن: گهِ- گهڻ- گسيو، گسيل؛
- فعلي امر ۾ 'ه' جو آواز > 'ڏ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڏُهُ- ڏُهَڻ- ڏُڏو- ڏڏَلُ؛
- فعلي امر ۾ 'ه' جو آواز > 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڊَهُ- ڊهڻ- ڊٺو- ڊٺل.

[و] ۽ [ء] جو مٽجڻ:

- فعلي امر ۾ 'ء' جو آواز > 'و' ۽ 'ي' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: چئُ- چوڻ- چيو- چيل؛
- چند لفظن ۾ 'ء' آوازن جي صورت > 'ن' ۾ تبديل ٿئي ٿي، جيئن: روءُ- روئڻ- رنو- رنل؛
- فعلي امر ۾ 'ء' جو آواز > 'ڏ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڪائڻ- ڪاڏو- ڪاڏل؛
- فعلي امر ۾ 'ءِ—ءُ' جو آواز> 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو جيئن: ڌوءِ-ڌوئڻ-ڌوتو-ڌوتل، پيءُ- پيئڻ-پيتو-پيتل؛

[ي] جو مٽجڻ:

- چند لفظن ۾ 'ي' آوازن جي صورت > 'ن' ۾ تبديل ٿئي ٿي، جيئن: ڏي- ڏيڻ- ڏنو- ڏنل.

## 4.1.4. چند ڇاڻ

متي ڄاڻايل مصدرن ۽ ان جي ڦيري ۾ ماضي مطلق ۽ اسم مفعول جي پڇاڙين کان علاوه، مرڪزي حيثيت رکندڙ آواز اهڙا به آهن جيڪي پنهنجي ساڳي صورت ۾ رهن ٿا؛ ٻي صورت ۾ ڪافي اهڙا آواز آهن جيڪي، ڦيري ۾، پنهنجي اندروني صورت مٽائي ٿا وجن. مٽيل آوازن ۾ به ڪي متبادل ٿين ٿا، جيڪي ٻنهي صورتن ۾ ڪم آندا وڃن ٿا، اهڙو اڀياسي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

### 4.1.4.1. مصدرن جي ڦيري ۾ مٽجندڙ آواز

| مٽجندڙ آواز | مثال |
|---|---|
| ٻ | رُنبڻ- رُڏو- رُڏل. |
| ٽ | وٽڻ- ورتو- ورتل. |
| پ | ڪُپڻ- ڪُتو- ڪُتل |

| مثال | مٿجندڙ آواز |
|---|---|
| هجڻ- هيو- هيل/ هوندل | ج |
| پڄڻ- پڳو- پڳل/ پڄل | ڄ |
| وجهڻ- وڌو- وڌل. | جهه |
| پڄڻ- پڳو- پڳل. | ڄ |
| اچڻ- آيو- آيل. | چ |
| ڪرڻ- ڪيو- ڪيل. | ر |
| گهسڻ- گُتو- گتل. | س |
| موڪلڻ- مُڪو- مُڪل | ل |
| جمڻ- ڄائو- ڄاول. | م |
| سمهڻ- ستو- ستل. | مهه |
| ڳنهڻ- ڳڏو- ڳڏل. | نهه |
| سڃاڻڻ- سڃاتو-سڃاتل. | ڻ |
| پوڻ- پيو- پيل. | و |
| ڏهڻ- ڏٺو- ڏٺل. | هه |
| ڪائڻ- ڪاڏو- ڪاڏل. | ء |
| ڏيڻ- ڏنو- ڏنل/ ڏتل. | ي |

## 4.1.4.2 مصدرن جي ڦيري ۾ مٽائيندڙ آواز

| مثال | مٽائيندڙ آواز |
|---|---|
| مڃڻ- مٽو- مٽل. | ٽ |
| ڦاسڻ- ڦاٿو- ڦاٿل. | ٿ |
| ڪهڻ- ڪٺو- ڪٺل. | ٺ |
| اَٽڻ- آندو- آندل. | د |
| وجهڻ- وڌو- وڌل. | ڌ |
| پچڻ- پڪو- پڪل. | ڪ |

| مٿائيندڙ آواز | مثال |
|---|---|
| ڳ | پڄڻ- پڳو- پڳل. |
| ن | روئڻ- رنو- رنل. |
| ٺ | اجهامڻ- اجهاٽو- اجهاٽل. |
| ء | مرڻ- مئو- مئل. |
| ي | ڪڻڻ- ڪنيو- ڪنيل. |

### 4.1.4.3. مصدرن جي ڦيري ۾ اڻ- مٽجندڙ آواز

| اڻ- مٽجندڙ آواز | مثال |
|---|---|
| ٻ | ڊٻڻ- ڊٻيو- ڊٻيل |
| ت | تتڻ- تتو- تتل |
| ڙ | ٽوڙڻ- ٽوڙيو- ٽوڙيل |
| س | ڪسڻ- ڪسيو- ڪسيل |
| ڳ | لڳڻ- لڳو، لڳل |
| ڪ | لڪڻ- لڪو- لڪل |
| ن | ڇنڻ- ڇنو- ڇنل |

### 4.1.4.4. مصدرن جي ڦيري ۾ مٽائيندڙ هڪٻئي جا متبادل

| مٽائيندڙ متبادل آواز | مثال |
|---|---|
| ٽ ۽ ٺ | ڊهڻ- ڊٺو/ ڊٹو- ڊٺل/ ڊٹل |
| ڏ ۽ ڄ | ڪائڻ- ڪاڏو/ ڪاڄيو- ڪاڏل/ ڪاڄيل |
| ن ۽ ت | ڏيڻ- ڏنو/ ڏتو- ڏنل/ ڏتل |
| ڳ ۽ ن | ڇڄڻ- ڇڳو/ ڇنو- ڇڳل/ ڇنل |

متبادل آوازن واري پيچيده مسئلي تي ڄاڻايل مصدرن، امرن ۽ ان جي ماضي ۽ اسم مفعول جي صورتن ۾ ڪافي مٽ سٽ، استعمالي ڦيرا ۽ آوازن جي ردوبدل سامهون آئي آهي؛ ان حالت ۾ اها راءِ جڙي ٿي تہ جن صورتن جي استعمال ۾ گهٽتائي آهي، تنهن کي ترجيحي صورت ۾ شامل ڪجي. هيٺ اهڙن مصدرن جي مٽاسٽا وارين خاصيتن جي چند ڇاڻ پيش ڪجي ٿي:

### 4.1.5. مصدرن جي ڦيري ۾ مٽائيندڙ آوازن جو جائزو

۞ مٽائيندڙ آواز 'ت' جو جائزو:

سنڌي ٻوليءَ جي مصدرن واري ڦيري ۾ مٽائيندڙ آواز 'ت' جا ڪافي مثال ملن ٿا، جن جو ترتيب سان هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

- 'ڻ' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: ونڻ- ورتو- ورتل
- 'پ' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: ڪپڻ- ڪتو- ڪتل، ڪاپڻ- ڪاتو- ڪاتل
- 'ج' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: وهنجڻ- وهنتو- وهنتل
- 'چ' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: پرچڻ- پرتو- پرتل، مچڻ- متو- متل
- 'ر' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: نڪرڻ- نڪتو- نڪتل
- 'س' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: گهسڻ- گُتو- گُتل
- 'مه' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: سمهڻ- ستو- ستل
- 'ڻ' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: سڃاڻڻ- سڃاتو- سڃاتل
- 'ءِ' جو 'ت' ۾ مٽجڻ: پيئڻ- پيتو- پيتل، لائڻ- لاتو- لاتل، ڏوئڻ- ڏوتو- ڏوتل.

۞ مٽائيندڙ آواز 'ٿ' جو جائزو:

- 'س' جو 'ٿ' ۾ مٽجڻ: گُسڻ- گُٿو- گُٿل، ڦاسڻ- ڦاٿو- ڦاٿل.
- 'ه' جو 'ٿ' ۾ مٽجڻ: ڊهڻ- ڊٿو- ڊٿل.

۞ مٽائيندڙ آواز 'ٺ' جو جائزو:

- 'س' جو 'ٺ' ۾ مٽجڻ: وسڻ- وٺو- وٺل، رسڻ- رُٺو- رُٺل.
- 'ه' جو 'ٺ' ۾ مٽجڻ: ڪهڻ- ڪٺو- ڪٺل، ڊهڻ- ڊٺو- ڊٺل.

۞ مٽائيندڙ آواز 'د' جو جائزو:

- 'ڻ' جو 'د' ۾ مٽجڻ: آڻڻ- آندو- آندل.

- 'ج' جو 'ي' ۾ مٽجڻ: ڪُڇجڻ- ڪپيو- ڪپيل.
- 'ء' جو 'ي' ۾ مٽجڻ: هن ۾ بالواسطه جا مثال اچن ٿا: جيئن: لڪڻ جو بالواسطه لڪاءِ- لڪايو- لڪايل.

### 4.1.6 مصدرن جي ڦيري ۾ مٽائيندڙ متبادل آوازن جو جائزو

'ٺ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ:

**'س' جو 'ٺ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ:** 'س' جو آواز اڪثر 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، ٻي صورت ۾ 'ٽ' ۾ پڻ تبديليءَ جا مثال ملن ٿا، هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا:

1. 'س' جو 'ٺ' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: وسڻ- وٺو- وُٺل، رُسڻ- رُٺو- رُٺل.
2. 'س' جو 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: گُسڻ- گُٽو- گُٽل، ڦاسڻ- ڦاٽو- ڦاٽل.

**'س' جو 'ٺ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ جون خاصيتون:**

1. مصدرن ۾ آيل 'س' جو آواز 'ٺ' ۾ به تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڏسڻ- ڏٺو- ڏٺل.
2. مصدرن ۾ آيل 'س' جو آواز 'ٽ' ۾ به تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڦاسڻ- ڦاٽو- ڦاٽل.
3. مصدرن ۾ آيل 'س' جو آواز ساڳيو 'س' ۾ رهي ٿو، جيئن: ڪسڻ- ڪسيو- ڪسيل.
4. 'س' جو آواز 'ٺ' ۾ اڪثرت سان بدل ٿئي ٿو.
5. 'س' جو آواز ٻئين نمبر تي 'ٽ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.
6. 'س' جو آواز ٽئين نمبر تي خود 'س' ۾ رهي ٿو.

**'ه' جو 'ٺ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ:** سنڌي ٻوليءَ جي مصدرن واري ڦيري ۾ 'ٺ' جو استعمال به 'ٽ' جيان ڪافي ٿئي ٿو، هيٺ ان جي ڦيري جون صورتون رکجن ٿيون:

1. 'ه' جو 'ٺ' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: ڪهڻ- ڪٺو- ڪٺل، ڍهڻ- ڍٺو- ڍٺل.
2. 'ه' جو ٻي صورت ۾، 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: ڊهڻ- ڊٽو- ڊٽل.

**'ه' جو 'ٺ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ جون خاصيتون:**

1. مصدرن ۾ آيل 'ه' جو آواز 'ٺ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: سهڻ- سٺو- سٺل.
2. مصدرن ۾ آيل 'ه' جو آواز 'ٽ' ۾ به تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڊهڻ- ڊٽو- ڊٽل.
3. 'ه' جو آواز اڪثر وسرڳ (ٽ ۽ ٺ) ۾ ئي تبديل ٿيندو آهي.

4. 'ھ' جو آواز تبديل ٿيڻ لاءِ گهٽي قدر 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.
5. 'ھ' جو آواز ٻئي نمبر تي 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو.
6. 'ھ' جو آواز ٽئين نمبر تي خود 'ھ' ۾ ئي رهي ٿو.

گهٽي قدر 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو ٻي صورت ۾ 'ٿ' ۾ بہ تبديل ٿئي ٿو. واضح ٿيو تہ 'ٿ' جو آواز 'ٿ' کان وڌيڪ سگهہ رکي ٿو.

◆ **حاصل نڪتو:** ڪنهن مصدر جي ڦيري ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ 'س' ۽ 'ھ' جا آواز، تبديل ٿيڻ جي حالت ۾ گهٽي قدر 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو ٻي حالت ۾ 'ٿ' جي صورت بہ وٺي ٿو. ان بنياد تي ترجيحي صورت لاءِ 'ٿ' تي اڪتفا ڪرڻ گهرجي.

**'ڏ' ۽ 'ڃ' ۾ تبديل ٿيڻ:**

'ڏ' ۽ 'ڃ' ۾ مٽجڻ جا ڪافي مثال آهن، هت صرف اهڙن مثالن تي نظر ڊرڻي آهي، جيڪي 'ڏ' ۽ 'ڃ' ٻنهي ۾ مٽجن ٿا؛ جيئن: ڪاٺڻ- ڪاڏو/ ڪاڃيو- ڪاڏل/ ڪاڃيل.

**'ڏ' ۽ 'ڃ' ۾ تبديل ٿيڻ جون خاصيتون:**

1. 'ڏ' ۽ 'ڃ' ٻنهي ۾ مٽجڻ واري خاصيت جا لفظ عام ڪونهن، سواءِ مٿئين مثال جي؛
2. 'ء' جو آواز مذڪوره مثال موجب، ماضي مطلق جي حالت ۾ 'ڏ' ۾ مٽجي ٿو؛
3. 'ء' جو آواز مذڪوره مثال موجب، 'ڃ' ۾ بہ مٽجي ٿو؛ جيئن: ماني ڪاڃي وئي.

هي گرامر/ وياڪرڻ جو مسئلو آهي، جنهن تي غور ڪرڻ جي گهرج آهي؛ هن صورت ۾ بہ جملا سامهون اچن ٿا، جن جو استعمال الڳ الڳ ٿئي ٿو؛ مثلاً

- ماني ڪاڏي وئي؛ (هن فعل جو واسطو امڪاني فاعل سان رهي ٿو)
- ماني ڪاڃي وئي. (هن فعل جو واسطو مفعول سان رهي ٿو)

مٿيان مثال اهڙا آهن جن تي گرامر جي لحاظ کان نئين سِري سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

◆ **حاصل نڪتو:** 'ڏ' ۽ 'ڃ' صرف هڪ مثال 'ڪاٺڻ' ۾ متبادل ٿين ٿا، عام طور مذڪوره فعل ۾ 'ء' جو آواز، ماضي مطلق صورت ۾، 'ڏ' ۾ مٽجي ٿو.

**'ڻ' ۽ 'ٽ' ۾ تبديل ٿيڻ:**

'ڻ' ۽ 'ٽ' ۾ مٽجڻ جا ڪافي مثال آهن، هت صرف اهڙن مثالن تي نظر رکڻي آهي، جيڪي 'ڻ' ۽ 'ٽ' ٻنهي ۾ مٽجن ٿا؛ جيئن: پهچڻ، پهتو/ پنو، پهتل/ پنل. ڏيڻ- ڏنو/ ڏتو- ڏنل/ ڏتل.

**'ن' ۽ 'ت' ۾ تبديل ٿيڻ جون خاصيتون:**

1. پهچڻ ۾ 'چ' جو آواز اڪثر 'ت' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: پهچڻ- پهتو- پهتل.
2. پهچڻ ۾ 'چ' جو آواز ٻي صورت ۾ 'ن' ۾ به تبديل ٿئي ٿو، جيئن: پهتو- پُنو- پُنل.
3. 'پهچڻ' مصدر جي ڦيري ۾ 'ت' جي مٿائيندڙ آواز کي ترجيح ڏيندي ويندي آهي.
4. ٻئي مثال: 'ڏيڻ' ۾ 'ي' جو آواز 'ن' ۾ تبديل ٿئي ٿو.
5. 'ڏيڻ' مصدر جي ڦيري ۾ سرائڪي سنڌي موجب 'ت' ۾ تبديل نوٽ ڪيو ويو آهي، جيئن: ڏيڻ- ڏتو- ڏتل. پر جيئن ته وچولي سنڌيءَ ۾ ان جو استعمال نه ٿو ٿئي ان صورت ۾ ان صورتخطيءَ کي رد ڪري سگهجي ٿو.

◆ **حاصل نڪتو:** سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙين مصدرن جو ڪو گهڻو تعداد ڪونهي، ان صورت ۾ 'پهچڻ' مصدر جي ڦيري ۾ 'ت' کي ئي اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ مصدر 'ڏيڻ' ۾ 'ن' کي ئي بهتر سمجهڻ گهرجي.

**'ڳ' ۽ 'ن' ۾ تبديل ٿيڻ:**

**'ڄ' جو 'ڳ' ۽ 'ن' ۾ تبديل ٿيڻ:** 'ڄ' جو آواز اڪثر 'ڳ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، ٻي صورت ۾ 'ن' ۾ پڻ تبديليءَ جا مثال ملن ٿا، هيٺ اهڙا مثال پيش ڪجن ٿا:

- 'ڄ' جو 'ڳ' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: ڀڄڻ- ڀڳو- ڀڳل، ڊڄڻ- ڊڳو- ڊڳل.
- 'ڄ' جو 'ن' ۾ تبديل ٿيڻ، جيئن: ڀڄڻ- ڀِنو- ڀِنل، ڊڄڻ- ڊنو- ڊنل.

**'ڄ' جو 'ڳ' ۾ تبديل ٿيڻ واريون خاصيتون:**

1. مصدرن ۾ آيل 'ڄ' جو آواز گهڻي قدر 'ڳ' ۾ تبديل ٿئي ٿو؛ جيئن: ڀَڄڻ مان ڀَڳو ۽ ڀڳل.
2. مصدرن ۾ آيل 'ڄ' جو آواز ڪن حالتن ۾ 'ن' ۾ به تبديل ٿيڻ جي سگهه ساري ٿو، پر ڪن جڳهن تي وائڙو پڻ ٿي وڃي ٿو؛ جيئن: ڀَڄڻ مان ڀَنو ۽ ڀَنل.
3. <u>ڪن حالتن ۾ 'ن' خود 'ڳ' ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو، جيئن: ڇنڻ- ڇڳو- ڇڳل.</u>
4. خود 'ڳ' ساڳي شڪل ۾ رهي ٿو، جيئن: لڳڻ مان لڳو ۽ لڳل.
5. سنڌي ٻوليءَ جي مصدرن ۾ اهڙو ڪو به مثال ڪونهي، جنهن حالت ۾، 'ڳ' جو آواز 'ن' ۾ تبديل ٿئي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جو درست رايو آهي تہ: "... ڇڄڻ مان 'ڇڄ' ۽ ڇنڻ مان 'ڇن' فعلي امر نهندا. 'ڇڄڻ' مصدر مان 'ڇڳل' ازخود ڇڄي ويل واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي، جڏهن تہ 'ڇنل' (ڪنهن طرفان ڇڪي) 'ڇنڻ' جي مفهوم وارو ڪردنت آهي." (جوڪيو، 2009، 35- 49) هن صورت ۾ يقيناً ترجيحي صورت جو معاملو اڳيان اچي ٿو، ان حالت ۾ اهڙو ويچو رکڻ انتهائي ضروري هوندو آهي. ٻي صورت ۾ خود ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ۾ 'ڇڄڻ مان ڇنو' جو ذڪر اچي چڪو آهي. 'ڇنڻ مان ڇنو يا ڇنل' وارو معاملو هن گروه ۾ شامل ٿي ڪو نہ سگهندو.

**'ڄ' جو 'ڳ' ۾ تبديل ٿيڻ: ڀڄڻ- ڀڳو- ڀڳل** مصدرن ۾ 'ڄ' جو آواز بہ گهٽي قدر 'ڳ' ۾ تبديل ٿيندي جاچيو ويو آهي، جڏهن تہ ان جا 'ن' ۾ تبديليءَ وارا مثال ڪو نہ ٿا ملن. هيٺ 'ڄ' جو 'ڳ' ۾ تبديل ٿيڻ، وارين خاصيتن کي واضح ڪجي ٿو:

1. مصدرن جي ڦيري موجب 'ڄ' جو آواز 'ڳ' ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيئن: ڀُڄڻ مان ڀُڳو ۽ ڀُڳل؛
2. جڏهن تہ 'ڄ' جو آواز 'ن' ۾ تبديل ڪرڻ سان ڏاريائپ محسوس ٿئي ٿي، جيئن: ڀُڄڻ مان ڀُنو، ڀُنل؛
3. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو مثال ڪو نہ ٿو ملي جنهن صورت ۾ 'ڄ' جو آواز 'ن' ۾ تبديل ٿيندو هجي.

← **حاصل نڪتو:** ڄاڻايل خاصيتن ۽ مثالن مان اهو واضح ٿيو تہ: ٻن وينجن آوازن، 'ڄ ۽ ڃ' واريون مصدرون، ڦيري موجب اڪثر 'ڳ' ۾ تبديل ٿين ٿيون، ان صورت ۾ ٿيڻ ائين، گهرجي تہ: 'اهڙو فعل جنهن ۾ 'ڄ' ۽ 'ڃ'، صورتن آهر ٻن آوازن 'ڳ' ۽ 'ن' ۾ تبديل ٿئي، ان حالت ۾ 'ڳ' کي اوليت ڏيڻ گهرجي.'

### 4.1.7. نتيجو

هن عنوان جي مختصر اڀياس مان جيڪو نتيجو نڪتو، تنهن کي مختصر هيٺين ريت رکجي ٿو:

- هي عنوان فعل جي امر، مصدر، ماضي مطلق ۽ اسم مفعول جي صورتن تي مبني آهي؛
- فعلي صورتن جي ڦيري ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ آواز، هڪڙا، اهڙا آهن جيڪي پنهنجي ساڳي صورت ۾ رهن ٿا؛ ٻيا، ڪافي اهڙا آواز آهن جيڪي، ڦيري ۾، پنهنجي صورت مٽائن ٿا؛
- مٽجڻ جي صورت ۾ ٻوليءَ جي لهجن آهر، ماضي ۽ اسم مفعول جي حالت ۾، صورتخطيءَ ۾ اختلاف رهن ٿا، جيئن: ڏڄ- ڏڄڻ- ڏڳو/ ڏنو- ڏڳل/ ڏنل؛
- اڀياس ۾ جيڪي آواز پنهنجي صورت مٽائن ٿا، سي آهن: ڀ، ٿ، ٻ، ڄ، ڃ، جهہ، ڃ، ڇ، ر، س، م، مهہ، نهہ، ڻ، و، هہ، ء، ي؛

☜ اپياس ۾ جيڪي آواز مٽائيندڙ جي صورت ۾ آڏو آيا آهن، سي آهن: ت، ٽ، ث، د، ڌ، ڪ، ڳ، ن، ڻ، ۽ ۽ ي؛

☜ اپياس موجب جيڪي آواز پنهنجي صورت نہ ٿا مٽائن، سي آهن: ب، ٿ، ڙ، س، ڳ، ڪ ۽ ن؛

☜ اپياس موجب مٽائيندڙ آوازن ۾ جيڪي متبادل آڏو آيا آهن، سي آهن: ٽ ۽ ث، ڌ ۽ ڄ، ن ۽ ت، ڳ ۽ ن؛

☜ متبادل آوازن جي صورت ۾ اختلاف سامهون آيا آهن، جنهن صورت ۾ انهن آوازن تي اڪتفا ڪرڻ گهرجي جيڪي گهٽي استعمال ۾ اچن ٿا؛ هيٺ اپياس جي حاصل مطلب مان اهم نڪتا رکجن ٿا:

- ڪنهن مصدر جي ڦيري ۾ مرڪزي حيثيت رکندڙ 'س' ۽ 'هـ' جا آواز، تبديل ٿيڻ جي حالت ۾ گهٽي قدر 'ٿ' ۾ تبديل ٿئي ٿو ٻي حالت ۾ 'ٽ' جي صورت بہ وٺي ٿو. ان بنياد تي ترجيحي صورت لاءِ 'ٿ' تي اڪتفا ڪرڻ گهرجي.
- 'ڌ' ۽ 'ڄ' صرف هڪ مثال 'ڪاڻ' ۾ متبادل ٿين ٿا، عام طور مذڪوره فعل ۾ 'ء' جو آواز، ماضي مطلق صورت ۾، 'ڌ' ۾ مٽجي ٿو.
- 'ن' ۽ 'ت' جو هڪبئي ۾ مٽجڻ وارن مثالن جو ڪو گهڻو تعداد ڪونهي، ان صورت ۾ 'پهچڻ' مصدر جي ڦيري ۾ 'ت' کي ئي اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ مصدر 'ڏيڻ' ۾ 'ن' کي ئي بهتر سمجهڻ گهرجي.
- ٻن وينجن آوازن، 'ج ۽ ڄ' واريون مصدرون، ڦيري موجب اڪثر 'ڳ' ۾ تبديل ٿين ٿيون، ان صورت ۾ ٿيڻ ائين گهرجي تہ: 'اهڙو فعل جنهن ۾ 'ج' ۽ 'ڄ'، صورتن آهر ٻن آوازن 'ڳ' ۽ 'ن' ۾ تبديل ٿئي، ان حالت ۾ 'ڳ' کي اوليت ڏيڻ گهرجي.'

پوري اپياس آڌار مٿي ڄاڻايل لفظ ڇنل/ ڇڳل جي ترجيحي صورت پيش ڪجي ٿي:

| مختلف لفظ | ترجيحي صورت |
| --- | --- |
| ڇڳل/ ڇنل | ڇڄڻ - ڇڳو- ڇڳل<br>ڇنڻ - ڇنو- ڇنل |

ٻوليءَ جي نسبت ٻنهي لفظن ۾ معنوي فرق آهي.

********************

### 4.2 لفظن جي مرڪّب صورتخطيءَ وارو معاملو

#### 4.1.1 ترجيحي صورت لاءِ بحث هيٺ آندل مرڪب لفظ

هيڪجهڙي/ هڪ جهڙي، هڪ ٻئي/ هڪٻئي، نواب شاهه/ نوابشاهه، ڄام شورو/ ڄامشورو، سڌو سنئون/ سنئون سڌو وغيره.

#### 4.1.2 لفظ مرڪب ۽ مرتّب جي لغوي اکيڙ

مرڪَّب ۽ مرتَّب لفظن بابت تفريق وارو بحث جيئن تہ ڪافي طويل آهي ۽ هن هنڌ صرف صورتخطيءَ جو معاملو مقصود آهي: ان صورت ۾ مرتَّب ۽ مرڪَّب لفظن جي مختصر ڊائرن بعد عام صورتخطيءَ جي اڀياس تي ٿي پاڙجي ٿو.

- مرتَّب: هي عربي لفظ آهي، هن بنيادي لفظ تي، سنڌي ٻوليءَ ۾، ٻين وزنن وارا هينيان لفظ ڪم آندا ويندا آهن:
  - 'رَتَبَ'، (بنياد) بروزن 'فَعَلَ'، معنيٰ: هو ثابت رهيو، هو ٺهي بيٺو.
  - 'ترتيب'، (مصدر) بروزن 'تَفعِيل'، معنيٰ: سهيڙڻ.
  - 'مرتِّب'، (اسم فاعل) بروزن 'مُفعِّل' معنيٰ: سهيڙيندڙ.
  - 'مرتَّب'، (اسم مفعول) بروزن 'مُفعَّل' معنيٰ: سهيڙيل.

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن/ صرفين جي جوڙ ملائڻ لاءِ هي اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. مختصر تہ ڪي ٻہ ٻہ يا وڌيڪ لفظ سهيڙي گڏ ٻيهارڻ! اها تہ ٿي لفظ جي لغوي معنيٰ، تہ پوءِ ان جو دائرو ڪيترو آهي؟ ان جي وصف ۾ ڪهڙي قسم جا لفظ اچي سگهن ٿا؟ ان بابت هن ڪان اڳ شايد ڪنهن دائرو جوڙيو هجي؟ دائري مقرر ڪرڻ بعد ڪي لفظ شامل ڪيا هوندائين؟ شامل ڪيل لفظ ڪيتري قدر ان تي پورو لهن ٿا؟ وغيره جهڙن سوالن تحت اڀياس ڪيو ويندو آهي. مذڪوره عنوان تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي تفصيلي ڪم ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر الانا بہ ان جي ڪن پاسن تي ٻيهر سوچڻ لاءِ ضرورت ڏيکاري آهي. بهرحال هت ان موضوع جي تفصيل ۾ وڃڻ ڪان لنوائيندي ڊاڪٽر جيٽلي جي جوڙيل دائري تي اڪتفا ڪجي ٿو:

"مرتَّب لفظ (Complex word) اهو آهي، جنهن ۾ هڪدم ويجهن جزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پَروس روپ آهي." (جيٽلي، 1990: 25- 42)

● مرڪَب: هي لفظ بہ عربي ٻوليءَ جو آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جي بنياد مان ڀين وزنن وارا لفظ هيٺين ريت ڪم آندا ويندا آهن:

- 'رَڪبَ/ رڪّبَ'، (بنياد) بروزن 'فَعَلَ/ فَعّلَ'، معنيٰ: هن جوڙيو، هن ملايو.
- 'ترڪِيب' (مصدر) بروزن 'تَفعِيل'، معنيٰ: جوڙڻ.
- 'اِرتِڪاب' (مصدر) بروزن 'اِفتِعال' معنيٰ: اختيار ڪرڻ، ڪنهن ڪم ۾ هٿ ڳنڍڻ/ وجهڻ.
- 'مرڪَّب' (ترڪيب مصدر مان، اسم مفعول) بروزن 'مُفَعَّل' جوڙيل.
- 'مُرتَڪِب' (ارتڪاب مصدر مان، اسم فاعل) بروزن 'مُفتَعِل'، اختيار ڪندڙ.

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ تان مدد ورتل)

لفظن جي ڇيد بعد سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر جيٽلي جي وصف ڏجي ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ: "مرڪَب (Compound word) اهو آهي، جنهن ۾ ٻئي هڪدم ويجها جزا آزاد روپ هوندا آهن." (جيٽلي، 1990: 25- 42)

### 4.1.2.1 مرڪّب ۽ مرتّب لفظن جا دائرا

مختصر جاچڻ بعد هت صرف صورتخطيءَ جي حوالي سان اپياس پيش ڪجي ٿو:

مرتّب ۽ مرڪّب لفظن جي نوعيت مان اندازو ٿئي ٿو تہ مرتَّب لفظ هر صورت ۾ ملائي لکڻ گهرجن، جڏهن تہ مرڪَّب لفظ الڳ لکڻ گهرجن؛ پر عام صورتن ۾ ائين نہ ٿو ٿئي، جيئن:

- مرتَّب لفظ: اڻ- وڻندڙ، ٻي- ٽُڪو وغيره.
- مرڪَّب لفظ: صورتخطي (صورت + خطي)، اڳڪٿي (اڳ + ڪَٿي) وغيره.

مٿئين ڍنگ مان پتو پوي ٿو تہ صورتخطيءَ ۾ ملائي يا الڳ لکڻ وارو معاملو مرڪَّب يا مرتَّب لفظن جي دائري کان ٻاهر آهي. هن صورت ۾ صرف 'مرڪَّب صورت' جو اصطلاح استعمال ڪندي، اپياس ذريعي ملائي يا الڳ لکڻ واري معاملي لاءِ ڪي دائرا متعيّن ڪرڻ ممڪن آهن.

### 4.1.2.2 'مرڪب صورت وارا لفظ ملائي يا الڳ لکڻ' جو جائزو

مرڪب صورت وارا لفظ ٻن يا ٻن کا وڌيڪ اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن، جيڪي خيال/ تصور ۾ هڪ هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جا مرڪب صورت وارا لفظ جاچيا ويا آهن:

1. **کليل مرڪب صورت وارا لفظ:** اهڙا لفظ جيڪي الڳ الڳ لکيا ويندا هجن؛ جيئن: سنئون سڌو، ڊِگهي گاڏي، دال روٽي، ڄاڻي ٻجهي، مهمان مڙهو، ياجي پتي، اتر واءُ، چڱو ڀلو، آتم کهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، لڏ پلاڻ، جڳ مشهور، تڏو منو، قوه جواني، خدا پرست، خدا ترس، وغيره.

19 ڊسمبر 1998ع تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. سنڌي پهرئين ڪتاب لاءِ جيڪي سفارشون ڏنيون ويون هيون، اُن ۾ هڪ لفظ گڏي لکڻ جي حوالي سان بہ هيو، جيڪو هيٺين ريت هيو:

- ڪجهہ لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجهہ لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن، انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

هڪ ٻئي = هڪٻئي (صحيح) (تاج، 1999 الف: 71- 73)

2001ع ۾ هن مسئلي تي تاج جوئي 'ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي' جي موضوع هيٺ مرتّب ڪيل ڪتاب جي مقدمي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال' جي عنوان هيٺ لکي ٿو تہ: "ڪيترا ليکڪ مالڪي ڏيکاريندڙ لفظن يا مختلف ضميري صيغن کي لکڻ جي اصول کان غير واقف هئڻ ڪري، انهن جي صورتخطيءَ يا لکت وقت مونجهاري جو شڪار هوندا آهن. انهن جي اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ انهن لفظن يا صيغن کي ڌار لکجي يا گڏي لکڻ کپي. لفظن جي انهيءَ غلط طريقي کي بہ 'ٻوليءَ جي لکڻ' واري انداز جو بگاڙ سڏي سگهجي ٿو. مثال طور:

1. منهن جو گهر گاڏيءَ کاتي ۾ آهي.
2. تنهن جو ڪتاب ڪڏهن ڇپبو؟
3. هر ڪنهنجو پنهن جو پنهن جو ظرف آهي.
4. اسانجو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪجهہ نہ وڃي.
5. جنهنڪانسواءِ دم نہ گذري، تنهن ڪانسواءِ ڏينهن ڪيئن گذرندا.
6. مونکي اڄ ڪم آهي.
7. جنهنجو ڪائجي، تَنهنجو ڳائجي.
8. هن منهنجو حق غضب ڪيو، تنهن ڪري مون مٿس دانهيو.
9. رستو ڪڏا ڪڏا هئو، جنهن ڪري توهانکي تڪليف آئي.

ليڪ ڏنل لفظن جي 'صحيح لکت'/ صورتخطي هيٺين ريت ٿيندي:

'منهنجو، تنهنجو، ڪنهن جو، پنهنجو پنهنجو، اسان جو، جنهن کان سواءِ، تنهن کان سواءِ، مون کي، جنهن جو، تنهن جو، تنهنڪري، جنهنڪري، توهان کي.'" (تاج، 2009: 11- 27)

تاج جوئي هن موضوع تي وقتائتا رايا رکيا آهن، البتہ، صورتخطيءَ ۽ بيهڪ جي نشانين کان غفلت ڪانئس بہ ٿي آهي. 'حق غضب' جو محاورو غلط استعمال ڪيل آهي، اهو لفظ 'غصب' سان ٿيندو.

'غضب' لفظ جي معنيٰ 'ڏمر' آهي، جڏهن تہ 'غَصب' جي معنيٰ 'لٽڻ/ قُرڻ' آهي. عام طور ڳالهائجندڙ محاورو 'غضب ٿي ويو' مان مراد آهي: الله جو ڏمر ٿي ويو؛ جڏهن تہ 'غصب ٿي ويو' معنيٰ 'لُٽ ٿي وئي'. علمي معاملن ۾ اهڙن لفظن تي محتاط رهڻ انتهائي لازمي هوندو آهي.

هيٺيون جملو بہ بغير ڪنهن درست بيهڪ جي نشانيءَ (پوري دم) سان آيل آهي:

جنهنڪانسواءِ دم نہ گذري، تنهنڪانسواءِ ڏينهن ڪيئن گذرندا.

منهنجي راءِ مطابق 'سواليہ نشاني' اچڻ کپي، ٻي صورت ۾ پلا 'عجب جي نشانيءَ' سان گذارو ٿي سگهي ٿو.

مختصر بروقت تنقيد ان سببان بہ ڪرڻي پئي ٿي جو ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال' جي مقدمي طور ڏنل مضمون ۾ اهڙي غفلت نہ ٿيڻ گهرجي؛ پوءِ جيڪڏهن پروف ريڊنگ جي غلطي هوندي، تہ بہ اها ليکڪ جي مٿي ليکي ويندي. اڳي اهو رواج هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪو ڪتاب ڇپجي بہ ويندو هو ۽ ڪي پروف جون غلطيون سامهون اينديون هيون تہ بجاءِ ڪنهن ٽڪڙ جي، ڇپائيءَ ۾ لازماً 'غلطنامو' ڇاپي، اڳي يا پڇڙ ۾ چنبڙايو ويندو هو، تہ جيئن ڪنهن پڙهندڙ يا محقق لاءِ ڪو مونجهارو نہ رهي- لاچاريءَ جي صورت ۾ اهو عمل ڏاڍو ڀلو هوندو هو.

### 4.1.2.3 لشنگوبج اٿارٽيءَ پاران پيش ڪيل مرڪب لفظ

'مرڪب صورت' جي صورتخطيءَ وارن معاملن کي، ڊگهي خاموشيءَ بعد، باضابطہ طور تي 2008ع ۾ نئين سِري سان عالمن اڳيان پيش ڪيو ويو. هيٺ اهڙين صورتن ۽ عالمن جي راين کي سامهون رکجي ٿو:

- پيش ڪيل لفظ: اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ

| ترجيحي صورت پيش ڪندڙ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. | اڄڪلهہ |
| ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، | اڄ ڪلهہ |
| ڪوبہ نہ. | اڄ ڪالهہ |

- پيش ڪيل لفظ: پنهنجو/ پنهن جو

| ترجيحي صورت پيش ڪندڙ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ،ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. | پنهنجو |
| ڪوبہ نہ. | پنهن جو |

○ پيش ڪيل لفظ: جنهنڪري/ جنهن ڪري

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
| --- | --- |
| جنهنڪري | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| جنهن ڪري | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |

○ پيش ڪيل لفظ: ڪان سواءِ/ ڪانسواءِ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
| --- | --- |
| ڪان سواءِ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪانسواءِ | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، آفتاب ابڙو. |

○ پيش ڪيل لفظ: نواب شاه/ نوابشاه

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
| --- | --- |
| نواب شاه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني |
| نوابشاه | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو |

*** پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو: شهر لاءِ 'نوابشاه' ۽ ماڻهوءَ لاءِ 'نواب شاه' لکڻ گهرجي.**

○ پيش ڪيل لفظ: ڄامشورو/ ڄام شورو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
| --- | --- |
| ڄامشورو | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڄام شورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |

*** پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو ته: ڳوٺ ۽ ضلعي لاءِ 'ڄامشورو' ۽ ماڻهوءَ لاءِ ڄام شورو.**

○ پيش ڪيل لفظ: سڌو سنئون/ سنئون سڌو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
| --- | --- |
| سڌو سنئون | آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| سنئون سڌو | ڊاڪٽر الانا، ولي رام، ڊاڪٽر مدد قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |
| سنئون سڌو/سڌو سنئون (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاه لڪياري |

### 4.1.3.2. مرڪّب صورتن جو معاملو

- اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ، هڪ ٻئي/ هڪٻئي، سنڌو سنڌئون/ سنڌئون سنڌو، نواب شاهہ/ نوابشاهہ، ڄامشورو/ ڄام شورو، الف۔ ب/ الف۔ بي.

### 4.1.4. ڇنڊڇاڻ

هن عنوان ۾ جيڪي مرڪَّب/ مرتَّب لفظن جا نمونا سامهون آيا آهن، تن جي نوعيت پنجن قسمن جي آهي:

1. هڪڙا، لفظ وياڪرڻي اصولن موجب ملائي لکڻا ٿا پون، اُهي الڳ صورت ۾ لکڻ بي زيبا ٿا لڳن، جيئن: منهنجو، پَنهنجو، تُنهنجو؛
2. ٻيا، اهي آهن جيڪي وياڪرڻي اصولن موجب ڌار لکيا ٿا وڃن، گڏ صورت ۾ اڻ- وڻندڙ پيا لڳن، جيئن: تَنهن جو؛
3. ٽيا، اهڙا آهن جن سان وياڪرڻ موجب ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن امڪان جو مونجهارو نہ ٿو رهي؛ ان لاءِ عالمن جي اتفاق تي پاڙڻو پوندو آهي، جيئن: ڪانسواءِ/ ڪان سواءِ؛
4. چوٿا، اهڙا مرڪّب صورتن جا لفظ جن کي ڌار يا الڳ لکڻ لاءِ عام صورتخطيءَ کي جاچڻُو ٿو پوي، جيئن: اڄڪلهہ، چڱيلائي، صورتخطي، ڀڄ ڊڪ، پاڻي ڪانجهي، ڏاڻو پاڻي وغيره.
5. پنجا، اهڙا لفظ آهن جيڪي 'ٻيهڪ جي نشانيءَ' سان ڳنڍي لکيا ٿا وڃن، جيئن: الف- بي.

هن عنوان سان لاڳاپيل معاملو اهڙو آهي، جنهن ۾ ڪي خاص مونجهارا ڪونهن. ان حالت ۾ گڏي لکڻ يا ڌار لکڻ يا ٻيهڪ جي نشانيءَ سان يا سواءِ لکڻ لاءِ ترجيحي صورت جي گهرج پيش ٿيندي آهي؛ ليڪن اهو تہ طئہ آهي تہ ترجيحي صورت لاءِ بہ ڪن مونجهارن معلوم ڪرڻ لاءِ اڀياس ضروري هوندو آهي؛ ۽ لفظ جي وياڪرڻي حيثيت بابت اڀياس ڪرڻ بعد جيڪي امڪاني مونجهارا ۽ مروّج صورت سامهون ايندي، ان حالت ۾ ڪا ترجيحي صورت متعين ڪئي ويندي آهي/ ڪرڻ گهرجي.

محترم تاج جوئي جي هيءَ ڳالهہ تہ: 'ڪيترن ليکڪن کي لکڻ جي اصولن ڪان، اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ انهن لفظن يا صيغن کي ڌار لکجي يا گڏي لکڻ کپي. ان سببان هوا ۾ هلي ٿي وڃي، جو اها فاضل دوست جي راءِ ذاتي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪٿي بہ ڪي سبب يا اصول نہ جوڙيا اٿس ۽ نہ وري ڪنهن عالم جو حوالو ڏنو اٿس؛ جنهن بنياد تي چئي سگهجي تہ هن جڳهہ تي گڏي لکبو يا ڌار لکبو!

4.1.4.1. وياڪرڻي صورتون

- **اسان جو، منهنجو، پنهنجو، تنهنجو، تنهن جو، تنهنڪري، تنهن ڪان سواءِ جي ترجيحي صورتن جو معاملو:**

هي صورتون تاج جوئي جي مضمون مان ڪنيل آهن، تاج جوئي جيڪي صورتون ڏنيون آهن تنهن لاءِ ڪي اصول نہ ڄاڻايا ڪوبهن، نہ وري اهو ڄاڻايو اٿس تہ هي صورتون ڪي عام صورتخطيءَ موجب رکيون وينديون آهن! هن صورت ۾ اهڙا رايا ذاتي رايا ليکيا ويندا آهن.

هنن صورتن جي آخري جوڙ: 'جو' جي حيثيت 'حرف اضافت' (پيرومل، 1985: 52) يعني لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. هت اهو معاملو ڏسڻ جهڙو آهي تہ لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ: 'جو' ڪنهن ضمير يا اسم سان گڏي لکجي يا ڌار لکجي؟

ڄاڻايل ترجيحي صورتن ۾ لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ 'جو' ڪن ضميرن سان گڏ لکيل آهي تہ ڪن کان ڌار رکيو ويو آهي. اهڙي معاملي کي جاچڻ لاءِ اڳئين جوڙ وارن لفظن جي امڪاني مونجهارن جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي.

**اسان + جو**

'اسان + جو' لفظ ترجيحي صورت لاءِ رکيو ويو آهي تہ ملائي لکجي يا الڳ ڪري؟ لفظ 'اسان' ضمير جمع متڪلم جي صورت آهي ۽ لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ: 'جو' سان اهو لفظ ضمير جي حالت اضافت سڏبي. جيئن تہ هي لفظ 'اسان' اڪيلي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ آخري نون گهڻي تي پورو ٿئي ٿو، ان صورت ۾ 'نون گهڻي' کي وائڪو رکڻ جي خيال کان، ذاتي راءِ موجب الڳ لکڻ بهتر ٿيندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| اسان جو/ اسانجو | اسان جو | ضمير جمع متڪلم + حرف اضافت |

**منهن + جو**

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'مُنهن' جو لفظ اصل ۾ 'مان' جي ٻي صورت آهي، جيڪو 'مان' ۾ 'حرف اضافت' ڳنڍڻ سبب 'مُنهن' جي صورت اختيار ڪندو آهي. وياڪرڻ جي لحاظ کان 'ضمير متڪلِم' آهي، پر جيئن تہ حيدرآبادي/ لاڙي لهجي موجب 'مان' ۽ 'آءٌ' لفظن مان 'آءٌ' جي صورت کي معياري ڄاتو ويو آهي، جنهن سبب ان قسم جي لفظ تي مناسب غور ڪونہ ڪيو ويو آهي. حيدرآبادي لهجي موجب 'مان' لفظ کي معياري صورت ۾ شامل نہ ڪرڻ جو اهو سبب ڄاڻايو ويندو

نوٽ: لفظ 'منهنجو' ملائي لکڻ ئي مناسب آهي، جڏهن تہ 'مُنهن' چهري جي معنيٰ ۾ الڳ لکڻ کپي، جيئن: 'مُنهن جو رنگ ئي مٽجي ويس!'

☜ پنهن + جو

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'پنهن' واري صورت هڪ ئي معنيٰ ۾ ڪم ايندي آهي. 'پنهن' لفظ 'ضمير مشترڪ' هجڻ جي صورت ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪيلو ڪم ڪونہ ٿو اچي، اضافت واري لفظ 'جو، جِي، جي، جا، جن' گنڍڻ سان ان جي ضمير مشترڪ واري صورت ختم ٿي وڃي ٿي: ان حالت ۾ اضافت واري جوڙ سان، ان کي 'ضمير مشترڪ' چاڻڻ/ چاڻائڻ ڀُل آهي.

هي لفظ اڪيلي صورت ۾ نہ بلڪ حرف اضافت سان ڪم ايندو آهي ۽ ان سبب لفظ 'پاڻ' جي شڪل ڦيرائيندو آهي، جيئن: 'پنهن + جو' = پَنهنجو. مٿي ڄاڻايل جملي ۾ لفظ پنهنجو، ضمير مشترڪ جي حالت اضافت جي صورت ۾ ڪم آيو آهي.

لفظ 'پنهن' اصل ۾ 'پاڻ' جي ٻي صورت آهي يا ٻوليءَ جي نسبت بدل لفظ آهي: جيڪو 'حرف اضافت' سبب پنهنجي صورت ڦيرائي ٿو. اهڙي وضاحت ٻوليءَ جي مثالن مان معلوم ٿي سگهي ٿي:

| جملي صورت | وچولي موجب | پاڻ جو بدل |
|---|---|---|
| مان پاڻ جو ڪتاب پڙهان ٿو. | مان پنهنجو ڪتاب پڙهان ٿو. | پاڻ > پنهن + جو = پنهنجو |
| منهنجو پاڻ جو ڪتاب گم ٿي ويو آهي. | منهنجو پنهنجو ڪتاب گم ٿي ويو آهي. | پاڻ > پنهن + جو = پنهنجو |
| هن پاڻ جو ڪم پاڻ نہ ڪيو. | هن پنهنجو ڪم پاڻ نہ ڪيو. | پاڻ > پنهن + جو = پنهنجو |
| تو پاڻ جو ڪم ٻين تي ڇڏيو. | تو پنهنجو ڪم ٻين تي ڇڏيو. | پاڻ > پنهن + جو = پنهنجو |
| انهن پاڻ جي لاءِ گهر خريد ڪيو. | انهن پنهنجي لاءِ گهر خريد ڪيو. | پاڻ > پنهن + جو = پنهنجو |

مٿئين مختصر اڀياس بعد اها ئي راءِ جڙي ٿي تہ: ضمير مشترڪ جي صورت وارو پروس جز/ لفظ: 'پَنهن'، اضافتي جزن/ لفظن 'جُو/ جِي/ جي/ جا / جَن' کان سواءِ، ڪنهن بہ صورت ۾ اڪيلو ڪم نہ ٿو اچي، ان حالت ۾ گنڍ بعد، مذڪوره 'ضميري صفت' جو لفظ گڏي لکڻ ئي بهتر آهي. هيٺ چند مثال ڏجن ٿا:

☜ تنهن + جو

سنڌي صورتخطيءَ موجب لفظ 'تنهن' جو لفظ اعرابن جي عام رواج نہ هجڻ سبب، ٻن امڪاني معنائن سان ڪم اچي ٿو:

1. 'تَنهن' جو اڪيلو لفظ 'اُن' جي معنيٰ ۾ صاف اچي ٿو، جيڪو 'ضمير جواب موصول' جي مثال طور سڃاتو ويندو آهي، جيئن: 'جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي.' هن مثال

۾ 'جنهن' لفظ ضمير موصول آهي ۽ 'تَنهن' لفظ ضمير جواب موصول آهي. ان صورت ۾ 'تَنهن' لفظ اڪيلي صورت ۾ ئي لکڻ گهرجي.

2. ٻي حالت ۾ عام طور'تُنهن' وارو پيروس جز/ لفظ 'ضمير حاضر' جي صورت ۾ عام طور ڪم نہ ٿو اچي؛ ڇاڪاڻ تہ 'تُنهن' اصل ۾ 'تون' جي صورت آهي، جيڪا حرف اضافت جي ڳنڍ سبب پنهنجي شڪل ڦيرائي ٿو. ان حالت ۾ 'تُنهن' سان اضافتي لفظ 'جُو، جِي، ڄِي، جا، جَنَ' گڏي لکڻ ئي سٺو لڳندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
| --- | --- | --- |
| تنهن جو/ تنهنجو | تُنهنجو (پيش سان) | ضميري صفت |
| | تَنهن جو (زبر سان) | ضمير جواب موصول جي اضافت |

☜ تنهن + ڪري:

'تنهن ڪري/ تنهنڪري' جي ترجيحي صورت جو معاملو آندو ويو آهي، جنهن لاءِ تاج جوئي گڏي لکڻ جي راءِ ڏني آهي. هي لفظ جيئن تہ گڏيل صورت ۾ حرف جملي جي حالت ۾ ڪم آندو ويندو آهي، امڪان آهي تہ اهو خيال رکندي، تاج جوئي گڏي لکڻ واري راءِ ڪي عام جي استعمال مطابق بحال رکيو هجي.

هن ڪان اڳ، هن لفظ: 'تَنهن' کي الڳ لکڻ جي راءِ جوڙي وئي آهي ۽ هتي بہ ائين ئي ٿيڻ گهرجي؛ پر جيئن تہ عام کي اهميت وڌيڪ آهي ۽ حرف جملي طور سڃاتو وڃي ٿو، ان صورت ۾ 'تنهنڪري' لفظ کي گڏي لکڻ تي اڪتفا ڪجي ٿو:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
| --- | --- | --- |
| تنهن ڪري/ تنهنڪري | تنهنڪري | حرف جملو |

☜ تنهن + ڪان + سواءِ:

هتي 'تنهن ڪان سواءِ/ تنهن ڪانسواءِ/تنهنڪان سواءِ/ تنهنڪانسواءِ' جي ترجيحي صورت جو معاملو آندو ويو آهي، جنهن لاءِ تاج جوئي هر لفظ الڳ لکڻ جي راءِ رکي آهي. لفظ 'تنهن' جي وياڪرڻي حيثيت بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، اهو بہ جاچيو ويو آهي تہ 'تَنهن جو لفظ حرف اضافت سان الڳ لکڻ بهتر آهي، جڏهن تہ 'تنهنڪري' جي لفظ جي صورتخطيءَ کي عام موجب اهميت ڏيڻ گهرجي؛ ان ڪان علاوه 'تنهنڪري' لفظ 'حرف جملي' جو مثال آهي، جنهن سبب پڻ 'تنهنڪري' جي صورتخطيءَ کي گڏي لکڻ بهتر آهي. هت معاملو وري نہ ساڳيو اچي ٿو ان صورت ۾ مذڪوره لفظ جي ٽنهي جزن جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ جاچڻ بعد ڪا راءِ ڏيڻ ٺيڪ لڳندي.

تنهن + ڪان: هنن ٻنهي لفظن جو جوڙ تہ آهي، ليڪن وياڪرڻ جي ليکي تحت الڳ الڳ حيثيت رکن ٿا: 'تَنهن' وياڪرڻ ۾ 'ضمير جواب موصول' ۾ ڳڻيو ويندو آهي؛ جڏهن تہ 'ڪان' حرف جر! ان حالت ۾ ٻنهي کي ملائڻ چڱو ڪونهي، موجوده رواج ۾ بہ انهن لفظن کي الڳ صورت ۾ رکيو ويندو آهي. جيئن: مون احمد کي چيو: 'هي جيڪو تو ڪم ڪرايو آهي، تنهن ڪان تہ ڀلو جو پاڻ ڪم ڪرين ها!'

ڪان + سواءِ: هنن ٻنهي لفظن جو لاڳاپو تمام ويجهو آهي، ڪن حالتن ۾، 'سواءِ' لفظ 'ڪان' ڪان علاوه ڪونہ ٿو جڙي؛ ان حالت ۾ گڏي لکڻ (ڪانسواءِ) وڌيڪ ٺيڪ لڳندو. پر ان راءِ جڙڻ بعد هڪ ٻيو مونجهارو سامهون ٿو اچي، جيڪو 'ڪان + علاوه' ۾ پيش ٿو اچي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سواءِ' ۽ 'علاوه' ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم سان ساڳي جڳهہ تي عام ڪم آندا ويندا آهن، ان صورت ۾ 'علاوه' سان 'ڪان' حرف جر ملائي نہ ٿو لکي سگهجي/ لکيو وڃي. ٻيو خيال اهو بہ اچي ٿو تہ: ڳنڍيل لفظ 'ڪانسواءِ' ۾ 'ن' گهٽو جيڪو اڳيئي مونجهاري جي ور چڙهيل آهي ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان جو ڪو حل نڪري نہ سگهيو آهي؛ بهتر ٿيندو تہ 'ڪان سواءِ' الڳ لکجي تہ جيئن 'ن' کا گهٽي واري ڏِک ڏئي سگهي يا کا پنهنجي سهڄارپ رکي سگهي! هونئن بہ ڏِگهن سُرن جي پڇاڙيءَ ۾ 'نون' گهٽي' جو اضافو يا هجڻ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ بہ شامل آهي، جيئن: خديجه > ڪتيجان، آمنه > ايمٿان وغيره. اها صورت ڏسي ڪري، حتمي راءِ اها ئي جڙي ٿي تہ 'ڪان سواءِ' الڳ صورت ۾ ئي لکڻ گهرجي.

| وياڪرڻي حيثيت | ترجيحي صورت | مختلف صورتون |
|---|---|---|
| ضمير جواب موصول، حرف جر، ظرف | تنهن ڪان سواءِ | تنهنڪانسواءِ/ تنهنڪان سواءِ/<br>تنهن ڪانسواءِ/ تنهن ڪان سواءِ/ |

- **'ڪنهن جو، جنهن جو، جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪري' جي ترجيحي صورتن جو معاملو:**

هن گروه ۾ ٻن لفظن جا جوڙ: 'ڪنهن جو، جنهن جو، جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪري' اڳئين لفظ بنسبت رکيا ويا آهن، هيٺ تڪيل اڀياس پيش آهي:

**ڪنهن + جو:**

هتي جوڙ 'ڪنهنجو/ ڪنهن جو' مان ڪابہ هڪ ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ جو معاملو آهي. لفظ 'ڪنهن' وياڪرڻ ۾ 'ضمير مبهم' (مثلاً: منهنجو ڪتاب ڪنهن تہ کنيو هوندو!) ۽ 'ضمير استفهام' (مثلاً: منهنجو ڪتاب ڪنهن کنيو آهي؟) جي جملن ۾ ڪم آندو ويندو آهي. استعمالي مٽ باوجود، ٻنهي صورتن ۾ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. ٻنهي مثالن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ان لفظ سان اضافت وارو لفظ 'جو، جِي، جي، جا، جن' ڳنڍي لکڻ سان ڪو مونجهارو سامهون نہ ٿو اچي. البتہ، جيئن تہ هي لفظ الڳ سان پنهنجي معنيٰ مفهوم ۾ ڪم اچي ٿو، ان صورت ۾ الڳ لکڻ سيبائتو لڳندو.

متئين اپياس آڌار، هيٺ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| ڪنهن جو/ ڪنهنجو | ڪَنهن جو | ضمير مبهم يا استفهام + حرف اضافت |

جنهن + جو:

هن لفظ جي جوڙ ۾ لفظ 'جَنهن' ضمير موصول آهي، مثال: 'جنهن سان پرِيت هجي، تَنهن سان کھڙو ليکو!' هيٺ ترجيحي صورت رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| جنهنجو/ جنهن جو | جنهن جو | ضمير موصول ۽ حرف اضافت |

جنهن + ڪان + سواءِ

هن جوڙ ۾ 'جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪان سواءِ، جنهن ڪانسواءِ، جنهنڪانسواءِ' جون امڪاني صورتون سامهون اچن ٿيون. اصولي طور تي 'جنهن' ۽ 'ڪان سواءِ' لفظن جي وياڪرڻي حيثيت بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، ان بنياد تي هيٺ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪان سواءِ، جنهن ڪانسواءِ، جنهنڪانسواءِ | جنهن ڪان سواءِ | ضمير موصول، حرف جر، ظرف |

جنهن + ڪري

لفظ 'جنهن' بابت مٿي ذڪر ٿيو آهي، سنڌي صورتخطيءَ موجب عام صورت کي ڏسي ڪري ۽ لفظ 'تنهنڪري' جيان 'جنهنڪري' کي بہ گڏي لکڻ جي راءِ کي بهتر سمجهجي ٿو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| جنهن ڪري/ جنهنڪري | جنهنڪري | حرف جملو |

- 'مون کي، توهان کي' جي ترجيحي صورتن جو معاملو:

مون + کي

هتي 'مونکي/ مُون کي' جي ترجيحي صورت جو معاملو ڇاڻايو ويو آهي. اترادي توڙي وچولي لهجي موجب لفظ 'مون' ضمير متڪلم 'مان' جي مفعولي صورت آهي، حيدرآبادي/ لاڙي لهجي موجب 'آءٌ' جي مفعولي صورت آهي؛ جڏهن تہ 'کي' حرف جر آهي، جيڪو 'مان' يا 'آءٌ' سان ملڻ جي حالت ۾ ان جي شڪل ڦيرائي 'مُون' بيهاريندو آهي. ان مان اهو ئي اخذ ٿو ٿئي تہ مذڪوره لفظ جو بنياد

’مان‘ مان آهي، نہ ڪي ’آءٌ‘ منجهان! عام صورتخطيءَ ۾ ’مون‘ کي الڳ صورت ۾ لکيو ويندو آهي، ان سببان مذڪوره لفظ کي الڳ لکڻ ئي سُهائيندڙ ٿيندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| مونکي/ مون کي | مون کي | ضمير متڪلم- حالت مفعولي، حرف جر |

☜ توهان + کي

ترجيحي صورت لاءِ ’توهان کي/ توهانکي‘ بہ شامل ڪيو ويو آهي. لفظ ’توهان‘ بنيادي طور تي ’تون‘ جي نحوي گهرجن آهر، جمع صورت آهي؛ عام صورتخطيءَ موجب هن لفظ کي الڳ صورت ۾ لکيو ويندو آهي، ان صورت ۾ الڳ لکڻ ئي بهتر آهي.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| توهانکي/ توهان کي | توهان کي | ضمير حاضر- حالت مفعولي، حرف جر |

### 4.1.4.2. مرڪّب صورتون

سنڌي ٻوليءَ جي مرڪَب/ مرتّب لفظن جي دائرن تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو ڪم ڪافي ساراهڻ جوڳو آهي (1990: 25- 42)، هتي ٻن آزاد صورت وارن لفظن جي صورتخطيءَ جو معاملو آهي؛ ان حوالي سان مختصر اڀياس ضروري آهي. هيٺ مرڪّب لفظن جي بغير ڪنهن وياڪرڻي ڇيد ۽ حيثيت تي بحث ڪرڻ جي، اهڙا سنڌي، عربي، فارسي ٻنا لفظ رکجن ٿا جيڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ملائي ۽ الڳ لکيا ٿا وڃن:

#### 4.1.4.2.1. الڳ صورت ۾ لکجندڙ ٻنا لفظ

ڏڳي ڳاڏي، دال روٽي، سون ورنو، مِٺ ٻتي، من گُهريو، هڪ- ٻہ، ٻيني پير، واٽ ويندي، اڳي پوءِ، هيٺ مٿي، ايندي ويندي، وڏي واڪي، ڄاڻي ٻجهي، ڏسي وائسي، واه واه/ وه واه، پل پل، منهان منهن، ڏٽي ڏوڪي، نيڪ ناڪ، مهمان مڙهو، پاڇي پتي، سچ پچ، وڻ ٽڻ، آمهون سامهون، اوسي پاسي، پيچ پني، اُج سياٽي، هڪ- اڌ؛ وڏ ڦڙو، اتر واءُ، چوڻيءَ ڦل، راه خرچ، ڳڙ ڏاني، ڪنڌ ڀڳڙا، ڇگو پلو، ٻار ٻچو، هٿو هٿ، ڇيڙ ڇاڙ، ڏندو ڏاڙي، گهٽو ٽٽو، ڀڃا ڳاڇا، ٽڙ تڪڙ، آتم ڪهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، پره ڦٽي، اڻ ڏٺو (اڻڏٺو)، پڙ پولو، واڌ ويجهه، ڪروڙ پتي، ونجهه وڻي، سار سنڀال، لڏ پلاڻ، من گهڙت؛ جڳ مشهور، وقت بوقت، قبل- مسيح؛ نامراد، ناحق، هر روز، سادو سودو، ٽڏو منو، قوه جواني، دوا درمل، سدا بهار، خدا پرست، خدا ترس، خير خواه، خود داري، وغيره.

2. منفصل اکرن سبب ٻئي لفظ الڳ صورت ۾ ٻيهن ٿا، ليڪن پوءِ به ملائي لکيو ويندو آهي يعني وچ وارن اکرن ۾ وٿي ڪانه ايندي آهي، جيئن: گڏوگڏ، ننڍاڪڙو، افراتفري، آمدورفت، پڏرنامو وغيره.

3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ملائي لکڻ واري خاصيت جو گهڻو زور فارسي لفظن ۽ پوءِ عربي گاڏڙ فارسي ۽ سنڌي لفظن تي رهي ٿو جيئن: سرپرست، خوردبيني، صورتخطي، ڪسمپُرسي، اڳڪٿي، پنيرائي وغيره.

4. گڏي لکجندڙ لفظن جي ڳنڍ ۾ ڪوبه 'ڏگهو سُر، ڏگهو گهٽو سُر ۽ مختفي ه' نه ٿي اچي، جيئن: چڱ + ڀلائي = چڱڀلائي (جڏهن ته ٻنهي جي ڳنڍ ۾ ڏگهو سُر 'او' ملائڻ سان الڳ صورت ۾ لکيو ٿو وڃي ۽ ان ۾ وٿي به اچي ٿي، جيئن: چڱو ڀلو.)

### 4.1.5 حاصل مقصد

مٿي مرڪَب صورت وارن لفظن جي (گڏ ۽ ڌار) صورتخطيءَ جي اڀياس بعد جيڪي ڳالهيون نوٽ ڪيون ويون آهن، تن کي هينئين ريت رکجي ٿو:

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي لفظن کي اڪثر ڌار لکيو ٿو وڃي.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي- فارسي جوڙ وارا لفظ اڪثر گڏي لکيا ٿا وڃن؛ سنڌي صورتخطيءَ ۾ گڏي لکڻ جو رواج، ڪنهن حد تي فارسي صورتخطيءَ جو اثر آهي.
- لفظن کي گڏي يا ڌار لکڻ لاءِ ڪو اصول اخذ ٿي ڪونه سگهيو آهي؛ البته، ٻن لفظن جي وچ ۾ جيڪڏهن 'ڏگهو سُر، ڏگهو گهٽو سُر، واؤ لين ۽ مختفي 'ه' اچي ٿي ته ان صورت ۾ لفظ ڌار لکيا ٿا وڃن.
- گهٽي قدر اڳئين ٻه- اکري لفظ کي ٻئي سان ڳنڍي لکڻ به جاچيو ويو آهي؛ ٻي صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ ڪم آندي وڃي ٿي.
- سنڌي صورتخطيءَ جو گهڻو مدار عام استعمال تي مبني آهي.

مٿئين مختصر اڀياس بعد هينئين لفظن جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:

### 4.1.6 مرڪب صورت وارن لفظن جي ترجيحي صورت

☜ اڄڪلهه / اڄ ڪلهه / اڄ ڪالهه.

ٻوليءَ ۾ 'اڄ' ۽ 'ڪلهه' جا لفظ گڏي ڳالهايا ويندا آهن، جنهن سبب هنن ٻنهي لفظن کي 'متضاد مرڪَب' جي نوعيت ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙن مرڪَب صورتن

جا ڪي دائرا ته مقرر ڪونهن، ان صورت ۾ عام استعمال کي ئي اهميت ڏني ويندي آهي؛ جيئن ته گڏي لکڻ جي خاصيتن ۾ به. اکرو لفظ کي گڏي لکڻ، ٻي صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ سان لکڻ جاچيو ويو آهي، ان صورت ۾ 'اڄ + ڪلهه/ اڄ- ڪلهه' مان 'اڄڪلهه' جي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي.

| ترجيحي صورت | پيش ڪيل لفظ |
|---|---|
| اڄڪلهه | اڄڪلهه/ اڄ ڪلهه/ اڄ ڪالهه |

### هڪ ٻئي/ هڪٻئي

19 ڊسمبر 1998ع تي صورتخطيءَ جي هڪ ورڪشاپ ۾ هي لفظ 'گڏيل صورت' ۾ لکڻ لاءِ طئه ڪيو ويو هو ۽ پيهر ڪنهن به تضاد جو شڪار نه رهيو. هن مرڪّب صورت ۾ پڻ مٿين نوعيت جيان، اڳيون اکر به اکرو آهي، ان صورت ۾ 'هڪ + ٻئي/ هڪ- ٻئي' مان 'هڪٻئي' جي صورت کي بهتر سمجهجي ٿو.

| ترجيحي صورت | پيش ڪيل لفظ |
|---|---|
| هڪٻئي | هڪ ٻئي/ هڪٻئي |

### نواب شاهه/ نوابشاهه ۽ ڄامشورو/ ڄام شورو

هي لفظ جيئن ته ساڳي نوعيت جا آهن ان سببان ساڳئي دائري ۾ رکيا ويا آهن. هي لفظ پهريون ڀيرو 2008ع واري مذاڪري ۾، ترجيحي صورت لاءِ پيش ٿيا.

مٿيان ٻئي لفظ ساڳي نوعيت جا آهن، ان سببان ٻنهي لفظن بابت عالمن جي راءِ به ساڳي آهي، سواءِ محترم عبدالغفار صديقيءَ جي! صاحب موصوف 'نواب شاهه' کي الڳ لکڻ جي راءِ رکي آهي ۽ 'ڄامشورو' کي گڏي لکڻ جي راءِ رکي آهي؛ جنهن لاءِ ڪو جواز ڄاڻايل ڪونهي. جيئن ته: جن لفظن ۾ مونجهاري جو امڪان نه رهندو آهي، ان حالت ۾ مروّج صورت کي ئي اهميت ڏني آهي؛ مبادا، صديقي صاحب جي نظر مروّج صورت تي هجي!

هن حوالي سان ڪو اصول ناهڻ يا بيهارڻ ان حوالي سان به اڻ- سُهائيندڙ آهي جو گڏي يا ڌار لکڻ جي عمل ۾ ڪنهن اصول کي سامهون نه رکيو ويندو آهي؛ پر مذڪوره لفظن بابت پروفيسر قلندر شاهه لڪياريءَ جي راءِ ڪنهن حد تي سهائيندڙ آهي، جو سندس ڄاڻايل مونجهارو ڪنهن حد تي وزنائتو آهي ته: مذڪوره لفظ اسم جي حالت ۾ ساهواري ۽ جاءِ، ٻنهي لاءِ ڪم اچن ٿا، ان حالت ۾ بهتر آهي ته ٻئي صورتون الڳ ۽ ڌار، ويڇي سان رکيون وڃن. جيئن ته مونجهاري جي امڪان جو جيڪو پروفيسر قلندر شاهه ذڪر ڪيو آهي، ان بنياد تي بهتر ٿو سمجهجي ته ٻئي صورتون الڳ الڳ مرادن لاءِ ڪم آنديون وڃن:

| وياڪرڻي حيثيت | ترجيحي صورت | پيش ڪيل لفظ |
| --- | --- | --- |
| ماڻهو (اسم - ساهوارو) | نواب شاه | نواب شاهه/ نوابشاهه |
| شهر (اسم - جاءِ) | نوابشاهه | |
| ماڻهو (اسم - ساهوارو) | چام شورو | چام شورو/ چامشورو |
| شهر (اسم - جاءِ) | چامشورو | |

ٻي صورت جتي ڪنهن مونجهاري جو امڪان نه ٿو رهي ان صورت ۾ مستعمل صورت کي ئي اهميت ملڻ گهرجي جيئن: محراب پور (وٿيءَ سان)، شهدادپور، خيرپور، ميرپورخاص، جيڪب آباد (وٿيءَ سان)، حيدرآباد، هيرآباد، سيال آباد (وٿيءَ سان) وغيره.

**سڌو سنئون/ سنئون سڌو:**

هي لفظ 2008ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان منعقد ڪرايل مذاڪري ۾، اڳي پوءِ لکڻ جي حوالي سان، عالمن اڳيان پيش ڪيو ويو: هي معنيٰ موجب مرڪّب/ جاڙا لفظ عام طور ٻنهي صورتن ۾ ڪم آندا ويندا آهن. ٻنهي لفظن جي معنيٰ تقريباً ساڳي آهي ليڪن ڪيفيت مٽ آهي؛ ٻنهي لفظن جي اڳي پوءِ ڪم آڻڻ سان ڪو مونجهارو ڪونه ٿو رهي، ان سببان هنن مرڪّب لفظن جي ترجيحي صورت وارو معاملو جيترو سولو آهي ايتروئي ڏکيو پڻ!

جڏهن ڪو ظاهري مونجهارو ڏسڻ ۾ نه اچي، ان صورت ۾ ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻنهي صورتن جو اپياس ڪرڻ گهربو آهي. هيٺ ساهتي لهجي موجب، چند جملا ٻنهي صورتن کي استعمال ڪندي، پيش ڪجن ٿا:

| سنئون سڌو/ سنئين سڌي | سڌو سنئون/ سڌي سنئين |
| --- | --- |
| قرآن پاڪ سنئون سڌو هدايت تي مبني آهي.<br>بهتر عمل سان ئي سنئين سڌي راه حاصل ٿيندي آهي. | ▪ قرآن پاڪ سڌو سنئون هدايت تي مبني آهي.<br>▪ بهتر عمل سان ئي سڌي سنئين راه حاصل ٿيندي آهي. |
| اهو سنئون سڌو ڪوڙو بيان آهي.<br>اها ڳالهه سنئين سڌي ڪوڙي آهي. | ▪ اهو سڌو سنئون ڪوڙو بيان آهي.<br>▪ اها ڳالهه سڌي سنئين ڪوڙي آهي. |
| هي سنئون سڌو رستو آهي.<br>اها سنئين سڌي بدمعاشي/ حرامپائي آهي. | ▪ هي سڌو سنئون رستو آهي.<br>▪ اها سڌي سنئين بدمعاشي/ حرامپائي آهي. |
| دوستيءَ ۾ سنئون سڌو هلڻ گهربو آهي. | ▪ دوستيءَ ۾ سڌو سنئون هلڻ گهربو آهي. |

مٿين حالت ۾ 'سڌو سنئون' صورت کي وڌيڪ بهتر ڄاتو ويندو آهي.

ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي 'سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت' ڏسڻ سان به وڌيڪ آساني ٿيندي:

- سِڌو سنئون: سولو/ سُوڌو/ سنواٽو، مثال:
هلان توسان سڌو سنئون ٿو، هلين مون سان ڏنگو ٿو،
سنڌءِ هن ڪج ادائي جي صفائي روبرو ٿيندي. 'حافظ احسن' (1996: 416)
- سنئون سڌو: سوڌو/ سولو/ بلڪل سڌو/ سُپتيو/ ايماندار. (1996: 435)

ڊاڪٽر سومري پنهي نوعيت سان لفظ ڏنا آهن، جنهن ۾ خاص ڳالهہ اها جاچي وئي تہ ڇاٽايل پهرئين مرڪّب صورت ۾ 'سڌو' لفظ اڳيان آيو آهي، جنهن جو مثال بہ ڏنو ويو آهي، ليڪن ڇاٽايل ٻي نوعيت واري مرڪّب صورت ۾ ڪو مثال نہ ڏئي سگهيو آهي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سڌو' لفظ عام طور استعمال ڪجي ٿو، مرڪّب صورت جي حالت ۾ 'سنئون' لفظ بعد ۾ ڳنڍي استعمال ڪيو ويندو آهي.

اصولي طور اهڙن ٻن لفظن جي اڳين يا پوئين حالت معلوم ڪرڻ جو هڪ اهو بہ طريقو آهي تہ ٻنهي لفظن مان گهڻي استعمال ٿيندڙ لفظ کي اڳين حالت ۾ رکڻ گهرجي.

لفظ جي نوعيت جاچڻ لاءِ قرآن شريف جا مختصر سنڌي ترجما پڻ اپياس هيٺ آندا ويا، جنهن ۾ 'اهدنا صراط المستقيم' جي ترجمي کي جاچيو ويو:

| مترجم جو نالو | ڪيل ترجمو | سال |
|---|---|---|
| مولانا تاج محمود امروٽي | اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. | 1980 |
| مولانا عبدالڪريم قريشي (ٻير شريف) | ڏيکار اسان کي واٽ سڌي. (تحت اللفظ) | 1999 |
| عبدالله تنيو | اسان کي سڌو رستو ڏيکار. | 2000 |
| محمد عثمان ڏيپلائي | تون اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. | 2002 |
| مولانا امام الدين جوڻيجو | اسان کي سڌيءَ واٽ تي هلاءِ. | ؟ |
| پروفيسر عبدالقادر ڏاهري | اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. | ؟ |
| استاد غلام رسول ميمڻ پريالوءِ | ڏيکار اسان کي رستو سڌو. (تحت اللفظ) | 2000 |

عالمن سڳورن جي ترجمن مان اهو خيال ٿيو تہ لفظ 'سڌو/ سڌي' جو استعمال ٻوليءَ ۾ گهڻو ٿئي ٿو، ان صورت ۾ جڏهن 'سنئون' سان مرڪّب ڪري ڳالهائڻو يا لکڻو پئي ٿو، تہ اهو بعد ۾ ئي سونهين ٿو.

مٿئين مختصر اپياس بعد اها راءِ رکجي ٿي تہ عام استعمال ۾ 'سڌو' لفظ گهڻو استعمال ڪيو وڃي ٿو، جڏهن تہ مرڪّب صورت ڪم آڻڻ لاءِ 'سڌو سنئون' ڪم آندو وڃي ٿو.

| پيش ڪيل مرڪّب لفظ جي صورت | ترجيحي صورت |
|---|---|
| سڌو سنئون/ سنئون سڌو | سڌو سنئون |

***********************************

# باب پنجون

## ترجيحي صورتن لاءِ لهجاتي فرق جو اڀياس

(سُر ڪيرائڻ/ وڌائڻ/ مٽائڻ، بدل آوازن/ اکرن جو لهجاتي فرق، لهجاتي فرق سبب معنوي فرق)

### 5.1 سُر ڪيرائڻ/ وڌائڻ/ مٽائڻ جو معاملو

'اِتون/ اتئون، سچون/ سچيون، مهنو/ مهينو' لفظن مان سُر ڪيرائڻ يا وڌائڻ جي خيال کان، صورتخطيءَ جي مرحلن مان گذرڻ لاءِ، عالمن آڏو آيا آهن. حقيقت ۾، آخري چوٿا سُر ڪيرائڻ/ وڌائڻ/ مٽائڻ واري عادت ڪچي ۽ لاڙي لهجي ۾ عام آهي، جڏهن ته لفظن جي وچ ۾ چوٿن سُرن کي ڊگهي سُر ۾ تبديل ڪرڻ واري عادت به نوٽ ڪئي وئي آهي، جيئن: 'آهن' کي 'آهين' ۾ تبديل ڪرڻ! ان سببان حيدرآبادي لهجي تي ان جو اثر يقيني ٿيندو؛ جڏهن ته وچولو ان گهيڙ ۾ اجان ڪونه گهڙيو آهي. ان لهجاتي فرق سبب اهڙو معاملو اڀري ٿو.

وچولي جي پيٽ ۾، لاڙي توڙي اترادي لهجي ۾ اعرابن جي بدل واري ڪار به عام آهي، تنهن بابت تاج جويو، حيدرآبادي لهجي کي وچولو ثابت ڪرڻ بابت هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته: "هاڻي هيٺ آئون 'وچولي لهجي' کي مڪمل (Perfect dialect) لهجي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪجھ مثال ڏيندس، جو ته ان ۾ ٻين لهجن جو سهڻو امتزاج آهي؛ مثال: وچولي ۽ سري ۾ 'جنهن' جو جمع 'جَن' (ج تي زبر) ۽ 'تنهن' جو جمع 'تَن' (ت مٿان زبر) سان ٿيندو آهي، پر درسي ڪتابن ۾ ڊاڪٽي سنڌ جا اچارن موجب 'جنهن' 'جِن'، 'تنهن' ۽ 'تِن' (ج ۽ ت هيٺان زير) ڪم آڻي، سهڻو امتزاج ڪيو ويو آهي ۽ ٻنائي صاحب وٽ به اهو استعمال آهي." (جويو، 2008: 44- 59)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ شڪارپوري ٻوليءَ جي حوالي سان ساڳيا لفظ ڄاڻايا آهن:

| شڪارپوري لهجو | معياري لهجو | تبديلي |
|---|---|---|
| جَنِ | جِنِ | زير کي زبر ۾ بدلايو وڃي ٿو. |
| تَنِ | تِنِ | ايضاً |

(35 :1993)

ٻئي هنڌ ڄاڻائي ٿو:

| معياري | شڪارپوري | تبديلي |
|---|---|---|
| تِنهن | تَهِن | (گهٽي) زير کي زبر ۾ بدلايو وڃي ٿو. |

(47 :1993)

تاج جوئي هڪ مضمون ۾، حيدرآبادي ۽ درسي ٻوليءَ کي وچولي جي ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف تاويلون ڪيون، مٿي اهڙو اشارو ڏيڻ مان مراد صرف اها آهي ته حيدرآبادي/ لاڙي لهجي ۾ نه رڳو آخري سُر ڪيرائڻ بلڪه 'سُرن جو ادل بدل' به محسوس ڪيو ويو آهي.

وچولي (ساهتي پرڳڻي جي) لهجي مطابق 'جِن' جو لفظ عام طور نوٽ ڪيو ويو آهي: البته، 'جِن' (زير سان) ۽ 'جَن' (زبر سان) ٻنهي جو استعمال ٿورڙي فرق سان ڪم آندو ويندو آهي. هيٺ اهڙو استعمال خيال خاطر پيش ڪجي ٿو:

- 'جَنهن'، جمع 'جِن' (زيرسان) جو استعمال

| جَنهن | جِن |
|---|---|
| جَنهن ڪئي تَنهن پري. | جِن لئه مٺاسين سي ڪانڌي ڪونه ٿيا. |
| جَنهن به چوري ڪئي، سو ظاهر ٿيندو. | جِن کي اهو ڪم ڏنو ويو، سي ان تي پورا نه لٿا. |

- 'تَنهن'، جمع 'تِن' (زيرسان) جو استعمال:

| تَنهن | تِن |
|---|---|
| جَنهن کي چيم، تَنهن ڪم نه ڪيو. | جِن اڪثين ڏٺو، تِن پروسو ڪيو. |
| جيڪو چاٽي ٿي نه، تَنهن کي ڇا چئجي! | جيڪي بدنيت ماڻهوهجن، تِن کي کهڙي پارت! |

وچولي (ساهتي) لهجي جي حوالي سان چند مثال سامهون رکيا ويا آهن، جِن مان واضح ٿئي ٿو ته 'جَنهن' جو جمع 'جِن' ۽ 'تَنهن' جو جمع 'تِن' عام طور ڪم آندو وڃي ٿو. البته، برگزيده شخصيتن جي حوالي سان مذڪوره لفظن ۾، استعمالي فرق نوٽ ڪيو ويو آهي؛ جيئن:

- ✓ حضور ﷺ جَن فرمايو ته: "مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي."
- ✓ حضرت عليؑ جَن جو قول آهي ته: "ٽن حالتن ۾ انسان جي عمل جو امتحان ٿيندو آهي: مال، حڪومت ۽ مصيبت."
- ✓ حضرت امام حسينؑ جَن مڪي کان روانگيءَ دوران فرمايو ته: "مون سان گڏ اهي هلن جيڪي راهِ خدا ۾ جان قربان ڪرڻ چاهين ٿا."

مٿين مثالن مان ساهتي لهجي موجب، 'جِن' (زير سان) ۽ 'جَن' (زبر سان) لفظن ۾ استعمالي فرق نوٽ ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو وچولو سيني لهجن جو محافظ سمجهيو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'آخري سُر متحرڪ' هجڻ واري تصور سبب 'ماقبل آخر وينجن جي سُر' ۽ 'آخري وينجن ساڪن' تي ڪم ٿي ڪونه سگهيو آهي، جنهن جو واحد- جمع توڙي مذڪر- مؤنث ۾ اهم ڪردار آهي. ٻئي پاسي حيدرآبادي لهجي ۾ آخري ڇوٽن سُرن ڏانهن بي- حسي نوٽ ڪئي وئي

آهي. ان صورت ۾ مٿيون اعرابن جو مسئلو 'آخري نون ساڪن' جو آهي، جنهن تي باقاعده ڪم ٿيڻ گهربو هو.

❖ لفظن ۾ سُرن جو اختلاف

وچولي جي پيٽ ۾ اترادي يا لاڙي ۽ ان جي اثر هيٺ هوندڙ حيدرآبادي ٻوليءَ ۾ صاف سُرن جي خيال کان هيٺيون ڳالهيون سامهون آيون آهن:

5.1.1. لفظن جي آخري سُر ڪي ڪيرائڻ؛

5.1.2. لفظن جا وچيان سُر بدلائڻ؛

5.1.3. لفظن جا ڊگها سُر ڪيرائڻ؛

5.1.4. لفظن ۾ اضافي ڊگها سُر ڪم آڻڻ.

### 5.1.1. لفظن جي آخري سُر ڪي ڪيرائڻ

لاڙي/ حيدرآبادي لهجي ۽ سنڌ جي سرائيڪي ڳالهائيندڙن ۾ آخري سُر جي ڪيرائڻ واري ڪار عام آهي، مثلاً:

- ➢ مون وٽ وِيهہ رپيا آهن. ('هہ' جو آواز اڪثر ساڪن ٻڌايو ويندو آهي، باقي صورتخطيءَ تي ڪوبہ اختلاف ڪونهي.)
- ➢ احمد اڄ سؤ اُٺ وڪيا. ('ٺ' جو آواز اڪثر ساڪن ٻڌايو ويندو آهي؛ البتہ، صورتخطيءَ ۾ ضرورت آهر خيال رکيو ويندو آهي.)

موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ اعرابون اختياري هونديون آهن، ان صورت ۾ ڏنل اعرابن کان سواءِ، ڪنهن بہ لفظ جي چنبڄاڻ نہ ٿي ڪري سگهجي. صورتخطيءَ جي اهڙي ڪار سبب ڪنهن بہ علائقي جي ٻوليءَ جا عيب- ثواب ڍڪجي ويندا آهن.

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو مختلف رسم الخطن يا آئيوٽائن ۾ اعرابن جي اختياري هجڻ بابت لکي ٿو تہ: "دنيا جون ڪيتريون ئي لپيون/ الفابيٽ اهڙيون آهن، جن ۾ ڪي خاص صوتيہ (Phoneme) لِيکن جي نشانن ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن. هي حرف صحيح/ وينجن واريون (Consonantal) لِپيون ڪري ليکجن ٿيون، مثال طور: آراميڪ (Aramaic)، عبراني (Hebrew) ۽ عربي وغيره، جن ۾ حرف علت/ سُر (Vowel) اعرابن ذريعي جڏهن مرضي پوي تہ ظاهر ڪيا وڃن ٿا. ٻئي طرف ڪيترين هندستاني لپين ۾ حرف علت/ سُر اعرابن يا نشانين ذريعي ظاهر ڪيا وڃن ٿا، جيڪي لڳائڻ نهايت ضروري آهن. هي نشانيون حرف صحيح/ وينجن سان لاڳاپيل سمجهيون وڃن ٿيون. سنڌي جيئن تہ عربي لکت/ لپي ۾ لکي وڃي، تنهنڪري ان جا حرف علت/ سُر آواز عربي طريقي 'زير، زبر ۽ پيش'

وغيره يعني اعرابن جي صورت ۾ لکجن ٿا، پر انهن اعرابن جو ڏيڻ به لکندڙ جي مرضيءَ تي منحصر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ واري مرحلي ۾ ته انهن اعرابن جو استعمال ضروري ٿيو پوي، جو انهن جو غلط استعمال لفظ ۽ جملي جي معنيٰ ڦيرايو ڇڏي، پر ٻولي پوري طرح سکي وڃڻ کان پوءِ انهن جو استعمال ضروري ڪونه ٿئي، جو پڙهندڙ تجربي جي بنياد تي لفظن جو صحيح اچار ڪري صحيح معنيٰ ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو.“ (ٻگهيو، 1998: 50- 51)

ڊاڪٽر ٻگهيي جي حوالي ۾ ’پڙهندڙ جي تجربي جي بنياد تي صحيح اچار ڪري درست معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ تي هري وڃڻ‘ واري ڳالهه مان ڳالهه اها نڪري ٿي ته لکڻ يا ڇپجڻ کان پوءِ پڙهندڙ کي ڇڏي ڏيو ته پنهنجي علائقي ۽ لهجي مطابق لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي! هڪڙا ’ڏڍر‘ (چمڙيءَ جي بيماري) اچارن ته ٻيا ’ڏڍ‘ (سڱ) اچارن.

اعرابن جي اختياري هجڻ سبب، اهو به جاچيو ويو آهي، جيڪڏهن اعرابن جي غلطيءَ سان استاد ٻار کي غلط پڙهايو ته اهو پڪي عمر تائين پيو غلط اچاريندو. هڪ پروفيسر کان ڪافي دفعا ’حُربو/ حُربہ‘ (اٽڪل) لفظ ’پيش‘ سان ٻڌو ويو آهي، تصحيح ڪرڻ بعد به ان جي ڊول ۾ لفظ پڪو ٿي ويو آهي. هڪ دفعي ادبي سنگت جي مرڪزي عهديدار کي لفظن جي درست اچار تي ڳالهائيندي ٻڌو ويو، اچانڪ ڪانئس لفظ ’مُعزرت‘ (پيش سان) نڪري ويو ۽ اهو به هڪ دفعو نہ پر ٻہ- ٽي دفعا! مقصد ته اها ڪار به عام آهي.

اهڙي شڪايت پروفيسر علي نواز جتوئي هن انداز ۾ ڪري ٿو ته: ”اسان جي ٻولي عربي صورتخطيءَ ۾ لکي ٿي وڃي، جنهن ۾ زيرون زبرون ۽ پيشَ سيڪنهن لفظ تي ڪم نہ ٿا اچن. نتيجو اهو نڪتو آهي جو اهي لفظ، جيڪي ٻڌا نہ ٿا وڃن مگر پڙهيا وڃن ٿا، تن جو زير زبر ۽ پيش وارن آوازن ۾ فرق اچيو وڃي. اهي عادتون ڪچي وهيءَ ۾ ئي پيدا ٿي وڃن ٿيون ۽ پوءِ وڏي هوندي پڪيون ٿيو وڃن ۽ پونيرن کي ورثي ۾ مليو وڃن. اچار جيئن ٻين کان ٻڌجن ٿا تيئن جهٽجن ٿا ۽ پوءِ استعمال سببان پڪا ٿي وڃن ٿا.“ (1996: 149)

اُن حالت ۾ لازمي آهي تہ پرائمريءَ کان سيڪنڊري جي ڪتابن ۾ اهم لفظن تي درست اعراب ڏيڻ گهرجي- خاص ڪري، ڌارين ٻولين جي لفظن تي!

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ اهم جڳهين تي اعراب ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي- خاص طور لاڙي/ حيدرآبادي لهجي جي بنيادي طالب علمن کي آخري سُرن تي اع ِ اُ ب جي مشق ڪرائي وڃي، تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جا مذڪر- مؤنث، واحد- جمع ۽ اسم جون فاعلي- مفعولي صورتون وغيره واضح رهن.

### 5.1.2 لفظن جا وچيان سُر بدلائڻ

وچيان سُر بدلائڻ ۾ ٻہ ڪٿي تہ اصولي طور تي اختلاف بہ پيدا ٿين ٿا، جيئن ماقبل آخري وينجن سُر کي ڪابہ اهميت مليل ڪانهي، جنهن سبب مذڪر- مؤنث جو فرق رکيو ويندو آهي؛ جهڙوڪ:

- ➢ مان ويندُس. (مذڪر صورت ۾)
- ➢ مان ويندَس. (مؤنث صورت ۾)

ڪافي حيدرآبادي رهاڪن کي 'مذڪر' صورت ۾ 'ويندَس' جهڙو اچار ٻڌو ويو آهي. اهڙو تفصيلي بحث پهرئين ڀاڱي جي ٻئين باب ۾ ٿي چڪو آهي.

### 5.1.3 ڪن لفظن جا ڊگها/ وچترا سُر ڪيرائڻ

مختلف لهجن جي حوالي سان 'ڊگهن سُرن کي ڇوٽن سُرن ۾ تبديل ڪرڻ' واري عادت بہ نوٽ ڪئي وئي آهي، جيئن: 'مهينو' > 'مهنو' (اِي > اِ) يا 'مينو' (اِي > اي).
ڊگهن سُرن کي ڪيرائڻ واري ڪار اترادي لهجي جي اُپ- لهجي ماٿيلي- اباوڙي جي ٻوليءَ ۾ پڻ نوٽ ڪيو ويو آهي؛ اهڙن لفظن جي لسٽ پروفيسر شيخ محمد فاضل پڻ ڏني آهي، چند لفظ خيال خاطر ڏجن ٿا:

| رائج تحريري محاورو | ماٿيلي_ اباوڙي علائقي جي ٻولي | ڊگهن سُرن جو ڪيرائڻ |
|---|---|---|
| آزارڻ | اَزارڻ | آ > اَ |
| آلاپڻ | اَلاپڻ | آ > اَ |
| ساماڻجڻ | سَماڻجڻ | (سا > سَ) آ > اَ |
| جاڳائڻ | جڳائڻ | (جا > جَ) آ > اَ |
| جاڳائڻ | جَڳائڻ | (جا > جَ) آ > اَ |
| ڏيچارڻ | ڏِچارڻ | (ڏي > ڏِ) اِي > اِ |
| سينگارڻ | سِنگارڻ | (سِينُ > سِنُ) اِينُ > اِنُ |
| وغيره | | |

(34 -31 :1992)

شڪارپور جي ٻوليءَ ۾ پڻ ڊگهن سُرن ڪيرائڻ کي نوٽ ڪيو ويو آهي، جيئن:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | تبديلي |
|---|---|---|
| آهي | آ/ آهہ | [آ] ڪان پوءِ 'هي' ختم ٿي وڃي ٿي، يا 'هي' بدلجي 'هہ' ٿي وڃي ٿي. |
| آهين | آهن/ اِن/ هِن | 'اِي' ختم ٿي وڃي ٿي/ 'آ' ختم ٿئي ٿي، . . . |
| آهيان | هان | 'آ' ختم ٿئي ٿي، ۽ (يان) بدران (آن) ٿئي ٿي. |

(ميمڻ، 1993: 59 ۽ 62)

اڳيان يا وچيان ڏگها سر ڪيرائڻ جو عمل لاڙي توڙي اترادي لهجي ۾ يڪسان طور ٿئي ٿو ليڪن، فرق صرف اهو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ آخري سُرن جي حذف ڪرڻ سان نحوي بناوت تي اثر پوي ٿو جڏهن تہ اترادي ٻوليءَ جا آخري سُر نهايت چٽا هوندا آهن.

البتہ اترادي ٻوليءَ ۾ ڪن ڏگهن سُرن مٽائڻ سان معنوي فرق سبب اختلاف رهي ٿو؛ جيئن: 'ساماٿجڻ' ۽ 'سماٿجڻ'

- ✓ ساماٿجڻ: جواني تائين رسڻ.
- ✓ سَماٿجڻ: ڪنهن ظرف ۾ پورو اچڻ؛ ضم ٿي وڃڻ.

اهوئي سبب آهي جو وچولي جي ٻوليءَ کي معياري ڄاتو ويندو آهي.

### 5.1.4 ڪن لفظن ۾ اضافي ڏگها/ وچترا سُر ڪم آڻڻ

مختلف لهجن جي حوالي سان اضافي ڏگها/ وچترا سُر ڪم آڻڻ بہ نوٽ ڪيو ويو آهي؛ جيئن: آهن- آهين (اِ > اِي)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڪڇي لهجي جي بدل آوازن جو جائزو وٺندي ڄاڻائي ٿو تہ: "اڪثر 'هہ' (وسرڳ) نہ اچارن، 'ڪنهن' کي 'ڪين' ۽ 'جنهنجو' کي 'جينجو' چون." (جوڻيجو، 1994: 28)

لفظن ۾ اضافي ڏگها سُر ڪم آڻڻ جي ڪار شڪارپوري لهجي ۾ بہ آهي، ان حوالي سان ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي چند لفظ ڏنا آهن، جيڪي خيال خاطر ڏجن ٿا:

| معياري محاورو | شڪارپوري محاورو | تبديلي |
|---|---|---|
| جتي | جاتي | 'ج' تي آيل 'اَ' بدلجي 'آ' ٿئي ٿي. |
| ڪٿي | ڪاٿي | 'ڪ' تي آيل 'اَ' بدلجي 'آ' ٿئي ٿي. |

(ميمڻ، 1993: 69)

ڊاڪٽر ميمڻ جا صرف ٻه لفظ خيال خاطر آندا ويا آهن، صاحب موصوف تبديليءَ ۾ معياري لهجي موجب 'زبر' جو استعمال ڄاڻايو آهي، سو مشڪوڪ آهي، مبادا لاڙي لهجي ۾ ڪم آندو ويندو هجي! عام طور وچولي جي ٻوليءَ ۾ 'جِتي' يا 'ڪِتي' وارا لفظ زير سان ڪم آندا ويندا آهن.

اترادي لهجي موجب ڊاڪٽر داد محمد بروهي چند اضافي ڊگهن سُرن جي استعمال جا مثال ڏنا آهن، هيٺ خيال خاطر ڏجن ٿا:

| معياري | اترادي | ماڇڪي | جغدالي | فراڪي |
|---|---|---|---|---|
| جڏهن | جڏهين | جڏين | جڏين | جڏي |
| تڏهن | تڏهين | تڏين | تڏين | تڏي |

(بروهي، 1991: 58- 78)

بهرحال ڊاڪٽر ميمڻ سنڌيءَ ۽ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جي حوالن آهر اهو چئي سگهبو تہ شڪارپور جي ٻوليءَ ۾ ڇوٽن سُرن کي ڊگهن سُرن ۾ تبديل ڪرڻ واري ڪار موجود آهي.

مٿئين مختصر اڀياس ۾ چند ڳالهين کي ڏسي ڪري، وچولي لهجي جي ٻوليءَ تي ٿي پاڙڻو پوندو، جيڪا عالمن جي ڄاڻائڻ موجب، انگريزن جي دؤر کان درسي ڪتابن لاءِ طئہ ڪئي وئي هئي. ان بنياد تي مٿي ذڪر ڪيل لفظن جي ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | | | ترجيحي صورت |
|---|---|---|---|
| اِتون | اتئون | ------ | اِتئون |
| سَچون | سچيون | ------ | سچيون |
| مهنو | مهينو | ------- | مهينو |
| اوٺيهہ | اوٺويهہ | اُٺويهہ | اُٺويهہ (ھہ وينجن) |

**************

## 5.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ بدل آوازن/ اکرن جو لهجاتي فرق

### 5.2.1. 'ڻ' ۽ 'ڙ' جي لهجاتي فرق جو اڀياس

سنڌي صورتخطيءَ ۾ بدل آوازن جي لهجاتي فرق جو مختصر اڀياس، پهرئين ڀاڱي جي پهرئين باب ۾ ڏنو ويو آهي، هت صرف 'ڻ' ۽ 'ڙ' جو گهربل لفظ موجب انتهائي مختصر اڀياس پيش ڪجي ٿو.

لفظن جي ترجيحي صورتن جي خيال کان ڪافي اهڙا لفظ هوندا آهن، جن جون صورتون متعين ڪرڻ ان حوالي سان به ڏکيو هوندو آهي جو انهن لفظن تي اصولي طور تي سوچڻ کان هٽي ڪري لهجي جي ماڻ ۾ تورڻو پوندو آهي. ڪنهن لفظ کي لهجي جي ترِيءَ ۾ تورڻ لاءِ اهو اختلاف آڏو ايندو آهي ته لفظ کي ڪهڙي لهجي پٽاندر متعين ڪجي؟ سرڪاري/ معياري يا وچولي موجب!

اها سوچ ان صورت ۾ اچي ٿي جو اسين وچولي جي حد بندي کي نظر انداز ڪيون وينا آهيون، ان صورت ۾ حيدرآباد جي لهجي کي وچولي ۾ ڀانيو ويندو آهي. حيدرآباد جي لهجي کي وچولي ۾ سمجهڻ لاءِ ڀيرومل کان وٺي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تائين اختلاف سامهون اچي ٿو. ڀيرومل آڏواڻيءَ جا لفظ آهن ته: "حيدرآباد ۽ پسگردائيءَ جي ٻولي نيٺ ۽ ڪري ٻولي ليکجي ٿي. . . . حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو، پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي؛ تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي." (1956: 93- 94)

ڊاڪٽر بلوچ جا لفظ آهن ته: "جيتوڻيڪ سنڌ جي 'وچولي واري ٻوليءَ' کي معياري تسليم ڪري ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو، پر عملي طور گهٽي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفتر جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي."
(بلوچ، 1992: 15- 16)

سامهون ايندڙ حوالن مان اها ڳالهه اخذ ٿئي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ وچولي جي حدبندي ٻن رخن سان ڪئي وڃي ٿي هڪڙن جو خيال آهي ته: حيدرآباد جي ايراضيءَ واري ٻولي، وچولي ۾ شامل ڪئي وڃي ٿي؛ ٻين جو خيال آهي ته: ساهتي پرڳڻي جي ٻولي وچولي جي دفعي ۾ شامل ڪيل آهي. صوتي اعتبار کان اها ڳالهه واضح آهي ته 'حيدرآباد ۽ ساهتي پرڳڻي' جي ٻوليءَ ۾ چڱو خاصو فرق آهي؛ حيدرآباد جي ٻوليءَ تي لاڙي اثر آهي، جڏهن ته ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ تي اترادي اثر آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نسبت گريئرسن جي راءِ موجب ايترو ضرور آهي ته لاڙي لهجي جي ٻوليءَ کان اترادي ٻوليءَ جا آواز يا اچار وڌيڪ صاف ۽ چٽا آهن (گريئرسن، 2000: 61) ان صورت ۾ ساهتي پرڳڻي جي ٻولي، حيدرآباد جي ٻوليءَ کان وڌيڪ صاف ۽ چٽي آهي؛ ان بنياد تي ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ وارن آوازن يا اچارن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي.

لاڙي ۽ لاڙي ڳاڍئين حيدرآبادي لهجي ۾ ڪن لفظن موجب، 'ڙ' بدل آواز آهي 'ٺ' جو: جيئن:

- وچولي لهجي موجب: ماٺو/ ماٺون؛ توٺي.
- لاڙي لهجي موجب: ماڙهو/ ماڙو: توڙي.

ائين ئي اترادي لهجي ۾ ڪن لفظن موجب، 'ڙ' بدل آواز آهي 'ٺ' جو: جيئن:

- وچولي لهجي موجب: پڪوڙا.
- اترادي ڪن اُپ- لهجن موجب: پڪوٺا.

### 5.2.2. گُهٽي وينجن 'ٺ' جو 'ڙ' ۾ تبادل

ڏٺو اهو ويو آهي ته معياري ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۾ گُهٽي وينجن 'ٺ' کي ٻين لهجن خاص ڪري لاڙي/ حيدرآبادي لهجي موجب 'ڙ' ۾ تبديل ڪندا آهن. ليڪن وچولي جي اثر ڪري ڪافي لفظن جي صورتخطيءَ ۾ سڌارو آندو ويو ليڪن اصولي طور تي ان تي توجه ڪونه ڏنو ويو. چند مثال سامهون رکجن ٿا:

| وچولو | حيدرآبادي (وچولي جو اثر) | لاڙي |
|---|---|---|
| ماٺو/ ماٺون | ماٺو | ماڙو |
| جيتوٺيڪ | جيتوٺيڪ | جيتوڙيڪ |
| توٺي | توڙي | توڙي |

چاٺايل لفظن ۾ اها ڳالهه ٻيهر جاچڻي آهي ته صورتخطيءَ جي حوالي سان 'توڙي' جو لفظ بهتر آهي يا 'توٺي'! اصل ۾ اهڙن ننڍن مسئلن کي به ٻوليءَ جي ڪنهن اصول/ اپياس آڌار جاچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

عام طور تي لاڙي لهجي ۾ 'ٺ' جو بدل آواز 'ڙ' عام آهي، خاص طور 'ماٺو' لفظ جو لاڙي اچار 'ماڙو' ڪيو ويندو آهي. توٺي/ توڙي ٻنهي جو استعمال حيدرآبادي لهجي ۾ موجود آهي؛ ذاتي خيال موجب حيدرآبادي لهجي تي اهو اثر لاڙي نمايان آهي، هونئن به حيدرآبادي لهجي کي لاڙي لهجي کان الڳ نه ٿو سمجهي سگهجي؛ ان کان علاوه حيدرآبادي لهجي تي ٻاهرين برادرين جي اچ وڃ، مٽي مائٽي، وٺ واپار يا ملازمت سبب وچولي جو اثر به يقيناً آهي.

حقيقت ۾ لفظ 'جيتوٽيڪ' جو بنياد 'توٽي' مان آهي، نه ڪي 'توڙي' مان! جيڪڏهن ان لفظ جو بنياد 'توڙي' مان آهي ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪاٻه اهڙي لکت ڪانهي جنهن ۾ لفظ 'جيتوڙيڪ' ڪم آيو هجي. جڏهن ته 'توٽي' جو لفظ عام صورت ۾ نه هجڻ باوجود پرنٽ ميڊيا ۾ ٻه ڪم آندو وڃي ٿو: اهڙو مثال محمد ابراهيم جوئي هڪ پيش لفظ ۾ ٻه ڪم آندو آهي: ان ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته ڪتاب جا ٻه دفعا پروف جوئي صاحب پاڻ پڙهيا آهن. هت سندس پيش لفظ مان جملو ڏجي ٿو:

"بني نوع انسان، انفرادي ۽ پڻ اجتماعي طور زندگيءَ جي هر تبديل ۽ عدم تبديل لاءِ جيڪا ٻه رٿا رٿي ٿو يا مصلحت سوچي ٿو ۽ عمل ۾ آڻي ٿو- نفعي جي توٽي نقصان جي- ائين هو پاڻ ٿو ڪري، ۽ ان لاءِ ذميوار ٻه پاڻ آهي." (پنهور، 2008: xii)

ان ڪان علاوه راقم جي هڪ مقالي ۾ اهڙي صورت ڪم اچي چڪي آهي، جيڪا جملي سوڌي سامهون رکجي ٿي:

"الڳ لکڻ جي سببن ۾: ٻن لفظن جي جوڙ جي وچ ۾ معروف توٽي مجهول 'ڏکهن سُرن، ڏکهن گهٽن سُرن' ۽ 'مختفي ه' سبب ٻه الڳ لکيا ٿا وڃن، جيئن: ڏٺي ڏوڪي..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

"متصّل اکرن سبب ٻه گڏي لکيا ٿا وڃن، توٽي جو هر معنيٰ، متضاد يا لاڳاپو رکندڙ هجن، جيئن: چڱيلائي، ڪنمنڙو..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

"الف- بي جو شمار هڪ اصطلاح توٽي مخفّف جي هڪ قسم ۾ ٿئي ٿو..." (جوکيو، 2011: 48- 88)

### 5.2.3 توڙي ۽ توٽي جي ترجيحي صورت

حيدرآبادي لهجي موجب لفظ 'توڙي يا توٽي' ٻئي ڪم آندا وڃن ٿا، مٿين ٻنهي صورتن ۾ وچولي جي ٻوليءَ کي معياري ڄاتو ويندو آهي. ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ پٽاندر هيٺينءَ ريت ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| لفظن جو مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| توٽي/ توڙي | توٽي (جيتوٽيڪ ٻه ان مان جڙيو آهي) |

*********************

### 5.3 لهجاتي فرق سبب پيدا ٿيندڙ معنوي فرق

لهجاتي فرق ۾ سُرن جي گهٽائڻ ۽ وڌائڻ يا حرف علت جي تبديل سان اصولي يا سماجي ٻوليءَ نسبت معنوي فرق محسوس ڪيو ويو آهي؛ ان حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئي ڄاڻائي ٿو ته: ”ڪيترائي لفظ اهڙا به هوندا آهن جي پنهنجي اصلوڪي معنيٰ وڃائي وهندا آهن ۽ نئين معنيٰ حاصل ڪندا آهن؛ مثلاً: ’ڪسبياڻي‘ لفظ جي اصلوڪي معنيٰ آهي ’پورهيو ڪندڙ زال‘، ڪاسبي معنيٰ پورهيو ڪندڙ مرد، ان جو مؤنث آهي ’ڪاسبياڻي‘، جو ڦري ٿيو آهي ’ڪسبياڻي‘. ان لفظ جي هاڻي بري معنيٰ آهي يعني ’برو ڪم ڪندڙ زال ماڻهو.“ (1996: 148)

اهڙي فرق کي هونئن ته سماجي ٻوليءَ ۾ ئي توري سگهجي ٿو، ليڪن هتي حوالي ڄاڻائڻ مان مراد اها آهي ته جتي ’ڪاسبياڻي‘ ۽ ’ڪسبياڻي‘ ۾ ڊگهي سُر کي گهٽائي ڇوٽو سُر ڪم آڻجي ٿو ته لفظ جي مراد ئي مٽجي وڃي ٿي، يعني معنوي فرق پيدا ٿي وڃي ٿو. اهڙو سُرن کي گهٽائڻ وڌائڻ لهجاتي فرق ۾ عام آهي. ان صورت ۾ اهڙن لفظن جو ٻوليءَ جي نسبت اڀياس انتهائي لازمي هوندو آهي.

لهجاتي فرق ۾ جيڪي ڳالهيون عام طور ڏٺيون وينديون آهن تن ۾ هيٺيان فرق اهم آهن:

- لفظ جا وچيان يا آخري ڇوٽا توڙي ڊگها سُر گهٽائڻ يا مٽائڻ،
- وينجنن جو بدل آواز (allophone) استعمال ڪرڻ،

ان حالت ۾ ٻه صورتون سامهون اينديون آهن:

1. بدل آوازن يا سُرن جي گهٽائڻ/ مٽائڻ سان معنوي فرق ڪونه ٿيندو آهي؛
2. بدل آوازن يا سُرن جي گهٽائڻ/ مٽائڻ سان معنوي فرق پيدا ٿيندو آهي.

مذڪوره عنوان ڪافي ديگهارو ۽ تحقيق طلب آهي، هتي مختصر بيان ڪجي ٿو:

ٻن نمونن جا جيڪي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ آڏو آيا آهن، تن ۾ پوي/ پئي ۽ چوي/ چئي ۾ ’و‘ ۽ ’همزو‘ هڪٻئي جا بدل اکر رهن ٿا. آواز جي بنياد تي، سواءِ ڊگهي سُر ۾ ڪم اچڻ سبب، ’همزو‘ ۽ ’الف‘ ساڳي ڳالهه آهن، جنهن بنياد تي ’واؤ‘ ۽ ’الف‘ اکرن جي بنياد تي ’حرف علت‘ سڏبا آهن؛ ڇاڪاڻ ته اهي اکر هڪٻئي جي جاءِ وٺندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو صورتخطيءَ جي بنياد تي ’ڪمزور اکر‘ سڏبا آهن. ٻي صورت ۾ آواز جي بنياد تي ’سُر‘ يا ’وينجن‘ جو لفظ ئي ڪم آڻي سگهجي ٿو.

پوي/ پئي يا چوي/ چئي جي استعمال ۾ وچولي (ساهتي پرڳڻي) وارا ڪافي محتاط رهندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهڙن لفظن جي استعمال ۾ معنوي يا ڪيفيتي فرق محسوس ڪيو ويندو آهي؛ هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا:

### 5.3.1. غير معنوي فرق ('و' ۽ 'الف همزو' بدل آوازن جي صورت ۾)

ترجيحي صورتن ۾ چوي/ چئي بہ بحث هيٺ آيل آهن، مذڪوره ٻئي لفظ 'چوڻ' مصدر مان ورتل آهن، ليڪن ان جو استعمال ٻنهي صورتن ۾ ٿئي ٿو. مذڪوره حالت ۾ ئي، ترجيحي صورت متعين ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان وچولي واري ٻوليءَ کي ترجيحي حيثيت آهي، جنهن بنياد تي هيٺ چند جملا خيال خاطر رکجن ٿا:

| زمان حال مطلق | زمان ماضي مطلق | زمان مستقبل مطلق |
|---|---|---|
| مان شعر چوان ٿو. | مون شعر چيو. | مان شعر چوندس. |
| اسين شعر چئون ٿا. | اسان شعر چيو. | اسان شعر چونداسين. |
| تون شعر چئين ٿو. | تو شعر چيو. | تون شعر چوندين. |
| توهان شعر چئو ٿا. | توهان شعر چيا | توهان شعر چوندؤ. |
| هوءَ شعر چئي ٿي. | هن شعر چيو. | هوءَ شعر چوندي. |
| هو شعر چئي ٿو. | هن شعر چيو. | هو شعر چوندو. |
| اهي شعر چوَن ٿا. | انهن شعر چيا. | اهي شعر چوندا. |
| اسلم شعر چئي ٿو. | اسلم شعر چيو. | اسلم شعر چوندو. |

مٿين جملن ۾ مصدر 'چوَڻ' جون جيڪي صورتون اچن ٿيون تن ۾ اکرن جي لحاظ کان حرف علت 'ا (همزو)، و ۽ ي' پاڻ ۾ مٽجن سٽجن ٿا، ٻي صورت ۾ ائين چئبو تہ سُر يا نيم سُر گردان موجب ڦرن گهرن ٿا. ان حالت ۾ چوي/ چئي لفظن مان چئي جو استعمال قدري بهتر ڄاتو ويو آهي. فعل جي مٽجندڙ صورتن بابت، هن ياڱي جي چوٿين باب ۾، تفصيلي اپياس پيش ڪيو ويو آهي.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| چوي/ چئي | چئي |

### 5.3.2. معنوي فرق ('و' ۽ 'الف همزو' بدل آوازن جي صورت ۾)

پوي: هي لفظ مصدر 'پَوَڻ' مان ورتل آهي، جنهن جي مراد ڪنهن هنڌ يا ٿانوَ ۾ ڪنهن شيءِ جو داخل ٿيڻ/ هجڻ آهي، جنهن عمل ۾ فاعل جو ڪوبہ عمل دخل نہ هجي، ساڳئي مفهوم سان ڪڏهن 'پئي' بہ ڪم آندو ويندو آهي؛ جيئن:

1. ڏڏو ڪير ٽٽين ڪونہ پَوي/ پئي!
2. وڪر سو وهاءِ، جو پَئي پراڻو نہ ٿئي.
3. جيستائين پيٽ ۾ ٽڪر پَوي/ پَئي، تيستائين چري بہ نہ سگهبو!
4. انور ڏڪ لڳڻ سبب پئجي/ پَئِي رهيو.
5. مون کي ڏٺو ٿي ڪونہ ٿو پوي/ پئي ۽ تون پڙهڻ لاءِ ٿو زور پرين!

**مٿين جملن ۾ پوي جون صورتون: پَوي، پَئي، پَئِي، پَئجي.**

**'پوي' يا 'پئي' جون جيڪي صورتون جملن ۾ ڄاڻايون ويون آهن، تن ۾ خاص ڳالهہ اها محسوس ٿي تہ پنهي صورتن وارن لفظن جو بنياد 'پَوَڻُ' مصدر مان آهي؛ جنهن بنياد تي ان مفهوم سان سلهاڙيل لفظ جي 'پ' تي زبر اچڻ/ ڏيڻ گهرجي.**

**پِئي: هي لفظ ڪنهن عمل کي لڳاتار ڏيکارڻ لاءِ ڪم آندو ويندو آهي، خاص طور ڪنهن زمان جي استمراري (جاري) جملن ۾! هن لفظ جي 'پ' تي زير جو استعمال ٿيڻ گهرجي؛ هيٺ مذڪوره لفظ جومختصر گردان خيال خاطر رکجي ٿو:**

| زمان حال استمراري | زمان ماضي استمراري | زمان مستقبل استمراري |
|---|---|---|
| مان خط لکان ٿو پِيو. | مون خط پِئي لکيو. | مان خط پِيو لکندس. |
| اسين خط لکئون ٿا پِيا. | اسان خطَ پِئي لکيا. | اسان خط پِيا لکنداسين. |
| توهان خط لکو ٿا پِيا. | توهان خطَ پِئي لکيا. | توهان خط پِيا لکندؤ. |
| تون خط لکين ٿو پِيو. | تو خط پِئي لکيو. | تون خط پِيو لکندين. |
| هو خط لکي ٿو پِيو. | هن خط پِئي لکيو. | هو خط پِيو لکندو. |
| هوءَ خط لکي ٿي پَئِي/ پيئي. | هن خط پِئي لکيو. | هوءَ خط پَئِي لکندي. |
| اهي خط لکن ٿا پِيا. | انهن خط پِئي لکيا. | اهي خط پِيا لکندا. |

**مٿين جملن موجب، پِئي جون صورتون: پِيو، پِيا، پِئي، پَئِي/ پيئي.**

**استمراري جملن ۾ هڪ صورت: 'پَئي' نرالي سامهون اچي ٿي، جيڪا فاعل مؤنث جي حالت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. ان جي سببن ۾، فاعل مؤنث واري 'ماقبل آخر' زبر هجڻ بہ آهي؛ جيئن: مذڪر- لکندُس، مؤنث- لکندَس.**

متين جملن مان اهو نڪتو بہ آڏو آيو تہ پهرئين ۽ ٻئين گروہ جا لفظ گهڻي قدر مشابهت بہ رکن ٿا ليڪن اها ڳالهہ طئہ آهي تہ انهن ٻنهي گروهن جي لفظن ۾ معنوي فرق يقيني آهي. هيٺ ٻنهي گروهن جي لفظن کي تقابلي طور رکجي ٿو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | مصدر 'پَوڻ' مان | پَوي | پِئي | پَئِي | پَئِجي |
| 2 | استمراريءَ ۾ | پيو | پِئي | پَئِي/ پيئِي | پيا |

### 5.3.3 حاصل مطلب

ڄاڻايل تقابلي لفظن ۾ اها ڳالهہ واضح ٿي بيٺي تہ پَئي ( پ، زبر سان) جو لفظ مصدر 'پَوَڻ' مان ورتل آهي، جڏهن تہ 'پِئي' (پ، زير سان) جي صورت ڪنهن لڳاتار عمل جي حالت ۾ ڪم آندو وڃي ٿو يا ڪم آڻڻ گهرجي. هڪ صورت ۾ 'پَئِي' ۾ مماثلت آهي، ليڪن اها نظر انداز ڪرڻ جوڳي آهي، ان صورت ۾ اهڙن لفظن کي وچولي واري ٻوليءَ جي ٽُريءَ ۾ ئي توريڻ مناسب ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اعرابن/ سُرن جو استعمال حيدرآبادي لهجي ۾ ڪمزور ڄاتو ويو آهي.

*********************

# باب ڇهون

## عربي / فارسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اصولي اڀياس

**(عربي صَرف (وزن) جي سنڌي صورتخطيءَ سان ويجهڙائپ، سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي درست استعمال جو معاملو، سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب عربي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو، سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب فارسي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو)**

### 6.1. عربي صَرف (وزن) جي سنڌي صورتخطيءَ سان ويجهڙائپ

#### 6.1.1. عالمن آڏو عربي لفظن جي ترجيحي صورت جو اڀياس

صورتخطيءَ جي ترجيحي صورت لاءِ، مختلف دؤرن ۾ عربي لفظ بہ سامهون اچن ٿا، ليڪن علمي طور تي پاڙي ئي ولوڙيو ويو جنهن مان نہ ڏڌ، نہ مکڻ! اهڙي قسم جي مسئلن لاءِ باضابطہ اڀياس ئي هڪ بهتر رستو هوندو آهي. جيڪي عربي لفظ، صورتخطيءَ جي ترجيحي صورت لاءِ هن باب ۾ رکيا ويا آهن، سي هن ريت آهن: استعيفا/ استعفاء/ استعيفيٰ، نُبوت/ نَبوت، مُيَسره/ مَيسره، مطمئن/ مطمعن.

سنڌي ٻوليءَ جي موجوده حالتن ۾، ڪافي ٻولين جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾، درياه جي پيٽ وانگر سمائجي ويا آهن، ايتريقدر جو اڄ اسان انهن جي اکيڙ ڪرڻ ۾ ئي انتهائي محتاط رهندا آهيون. سنڌي ٻولي، هن خطي جي اها ٻولي آهي، جنهن تي سڀ کان پهرين عربي ٻوليءَ جو اثر ٿيو ۽ ڪافي عرصو سرڪاري ٻوليءَ جي درجي تي فائز رهي. ان سببان عربي ٻوليءَ جا ڪافي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضم ٿي چڪا آهن؛ ويندي اهڙا لفظ بہ ملن ٿا جيڪي اڄ سوڌو بحث هيٺ آهن تہ اهي عربي ٻوليءَ جا آهن يا سنڌيءَ جا!

عالمن موجب، سماجي طور تي ٻنهي ٻولين جي ويجهڙائپ ايتري بہ رهي جو ٻنهي ٻولين هڪٻئي کان لفظ ڳنهي پنهنجي ٻوليءَ جي لغت جي زينت بڻائي. ايتري ويجهڙائپ سبب اسان عربي ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪم تہ آندا آهن، ليڪن انهن لفظن جي جوڙجڪ جا بنيادي اصول پنهنجي آئندي تائين عام ڪري نہ سگهيا آهيون؛ جنهن سبب اسان جا عام استاد بہ انهن بنيادي اصولن کان اڻ- واقف رهندا پيا اچن.

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 ڊسمبر 1998ع تي درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون، تن ۾ عربي لفظ هن طرح ڄاڻايل آهن:

نُبوت = نَبوت (صحيح)؛ مَيَسره = مَيسره (صحيح)

- 4 نومبر 2008ع تي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران، 'سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ۽ انهن جو حل' جي موضوع تي سنڌ جي استادن ۽ عالمن جو هڪ مذاڪرو ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ ڪافي لفظ ترجيحي صورتن لاءِ عالمن آڏو رکيا ويا؛ ان لسٽ ۾ اهي لفظ به شامل ڪيا ويا جيڪي 13 فيبروري 1913ع ۾ نهراءُ پاس ڪري، 'اخبار تعليم' ۾ اهڙن لفظن جون فهرستون شايع ڪرايون ويون هيون. تن مان هي لفظ پڻ ترجيحي صورت لاءِ پيش ڪيو ويو آهي:
    - 1913ع ۾: ٻن صورتن: 'استعفا/ استعيفا' جي بدران 'استعفا' کي ترجيح ڏني وئي؛
    - 2008ع ۾: ساڳيو لفظ، ٽن صورتن ۾ رکيو ويو: استعيفا/ استعفا/ استعيفيٰ

مذڪوره لفظ تي ڪافي عالمن جا مختلف رايا سامهون اچن ٿا، ان حوالي سان محمد حسين 'ڪاشف' پنهنجي هڪ مضمون 'اخباري ٻوليءَ جا مسئلا ۽ خاميون' ۾ ڄاڻائي ٿو ته: "هلال پاڪستان ۾ هڪ خبر ۾ لفظ 'استعيفا' لکيو ويو آهي، جيڪو هئڻ گهرجي: 'استيعفا'- هن لاءِ ڏسو: جامع سنڌي لغات، جلد پهريون." (ڪاشف، 2009: 45- 55)

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ پڻ عربي لفظن جي درست صورتخطيءَ بابت لکندي، مذڪوره لفظ لاءِ راءِ ڏيندي لکي ٿو ته: "اِستِعفا کي 'اِستِيفا' ڪري نه لکجي." (سيوهاڻي، 1983: 77)

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي اڳيان عربي لفظ 'استعيفا/ استعفاء/ استعيفيٰ'، 'نُبوت/ نَبوَت' ۽ 'مَيَسره/ مَيسره' ترجيحي صورت لاءِ آيا. پهرئين گروه جو لفظ اٿارٽيءَ جي 2008ع واري مذاڪري ۾ بحث هيٺ رهيو. جن عالمن مذڪوره لفظ لاءِ راءِ رکي، سا هن ريت آهي:

- پيش ڪيل لفظ: استعيفا/ استعفا/ استعيفيٰ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| استعيفا | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو، ولي رام، ڊاڪٽر عبدالغفور، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه. |
| استعفا | ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد. |
| استعفاء | شفيع چانديو. |
| استعيفيٰ | عبدالغفار صديقي. |

*پروفيسر قلندر شاه لڪياريءَ جي راءِ آهي ته: 'استعيفا' مروج آهي (اٿارٽيءَ پاران مليل مواد موجب)

يعني، اهو لفظ ويو ويامندو ۽ هيٺيون نيون صورتون نکري نروار ٿيون:

استيعفا، استعيفا، استعفا، استعفاء، استعيفیٰ.

2008ع واري مذاڪري ۾ ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ بين عالمن جي ترجيحي صورتن تي تنقيد ڪندي چيو تہ: ”هن لفظ جي صورتخطي ’استعفا‘ ٿيندي؛ مان دوستن کي وري بہ تاڪيد ڪندس تہ ڪنهن بہ لفظ جي درست صورتخطيءَ لاءِ لغت جو استعمال ضرور ڪن!“

ڊاڪٽر قادريءَ جي راءِ، عربيءَ جي پروفيسر هجڻ ناتي، مڃڻي قبول ڪئي؛ راقم پڻ ان مذاڪري ۾ شامل هيو. حيرت ان ڳالهہ جي ٿي تہ لفظ ’استعفا‘ (درست: اِستِعفاء- جيئن تہ عربيءَ موجب آخري سُر حذف ڪيو ويندو آهي، ان صورت ۾ همزو گم ٿي سگهي ٿو؛ پر سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب آخري سُر واضح ڪرڻو پوندو) پنهنجي جڳهہ تي نيڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ مذڪوره لفظ ’اِستِفعال‘ مصدر جي وزن تي آهي؛ جيڪڏهن ’استعفا/ استعفاء‘ درست آهي تہ ’عربي- اردو فيروز اللغات‘ ۾ ’استعفیٰ‘ چو ڏنل آهي. انهن لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي؛ اها جاکوڙ ايتري مفيد ثابت ٿي جو اصطلاح ’اشتقاق‘ جي درسي لغت تيار ڪرڻي پئي.

بهرحال ڊاڪٽر قادري جي صلاح موجب لغتن مان هي لفظ جاچجي ٿو:

- فرهنگ آصفيہ موجب: اِستِعْفا- ع- اسم مذکر- لغوی معنے طلب عفو- معافی- اصطلاحی نوکری کرنے سے معافی مانگنا، درخواست ترک عہدہ- (دہلوی،2002: 124 )
- نور اللغات موجب: اِستِعْفا- (ع- معافی مانگنا- مادہ عفو) مذکر- نوکری ترک کرنے کی درخواست- (دینا- لینا کے ساتھ)- (نور،2006: 302)
- امين اللغات موجب: اِستِعْفَا- ع- معافی مانگنا- مجازاً ملازمت سے معافی چاہنا- (بھٹی، ص:۲۶)
- اظهر اللغات موجب: اِستِعْفَا- ع- معافی چاہنا- نوکری چھوڑنے کی درخواست- (ص:۴۲)
- فيروزاللغات (عربي- اردو): اِستِعْفیٰ- (کسی پابندی سے) معافی طلب کرنا- (عہدے سے) استعفا دینا- (ص:۴۵۷)
- جامع سنڌي لغات موجب: اِستِعفا ج استعفائون: [ع. اِستِعفاء = معافي گهرڻ] نوڪري يا عهدي ڇڏڻ جي درخواست. معافيءَ لاءِ عرض. (بلوچ، 1960: 190)

اهو ڏٺو ويو تہ لغتن ۾ بہ، مذڪوره لفظ جون مختلف صورتخطيون ڄاڻايون ويون آهن؛ جيڪي مختلف صورتون سامهون آيون آهن، سي هن ريت آهن:

استعفا، استعفاء، استعفیٰ

ڊاڪٽر مدد علي قادري لغت جي استعمال جي راءِ تہ ڏني، ليڪن هن حالت ۾، جڏهن لغتن ۾ مختلف صورتون هجن تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ ان صورت ۾ لازم ٿئي ٿو تہ اهڙن لفظن جي صورتن لاءِ عالمن کي تڪليف ڏجي!

هي صرف هڪ لفظ جو معاملو ناهي، اهڙا ڪافي عربي لفظ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا، جن جي حيثيت سمجهڻ بغير درست صورتخطيءَ جو معاملو سڌو ڪونہ ٿو ٿئي. لفظن جي حيثيت سمجهڻ بغير، اسان جي ڪافي استادن جي ڪتابن يا گائيڊن ۾ غلطيون سامهون آيون آهن. فرض ڪريو تہ ٻارهين ڪلاس جي ٻن سنڌي نصاب جي گائيڊن تي نظر ڪجي ٿي تہ ان ۾ لفظ 'انحراف' جو غير معتبر اشتقاق ڏنل آهي:

- اِنحراف = (اِن = انڪار + حرف = پاسو) ابتڙ هلڻ- پيچڪڙي ڪرڻ.

اصل ۾ اهو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ان جي اشتقاق ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ پهريائين عربيءَ موجب ٿي ان جي سہ- حرفي/ ٽہ- اکري/ اصل/ بنياد/ ڌاتو معلوم ڪبو. ان بعد ان جي وزن کي جاچبو: وزن معلوم ڪرڻ بعد ان وزن جي حيثيت معلوم ڪبي تہ اهو وزن ڪهڙي مقصد لاءِ ڪم آندو ويندو آهي، تڏهن ئي ڪا مراد حاصل ٿيندي. حقيقت اها آهي تہ ان وزن تي ڪافي ٻيا لفظ بہ جڙندا آهن، ان لاءِ وزن کي ذهن نشين ڪرڻ لازمي هوندو آهي. مذڪوره لفظ جو اشتقاق هيٺينءَ ريت ڪري سگهجي ٿو:

- اِنحراف = [ اِنحِراف- اِنْفِعَال- مصدر (حَرَفَ = هن هٽايو) ] ڪنهن ڳالهہ تان ڦري وڃڻ- قاعدي جي پيچڪڙي ڪرڻ- نافرماني ڪرڻ- انڪار ڪرڻ- ڇيو نہ مڃڻ.

بنيادي وزنن کان اڻ- ڄاڻائيءَ سبب ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ، پنهنجي ٿيسز 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' ۾ موسوي صاحب جي هڪ راءِ کي بغير ڇنڊڇاڻ جي اڳتي ڪئي آهي تہ:

"مولود لفظ جون گهڻيون ئي معنائون آهن (١)، پر سنڌي محاوري موجب 'مولود' شعر جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ حضرت رسول اڪرم، محمد مصطفىٰ ﷺ جن جي ولادت جي خوشي، سندن شان، سندن معراج، معجزن شاديءَ بابت ذڪر هوندو آهي. [(١) عبدالحسين شاه موسوي: 'سرهاڻ'، روهڙي سنڌ، 1958ع، ص: 222]" (1977: 262)

لفظ جو بنياد سمجهڻ بغير ڪنهن جي راءِ کي اڳتي ڪرڻ يا رڳو لغتن تي ٻاڙڻ غير علمي عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو ننڍن ڪلاسن کان وٺي انٽر ڪلاسن جي نصاب ۾ 'اشتقاق' جو اصطلاح پڙهايو ۽ سيکاريو ويندو آهي. ان جي اهميت تمام پراڻي محسوس ڪيل آهي، جنهن لاءِ 1886ع تي 'وئتيپتي ڪوش' ۾ ليکڪ جهمتمل نارومل وسڻائي لکي ٿو تہ: " آءٌ پانيان ٿو تہ گهڻو

ڪري سڀ ماڻهو قبول ڪندا ته اشتقاق جي ڪتاب جو گهڻو احتياج آهي. نه رڳو سنڌي ۽ انگريزي مڪتبن جي درجن ۾ اشتقاق امتحان جو ڀاڱو آهن، ۽ تنهنڪري چوڪرن کان پڇڻ گهرجن، پر عام پڙهندڙن کي به گهڻو فائدو ڪندا؛ ڇو جو جڏهن خبر پيئي ته فلاڻو لفظ فلاڻي ٻوليءَ ۽ فلاڻي مول مان نڪتو آهي، تڏهن سُڌ ارٿ جي به خبر پوندي. ان جو احتياج ئي سبب ڪافي آهي." (جهمٽمل، 1978: 5)

## 6.1.2. مسئلي جي نوعيت

'مولود لفظن جون گهڻيون ئي معنائون آهن' مان خبر ناهي ته ڪهڙيون معنائون نڪرنديون؟ عربي لفظ 'مولود'، 'مفعول' جي وزن تي آهي، جنهن جو بنياد 'وَلَدَ' آهي. اهو ڍنگ ڪو نئون ڪونهي، پرائمريءَ کان وٺي 'فعل'، 'فاعل' ۽ 'مفعول' پڙهندا آيا آهيون؛ سڄي عربي گرامر جو بنياد انهن ٽن لفظن ۽ ان جي وزنن تي هوندو آهي؛ جيڪي بنيادي طور تي سنڌي پرائمريءَ ۾ اسان کي سيکاريا ويندا آهن، جن ۾ 'فعل' (ڪم)، 'فاعل' (ڪم جو ڪندڙ) ۽ 'مفعول' (ڪم جو سهندڙ) سڀ کان پهريائين سيکاريا ۽ سمجهايا ويندا آهن. اهڙو لفظن جو مختصر اڀياس هيٺ ڏجي ٿو.

### 6.1.2.1. بنيادي وزن: 'فعل'، 'فاعل' ۽ 'مفعول' جو اڀياس

| فعل (ٽه- اکرا) ڪم | | | فاعل (پهرين اکر بعد 'الف' جو اضافو) ڪم جو ڪندڙ | | | | مفعول (اڳيان 'م' ۽ ٻن اکرن بعد 'و' جو اضافو) ڪم جو سهندڙ | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ٢ | ٣ | ١ | (الف) | ٢ | ٣ | (م) | ١ | ٢ | (و) | ٣ |
| ف | ع | ل | ف | ا | ع | ل | م | ف | ع | و | ل |
| ق | ت | ل | ق | ا | ت | ل | م | ق | ت | و | ل |
| ح | س | د | ح | ا | س | د | م | ح | س | و | د |
| ج | ه | ل | ج | ا | ه | ل | م | ج | ه | و | ل |
| ن | س | خ | ن | ا | س | خ | م | ن | س | و | خ |
| ڪ | ت | ب | ڪ | ا | ت | ب | م | ڪ | ت | و | ب |
| ش | ڪ | ر | ش | ا | ڪ | ر | م | ش | ڪ | و | ر |
| ن | ظ | م | ن | ا | ظ | م | م | ن | ظ | و | م |
| ن | ش | ر | ن | ا | ش | ر | م | ن | ش | و | ر |
| ح | ف | ظ | ح | ا | ف | ظ | م | ح | ف | و | ظ |

| فعل (ٽه- اکرا) ڪر | | | فاعل (پهرين اکر بعد 'الف' جو اضافو) ڪم جو ڪندڙ | | | | مفعول (اڳيان 'م' ۽ ٻن اکرن بعد 'و' جو اضافو) ڪم جو سهندڙ | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ط | ل | ب | ط | ا | ل | ب | م | ط | ل | و | ب |
| ع | ش | ق | ع | ا | ش | ق | م | ع | ش | و | ق |
| ت | ر | ڪ | ت | ا | ر | ڪ | م | ت | ر | و | ڪ |
| و | ل | د | و | ا | ل | د | م | و | ل | و | د |

مٿي ڄاڻايل خاڪي ۾ 'فعل' 'فاعل' 'مفعول' واري ٽيبل منهنجي ذاتي راءِ نہ، پر استادن جو سيڪاريل طريقہ ڪار آهي، ان موجب هڪ پرائمريءَ جو ٻار بہ ٻڌائي سگهندو تہ لفظ 'مولود' مفعول جي وزن جو لفظ آهي ۽ ان جي بنيادي معنيٰ: 'ڄڻيل'، 'ڄاول ٻار' ئي آهي. اصطلاحي معنيٰ پوءِ جي ڳالهہ آهي؛ وڌيڪ ان جو مختصر اشتقاق هيٺين ريت ڪري سگهجي ٿو:

- مَولُود [اسم مفعول (وَلَدَ = هن ڄڻيو) ] ڄڻيل ٻار- نؤن ڄاول ٻار- سنڌي لوڪ ادب موجب شاعريءَ جي اها صنف جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن کي ڄمندي ڄام ڄاڻي ان جي واکاڻ ڪئي وڃي- اها نيٺ سنڌي صنف جنهن ۾ رسول ڪريم ﷺ جن جي ڄمڻ کان وٺي وصال تائين زندگيءَ جي هر عمل جي واکاڻ ٿيل هجي.

اصل ۾ عربي لفظن جو گهڻو مدار 'وزن' تي هوندو آهي، ان صورت ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ اهم بنيادي وزنن کي ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهي؛ تن ۾ هيٺيان اهم آهن:

1. واحد- جمع جا وزن؛
2. فعل- فاعل- مفعول جا وزن؛
3. مصدرن جا وزن وغيره.

ساڳي گهرج کي ڀيرومل آڏواڻي هيئن بيان ڪيو آهي تہ: "اسان جا ڪيترا هندو توڙي مسلمان شاگرد اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پارسي سکن ٿا. سڄي پارسي ٻولي عربي لفظن سان ڀري پئي آهي. هندو شاگرد عربي ڪونہ ٿا سکن، تہ بہ سڌ اٿن تہ عربيءَ جو هڪ هڪ لفظ ڪنهن نہ ڪنهن وزن تي جڙيل آهي. مثلاً: 'فعل'، 'فاعل' ۽ 'مفعول' جي وزنن تي 'حسد'، 'حاسد' ۽ 'محسود'، 'قتل'، 'قاتل' ۽ 'مقتول'، 'ظلم'، 'ظالم' ۽ 'مظلوم' لفظ ٺهيل آهن. فرض ڪريو تہ ڪنهن شاگرد کي اظلم لفظ جي معنيٰ نہ ٿي اچي، تہ بہ رڳو انهيءَ لفظ جي شڪل ڏسڻ سان جهٽ سمجهي سگهندو تہ ڌاتو يا بنياد 'ظلم' اٿس. هيءَ ڪا ٿوري ڳالهہ تہ نہ چئبي ..." (ڀيرومل، 2007 ب: 82- 101)

ڀيرومل آڏواڻي عربي لفظن جي استعمال ۽ انهن جي بنياد لهڻ لاءِ ڄاڻائي ٿو تہ: "عربي ٻوليءَ جي هڪ وڏي خوبي چئبي جو سڀ لفظ وزن تي بيٺل آهن جنهن ڪري لفظن جوڙڻ، توڙي

لفظن جي بنياد ڳولي لهڻ ۾ گهڻي سهوليت ٿئي ٿي. 'سجد' معنيٰ سجدو ڪيو. اهڙيءَ طرح سه حرفي بنياد هميشه زمان ماضي مطلق، ضمير واحد غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. ڏسڻ ۾ ايندو ته فعل، عشق وغيره مان فاعل، مفعول ۽ عاشق، معشوق وغيره لفظن جوڙڻ لاءِ بنيادي لفظ ۾ ڪي بالائي اکر گڏڻا پون ٿا. اهڙا اکر جملي ست آهن:

ا- ت- س- م- ن- و- ي

اهي بالائي اکر جن کي 'زايد' حرف سڏين ٿا، سي سڀ پاڻ ۾ گڏبا ته هڪ يڪو لفظ نهندو 'يتسمنوا' معنيٰ مڃائڻ يا ٿُلهو ڪرڻ. اهي اکر لفظن کي وڌائي وڏي ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ناظر- منظور- منتظر. هنن مان زايد اکر ڪڍي ڇڏبا ته سه حرفي بنياد ملندو 'نظر'. مستقبل- استقبال سه حرفي بنياد 'قبل'." (ڀيرومل، 1985: 246- 247)

اهڙن لفظن جي سه- حرفي/ ٽه- اکري/ اصل/ بنياد بر وزن 'فَعَلَ' معلوم ڪرڻ جو سادو طريقو اهو آهي ته مذڪوره لفظ مان زائد اکر ڪڍي باقي ٽي اکر بچايو ۽ ان کي عام استعمال ٿيندڙ لفظن جي وزنن ۾ ڦيرو ڏياريو ته اوهان سان بنيادي لفظ پاڻمرادو ڳالهائيندو: 'ي، ت، س، م، ن، و، ا' جن کي گڏي ياد ڪرڻ لاءِ اسان هڪ لفظ 'يتسمنوا' يا 'ناموسيت' ڪري ياد ڪندا آهيون. 'ارشاد صرف' جي مرتِّب ان ۾ ٽن زائد اکرن جو اضافو ڪري 'سئلتمونيها' بيهاريو آهي.

### 6.1.3. ڪنهن لفظ جو اصل معلوم ڪرڻ جو آسان ڍنگ

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اشتقاق | ا | ش | ت | ق | ا | ق | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکر ش، ق ۽ ق بچن ٿا، جن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو: (شَقَّقَ > شَقَّ = هن ٽوڙيو، هن ٽڪر ٽڪر ڪيو.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| انحراف | ا | ن | ح | ر | ا | ف | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکر ح، ر ۽ ف بچن ٿا، جن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو: (حَرَفَ = هن هٽايو.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| تحريڪ | ت | ح | ر | ي | ڪ | | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکرح، ر ۽ ڪ بچن ٿا، جن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو:
(حَرَكَ = هن زخمي ڪيو.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| استغفار | ا | س | ت | غ | ف | ا | ر |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکرغ،ف ۽ ر بچن ٿا، جن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو:
(غَفَرَ = هن ڍڪ ڍڪيا.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مختلف | م | خ | ت | ل | ف | | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکرخ،ل ۽ ف بچن ٿا، جن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو:
(خَلَفَ > مُخالفةٌ = مخالفت ڪرڻ.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مخدوم | م | خ | د | و | م | | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکرخ، د ۽ م بچن ٿا، لفظ 'مخدوم' ۾ هوندئن ته به 'م' اچن ٿا جيڪڏهن ٻئي ڪٽي ڇڏبا ته ٽه- اکري لفظ جي جڳهه تي ٻه اکري بچندو، ان صورت ۾ آخري 'م' سان رعايت ڪري تن کي هيٺين ريت لکي سگهجي ٿو: (خَدَمَ = هن خدمت ڪئي.)

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| استعمال | ا | س | ت | ع | م | ا | ل |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکر ع، م ۽ ل بچن ٿا (عَمِلَ = هن ڪم ڪيو)، حقيقت اها آهي ته زائد اکرن جي ڪٽڻ واري اصول پٽاندر 'م' به ڪٽجڻ کپي، پر حالت اها بيهي ٿي ته عربيءَ جي ٽه- اکري بنياد واري اصول تي نه ٿو بيهي يعني 'ٻه اکر' بچن ٿا، ان صورت ۾ اهڙو ڪو اکر بچائبو جيڪو ڪنهن لفظ ۾ بيهي سگهي. ان صورت ۾ زائد اکرن جو اصول شروعاتي طالب علمن لاءِ هڪ اندازي طور ڄاتو ويندو آهي.

| زائد اکر | ن | ا | م | و | س | ي | ت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| احتساب | ا | ح | ت | س | ا | ب | |

تير جا اشارا ڪيل اکر ڪٽي باقي ٽي اکر ح، س ۽ ب بچن ٿا، ان ۾ بہ 'س' سان رعايت ڪندي ٺ- اکري مادو 'حسب' بيهاربو: (حَسَبَ = هن ڳڻيو: هن ذهن نشين ڪيو.)

(شرح سنڌي ارشاد صرف کان مدد ورتل)

لفظ جي بنياد لهڻ بعد چند مصدرن جا وزن ۽ ان مان جڙندڙ فاعل مفعول يا ٻيا اهم وزن مختصر اپياس هيٺ آڻجن ٿا، جن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ڪيو وڃي ٿو:

### 6.1.3.1. مصدرن جا اهم وزن ۽ مثال

- اِفعال: اِخبار، اِحسان، اِصلاح، اِنصاف، اِيمان وغيره
- تَفعِيل: تحقيق، تدريس، ترتيب، تصنيف، تبليغ وغيره
- تفعُّل: تڪبّر، تفڪّر، تحرّڪ، تاثّر، تعصّب وغيره.
- تَفاعُل: تعارف، تصادم، تعاون، تبادل وغيره.
- مُفاعِلة/ مفاعلہ: مباحثہ، مقابلہ، مخالفت، مخالفت وغيره.
- اِفتِعال: ابتداء، امتحان، انتظار، انتظام، اتّفاق، احتياط وغيره.
- اِستِفعال: استقلال، استعفاء، استحقاق، استشراڪ، استفاده وغيره.
- اِنفِعال: انْحِراف، انحصار، انفراد، انڪسار، اندراج وغيره.

### 6.1.3.2. فاعل جا اهم وزن ۽ مثال

- مُفعِل: مُجْرِم، مُحسِن، مسلِم، مصلح، مُنصِف، مُؤمِن وغيره.
- مفعِّل: مُحقِّق، مُدبِّر، مُصنِّف، مرتِّب، مُقرِّر، مهذِّب وغيره.
- مُتَفعِّل: مُتڪبِّر، متوقِّع، مُتحرِّڪ، مُتڪلِّم، مُتوفِّي وغيره
- مُتفاعِل: مُتبادِل، مُترادِف، مُتعارِف، مُتعاوِن وغيره.
- مُفاعِل: مجاهِد، مُحافِظ، مُخالِف، مُجاوِر، مُسافِر، مهاجِر وغيره
- مُفتَعِل: مُجتَهِد، مُنتظِر، مُمتحِن، مُتّفِق، مُحتاج، مُشتاق وغيره.
- مُستَفعِل: مُستَشرِق، مُستَقبِل، مُستَحِق، مُستَفِيض، مُستَفِيد وغيره.
- مُنفَعِل: مُنفرِد، مُنعقِد، مُنحرِف، مُنحصِر وغيره.

### 6.1.3.3. مفعول جا اهم وزن

- مفعَل: مُحسَن، مُلزَم، مُثبَت، محڪَم، مُبهَم، مُطلَع وغيره
- مفعَّل: مُحرَّم، مخفَّف، مُسلَّم، مرتَّب، مُقدَّس، مُڪمَّل وغيره.

- مُفتَعَل: مُحترَم، مُختَصَر، مُستَنَد، مُنتَظِر، مُشتَمَل، منتَخَب، مُصطَفىٰ وغيره.
- مُستفعَل: مُستَحكَم، مُستَعمَل، مُستَرَد، مستَثنىٰ، مُستَزاد وغيره.

### 6.1.3.4. تثنئي جو وزن

(ٻن لاءِ 'اَين' پڇاڙي لڳائڻ سان): والدَين، مشرِقَين، مغربَين، ڪونَين، دارَين، معوذتَين وغيره.

### 6.1.3.5. جمع جا وزن

- اَفعال: اَخبار، اَحڪام، اَحوال، آثار، اَبيات، اَسباب، اَفراد، اَقوال، اَلفاظ، اولاد وغيره.
- اَفعِلاء: اَوصِياء، انبِياء، اولِياء، اقرِباء وغيره
- فُعَلاء: اُدَباء، اُمَراء، خُلَفاء، شُعَراء، شُهداء، فُقَراء، عُلَماء، رُفَقاء وغيره.
- فُعُول: اُصول، اُمُور، بُيُوت، حُدُود، حُرُوف، خُطُوط، نُجُوم، نُقُوش وغيره.
- اَفاعِل: اَقارِب، اَڪابِر، اَوائِل، اَواخِر وغيره.
- فَعائِل: تَراجِم، جَزائِر، دَفاتِر، دَلائِل، عَجائِب، فَضائِل، عَقائِد وغيره.
- فَوائِل يا فَواعِل: فَوائِد، ڪَوائِف، لَوازِم، سَواحِل، سَوانح وغيره.
- مَفاعِل: مَدارِس، مَساجِد، مَذاهِب، مَسائِل، نَتائِج، وَسائِل، وظائِف وغيره.
- اَفاعِيل: اَحادِيث، اَراڪِين، اَساليب وغيره.
- فَعاعِيل: تَصاوِير، خَواتِين، شَياطِين، قَوانِين، تَراوِيح وغيره.
- مَفاعِيل: مَفاتِيح، مَڪاتِيب، مَناهِيج، مَلاعِين وغيره
- فِعال: جِبال، خِصال، رِياض، عِباد، صِفات، دِيار، صِحاح وغيره.
- فُعّال: حُجّاج، حُڪّام، خُدّام، ظُلّام، ڪُفّار، ڪُتّاب، عُشّاق وغيره.
- اَفعِلہ: اَسلِحہ، اَدوِيہ، اَدعِيہ وغيره.
- فِعَل: قِصَص، نِعَم، فِرَق، حِصَص وغيره.
- فُعَل: اُمَم، سُنَن، حُجَج، اُخَر وغيره.
- فُعُل: رُسُل، صُحُف، ڪُتُب، نُسُخ وغيره.
- فَعالىٰ: رَعايا، فَتاوىٰ، بَقايا، صحارىٰ وغيره.
- چند ٻيا وزن: اِلزامات، حالات، عَوام، اَقرِباء، آئمہ، مَوالي، قُضاة، لُغات، اساتِذه وغيره.

| مصدر مان 'فاعل' ( مُفَعِّل جي وزن تي) | | مصدر مان 'مفعول' (مُفَعَّلْ جي وزن تي) | | مصدر مان 'فاعل'، وزن ساڳيو حرف علت سبب مٽ سٽ | | مصدر مان 'مفعول' وزن ساڳيو | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| تَحديث | مُحدِّث | تحريم | مُحرَّم | تَربِيَةٌ | | تَعرِيَةٌ | |
| تحقيق | محقِّق | تخفيف | مُخفَّف | (تَربِيَيْ) | مُرَبِّي | (تَعرِيَيْ) | مُعَرّا |
| تدبير | مُدبِّر | ترتيب | مرتَّب | ر.ب.و | | ع.ر.ي | |
| تدريس | مُدرِّس | تسليم | مُسَلَّم | تَغْنِيَةٌ | | تَعْمِيَةٌ | |
| ترتيب | مرتِّب | تصنيف | مُصَنَّف | (تَغْنِيَيْ) | مُغَنِّي | (تَعْمِيَيْ) | مُعَمّىٰ |
| تصنيف | مصنِّف | تعظيم | مُعظَّم | غ.ن.ي | | ع.م.ي | |
| تعليم | مُعلِّم | تفصيل | مُفَصَّل | تَقْوِيَةٌ | | تَهْيِئَةٌ | |
| تفسير | مُفسِّر | تكريم | مُكرَّم | (تَقْوِيَيْ) | مُقَوِّي | (تَهْيِيَيْ) | مُهَيّا |
| تفكير | مُفكِّر | تنظيم | مُنظَّم | ق.و.ي | | هـ.ي.ا | |
| تقرير | مقرِّر | تنوير | مُنوَّر | تَزْكِيَةٌ | | تَصْلِيَةٌ | |
| توحيد | مُوحِّد | تكميل | مُكَمَّل | (تَزْكِيَيْ) | مُزَكِّيَ | (تَصْلِيَيْ) | مُصَلّىٰ |
| تأليف | مُؤَلِّف | تقديس | مقدَّس | ز.ڪ.و | | ص.ل.و | |
| تهذيب | مُهذِّب | تعطيل | مُعطَّل | | | | |

6.1.4.3. مصدر 'تَفَعُّل' جي وزن مان نهندڙ فاعل ۽ مفعول

| مصدر مان 'فاعل' (مُتَفَعِّل جي وزن تي) | | مصدر مان 'مفعول' (مُتَفَعَّل جي وزن تي) | |
|---|---|---|---|
| مصدر/ ذاتو | فاعل | مصدر/ ذاتو | مفعول |
| تَڪَبُّر | مُتَڪَبِّر | تَبَنِّيَ (تَبَنُّيْ-ب.ن.ي) | مُتَبَنّىٰ |
| تَوَڪُّل | مُتَوَڪِّل | تَوَفِّيَ(تَوَفُّيْ- و.ف.ي) | مُتَوَفّىٰ |
| تَفَڪُّر | مُتَفَڪِّر | | |
| تَعَدُّد | مُتَعَدِّد | هن وزن جا لفظ گهٽ ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم نہ ايندا آهن. | |
| تَوَقُّع | مُتَوَقِّع | | |
| تَغَيُّر | مُتَغَيِّر | | |
| تَاثُّر | مُتَاثِّر | | |

| مصدر مان 'فاعل' (مُتَفَعِّل جي وزن تي) | | مصدر مان 'مفعول' (مُتَفَعَّل جي وزن تي) |
|---|---|---|
| تَحَرُّڪ | مُتَحَرِّڪ | |
| تَڪَلُّم | مُتَڪَلِّم | |
| تَعَصُّب | مُتَعَصِّب | |
| تَوَلِّي(تَوَلِّيٌ- و.ل.ي) | مُتَوَلِّي | |
| تَوَفِّي(تَوَفِّيٌ-و.ف.ي) | مُتَوَفِّي | |

6.1.4.4. مصدر 'تَفَاعُل' جي وزن مان ٺهندڙ صرف فاعل

| مصدر | فاعل (بروزن 'مُتَفاعِلْ') |
|---|---|
| تَبادُل | مُتَبادِل |
| تَرادُف | مُتَرادِف |
| تَصادُم | مُتَصادِم |
| تَعارُف | مُتَعارِف |
| تَعاوُن | مُتَعاوِن |
| تَڪابُر | مُتَڪابِر |
| تَواتر | مُتَواتِر |
| تَضادٌّ(تَضادُدٌ) (ض.د.د) | مُتَضاد |

هن ۾ 'مفعولي' صورت وارا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ڪري ڪم نہ ايندا آهن.

6.1.4.5. مصدر 'مُفَاعَلَة/ مُفَاعَلَہ' جي وزن مان ٺهندڙ صرف فاعل

| مصدر ('ہ'، 'ة' يا 'ت' سان) | فاعل (مُفاعِل) |
|---|---|
| مُباحَثہ | مُباحِث |
| مُجاوَرَہ | مُجاوِر |
| مُجاهَدَہ | مُجاهِد |
| مُحافَظَة/ ت | مُحافِظ |
| مُخالَفَة/ ت | مُخالِف |
| مُدافَعَة/ ت | مُدافِع |

| | |
|---|---|
| مُسافَرَة/ ت | مُسافِر |
| مُطابَقَة/ ت | مُطابِق |
| مُعاوَنَة/ ت | مُعاوِن |
| مُقابَلہ | مُقابِل |
| مُلازَمَة/ ت | مُلازِم |
| مُناسَبَة/ ت | مُناسِب |
| مُنافَقَة/ ت | مُنافِق |
| مُهاجَرَة/ ت | مُهاجِر |
| مُعالَجہ | مُعالِج |
| مُخاطَبَة/ ت | مُخاطِب |

هن ۾ 'مفعولي' صورت وارا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ ڪري ڪم نہ ايندا آهن.

اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ جوڳي آهي تہ انهن مصدرن مان نهندڙ فاعل ۽ مفعول ۾ ماقبل آخر اکر تي 'زير ۽ زبر' جو فرق نمايان رهي ٿو. جيئن 'مخاطِب' ۾ 'ط' تي 'زير' ان لفظ کي فاعل بڻائي ڇڏيندي، جڏهن تہ 'مخاطَب' ۾ 'ط' تي 'زبر' ان لفظ کي مفعول بڻائيندي آهي.

6.1.4.6. مصدر 'اِفتِعال' جي وزن مان نهندڙ فاعل ۽ مفعول

| مصدر | فاعل (مُفتَعِل) | مصدر | مفعول (مُفتَعَل) |
|---|---|---|---|
| اِبتِداء | مُبتَدِي | اِحتِرام | مُحتَرَم |
| اِتِّفاق | مُتَّفِق | اِختِصار | مُختَصَر |
| اِتِّقاء | مُتَّقِي | اِستِناد | مُستَنَد |
| اِجتِهاد | مُجتَهِد | اِنتِظار | مُنتَظَر |
| اِحتِساب | مُحتَسِب | اِنتِخاب | مُنتَخَب |
| اِعتِدال | مُعتَدِل | اِعتِبار | مُعتَبَر |
| اِمتِحان | مُمتَحِن | اِمتِحان | مُمتَحَن |
| اِنتِظار | مُنتَظِر | اِشتِمال | مُشتَمَل |
| اِنتِظام | مُنتَظِم | اِختِصاص | مُختَصّ |
| اِهتِمام | مُهتَمِم | اِجتِماع | مُجتَمَع |
| اِختِيار | غير مستعمل | اِختِيار | مُختَار |

### 6.1.4.9. مصدر 'اِنْفِعَال' جي وزن مان نهندڙ صرف فاعل

| فاعل (مُنْفَعِل) | مصدر (اِنْفِعال) |
|---|---|
| مُنْحَرِف | اِنْحِراف |
| مُنْحَصِر | اِنْحِصار |
| مُنْسَلِک | اِنْسِلاک |
| مُنْفَرِد | اِنْفِراد |
| مُنْقَطِع | اِنْقِطاع |
| مُنْکَسِر | اِنْکِسار |
| مُنْعَقِد | اِنْعِقاد |
| مُنْدَرِج | اِنْدِراج |
| مُنْفَعِل | اِنْفِعال |

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

هن مصدر ۾ مفعولي وزن ' مُنفَعَل' وارا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم نہ ايندا آهن. ليڪن ڊاڪٽر محمد بن عمر دائود پوٽي جي ڄاڻائڻ موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ هن مصدر مان جڙندڙ فاعل ڪٿي مفعول جو مفهوم بہ ڏيندا آهن. (رحيم، 1950: پيش لفظ)

### 6.1.5. عربي لفظن جي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ترجيحي صورت جو اڀياس

مٿين بنيادي اصولن جي مختصر اڀياس بعد ترجيحي صورتن لاءِ راءِ رکجي ٿي:

#### 6.1.5.1 استعيفا/ استعفا/ استعيفيٰ جي ترجيحي صورت جو معاملو

- اِسْتِعفاء: [ اِستِعفاء- اِستِفعال- مصدر (عَفَا = هن معاف ڪيو، هو ختم ٿيو) ] معافي گهرڻ؛ ملازمت تان دستبردار ٿيڻ لاءِ عرض ڪرڻ.
- اِسْتَعفيٰ: [ عَفَا = هن معاف ڪيو/ اِستَعفيٰ = هن معافي طلب ڪئي ] ڪنهن پابنديءَ کان هن معافي گهري- ڪنهن عهدي تان هن استعفاء چاهي.

(فيروز اللغات عربي- اردو تان مدد ورتل)

واضح ڪندو هلجي ته مختلف مشتق لفظن جو جيڪو بنياد ڪڍيو ويندو آهي، تَنهن جي صورت ٽن اکرن ۾ بيهندي آهي، جيڪي اڪثر زبرن سان متحرڪ ڇاتا ويندا آهن ۽ ان جي معنيٰ مراد ماضي مطلق، ضمير واحد غائب سان ورتي ويندي آهي.

مذڪوره لفظن جو بنياد ٽ- اکرو عفا/ عفو آهي، جنهن جي معنيٰ 'هن معاف ڪيو' آهي. پر جڏهن ماضيءَ جي مفعولي حالت ۾ 'هن معافي گهري' جو لفظ وٺبو ته 'استفعال' جي مصدر مان 'استَعفيٰ' جو لفظ بيهندو. وزن ۽ لحاظ کان هيٺ تفصيل رکجي ٿو:

- بنياد: عَفَا/ عَفَوَ (بروزن: فَعَلَ = هن معاف ڪيو)
- مصدر: اِستِعفاء (بروزن: اِستِفعال = معافي گهرڻ)
- ماضي: اِستَعفيٰ (بروزن: اِستَفعَل- اِستَعفَا > اِستَعفيٰ = هن معافي گهري)
- فاعل: مُستَعفِي (بروزن: مُستَفعِل = ڪنهن عمل کان معافي گهرندڙ)
- مفعول: مُستَعفيٰ (بروزن: مُستَفعَل، سنڌي ٻوليءَ ۾ مستعمل ناهي)

مٿين صورتن جاچڻ بعد اها ئي راءِ جڙي ٿي ته ' اِستِعفاء' ۽ ' اِستَعفيٰ' ٻئي لفظ استعمال ڪري سگهجن ٿا: البته استعمال دوران ٻنهي لفظن جي مزاج جو احتياط ڪرڻو پوندو.

- اِستِعفاء: هو نوڪريءَ تان استعفاء وٺڻ گهري ٿو. (زمان حال)
- اِستَعفيٰ: هن نوڪريءَ تان استعفيٰ ورتي/ گهري. (زمان ماضي)
- مُستَعفِي: هو نوڪريءَ تان مستعفي ٿيو/ ٿيڻ گهري ٿو. (فاعل جي صورت)

(فيروز اللغات عربي- اردو تان مدد ورتل)

### 6.1.5.2 نُبوت ـ نَبوت تي اعرابن جو معاملو

1998ع واري ورڪشاپ ۾ عربي لفظ 'نبوت' اعرابن جي مونجهاري سبب سامهون آيو ته 'ن' تي زبر جو استعمال ڪجي يا پيش جو؟ جنهن بابت هيٺين ريت راءِ بيهاري وئي:

نُبوت = نَبوت (صحيح) (تاج، 1999 الف: 71- 73)

اصل ۾ هي لفظ 'فُعُولَت' وزن موجب، مصدر آهي، هيٺ مذڪوره لفظ جو اشتقاق ڏجي ٿو:

✓ نُبُوَّت = [ نبوت- فُعُولَت- نُبُوءت > نُبُوَّت- مصدر (نَبَاَ = هو مٿانهون ٿيو، هن خبر ٻڌائي) خبر ٻڌائڻ- سُڌ ڏيڻ- اطلاع پهچائڻ.

لفظ جي نوعيت ڏسڻ بعد بهتر ٿيندو ته لفظ جي درست صورتخطيءَ جي راءِ رکڻ گهرجي: ڇاڪاڻ ته اهو لفظ اسان وٽ ڪا ٻي صورت وٺي ڪونه چڪو آهي: البته، شدّ جي استعمال ۾ ڪوتاهي ڪرڻ، آسانيءَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي، ٻي صورت ۾ شدّ جو استعمال ڪرڻ بهتر آهي. هوندئن

ٻه ٻين ٻولين جا لفظ گھٽي قدر ساڳي صورت ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جنهن جا ڪافي مثال انگريزيءَ ۾ ڌارين ٻولين جي صورت جا آهن.

### 6.1.5.3. مَيَسره/ مَيسره تي اعرابن جو معاملو

هي لفظ به عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن بابت 1998ع واري ورڪشاپ ۾ هيٺين ريت سفارش ڪئي وئي:

مَيَسره = مَيسره (صحيح) (تاج، 1999 الف: 71- 73)

هن لفظ تي جيڪو اعرابن جو ڪم ڪيو ويو، سو ان حوالي سان به غلط ٿو ڇئجي، جو ان لفظ جي وياڪرڻي حيثيت ئي ختم ٿي وڃي ٿي. هي لفظ اصل ۾ مفعول جي حيثيت ۾ ڪم آندو ويندو آهي؛ هيٺ ان جو اشتقاق ڪجي ٿو:

- ✓ مُيَسَّر = [ مُيسّر- مُفَعَّل- مفعول (يَسَرَ = آسانيءَ سان هٿ آيو) آسانيءَ سان هٿ آيل- سولائيءَ سان حاصل ٿيل.

بنياد: يَسَرَ (بروزن: فَعَلَ)؛ مصدر: تَيسِير (بروزن: تَفعِيل)؛ تانيث: مُيَسَّره ( بروزن: مُفَعَّلہ).
بهرحال 'مُيسّره' لفظ جي 'م' تي لازماً پيش جو استعمال ٿيندو. لاچار شدّ جي استعمال ۾ ڪي قدر رعايت ملي ويندي آهي؛ ليڪن ترجيحي صورت ۾ شدّ جو استعمال بهتر آهي.

### 6.1.5.4. مطمئن/ مطمعن

هي لفظ به عربي ٻوليءَ جو آهي، جيڪو 1999ع ۾ بحث هيٺ رهيو، ليڪن ترجيحي صورت لاءِ عالمن کان راين وٺڻ وارو ڪم رهجي ويو. ذاتي طور تي ياد آهي ته ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ تاج جوئي جو مذڪوره لفظ جي صورتن تي بحث رهيو؛ ڊاڪٽر الانا، لفظ 'مطمعن' واري صورت کي درست پئي سمجهيو، جڏهن ته تاج جوئي لفظ 'مطمئن' کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ پئي ڪوشش ڪئي. ان بعد ڊاڪٽر الانا 1999ع ۾ مختلف لفظن جي صورتن ۾ ان لفظ جي ٻه صورت شامل ڪئي، ليڪن ڪن سببن ڪري اهو لفظ التواء جو شڪار ٿي ويو. هيٺ مذڪوره لفظ جو اشتقاق پيش ڪجي ٿو:

ڌاتو/ بنياد: [طَمَنَ/ طَمُئَنَ = جهڪائڻ، ساڪن ڪرڻ، مطمئن ڪرڻ]
[طَمَنَ = خاموش ڪرڻ، مطمئن ڪرڻ]
[اِطمَئَنَّ = مطمئن ٿيڻ، ڀروسو ڪرڻ] (فيروز اللغات کان مدد ورتل)

مطمئِن: مُطمَئِن- مُفْعَلِلَ- اسم فاعل = خاموش ٿيندڙ، مطمئن ٿيندڙ، خاطري حاصل ڪندڙ.

مطمئَن: مُطمَئِن- مُفْعَلَلّ- اسمر مفعول = خاموش ڪرايل، مطمئن ڪرايل.

اطمينان: اِطمِينان- اِفعِيلال- مصدر = دلاسو ڪرڻ، خاطري ڪرڻ، پروسو ڪرڻ.

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'مُطمئِن' (زير سان) ۽ 'اطمينان' وارا لفظ عام طور ڪم آندا ويندا آهن؛ ان صورت ۾ ترجيحي صورت متعين ڪرڻ جو بهتر طريقو ڪنهن لفظ جو بنياد لهڻ بعد ئي ممڪن آهي.

### 6.1.6. لفظن جي ترجيحي صورت

هن عنوان هيٺ آيل لفظن جون ترجيحي صورتون يڪجا هيٺ رکجن ٿيون:

| لفظ جون مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| استعيفا/ استعفاء/ استعيفىٰ | اِستِعفاء (مصدر) / اِستَعفَىٰ (ماضي) |
| نُبوت/ نَبوت | نُبُوَّت |
| مُيَسره/ مَيسره | مُيَسَّره |
| مطمئن/ مطمعن | مطمئِن |

****************

## 6.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي درست استعمال جو معاملو

### 6.2.1. مسئلي جي نوعيت

عربي ٻوليءَ جي لفظن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ٿئي ٿو. ايتري قدر جو ڪافي لفظن ۾ پنهنجائپ محسوس ٿئي ٿي. عربي ٻوليءَ جي لفظن جي استعمال سبب چند لفظن جي صورت ۾ امڪاني ڦيرا به ٿين ٿا، ان جي سببن ۾ 'آوازن جي ڌاريائپ' به آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'آوازن جي ڌاريائپ' سبب عربي لفظن جي صورت جي ڦيري جا به انداز جاچيا ويا آهن، جيڪي مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا:

1. اهڙا لفظ جن جي آوازن/ اکرن جي مٽجڻ/ مٽائڻ سبب معنوي فرق يا وياڪرڻي حيثيت بگڙجي وڃي ٿي؛ جيئن:
   - عربيءَ موجب معنوي فرق جو بگڙجڻ: واضع ۽ واضح، وغيره.
   - سنڌيءَ موجب معنوي فرق جو بگڙجڻ: مهل ۽ محل وغيره.
   - وياڪرڻي حيثيت جو بگڙجڻ: تهمل ۽ تحمل وغيره
2. اهڙا لفظ جن جي آوازن/ اکرن جي مٽجڻ/ مٽائڻ يا تقليب سبب لفظ جي معنوي فرق يا وياڪرڻي حيثيت کي ڪو ڇيهو ڪونه ٿو رسي؛ جيئن:
   - آوازن/ اکرن جو مٽجڻ: بصل- بصر، فوم- ثوم وغيره.
   - آوازن/ اکرن جي تقليب: قفل- قلف/ ڪرف وغيره.

عنوان جي لحاظ کان هت صرف پهرئين نمبر واري مونجهاري جو اڀياس مقصود آهي، جنهن ۾ خاص طور هيٺيان لفظ اچن ٿا؛ جيڪي نومبر 2008ع ۾ لئنگويج اٿارٽيءَ جي هڪ مذاڪري ۾ ترجيحي صورت لاءِ عالمن اڳيان پيش ڪيا ويا هئا:

واضح/ واضع، ڪٿر/ ڪسر، تهمل/ تحمل، بدماش/ بدمعاش

#### 6.2.1.1. واضح/ واضع جو اصولي اڀياس

هي به الڳ نوعيت جا لفظ آهن، جنهن سبب هنن لفظن کي، صورتخطيءَ جي لحاظ کان، ترجيحي صورت واري ڪڙي ۾ شامل نه ٿو ڪري سگهجي؛ البته، اها ڳالهه جاچي وئي آهي ته ڪافي ليکڪن اڻ- ڄاڻائيءَ ۾ 'واضح' جي مفهوم ۾ 'واضع' جو لفظ ڪم پئي آندو آهي؛ مذڪوره لفظن جو هيٺ اشتقاق ڪجي ٿو:

- واضح [ واضِح- فاعِل- صفت (وَضَحَ = هو چٽو ٿيو، هو ظاهر ٿيو، هو چمڪيو)] ظاهر- چمڪدار- چٽو.

### 6.2.1.1.1 سنڌي ٻوليءَ ۾ 'فاعل' جو صفت/ اسم طور استعمال

جيئن ڪندو هلجي ته لفظ 'واضح' بروزن 'فاعل' (ڪم ڪندڙ) جي صورت ۾ آهي؛ ليڪن عام طور تي اسم يا صفت جي مفهوم ۾ ڪم آندو ويندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي اهڙن لفظن جو استعمال ٿئي ٿو جيڪي 'فاعل' جي وزن تي 'ڪم ڪندڙ' جي معنيٰ ۾ ڪم نه ٿا آندا وڃن، بلڪه اسم يا صفت طور ڪم آندا ويندا آهن؛ جهڙوڪ: آخر، باطل، باعث، ثابت، جائز، حاذق، حاصل، خاطر، خالص، ساحل، شامل، صاحب، صالح، ضايع، طاهر، ظاهر، عاجز، فالج، قابل، لازم، ماهر، ناقص، نائب، واجب، واحد، واقف، واضح وغيره.

### 6.2.1.1.2 سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ مذڪوره لفظ جا ٻيا وزن

- بنياد: 'وَضَحَ' بروزن 'فَعَلَ' (هو چٽو ٿيو)؛
- بنياد: 'وَضَّحَ' بروزن 'فَعَّلَ' (هن چٽو ڪيو)؛
- مصدر: 'تَوضِيح' بروزن 'تَفعِيل' (ظاهر ڪرڻ، وضاحت ڪرڻ)
- مفعول: 'موضوح' بروزن 'مَفعول' (سنڌي ٻوليءَ ۾ مستعمل ناهي)
- صفت: 'واضِح' بروزن 'فاعِل' (ظاهر، چٽو)
- اسم: 'وضاحت' بروزن 'فَعالَت' (اپٽار، تشريح، واضح ڪرڻ جو عمل)

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

مٿي ذڪر اچي چڪو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ چند عربي لفظ 'فاعل' جي وزن تي اسم يا صفت طور ڪم آندا ويندا آهن؛ جن مان لفظ 'واضح' به هڪ آهي.

### 6.2.1.1.3 الڳ وياڪرڻي حيثيت رکندڙ ساڳئي وزن وارو لفظ

ان جڳهه تي ساڳئي وزن ۽ ملندڙ جلندڙ شڪل وارو لفظ 'واضع' وياڪرڻي حيثيت ۾ مٿئين لفظ کان بلڪل الڳ ٿلڳ ۽ نرالو آهي. هيٺ 'واضع' جو اشتقاق خيال خاطر رکجي ٿو:

- واضع [ واضِع- فاعِل- اسم فاعل (وَضَعَ = هن گهڙيو، هن ٺاهيو)] گهڙيندڙ- ٺاهيندڙ- سگهڙ.

### 6.2.1.1.4 سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ مذڪوره لفظ جا ٻيا وزن

- بنياد: 'وَضَعَ' بروزن 'فَعَلَ' (هن گهڙيو) (ٺاهڻ، رکڻ، مرتَّب ڪرڻ)
- مصدر: 'تَواضُع' بروزن 'تَفاعُل' (عاجزي ڪرڻ، پليڪار ڪرڻ، ارادةً خوشامد ڪرڻ، مهماننوازي ڪرڻ)

○ فاعل: 'واضع' بروزن 'فاعل' (ناهيندڙ، گهڙيندڙ، سگهڙ)

○ مفعول: 'موضوع' بروزن 'مَفعول' (ڪو ناهيل عنوان)

(اردو ميں عربي الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

ڪيل اپياس موجب اهو ئي معلوم ٿيو تہ ٻن صورتن وارا لفظ 'واضح ۽ واضع' الڳ نوعيت ۽ وياڪرڻي حيثيت رکندڙ لفظ آهن، ان صورت ۾ مذڪوره لفظن مان ڪنهن هڪ کي ترجيحي صورت لاءِ متعين ڪرڻ جو خيال ئي اُجايو آهي. عام ماڻهن يا چند ليکڪن جي غلط استعمال سبب ايترو ضرور آهي تہ هڪ مسئلي جي نشاندهي ٿي سگهي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻنهي لفظن جي ضرورت آهر استعمال جي جيڪڏهن تور ڪجي ٿي تہ، لفظ 'واضح' جي مفهوم وارو لفظ تمام گهڻو استعمال ٿئي ٿو، تنهنڪري عام شاگردن يا ليکڪن کي لفظ 'واضح' جي شڪل تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

### 6.2.1.2 ڪثر/ ڪسر جو اصولي اپياس

ڪثر/ ڪسر جون صورتون 1913ع ۽ پيهر 2008ع ۾ ترجيحي صورت لاءِ رکيون ويون. مختصر هيٺ تفصيل ڏجي ٿو:

#### 6.2.1.2.1 1913ع ۾ متعين ڪيل صورت

| جاٿايل صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| ڪثر/ ڪسر | ڪثر |

هن ڪاميٽيءَ جا ڪي رايا سامهون ڪونہ ٿا اچن تہ 'ڪسر' لفظ کي ڪهڙي بنياد تي رد ڪيو هين؟ البتہ، اندازو آهي تہ ڪاميٽيءَ جي راءِ موجب: 'ڪثر' لفظ عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ منتقل ٿيو آهي ۽ ساڳي معنىٰ ۾ ڪم اچي ٿو، ان صورت ۾ اهو ئي درست ڄاڻيو ويو!

#### 6.2.1.2.2 2008ع ۾ عالمن پاران پيش ڪيل رايا

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڪسر | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ۽ شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪثر | عبدالغفار صديقي |
| ڪسر/ ڪثر (معنوي فرق) | محمد ابراهيم جويو، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني ۽ پروفيسر قلندر شاه لڪياري. |

* محمد ابراهيم جوئي ٻنهي صورتن کي، بغير راءِ جي، رکيو آهي. مبادا سندس خيال هجي تہ ٻئي صورتون الڳ حيثيت رکن ٿيون ، پر اهڙي ڪا وضاحت ڪونہ ٿي ملي.

* آفتاب ابڙي راءِ رکي تہ: ٻنهي جي معنيٰ ۾ فرق آهي. ڪسر = کوٽ، ڪمي. جيئن: ڪسر نفسي، ڪسر شان؛ جڏهن تہ ڪثر = اضافي، وڌيڪ.

* ڊاڪٽر سحر امداد سنڌي لغات موجب راءِ رکي تہ: 'ڪثر' (ڪثرون) گهٽائي، جهجهائي؛ جڏهن تہ ڪسر (ڪسرون) = لاٻ، واڌي، اپت، اپراسو.

* پروفيسر قلندر شاہ راءِ رکي تہ: ٻئي الڳ ۽ ابتڙ لفظ آهن. ڪسر = گهٽ؛ جڏهن تہ ڪثر = وڌ.

2008ع واري مذاڪري ۾ هنن لفظن مان جن عالمن 'ڪسر' بابت راءِ ڏني آهي؛ انهن جو خيال هوندو تہ 'ڪسر' ۽ 'ڪثر' ساڳي معنيٰ وارا لفظ آهن، جنهن سبب 'ث' آواز جو مخرج موجب اچار، سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ڪونهي، ان سبب صورتخطيءَ ۾ 'س' جو اکر وڌيڪ مناسب رهندو. مبادا، محترم عبدالغفار صديقي جو خيال هوندو تہ: جنهن صورت ۾ عربي لفظ 'ڪثر' درست صورت آهي، ان سبب اهائي هجڻ کپي!

جن عالمن مذڪوره لفظن کي معنوي فرق سبب الڳ ڄاڻيو آهي، تن جيڪي معنائون يا جواز ڄاڻايا آهن تن ۾ بہ مونجهارا آهن.

بهتر ٿئي ها جيڪڏهن، ڪنهن راءِ جوڙڻ لاءِ، مذڪوره لفظن جو عربيءَ موجب اشتقاق ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال جاچڻ بعد سنڌي لغت جي ورق گرداني ڪئي وڃي ها! هيٺ لفظن جو اشتقاق ۽ انهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال جاچجي ٿو:

- ڪَثَرَ: [ ڪثر- فَعَلَ- اسم/ صفت (ڪَثَرَ = وڌيڪ هجڻ، ڪنهن ڪان مقدار ۾ وڌڻ)] گهڻائي، واڌارو، جهجهائي.

### 6.2.1.2.3. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'ڪثر' لفظ جا ٻيا وزن

- 'ڪَثَرَ' بنياد- بروزن 'فَعَلَ' (هو گهڻو ٿيو، هو مقابلي ۾ وڌيڪ ٿيو)
- 'ڪثرت' اسم- بروزن 'فَعلَت' (گهڻائي)
- 'اڪثريت'- اسم، بروزن 'اَفعلت' (گهڻائي)
- 'اڪثر'- اسم تفضيل، بروزن 'اَفعَل' (ٻي حد گهڻو، حد ڪان وڌيڪ)
- 'ڪَثِير'- صفت مبالغو، بروزن 'فَعِيل' (تمام گهڻو، مڙني ڪان وڌيڪ)
- 'تَڪثِير'- مصدر، بروزن 'تَفعِيل' (وڌائڻ، گهڻو ڪري ڇڏڻ)

- 'تَڪاثُر'- مصدر، بروزن 'تَفاعُل' (هڪبئي کان وڌڻ)
- 'اِستڪثار'- مصدر، بروزن 'اِستَفعال' (وڌيڪ حاصل ڪرڻ، وڌيڪ سمجھڻ)

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

(سنڌي ٻوليءَ ۾ مٿين ٽنهي مصدرن جو استعمال گهٽ يا نہ هجڻ جي برابر ٿئي ٿو.)

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڪثر' ۽ ان سان لاڳاپيل مٿين وزنن جا لفظ ٿوري يا گهٽي مقدار ۾ استعمال ضرور ٿين ٿا، ان صورت ۾ ان لفظ جي 'چڪي پٽڻ' بہ ڪا عقلمندي ڪونہ ٿيندي.
ساڳئي وقت 'ڪسر' جو لفظ بہ ڪنهن حد تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچي ٿو، جنهن لاءِ عالمن پڻ اشارو ڪيو آهي؛ هيٺ ان جو بہ عربيءَ موجب اشتقاق ۽ استعمال پيش ڪجي ٿو:

- ڪسر: [ ڪسر- فَعَل- اسم/ صفت (ڪَسَرَ = هن ٽوڙيو، هن منسوخ ڪيو، هو هيٺ لٿو) ] ٽوڙڻ- منسوخ ڪرڻ- هيٺ لهڻ- هيٺ ٿيڻ- شڪست ڏيڻ- هيٺ مٿي ڪرڻ.

### 6.2.1.2.4 سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'ڪسر' لفظ جا ٻيا وزن

- 'ڪَسَرَ' بنياد- بروزن 'فَعَلَ' (هو هيٺ ٿيو، هن ٽوڙيو)
- 'ڪَسرت' اسم- بروزن 'فَعلَت' (ورزش، مشق، جسم جي حصن جي چرپر ڪرڻ)
- 'تَڪسِير' مصدر- بروزن 'تَفعِيل' (ٽوڙڻ، تعويذ ۾ عدد ورهائي خانا پرڻ)
- 'اِنڪسار' مصدر- بروزن 'اِنفِعال' (ٽٽڻ، عاجزي ڪرڻ، شڪست کائڻ، ڏيوالپٽي ۾ مبتلا ٿيڻ)
- 'مَڪسور' اسم مفعول- بروزن 'مَفعُول' (ٽٽل، پڳل، هارايل، زير ڏنل اکر)
- 'مُڪَسَّر' اسم مفعول- بروزن 'مُفَعَّل' (ٽٽل، جيئن: جمع مڪسّر جا وزن)
- 'ڪَسَر' اسم/ صفت بروزن 'فَعَل' (سڄي ڪي حصن ۾ ٽوڙڻ، اٽپور)
- 'اِڪسِير' اسم- بروزن 'اِفعِيل'، معرّب (ڪنهن ذات جي اصليت کي ٽوڙي سون ۾ تبديل ڪندڙ شيءِ- ڪيميا) {فيروز اللغات، عربي- اردو موجب}

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڪسر' ۽ ان سان لاڳاپيل مٿين وزنن جا لفظ: ڪسر، ڪسرت، انڪساري، اِڪسِير، جمع مُڪسَّر جهڙا لفظ ڪنهن حد تي استعمال ضرور ٿين ٿا، ان صورت ۾ ان لفظ کي بہ وسارڻ روا ناهي.

لطيف سائينءَ پڻ سر سهڻيءَ جي پهرين داستان جي هڪ وائيءَ ۾ 'ڪسرت' لفظ ڪم آندو آهي:

'ڪسرت آهي قرب ۾، ادغام ۾ اعراب' (گربخشاڻي، 1996: 230)

ڊاڪٽر گربخشاڻي 'ڪسرت' لفظ جي معنيٰ پڻ هيٺين ريت بلڪل درست ڏني آهي:
"ڪسرت. ع. پيچڻ؛ نفس کي ماري مات ڪرڻ." (گربخشاڻي، 1996: 267)

ڊاڪٽر گربخشاڻي مٿين سٽ جي تشريح ڪندي لکي ٿو ته: "جهڙيءَ ريت 'ادغام' جي حالت ۾ ٻه حرف يا آواز پنهنجي هستي وڃائي، هڪ ٻئي ۾ حل ٿي وڃن ٿا، تهڙيءَ ريت قرب يا وصل حاصل ڪرڻ لاءِ نفس کي ماري مات ڪرڻ، يعني پنهنجي انفرادي هستي وڃائڻ ضروري آهي." (گربخشاڻي، 1996: 268)

ان کان علاوه، گهڻو امڪان آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو پراڻو لفظ 'ڪسِيرو'، جيڪو هيٺئين سماجي حالتن سبب زنگجي چڪو آهي، عربي لفظ 'ڪسْر معنيٰ ٽُٽل يا اڌپور' جي معنيٰ سان سلهاڙيل هجي. عام طور ٻڌاڪو ٻڌو ويندو آهي ته: 'ڪسيري جي ڪُتي، ٽڪي جا ڪائي ٽڪر'؛ 'ڪسِيرو' اڳئين دؤر واري پيسي جي چوٿين پتيءَ جو سڪو هيو، جنهن جو ملهه 'ٽه جي برابر' هيو. پروفيسر سترامداس پنهنجي لغت 'سائل ڪوش' ۾ ڪسيري جي معنيٰ لکي آهي:
"ڪَسِيرو: جهوني پيسي جو چوٿون حصو. ڪَسِيرَڪُ: نيچ، گهٽ ذات، ذليل * ڪسيري جو ڪرڻ: خراب خوار ڪرڻ، درجو گهٽائڻ." (جڙياسنگهاڻي، 2009: 391)

6.2.1.2.5. اِيپاس موجب 'ڪثر' ۽ 'ڪسر' بابت عالمن جي راءِ تي هڪ نظر

- ٻنهي لفظن کي سوڙهو ڪري، هڪ ڪڙي ۾ ڦاسائيندڙ عالم: ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو ۽ عبدالغفار صديقي.
- ٻنهي لفظن ۾ معنوي فرق پائيندڙ عالم: محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، آفتاب ابڙو ۽ پروفيسر قلندر شاه لڪياري.

پهرئين گروه جي عالمن ٻنهي لفظن ۽ ان جي دائرن جي اِيپاس تي ڪونه پاڙيو، جنهن سبب سندن راءِ کي ذاتي راءِ سمجهي، رد ڪري سگهجي ٿو.
ٻئي گروه جي عالمن ٻنهي لفظن کي معنوي فرق پٽاندر الڳ ته پاتيو، ليڪن سندن اِيپاسي راءِ، ٻوليءَ جي اصولن پٽاندر نه ٿي بيهي، ان صورت ۾ سندن راين جي ڇنڊڇاڻ ضروري آهي.

| ڊاڪٽر سحر امداد | آفتاب ابڙو | پروفيسر قلندر شاه |
|---|---|---|
| ڪثر = گهڻائي، جهجهائي.<br>ڪسر = لاپ، واڌي، اپت. | ڪثر = اضافي، وڌيڪ.<br>ڪسر = ڪوٽ، ڪمي. | ڪثر = وڌ.<br>ڪسر = گهٽ. |
| | | |

تنهي عالمن جي ’ڪسر‘ بابت راءِ مٿاڇري ۽ منجهائيندڙ آهي.

البت، محترم آفتاب ابڙي جيڪي مثال ڏنا آهن، سي پيرائتا آهن، اها ٻي ڳالهه آهي ته ’ڪسر نفسي‘ ۽ ’ڪسر شان‘ جهڙن مرڪّب لفظن جي حصي ’ڪسر‘ تي ٻوليءَ جي اصولن موجب غور نه ڪيو ويو آهي. ’ڪسر نفسيءَ‘ مان مراد ’پنهنجي نفس کي شڪست ڏيڻ‘، ’پنهنجي انا کي ٽوڙڻ‘ آهي.

### 6.2.1.2.6. جامع سنڌي لغات مان لفظن جو جائزو

مٿئين ايپاس جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ٿو ته اسان جي لغتن ۾ به ڪافي چُڪون ڪيون ويون آهن يا وري ٻوليءَ جي اچارن کي اهميت ڏني وئي آهي، بهرحال هيٺ صرف جامع سنڌي لغات تي پاڙيندي مذڪوره لفظ جاچجن ٿا:

ڪَسَرَ ج ڪَسرُون: نفعو- اپت- ڪٽيو- لاپ- فائدو- واڌي- زيادتي- گهڻائي- اڪثريت- جهجهائي.

♦ (صفت): سٺو، چڱو، اوچو- موچارو- عمدو- سڦرو- چوکو- اعليٰ- برتر- اُترُ- اُتم- چونگي- ٿورو وڏيڪ- ذرو ٽيپو.

♦ (ع. قصر) ڊرائي- سستي- گيسَر- ننڍاءُ- دير- ڳِهلَ- ڳُر- گهٽتائي. بيماري- اگهائي- لڳائي. (بلوچ، 1985: 2078)

♦ ڪَثَرَ ج ڪَثرُون: (ع) گهڻائي- جهجهائي- واڌارو- اضافو- فائدو- نفعو- لاپُ- پراپت. عام ڪثرت، جنهن ۾ طرح طرح جا فام روپ آهن. (بلوچ، 1985: 2023)

جامع لغات موجب: ڪسر ۽ ڪثر جي معنائن ۾ ڪو فرق ڪونهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته لغت تي ڪم ڪندڙ عملي، ٻوليءَ جي آوازن جي بنياد تي لفظ ۽ انهن جون معنائون ڏنيون آهن.

هر لفظ جو بنياد زوريءَ ’عربي‘ مان ڄاڻڻ به تنگ نظري آهي، عربي لفظ ’قصر‘ جي حوالي سان: ’ڪسر‘ جي معنائن ۾، ڊرائي، سستي، گيسر، ڳِهل جون معنائون ان حوالي سان ٻي- تڪيون ڏنيون ويون آهن؛ ڇاڪاڻ ته ان هنڌ ’ڪسر‘ جو لفظ ’گِسر‘ جي بگڙيل صورت آهي، لطيف سائين جي هڪ سٽ آهي:

ڪرها ڪَسَرَ چڏ، وڪون وجهه وڏنديون (سر ڪنيات) (فهميده، 2004: 311)

شاعريءَ ۾ ان سان منسلڪ فرهنگ ۾ اهڙن لفظن جي استعمال جي اجازت هوندي آهي، ليڪن لغت جي اصولن موجب، سواءِ اشاري ڏيڻ جي، اهڙي ڪنهن به بگاڙ تي پاڙي نه ٿو سگهجي؛ يا اصل ڏيڻ بعد اهڙي بگاڙ جو اشارو ڏيڻ روا آهي.

### 6.2.1.3. تهمل ۽ تحمل جو اصولي اڀياس

#### 6.2.1.3.1. ٻولين مطابق لفظن جي جاچ

تهمل/ تحمل جون صورتون سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن پاران 13 فيبروريءَ 1913ع تي، پاڻ ۾ گڏ ٿي هيٺينءَ ريت متعين ڪيون:

تهمل = تحمل (صحيح)

هن لفظ کي اتي ئي ٻُڌو اچي ويو ۽ پيهر 2008ع تائين ڪنهن به ڪاميٽيءَ ۾ ترجيحي صورت لاءِ ڪونه آندو ويو. هن لفظ جي مختصر اڀياس مان اهو ثابت ٿيندو جو ان نوعيت جي لفظ جي ترجيحي صورت متعين ڪرڻ لاءِ ڪا عام مضبوط راءِ جوڙي سگهندي.

صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'تهمل' جو لفظ عربي، فارسي، هندي- اردو يا سنڌيءَ ۾ ڪونهي، ان صورت ۾ ان لفظ تي وڌيڪ سوچڻ بيسود آهي. البته، عربي لفظ 'تحمل' جو سنڌي توڙي هندي- اردوءَ ۾ آوازن جي بنياد تي 'تهمل' اچارجي ٿو: ان جو اهم سبب اهو آهي ته 'ح' جو درست آواز برصغير جي ماڻهن جي مزاج مطابق ڪونهي.

سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان لفظ 'تحمل' ۽ ان سان منسلڪ مختلف وزنن جي لفظن جو استعمال عام آهي، هيٺ ان لفظ جو اشتقاق ڏجي ٿو:

- تَحَمُّل: [ تحمّل- تَفَعُّل- مصدر (حَمَلَ = هن کنيو، هن برداشت ڪيو) ] برداشت ڪرڻ، سهڻ.

#### 6.2.1.3.2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'تحمل' لفظ جا ٻيا وزن

- بنياد: 'حَمَلَ' بروزن 'فَعَلَ' (هن کنيو، هن سَٺو)
- مصدر: تَحَمُّل بروزن 'تَفَعُّل' (برداشت ڪرڻ)
- فاعل(مذڪر): 'حامل' بروزن 'فاعل' (برداشت ڪرڻ وارو)
- فاعل(مؤنث): 'حاملہ' بروزن 'فاعلة/ فاعلہ' (بار کڻڻ واري، سهڻ واري)
- مفعول: محمول بروزن 'مفعول' (سنڌيءَ ۾ مستعمل ناهي)
- صفت مبالغو: 'حَمّال' بروزن 'فَعّال' (گهڻو وزن کڻڻ وارو)
- اسم : 'حَمَلُ' بروزن 'فَعَلُ' (وزن، پريل پيٽ)

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ 'حملو'، 'ڪاهہ' جي معنيٰ ۾، پڻ 'حَمَلَ' مان ورتل آهي، جنهن صورت ۾ 'تحمل' سان منسلڪ ٻيا لفظ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا، ان صورت ۾ 'تحمل' لفظ لاءِ ڪا ٻي صورت ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ٿيڻ جوڳي ناهي.

لفظ 'تحمل' جي ترجيحي صورت مان هيٺيون اصول اخذ ٿئي ٿو:

### 6.2.1.3.3. اِيپاس مان اخذ ڪيل اصول

*اهڙو لفظ جنهن سان منسلڪ ٻين وزن جا لفظ پڻ ڪم ايندا هجن، ان صورت ۾ ان جي اصلي صورتخطيءَ ۾ بگاڙ قابل قبول نہ ٿو ٿئي؛ ڇوته ان لفظ جي بگاڙ سان معنوي فرق بہ نہ ٿيندو هجي.*

### 6.2.1.4. بدماش/ بدمعاش جو اصولي اِيپاس

- **مذڪوره لفظ جون متعيّن ڪيل صورتون**

هي لفظ 1913ع ۾ 'بدمعاش' جي صورت ۾ قبول ڪيو ويو ۽ 2008ع ۾ ٻيهر ترجيحي صورت لاءِ عالمن اڳيان رکيو ويو؛ جيڪي رايا سامهون آيا سي هن ريت آهن:

- **پيش ڪيل لفظ: بدماش/ بدمعاش:**

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| بدماش | ڪو بہ نہ |
| بدمعاش | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

✓ **آفتاب ابڙي لفظ جو اشتقاق ڪندي ڄاڻايو تہ: بدمعاش: (بد = خراب + معاش = ڌنڌو)**

### 6.2.1.4.1. مذڪوره لفظ جو اشتقاق

آفتاب ابڙي جي راءِ کي وڌيڪ اڳتي ڪندي تہ: هي لفظ ٻن ٻولين فارسي + عربي جي جوڙ سان جڙيو آهي، جنهن جو لغوي اشتقاق هيٺين ريت، خيال خاطر رکجي ٿو:

- بدمَعاش: [ ف: بد = خراب + ع: مَعاش = (عَاشَ/ عَيشَ = هو زنده رهيو) زندگيءَ جو ذريعو] خراب ذريعا هٿ ڪندڙ- ڪمائيءَ جا غلط ذريعا حاصل ڪندڙ.

(فيروز اللغات عربي- اردو تان مدد ورتل)

مذڪوره لفظ سان سلهاڙيل ڪافي لفظ عام طور ڪم آندا وڃن ٿا، جهڙوڪ: عَيش، عيّاش، مَعِيشَت، مَعاشيات، ان صورت ۾ لفظ جي اصل صورت ۾ لچڪ نہ هجڻ گهرجي.

عربي مصدر جي لحاظ کان 'تَعيُش' بروزن 'تَفَعُل'، جنهن جي معنيٰ آهي: عيش ڪرڻ.
لفظ مَعاش ۾ 'مَ' جو اضافو بنيادي طور ظرف جي نشاندهي ڪري ٿو، پر هتي 'اسم' جي صورت وٺيون بيٺو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪافي لفظ آهن، جن 'ظرف' جي وزن تي هوندي به، اسم جي صورت ورتي اٿن؛ جهڙوڪ: مَطلب، مَقصد وغيره.
هن صورت ۾ بدمعاش جي صورتخطيءَ کي درست ڄاڻيو وڃي.

### 6.2.2 عنوان هيٺ آيل لفظن جي ترجيحي صورت

آخر ۾ هن عنوان هيٺ آيل لفظن جون ترجيحي صورتون يڪجا پيش ڪجن ٿيون:

| لفظ جون مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| واضح/ واضع | واضح = ظاهر، چٽو.<br>واضع = ٺاهيندڙ، گهڙيندڙ. |
| ڪثر/ ڪسر | ڪثر = گهٽائي<br>ڪسر = ٽٽل، ڀڳل |
| تهمل/ تحمل | تحمُل |
| بدماش/ بدمعاش | بدمعاش |

******************

## 6.3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب عربي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو

### 6.3.1. مختلف وقتن ۾ متعيّن ڪيل صورتون

هن عنوان هيٺ جيڪي لفظ رکيا ويا آهن، تن جون مختلف وقتن ۾ صورتون متعيّن ڪيون ويون ۽ 2008ع ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران ٻيهر ترجيحي صورتن لاءِ عالمن/ استادن اڳيان رکيون ويون، ڪافي عالمن جا رايا سامهون آيا، ان جي ڇنڊڇاڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي تہ جيئن هڪ صورت متعيّن ڪئي وڃي، ليڪن ڪن سببن ڪري ان ڪاميٽيءَ جي حتمي راءِ جو اجراءُ نہ ٿي سگهيو آهي. هيٺ چند لفظن کي هڪ گروہ ۾ شامل ڪري، مختلف دؤرن موجب رکجي ٿو:

| 1913 | | 1915 | | 2008 | |
|---|---|---|---|---|---|
| پيش ڪيل | ترجيحي صورت | پيش ڪيل | ترجيحي صورت | پيش ڪيل | اڪثريتي راءِ |
| جڻو/ جسو | جسو | ----- | ----- | جڻو/ جسو | جسو |
| سايو/ سعيو | سعيو | ----- | ----- | سايو/ سعيو | سعيو |
| ضعيف/ زائفان | زائفان | ----- | ----- | ضعيف/ زائفان | زائفان |
| محل/ مهل | مهل | ----- | ----- | محل/ مهل | معنوي فرق |
| بصل/ بصر | بصر | ----- | ----- | ڪلف/ ڪرف | ڪلف |
| بقل/ بڪر | بڪر | صبحاڻي/ سپاڻي | صبحاڻي | اٿارٽيءَ جي مقرره ڪاميٽيءَ جو ترجيحي صورتن وارو ڪم رڪيل آهي. | |
| ڪلف/ ڪرف | ٻئي | ڪلف/ ڪرف/ قفل | ڪلف | | |

### 6.3.2. سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي لفظن جي بدليل صورت جو جائزو

جيڪي لفظ هڪ گروہ ۾ رکيا ويا آهن، تن کي هيٺين خاصيتن سبب گڏيو ويو آهي:

1. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٿڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ متعلق ٻين عربي لفظن جي استعمال ڪرڻ سان ڪو مونجهارو نہ ٿو ٿئي؛

پهرين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: جڻو/ جسو، سعيو/ سايو، ضعيف/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر.

2. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي سماجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق جو مونجهارو ٿئي ٿو؛

هن ٻين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: ، ضعيف/ زائفان، محل/ مهل، سعيو/ سايو.

3. اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ مونجهارو نه ٿو ٿئي.
هن ٽين خاصيت ۾ هي لفظ ڳڻي سگهجن ٿا: بصل، بِصر، بقل/ بکر، قفل/ کلف/ کرف، صبحاڻي/ سپاڻي.

### 6.3.2.1. عربي لفظن جي آوازن مٽڻ سان متعلقه عربي لفظن جو مونجهارو

عربي لفظن جي آوازن مٽجڻ سان هڪ ته اهو مونجهارو ٿئي ٿو ته متعلقه عربي لفظ جي وزن وارا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻيا لفظ مونجهاري جو سبب بڻجن ٿا، جيئن: ڪثر/ ڪسر. عربيءَ ۾ اهي ٻئي الڳ لفظ آهن، ۽ انهن سان سلهاڙيل ٻيا لفظ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم اچن ٿا. اهڙو ذڪر پوئين عنوان ۾ ٿي چڪو آهي.
ٻيا اهي لفظ آهن جن جي آوازن/ وينجنن مٽجڻ سان ڪنهن به قسم جو مونجهارو پيدا ڪونه ٿو ٿئي، جيئن: جثو/ جسو، سعيو/ سايو، ضعيف/ زائفان، محل/ مهل، بصل/ بصر.

هيءَ صورت اهڙي آهي جنهن ۾، جيڪڏهن لفظ جي ڪنهن به صورت ڪي، صورتخطيءَ جي خيال کان، متعيّن ڪيو وڃي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان ڪنهن به نوعيت جي مونجهاري جو امڪان ڪونهي. ان حالت ۾ اختياريءَ وارن تي لازم ٿيندو آهي ته مختلف ماهرن/ استادن کان ڪي صورتون لکرائي؛ ۽ هڪ مقرره ڪاميٽيءَ جي ذريعي، اپياس جي بنياد تي، ڪا هڪ صورت جو تعيّن ڪرائي.

### 6.3.2.2. عربي لفظن جي آوازن مٽڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو مونجهارو

اهڙا عربي لفظ جن جي آوازن مٽجڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان مونجهاري جو امڪان ته ڪونه ٿو رهي؛ ليڪن ساڳي مٽا سٽا سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ عام رواجي لفظن ۾ مونجهاري جو امڪان رهي ٿو، ان حالت ۾ اهڙن لفظن کي ترجيحي صورت جو مزو چکائڻ نامناسب آهي.

مٿين لفظن مان سعيو/ سايو، ضعيف/ زائفان ۽ محل/ مهل اهڙا لفظ آهن جن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين عربي لفظن جي استعمال سان ته مونجهارو ڪونه ٿو رهي، البته سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق جي بنياد تي مونجهاري جي امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته، ٻوليءَ ۾ لفظن جي هڪ لغوي يا سنئين سڌي معنيٰ هوندي آهي ۽ ٻي سماج جي قدرن سان سلهاڙجي عام رواجي معنيٰ جي روپ ۾ استعمال ٿيندي آهي.

### 6.3.2.2.1 سنڌي سماجي ٻوليءَ ۾ عربي لفظن جي مثيل صورت جو استعمال

فرض ڪريو تہ لفظ 'ٻَئنش' جو بنياد 'بحث' مان آهي، 'ٻئنش' جي صورت هڪ بگاڙ واري ڄاتي ويندي آهي؛ ليڪن اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ان لفظ نہ رڳو هڪ بگڙيل صورت اختيار ڪئي، پر ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ نرالي مراد پڻ جوڙي ورتي. الهداد ٻوهيو ان حوالي سان لکي ٿو تہ: ”ٻوليءَ ۾ پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ جو جيڪو اصول ڪم ڪري ٿو، انهيءَ هٽ 'ٻئنش' لفظ کي اصل 'بحث' لفظ کان هڪ جدا معنيٰ ڏني آهي. اسان وٽ ٻئنش، هوڏ ۽ ضد کي ٿو چئجي. هاڻي جيڪڏهن اسان جا پڙهيل ماڻهو بحث کي سدائين 'ٻئنش' چوندا تہ ٻوليءَ جو هڪڙو لفظ استعمال مان نڪري ۽ آخرڪار مري ويندو.“ (ٻوهيو، 1972: 172- 184)

ائين ئي مذڪوره لفظن ۾ ضعيفہ ۽ زائفان ساڳئي لفظ جون بہ صورتون آهن، بنيادي طور 'ضعيفہ' بروزن 'فعيله' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ 'زائفان' ان جي بگڙيل صورت!

لفظ 'ٻَئنش' جيان 'زائفان' پڻ ٻوليءَ جو حصو بڻجي چڪو آهي، ان صورت ۾ ان کي ختم ڪرڻ درست ڪونهي؛ ان حالت ۾ اهڙي لفظ کي هنئين سان هنڊائڻ مجبوري ٿي پئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ضعيفہ' ۽ 'زائفان' وارا لفظ هيٺيون معنائون رکن ٿا:

| ضعيفہ | زائفان |
|---|---|
| ڪمزور عورت/ ڇوڪري/ مؤنث | ڪابہ صحتمند يا ڪمزور عورت |

ضعيف لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو آهي، ايتري قدر جو اسان جي ٻار کي بہ آئيوٽا توٽي 'ٻاراڻي ڪتاب' ۾ 'ضواد' جو اکر 'ضعيف' جي تصور/ تصوير سان پڙهايو ويندو آهي. يعني ان تصوير ذريعي هڪ پوڙهي ۽ جُهور ماڻهوءَ کي لٺ جي ٽيڪ تي ڏيکارڻ سان ٻار کي اهو تصور ڏنو ويندو آهي تہ 'ضعيف' جي مراد: جنهن ۾ هلڻ چلڻ يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي سگهہ نہ هجي. ان صورت ۾ 'ضعيفہ' مان مراد ڪا ڪمزور يا اڱهي عورت يا ڇوڪري جيڪا هلڻ چلڻ يا ڪم ڪرڻ جي سگهہ نہ ساري سگهي.

البتہ ايترو ضرور آهي تہ لفظ 'ضعيف' سنڌي ٻوليءَ ۾، ايتريقدر تہ پنهنجائپ جو روپ وٺي چڪو آهي جو، اسين ان جي مؤنث يا مذڪر صورت سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق ڪم آڻيندا آهيون؛ جيئن:

| مذڪر (آخري سُر، پيش سان) | مؤنث (آخري سُر، زير سان) |
|---|---|
| ضعيفُ: اسلم ڏاڍو ضعيفُ ٿي ويو آهي. | ضعيفِ: سلميٰ ڏاڍي ضعيفِ ٿي وئي آهي. |

ٻي صورت ۾ 'ضعيف' جو استعمال به رد ڪري نه ٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪافي مؤنث لفظن جي آخر ۾ 'هي تانيث' يا 'ة تانيث' به ڪم آندي ويندي آهي.

لفظ 'زائفان' آخري ڊگهي گهٽي سُر جي اضافي سان، سنڌي ٻوليءَ جو ٺهڻ جو بڻجي چڪو آهي، جيڪو بنيادي طور تي 'ضعيفہ' جو ئي بگاڙ آهي؛ ليڪن جڏهن سنڌي سماج ۾ 'صنف نازڪ' جي نعم البدل طور استعمال ٿي چڪو آهي، ان صورت ۾ ان لفظ کي رد نه ٿو ڪري سگهجي. موجوده حالتن ۾ ڪنهن به هڪ عورت لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. لفظن جو اهو سفر سماجي حالتن ۽ قدرن سبب ٿيندو آهي؛ جيئن: خديجه > ڪتيجان وغيره.

گهڻو امڪان آهي ته عربي لفظ 'عورت'، عربيءَ ۾ به ڪنهن زائفان/ مائيءَ لاءِ استعمال نه ٿيندو آهي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن به زائفان لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. لفظ 'عورت' جي بنيادي معنيٰ 'اگهاڙپ' ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ زائفان لاءِ ڪم اچڻ جي وچ وارو سفر به هڪ سماجي اسباب واري ڪهاڻي آهي.

لفظ 'ضعيفہ' ۽ 'زائفان' سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق سان ڪم اچن ٿا؛ ان حالت ۾ ٻنهي لفظن کي برقرار رکڻ ٻوليءَ جي گهرجن مطابق آهي. ساڳيو معاملو هيٺين لفظن جو آهي:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سعيو | [سعيٰ = هن ڪوشش ڪئي] ڪوشش، ارادو |
| سايو | ڇانو، ڇپر، آسرو، پرڇهلو |
| محل | جڳهه، عمارت، بادشاهي رهائش گاه. |
| مهل | وقت، سمو، گهڙي |

مذڪوره لفظن ۾ 'محل' ۽ 'مهل' ترجيحي صورت لاءِ ان لاءِ به رکيو ويو آهي، جو عربي لفظ 'محل' ۽ سنڌي لفظ 'مهل' جي تقريباً معنيٰ ملندڙ جلندڙ آهي؛ پر جيئن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ 'محل' گهڻي قدر 'عمارت' يا 'شاهي رهائش گاه' جي مفهوم ۾ ڪم آندو وڃي ٿو، ان لاءِ ڌاريو لفظ ٻن معنائن ۾ ڪم آڻڻ مشڪلات جو سبب بڻجي سگهي ٿو. هيٺ خيال خاطر عربي لفظ 'محل' جو اشتقاق ڏجي ٿو:

مَحل: [مَحَلّ- اسم ظرف (حَلَّ = وقت جو پهچڻ)] هنڌ، ماڳ، لهڻ جو هنڌ.

'محلّ/ محلو'، 'بَرمحل' جهڙا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ چند عالمن ڪم آندا آهن، ليڪن عام طور 'عمارت' لاءِ ڪم اچڻ سبب، ان جو رخ ٻئي پاسي به ڪرڻ مونجهارن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. بهرحال مٿين لفظن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ معنوي فرق جي بنياد تي، الڳ الڳ لفظ تصور ڪرڻ گهرجي.

### 6.3.2.3. عربي لفظن جي آوازن منڻ سان مونجهاري جو امڪان نہ هجڻ

هن گروه ۾ اهڙا لفظ بہ اچن ٿا جن بابت ڪا مضبوط راءِ بيهي نہ سگهي آهي تہ اهي لفظ اصل عربيءَ جا آهن يا سنڌيءَ جا! جيئن: بصر/ بصل يا ثوم/ فوم وغيره. پر جيئن تہ هت لفظن جي صورت تي اپياس مقصود آهي، ان لاءِ ان دائري ۾ ئي ڪا راءِ جوڙي سگهبي.

عام طور تي عربي- فارسيءَ جي نسبت، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جي ڪنهن قريب آواز ۾ ڪو بدل ٿئي ٿو تہ عربي- فارسي ڄاڻندڙ عالمن ان کي 'غلط العام' جي اصطلاح سان رد ڪيو آهي. ليڪن ڪن عالمن ان کي نيڪ بہ ڄاتو آهي، هن حوالي سان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو تہ: "جيڪڏهن عربي ۽ فارسي وغيره جا ڪي لفظ سنڌ ۾ گهر ڪري ويهڻ سبب صفا سنڌي ٿي ويا آهن، تہ پوءِ پلي انهن کي سنڌي صورت ۾ چنجي." (1983: 81)

بصل/ بصر، بقل/ بڪر لفظن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ 'بصر' ۽ 'بڪر' ڪم آندو ويندو آهي. عام طور برصغير جي ٻولين جي لفظن جي مثالن ۾ بہ 'ل' ۽ 'ر' هڪٻئي جا بدل آواز (Allophone) آهن؛ هيٺ چند لفظن جا اشتقاق معلوم ڪرڻ بعد هڪٻئي جي 'بدل آواز' هجڻ جي جاچ ڪجي ٿي:

- نرمَل: [ نِر = سواءِ، نہ + مَلُ = مَرُ، مٽي] جنهن تي ڪا مَرُ يا مٽي نہ هجي- ميرَ مٽيءَ کان پاڪ- صاف شفاف. (مَلُ/ مَرُ).
- نِٻَل: [ نِر = سواءِ، نہ + ٻَل = ٻَرُ، ٻَر، طاقت، سگهہ] ڪمزور- اگهو- ڏٻرو. (ٻَلُ/ ٻَرُ).
- ڏُٻرو: [ ڏُ = خراب، بد + ٻَل = طاقت، ٻرُ] ڪمزور- اپرو- نبل. (ٻَر/ ٻَل)

(وڏو سنڌي وياڪرڻ- پيرومل، تان مدد ورتل)

ان کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن موجب ڪافي لفظ سامهون اچن ٿا، جن ۾ 'ل' ۽ 'ر' هڪٻئي جا بدل آواز ٿين ٿا؛ جيئن:

ٻَل/ ٻر، قُل/ قُر، ڪلف/ ڪرف، ويل/ وير، اٽل/ اٽر، اجڙوال/ اجڙوار، البيلو/ اربيلو وغيره.

عام طور تي اهڙا لفظ جيڪي برصغير جي ٻولين ۾ يڪسان طور تي ڪم آندا ويندا آهن، انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق آوازن جي مٽ ٿيندي آهي، 'ل' جي بدران 'ر' جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي اترادي لهجي- خاص طور سرائڪيءَ- سواءِ، عام آهي. ان صورت ۾ 'بصر' ۽ 'بڪر' کي قائم رکڻ جي راءِ رکجي ٿي.

عربي تجويد موجب چند لفظن ۾ 'ل' جو آواز 'ر' ۾ تبديل ٿيڻ بہ نوٽ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 'ل' جو آواز 'ر' آواز جي صورت وٺي 'ر' ۾ مدغم ٿئي ٿو؛ جيئن:

| مدغم ٿيڻ بعد پڙهڻ | عربي لفظ |
|---|---|
| بَرَّانَ | بَلْ رَانَ |
| قُرَّبَ | قُلْ رَبَ |

عربي تجويد موجب پڙهڻ موجب اهو اندازو ٿئي ٿو تہ چند لفظن ۾ 'ل' جو 'ر' جي آواز ۾ تبديل ٿيڻ وارو انداز نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾، پر ٻين ٻولين ۾ بہ موجود آهي؛ جنهن ڪي ٻولين جي مزاج جو هڪ مشترڪہ معاملو چئي سگهجي ٿو. (تجويد جي قاعدي تان مدد ورتل)

6.3.2.3.1. ڪلف/ ڪرف جو اڀياس

هي لفظ عام طور بنيادي عربي ٻوليءَ جو ڄاتو ويندو آهي، جنهن جي اصل صورت 'قفل' آهي؛ جيڪو پوءِ ڪفل > ڪلف ۽ ڪرف/ ڪرڦ جي صورتن ۾ پئي ڦريو آهي. ڪنهن لفظ ۾ آوازن جي اڳتي پوئتي ڦرڻ واري ان انداز کي لسانيات ۾ 'تقليب' (Metathesis) جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. هي لسانيات جو اصطلاح تڏهن عمل ۾ ايندو آهي، جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جو لفظ ٻي ٻوليءَ ۾ پنهنجائپ واري جاءِ وٺندو آهي. مثلاً: عربي ٻوليءَ جو لفظ 'قفل' جڏهن پنهنجو سفر طئي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيو تہ ان پنهنجي اُٿل پُٿل واري صورت اختيار ڪري 'قلف' بڻجي ويو؛ ۽ اٿين هلندي هلندي 'ڪلف' يا 'ڪرڦ'/ 'ڪرف' جون صورتون اختيار ڪيون.

پروفيسر علي نواز جتوئي ٻوليءَ جي ان اصطلاح کي زبان جي چُڪ ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ: "جيئَ جي غلطيءَ سببان ڪي آواز پاڻ ۾ جڳهہ مٽيندا آهن، ان کي 'تقليب' (Metathesis) سڏبو آهي؛ جيئن: 'همراهہ' مان 'هرماهہ'، 'پنجو' (پنج آڱرين وارو) مان'چنبو'، 'بندوق' مان 'دنبوق'، 'حسد' مان 'حدس'، 'قفل' مان 'ڪلف' وغيره." (151 :1996)

ڪلف ۽ ڪرف بابت راءِ ٻيهارڻ اٿين آهي جيئن 'قفل' مان 'قلف' ۽ پوءِ ٻيون صورتون، جنهن لاءِ ڪنهن کي بہ رد ڪري نہ ٿو سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ، انهن صورتن سان ٻوليءَ جي اندرين يا ٻاهرين ٻولين جي آيل لفظن سان ڪو ٽڪراءُ نہ ٿو ٿئي.

'ڪلف ۽ ڪرف' جي صورتن ۾ 'ڪرف' واري صورت وچولي ۾ عام آهي؛ جئين 'البيلو' کان 'اربيلو' کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن وچولي جي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ کي اهميت ڏيڻي آهي تہ ان حالت ۾ 'ڪرف' واري صورت ٺيڪ آهي، پر جيڪڏهن مروّج ڪتابي صورت کي اهميت ڏيڻي آهي تہ ان حالت ۾ 'ڪلف' تي اڪتفا ڪرڻو پوندو. بهرحال هيٺ ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| ترجيحي صورت | مختلف لفظ |
| --- | --- |
| ڪرف | ڪلف/ ڪرف |

6.3.2.3.2. قل/ قر ۾ ’ر‘ جي بدل آواز جو اڀياس

’قل/ قر‘ مان عام طور وچولي لهجي ۾ ’قر‘ لفظ گهٽو ڪم آندو ويندو آهي؛ پر ساڳئي وقت هنن لفظ جي استعمال ۾ ڪنهن حد تي معنوي فرق به محسوس ڪيو ويو آهي.

| قر | قل |
| --- | --- |
| قر: هن لفظ جي به بنيادي معنيٰ ساڳي آهي، ليڪن ميوي يا تخم جي معنيٰ ۾ عام طور ڪونه ورتو ويندو آهي، بلڪ انسان يا جانور جي اولاد واري معنيٰ ۾ عام ورتو ويندو آهي. | قل: هن لفظ جي بنيادي معنيٰ ته ساڳي ’قر‘ واري آهي پر ميوي ۽ اجوري جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي |

مٿين وضاحت کان پوءِ انهن لفظن مان ڪنهن هڪ کي رد ڪرڻ مناسب ناهي. مٿيان ٻئي لفظ 1913ع ۾ ٻنهي صورتن ۾ لکڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. 1913ع ۾ ٻنهي صورتن ۾ لکڻ کي مباح قرار ڏيڻ جو مقصد لهجاتي استعمال کي اهميت ڏيڻ هو؛ جڏهن ته ٻوليءَ تي مختلف سماجن جي اثر کان اڄڪلهه معنوي فرق طور آڏو اچن ٿا.

************************

## 6.4. سنڌي صورتخطيءَ ۾ قريب آواز سبب فارسي لفظن جي بدليل صورت جو معاملو

### 6.1.1. فارسي لفظن جي استعمال سبب پيدا ٿيندڙ مونجهاري جي سطح

عربي ٻوليءَ جي بنسبت فارسي ٻوليءَ جي لفظن جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ مونجهاري جو ڪارڻ نہ ٿو بڻجي ان جي خاص سببن ۾ ڪي هي آهن:

- عربي ٻوليءَ جي لفظن ۾ وسعت آهي، خاص ڪري مصدرون تہ ايتريون آهن جو ان کي واريءَ جو ڪلو سڏبو آهي، يعني جتي هٿبو تہ لڳي ويندو؛ فرض ڪريو تہ 'عَلِمَ' ڌاتوءَ مان مختلف وزنن وارن مصدرن سان لفظ جڙن ٿا ۽ ان جي مفهوم ۾ بہ فرق هوندو آهي، جيئن: اِعلام (اِفعال)، تَعلِيم (تَفعِيل)، تَعَلّم (تَفعُّل)، اِستِعلاَم (اِستَفعال).
- فارسي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ايڏي وسعت ناهي، خاص مصدرن جو ايڏو تعداد ڪونهي جن سبب هنيانءَ تي پٿر رکڻو پوي؛ البتہ ڪن مصدرن جي معنیٰ ۾ فعلي ۽ فعلي بالواسطہ جون ٻئي مرادون ملنديون آهن، جيئن: آويختن = لٽڪڻ، لٽڪائڻ؛ ان سبب ان جي مصدرن کي 'گپ جو ڪِلو' سڏبو آهي. سنڌيءَ جي مصدرن ۾ ڪا لچڪ نہ هوندي آهي، جنهن سبب ان کي 'سُڪيءَ جو ڪلو' سڏبو آهي.
- فارسيءَ جا لفظ گهڻي قدر سڌا سنوان ڪم ايندا آهن، ان جي سببن ۾ 'اوائلي سنڌ جي سرڪاري ٻولي هجڻ' بہ آهي؛ ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ تي اردو ٻوليءَ جي اثر سبب، فارسي لفظن کان شناسائي رهندي اچي ٿي. البتہ، اهو ضرور ٿيندو آهي تہ ٻوليءَ جي مزاج آهر قريب آواز پيا مٽبا آهن.

ٻاهرين/ ڌارين ٻولين جي لفظن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ضم ٿيڻ يا پنهنجائپ جو روپ وٺڻ بعد ٻن قسمن جو مونجهارو محسوس ڪيو ويو آهي:

1. ڌارين ٻولين جي لفظن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ساڳيائپ سبب بنيادي معنیٰ جو مونجهارو؛ جيئن: خدا ترس.

- فارسي ٻوليءَ موجب: [ خدا = ڌڻي، مالڪ + ترسيدن = ڊڄڻ، ڀؤ ڪرڻ] ڌڻيءَ در ڊڄندڙ- پرهيزگار- مُتَّقِي. (آسدق ، 1986: 98 ۽ 166)
- سنڌي ٻوليءَ موجب: [ خدا = ڌڻي، مالڪ + ترس = رحم، ڪهل، ڪهڪاءُ] رحمدل- قياس وارو- ٻاجهارو- بزرگ- خدا ڪارڻ ترس يا ڪهڪاءُ کائيندڙ. (آفتاب، 1992: 138)

2. ڏارين ٻولين جي لفظن جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق ڦيري سبب ترجيحي صورت جو مونجهارو؛ جيئن: دنبورو/ طنبورو.

تازو 2008ع واري صورتخطيءَ جي مذاڪري ۾، مذڪوره لفظ بہ، ترجيحي صورت لاءِ پيش ڪيو ويو، جڏهن تہ ساڳيو لفظ 1913ع ۽ 1999ع ۾ بہ ترجيحي صورت لاءِ ذڪر هيٺ آيو هو؛ پر حالت اها آهي جو اڄ سوڌو اهو طئہ ٿي ڪونہ سگهيو آهي. 'طئہ نہ ٿيڻ' جا سبب ڪهڙا آهن يا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ اهي ڳالهيون ڪجهہ نظرانداز ڪيون ويون آهن. مڙني ڳالهين جي، هڪ ڳالهہ تہ: انهن معاملن تي ڪو باضابطہ اڀياس ٿي ڪونہ سگهيو آهي/ ڪَرايو ڪونہ ويو آهي، جنهن سبب ساڳيا معاملا اڳتي بہ اٿين ٿي ڪَرُ ڪڍندا!

### 6.1.2. عالمن پاران متعيّن ڪيل ترجيحي صورتون

تازو عالمن مذڪوره لفظ جي صورتن بابت جيڪي رايا ڏنا، سي هن ريت آهن:

**پيش ڪيل لفظ:** دنبورو/ طنبورو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| دنبورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پروفيسر قلندر شاه. |
| طنبورو | آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| دنبورو/ طنبورو | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد. |
| تنبورو | ولي رام ولڀ. |

* ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ ڄاڻايو تہ: 'دنبورو' ٺيڪ آهي، عربي لفظ 'طنبوره' آهي. (اٿارٽيءَ پاران مليل مواد موجب)

#### 6.1.2.1. حتمي راءِ جو مسئلو

? ويجهر ۾، جن لفظن بابت عالمن رايا رکيا آهن، انهن بابت حتمي راءِ جو اختيار سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي مقرره ڪاميٽيءَ کي آهي؛ ڪاميٽي ڪهڙن اصولن يا بنيادن کي سامهون رکي ڪا حتمي راءِ قائم ڪندي؟

اهو سوال وري 'هڪ لٽڪيل تلوار' جيان ٽنگيو پيو آهي. اهو خيال ان سببان اڀري ٿو جو اهڙي قسم جا لفظ مختلف وقتن ۾ بغير اڀياسي عمل جي متعيّن ڪيا ويا، جيڪي اڄ سوڌو سفر جي مرحلن مان پيا گذرن.

### 6.1.2.2 اپياسي عمل

اهي مٿئين ڳالهيون ذهن ۾ رکي چند لفظن: 'پليد/ پليت، دنبورو/ طنبورو، جافران/ زعفران، طبلو/ دبلو، دوفان/ طوفان، توب/ توف' جو هڪ گروه جوڙيو، هن عنوان جي اپياس هيٺ آڻي، هيٺين امڪاني مونجهارن وارين خاصيتن مان گذاريو ويندو:

1. اهڙا فارسي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ متعلقہ ٻين فارسي لفظن جي استعمال ڪرڻ سان ڪو مونجهارو نہ ٿو ٿئي؛

پهرين خاصيت ۾ اهڙا لفظ ڪونہ ٿا اچن، جن سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين فارسي لفظن جي استعمال سان ڪي مونجهارا ٿين.

2. اهڙا فارسي لفظ جن جي آوازن/ وينجنن مٽڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ معنوي فرق جو مونجهارو نہ ٿو ٿئي.

هن ٻين خاصيت ۾ طبلو/ دبلو معنوي فرق ۾ مونجهارو ڪري ٿو. ممڪن آهي تہ سنڌي لفظ 'دٻلو' بگڙيل صورت هجي 'طبلو' جي! ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ بہ اهڙي امڪان جو اشارو ڏنو آهي (ميمڻ، 1992: 81)؛ پر ذاتي راءِ آهي تہ اها لفظن جي هڪجهڙائپ، صرف هڪ اتفاق آهي، ٻي صورت ۾ 'دٻلو' لفظ مصدر 'دٻڻ' ۽ اسم 'داٻ' سان ئي نهڪاءَ ۾ اچي ٿو. ان صورت ۾ اهڙا لفظ ترجيحي صورت واري عمل مان نہ ٿا گذاري سگهجن. سنڌي سماجي ٻوليءَ موجب: 'طبلو' يا 'جوڙي' ڳائڻ وڄائڻ ۾ ڪم ايندي آهي، جڏهن تہ 'دَٻلو' يا 'داٻلو' جو لفظ 'دَٻُ ڪري رکڻ' واري ٿانوَ/ شيءِ جو نالو آهي، جنهن ۾ مختلف شيون محفوظ رکي ڍڪ ڏنو ويندو آهي. اڳي تہ گهر گهر ۾ جنديءَ لٺل دٻلا يا داٻلا ڍڪڻ سان هوندا هئا، گڏوگڏ ٿامي يا جست جا پڻ جڙيل هوندا هئا.

اصولي طور تي مٿين خاصيتن جي دائري کان ٻاهر جيڪي لفظ ايندا آهن، تن لاءِ ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ، اختياريءَ وارن جي اختيار ۾ شامل ٿئي ٿو؛ اهڙن لفظن ۾ هيٺيان لفظ اچن ٿا:

پليد/ پليت، دنبورو/ طنبورو، طبلو/ دبلو، دوفان/ طوفان، جافران/ زعفران، توب/ توف.

### 6.1.2.3 لفظن ۾ آندل بدل آوازن جو اپياس

مٿين لفظن ۾ جيڪا خاص ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي آهي، سا آهي بدل آوازن (Allophone) جي! جيڪي بدل آواز مذڪوره لفظن مان اخذ ٿين ٿا، تن کي هيٺين ريت رکجي ٿو:

| لفظ | لفظن ۾ بدل آواز |
|---|---|
| پليد/ پليٽ، | د/ ت |
| دوفان / طوفان، | د/ ط |
| دنبورو/ طنبورو، | د/ ط |
| طبلو/ دٻلو، | د/ ط ۽ ب/ ٻ |
| جافران/ زعفران | ج/ ز |
| توب/ توف، | ب/ ف |

مٿين جائزي مان 'د/ ت ۽ د/ ط'، 'ج/ ز'، ۽ 'ب/ ٻ ۽ ب/ ف' جا بدل آواز اڀياس ڪارڻ اخذ ٿيا آهن. جن جو ڪيل اڀياس هيٺين ريت پيش ڪجي ٿو:

6.1.2.3.1. 'د/ ت ۽ د/ ط' بدل آوازن جو اڀياس

هي آواز/ اکر عربي- سنڌي آئيويٽا ۾ پڙهايا ويندا آهن، جن سبب انهن آوازن/ اکرن کان منهن موڙي نہ ٿو سگهجي. هن بدل آوازن جي گروه ۾ 'ت' ۽ 'ط' کي ان لاءِ يڪجا ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ آوازن جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ت' ۽ 'ط' جو ڪو خاص فرق ڪونهي. البتہ، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ت' ۽ 'ط' جي اکرن بابت ڪافي محتاط رهڻو پوندو آهي. هڪ ڳالهہ تہ واضح آهي تہ جيئن ٻين ٻولين وارا سنڌي ٻوليءَ جا ٺيٺ آواز نہ ٿا ڪڍي سگهن، ائين ئي ٻين ٻولين وارا آواز سنڌي ٻوليءَ ۾ درست نہ ٿا اچارجن.

هت سوال ٿو اڀري تہ ڪنهن لفظ جي سنڌي صورتخطيءَ جو بنياد آوازن تي رکڻ گهرجي يا عام لکت تي؟

- جيڪڏهن آواز جي بنياد تي سنڌي صورتخطي رکڻ ڪبي، تہ پوءِ 'ثواب' کي 'سواب' لکڻو پوندو، 'طوفان' کي 'توفان' لکڻو پوندو، 'نذر/ نظر/ نضر' کي 'نزر/ نجر' لکڻو پوندو؛ ساڳئي نموني، معياري لهجي موجب: 'مجيءَ' کي لاڙڪاڻوي اپ- لهجي موجب: 'مشِي' يا لاڙي لهجي موجب؛ 'مڇِي' لکڻو پوندو.

- جيڪڏهن لکت جي بنياد تي سنڌي صورتخطي رکڻ کپي، تہ پوءِ جن لفظن جون صورتون پراڻن ڪاتبن يا عالمن لکيون يا 1913ع تائين متعيّن ڪيون آهن، تن تي ئي ڀاڙڻو پوندو، جيئن: ڪنئار، جسو، استعفا، ڪش، وراهڻ، چابڪ، ڏبلو، طنبورو، مطمعن، اعلا وغيره.
- جيڪڏهن لهجن جي آوازن جي بنياد تي لفظن جي صورتن کي چوٽ ڏبي، يا اڳين ڪاتبن يا عالمن جي لکيل صورتن تي ڀاڙبو تہ پوءِ ڪنهن لفظ جون ڪيئي صورتون سامهون اينديون، جيئن: مڇي/ مشي/ مڇي، يا ڪُرف، ڪُلُف ۽ قُفل وغيره.

مٿين خيالن کي سامهون رکي جڏهن صورتخطيءَ جي مسئلي کي ڏسجي ٿو تہ هي مسئلو ڪنهن سڌَ سلجهائڻ ڪان بہ ڏکيو ٿي ٿو پوي. هن قسم جي مسئلن جو سڌُ سُلجهائڻ، اهڙاس سواءِ ممڪن ڪونهي.

مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ 'معنوي فرق' ڪان ڇڏايل لفظن کي ئي ترجيحي صورت واري عمل مان گذاربو آهي؛ ان ۾ بہ وڌيڪ اهميت عام استعمال کي ڏني ويندي آهي. هت 'د/ ت/ ط' جي آوازن جو اهڙاس عام ٻوليءَ جي مزاج پٽاندر، مقصود آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق 'د > ت' ۾ مٽبو رهيو آهي، ائين ئي عربي ٻوليءَ جي مزاج موجب 'ت > ط' ۽ 'ت > د' ۾ مٽجندو آهي. ان صورت ۾ مونجهارن ڪان هٽي ڪري، سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'ط' ڪان وڌيڪ 'ت' کي اهميت ڏيڻي پوندي؛ مذڪوره آوازن جي ٻوليءَ جي نسبت هيٺ جاچ ڪجي ٿي:

### 6.1.2.3.2 عربيءَ جي مزاج موجب 'ت > ط' ۽ 'ت > د' ۾ مٽجڻ

هت عربيءَ جي صَرف جا چند لفظ سامهون رکجن ٿا، جيڪي گهڻي قدر مصدر 'اِفتِعال' جي وزن ۾ ملن ٿا؛ جنهن ۾ آواز قريب مخرج سبب هڪڙا ٻئي سان هم- آواز/ هم- شڪل ٿي وڃن ٿا:

**'ت > ط' ۾ مٽجڻ:**

- اِصطِلاح- وزن موجب: اِصتِلاح > اصطلاح (ت > ط) هن لفظ ۾ سهل پسنديءَ سبب 'ت' کي 'ط' ۾ مٽايو ويو، ساڳيو عمل صورتخطيءَ ۾ پڻ ڪيو ويو؛
- اِطّلاع- وزن موجب: اِطتِلاع > اطّلاع (ت > ط) هن اِدغام جي مثال ۾ سهل پسنديءَ سبب ت کي ط سان ملائي 'ط' کي مشدّد بڻايو ويو؛

**'ت > د' ۾ مٽجڻ:**

- اِزدِواج- وزن موجب: اِزتواج > اِزدِواج (ت > د) هن لفظ ۾ سهل پسنديءَ خاطر 'ت' کي 'د' ۾ تہ مٽايو ويو، پر ساڳي وقت عربي صورتخطيءَ ۾ پڻ شامل ڪيو ويو.

- اِذعاء- وزن موجب: ادتِعاء > اِذّعاء (ت > د) هن اِدغام جي مثال ۾ سهل پسنديءَ سبب ’ت‘ کي ’د‘ ۾ تہ مٽايو ويو، پر ساڳي وقت صورتخطيءَ ۾ پڻ اهڙو عمل ڪيو ويو.

(اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ کان مدد ورتل)

6.1.2.3.3. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج موجب ’د > ت‘ ۾ مٽجڻ

اها ڳالهہ تہ طئہ آهي تہ ’ط‘ جو آواز سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ڪونهي، جنهن سببان ’ط‘ جو آواز ’ت‘ ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. ’طوطو‘ جو آواز ’توتو‘ ڪيو ويندو آهي؛ يعني اهڙن لفظن ۾ ’ط > ت‘ جي آواز ۾ مٽايو ويندو آهي. ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي مثالن ۾، عربيءَ جي ابتڙ، ’د‘ > ’ت‘ ۾ مٽجڻ جا مثال ملن ٿا، جيئن:

- سفيد > سپيت- (د > ت)، هن مثال ۾ ٻوليءَ جي مزاج مطابق ’د‘ کي ’ت‘ ۾ مٽايو ويو آهي، ليڪن صورتخطيءَ ۾ شامل نہ ٿو ڪيو وڃي.

(شارحن موجب: لطيف سائينءَ بہ مقامي ٻوليءَ کي ڏسي ڪري فارسي لفظ لاءِ اهو اچار ڪم آندو هوندو، جيئن: ’سڙهہ ڏٺاري صاف ڪر، صابڻ سان سپيت‘. بحوالا: عباسي، 1989: 31)

- پليد > پليت- (د > ت)، هن مثال ۾ آوازن جي بنياد تي، نہ رڳو ’د‘ کي ’ت‘ ۾ مٽايو ويو آهي، ليڪن سنڌي صورتخطيءَ ۾ پڻ ڪنهن حد تي جاءِ مليل آهي. (بحوالا: سنڌي نصاب ٻارهين لاءِ)
- خديجه > ڪتيجان- (د > ت)، ٻوليءَ جي لحاظ کان ’د‘ > ’ت‘ ۾ مٽيو آهي، ليڪن پوءِ بہ ٻنهي لفظن کي سنڌي صورتخطيءَ ۾ جاءِ مليل آهي.
- مسجد > مسيت (د > ت)، هن مثال ۾ ’د‘ جو آواز ’ت‘ ۾ مٽايو ويو آهي، ليڪن، ان لفظ کي صورتخطيءَ ۾ ايتري جاءِ مليل ڪانهي.

6.1.2.3.4. اردو/ فارسي ٻوليءَ جي مزاج موجب ’د > ت‘ ۾ مٽجڻ

- بدتَر > بتَر- (د > ت)، هن ادغام ۾ پڻ ’د‘ جو آواز ’ت‘ ۾ نہ رڳو مٽيو آهي، ليڪن صورتخطيءَ جو روپ پڻ ورتو آهي؛ اها صورتخطي فارسيءَ سان گڏوگڏ اردوءَ ۾ بہ بحال رکي وئي آهي. ڊاڪٽر الانا پڻ اهڙو اشارو ڏنو آهي. (الانا، 1991: ت کان و)

6.1.2.3.5. حاصل نڪتا

مٿين مثالن مان جيڪي نڪتا اخذ ٿين ٿا، سي هن ريت آهن:

1. عربي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ’ت > ط‘ ۾ مٽجي ٿو ۽ ’ت > د‘ ۾ مٽجي ٿو ۽ صورتخطيءَ ۾ پڻ اهڙو عمل ڪيو ويو آهي.

2. عربي ٻوليءَ جي مزاج ۾ 'ط' جو آواز 'ت' کان وڌيڪ استعمال ۾ ايندڙ آهي، ايتريقدر جو 'د' جو آواز به 'ت' کان وڌيڪ مستعمَل آهي.
3. سنڌي ٻوليءَ جي مثالن ۾ 'ط> ت' ۾ مٽجي ٿو ۽ 'د> ت' ۾ پڻ مٽجي ٿو.
4. فارسي توڙي اردوءَ ۾ 'د> ت' آواز ۾ مٽجڻ ۽ صورتخطيءَ ۾ شامل هجڻ جا مثال موجود آهن.

حاصل مطلب ته هن خطي جي ٻولين ۾ مخصوص لفظن ۾ قريب آواز سبب 'ط يا د' جا آواز 'ت' ۾ مٽجن ٿا: پوءِ ڪن لفظن کي صورتخطيءَ ۾ جاءِ مليل آهي، جيئن: 'پليت' يا 'ڪتيجان' وغيره ۽ ڪن کي صرف ڳالهائڻ جي حد تائين محدود رکيو ويندو آهي، جيئن: 'سفيد' يا 'مسجد' وغيره.

### 6.1.2.4. لفظن جي ترجيحي صورت

ٻوليءَ جي اصولن جي اڀياس بعد هيٺين لفظن جي اصل نسل ۽ بنيادن جي اڀياس بعد ڪا راءِ جوڙي سگهجي ٿي:

**دنبورو/ طنبورو/ تنبورو:**

هي لفظ بنيادي طور تي فارسي 'تنبوره' آهي، 'طنبوره' ان جو معرَّب آهي. عام لغت ۾ پڻ اهڙا اشارا ملن ٿا:

- تحقيق لغات سنڌي: تنبورو: (ع. طنبور اصل ف. دنب بره، دُنب = دُم = پُڇ + بَره = دنبو. دنبي جو پڇ. 'تنبوري' جو 'ڏِڍر' به 'دنبي' جي پڇ جهڙو آهي)، وڄائڻ جو هڪ ساز. (سنڌيلو، 1980: 66)
- فرهنگ آصفيه: طنبوره(تونبرا کا معرب)ایک قسم کے ستار کا نام جس میں تونبا لگایا جاتا ہے۔دیکھو تنبوره(دہلوی،2002: 248)
- نُور اللّغات: طنبور۔طنبوره(ع)مذکر۔دیکھئے تنبور۔طنبور نواز(ف)صفت طنبور بجانے والا۔(نور،2006: 677)

مختصر لغتن جي ڳولها مان اهو معلوم ٿيو ته اصل لفظ 'تنبور/ تنبوره' آهي، جيڪو پوءِ عربيءَ موجب 'طنبوره' جي صورت اختيار ڪئي. ان صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج پٽاندر 'تنبورو' جي صورت کي ئي اهميت ملڻ گهرجي.

'تنبورو'، 'تنبورا'، 'تنبوري'، 'تنبورن' جا لفظ ٻوليءَ جي نحوي صورتن ۾ پيا مٽبا آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ پٽاندر 'مختفي ه' جو اڪر 'سُرن' جي حالت/ حرف علت ۾ مٽبو آهي. لطيف سائينءَ جي بيتن ۾ 'دنبورو' لفظ مقامي ٻوليءَ کان هٽي ڪري بنيادي لفظ موجب ڪم آيل آهي، جڏهن ته عام سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'تنبورو' ڪم آندو ويو آهي: هيٺ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| ترجيحي صورت | لفظ |
| --- | --- |
| پليت | پليد/ پليت |
| تنبورو | دنبورو/ طنبورو |
| طوفان | دوفان/ طوفان |
| زعفران | جافران/ زعفران |
| توپ | توب/ توف |

ترجيحي صورت: 'پليت، طوفان، زعفران، توپ ۽ تنبورو' سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻين جي بنسبت مستعمَل آهي.

*******************

# باب ستون

## ديسي لفظن جي ترجيحي صورتن جو اڀياس

### 7.1. ’بنايو/ ٻڌايو‘ لفظن جي ترجيحي صورت وارو معاملو

برصغير جي ٻولين جي جاگرافيائي حدن جي ويجهڙائپ، رابطي، حڪومتي حدن ۽ سماجي تعلق سبب، سنڌي ٻوليءَ ۽ هندستاني ٻولين جي لفظن ۾ ڪافي پنهنجائپ رهي آهي؛ فرق صرف وجي آوازن ۽ سماجي قدرن جي مٽ جو بيهندو آهي. هت صرف هڪبئي ۾ بدلجندڙ آوازن ’ن ۽ ڻ‘ جي نوعيت جي آوازن جو مختصر اڀياس مقصود آهي.

ڪافي اهڙا لفظ آهن جيڪي آوازن/ وينجنن جي مٽ سان، يڪسان طور تي برصغير جي ٻولين ۾ ڳالهايا ۽ لکيا وڃن ٿا؛ ساڳئي وقت لفظن جي اهڙي لکت ڪي پڻ صورتخطيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي.

اهڙن مٽيل آوازن جو تعداد تہ ڪافي گهٽو ٿي وڃي ٿو، چند مثالن بعد ڄاڻايل صورتن تي ڪا راءِ جوڙي سگهبي. ڊاڪٽر حيدر سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جي چوسٽن ۽ گهٽن وينجنن کي خالص ست سنڌي آواز/ صوتيا ڄاڻايو آهي (حيدر، 1990: 101- 113) جن ۾ ’ٻ، ڏ، ڄ، ڳ‘ ۽ ’ڻ، ڃ، ڱ‘ اچي وڃن ٿا. حقيقت ۾، انهن آوازن مان جزوي طور تي ڪي آواز ٻين ٻولين ۾ بہ آهن، خاص طور تي؛ برصغير جي چند ٻولين، آفريڪي ٻولين، يا ايشيا- يورپ جي هڪ اڌ ٻوليءَ ۾ ! ليڪن چارئي چوسٽا ۽ ٽئي گهٽا وينجن يڪجا ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ نہ ٿا ملن.

#### 7.1.1. بدلجندڙ صورت ۾ چوسٽن ۽ گهٽن وينجنن جو اڀياس

ڄاڻايل چوسٽن/ اڌوڪٽن ۽ گهٽن وينجنن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽو ٿئي ٿو، برصغير جي ٻولين جا ڪافي لفظ جڏهن سنڌي ٻوليءَ ڪي ڇهندا آهن يا سنڌي ٻوليءَ مان برصغير جي ٻولين کي ڇهندا آهن تہ هر ٻوليءَ جي مزاج مطابق لفظن جا مخصوص آواز ڪنهن لفظ جي اڳيان، وچيان يا پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي حالت تبديل ڪندا آهن؛ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي نسبت چند مٽجندڙ آوازن جو اڀياس پيش ڪجي ٿو:

##### 7.1.1.1. ’ٻ‘ ۾ تبديل ٿيڻ جو اڀياس

سنڌي ٻوليءَ جي روٽي موجب ’ب‘، ’ٻ‘ ۽ ’و‘ جي آواز وارن لفظن جي تاريخي طور ’ٻ‘ ۾ مٽجڻ وارو رويو محسوس ڪيو ويو آهي؛ جيئن:

| سنسڪرت | سنڌي | تبديل |
|---|---|---|
| ورڌ | برڌ _ ٻڍو | ب+ر = ٻ |

(پيرومل، 1956: 304)

- ٻاپيهو: [هيم. پپيئو. ببيهو. پرا. ببيهَ] چاتڪ پکي. ڏسو 'پپيهو'.
- ٻاڦ: [گ. ٻاڦ. هيم. ٻڦا. پرا. بڦ. سن. باشپ] ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان نڪرندڙ هوا.
- ٻار: [سن. بال] ٻالڪ، نينگر.
- ٻانڀڻ: [سن. براهمڻ] هندن چئن ذاتين مان اتم ذات.
- ٻاڻ: [پرا. باڻ. سي. باڻ] تير.
- ٻٻر: [پرا. ببول. سن. وَرَوُر] وڻ جو قسم.
- ٻج: [پرا. بيجَ. سن. بيجَ] تخم.
- ٻگهو: [پرا. بَک. سن. بَڪ: وَڪ] پاڻيءَ جو اڇو پکي.
- ٻيلي: [گ. بيلي. ڏن. بيلي] مددگار، سائي. (تحقيق لغات سنڌي)

ان کان علاوه ڪافي لفظ هندستاني ٻولين يا اردو وغيره ۾ پڻ مذڪوره آوازن جي مٽ ٿيندي آهي؛ جيئن: ٻارڻ/ بالن، ٻالجتي/ بالجتي، ٻرُ/ بِل، بابو/ ٻاٻو وغيره.

### 7.1.1.2. 'ڏ' ۾ تبديل ٿيڻ جو اڀياس

هن آواز جو عام طور تي 'د' ۽ 'ڊ' سان تبادلو ٿيندو آهي، هت انتهائي مختصر اڀياس پيش آهي:

- ڏاتار: [سن. داتر. دا = ڏيڻ] بخشش، نعمت.
- ڏُٻرو: [هيم. دُبل. پرا. دُبل. سن. دُربَل. دَر = گهٽ + بَل = طاقت] ڪمزور، هيڻو.
- ڏِس: [سن. دِشا] طرف، پاسو.
- ڏِسڻ: [پرا. ديک. سن. درش] پسڻ، نظر ڪرڻ.
- ڏَند: [ف. دَندان. پرا. دَنت. سن. دَنت] دچن. دند.
- ڏئو: [پرا. دِيو. سن. ديپ] مٽيءَ مان ٺهيل چراغ. (تحقيق لغات سنڌي)

ان کان علاوه ڪافي لفظ هندستاني ٻولين توڙي اردوءَ ۾ مٿيل آوازن سان ڪم آندا ويندا آهن؛ جيئن: ڏنڊو/ ڊنڊه، ڏنگ/ ڊنگ، ڏير/ ديوَر، ڏياري/ ديوالي وغيره.

### 7.1.1.3. 'ڄ' ۾ تبديل ٿيڻ جو اڀياس

هي چوسٺو آواز اڪثر 'ج' جو مَٽ ٿي بيهندو آهي، ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

- ڄار: [پرا. جال. سن. جال] وڏي ڄاري.
- ڄمڻ: [سن. جنم] جنم وٺڻ، پيدا ٿيڻ.

- أَجاڻ: [ سن. اَججان. اَ = نہ + ججانَ = ڄاڻ] غير واقف، جاهل، بيوقوف، سادو سودو.
- ڳڻڻ: [ پرا. گڻڻ. سن. گنن. گن = ڳڻڻ] شمار ڪرڻ، خيال ڪرڻ، ويچارڻ؛ پڙهڻ.
- گهاڻو: [ سن. گهَنَ. گهَن = جمع ڪرڻ] ڇيچڙو، جنهن ۾ تيلي ٻج پيڙجي.
- وڻجارو: [ هہ. بنج + هارا. سن. واڻجيہ + هارا- 'پچاڙي'] واپاري.
- هواڻو: [ سن. هوان] هُلُ، افواه.
- هيڻو: [ پرا. هِيڻ. سن. هِينَ. ها = ڇڏڻ] ڪمزور. (تحقيق لغات سنڌي)

ان کان علاوه هي لفظ: داڻو/ دانہ، کهاڻي/ کهاني، وڻجارو/ بنجاره، لکڻ/ لکنا، پڙهڻ/ پڑھنا وغيره.

7.1.1.6. 'ڄ' ۾ تبديل ٿيڻ جو اڀياس

هي گهڻو وينجن ٻہ گهڻي قدر 'نج' يا 'نيہ' سان مٺ ۾ ايندو آهي، چند مثال اڀياس هيٺ آندا ويا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- مُڄَ: [ پرا. مُنجَ. سن. مُنج] ٻوڙن جون سڪل ڪلون، جن مان واڻ ۽ رسا ٺهن.
- پُڄڻ: [ سن. پَرجن. پرج: پَرسج = پچائڻ] گِهَ ۾ پچائڻ، سيڪڻ.
- پَڄَڻ: [ پرا. پَنجَڻ. سن. پنجَن. پَج = ٽوڙڻ، تقسيم ڪرڻ] ٽڪر ٽڪر ڪرڻ، حساب ڪرڻ، سَلڻ.
- پڄرو: [ ف. پنجر. پرا. پنجر. سن. پِنجر. پنج = آواز ڪرڻ، رهڻ، جنهن ۾ پکي ٻولين يا رهن ٿا)، لوهہ يا تيلين جو نهيل گهر، جنهن ۾ پکي يا جانور رهن.
- پڄَڻ: [ سن. پنج] ڪپهہ صاف ڪرڻ.
- سُڄ: [ پرا. سُڻ. سن. شُونيہ] ويراني، پينگ. (تحقيق لغات سنڌي)

ان کان علاوه ٻيا لفظ جيڪي عام استعمال ۾ رهن ٿا، جيئن: پڄرو/ پنجره وغيره.

7.1.1.7. 'ڳ' ۾ تبديل ٿيڻ جو اڀياس

هي گهڻو وينجن گهڻي قدر 'نگ' سان مٺ ۾ ايندو آهي، چند مثال اڀياس هيٺ آندا ويا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

- اَڱرُ: [ پرا. اَنگار. سن. اَنگار] ڪوئلو.
- اڱڻ: [ پرا. اَنگڻ. سن. اَنگن. اَگ = وڃڻ ] اڱڻ، صحن.
- سِڱ: [ هيم. شِڱُ. پرا. سِنگ. سن. شرنگ. شر = ناس ڪرڻ] جانورن جي مٿي تي نڪتل ٻہ سخت شاخون، سَنگهو.
- لِڱ: [ سن. لِنگ] عضوا.
- مڱڻهار: [ سن. مارگڻ = مَنگڻ، گهرڻ + هار 'پچاڙي'] منگتو، هڪ ذات.
- هِڱ: [ سن. هِنگ] سرهي وکر جو قسم. (تحقيق لغات سنڌي)

ان کان علاوه هي لفظ پڻ عام استعمال جا آهن: واڱڻ/ بينگن، چڱو/ چنگا، سڱ/ سنگ، رَڱُ/ رنگ، لڱ/ لَنگ، مُڱ/ مونگ.
(سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ڱ' ۽ 'نگ' جي مثالن ۾ اهڙا لفظ بہ آهن، جيڪي معنوي فرق سان ڪم آندا ويندا آهن: جهڙوڪ: سَڱُ/ سَنگُ، لَڱُ/ لَنگُ)

### 7.1.2. چوسڻن ۽ گهٽن وينجنن ۽ هندستاني ٻولين جي وينجنن جو تقابل

مٿئين مختصر اڀياس مان اهو اندازو ٿيو تہ اهڙا لفظ جيڪي هندستاني ٻولين ۾ ڳالهايا وڃن ٿا، تن ۾ هيٺيان مقصود بدل آواز نوٽ ڪيا ويا:

**چوسڻا/ اڏوڪڻا وينجن آواز**

| هندستاني ٻولين ۾ ڪم ايندڙ آواز | سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ آواز |
|---|---|
| ب، پ ۽ و | ٻ |
| د ۽ ڊ | ڏ |
| ج | ڄ |
| گ | ڳ |

**گهٽا وينجن آواز**

| هندستاني ٻولين ۾ ڪم ايندڙ آواز | سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ آواز |
|---|---|
| ن | ڻ |
| 'نج' ۽ 'نيہ' | ڃ |
| 'نگ' | ڱ |

### 7.1.3. 'بنايو/ بڻايو' جي ترجيحي صورت بابت عالمن جا رايا

هن مختصر اڀياس مان مراد 'بنايو/ بڻايو' جي ترجيحي صورت آهي: 2008ع ۾ صورتخطيءَ جي مذاڪري ۾ جن عالمن مذڪوره لفظ لاءِ راءِ رکي تنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

2008ع ۾ صورتخطيءَ واري مذاڪري ۾ پيش ڪيل لفظ: بنايو/ بڻايو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت بابت راءِ رکندڙ |
|---|---|
| بنايو | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر قادري، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاهہ، شفيع محمد چانڊيو. |
| بڻايو | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالغفور، آفتاب ابڙو. |
| بنايو- بڻايو (ٻئي) | ڊاڪٽر سحر امداد. |

* آفتاب ابڙي راءِ رکي تہ: اسان اردوائيز ڪري 'بنايو' چئون ٿا.

متئين اپياس مان جيڪو 'حاصل مطلب' مليو آهي، تنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هندستاني ٻولين يا اردو ٻوليءَ ۾ جتي لفظ جي اڳيان، وچوواڙي يا پڇاڙيءَ ۾ 'ن' اچي ٿو، ان جڳهہ تي ڪن حالتن ۾ 'ڻ' جو استعمال ٿئي ٿو. مذڪوره فعل جي هيٺ سنڌي ۽ اردو سان تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو:

### 7.1.4. فعلي گردان ۾ 'ن' ۽ 'ڻ' جي درست استعمال جي ڇنڊ ڇاڻ

- فعلي صورت:

| ٻولي | امر | مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول |
|---|---|---|---|---|
| اردو | بنو | بننا | بنا | بنا ہوا |
| سنڌي | بَڻ/ ٻڻج/ بن | ٻڻڻ/ ٻڻجڻ/ بنجڻ | ٻڻيو/ بَنيو | ٻڻيل/ بَنيل |

(ڊاڪٽر سنڌيلي، 'تحقيق لغات سنڌيءَ' ۾ لفظ 'ٻڻڻ' ڏنو آهي.)

- فعلي بالواسطہ صورت:

| ٻولي | امر | مصدر | ماضي مطلق | اسم مفعول |
|---|---|---|---|---|
| اردو | بنا / بناؤ | بنانا | بنایا | بنایا ہوا |
| سنڌي | ٻڻاءِ/ بناءِ | ٻڻائڻ/ بنائڻ | ٻڻايو/ بنايو | ٻڻايل/ بنايل |

متي جيڪي ٻئي فعلي صورتون ڄاڻايون ويون، تن ۾ ٻي حالت ۾، جيڪي صورتون اردوءَ جي اثر ڪان رکيون ويون آهن، سي جيڪڏهن ڪنهن بہ صورت ۾ اوپري لڳي ٿي، ان حالت ۾ ان صورت جي پوري گردان کي رد ڪري، ٻوليءَ جي مزاج مطابق گردان کي بحال رکڻو پوندو.

ان ڪان علاوه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ اسم 'اٽڻت' جو لفظ بہ 'ٻڻڻ/ ٻڻجڻ' مان ئي ورتل آهي، نہ ڪي 'بنجڻ' مان! جيڪڏهن 'بنجڻ' مان لفظ وٺبو تہ اهو 'اٽبَنت' بيهندو؛ جنهن کي ڪوبہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ يا عالم قبول ڪونہ ڪندو.

### 7.1.5. ترجيحي صورت بابت راءِ

مختصراً هيٺ مذڪوره لفظ جي ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت |
|---|---|
| بنايو/ ٻڻايو | ٻڻايو |

********************************

حرج ڪونهي. حقيقت ۾ ٿيڻ ائين ڪپندو هو ته ٻوليءَ ۾ ساڳي نوعيت جي حيثيت رکندڙ گڏيل آوازن: /ٿُر/، /ڏَر/ ۽ /ڍَر/ جي درست صورتخطيءَ لاءِ به راءِ رکي ها. جيڪي، اترادي توڙي وچولي (ساهتي) لهجي ۾ صوتئي جي پڻ حيثيت پڻ رکن ٿا: پر جيئن ته ڊاڪٽر الانا بنيادي طور لاڙي/ حيدرآبادي لهجي جو فرد آهي تنهنڪري گڏيل آوازن ۾ اهڙن صوتي حيثيت رکندڙ آوازن کان پرهيز ڪري ٿو.

7.1.1.2. 'ر' ۽ 'ي' وينجن جو اڳئين آواز کي ساڪن بڻائڻ

سنڌي ٻوليءَ توڙي هن خطي جي ٻولين ۾ ڳالهائجندڙ گڏيل آوازن ۾ 'ر' ۽ 'ي' جا به آواز اهڙا جوڙ آهن جن ۾ اڳئين آواز کي پاڻ سان گڏڻ جي قوت سمايل هوندي آهي، اهڙو تفصيل ڊاڪٽرالانا جي ڪتابن مان ڏجي ٿو:

| 'ي' سان گڏيل آواز | 'ر' سان گڏيل آواز |
|---|---|
| ڏِي، ڎِي، ٻِي، پِي، ٺِي، جِي، گِي، ڪِي، ٺِي. | ٻر، پَر، گَر، ڪَر. |

'ي' سان سميٽيل آوازن جي صورتخطيءَ ڏانهن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ 'سنڌي صورتخطي ۽ خطاطيءَ' ۾ اشارو ڪيو آهي.

ڊاڪٽر الانا جيڪي مثال ڏنا آهن سي محدود آهن. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيا به ڪافي اهڙا آواز مذڪوره آوازن سان ان تُريءَ ۾ تُرن ٿا. جيڪي 'ر' ۽ 'ي' سان سميٽيل/ گڏيل رهن ٿا، جهڙوڪ:

| | |
|---|---|
| 'ر' سان گڏيل آواز | مِٽرِي، ڪٽرِي، ڪندرُ، مَندرُ، واڍِر، ڏِڍِرُ وغيره. |
| 'ي' سان گڏيل آواز | سيارو، تيار، ستيارو، ڏڪيو، مڪيہ، سورهيہ وغيره |

چاٽايل لفظن ۾ ڊاڪٽر الانا جي ڏسيل 'ي' سان گڏيل آوازن کان سواءِ ٻيا آواز به ٿي سگهن ٿا، جهڙوڪ: سَي، ٿي، گِي، ڙهي وغيره.

اهڙيءَ طرح اترادي توڙي وچولي (ساهتي) ۾ صوتياتي حيثيت رکندڙ 'ٿر، ڏر ۽ ڍر' جا گڏيل آواز پڻ ساڳئي نوعيت جا گڏيل آواز آهن.

*سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان 'ي' سان سميٽيل/ گڏيل آوازن ۾ اهو نوٽ ڪيو ويو آهي ته 'ڏگهي سُر سان يي' پنهنجي اڳئين آواز کي پاڻ سان گڏ متحرڪ بڻائي ٿي.*

### 7.1.2. مختلف صورتخطين ۾ گڏيل آوازن جو حل

#### 7.1.2.1. ديوناگري صورتخطيءَ ۾ گڏيل آوازن جو حل

ديوناگري آئيوِنا/ صورتخطيءَ ۾ اهڙن 'ر' جي لار وارن گڏيل آوازن لاءِ ڪي علامتون مقرر ٿيل آهن، جيڪي هن خطي جي ٻوليءَ جي آوازن جي پوري نمائندگي ڪن ٿيون. ديوناگريءَ ۾ [ر] جو آواز مختلف اچارن جي لحاظ کان ڇهن اندازن سان لکيو ويندو آهي. گڏيل آواز ۾ 'ر' جي آواز لاءِ ڪنهن اکر جي هيٺان ترڇو ليڪ ٽڪر ڪم آندو ويندو آهي، جيئن:

| عربي سنڌي آئيوِنا موجب | ديوناگري آئيوِنا موجب |
|---|---|
| بَ + ر = بَر | ब +् = ब्र |
| پَ + ر = پَر | प +् = प्र |
| ٿَ + ر = ٿَر | ट +् = ट्र |
| ڊَ + ر = ڊَر | ड +् = ड्र |
| ڍَ + ر = ڍَر | ढ +् = ढ्र |
| گَ + ر = گَر | ग +् = ग्र |
| ڪَ + رَ = ڪَر | क +् = क्र |

#### 7.1.2.2. ٻلتي آئيوِنا ۾ گڏيل آواز جو حل

'ٻلتي' ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ 'ڪَرَ' ۽ 'گَرَ' گڏيل آوازن لاءِ الڳ سان اکر 'ڃ' ۽ 'ڪ' (ڳ مٿان همزي جي نشاني) متعين ٿيل آهن. (يوسف،2004: 8)

#### 7.1.2.3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ گڏيل آوازن جي تفريق ۽ ڇاڻايل حل

مذڪوره سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو مونجهارو ان سبب اڀري ٿو جو ان مونجهاري تي ماهرن اصولي طور تي ڪو حل ڪونه سوچيو آهي. ڊاڪٽر الانا ان مونجهاري جي نشاندهي علمي طور تي جا بجا ڪري ٿو ۽ ڪين ديسي گڏيل آواز طور تسليم ڪندي ان جي درست صورتخطيءَ جي سفارش به ڪري ٿو پر پوءِ به لاڙي/ حيدرآبادي لهجي جو هجڻ سبب اترادي توڙي وچولي لهجي ۾ صوتياتي حيثيت رکندڙ سنڌي ٻوليءَ جي اعتراضن ور چڙهيل اهم صوتين ۽ سندس ڇاڻايل ديسي آوازن جي گروه جي اهم گڏيل آوازن: /ٿر/، /ڊر/ ۽ /ڍر/ تي ڪابه نظر نه ٿو رکي.

اهڙن مونجهارن کي سمجهڻ ۽ ان جي حل لاءِ 1853ع واري ڪاميٽيءَ به ڪو توجه ڪونه ڏنو، ان جو اهم سبب به مخصوص لهجي جي ماهرن جو هيو: يا آئيوينا جو ڪم انگريز ماهرن ڪي سونپيل هيو، اهڙي شڪايت اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽر الانا به هيئن ڪري ٿو ته: "جيتوڻيڪ انهن (ڳنڍيل آواز وارن) لفظن جو ڪو گهڻو ذخيرو نه آهي، پر انهن جي لکت جو مسئلو حل ڪرڻ ضروري آهي ... تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ناهيندڙ ماهرن، انهيءَ مسئلي طرف سوچيو ئي نه هو: پر جيڪڏهن تقابلي مطالعي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ سڀاءَ جو مطالعو ڪيو وڃي ها ۽ ديوناگري رسم الخط جي مدد سان ٺهيل گجراتي، مرهٽي، بنگالي وغيره زبانن ۾ اهو مسئلو 1849ع ۾ ئي حل ٿي وڃي ها، يا دير ۾ دير 1913ع ۾ هن مسئلي تي سوچيو وڃي ها: پر ائين نه ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو ديوان لوڪناٿ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي دليلن ۾ پنهنجي تنقيد ۾ هن نقطي تي خاص زور ڏنو." (الانا، 2005: 213)

### 7.1.2.3.1. ڊاڪٽر الانا پاران سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڳنڍيل آوازن جو ڪيل حل

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن لفظ جي منڍ ۾ جزم جي استعمال تي ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته: "لفظن جي وچ وارن ڳنڍيل آوازن کان سواءِ ڪن لفظن جي منڍ ۾ به ڳنڍيل آواز، سنڌي صوتيات جي اصولن موجب ممڪن آهن. هيلتائين سنڌي ڪتابن ۾ منڍ وارن ڳنڍيل آوازن کي بلڪل ترڪ ڪيو ويو آهي. انهن جي برابر خبر تڏهن پوندي، جڏهن لکيل صورت کي نظرانداز ڪري، اچاريل آوازن کي غور سان ٻڌبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن ۾ ڪي هيٺيان ڳنڍيل آواز لفظن جي منڍ ۾ ڪم اچن ٿا:

| منڍ ۾ ڳنڍيل آواز | لفظ جو اچار |
|---|---|
| /پْر/ | پْريمُ |
| /بْر/ | بْرَهْمَڻُ |
| /ڏْي/ | ڏْياري |
| /ڏْي/ | ڏْيانُ |
| /پْي/ | پْيارُ |
| /گْي/ | گْيانُ |
| /ڪْي/ | ڪْياڙي." |

(الانا، 1993: 143- 144)

جزم جي درست استعمال لاءِ ڊاڪٽر الانا جي سفارش پنهنجي جڳهه تي اهم آهي، ليڪن صاحب موصوف 'جزم' کان ابتو ڪم ورتو آهي، اپياس مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته صاحب موصوف 'جزم' دائري کان به چڱيان واقف ناهي، جيئن: 'عِلْم' ۾ [لْم] کي گڏيل آواز سمجهي ٿو، جيڪو جعلي (Self made) آهي.

ان صورت ۾ ڪنهن اعراب کان سنڌس مزاج جي ابتڙ ڪم وٺڻ وارو ڊاڪٽر الانا وارو عمل گمراه ڪندڙ آهي.

### 7.1.3. مسئلي جو حل

سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڪن آواز ٻن نوعيتن سان نوٽ ڪيا ويا آهن:

1. ڪنهن گڏيل آواز جي اڳيان، جيئن: پْيار وغيره؛
2. ڪنهن گڏيل آواز جي پويان، جيئن: گهْنٽي وغيره. (مستعمَل نوعيت)

ڊاڪٽر الانا جنهن نوعيت جو ساڪن آواز ڄاڻايو آهي، تنهن لاءِ الڳ نشانيءَ جي ضرورت آهي؛ ڇو جو اصولي طور تي ڪنهن نشانيءَ کان صرف هڪ نوعيت ئي جو ڪم وٺي سگهجي ٿو- ان کان مقرره دائري کان ٻاهر ڪم نه ٿو وٺي سگهجي.

مثال: لفظ 'ڏڪْيو' ۾ 'ڪ' ۽ 'ي' ديسي گڏيل آواز/ مرڪَّب آواز 'ڪْيَ' ۾ پهرين آواز 'ڪ' تي جزم آهي. مونجهارو اهو آهي ته لفظ 'ڏڪْيو' ۾ اهو واضح نه ٿو رهي ته 'ڪْ' واري جزم جو لاڳاپو 'ڏ' سان ٿيندو يا 'ي' سان!

ان صورت ۾ جزم جا به نمونا ڪم آڻڻا پوندا: ان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ ساڪن آوازن جون به ٻه صورتون سامهون اچن ٿيون. جيئن ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ به 'جزم' جون به صورتون رهيون آهن، هڪ: عام (ْ) ٻي: اوائلي ( ٗ )؛ بهتر ٿيندو ته ڊاڪٽرالانا جي بحث هيٺ آيل 'پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ' واري گڏيل آواز تي 'جزم' جي ٻي صورت ڪم آڻيون ۽ ان جا ڪي دائرا مقرر ڪيون ته مونجهارو حل ٿي سگهي ٿو: مثلاً:

- منڍ ۾ ايندڙ: پٗيار، ڏٗيان، گٗيان، ڪٗياڙي، ٻٗرهمَڻ (رهه وسرڳ) وغيره.
- وچ ۾ ايندڙ: ڏڪٗيو، پٗريل، سُورٗهيهُ (رهه وسرڳ)، مڪٗيهُ وغيره.

- جزم جي عام صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، اڳيئين متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍجي؛ جيئن: عِلْم.
- جزم جي اوائلي صورت جو دائرو: ڪنهن لفظ ۾ ڪو آواز، ايندڙ متحرڪ آواز سان ساڪن صورت ۾ ڳنڍجي؛ جيئن: پٗيار.

******************

باب اٺون

# انگريزي لفظن جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ الٽو

## 8.1. انگريزي لفظن جي الٽي بابت چوندبيل صورتون

2008ع ۾ ڪرايل مذاڪري ۾ پهريون دفعو ڪافي انگريزي لفظ ترجيحي صورت لاءِ رکيا ويا، هن ڪان اڳ 1913ع ۽ 1999ع ۾ هڪ انگريزي لفظ 'اسڪول/ سڪـِل' جون صورتون صورتخطيءَ جي مرحلي مان گذريون، ليڪن 2008ع ۾ وقت جي گهرجن آهر، انگريزي لفظن جي سنڌي صورت لاءِ هيٺيان لفظ آندا ويا:

| 2008ع تي پهريون دفعو رکيل انگريزي لفظن جون صورتون | | |
|---|---|---|
| انسائيڪلوپيڊيا | اينسائيڪلوپيڊيا | ... |
| انفارميشن | انفرميشن | ... |
| اوارڊ | ايوارڊ | ... |
| ايڊيوڪيشن | ايجوڪيشن | ... |
| بئراج | بيريج | براج |
| بئنڪ | بينڪ | ... |
| پرنٽرس | پرنٽرز | پرنٽرن |
| چيئرمن | چيئرمئن | چيئرمين |
| فنانس | فائننس | ... |
| ڪاليج | ڪاليجز | ڪاليجن |
| ڪامپيوٽر | ڪمپيوٽر | ... |
| ڪميٽي | ڪاميٽي | ... |
| ڪوٽيشن | ڪوٽيشنز | ... |
| لئنگوئيج | لئنگويج | لينگئيج |
| نئشنل | نيشنل | ... |

## 8.2. ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ جا چند اصول

ترجيحي صورت جي حوالي سان هي معاملو ان سببان وچڙو آهي، جو رومن صورتخطيءَ جو تعلق سڌو سنئون عربي صورتخطيءَ سان تہ آهي ڪونہ، جو ان ڪي لکڻ لاءِ ڪنهن ذرڙي تي بہ ويهي غور ڪجي. ان حالت ۾ ڳالهايل ٻوليءَ تي ڌيان ڌري ڪابہ صورت اختيار ڪري سگهجي ٿي؛ ان ڪان اڳ انگريزي لفظن جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ ۾ هيٺين نڪتن کي ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهي:

- چند پاڪستاني صورتخطين ۾ 'سڪول' جو اچار ۽ صورتخطي مستعمَل آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڪول/ اسڪول مان 'اسڪول' کي ترجيح ڏنل آهي. ڏاري ٻوليءَ جي صورت ۾، اهڙن انگريزي لفظن ۾ شروعاتي 'S' جي آواز جو معاملو آڏو ايندو آهي. انگريزيءَ ۾ پنڙا آواز (Liquid Sounds: L, M, N) 'ايل، ايم ۽ اين' مان 'L' ٻئي سُر واري اکر سان ملي هڪ مقرره سُر جوڙيندا آهن، (جيئن: calm, ball) ، 'M' ساڪن پڻ ٻچپوين آوازن (B, M and P) اڳيان گهٽي سُر طور اچي ٿو، (جيئن: imbalance, immoral, improper )، جڏهن تہ 'N' پڻ گهٽي سُر (جيئن: sink, ring ) طور ۽ صورتخطيءَ جي لحاظ کان (جيئن: column, autumn) ڪم آندو ويندو آهي. ان لاءِ 'S' جو شروعاتي آواز 'اِس' يا 'سِ' ڪيئن لاءِ هڪ قاعدو آهي تہ جيڪڏهن 'S' بعد ڪو سُر وارو اکر: A، E، I، O، U ۽ Y، اڌ سُر وارو اکر: H ۽ W يا پنڙن آوازن وارو اکر: L، M ۽ N اچي تہ ان صورت ۾ 'S' جو اچار 'س' سان ڪيبو؛ جيئن:

Sat, Sell, Silly, Solar, Surname, Symbol, Shirt, Sweet, Slow, Smart, Snow,

ٻي صورت ۾ 'اِس' (س اڳيان هلڪي سُر) جو اچار ڪيبو؛ جيئن:

Scale, Sketch, Skin, Spoon, Spring, Staff, Store, Star etc.

(جوکيو، 2011 ب: 49- 78)

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن چپوين آوازن 'ب، ٻ، ڀ، پ ۽ م' کان اڳ ٻڌجندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز کي 'گهٽو' سمجهي 'نون' اکر سان لکيو ويندو آهي، جيئن: قنبر، پنيور، عنبر وغيره. جڏهن تہ انگريزي صورتخطيءَ ۾ اهڙي 'ميم ساڪن' آواز جي حيثيت 'گهٽي' واري ٿي آهي ۽ ان کي 'ميم' جي اکر سان لکيو ويندو آهي. ان صورت ۾ انگريزي لفظن جو الٽو 'ميم' سان ئي لکڻ گهرجي، جيئن: نمبر، سيمبل وغيره. ساڳي صورتحال هندي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي آهي، جيڪي پڻ 'ميم ساڪن' (اکر جي اڌ حالت) جي ئي صورت ۾ لکندا آهن، ان صورت ۾ نيٺ هندي لفظن کي ساڳئي نموني 'ميم ساڪن' سان لکڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي، جيئن: امبر، بمبئي وغيره. (جوکيو، 2011 ب: 49- 78)
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي ٻولين: عربي، فارسي، هندي/ اردو وغيره جا لفظ ڪم آندا ويندا آهن، جنهن سبب ترجيحي صورت ۾ مختلف ٻولين جي لفظن جي ٽڪراءَ جو امڪان ٿي سگهي ٿو؛ ان حالت ۾ اٽندي ڪوشش اها ونڻ گهرجي تہ جيئن مختلف ٻولين جي لفظن جي استعمال سبب ڪو ٽڪراءُ پيدا نہ ٿئي.

➢ انگريزيءَ جي آوازن تي خيال رکڻ وقت اها ڳالهه بہ ڌيان تي رکي سگهجي ٿي، تہ جڏهن عربي لفظن جي صورتخطيءَ جو خيال رکندا آهيون تہ لازمي ناهي تہ ان ۾ ڪم ايندڙ آواز/ اکر هوبهو اچاري سگهندا هجون يا صورتخطيءَ موجب پورا آواز ڪيجن؛ جيئن:

| عربي موجب | سنڌي موجب |
|---|---|
| نذر/ نظر | نزر |
| عمرو بن عاص | عَمر بن عاص (امر بن آس)<br>(ڪي اڻ- ڄاڻائيءَ ۾ عُمرُو بن عاص پڙهندا آهن) |

هن صورت ۾ گهڻي قدر عربي صورتخطيءَ جي پوئواري ڪرڻي پوندي آهي، انگريزي صورتن ۾ اهڙي قسم جي مونجهاري جو امڪان ڪونہ ٿو رهي. ان حالت ۾ انگريزي صورت متعيّن ڪرڻ جو دارومدار عام سماجي صورت تي رکڻ ۾ بہ ڪو حرج ڪونهي.

### 8.3. عالمن جون متعيّن ڪيل صورتون

2008ع واري مذاڪري ۾، شامل عالمن ۾، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري انگريزي ٻوليءَ جو ماهر هيو، جنهن سبب هن جي متعيّن ڪيل صورتن تي اڪتفا ڪرڻ جي راءِ رکي وئي؛ هيٺ پروفيسر قلندر شاهہ (ٽڪ جي نشانيءَ سان) ۽ ٻين عالمن جون ترجيحي صورتون خيال خاطر رکجن ٿيون:

**مذاڪري جي چند عالمن جون الٿو ڪيل صورتون**

- **پيش ڪيل لفظ:** انسائيڪلوپيڊيا/ اينسائيڪلوپيڊيا

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| ✓ انسائيڪلوپيڊيا | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، شفيع محمد چانديو. |
| اينسائيڪلوپيڊيا | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، |
| انسائي ڪلوپيڊيا | محمد ابراهيم جويو، |

❊ ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي تہ انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر کي رجوع ڪجي.

- **پيش ڪيل لفظ:** انفارميشن/ انفرميشن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| ✓ انفرميشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، |
| انفارميشن | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، شفيع محمد چانديو. |

❊ ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ راءِ رکي تہ انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر کي رجوع ڪجي.

* ڊاڪٽر سحر امداد راءِ رکي ٿو: اِن فرميشن (شاهاڻي: 425)
* پروفيسر قلندر شاهه راءِ رکي ٿو: ’انفرميشن‘ پر سنڌيءَ ۾ انفارميشن مروج آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: اوارڊ/ ايوارڊ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| اوارڊ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |
| ✓ ايوارڊ | عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ايوارڊ/ اوارڊ | ولي رام ولڀ، |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي ٿو: سڄي عمر ’اوارڊ‘ پڙهيو آهي.
* ولي رام ولڀ راءِ رکي ٿو: ٻئي درست آهن.

○ پيش ڪيل لفظ: ايڊيوڪيشن/ ايجوڪيشن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ايڊيوڪيشن | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |
| ✓ ايجوڪيشن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ايڊيوڪيشن/ ايجوڪيشن | ولي رام ولڀ، |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي ٿو: انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر کي رجوع ڪجي.
* ولي رام ولڀ راءِ رکي ٿو: ٻئي درست آهن.

○ پيش ڪيل لفظ: بئراج/ بيريج/ براج

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| بئراج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، سحر امداد حسيني، شفيع محمد چانڊيو. |
| بيريج | ڪوبہ نہ. |
| براج | ڊاڪٽر مدد قادري. |
| ✓ بيراج | پروفيسر قلندر شاهه لڪياري. |

o پيش ڪيل لفظ: بئنڪ/ بينڪ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| بئنڪ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، سحر امداد حسيني، |
| ✓ بينڪ | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

o پيش ڪيل لفظ: پرنٽرس/ پرنٽرز/ پرنٽرن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| پرنٽرس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، عبدالغفار صديقي، شفيع محمد چانڊيو. |
| پرنٽرز | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| پرنٽرن | محمد ابراهيم جويو. |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزي زبان جي صوتياتي ماهر ڪي رجوع ڪجي.

* پروفيسر قلندر لڪياريءَ راءِ رکي تہ 'حالتن پٽاندر' استعمال ڪرڻ گهرجي.

پروفيسر لڪياريءَ جي هن بابت راءِ اها رهي تہ ٻوليءَ جي نسبت سان ڪم آڻڻ گهرجي، ان ۾ واحد = پرنٽر، جمع = پرنٽرَ ۽ پرنٽرن ٿي ٿيندو. عام طور 'پرنٽرس' ڪم آندو وڃي ٿو.

o پيش ڪيل لفظ: چيئرمن/ چيئرمئن/ چيئرمين

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| چيئرمن | محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| چيئرمئن | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، |
| ✓ چيئرمين | ولي رام ولڀ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه، شفيع محمد چانڊيو. |

* آفتاب ابڙي راءِ رکي تہ: عام ڪتابن مطابق 'چيئرمين' آهي.

o پيش ڪيل لفظ: فنانس/ فائننس

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| فنانس | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| فائننس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، شفيع محمد چانڊيو. |
| فائنانس | آفتاب ابڙو، |
| ✓ فائنينس | پروفيسر قلندر شاه، |

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزيءَ جي ماهر سان رجوع ڪريو.

عام طور تي هن لفظ جي ترجيحي صورتن ۾ 'فنانس' عام استعمال هيٺ رهيو آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪاليج/ ڪاليجز/ ڪاليجن

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڪاليجَ | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪاليجز | ڊاڪٽر غلام علي الانا. |
| ڪاليجن | . . . |
| ڪاليج/ ڪاليجن | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه |

* ولي رام ولڀ راءِ رکي تہ: 'ڪاليجَ' وڃان ٿو، 'ڪاليجَ' بند آهن. ڪاليجن ۾ پڙهائي بهتر آهي.

* ڊاڪٽر قادريءَ راءِ رکي تہ: انگريزيءَ جي ماهر سان رجوع ڪريو.

* عبدالغفار صديقيءَ راءِ رکي تہ: ڪاليج ـ ڪاليجن (جملي جي بيهڪ تي) هجڻ گهرجي.

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي تہ: مختلف حالتن تحت. سنڌي اصولن مطابق لفظ جي صورت هجڻ گهرجي.

هن لفظ لاءِ قلندر شاه جي راءِ وزنائتي آهي تہ ٻوليءَ جي اصولن مطابق ڪم آڻڻ گهرجي، اَن حساب سان جملن جي نوعيت موجب: ڪاليجَ، ڪاليجن واريون صورتون بهتر ڄاتيون وڃن ٿيون.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪامپيوٽر، ڪمپيوٽر

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڪامپيوٽر | ڪوبہ نہ |
| ✓ ڪمپيوٽر | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

○ پيش ڪيل لفظ: ڪميٽي/ ڪاميٽي

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڪميٽي | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، |
| ڪاميٽي | ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| ✓ ڪميٽي/ ڪاميٽي (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو، قلندر شاه لڪياري، |

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي تہ: 'ڪاميٽي'، انگريزي آوازن موجب: ڪميٽي.

○ پيش ڪيل لفظ: ڪوٽيشن/ ڪوٽيشنز

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڪوٽيشن | محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد، پروفيسر قلندر شاه، شفيع محمد چانڊيو |
| ڪوٽيشنز | ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، |
| ✓ ڪوٽيشنس | ڊاڪٽر غلام علي الانا، آفتاب ابڙو، قلندر لڪياري، |

○ پيش ڪيل لفظ: لئنگوئيج/ لئنگويج/ لينگئيج

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| لئنگوئيج | ڪوبہ نہ |
| لئنگئيج | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد قادري، |
| ✓ لينگوِج | پروفيسر قلندر لڪياري، |
| لئنگويج | عبدالغفار صديقي،ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، |
| لينگئيج | ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو، |
| لئنگوئيج/ لئنگئيج (ٻئي) | ولي رام ولڀ، |

هن لفظ جي صورتن مان 'لئنگويج' کي وڌيڪ ڪم آندو ويو آهي، اُن صورت ۾ ان تي ئي اڪتفا ڪرڻ بهتر آهي.

○ پيش ڪيل لفظ: نئشنل/ نيشنل

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| نئشنل | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع محمد چانڊيو، |
| ✓ نيشنل | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر لڪياري، |

### 8.4 ترجيحي صورت لاءِ پروفيسر قلندر شاه جي راءِ ڪي اهميت

مختصر اڀياس بعد انگريزي لفظن جي ٻن صورتن سواءِ پروفيسر قلندر شاه جي متعين صورتن کي اهميت ڏيندي هيٺين صورتن لاءِ راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | قلندر شاه جون متعين ڪيل صورتون | ذاتي راءِ |
|---|---|---|
| انسائيڪلوپيڊيا/ اينسائيڪلوپيڊيا | انسائيڪلوپيڊيا | ساڳي |
| انفارميشن/ انفرميشن | انفرميشن | ساڳي |
| اوارڊ/ ايوارڊ | ايوارڊ | ساڳي |
| ايڊيوڪيشن/ ايجوڪيشن | ايجوڪيشن | ساڳي |
| بئراج/ بيريج/ براج | بيراج | ساڳي |

| | | |
|---|---|---|
| بئنڪ/ بينڪ | بينڪ | ساڳي |
| پرنٽرس/ پرنٽرز/ پرنٽرن | ٻوليءَ موجب | پرنٽرُ، پرنٽرَ، پرنٽرن |
| چيئرمن/ چيئرمئن/ چيئرمين | چيئرمين | ساڳي |
| فنانس/ فائننس | فائنينس | فنانس |
| ڪاليج/ ڪاليجز/ ڪاليجن | ٻوليءَ موجب | ڪاليجُ/ ڪاليجَ/ ڪاليجن |
| ڪامپيوٽر، ڪمپيوٽر | ڪمپيوٽر | ساڳي |
| ڪميٽي/ ڪاميٽي | ڪاميٽي | ساڳي |
| ڪوٽيشن/ ڪوٽيشنز | ڪوٽيشن/ ڪوٽيشنَ | ساڳي |
| لئنگوئيج/ لئنگويج/ لينگئيج | لينگوِج | لئنگويج |
| نئشنل/ نيشنل | نيشنل | ساڳي |

قلندر شاه لڪياريءَ جي متعين ڪيل صورتن مان صرف هڪ 'لينگوِج' سواءِ باقي صورتن کي بهتر سمجهيو ٿو وڃي؛ 'لئنگويج' جي صورت کي عام استعمال ڪندي نوٽ ڪيو ويو آهي.

پورو ٿيو.

## لفظن جي ترجيحي صورت جي اصولن جو اختصار (Conclusion)

صورتخطيءَ مان مراد ساڳئي لفظ لاءِ ڪم ايندڙ مختلف صورتن مان، اتفاقي طور، ڪا هڪ معياري صورت متعيّن ڪرڻ آهي. پوري اڀياس جي نتيجي ۾، اها راءِ جڙي ٿي ته ڪنهن به لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ لاءِ هيٺين نڪتن جو اڀياس لازمي آهي:

- لفظ جي اصليت، معنيٰ ۽ حيثيت جو اڀياس؛
- لفظن جي حيثيت معلوم ڪرڻ لاءِ متعلقه لسانياتي اصطلاحن (Terms) جو اڀياس؛
- متعلقه ٻوليءَ ۾ لفظ مان جڙيل ٻين لفظن جو ضروري اڀياس؛
- ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي استعمال سبب معنوي فرق جو اڀياس؛
- متعلقه لفظن جي اڀياس بعد مروج صورتن جو اڀياس؛
- ڪن لفظن جي التي (Transliteration) دوران لاڳاپيل ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو اڀياس؛
- امڪاني مونجهارن جو اڀياس.

1853ع کان وٺي هيل تائين، مختلف ڪاميٽيون جوڙيون ويون ۽ ترجيحي صورتون متعيّن ڪيون ويون؛ موجوده حالت ۾، ترجيحي صورتن جي حوالي سان نئون لفظن کان علاوه، ڪافي ساڳيا لفظ ٻيهر پٺي ڦريا گهريا آهن، ان جو اهم سبب: ڪو 'اصولي لائحہ عمل تيار ٿي نہ سگهڻ' آهي. هن حالت ۾، اهو عمل سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي فرضن ۾ شامل ٿئي ٿو. اڀياس هيٺ نتيجةً اخذ ٿيندڙ اهڙن اصولن جو اختصار پيش ڪجي ٿو:

- ➤ ڪنهن لفظ سان لاڳاپيل اصطلاح (Term) ۽ مستعمَل صورتن جو اڀياس ۽ امڪاني مونجهارن کي جاچڻ ۽ ڇنڊڇاڻ بعد ئي، ترجيحي صورت يقيني بڻائڻ گهرجي.
- ➤ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ آخري سُر يا ماقبل آخري وينجن جي سُر ۽ آخري ساڪن وينجنَ جو استعمال انتهائي نازڪ آهي، ان صورت ۾ اعرابن جي استعمال ۾ احتياط ڪرڻ گهرجي.
- ➤ ڪنهن لفظ جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ کان اڳ هر لفظ جي اصليت، معنيٰ ۽ حيثيت جاچڻ ضروري آهي؛ جيئن: 'مولود' لفظ لاءِ ڪنهن لکي ڇڏيو ته ان جون گهڻيئي معنائون آهن، ته ٻئي وري بغير ڪنهن اکيڙ جي، ان کي اڳتي ڪري ڇڏيو؛ اهو ٻہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي ته ڪهڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي، لفظ جي حيثيت ڪهڙي آهي، ڇا معنيٰ ٻيهڻ گهرجي، اسان جي ٻوليءَ ۾ ان جو سماجياتي ڪارج ڪهڙو آهي؟ جڏهن ته اهو لفظ بنيادي ڄاڻ ۾ شامل فعل (ولد)، فاعل (والد)، مفعول (مولود) جي وزن تي آهي.

- جيڪڏهن لفظ عربي آهي تہ ان لفظ سان لاڳاپيل ساڳئي صَرف جي لفظن جو اپياس ٿيڻ گهرجي، جنهن مان اهو پتو پوندو تہ ڪهڙي وزن وارو لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙي معنيٰ ۾ مراد سان ڪم اچي ٿو؛ جيئن: اِعلام (اِفعال)، تَعلِيم (تَفعِيل)، تَعَلُم (تَفعُّل)، اِسۡتِعلَام (اِستَفعال).
- جيڪڏهن ڪنهن بدل آواز جي مٽَ سان ڪي ڏاريا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳيئي ڪنهن معنيٰ مراد ۾ ڪم اچن ٿا تہ ان صورت ۾ ان لفظ جي صورت ۽ معنيٰ بگاڙڻ يا رد ڪرڻ غير علمي عمل آهي؛ جيئن: 1913ع ۾ 'ڪَسر/ ڪَثر' مان 'ڪَثر' کي ترجيحي بنيادن تي رکيو ويو، يعني 'ڪسر' کي رد ڪيو ويو؛ 2008ع ۾ لئنگويج اٿارٽيءَ جي پيش ڪيل ڏيتا موجب: وزي 11 عالمن مان صرف هڪ: 'ڪثر' واري صورت لاءِ راءِ ڏني (مبادا، ان جو خيال هجي تہ اصل لفظ 'ڪثر' ئي آهي) جڏهن تہ 5 عالمن: 'ڪسر' جي صورت لاءِ راءِ رکي (تن لاءِ بہ اندازو آهي تہ سندن خيال هوندو تہ 'ڪسر' لفظ آوازن جي بنياد تي 'ڪثر' جي سنڌي صورت آهي)؛ باقي 4 عالمن ٻنهي لفظن کي معنوي فرق جي بنياد تي بحال رکڻ جي راءِ جوڙي، معنوي فرق جي بنياد تي بحال رکڻ وارن جي راءِ بہ غير علمي هئي، صرف هڪ جي راءِ ۾ 50 سيڪڙو وزن هيو، باقي 50 سيڪڙي ۾ ڏُکو لڳايو ويو؛ ترجيحي اصولن موجب: ڪثر/ ڪسر ٻنهي لفظن جي معنائن ۽ انهن جي صيغن وارن لفظن کي جاچڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي جائزي بعد ڪا ترجيحي صورت جاچڻ گهرجي. ائين ئي ٻين ٻولين، جهڙوڪ فارسي، هندي، اردو يا انگريزي لفظن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو تقابلي اڀياس ڪرڻ بعد ئي ترجيحي صورت جو اطلاق سهائيندڙ ٿي سگهي ٿو.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪنهن لفظ ۾ ڪم ايندڙ اکر جو مختلف صورتن آهر پوريءَ ريت اپياس ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان جي حيثيت جاچڻ بعد ئي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکڻ کي چڱو سمجهڻ کپي؛ مثلاً: 'همزي سان واؤ' ڇئن حالتن ۾ ڪم آيو آهي، هڪ: ڌهري سُر/ واؤ لِين ۾ جيئن: سؤ، ٻيو: پيش واري همزي جي بدل ۾ جيئن: ڦهلاؤ، ٽيو: واؤ متحرڪ ۾ جيئن: مُؤَنَّث ، ۽ چوٿو: واؤ ساڪن ۾ جيئن: مُؤمن. اهڙيءَ ريت ٻين اکرن جهڙوڪ: الف مقصوره، تنوين، 'ه' اکر جا پنج روپ وغيره جو اصولي اڀياس ضروري آهي.
- ڪنهن بہ 'اصطلاح' (Term) کي رد ڪرڻ کان اڳ ان جي دائرن جو اپياس ضروري آهي. سنڌي لسانيات جي عالمن 'حرف علت' کي 'سُرَ' سان پيٽي رد ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ 'حرف علت' جو واسطو صورتخطيءَ ۾ اکرن سان آهي؛ عربيءَ ۾ حرف علت ان نسبت سڏيا آهن جو بنيادي لفظ ۽ صيغن ۾ اهي اکر هڪبئي جي جاءِ تي پيا مٽبا سٽبا آهن، سنڌيءَ ۾ پڻ اهڙا اکر جملي جي ڦير گهير ۾ مٽبا آهن، جيڪي هي آهي: 'ا / ء، و، ي، ن، ه'؛ جيئن: 'اشاره، اشارو، اشاري، اشارا، اشارن'

۾ هڪڙا اکر مستحڪم آهن ٻيا غير مستحڪم. سنڌي ٻوليءَ ۾ ماروي/ مارئي ۾ 'و ۽ ء' آوازن جي بنياد تي 'سُر ۽ نيم سُر' وارو معاملو آهي، جڏهن ته صورتخطيءَ جي لحاظ کان 'حرف علت' جو معاملو آهي، ان جي ترجيحي صورت ۾ به وچولي جي ٻوليءَ کي ئي اهميت ڏيڻي پوندي آهي.

- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي صورت لاءِ ضروري آهي ته ٻوليءَ ۾ لفظ جي لغوي معنيٰ ۽ سماجياتي ڪارج ۽ امڪاني مونجهارن جي اڀياس بعد ئي ڪا راءِ جوڙجي. هن نڪتي ۾ ٻوليءَ جي مزاج پٽاندر گهٽي سُر جو گهٽي وينجن ۾ اچي وڃڻ جو اڀياس ڪيو ويو آهي. جيئن: رنگ ۽ رڱ وارن اسمن ۾ صفت جي درجن جيان معنوي فرق معلوم ٿين ٿا، اهڙو اندازو ساڳي نوعيت جي لفظن مان ڪري سگهجي ٿو، جهڙوڪ: سنگ = دوستي، سڱ = وڏيڪ رليل مليل دوستي؛ رنگ = هلڪو ورن/ چٽ، رڱ = رنگ جو وڏيڪ ضم ٿي وڃڻ.
- لهجاتي فرق سبب ترجيحي صورت جي معاملي ۾، وچولي (خاص ساهتي) جي ٻوليءَ کي اهميت ملڻ گهرجي؛ ٻن بدل آوازن (Allophones) جي صورت ۾ وچولي جي مزاج مطابق يا مستعمل صورت واري لفظ کي نظر ۾ رکڻ گهرجي؛ جيئن: توٽي/ توڙي ۾ 'توڙي' واري صورت حيدرآبادي/ لاڙي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جڏهن ته 'توٽي' وچولي جي مزاج جو لفظ آهي. ان لفظ جي اصليت 'جيتوڻيڪ' مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. جنهن حالت ۾ 'جيتوڻيڪ' ڪم آڻجي ٿو ان حالت ۾ لفظ 'توٽي' جي صورت ئي سُهائيندڙ آهي.
- ڪنهن فعل جي ماضي يا اسم مفعول جي صورت متعيّن ڪرڻ لاءِ ان نوعيت جي لفظن کي ٻوليءَ جي گردانن مان ڦيرائڻ لازمي هوندو آهي ته جيئن بهتر نتيجا نڪري سگهن؛ جيئن: سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان 1988ع واري ورڪشاپ ۾ چڳل/ چنل وارين صورتن مان 'چنل' واري صورت کي درست ڄاتو ويو. ٻوليءَ نسبت 'چڳل' ۽ 'چنل' ۾ ٿورڙو معنوي فرق پڻ ڪيو ويندو آهي، 'چڄڻ' ۽ 'چنڻ' به ڌار مصدر آهن. چڄڻ مان 'چڄ' ۽ 'چڳل' ۽ چنڻ مان 'چن' ۽ 'چنل' فعلي امر ۽ ڪردنت نهندا. اهي معاملا حقيقت ۾ ٻوليءَ پٽاندر اڀياس مان ئي ثابت ٿين ٿا.
- عربي/ فارسي ٻوليءَ جا اهي لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ مزاجاً بگڙيل صورت ۾ ڪم آيا آهن ۽ انهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن سان ٽڪراءُ نه ٿو رهي، ان صورت ۾ بگڙيل صورت واري صورتخطيءَ کي مروّج درجو ڏيڻ ۾ ڪا قباحت ڪانهي؛ جيئن: قفل > ڪلف/ ڪرف، پليد > پليت وغيره.
- سماجياتي ٻوليءَ آهر، ڌارين لفظن جو بگاڙ ڪنهن ٻوليءَ ۾ الڳ سان معنيٰ يا مراد به وٺي بيهندو آهي، ان صورت ۾ ان کي ٻوليءَ جي لغت جو حصو سمجهڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي؛ جيئن: بحث > ٻئنش (سنڌي ٻوليءَ ۾ الڳ الڳ مرادن وارا لفظ بيهن ٿا)

➤ هندي/ اردو ٻولين ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي سنڌي صورت يقيناً ٻوليءَ جي مزاج آهر بيهندي آهي، جنهن ۾ عوامي ٻوليءَ کي اهميت حاصل آهي. اهڙن لفظن جي ترجيحي صورت کي ٻوليءَ جي معياري/ وچولي ٻوليءَ جي گردان ۾ ئي جاچي ڏسڻ گهرجي؛ مثلاً: ٻنايو/ ٻڻايو مان 'ٻڻايو' لفظ ئي مناسب بيهي ٿو، جنهن مان لفظ 'اٽبڻت' عام آهي، ائين ئي وسرگ/ وسرڳ مان سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق 'وسرڳ' ئي مناسب بيهي ٿو، جيئن: راڳ > راڳِ، ڀاڳ > ڀاڳِ، ڳئو > ڳئون وغيره.

➤ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪّب صورت جي حوالي سان ملائي يا الڳ لکڻ لاءِ لازمي ٿئي ٿو ته اهڙن لفظن جي وياڪرڻي حيثيت جاچجي، ان بعد امڪاني مونجهارن کي سامهون رکي ڪا راءِ جوڙجي؛ مونجهارن کان هٽي ڪري مرڪّب صورتن جي ترجيحي صورتخطيءَ لاءِ مروّج صورت کي اهميت هجڻ گهرجي. ياد رهي ته هي معاملو مرڪب ۽ مرتب لفظن جي اڀياس کان الڳ آهي. مرڪّب صورتن ۾ عام صورت اها نوٽ ڪئي وئي ته پهرئين جوڙ جي ٻن اکرن لاءِ 'ڳنڍيندڙ ليڪ' جو استعمال بهتر ڄاتو ويو آهي؛ سنڌي صورتخطيءَ ۾ هڪ- اکرو جوڙ، سواءِ 'الف- ب' جي، ڪوبه لفظ سامهون ڪونه آيو، ان حالت ۾ 'الف- بي' جي صورت کي قائم ڪيو وڃي؛ ٻي صورت ۾ ان جي استعمال جو اصولي اڀياس لازمي آهي.

➤ 'مجزوم ساڪن آواز' اڳئين متحرڪ آواز سان ملندو آهي؛ ليڪن ڳنڍيل ديسي آوازن (پهريون ساڪن ٻيو متحرڪ) ۾ ساڪن آواز اهڙو آهي جيڪو بجاءِ ڪنهن اڳئين آواز جي پوئين متحرڪ آواز سان ملندو آهي. ان صورت ۾ ڳنڍيل ديسي آوازن تي مستعمَل 'جزم' جو استعمال مونجهاري جو سبب بڻجي ٿو. ديسي ڳنڍيل آوازن لاءِ راءِ آهي ته اوائلي جزم جي نشاني (گولڙيءَ مائل) ڪم آڻي ان جا دائرا مقرر ڪيا وڃن.

➤ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻن چپوين آوازن 'ب، ٻ، ڀ، پ ۽ م' کان اڳ بڻجندڙ 'ميم ساڪن' جي آواز کي 'گهٽو' سمجهي 'نون' اکر سان لکيو ويندو آهي، جيئن: قنبر، ڀنڀور، عنبر وغيره. جڏهن ته انگريزي توڙي ديوناگري صورتخطيءَ ۾ اهڙي 'ميم ساڪن' جي آواز جي حيثيت 'گهٽي' واري ئي آهي ۽ 'ميم' (म / M) جي اکر کي ئي ڪم آندو ويندو آهي، ان صورت ۾ انگريزي توڙي هندي لفظن جو الٽو 'ميم' سان ئي لکڻ گهرجي، جيئن: نمبر، سيمبل ۽ امبر، بمبئي وغيره. ٻي صورت ۾ انگريزي لفظن جي الٽي ۾ ڪو خاص مسئلو سامهون ڪونه آيو آهي، ان صورت ۾ مستعمل صورت کي اهميت ملڻ گهرجي.

➤ چند پاڪستاني صورتخطين ۾ 'سڪول' جو اچار ۽ صورتخطي مستعمَل آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڪول/ اسڪول مان 'اسڪول' کي ترجيح ڏنل آهي. ڏاري ٻوليءَ جي صورت

۾، اهڙن انگريزي لفظن ۾ شروعاتي ’S‘ جي آواز جو معاملو آڏو ايندو آهي. انگريزيءَ ۾ ٽيڙا آواز (Liquid Sounds: L, M, N) ’ايل، ايم ۽ اين‘ مان ’L‘ ٻئي سُر واري اکر سان ملي هڪ مقرره سُر جوڙيندا آهن، (جيئن: calm, ball) ، ’M‘ ساڪن پڻ ٻچپوين آوازن (B, M and P) اڳيان گهٽي سُر طور اچي ٿو، (جيئن: imbalance, immoral, improper )، جڏهن تہ ’N‘ پڻ گهٽي سُر (جيئن: sink, ring) طور ۽ صورتخطيءَ جي لحاظ کان (جيئن: column, autumn) ڪم آندو ويندو آهي. ان لاءِ ’S‘ جو شروعاتي آواز ’اِس‘ يا ’سِ‘ ڪيڻ لاءِ هڪ قاعدو آهي تہ جيڪڏهن ’S‘ بعد ڪو سُر وارو اکر: A، E، I، O، U ۽ Y، اڌ سُر وارو اکر: H ۽ W يا ٽيڙن آوازن وارو اکر: L، M ۽ N اچي تہ ان صورت ۾ ’S‘ جو اچار ’س‘ سان ڪبو: جيئن:

Sat, Sell, Silly, Solar, Surname, Symbol, Shirt, Sweet, Slow, Smart, Snow,

ٻي صورت ۾ ’اِس‘ (س اڳيان هلڪي سُر) جو اچار ڪبو: جيئن:

Scale, Sketch, Skin, Spoon, Spring, Staff, Store, Star etc.

**************************

## 📖 سفارشون (Recommendations)

اهو جاچيو ويو آهي تہ 2008ع تي سنڌي ٻوليءَ جي اٿارٽيءَ طرفان ڪرايل هڪ مذاڪري ۾، جيڪي لفظ 'ترجيحي صورت' لاءِ عالمن آڏو آندا ويا، انهن ۾ ڪافي لفظ اهڙا بہ شامل آهن جيڪي هن کان اڳين ڏڍرن ۾ بہ ساڳي حالت ۾ 'ترجيحي صورت' واري ترڪيءَ ۾ توريا ويا. حالت اها رهي تہ چند عالمن جي ڪاميٽي بہ جوڙي وئي، ليڪن ان جو نہ ڪڙُ نہ تيلُ.

اتي هڪ پاسي کان تہ سوال اهي بہ پيدا ٿين ٿا تہ:

- ? ڇا اڳين عالمن/ استادن ڪم درست نہ ڪيو، جو ساڳيا لفظ ٻيهر 'ترجيحي صورت' جي ترڪيءَ ۾ تورجن پيا؟
- ? جيڪڏهن لفظن کي ٻيهر 'ترجيحي صورت' واري تُرڪيءَ ۾ تورڻ جي ضرورت محسوس بہ ڪئي وئي تہ ان جا سبب ڪهڙا هئا؟
- ? لفظن کي ترجيحي صورت واري ترڪيءَ ۾ تورڻ بعد ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟

سوالن جي اهڙي صورتحال ۾ هيٺيان امڪاني نڪتا ظاهر ٿين ٿا:

1. اهڙي عمل لاءِ ماهرن جي درست چونڊ نہ ٿي ڪئي وڃي؛ بلڪ، چند عالمن سواءِ، ان ۾ بيوروڪريسي سوچ رکندڙ اهڙن ماهرن کي شامل ڪيو وڃي ٿو جن جو ٻوليءَ جي اصولن تي ڪوبہ ڪم ڪيل نہ هوندو آهي؛
2. اهڙن اديبن ۽ شاعرن کي شامل ڪيو ويندو آهي، جيڪي پڻ ٻوليءَ جي بنيادي اصولن کان چڱيءَ واقف نہ هوندا آهن؛
3. گهٽي قدر عالم يا اديب مخصوص لهجي جي نمائندگي ڪندڙ هوندا آهن ۽ ان دائري اندر ئي راءِ رکندا آهن؛ جنهن ۾ علمي عمل بجاءِ جمهوريت جو عمل دخل رهندو آهي؛
4. مخصوص عالمن جي راءِ کي حرف آخر سمجهيو ويندو آهي.

- بيوروڪريسي جي دائري ۾ ايندڙ بند ڪمرن ۾ وهندڙ عالمن بجاءِ ترجيحي صورتن جي مختلف نڪتن (Points) تي ڪليل ڪانفرنسون ڪرايون وڃن، جنهن ۾، مختلف لهجن جا متعلق عالم/ استاد پنهنجا پيپرَ پڙهن، ان مان حاصل ٿيندڙ سفارشن (Suggestions) کي يڪجا ڪيو وڃي.
- مختلف لهجن مان چند عالمن تي مشتمل هڪ غير جانبدار ڪاميٽي ترتيب ڏني وڃي ۽ حاصل ٿيندڙ سفارشن جي ڇنڊڇاڻ ڪرائي وڃي؛ جيڪڏهن مناسب هجي تہ ڪاميٽيءَ جي ڪيل ڪم تي پڻ هڪ ڪليل مذاڪرو ڪرايو وڃي.
- مذاڪري بعد حاصل ٿيندڙ صورتن جي لسٽ ٺاهي، مختلف ادارن ۽ ميڊيا فورمن ڏانهن موڪلي وڃي.
- مختلف مرحلن مان گذرندڙ ترجيحي صورتن جي استعمال لاءِ هڪ قانونسازي ڪئي وڃي تہ جيئن ڪيل ڪم کي سنڌي ٻوليءَ جي درسي توڙي علمي/ ادبي/ صحافتي دنيا ۾ عمل (Implement) ۾ آڻي سگهجي.

# 🕮 ببليوگرافي


🕮 **سنڌي/ اردو/ عربي/ فارسي مآخذ**

- **آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند** (1956) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ- ڪراچي- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ساڳيو** --------------------- [1925] 1985. وڏو سنڌي وياڪرڻ _ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **ساڳيو** --------------------- (2007 الف) نئين سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون. مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا*، جلد 1، 43- 64. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳيو** --------------------- (2007 ب) سنڌيءَ جي دکدائڪ حالت سڌارڻ لاءِ رٿ. مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا*، جلد 1، 82- 101. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- آزاد، *محمد حسين*، مولانا (1957) جامع القواعد۔ لاہور: *سیکنڈری ایجوکیشن بورڈ*۔
- **ابڙو، آفتاب** (1992) سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري- ڪراچي: سنڌي ڪتاب گهر.
- **ساڳيو** ------ (2000) سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا. ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين. ڪلاچي: *تحقيقي جرنل*، 3 (1)، 85- 107. ڪراچي يونيورسٽي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- **اجواڻي، لعل سنگهه** [1970] 2007. سنڌي ادب جي تاريخ، *سنڌيڪار: هيرو شيوڪاڻي*. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
- **الانا، غلام علي، ڊاڪٽر** (1977) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **ساڳيو** --------------------- (1991) مقدمو: *لغات سنڌي مخففات*. مصنف: طالب المولىٰ، محمد زمان، مخدوم. صفحو: ٿ کان و. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ساڳيو** --------------------- [1964] 1993. سنڌي صورتخطي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳيو** --------------------- (1995) 'ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي': مقالي جو لسانياتي اڀياس. ايڊيٽر: شيخ نفيس احمد شيخ. *مهراڻ: ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز* 44 (1)، 41- 74. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ساڳيو** --------------------- [1974] 2004. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد- ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
- **ساڳيو** --------------------- [1987] 2005. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **ساڳيو** --------------------- (2006) سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳيو** --------------------- [1967] 2009. سنڌي صوتيات- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳيو** --------------------- (2010) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- بخاری سہیل ڈاکٹر (1988) اردو رسم الخط کے بنیادی مباحث. اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
- بخاری سہیل ڈاکٹر (1991) اردو زبان کا صوتی نظام اور تقابلی مطالعہ. اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.

- برٽن، رچرڊ [1971] 2010. سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون. مترجم: *محمد حنيف صديقي*. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **بروهي، داد محمد، ڊاڪٽر** (1991) لاڙي محاوري جو لساني جائزو. *مرتب: جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر.* لاڙ جو مطالعو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر** (1960، 1981، 1984 1985، 1988) جامع سنڌي لغات. جلد ترتيبوار 1 کان 5. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ساڳيو**---------------- (1992) سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳيو**---------------- [1962] 1999 سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ- ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر.
- **ساڳيو** ---------------- (2004، 2005، 2007) نئين جامع سنڌي لغات. جلد ترتيبوار 1 کان 3. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ٻيوس، ڪشنچند** (2007) ڪراچي ۾ ٿيل سنڌي ساهت سميلن ۾ ڪشنچند جي صدارتي تقرير. مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا*. جلد 1، 211- 234. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- *بھٹی، محمد امین، الحاج (؟) اظہر اللغات۔ لاہور: اردو بازار.*
- **ڀٽ، الهه رکيو، ڊاڪٽر** (2004) ٽرمپ- ايلس اختلاف راءِ ۽ 'سنڌي الف- ب' وارو مامرو. ايڊيٽر: شيخ نفيس احمد. *مهراڻ: ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو*. 54 (1)، 45- 61. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ٻرڙو، محبت** (2000) اچو تہ پنهنجي سنڌي سنواريون- ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
- **ٻگهيو، عزيز الرحمان، ڊاڪٽر** (1988) سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر** (1998) سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
- **ٻوهيو، الهه داد** (1972) ٻولي ۽ ٻار. ايڊيٽر: گرامي، غلام محمد. *مهراڻ: سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو*. 21 (2)، 172- 184. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **تعليم کاتو سنڌ سرڪار** (نومبر- 1956) سنڌي پهريون ڪتاب. ڪراچي- سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.
- **تعليم کاتو اولهه پاڪستان** (اپريل 1970) سنڌي پهريون ڪتاب. جوڙيندڙ: محمد ابراهيم جويو. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **تعليم کاتو حڪومت سنڌ** (2010) درسي پهريون ڪتاب. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ.
- **تعليم کاتو حڪومت سنڌ** (2010) سنڌي نصاب: ٻارهين ڪلاس لاءِ. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ.
- **ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر** [1866] 1985. شاهه جو رسالو- حيدرآباد: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي.

- ساڳيو---------------- (2008) شاهه جو رسالو. حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو.
- ساڳيو ---------------- [1872] 2011. سنڌي ٻوليءَ جو گرامر، مترجم: ميمڻ امجد سراج. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- پرويز، غلام احمد (1998) لغات القرآن۔لاہور: طلوع اسلام ٹرسٹ.
- پنهور، ايم. ايڇ (2008) آپ بيتي- جڳ بيتي (ايم. ايڇ پنهور جي آتم ڪهاڻي) مترجم: حاڪم علي شاهه بخاري. حيدرآباد: فينڪس بوڪس ۽ ايم. ايڇ پنهور ٽرسٽ.
- جتوئي، علي نواز، پروفيسر [1968] 1996. علم لسان ۽ سنڌي زبان. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- جڙياسنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر [2004] 2009. سائل ڪوش. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.
- جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر ۽ هدايت پريم (1994) ٿر جي ٻولي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو---------------- (2007) سنڌي زبان جي ماهيت- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جوکيو، الطاف حسين (2008) سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن جي حقيقت. ايڊيٽر تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 1 (1)، 72- 92. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (2009) سنڌي ٻوليءَ جي مصدرن ۽ سنڌن اسم مفعول جي صورتخطيءَ وارو معاملو. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 2 (4)، 35- 49. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (2010 الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح 'مخفف' جو تقابلي اڀياس. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 3 (1)، 76- 112. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (2010 ب) جزم جي درست استعمال جو مسئلو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 3 (4)، 68- 90. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (2011 الف) سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 4 (2)، 42- 95. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (2011 ب) ادغام/ سَنڌيءَ ۾ آوازن جي ضم ٿيڻ/ مَنجڻ جو اڀياس. ايڊيٽر: ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر. ڪلاچي: تحقيقي جرنل، 10 (2)، 49- 78. ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- جويو، تاج (1999 الف) ايڊيٽر. درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن پاران پيش ٿيل سفارشون. سنڌي ٻولي: ڇماهي تحقيقي جرنل، 1 (1)، 71- 73. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو-------- (1999- ب) ايڊيٽر، سنڌيءَ ۾ لفظن جي ڏار ڏار صورتن جو مسئلو. سنڌي ٻولي: ڇماهي تحقيقي جرنل، 1 (2)، 79- 81. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

- ساڳيو ------- (2008) وچولي جو معياري لهجو. ايڊيٽر: خود. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل،* 1 (1)، 44- 59، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ------- (2009) سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال. مرتب: خود. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ------- (2011) فوٽ نوٽ: ايڊيٽر راءِ. سنڌي لفظن جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُرَ ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور. ليکڪ: الطاف جوکيو. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل،* 4 (2)، ص: 42- 95، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ- دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه.
- ساڳيو ---------------- (2009) ڀارت ۾ ميڊيا جي سنڌي ٻولي. ايڊيٽر: جويو تاج. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل،* 2 (3)، 23- 32. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- ساڳيو ---------------- (1990) سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ. ايڊيٽر: شيخ نفيس احمد. *مهراڻ: ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالو،* 39 (4)، 25- 42. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- حسین آبادی *محمد یوسف* (2004) بلتی قاعدہ۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
- دائود پوٽو عمر بن محمد، ڊاڪٽر (1997) سون برابر سڱرا (علامه دائود پوٽي جا مضمون ۽ مقالا). مرتب: هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- سرهيو عبدالهادي (1976) علمي تحفو- لاڙڪاڻو: هادي پبليڪيشنس.
- سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر [1955] 1980. تحقيق لغات سنڌي- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- ساڳيو ---------------- (1986) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- سنڌي لئنگويج اٿارٽي (2008) *عالمن جون مقرره ترجيحي صورتون* (فائيل ڊاڪيومينٽ)- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- سنڌي، حيدر، ڊاڪٽر (1990) هندڪو، سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي. ايڊيٽر: شيخ نفيس احمد- *مهراڻ: ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالو،* 39 (4)، 101- 113، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- سومرو انيس فاطمه، ڊاڪٽر (2006) شاهه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ جون مذهبي ۽ علمي حالتون- ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر (1996) سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت- ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو.
- سیداحمد دہلوی [1918] 2002 فرہنگ آصفیہ۔ جلد: 1-4. لاہور: سنگ میل پبلی کیشنز.
- سید، تصدق حسین، مولوی (1986) لغات کشوری۔ لاہور: سنگ میل پبلی کیشنز.
- سید محمد سلیم پروفیسر (1981) اردو رسم الخط۔ کراچی: مقتدرہ قومی زبان.
- سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم [1956] 1983. آفتاب ادب- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

- شاہجہانپوری، ابو سلمان، ڈاکٹر (1986) کتابیات اردو املا اور دوسرے مسائل۔ اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان۔
- **شيخ، محمد فاضل، پروفيسر** (1992) ماٺيلي- اڀاوڙي جي ٻولي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **شيخ، نفيس احمد** (1999) ايڊيٽر: انگريزن جي دور ۾ عربي- سنڌي لکاوٽ- مصنف: جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر. *مهراڻ: ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو*، 49 (4)، 89- 127. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
- **شيخ، واحد بخش** (1986) سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو، پاڱو پهريون- ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **طاهر علي، واءِ، ايس، پروفيسر** (1965) سامي زبانون. ايڊيٽر: گرامي، غلام محمد. *مهراڻ: سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو*، 14 (1 ۽ 2)، 284- 296. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- **عباسي، تنوير** (1989) شاهه لطيف جي شاعري (ٽن جلدن ۾). حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
- **عبدالسلام، محمد هارون** (1986) قوائد الاملاء- دار فراس للنشر و التوزيع.
- **فهميده حسين، ڊاڪٽر** (2004) سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت- ڪراچي يونيورسٽي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- **ساڳي** ------------------ (2009) سنڌي ٻوليءَ جون فطري خوبيون ۽ سنڌي گرامر. ايڊيٽر: تاج جويو. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل*، 2 (1)، 19- 30. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ساڳي** ------------------ (2011) ٻوليءَ ۽ ادب جي موضوع تي ٿيسز ڪيئن لکجي. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل*، 4 (3 ۽ 4)، 30- 47. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- فہمیدہ حسین، ڈاکٹر (2011) آیئے سندھی سیکھیں۔ حیدرآباد: سندھی لنگویج اتھارٹی۔
- **ڪاشف، محمد حسين** (2009) اخباري ٻوليءَ جا مسئلا ۽ خاميون. مرتب: *جويو تاج*- سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال. حيدرآباد سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **گرامي، غلام محمد** (2009) *سنڌي ليٿوگراف، سنڌي رسم الخط ۽ اسلوب بيان. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون. مرتب جروار، خان محمد. جلد- 4، 22- 75*. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر** (1996) شاهه جو رسالو- ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- **گريئرسن، جي. اي** [ ؟ ] 2000. برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو، جلد اٺون، پاڱو پهريون. مترجم: *فهميده حسين ڊاڪٽر*. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **لغاري، عبدالڪريم، پروفيسر** (1976) سنڌي الف- بي جي ارتقا- ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- **مرزا، قليچ بيگ** [1961] 2006. سنڌي وياڪرڻ (گڏيل ڀاڱا)- ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

- **ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر** (2007) اعرابن بابت منهنجا ڪي ويچار. مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا* - جلد 1، 202- 207. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **مير چنداڻي، ڏيارام وسڻ مل** (2007) سنڌي ٻوليءَ جون خصوصيتون. *سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا* - مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. جلد 1، 152- 155. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ميمڻ، رحيم بخش** (1950) تعليم مادري زبان- حيدرآباد: مدينه پرنٽنگ پريس.
- **ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر** (1993) شڪارپور جي ٻولي. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر** (2011) سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي ۽ اترادي لهجن جو تقابلي جائزو. ايڊيٽر: ابڙو، طارق عالم. *مهراڻ: ٽماهي علمي ادبي ۽ ثقافتي دستاويز.* 61 (1 ۽ 2)، 174- 179. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- **ميمڻ، محمد صديق** (2007) عربي سنڌي صورتخطي. *سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا* - مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. جلد 1، 102- 111. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **ناگراڻي، ٻوڄراج هوتچند، پروفيسر** (2007) پروفيسر پيرومل مهرچند جي سنڌي ڊڪشنري ۽ اعرابون. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا* - مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. جلد 1، 184-186. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- نيّر، نورالحسن، مولوی [1976] 2006. نوراللغات۔ جلد 1-2۔ اسلام آباد: نیشنل بک فاؤنڈیشن۔
- **هدايت پريم، ڊاڪٽر** (1995) اترادي ٻولي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر** (2007) مهاڳ. *سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا* - مرتب: خود. جلد 1، 10- 31. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **هيراڻي، کيمچند** (2007) سنڌي ٻولي. *سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون ۽ مقالا* - مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. جلد 1، 146- 151. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **واسواڻي، ڀلاجراءِ ليلارام** (2007) سنڌي ٻوليءَ جو ابتدائي احوال. *سنڌي ٻوليءَ جا مضمون ۽ مقالا* - مرتب: هڪڙو، انور فگار، ڊاڪٽر. جلد 1، 156- 173. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- **وسطاڻي، ڄهٽمل نارومل** [1886] 1978. وئتپتي ڪوش- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

## عربي صرف لاءِ مددي ڪتاب


- ملک قیوم (۱۹۷۹)اردو میں عربی الفاظ کا تلفظ۔ کراچی: نیشنل بک فاؤنڈیشن۔
- پنّو شبير احمد (1407 ھ) اڪمال صرف، شرح سنڌي ارشاد صرف. ڳوٺ الراُ پريالوءِ: مڪتبہ سعيديہ مدرسہ تعليم الهدىٰ.
- فیروزالدین (1979)فیروزاللغات، عربی اردو، تیسری ایڈیشن۔لاہور: فیروز سنز لمیٹڈ۔


## انگريزي مآخذ


- **Anandram, Munshi** [1905] 2007. The Sindhi Instructor. Jamshoro: Sindhi Adabi Board.
- **Bulchand, Dulamal** [1901] 2003. A manual of Sindhi. Hyderabad: Sindhi Language Authority.
- **David crystal** [1987] 1996. The Encyclopedia of language. Cambridge University. Islamabad: National book foundation.
- **Platts, John T.** [1911] 2003. A Dictionary of Urdu, Classical Hindi and English. Lahore: Sang e meel Publications.
- **Crowther, Jonathan** [1948] 1998. Oxford advanced learners Dictionary. Oxford University press.
- **Freeman, D. E and Freeman, Y. S** (2004) Essential Linguistics, Portsmouth, Heinemann, A division of reed Elsevier, Inc, 361 Hanover street, NH03801_3912
- **Frost R and Katz L** (1992) Orthography, Phonology, Morphology and Meaning. Amsterdam, North_Holland. Elsevier Science Publishers BV, Sara burgerhertstraat, 25, Netherlands.
- **Sebba, M** (1998) Phonology meets Ideology: the meaning of orthographic practices in British Creole. Language Problems and Language Planning, 22:1, 19_47, department of linguistics and modern English language, University of Lancaster, United Kingdom.
- **Sebba, M** (2007) Spelling and Society, Lancaster University, United Kingdom
- **Sebba, M** (2009) Writing Systems Research, Vol. 1, No. 1, Lancaster University, United Kingdom.

ISBN 978-9-6962514-8-4
9 789696 251484